


جيوَ هماري جاتي هي مانوَ (انسانيت) ڌرم همارا،
هندو، مسلم، سِک، عيسائي، ڌرم نهين ڪوئي نيارا.


پورڑ برھم کبیر (کویر دیو) صاحب
سنت رامپال جي مهاراج

!!پورڑ پرماتما ني نمه!!



# گیان گنگا



## جگت گروتتو درشي سنت رام پال داس جي مهاراج
## جي ست سنگن جو سنگره (مجموعو) انمول پستک

# “گيان گنگا”

### ڏرمارت موليہ 30 روپيا صرف

## “يگتي سوداگر کي سنديش” پستک جو ويکلپ
## (نعم البدل) “گيان گنگا”

**Mobile:**

**0344-3658877 0348-3592845 0303-7673967 0346-1264461**
**0304-4533290 0344-3519854 0343-7020214 0304-5467262**

**Website**
www.jagatgururampalji.org.
e-mail: jagatgururampalji@yahoo.com

# فهرست


| | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| * | خلاصو | 11 |
| * | ڪليگ ۾ ستيگ | 16 |
| * | ماس کائڻ پاپ آهي | 17 |
| * | شراب پيئڻ ڪيڏو پاپ آهي | 17 |
| * | دراچاري (بدڪاري) ڪرڻ ڪيترو پاپ آهي؟ | 18 |
| * | تماڪ نوشي ڪرڻ ڪيترو مها پاپ آهي؟ | 18 |
| * | اوَتار جي لغوي معنيٰ | 19 |
| * | برهم (ڪال) جي اوتارن جي معلومات | 20 |
| * | پرم اڪشر برهم (ست پرش) جي اوتارن جي معلومات | 21 |
| * | ست پُرش جو موجوده اوتار | 23 |
| 1. | **ڀگتي مريادا** | 24 |
| * | گروءَ نام (منتر) جي مهما جي واٽي | 30 |
| * | نام (منتر) ڪهڙي رام جو جپڻ گهرجي؟ | 31 |
| * | نام( دڪشا)وٺڻ وارن حضرات جي لاءِ ضروري هدايتون | 34 |
| 1 | پورڻ گرو جي سڃاڻپ | 34 |
| 2 | نشہ آور شين جو استعمال جي منع آهي | 35 |
| 3 | تيرٿن تي وڃڻ جي منع آهي | 36 |
| 4 | پتر پوڄا منع آهي | 39 |
| 5 | گرو آگيا جو پالڻ( گرو حڪم جي تعميل) | 41 |
| 6 | ماتامساڻي(ديوين جي پوڄا )منع آهي | 42 |
| 7 | سنڪٽ موچن ڪبير صاحب آهن | 42 |
| 8 | غيرضروري دان منع آهي | 43 |

| | | |
|---|---|---|
| 9 | اوبر کائڻ منع آهي | 43 |
| 10 | ست لوڪگمن( ديهانت) کانپوءِ ڪريا ڪرم ڪرڻ منع آهي | 43 |
| * | ڪرم ڪانڊ جي باري ۾ سچي ڪٿا. | 44 |
| 11 | ٻار جي جنم تي شاستر خلاف پوجا منع آهي | 46 |
| 12 | ديوي ڏام تي وار( جهنڊ ) لهرائڻ وڃڻ منع آهي | 46 |
| 13 | نام جاپ کان سُک | 46 |
| 14 | زناخوري منع آهي | 47 |
| 15 | گلا ٻڌڻ ۽ ڪرڻ منع آهي | 47 |
| 16 | گرو درشن جي مهما | 47 |
| 17 | گرو مهما(گرو جي عظمت) | 48 |
| 18 | گوشت کائڻ منع آهي | 49 |
| 19 | گرو دروهي سان رابطو نہ رکڻو آهي | 50 |
| 20 | جُوا وغيره کيڏڻ منع آهي | 50 |
| 21 | نچڻ ۽ ڳائڻ منع آهي | 50 |
| 2. | **سرشٽي رچنا (تخليق ڪائنات)** | 53 |
| * | آتمائون ڪال جي ڄار ۾ ڪيئن قيد ٿيون؟ | 56 |
| * | شري برهماجي، شري وشنو جي ۽ شري شوَجي جي پيدائش | 63 |
| * | ٽي گُڻ ڇا آهن؟ تصديق ساڻ | 64 |
| * | برهم( ڪال) جي اوئڪت( لڪي) رهڻ جي پرتگيا (عهد) | 66 |
| * | برهما جو پنهنجي پتا ( ڪال برهم )جي حاصلات لاءِ ڪوشش | 69 |
| * | ماتا درگا جو برهما کي شراپ (بدعا) ڏيڻ | 70 |
| * | برهما کي شراپ (بد دعا) | 71 |
| * | گائيتري کي شراپ (بد دعا) | 71 |
| * | وشنو جو پنهنجي پتا( ڪال برهم )جي حاصلات لاءِ وڃڻ ۽ ماتاکان آشيرواد پائڻ | 72 |
| * | پربرهم جي ست سنک برهماندن جو قيام | 80 |

| | | |
|---|---|---|
| * | پويتر اٿرويد ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت | 82 |
| * | پويتر رگ ويد ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت | 89 |
| * | پويتر شريمد ديوي مهاپراڻ ۾ڪائنات جي نهڻجو ثبوت | 96 |
| * | پويتر شو مهاپراڻ ۾ ڪائنات جي تخليق جو ثبوت | 98 |
| * | پويتر شريمد ڀگوت گيتا ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت | 99 |
| * | پوجئہ ڪبير پرميشور (ڪبير ديوَ) جي امرت واڻي ۾ سرشٽي رچنا | 102 |
| * | سنت غريب داس صاحب جي امرت واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت | 106 |
| * | سنت نانڪ صاحب جي واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو اشارو | 114 |
| * | ٻين سنتن جي پاران سرشٽي رچنا جي ڏند ڪٿا | 118 |
| 3. | **ڪير ۽ ڪهڙو آهي سڀني جو مالڪ؟** | 120 |
| * | آدرڻيہ ڌرم داس صاحب جي ڪبير پرميشور جا گواھ | 122 |
| * | آدرڻيہ دادو صاحب جي ڪبير پرميشور جا گواھ | 123 |
| * | آدرڻيہ ملوڪ داس صاحب جي ڪبير پرميشور جا گواھ | 125 |
| * | آدرڻيہ غريب داس صاحب جي ڪبير پرميشور جا گواھ | 125 |
| | پرميشور ڪبير جي سوامي رامانند جي کي تتو گيان سمجهايو | 130 |
| * | ڪبير پرميشور جو سوامي رامانند جِي جي آشرم ۾ ٻہ روپ ڌارڻ ڪرڻ | 131 |
| * | سوامي رامانند جِي جي من جي ڳالھ ٻُڌائڻ | 132 |
| 4 | **پويتر شاستر ٻہ ڪبير پرميشور" ڪوير ديو "جا گواھ** | 147 |
| 5 | **ڪبير صاحب چئني يُگن ۾ اچن ٿا** | 156 |
| * | ست يُگ ۾ ڪوير ديو (ڪبير صاحب)جو ست سُڪرت نالي سان اچڻ | 156 |
| * | تريتا يُگ ۾ ڪوير ديو (ڪبير صاحب)جو منيندر نالي سان اچڻ | 162 |
| * | دئاپُر يُگ ۾ ڪوير ديو (ڪبير پرميشور )جو ڪروڻاميہ نالي سان اچڻ | 166 |

| | | |
|---|---|---|
| * | دئاپُر يُگ ۾ اندر متي کي شرڻ ۾ وٺڻ | 166 |
| * | ڪبير صاحب جو ڪليُگ ۾ اچڻ | 173 |
| * | نيرو ۽ نيما کي جُلاهي جو درجو ۽ پرميشور جو ملڻ | 174 |
| 6. | **پورڻ سنت جي سڃاڻپ** | 179 |
| * | ٽي ڀيرا نام جاپ ڏيڻ جو ثبوت | 183 |
| 7. | **سنت کي ستائڻ جي سزا** | 191 |
| 8. | **ڀٽڪيل کي راھ لڳائڻ** | 196 |
| * | پريو پياسي ڀڳت بسنت سنگھ سَيني کي رستو ملڻ | 196 |
| * | حيرت انگيز ڪرشمو | 202 |
| * | اڻ ٽيٽي ڪئي پرميشور | 203 |
| * | پريو ٻُڌي غريبن جي | 206 |
| * | ڀگوان هجي تہ اهڙو | 207 |
| * | لُٽيل پٽيلن جو سهارو | 209 |
| * | سنت هجي تہ اهڙو | 210 |
| * | پنهنجي ڀڳت کي ڌرم راج جي درٻار مان ڇڏائڻ | 213 |
| * | پورڻ پرماتما ڀڳت کي خطرناڪ بيماري کان آزاد ڪرائي عمر وڌائي ڇڏيندا آهن | 215 |
| * | ڀڳت متي سُشيلا جي اڪ نيڪ ڪرڻ | 218 |
| * | تين تاپ کي فقط پورڻ پرماتما ئي ختم ڪري سگهن ٿا | 219 |
| 9. | **ڪبير صاحب جي ڪال سان گفتگو** | 224 |
| 10. | **آمريڪا جي عورت اڳڪٿيڪار فلورنس جي اهميت ڀري پيشگوئي** | 228 |
| * | ڀائي بالي واري جنم ساکي ۾ پرماڻ | 231 |
| * | وشو وجيتا سنت( پوري دنيا تي فتح ماٽيندڙ سنت) | 236 |
| * | سنت رامپال جي مهاراج جي حق ۾ ٻين اڳڪٿي ڪارن جون اڳڪٿيون | 243 |
| * | سنت رامپال جي مهاراج جو مختصر تعارف | 247 |

| | | |
|---|---|---|
| 11 | **يٿارٿ گيان پرڪاش وشيہ(اصل علم تحقيق جو موضوع)** | 253 |
| * | پويتر گيتاجِي جو گيان ڪنهن چيو؟ | 255 |
| * | شريمد ڀڳوت گيتا سار | 266 |
| * | ٽيئي گڻ ڇا آهن؟ ثبوتن سان | 275 |
| * | پُراڻن جي واقعات جو سار | 278 |
| * | ترِگڻ مايا ( رجوگُڻ برهماجي، ستوگُڻ وشنوجي ۽ تموگُڻ شوجي) جيو کي مڪت ٿيڻ نٿا ڏين | 278 |
| * | ٽِين ديوتائن( رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تمو گُڻ شو )جي پوجا اڻ ڄاڻ ئي ڪندا آهن | 283 |
| * | ٻيا ثبوت | 287 |
| * | شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا جي نقصان جو ڪار | 287 |
| * | شراڌ ڪيڻ( پتر پوجڻ ) وارا پتر ٿيندا، مڪتي نہ | 288 |
| * | سچي ڪهاڻي | 290 |
| * | تتو گيان ملڻ ڪانپوءِ ڀڳتي شروع ٿيندي آهي | 294 |
| * | گيتا گيان ڏيڻ واري برهم جو اِشٽ ديو ( پوڄڻ ديو )پورڻ برهم آهي | 296 |
| * | برهم جو ڀڳت برهم کي ۽ پورڻ برهم جو ڀڳت پورڻ برهم کي ئي پراپت ٿئي ٿو | 298 |
| * | برهم( شرپُرش)جي ساڌنا انوتم (نيچ) آهي | 299 |
| * | شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا | 300 |
| * | شنڪا سماڌان( شڪ دور ڪرڻ) | 303 |
| * | گدي ۽ مهنت پرمپرا جي معلومات | 305 |
| * | پاڪ تيرٿ ۽ ڌام جي معلومات | 308 |
| * | شري امرناٿ جي تعمير ڪيئن ٿي؟ | 309 |
| * | وشنو ديوي جي مندر جي تعمير ڪيئن ٿي؟ | 310 |
| * | پُوري ۾ شري جگن ناٿ جي جو مندر مطلب ڌام ڪيئن ٺهيو؟ | 311 |
| * | شري جگن ناٿ مندر ۾ اونچ نيچ جو فرق شروع ڪان ئي نہ آهي | 318 |
| * | سرڳ جو مفهوم | 320 |

| | | |
|---|---|---|
| * | گيتا گيان ڏيندڙ برهم( ڪال )جي پيدائش جو اشارو | 329 |
| * | ڪبير صاحب طرفان وپيشڻ ۽ مندودري کي شرڻ ۾ وٺڻ | 333 |
| 12 | **پاڪ پُراڻن جو ڳجهو گيان** | 337 |
| * | شري برهما جي ۽ شري وشنوجِي جي جنگ | 341 |
| * | شري وشنو پُراڻ | 342 |
| * | شري برهما پُراڻ | 346 |
| * | شري ديوي مهاپُراڻ مان گيان حاصل ڪريو | 349 |
| * | شري شو مهاپُراڻ مان سار ويچار | 356 |
| * | شري وشنو جي پيدائش | 356 |
| * | شري برهما ۽ شري شو جي پيدائش | 357 |
| * | ٽيئي گڻ ڇا آهن؟ | 358 |
| * | رجو گڻ شري برهما، ستو گڻ شري وشنو ۽ تموگڻ شري شو جي اُنهن ٽنهي ديوتائن جي پوڄا فضول ڇئي ويئي آهي | 360 |
| .13 | **شاستر ارٿ وشي( شاسترن تي بحث مباحثي جو موضوع)** | 361 |
| .14 | **پٽڪيل کي ست مارگ** | 371 |
| * | اَجڙيل ڪُٽنب آباد ٿيو | 376 |
| * | گڙدا ٺيڪ ڪرڻ ۽ شيطان کي انسان بنائڻ | 378 |
| * | پوٽن ۽ بيمارين جي پيڙهيل خاندان کي آباد ڪرڻ | 382 |
| * | ڀڳت ستيش جي آتم ڪٿا | 384 |
| * | ڀڳت رام سوَروپ داس جي آتم ڪٿا | 386 |
| * | ڀڳت وحيد خان جي آتم ڪٿا | 387 |
| * | ڀڳت متي تارا ڪٿا تي بيحد ڪرپا ٿي | 388 |
| * | گرو ڪرپا جي مهما | 389 |
| * | يارهن هزار (11000) وولٽيج جي تار کان ڇڏائڻ | 392 |
| * | ڀڳت ديپڪ داس جي ڪُٽنب جي آتم ڪٿا | 394 |
| * | ست ڪبير صاحب جي ديا | 398 |
| * | ستگرو ديو جي امرت پريل ديا جي برسات | 401 |

# گيان گنگا

## خلاصو

قديم زماني کان هرهڪ انسان سچي خوشي، راحت، سُک ۽ هميشہ رهڻ وارِي زندگي جِي تلاش ۾ لڳل آهي. هُو پنهنجِي طاقت مطابق ڪوشش ڪندو رهيو آهي پر هِن انسان جي اِها چاهت ڪڏهن ئي پُورِي نہ پئِي ٿئي. اِهو اِنهي ڪري تہ هِن انسان کي اِنهي چاهت کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل رستي جِي مُڪمل ڄاڻ نہ آهي. سيئي انسان چاهين ٿا تہ ڪو بہ ڪم نہ ڪرڻو پوي. کائڻ لاءِ لذيذ ۽ سُنو کاڌو ملي، پائڻ لاءِ سُٺا ڪپڙا مِلن، رهڻ لاءِ عاليشان گهر هُجي، گهمڻ لاءِ خوبصورت پارڪ ۽ تفريح لاءِ سُريلا گيت هُجن، نچُون ڳائُون، راند ڪريُون، موج مستِي سان رهون، ڪڏهن بہ بيمارِي ۾ مُبتلا نہ ٿيون، ڪڏهن بہ پوڙها نہ ٿيون ۽ ڪڏهن بہ موت نہ اچي وغيره وغيره. پر جنهن سنسار ۾ پاڻ رهون پيا هتي نہ تہ ڪا اهڙِي شيءِ نظر اچي ٿي ۽ نہ ئي ائين مُمڪن آهي. ڇاڪاڻ تہ هِي دُنيا فانِي آهي. هِن دُنيا جِي هر هڪ شيءِ فانِي آهي. هِن دُنيا جو بادشاهہ بِرهم ڪال (جوتِي نِرنجن) آهي جيڪو روزانو هڪ لک انسانِي سُوڪشم شرير کائيندو آهي. هِن بِرهم ڪال سيني اِنسانن کي ڪرم و ڀرم، گُناهہ ۽ ثواب نُما ڄار ۾ ڦاسائي، ٽِن لوڪن (ٽِن جهانن) جي پِڃري ۾ قيد ڪيو آهي.

**ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ**

**تين لوڪ پنجرا ڀيا، پاپ پُن دو جال،**
**سبهي جِيوَ ڀوجن پئہ، ايڪ کاني والا ڪال.**
**غريب، ايڪ پاپِي ايڪ پُنِي آيا، ايڪ هي سوُم دليل ري،**
**بِنا ڀجن ڪوئِي ڪام نہ آوي، سب هين جم ڪِي جيل ري.**

هُو نٿو چاهي تہ ڪو بہ انسان هِن پِڃري نُما قيد کان ٻاهر نڪرِي وڃي ۽ هُو اِهو بہ نٿو چاهي تہ ڪنهن جِيوَ آتما کي پنهنجي اصلِي گهر يعني ست لوڪ جِي خبر پوي. اِنهي ڪري هُو پنهنجن ٽِن گُڻن (بِرهما، وِشنوُ ۽ مهيش) جِي مايا سان هر هڪ اِنسان کي گُمراه ڪري رهيو آهي، پوءِ انسان جي من ۾ اِها مٿئين چاهت ڪٿان پيدا ٿي؟ هِتي اهڙِي ڪا بہ شيءِ ڪونهي. هِتي اسان سيني کي مرڻو آهي. هِتي سيئي جيوَ دُکي ۽ پريشان آهن ۽ جنهن منزل کي اسان هِتي ڳولي رهيا آهيون، جهڙِي حالت ۾ پاڻ پنهنجي اصلِي گهر (ست لوڪ) ۾ رهندا هئاسين. ڪال بِرهم جي لوڪ ۾ اسان پنهنجِي مرضِي سان اچِي ڦاسِي وياسين ۽ پنهنجي اصلِي گهر جو رستو ڀُلجِي وياسين.

ڪبير صاحِب فرمائين ٿا **اچا رُوپِي ڪيلن آيا، تاتي سُک ساگر نهين پايا.**

هن ڪال برهم جي دُنيا ۾ سُک ۽ شانتي جو ڪو بہ نالو ۽ نشان ڪونهي. ٽن گُڻن (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شنڪر) جي وجود ۾ آيل ڪام (شهوت)، ڪِروڌ (ڪاوڙ)، لوڀ (لالچ)، موه (لڳاءُ)، اهنڪار (تڪبر)، محبت، نفرت، خوشيءَ ۽ غم، فائدو ۽ نقصان، مان (احترام) ۽ اپمان (بي عزتي) نُما سٺن ۽ بُري اعمالن هر اِنسان کي پريشان ڪري رکيو آهي. هتي هڪ جاندار ٻئي جاندار کي ماري کائي وڃي ٿو ،بُرو حال ڪري ڇڏي ٿو، عزت لُٽي ڇڏي ٿو، دولت ڦُري وڃي ٿو، سُکون ڦٽائي ڇڏي ٿومطلب تہ هتي چئو طرف باهہ لڳل آهي. جيڪڏهن توهان سُکون سان رهڻ چاهيندا تہ ٻيا توهان کي سکُون سان رهڻ نہ ڏيندا.توهان جي نہ چاهيندي بہ چور چوري ڪري ويندا آهن ۽ اهڙيون آفتون ۽ حادثا رُونما ٿي ويندا آهن. هاري جي فصل تباهہ ٿي ويندي آهي، واپارين جو ڪاروبار بند ٿي ويندو آهي، بادشاهن جي بادشاهي کسِي ويندي آهي، صحت مند جِسمن کي بيماري لڳي ويندي آهي. مطلب تہ هتي اِهڙي ڪابہ شيءِ محفوظ نہ آهي. بادشاهن جي بادشاهت،عزت دارن جي عزت وَ آبرُو، دولت مندن جي دولت، طاقت وارن جي طاقت ۽ ايتري قدر جو اسان سڀني جا جِسم بہ اوچتو کسجي ويندا آهن. ماءُ پيءُ جي سامهون نوجوان اولاد جي موت ٿي ويندي آهي، کير پيئندڙ معصوم ٻارڙن کي روئندا تڙپندا ڇڏي ماءُ پيءُ مري ويندا آهن. نوجوان ڀيڻون بيواه ٿي وينديون آهن ۽ پهاڙ جهڙن ڏُکن کي سهڻ لاءِ مجبور ٿي ويندا آهيون .

**ٿورو غور ڪريو!** تہ ڇا هي دُنيا رهڻ جي لائق آهي؟ پر اسان مجبور ٿي هتي جيئي رهيا آهيون ڇاڪاڻ تہ هن ڪال جي ڄِري کان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو نظر ئي نٿو اچي.اِنهي ڪري اسان ٻين کي پريشان ڪرڻ ۽ پاڻ ڏُک سهڻ جا عادتي ٿي ويا آهيون. جيڪڏهن توهان کي هن دُنيا ۾ مِلڻ وارن ڏُکن ۽تڪليفن کان بچڻو آهي تہ هتي جي مالِڪ برهم ڪال کان انتهائي قدرت جي حامل پرميشور پرم اڪشر برهم جي پناه وٺڻي پوندي. تنهن ڀڳوان جو خوف ڪال برهم کي بہ آهي. جنهن جي خوف سان هي مٿي ذِڪر ڪيل تڪليفون اِنسان کي نہ ڏيئي سگهندو. جيڪو پُورڻ پرماتما يعني پرم اڪشر برهم، ست پُرش جي پناه پُورڻ سنت جي ٻُڌايل رستي مطابق حاصل ڪري ٿو،اُهو جيستائين هن دُنيا ۾ ڀڳتي ڪندو رهندو هُن کي وڏيون تڪليفون نہ ملنديون. جيڪو انسان هن ڪتاب **”گيان گنگا“** کي پڙهندو تہ اُنهي کي معلوم ٿي ويندو تہ اسان پنهنجي اصلي گهر (نج ڌام/ست لوڪ) کي وساري ڇڏيو آهي. اُهو

عظيم سُڪون ۽ آرام هتي نہ پر اصلي گهر ست لوڪ ۾ ئي آهي. جتي نہ جنم آهي، نہ موت آهي، نہ ٻُڍاپو، نہ ڏُک، نہ ڪا لڙائي جهڳڙو ۽ نہ ئي بيماري آهي. نہ دولت جي ڪا ڏيتي ليتي آهي، نہ ڪا لُطف انگيز شين جي خريد وَ فروخت آهي. ست لوڪ ۾ پرماتما جي ڪِرپا سان هر شيءَ مُفت ۽ مڪمل آهي. جنهن جو ثبوت بندي ڇوڙ غريب داس جي مهاراج جي واڻي ۾ آهي.

## امرت واڻي

**بن هي سارنگ راگ سُن، بن هي تنتي تار ٻِنا سُر الغوزي بجين، نگر ناچ گـهمار.**
**گهنٽا، باجي،تال،نگ،منجيري، دف،جهانجهہ، مُرلي مڌُر سُها ونـِي ،نِس باسر اور سانجهہ**
**بن بيهنگم باجي طرق تمبوري تِير، راگ ڪنٽ نهين هوت هي، بنديا رهِت سُمير.**
**طرق نهين تورا نهين، نهين ڪشيش ڪباب، امرت پيالي مڌ پيوين، جِيون پاڻي چووين شراب.**
**متوالي مستان پُر، گلي گلي گُلزار، سنک شرابي ڦرت هين، چلو تاس بجار.**
**سنک سنک پتنِي ناچي، گاوين شبد سُبحان چندر بدن سُورج مُکي، ناهِين مان گُمان.**
**سنک هِنبولي نورنگ، جهُولي سنت هجُور، تخت ڌڻـي ڪي پاس ڪر، ايسا مُلک جهُور.**
**ندي ناو نالي بگين، ڇُوٽي ڦوهاري سُن،پري حود سروَر سدا، نهين پاپ نهين پُن.**
**نہ ڪوئي ڀِکشُک دان دي، نہ ڪوئي هار وهنوار، نہ ڪوئي جنمي مري، ايسا ديش همار**

**جهان سنکون لهر مهر ڪِي اُپجين، ڦهر جهان نهين ڪوئي**
**داس غريب اچل اويناشي، سُک ڪا سَاگر سوئي.**

ست لوڪ ۾ صرف هڪ رس پرم شانتي ۽ سُک آهي، جيستائين اسان ست لوڪ ۾ نہ ويندا سين، تيستائين اسان پرم شانتي، سُک ۽ امرت کي حاصل ڪري نہ سگهنداسين. ست لوڪ ۾ پهچڻ تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن اسان پورڻ سنت کان اُپديش وٺي پورڻ پرماتما جي تا حيات ڀڳتي ڪنداسين. هِن ڪتاب **"گيان گنگا"** جي ذريعي اسان جيڪو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا اُن ۾ ڪنهن بہ ديوي، ديوتا ۽ ڌرم جِي بُرائي نہ ڪندي تمام پويتر ڌرمِي گرنٿن (مُقدس ڪتابن) ۾ ڳجهي راز (تتوگيان)کي اُجاگر ڪري صحيح ڀڳتي جو رستو ڏيکارڻ چاهيو آهي. جنهن کي اڄڪلهہ جا سيئي

سنت، مهنت ،گرو ۽ آچاريہ صاحبان وغيره اُنهن شاسترن ۾ لکيل ڳجهي راز کي سمجهي نہ سگهيا آهن. پرم پُوجئہ ڪبير صاحب پنهنجي واڻي ۾ فرمائين ٿا تہ :

**ويد ڪتيب جُهوٽي نهين ڀائي ، جُهوٽي وه هين جو سمجهي ناهين**

جنهن ڪارڻ ڀڳت سماج کي تمام گهڻو گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي. سيئي انسان پنهنجي سوچ ۽ نقلي ڪُوڙن گُروئن جي ٻُڌايل شاسترن جي خلاف سادنا (ڀڳتي) ڪندا آهن جنهن ڪري نہ مانسڪ شانتي (ذهني سڪُون ) ملندي آهي ۽ نہ ئي جسماني شانتي ۽ سُک ملندو آهي، نہ ئي گهر ۽ ڪاروبار ۾ ترقي ٿيندي آهي ۽ نہ وري پرميشور جو ڪو چمتڪار ۽ مُڪتي(نجات) حاصل ٿئي ٿي. اِهي سيئي سُک ڪيئن ملن؟ اِهو ڄاڻڻ لاءِ تہ مان ڪير آهيان؟ ڪِٿان ڪان آيو آهيان؟ ڇو جنم وٺان ٿو ۽ ڇو مران ٿو ؟ ڇو ڏُک ڀوڳان ٿو؟ آخرڪار هي سڀ ڪير ڪرائي رهيو آهي؟ پرميشور ڪير آهي؟ ڪهڙو آهي؟ ڪٿي آهي؟ ڪيئن ملندو؟ برهما، وشنو ۽ شِـو جا ماتا پِتا ڪير آهن؟ ڪهڙي طرح سان هِن ڪال برهم جي قيد مان آزاد ٿِي پنهنجي اصلي گهر(نِج ڌام) ست لوڪ واپس وڃي سگهجي ٿو؟ هِن ڪتاب جي ذريعي توهان کي سمجهايو ويو آهي تہ جئين هِن ڪتاب کي پڙهي عام ڀڳت سماج جو ڪلياڻ ممڪن ۽ آسان ٿي سگهي. ڪتاب **"گيان گنگا"** ست گُرو رام پال جِي مهاراج جي بيانن جو مجمُوعو آهي. جيڪو سيني سد گرنتن (مُقدس ڪتابن) ۾ لکيل سچائِي جي آڌار تي آهي . اسان کي پُورو ڀروسو آهي تہ جيڪو هِن ڪتاب" **گيان گنگا**" کي پڙهي عمل ڪندو اُن جو ڪلياڻ (موڪش) ممڪن آهي.

**ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ :-**

**آتم پِراڻ اُڌار هِي ، ايسا ڌرم نهين اور، ڪوٽِي اشوَميگهہ يگيہ سڪل سمانا پور .**

**جِيوَ اُڌار پَرم پُن ،ايسا ڪرم نهين اور، مرُو سٿل ڪي مِرگهہ جيوُن مر گئي سب دوڙ دوڙ.**

**سمجهاڻِي**-: جيڪڏهن هڪ جِيوَ آتما (روح) کي سچي ڀڳتِي مارگ (حقيقي رستي) تي وٺي اچي، هُن جو آتم ڪلياڻ ڪرايو وڃي تہ ڪروڙين اشوميگهہ يگين جو ڦل ملندو آهي ۽ هِن جي برابر ٻيو ڪو بہ وڏو ڌرم ناهي. جِيوَ آتما جي اُڌار (نِـجات، مُڪتِي) لاءِ ڪيل ڪم يعني خدمت ڪان بهتر ٻيو ڪوبہ ڪم ناهي. پنهنجو پيٽ ڀـرڻ لاءِ تہ پکِي ۽ جانور سڄو ڏينهن ڪوشش ڪن ٿا. اِنهي وانگر اُهي اِنسان آهن جيڪي پرمارٿ (ٻين سان ڀلائِي) نٿا ڪن. پرمارٿي ڪم اُها عظيم ترين خدمت آهي

جيڪا آتما (روح)جي پلي لاءِ ڪئي ويندي آهي.انسان جي پلائي جو ڪم نہ ڪرڻ ڪري سڀ انسان ريگستان جي هُن هرڻ وانگر آهن جيڪو ڊوڙي ڊوڙي مري ويندو آهي. **مثال طور**.. جئين ريگستان ۾ هرڻ کي ٿوري فاصلي تي پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو آهي ۽ ڊوڙي اُتي وڃڻ سان سُڪل ٿل ئي ملندو آهي، ائين ئي سڄو ڏينهن ڊوڙي ڊوڙي پاڻي جي اُڃ سبب هُن هرڻ جي موت ٿي ويندي آهي. بلڪل انهيءَ وانگر اُهي انسان آهن جيڪي ڪال جي هن لوڪن ۾ رهي رهيا آهن.اُهي هُن هرڻ وانگر سُک جي تمنا ڪندا آهن. جئين بي اولادي ماڻهو سمجهي ٿو تہ اولاد ٿيڻ سان سُکي ٿي ويندس، ٻي طرف اولاد وارن کان پُڇيو وڃي تہ بي شُمار مسئلا ۽ پريشانيون ٻُڌڻ ۾ ايندءون.
غريب اِنسان سوچيندو آهي تہ دولت ملي وڃي تہ سُک ٿي ويندو، جڏهن تہ دولت وارن سان حال احوال پُڇڻ لاءِ سوال ڪيو وڃي تہ ڪوڙ ساريون پريشانيون ٻُڌڻ لاءِ ملنديون .
ڪو ماڻهو حڪمراني (پد/درجو) ملڻ سان سُک سمجهيو ويٺو آهي، اِها هُن جي سڀ ڪان وڏي ڀُل آهي. بادشاهہ، وزير، وزيرِاعليٰ، وزيراعظم کي سُک سپني ۾ بہ نٿو ملي.
جهڙي طرح چار پنج پاتين جو سربراه پنهنجي ڪُٽنب جي سهوليتن جي انتظام ۾ ڪيترو پريشان رهندو آهي، پر راجا يا حُڪمران تہ هڪ علائقي جو سربراهہ هوندو آهي ، هُن جي زندگي ۾ سُک سپني ۾ بہ نہ هوندو. راجا ماڻهو شراب پي ڪري ڪجهہ غم وِسارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. دولت گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام کان ٽيڪس وصول ڪندا آهن ۽ ست ڀڳتي نہ ڪرڻ ڪري اُهو راجا ٻئي جنم ۾ چوراسي لک قسمن جي جوڻين ۾ ويندو آهي ۽ جن جن ماڻهن کان ٽيڪس ورتائين اُنهن جي گهر جو جانور ٿي موٽائيندو آهي. جيڪي اِنسان پنهنجي من مرضي موجب اَن اڌيڪاري گُروئن کان اُپديش پراپت ڪري ڀڳتي ۽ ڌرم ڪندا آهن، اُهي سوچين ٿا تہ مستقبل ۾ سُک ٿي ويندو، پر اُن جي اُبتڙ ڏُک ئي ملندو آهي. ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ منهنجو هي گيان اِهڙو آهي جيڪڏهن گياني انسان ٻڌندو تہ هُن کي دل سان لڳندو، پر جيڪڏهن اگياني (جاهِل) ٻُڌندو تہ هُن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

**ڪبير، گياني هو تو هردي لگائي ،مُورک هو تو غم نہ پائي.”**

وڌيڪ معلومات لاءِ براءِ مهرباني هِن ڪتاب **گيان گنگا** جو مطالعو ڪريو. هِن ڪتاب کي پڙهي سُپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جناب سُريش چندر چيو تہ هِن ڪتاب جو نالو **گيان ساگر** هئڻ گهرجي.

# “ڪليُگ ۾ ستيُگ ”

**(پرم سنت رام پال جِي مهاراج جي وچنن مطابق )**

ســت يُگ اُن وقت کي چون ٿا جنهن ۾ ادرم (پاپ) نہ هُجي ۽ هر طرف سڪُون ۽ شانتي هُجي. پيءُ کان پهرين پُٽ جي موت نہ ٿئي، عورتون بيواهہ نہ ٿين، بيمارين کان پاڪ جسم هُجن، سيئي انسان ڀڳتي ڪندا هُجن، پرماتما کان ڊڄڻ وارا هُجن ڇو جو هُو آڌياتمڪ (روحاني علم) کان گهڻا واقف هوندا آهن. من ڪرم وچن سان ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيندا آهن ۽ دُراچاري(بد وهنواري) نہ هوندي آهي.اُتي جَـتِي سـتِي عورت ۽ مرد هوندا آهن. وڻ ٽِـڻ ڀوتا سُندر ۽ قَلدار هوندا آهن. سڀ انسان ويـدن جي آڌار تي ڀڳتي ڪندا آهن. زمانِ حال(موجوده وقت) ۾ ڪل يُگ آهي. هِن ۾ ادرم (ظـلم،پاپ) وڌي ويو آهي. ڪلِ يُگ ۾ اِنسان جو ڀڳتي جي طرف ڌيان بلڪل گهٽ هوندو آهي يا تہ ڀڳتي ڪندا ئي نہ آهن. جيڪڏهن ڪندا آهن تہ شاسترن جي خلاف پنهنجِي من مرضِي موجب ڪندا آهن. جو شِريمدڀگوت گيتا ادياءِ 16، شلوڪ 23 ۽ 24 ۾ منع ٿيل آهي. جنهن ڪارڻ پرماتما سان جيڪو لاڀ ملڻو آهي سو نٿو ملي. اِنهي ڪري اڪثر ماڻهو ڪافر ٿي ويندا آهن. دولت مند بڻجڻ لاءِ رشوت خوري، چورِي وغيره جو طريقو اختيار ڪندا آهن، پر هِي طريقو دولت ڪمائڻ جو صحيح نہ هُجڻ ڪري پرماتما جا گُناهہ گار ٿي ويندا آهن ۽ دُنياوي تڪليفون ڀوڳيندا آهن. پرميشور جي هِن قانون کي انسان وساري ڇڏيندو آهي تہ قسمت کان وڌيڪ ڪجهہ بہ مِلِي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڀئي ڪنهن غلط طريقي سان دولت حاصل بہ ڪري ڇڏي تہ اُها نہ رهندي . جيئن هڪ انسان پنهنجي پُٽ کي سُکيو ڏسڻ لاءِ غلط طريقي سان دولت حاصل ڪندو آهي ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ هُن جي پُٽ جا ٻئي گُردا خراب ٿي ويندا آهن، جئين تئين ڪري گُردا تبديل ڪرايا. ٿي لک روپيہ خرچ ٿيا. جيڪو ڌن غلط طريقي سان جوڙيو هو، اُهو سڀ خرچ ٿي ويو. ڪجهہ پئسا وڌيڪ بہ خرچ ٿيا. پوءِ پُٽ جي شادي ڪرائي. شادي جي 6 مهينن بعد بس حادثي ۾ اڪيلو پُٽ موت جو شڪار ٿي ويو. هاڻي نہ تہ اُهو پُٽ رهيو ۽ نہ اُها دولت رهِي جيڪا غلط طريقي سان گڏ ڪئي ويئي هُئي. باقي ڇا رهيو ؟ غلط طريقي سان گڏ ڪيل دولت ۾ ٿيل پاپ (گناهہ) اجا باقي آهن، سي جِن جِن کان پئسا ورتا هئائين اُنهن جي گهر جو جانور(گڏهہ، ڍڳو يا ڳئون وغيره) ٿي ڀوڳڻا پوندا. پر پرميشور جي شاسترن موجب ڀگتي ڪرڻ واري ڀگت جِي قسمت کي پرميشور بدلائي ڇڏيندو آهي ڇاڪاڻ جو پرميشور جي گُڻن ۾ لکيل

آهي تہ پرماتما نِرڌن/غريب کي ڏنوان/امير بڻائي ڇڏيندو آهي. ست يُگ ۾ ڪوبہ انسان مانس (گوشت)، تماڪ، شراب وغيره استعمال نہ ڪندا هئا، ڇاڪاڻ جو اُهي اِنهن سان ٿيڻ وارن پاپن کان واقف هوندا هئا.

## “ گوشت کائڻ پاپ آهي ”

هڪ دفعي هڪ گُرو پنهنجي چيلي سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هو تہ اُتي هڪ ملاح تلاءُ ۾ مڇيون جهلي رهيو هو. مڇيون پاڻي کان ٻاهر تڙپي تڙپي مرِي رهيون هيون. چيلي پُڇيو اي گُرو ديو! هِن پاپِي انسان کي ڪهڙي سزا ملندي؟ گُرو فرمايو پُٽ وقت اچڻ تي ٻُڌائيندس. چار پنج سالن بعد ٻئي گرو چيلو جهنگ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، اُتي هڪ هاٿي جو ٻچو رڙيون ڪري رهيو هو، هيڏانهن هوڏانهن ٽِپا ڏيندي ڪنهن ٻيئل وڻ ۾ ڦاسِي پيو هو، نڪري تہ ويو پر نِڪرڻ جي ڪوشش ۾ هُن جو سڄو جسم زخمي ٿي پيو، هُن جي جسم ۾ ڪِيڙا پوَڻ شروع ٿي ويا هئا جيڪي هِن کي کائي رهيا هئا ۽ هاٿي جو ٻچو بُري طرح سان رڙيون ڪري رهيو هو. چيلي گرو کان پُڇيو اي گرو ديوَ! هِن جانور کي ڪهڙي پاپ جي سزا ملي رهِي آهي. گروديوَ چيو پُٽ هِي اُهو ساڳيو ملاح آهي جيڪو اُن ڏينهن شهر کان ٻاهر تلاءُ ۾ مڇيون ماري رهيو هو.

## “ شراب پيئڻ ڪيڏو پاپ آهي ”

شراب پيئڻ واري کي 70 جنم ڪُتي جون جوڻيون ڀوڳڻيون پونديون آهن. گندگِي کائيندو ۽ پيئندو آهي ۽ ڪيئي ڏُک ڀوڳڻا پوندا آهن. تيز شراب جسم کي نقصان پهچائيندي آهي. جسم جا چار اهم حصا هوندا آهن، ڦِڦڙ، جِگر، گُردا ۽ دِل. شراب هِن چئنِي حِصن کي نقصان پهچائيندي آهي. شراب پيئي انسان انسان نہ رهندو آهي. هُو جانورن وانگر برتاو ڪندو آهي. گٽر ۾ ڪِري پوڻ، ڪپڙن ۾ پيشاب ڪرڻ، ڪاڪُوس ڪري ڇڏڻ، پئسن جو نقصان، ذلالت، گهر ۾ اشانتي وغيره وغيره شراب نوشي جي ڪرڻ سان ٿيندو آهي. شراب ست يُگ ۾ استعمال نہ ٿي ٿئي. ست يُگ ۾ هر هڪ انسان پرماتما جي قانون کان واقف هوندو آهي. جنهن سبب سُک سان زندگي بسر ڪندا آهن.

غريب داس جي واڻي ۾ آهي تہ :-

**مـديرا پِيوي ڪڙوا پاڻِي، ستر جنم سُوان (ڪُتي) کي جاڻِي.**

## دُراچــاري(بدڪاري) ڪرڻ ڪيترو پاپ آهي؟

**ڪبير-:پردُوارا استري ڪا ڪولي ، ستر جنم انــڌا هو ٻولي.**

پرم پوڄئ ڪبير صاحب فرمايو آهي تہ جيڪو انسان ڪنهن غيرعورت سان بُرو ڪم (زنا) ڪري ٿو تہ هُو ستر جنم انڌي جي زندگي ڀوڳي ٿو. عقل مند اِنسان اهڙي آفت ڪڏهن مول نہ وٺندو. جاهِل ئي اِهڙو ڪم ڪندا آهن. جئين باهہ ۾ هٿ وجهڻ مطلب موت کي ئي سڏ ڪرڻ آهي. جيئن ڪو هاري ڪنهن ٻئي جي ٻني/زمين ۾ ٻج ڇٽيندو تہ اُهو وڏو جاهِل آهي. عقل مند اِنسان ائين ڪڏهن بہ نہ ڪندو.بُري عورت جي سنگ کي اِئين سمجهو جيئن گندگِي جي ڍير تي ڪنهن قيمتي هِيرن جو ٿيهلو اُڇلايو هُجي. اِهڙو ڪم سمجهدار اِنسان نٿو ڪري سگهي يا تہ اِنتهائي جاهِل يا شرابِي يا بي شَرم شخص ئي ڪري سگهي ٿو. سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ جنهن شيءِ کي جسم سان نِڪري وڃڻ تي جسم جو ناس ٿيندو هُجي ۽ آنند محسوس ڪرائيندي هُجي، اگر هُن کي جسم ۾ محفوظ رکي وڃي تہ ڪيڏو نہ آنند ڏيندي؟ عمر درازي، صحت مند جسم، صحت مند دماغ، بهادري ۽ چُستي عطا ڪندي آهي. جنهن شيءِ سان انمول ٻار حاصل ٿيندو هُجي، اُن جو ناس ڪرڻ ٻار جي هتيا (قتل) ڪرڻ جي برابر آهي. اِنهي ڪري دُراچارِي (بدڪارِي) ۽ غير ضروري جنسِي شرارت ڪرڻ حرام آهي .

## تماڪ نوشي ڪرڻ ڪيترو وڏو پاپ آهي ؟

پرميـشور ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ -:

**سُراپان مد ما سا هارِي ، گمن ڪري ڀوگي پر نارِي.**
**ستر جنم ڪٽت هي شيشم، ساڪشِي صاحِب هي جگديشم.**
**پر دُوارا استري ڪا ڪولي، ستر جنم انڌا هو ٻولي.**
**سو نارِي جارِي ڪري، سُراپان سو بار، ايڪ چِلم حقہ پِري، ڊوبي ڪالِي ڌار.**

جيئن تہ مٿي ٻُڌايو ويو آهي تہ شراب پيـئڻ وارو ستر جنم ڪُتي جي زندگي ڀوڳيندو آهي پوءِ وِري گندگِي کائيندو ڦِرندو آهي. پر اِسترِي گمن (غير عورت سان زنا) ڪرڻ وارو ستر جنم انڌي جي زندگي ڀوڳيندو آهي ۽ گوشت کائڻ وارو مهاڪشٽن ۽ ڏُکن جو حقدار ٿيندو آهي. مٿي ڏِنل سڀ پاپ سئو سئو دفعا ڪرڻ واري جو جيترو پاپ ٿيندو آهي اوترو هڪ دفعو حُقو پيئڻ واري کي مطلب تماڪ يا

سگريٽ پيئڻ واري کي ساٺ ڏيڻ واري کي پاپ لڳندو آهي. تماڪ نوشي ڪرڻ واري يا حُقو، سگريٽ، بيڙي يا ٻئي نموني سان تماڪ کائڻ وارن کي ڇا پاپ لڳندو هوندو؟ گهور (تمام گهڻو) پاپ جو حقدار ٿيندو. هڪ انسان جيڪو تماڪ نوشي ڪندو آهي جڏهن هُو حُقو بيڙي يا سِگريٽ پيئي ڌُونهون ڇڏيندو آهي اُهو ڌُونهون اُنهن جي ننڍن ننڍن ٻارن جي جسم ۾ داخل ٿي نقصان رسائيندو آهي پوءِ جلد ئي اُهي ٻار بُرائي کي پسند ڪن ٿا ۽ صحت بہ بگڙي وڃي ٿي.

## "اوتار جي لغوي معنيٰ"

اوَتار جِي معنيٰ آهي. مٿئين جهانن/لوڪن کان هيٺ اچڻ. اِهو سُندر لفظ خاص ڪري اُنهن عظيم آتمائن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪي زمين تي اچي حيرت انگيز چمتڪار ڪنديون آهن. جِن کي پرماتما جي طرف کان موڪليل سمجهيو ويندو آهي يا خود پرماتما جو زمين تي اچڻ سمجهيو ويندو آهي.

شريمدڀگوت گيتا اڌياءِ 15، شلوڪ 1 کان 4 ۽16۽17 ۾ ٽِن پُرشن (ڀڳوانن) جو ذِڪر آهي.

1. **شر پُرش**-:جنهن کي برهم بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن جو **اوم** نام ڀڳتي يا جپ ڪرڻ جو آهي. هِن جو ثبوت گيتا اڌياءِ 8 شلوڪ نمبر 13 ۾ آهي.

2. **اڪشر پُرش** -: جنهن کي پربرهم بہ چيو ويندو آهي. جنهن جِي ساڌنا يا جپ ڪرڻ جو منتر **تت** آهي جيڪو اشاري ۾ آهي. جنهن جو ثبوت گيتا اڌياءِ 17، شلوڪ نمبر 23 ۾ آهي.

3. **پرم اڪشر پُرش**-: اُتم پُرش تو اَنيہ . سريشٽ ڀڳوان پرماتما تہ مٿيئن ٻن پُرشن (شرپُرش ۽ اڪشر پُرش) کان علاوه ڪو ٻيو ئي آهي. اُهي پرم اڪشر پُرش آهن . گيتا اڌياءِ 8 شلوڪ 3 ۾ چيل آهي تہ اُهي پرم اڪشر بِرهم آهن. هُن جي جاپ ڪرڻ جو منتر **ست** آهي جيڪو اشاري ۾ آهي. اُنهي پرميشور جِي پراپتِي سان ڀڳت کي پرم شانتِي ۽ سناتن پرم ڌام حاصل ٿيندو. ثبوت لاءِ گيتا اڌياءِ 18، شلوڪ 62 .

اُهي پرميشور (پرم اڪشربِرهم) گيتا گيان ڏيڻ واري ڀڳوان کان الڳ آهن. اوَتار ٻن قِسمن جا ٿيندا آهن. جيئن تہ مٿي ڪيل ذڪر بعد هاٽي توهان کي خبر پئي آهي تہ خاص طور تي ٽي پُرش (پريُو) آهن. جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي .اسان لاءِ خاص ٻن ڀڳوانن جو ڪردار رهندو آهي.

پهريون شر پُرش (بِرهم) جيڪو گيتا ادياءِ 11، شلوڪ 32 ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ڪال ٻڌائي رهيو آهي ۽ ٻيو پرم اڪشر پُرش (پرم اڪشر برهم) جنهن جي باري ۾ گيتا ادياءِ 8 شلوڪ 3 ، 8، 9، 10. گيتا ادياءِ 18 ، شلوڪ 62 . ادياءِ 15، شلوڪ 1 ڪان 4 ۽ 17 ۾ ٻُڌايل آهي.

## "برهم/ڪال جي اوتارن جي معلومات"

گيتا ادياءِ 4 شلوڪ 7

**يَدا يَدا هِي ڌرمسيهگلا نِيرڀوَتِي پارت ،**
**ابيوتٿانُمڌرمسيہ تدا تمانم سرجا ميهم.**

يَدا، يَدا، هِي، ڌرمسيہ،گلا نِي، ڀوَتِي، پارت، ابيوتٿانُم، اڌرمسيہ، تدا، آتمانم، سرجامِي، اهم .(7)

**لفظِي معنيٰ:-** (**پارت**) اي پارت !( **يدا يدا**)جڏهن جڏهن (**ڌرمسيہ**) ڌرم(**گِلانِي**) گهٽجي ويندو آهي ۽ (**اڌرمسيہ**)اڌرم(**ابيوتٿانُم**)۾ واڌ (**ڀوَتِي**)ٿيندي آهي ( **تدا**) تڏهن تڏهن ( **هِي**) ئي (**اهم**) مان (**آتمانم**) پنهنجو انش اوتار (**سرجامِي**) رچيندو آهيان مطلب پيدا ڪندو آهيان .(7)

جيئن تہ شريمدڀگوت گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 7 ۾ گيتا ٻُڌائڻ واري ڀگوان چيو آهي تہ جڏهن جڏهن ڌرم ۾ باقائدگِي سان گهٽتائي پيدا ٿيندِي آهي ۽ اڌرم ۾ واڌارو ٿيندو آهي، تڏهن تڏهن مان ( بِرهم/ڪال /شر پُرش) پنهنجا انش اوتار پرگهٽ ڪندو آهيان. جئين تہ آئون ڪال/بِرهم/شر پُرش پنهنجو انش اوتار پيدا ڪندو آهيان. جيئن شِري رامچندر جِي ۽ شِري ڪرشن جِي ڪي ڪال/بِرهم ئي ڌرتِي تي پيدا ڪيو هو، جنهن ڪي خود شِري وِشڻو جِي مجيا ويندا آهن. اِنهن ڪان علاوه اَٺ اوتار ٻيا چيا ويا آهن، جيڪي خود شِري وِشڻو جِي نہ پر پنهنجي لوڪ مان ڪنهن پويتر آتما ڪي موڪلي چڏيندا آهن. اُهي بہ اوتار ئي سڏائيندا آهن. ڪتي ڪتي پُراڻن ۾ پنجويهہ اوتارن جو ذِڪر اچِي ٿو. ڪال/بِرهم جا موڪليل اوتار ڌرتِي تي وڌنڙ اڌرم (پاپ) جو خاتمو ( قتلِ عام) يعني تباهِي وَ بربادِي ڪرِي ئي ڪندا آهن. مثال طور شِري رامچندر جِي، شِري ڪِرشن جِي، شِري پرشُو رام جِي ۽ شِري نيڪلنڪ( جيڪو ڪلِ يُگ جي انت ۾ ٿيندو) اِهي سڀ اوتار گهور سنهار (قتلِ عام ) ڪري ئي اڌرم (پاپ) جو ناس ڪندا آهن. پاپين ڪي ماري امن آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر شانتي جي بجاءِ اَشانتي ئي وڌندي آهي. جئين شِري رامچندر جِي

راوڻ کي مارڻ لاءِ جنگ ڪئي هئي، ڪروڙين ماڻهو مارجي ويا هئا جنهن ۾ ظالم ۽ مظلوم ٻـ شامل هئا. بعد ۾ اُنهن جون عورتون ۽ ننڍا وڏا ٻار باقي رهيا، جن جي زندگي جهنم(نرڪ) بڻجي ويئي. بيواهه عورتن ڪي غير مردن پنهنجي هوَس جو شڪار بڻايو. گُذر سفر لاءِ ٻـ وڏيون مُشڪلاتون پيش آيون وغيره وغيره ۽ اڪثر ڪري بي چيني جا ڪارڻ ڪڙا ٿيا. ساڳيون ئي طريقو شِري ڪرشن جي ٻـ اختيار ڪيو هو ۽ اِهوئِي طريقو شِري پرشُو رام جي ٻـ اختيار ڪيو هو. اِهڙي ئي طريقي سان ڏهون اوتار ڪال/برهم/شر پُرش جي طرفان پيدا ڪيو ويندو. جنهن جو نالو "**نيڪلنڪ**" هوندو. هُو ڪلِيُـگ جي آخر ۾ پيدا ٿيندو، جيڪو راجا هريش چندر جي جِي آتما هوندي. سمڀل نگر ۾شِري وِشڻو دَت شرما جي گهر جنم وٺندو. اُن دور ۾ بيشمار انسان ظالم ۽ بد لچڻان ٿي ويندا، اُنهن سيني کي اچِي ماريندو. اُن وقت جِن جِن انسانن کي پرماتما جو خوف هوندو، جيڪي ڪجهه سُٺا انسان هوندا اُنهن کي ڇڏي ڏيندو، باقي سيني کي ماري ڇڏيندو. هِي طريقو آهي برهم( ڪال/شرپُرش) جي اوتارن جو ادرم کي ناس ڪرڻ ۽ امن قائم ڪرڻ جو.

## "پرم اڪشر بِرهم يعني ست پُرش جي اوتارن جي معلومات"

پرم اڪشربِرهم( ست پُرش) پاڻ زمين تي بِراجمان ٿيندا آهن. اُهي سـ شرير (جسم ساڻ) ايندا آهن ۽ جسم ساڻ ئي موٽي ويندا آهن. اِهڙي ليلا ڀڳوان ٻن قِسمن سان ڪندا آهن.

1. هر هڪ يُگ ۾ هڪ ننڍڙي ٻالڪ جو رُوپ اختيار ڪري پاڻِي جي تلاءُ ۾ ڪمل جي گُل تي جهنگ ۾ظاهر ٿيندا آهن، اُتان ڪان بي اولادي ماڻهو کڻِي ويندا آهن. پرماتما ليلائون ڪندا ڪندا وڏا ٿيندا آهن ۽ آديِاتمڪ گيان (تتوَگيان) جو پرچار ڪري ادرم جو ناس ڪندا آهن. تلاءُ تي اچڻ سبب پرماتما نارائڻ سڏيا ويندا آهن، نارَ يعني پاڻي ۽ ائڻ يعني اچڻ وارا مطلب پاڻي تي براجمان ٿيڻ وارا نارائڻ سڏبا آهن.

2. پرماتما جڏهن چاهي پنهنجي ست لوڪ کان ساڌُو سنت جِندا فقير جي رُوپ (ويس/چولو) ۾ زمين تي براجمان ٿي پويتر آتمائن کي گيان ڏيندا آهن. پوءِ اُهي نيڪ آتمائون ٻـ پرماتما جي ڏِنل گيان جو پرچار ڪري ادرم جو ناس ڪن ٿيون. اُهي ٻـ پرماتما جا موڪليل اوتار ئي هوندا آهن. ڪل يُگ ۾ جيٺ سُـدِي پونم جي رات (چنڊ جي پندرهين) سنبت 1455 (سن 1398ع) جو ڪبير پرميشور ست لوڪ کان اچِي

ڪاشِي شهر جي لهر تارا تلاءُ ۾ ڪمل جي گُل تي ننڍڙي ٻالڪ جو رُوپ ڌارڻ ڪري پرگهٽ ٿيا هئا. اُتان ڪان جُلاها گهراڻي سان تعلق رکندڙ نيرُو ۽ نِيما نالي پتِي پتنِي(زال مڙس) کڻِي ويا. ننڍڙي ٻالڪ جي رُوپ ۾ پرميشور ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) 25
ڏينهن تائين ڪاٻہ غذا (خوراڪ) نہ کاڌائون. نِيرُو ۽ نِيما اُنهي جنم ۾ برهمڻ هئا ۽ شِري شِـو جِي جا پُوجاري هئا. مسلمانن اِنهن کي زبردستي مسلمان ڪرڻ جي سبب اُهي جُلاها ڪالونِي ۾ جُلاهن جو ڪم ڪري پنهنجو گُذر سفر ڪرڻ شروع ڪيو هو. ٻالڪ جِي نازڪ حالت ڏِسي نِيما پنهنجي ڀڳوان شِو(شنڪر) کي ياد ڪرڻ لڳِي. تڏهن شري شِـوجِي ساڌُو جي لباس ۾ اُتي اچِي پرگهٽ ٿيا ۽ ٻار جي ويس ۾ ڪبير پرميشور کي ڏٺائين. ٻار جي رُوپ ۾ ڪبير صاحب چيو تہ اي شِوجِي! تون اِنهن کي ٻُڌاءِ تہ اِهي هڪ ڳئون جِي ڪُنوارِي ٻڇڙِي (ڳاٻڙِي) وٺي اچن، هُو توهان جي آشيرواد سان کير ڏيندي ۽ اِئين ئي ڪيو ويو. ڪبير پرميشور جي حُڪم مطابق ڀڳوان شِوجِي ڪُنوارِي ٻڇڙِي جي پُٺن تي هٿ گُهمايو تہ اُنهي وقت ڪُنوارِي ٻڇڙي جي ٿڻن ۾ کير جِي ڌار هلڻ لڳِي. هڪ مِٽي جو ڪورو برتن هيٺ رکيو ويو، برتن پرجڻ ساڻ ئي کير بند ٿي ويو. هر روز ائين ئي برتن ٿڻن جي هيٺيان رکڻ ساڻ ئي پرجِي ويندو هو ۽ ڪبير صاحب پيئندا هئا. جُلاهن جي گهر پرورش ٿيڻ سبب وڏا ٿي ڪبير پرميشورجُلاهن جو ڪم ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي نيڪ ڀڳتن سان ملڻ لڳا. اُنهن کي تتوَ گيان سمجهايو ۽ پاڻ بہ تتوگيان جو پرچار ڪري اڌرم جو ناس ڪيو. جِن جِن نيڪ آتمائن سان پرميشور جِندا (فقير) مهاتما جي ويس ۾ مليا، اُنهن کي سچ کنڊ (ست لوڪ) ڏيکاري واپس ڇڏيائون۽ اُنهن کي اڌياتمڪ گيان ڏنائون ۽ پاڻ کان واقف بہ ڪيائون. اُهي پرماتما ست پُرش جا اوتار هئا. اُهي جِن پرميشور سان مليل گيان جي مطابق اڌرم جو ناس ڪيو سي اوتار هِي آهن.

1. محترم ڌرمداس جِي، 2. محترم ملوڪ داس جِي، 3. محترم نانڪ ديو صاحب جِي (سک ڌرم جا باني)، 4. محترم دادُو صاحب جِي، 5. محترم غريب داس صاحب جِي ڳوٺ ڇُڊاڻِي ضلع جهجر هرياڻا وارا، 6. محترم گهيسا صاحب جِي ڳوٺ کيکڙا ضلع ميرٺ اُتر پرديش وارا. اِهي سڀ اوتار پرم اڪشر برهم ست پُرش جا هئا. اِهي سڀئي پنهنجو ڪم يعني اڌرم جو ناس ڪري هليا ويا. جنهن سبب عوام ۾ ڪافي عرصي تائين شانت ماحول رهيو. موجوده وقت ۾ سنتن جي ڪمِي ناهي پر شانتي جو ڪو نشان ئي ڪونهي. جنهن جو سبب هِي آهي تہ هِنن جي ساڌنا جو طريقو

شاسترن جي خلاف آهي. جنهن ڪري سماج ۾ اڌرم ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي رهي ٿو. اِنهن سنتن، پنٿن ۽ فِرقن ڪي هزارين سال ٿيا آهن گيان پرچار ڪندي، پر اڌرم وڌندو ئي ويجي پيو.

## "ست پُرش جو موجوده اوتار"

جيڪا ساڌنا ۽ تتوَ گيان جو پرچار پرميشور جا اوتارِي سنت ڪندا هئا. جنهن سان پاڻ ۾ پريم (محبت) هئي، هڪ ٻئي جي ڏُک ۾ شامل ٿيندا هئا، بي سهارن ۽ مجبور انسانن جِي مدد پڻ ڪندا هئا. اُهائي شاسترن جي مطابق ساڌنا ۽ اهوئي مڪمل اڌياتمڪ گيان (حقيقِي روحانِي علم) سنت رامپال جِي مهاراج ڪي پرميشور ڪبير صاحب اڄِي پرڏان (عطا) ڪيو آهي. مارچ سنہ 1997ع ڦڳڻ مهيني جي پهرين شُڪل پڪش(چانڊوڪِي) تي ڏينهن جو 10 بجي جِندا (فقير) مهاتما جي رُوپ ۾ ست لوڪ کان اچِي سنت رامپال جي مهاراج ڪي **ست نام** ۽ **سار نام** دان ڪرڻ جو آديش (حُڪم) ڏيئي پاڻ انتر ڌيان ٿِي ويا.

سنت رامپال جِي مهاراج ٻہ پرميشور (پرم اڪشر برهم) جي اُنهن اوتارن مان هڪ آهن. جيڪي تتوَ گيان جي مطابق اڌرم جو ناس ڪن ٿا.هاڻ پُوري سنسار ۾ سُک ۽ شانتي ٿيندي. تمام مذهبن ۽ پنٿن جا ماڻهو پاڻ ۾ هڪ ٿي محبت، پريم ۽ ڀائيچاري سان رهندا، راجنيتا (حُڪمران) بغير ايمان جي انصاف ڪرڻ وارا ۽ پرماتما کان ڊڄِي ڪم ڪرڻ وارا هوندا، عوام جا نوڪر بڻجي غير جانبداري سان ڪم ڪندا، ڌرتي تي ٻيهر ست يُگ جهڙو ماحول ٿيندو. هلندڙ وقت ۾ ڌرتي تي اُهو اوتار سنت رامپال جِي مهاراج آهن. هاڻ گهر گهر ۾ پرميشور جي گيان جِي چرچا (ڳالهہ ٻول) ٿيندي. جتي هينئر شهرن، ڳوٺن، پاڙن يا پارڪن ۾ ويهي ماڻهو تاش کيڏيندا آهن تہ ڪي سياسي ڳالهيون ۽ ڪي تہ پنهنجن پُٽن ۽ نُوهن جي سُٺي يا نڪمي هُجڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن، اُتي هاڻ پرميشور جِي واکاڻ جِي چرچا ٿيندي ۽ **گيان گنگا** پُستڪ ۾ لکيل ڳالهين تي وِيچار ڪيو ويندو. پرماتما جي ٿوري واکاڻ ڪرڻ سان ئي اِنسان پُنيہ/ثواب جو حقدار ٿيندو آهي، پوءِ شاسترن جي مطابق ڀڳتي ڪري جيوَن سُکي ڪري آتم ڪلياڻ ڪرائيندو ۽ ڌرتي تي ڪلِيُگ ۾ ست يُگ جهڙو ماحول ايندو. سنت رامپال جِي مهاراج اصل ۾ ڌرتي تي اوتار ئي آهن .

# “ يگتي مريادا ”

**جِيــوَ هــمارِي جاتِـي هـي ، مانوَ (انسان) ڌرمر همارا ،**
**هِندُو ، مُسلم ،سِک ، عِيسائِي ، ڌرمر نهِين ڪوئِي نِيـارا.**

پياري يگت جَنو ! اڄ کان لڳ ڀڳ پنج هزار سال پهرين ڪوبہ ڌرمر يا مذهب نہ هو، نہ هِندُو، نہ مسلمان، نہ سِک، نہ عيسائي هئا، صرف انسانيت ڌرمر هو. تمام انسان هڪ ئي ڌرمر سان جُڙيل هئا پر جيئن جيئن ڪلِـيُگ جو اثر وڌندو ويو، تيئن تيئن اسان جي وچ ۾ مت ڀيد (اختلافات) پيدا ٿيندو ويو. ڌارمڪ ڪُل گُروئن ۽ برهمڻن شاسترن ۾ لکيل سچائي کي ڍڪي ڇڏيو . سبب چاهي ذاتي لالچ هُجي يا ٿلهو ڏيکاءُ، جنهن سبب اڄ هڪ انسانِي ڌرمر جا چار ڌرمر ۽ ٻيا ڪيئِي فِرقہ بڻجي چُڪا آهن. جنهن ڪري پاڻ ۾ مت ڀيد پيدا ٿيڻ تہ لازمي ئي آهي. سڀني جو مالڪ/ گاڊ/رب/ ڀڳوان/ پربُهو/رامر هڪ ئي آهي، اِنهن سڀني ۾فرق صرف ٻولي جو ئي آهي باقي معنيٰ هڪ ئي آهي. سيئي مڃين ٿا تہ سڀني جو مالڪ هڪ آهي تہ پوءِ هي الڳ الڳ ڌرمر ۽ فِرقہ ڇو ؟ اِها ڳالهہ بلڪُل ٺيڪ آهي تہ سڀني جو مالڪ/گاڊ/رامر/پرميشور هڪ ئي آهي، جنهن جو اصل نالو ڪوير(ڪبير) آهي. جيڪي پنهنجي ست لوڪ (سچ کنڊ/ ست ڌامر) ۾ انسان وانگر ظاهر رهندا آهن، پر هاڻ هِندو چون ٿا تہ اسان جو رامر وڏو آهي، عيسائي چون ٿا تہ اسان جو عِيسيٰ مسيح وڏو آهي، سِک چون ٿا تہ اسان جو گُرو نانڪ صاحب جِي ئي وڏا آهن. ائين چوندا آهن تہ جيئن چار نادان ٻار چوَن، پهريون چوي تہ هي منهنجو پاپا آهي، ٻيو چوي تہ نہ هِي منهنجو پاپا آهي، ٽيون چوي تہ هِي منهنجو پتا جِي آهي ۽ جيڪو سڀ کان وڏو آهي اُهو چوي تہ اي نادانو هِي منهنجو ڊيـڊِي آهي. جڏهن تہ سڀني جو پيءُ هڪ ئي آهي. اُنهن نادان ٻارن وانگر اڄ اسان جو انساني سماج پاڻ ۾ وڙهي رهيو آهي. ڪبير صاحِب فرمائين ٿا تہ :-

**ڪوئِي ڪهي همارا رامر بڙا هي ، ڪوئِي ڪهي خُدائِي ري،**
**ڪوئِي ڪهي همارا عِيسيٰ مَسِيح بڙا، يہ ٻاٽا رهي لگائِي ري**

جڏهن تہ اسان جي سڀني ڌارمڪ گِرنٿن ۽ شاسترن ۾ هڪ ڀڳوان/رامر/گاڊ/پرميشور/ صاحِب هر هڪ جو نالو لکي تعريف ڪئي آهي تہ اُهي هڪ مالڪ پربُهو ڪبير صاحِب آهن. جيڪي ست لوڪ ۾ اِنسان جهڙي صورت ۾ رهندا آهن. ويد/گيتا ۽ گرو گِرنٿ صاحِب اِهي سڀ مُقدس ڪتاب لڳ ڀڳ ملندڙ جُلندڙ ئي آهن. يجُـر ويد جي ادياءِ نمبر 5، شلوڪ 32 ۽ شام ويد جي سنکيا نمبر

1400ع 822م، اٿر ويد جي ڪانڊ نمبر 4 جي انواڪ 1 جي شلوڪ نمبر 7، رُگ ويد جي منڊل 1، اڌياءِ 1 جي سُڪت 11 جي شلوڪ نمبر 4 ۾ ڪوير نالو لکي ٻُڌايو آهي ته پُورڻ برهم ڪويرديوَ(ڪبيرصاحِب) آهن. جيڪي ست لوڪ ۾ رهندا آهن.
شِريمديگوت گيتا چئِني ويدن جو مختصر سار( نچوڙ) آهي. پويترگيتاجِي پُڻ هُن ست پُرش پُورڻ برهم ڪبير صاحب جي طرف اِشارو ڪري ٿِي. پويترگيتاجِي جي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 16 ،17 ۽ اڌياءِ 18 جي شلوڪ نمبر 46 ۽ 62 ۾، اڌياءِ 8 جي شلوڪ نمبر 8 ڪان 10 ۽ 22 ۾، اڌياءِ 15 جي شلوڪ نمبر 1- 2- 4 ۾ پُورڻ پرماتما جِي ڀڳتي ڪرڻ جو اِشارو ڪيو آهي. شري گرو گِرنٿ صاحب ۾ ٻه پيج نمبر 24 ۽ پيج نمبر 721 تي ڪبير صاحب جو نالو لِکِي واڪاڻ ڪيل آهي. تمام سنتن ۽ گِرنٿن جو سار اِهو آهي ته پُورڻ گُرو جنهن وٽ ٺيڪِي منتر هُجن ۽ نام دان (اُپديش) ڏيڻ جو لائق پُڻ هُجي، اهڙي گُرو ڪان منتر وٺي انسان کي جنم مرڻ جي روگ ڪان ڇوٽڪارو وٺڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اسان جو اصل مقصد توهان کي ڪال جي قيد مان ڇڏائي پنهنجي اصل مالڪ ڪوير ديوَ (ڪبير صاحِب) جي ست لوڪ کي حاصل ڪرائڻ آهي. ڪبير صاحب پنهنجي واڻِي ۾ فرمائين ٿا ته هڪ جِيوَ آتما کي ڪال جِي ساڌنا/ڀڳتي ڪان هٽائي پُورڻ گرو جي شرڻ ۾ وٺي اچي اُپديش ڏيارڻ جو پُن (ثواب) ايترو ٿيندو آهي جيترو ڪروڙ ڳئُن/ڍڳين کي ڪاسائِي ڪان ڇڏائڻ جيترو ثواب ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ جو اُهي پُليل انسان ڪوڙن گُروئن جي مطابق ٻُڌايل شاسترن جي خلاف ساڌنا/ڀڳتي ڪري ڪال جي قيد ۾ڦاسي تمام گهٽيون ڏُکيائون ۽ چُوراسي لک جوٽين جون تڪليفون ڀوڳيندو آهي. جڏهن هي آتما ڪبير صاحب جي شرڻ ۾ ڪنهن سچي گُرو جي ذريعي سان اچي وڃي ٿي ۽ منتر جي جاپ سان جُڙِي ويندي آهي ته هُن جي جنم ۽ موت جِي تڪليف هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي آهي ۽ ست لوڪ ۾اصلي پرم شانتي کي پراپت ڪندي آهي. هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته اڄڪلهه جا گُرو وڏ ڪان وڏ چيلا ٺاهي پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏيکارين ٿا مطلب هر ڪوئي چار ڪتائون سِکي چوي ٿو ته مان ٻه منتر دان (اُپديش) ڏئِي سگهان ٿو ۽ ڀولِي آتمائن کي ڪال جي جال ۾ ڦاسائي ڇڏي ٿو، ڇاڪاڻ ته شاسترن جي خلاف نام دان ڏيڻ ۽ جپڻ وارا سيئي نرڪ جا حقدار ٿيندا ۽ اُنهن کي نرڪ ۾ اُبتو لٽڪايو ويندو. اِها ڪٿِي سيئي شاستر جهڙوڪ پويترگيتا ويدءِ سد گرنٿ ٻُڌائين ٿا. هِن ڪٿا کي سِڌ ڪرڻ لاءِ هڪ مُختصر ڪٿا ٻُڌايان ٿو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سيني کي خبر پئي ته

راجا پريڪشِت کي ستين ڏينهن نانگ ڏنگيندو ۽ هُن جي موت واقعي ٿيندي. هن ڳالهه جي خبر پوڻ تي سيني سوچيو تہ ستن ڏينهن تائين راجا پريڪشِت کي ڀڳوت سدا ساگر جي ڪٿا ٻُڌائي وڃي. اِنهي لاءِ تہ راجا جو هِتان ڪان موهہ/لڳائو هٽِي وڃي ۽ مالڪ جي ياد ۾ لڳِي وڃي ڇو تہ مرڻ وقت جنهن جي جهڙي سوچ هوندي اُنهي کي ئي پراپت ٿيندو آهي. سيني ڇيو سٺي ڳالهہ آهي پر هاڻي ڪٿا ڪري ڪير؟

اُن وقت اُتي موجود سيني مهارِشين ايتري قدر جو شريمد سُدا ساگر جي رچيتا (تخليق ڪار) مهرِشي ويد وياس بہ پاڻ کي ڪٿا ٻُڌائڻ جي لائق نہ سمجهيو، ڇاڪاڻ تہ ويد وياس جِي کي خبر هئي تہ مون ۾ ايتري قابليت نہ آهي. اِنهي لاءِ ڇو هڪ انسان جي زندگي ختم ڪري پاپ جو حقدار بڻجان. ڇاڪاڻ تہ ستين ڏينهن نتيجو سامهون اچڻو هو. جنهن ڪري ست ڏينهن ڪٿا ٻُڌائڻ جِي ڪنهن جِي بہ همٿ نہ پئي ٿي. ڇو تہ سيني کي پنهنجي اوقات جي خبر هوندي آهي. سرگ ڪان سُڪديو رِشي کي ڪٿا ڪرڻ لاءِ گُهرايو ويو. تڏهن وڃي راجا پريڪشت جو موهہ (لڳاءُ) هِتان ڪان هٽيو ۽ سرگ جِي پراپتِي وڃِي ٿِي. سرگ جا سُک ڀوڳڻ بعد واپس نرڪ ۽ پوءِ چوراسِي ۾ چڪر ڪاٽيندو. اِهو هتِي جو هارڊ ۽ فاسٽ رُول (اٽل قانون)آهي.اِها منزل بہ ٿن لوڪن جي سچي گرو بِنا نہ ملي سگهندِي.

ٺيڪ اِنهي وانگر جڏهن ڪنهن هند يا علائقي ۾ وزير اعظم اچِي رهيو هُجي تہ هُن جي اچڻ ڪان پهرين بہ تہ سٺا فنڪار ڍُهل دمال وارا هوندا آهن جيڪي آيل مهمانن جو دل وِندرائيندا آهن پر اُهي جيڪي ڇئِي رهيا هوندا آهن اُنهن مان ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ ۾ سڪشم (قابل) نہ هوندا آهن پر جڏهن وزير اعظم ايندو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ چوندو آهي تہ ٿرپارڪر ۾ انٽرنيشنل ڪاليج ٺهرائِي وڃِي، حيدر آباد ۾ انٽرنيشنل يونيورسٽِي ٺهرائي وڃي وغيره وغيره صرف ايترو ڇئي وزيراعظم صاحِب هليو ويندو آهي پر هُن جي چوڻ سان ئي اڳئين ڏينهن سڀ ڪم شروع ٿي ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ هُن جِي هر ڳالهہ ۾ وزن هوندو آهي. جيڪڏهن اُهي ڳالهيون اسان جهڙو عام انسان ڪندو تہ اسان جِي وڏي بيوَقُوفي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان جِي ڳالهہ ۾ ايتري طاقت نہ آهي. جڏهن تہ وزير اعظم لاءِ اِهي معمولي ڳالهيون آهن. اِنهن ڳالهين کي ثابت ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏِنل شلوڪن کي پڙهو ۽ سوچ ويچار ڪري جلدئي گُرو منتر حاصل ڪريو

**ڪبير : پـــنڊِت اورمشعالچِـــي ، دونُـون سُــوجهــي نانهِــين،**

اوَرَن کو کر چانـدنا، آپ انـديري مـانهـين.
کـرنِي تـج کـتِنِي ڪَتي،اگيـانـِي دِن رات ،
کُتـي جِيـُون پُونـکت ڦِـري ،سُـٽي سُـٽائي بـات .
غريب:- بِيجـک کِي بـاتان کهـي، بِـيجک نـاهِين هاٿ،
پرٿـوِي ڏُبـوَن اُوتـري، کـهہ کـهہ مِـيٺِي بـات.
غريب: بِيجـک کِي باتان کهي، بِيجک ناهِـين پاس،
اوَرَن کـو پرمــودي، آپــن چـلي نِــراس.
غريب: کـتِنِي کـي سُوري گـهٽي، کتي انمبر گيان،
بـاهر جواب آوي نهِـين، لِيـد کـري مــيدان.

ڪٿا ڪرڻ يا نام دان (اُپديش) ڏيڻ ڪو ہارن جي راند ناهي جو هر ڪوئِي بغل ۾ ڪا پوٿِي (ڪتاب) وغيره رکي چوي تہ نيک آ مان بہ ڪٿا ڪري ٿو وٺان، نيک آ مان بہ رامائڻ جو پاٺ ڪري ٿو وٺان يا گيتاجِي جو پاٺ ڪري ٿو ڇڏيان مطلب تہ ست سنگ ٿو ڪريان ۽ نام دان بہ ڏيئي ٿو ڇڏيان وغيره وغيره. پُورڻ سنت کي ئي ست سنگ ڪرڻ يا نام دان ڏيڻ جو حق هوندو آهي. ڪٿا جو مڪمل لاڀ بہ اُهوئي ڏئِي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ پُورڻ سنت جي شبدن ۾ طاقت هوندي آهي. جهڙي ريت سُکديوَ جي شبدن ۾طاقت هئي. جئين ڪو ستسنگ ڪري مثال طور جيئن ڪير انب جي تعريف ڪري چوي تہ انب ڏاڍو مِٺو هوندو آهي ۽ ڦلن جو راجا هوندو آهي، اُن جو رنگ پِيلو هوندو آهي وغيره وغيره. هُن کي ڪير ڪٿي ائين چوي تہ پلا انب ڏي تہ ست سنگ ڪرڻ وارو چوي تہ مون وٽ انب نہ آهي پوءِ وٺڻ وارو چوي تہ انب ڪٿي ملندو؟ هُن کي جواب ملي تہ خبر ناهي ڪٿي ملندو. انب تہ نِراڪار آهي اُهو ڏسڻ ۾ ٿوروئي ايندو آهي. وري وٺڻ وارو چوي تہ بيوقوف جڏهن تو وٽ انب آهي ئي ڪونہ ۽ نہ ئي توکي اها خبر آهي تہ انب ڪٿي مِلندو؟ گڏ چوين ٿو تہ انب نِراڪار آهي تہ پوءِ خوامخواه ايترو شور ڪندو چو ٿو ڦِرين؟ چوڻ جو مطلب آهي تہ بغير تتوَ گيان جي ڪٿا ڪرڻ وارا ۽ ٻُڌڻ وارا ٻئي نرڪ جا حقدار ٿيندا آهن.

جيڪڏهن ڪو انسان پنهنجو پاڻ گرو ٻڻجي چيلا ڪري وٺندو آهي تہ سمجهڻ کپي تہ هو پنهنجو پاڻ تي بوجهہ چاڙهي رهيو آهي. ڇوتہ پرماتما جو اِهو قانون آهي تہ جيستائين چيلو پار نہ ٿيندو تيستائين گرو کي بار بار جنم وٺڻو ئي پوي ٿو.سچا گرو اڌُورن چيلن کان جِند/جان ڇڏائڻ لاءِ اِهڙيون ليلائون ڪندا آهن. جنهن

سان اگياني اڏورن چيلن کي گرو سان نفرت ٿي ويندي آهي. جيئن ڪبير صاحب جڏهن ڪاشِي ۾ ظاهر ٿيا هئا اُن وقت ڪبير صاحب جا 64 لک چيلا ٿي چُڪا هئا. اُنهن جي آزمائش ونڻ لاءِ ڪبير صاحب ڪاشِي شهر جِي هڪ مشهور طوائف کي ستسنگ گيان سمجهائڻ لاءِ هُن جي گهر وڃڻ شروع ڪيو، جنهن کي ڏسي ڪري چيلن جي من ۾ گُرو کان نفرت پيدا ٿي وئي ۽ سڀني جو پنهنجي گُرو کان اعتبار ٽُٽي پيو. صرف ٻن کي ڇڏي باقي سڀ ٻي گُرا ٿي ويا. جنهن جو ثبوت سنت گرو غريب داس جي مهاراج جي واڻي ۾ آهي ته:

**چنبالِي ڪي چوڪ ۾ ،ستگُرو بيٺي جائي ، چوسٺ لاک غارت گئي ، دو رهي ستگرو پائي .**

**ڀڙوا ڀڙوا سڀ ڪهين ،جانَت نهين ڪوج ، داس غريب ڪبير ڪرم سي، بانٽت سر ڪا بوج.**

اسان توهان کان هِي عرض ڪرڻ چاهيو ٿا ته سوچي ويچاري سودو ڪريو. سام ويد جي شلوڪ نمبر 822 ۾ ٻُڌايو ويو آهي ته انسان جِي مُڪتي ٽِن نالن/منترن سان ٿيندي. پهريون **اوم** ٻيو **تت** (ست نام)۽ ٽيون **ست**(سار نام). اِنهن جو پرماڻ گيتا ۾ ڏيئي ٿِي ته **اوم، تت، ست** ۽ شِري گرو گرنٿ صاحب ۾ ٻه اِهوئي ستنام جو اِشارو ڏنل آهي. ست نام - ست نام ڪو جپڻ جو نالو نه آهي. هِي هُن نالي جي طرف اِشارو ڪيل آهي جيڪو هڪ سچو نام آهي. اِنهي وانگر هڪ اوم منتر ٻه ڪنهن ڪم جو ناهي، اِهي ٽيئِي نالا (نام) دان ڪرڻ جو حُڪم منهنجي گرو ديوَ سوامِي رامديوانند جِي مهاراج طرفان بخشش آهن.جيڪو ڪبير صاحِب کان پيڙهِي در پيڙهي هلندو آيو آهي. پهرين توهان ست سنگ ٻُڌو ۽ سيوا ڪريو جنهن سان توهان جو ڀڳتي روپي فصل تيار ٿي ويندو.

**مانُش جنم پائي ڪي، جو نهين رٽي هري نام ،**
**جيسي ڪُنوان جل بنا، بنوايا ڪِـس ڪام.**
**ايک هرِي ڪي نام بِنا، يه راجا رشڀ (خچر)هو.**
**ماٽِي ڍووي ڪُنڀار ڪِي ، گهاس نه ڊالي ڪو.**

اُن کان پوءِ پنهنجِي سنواريل ٻني ۾ ٻج پوکٽو آهي. شاسترن (ڪبير صاحب جِي واڻي، ويد، گيتا، پُراڻ، ڌرم داس صاحِب وغيره سنتن جي واڻِي) پڙهڻ سان مُڪتِي نه ملندي. اِنهن سڀني شاسترن جو هڪ ئي سار(نچوڙ) آهي ته پُورڻ مُڪتي جي لاءِ پُورڻ پرماتما ڪبيرصاحب جي نمائيندي (جنهن کي هُن جي گرو طرفان نام

دان ڏيڻ جو حُڪم هُجي ) ڪان نام دان وٺي ڪلياڻ ڪرائڻ ڪپي. جيڪڏهن نالو نہ ورتو تہ :

**نام بنا سُونا نگر، پڙيا سڪل مرشور ،**
**لوٽ نہ لُوٽي بندگي هوگيا هنسا پور .**
**ادلي آرتي ادل اجُوني نام بنا هي ڪايا سُوني .**
**جُهوٽي ڪايا ڪال لوهارا، اِنگلا پنگلا سُشمن دوارا .**
**ڪرت گهني پُولي نر لوئي ،جا گهٽ نِشچئہ نام نہ هوئي.**
**سو نَر ڪِيٽ پتنگ ڀُجنگا، چوراسِي مر ڌر هي انگا .**

جيڪڏهن ٻج پوکيو ناهي تہ آتما رُوپي ٻني جي سنڀال ڪرڻ بيڪار آهي. چوڻ جو مقصد تہ اِنهن شاستر ن مان توهان ڪي گيان ٿيندو، جيڪو لازمي آهي پر پُورڻ گُرو ڪان نام دان رُوپي ٻج بيحد ضرورِي آهي. منتر (نام) بہ اُهوئي جپڻو آهي جيڪو گرو نانڪ صاحب، ،غريب داس جِي صاحب ۽ ڌرم داس جِي صاحب وغيره سنتن جپيو هو. اُن ڪان علاوه ٻين نالن سان مُڪتِي نہ ٿيندي. اِنهي لاءِ توهان سيڻي ڪي نام اُپديش وٺي پنهنجو ڀڳتي رُوپي ڌن جوڙڻ شروع ڪرڻ ڪپي ۽ ٻين سيڻي انسانن ڪي ٻُڌائڻ گهرجي تہ جيترو جلدِي ٿِي سگهي اوترو جلدِي ڪرڻ ڪپي،چوتہ ڪهڙِي خبر ڪڏهن ۽ ڪنهن وقت هِن جِسم جي پُوري ٿيڻ جو وقت اچِي وڃي. گرو نانڪ صاحب بہ فرمائين ٿا تہ :

**نہ جاني ڪال ڪِي ڪر دارِي ، ڪِس وِڌِي ڍل جا پاساوي،**
**جِنهان دي سِر تي موت کڑ گدِي، اُنهانُون کهڙا هاسا وي.**

ڪبير صاحِب فرمائين ٿا تہ :

**سوانس اُسوانس مرنام جپو، وئرٿا سانس مت کو،**
**نہ جاني اس سوانس ڪا، آون هو ڪي نہ هو .**
**ستگرو سو ئي جو سار نام درڑاوي، اور گُرو ڪوئي ڪام نہ آوي .**
**سار نام بِنا پُرش (ڀِگوان ) دُروهِي.**

مطلب جيڪو گُرو سار نام ۽ سار شبد نٿو ڏئي يا هُن ڪي پنهنجي گُرو طرفان نام دان ڏيڻ جو حُڪم ناهي، مطلب شاسترن جي پڙهڻ سان جيڪڏهن ڪو من مُکي ٿي چوي تہ مان بہ نام دان ڏيان ٿو تہ هُن گرو ۽ اُنهن چيلن ڪي نرڪ مر اُلٽو

لٽڪايو ويندو. اُهو گُرو ڀڳوان جو دُشمن آهي. اُنهن جي چيلن کي نرڪ ۾ اُلٽو لٽڪايو ويندو. اڄڪلهہ ڀڳت سماج ۾ نقلي گروئن جي هڪ غلط افواهہ ڦهلايل آهي تہ هڪ دفعو گُرو ڪرڻ کان پوءِ وري گُرو بدلائڻ نہ کپي.

ٿورو سوچ ويچار ڪري ڏسو تہ گُرو اسان جي جنم ۽ موت رُوپي روگ (بيماري) کي ڪٽڻ وارو ڊاڪٽر آهي. جيڪڏهن هڪ ڊاڪٽر کان اسان جي بيماري جو علاج نہ ٿو ٿئي تہ لازمي ٻئي ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پوندو جنهن سان اسان جي موت جو ڪارڻ بڻجندڙ بيماري ختم ٿئي. ڌرم داس جي صاحب جا پهريان گُرو شري رُوپ داس جي هئا پر جڏهن ڌرم داس جي کي خبر پئي تہ هي گُرو پُورڻ مُڪتي ڏيندڙ نہ آهي تہ هڪدم ڇڏي پُورڻ برهم ست پُرش ڪبير صاحب کي پنهنجو گُرو بڻايو ۽ پُورڻ موڪش ست لوڪ ۾ حاصل ڪيو. انهي وانگر اڌورن گروئن کي جلد کان جلد ئي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

**جُهوٽي گُرو کي پڪش (طرف) کو ،تجت نہ ڪيجيئي واري.**

## "گُرو ۽ نام(منتر)جي مهما جي واڻي"

سنت غريب داس جي مهاراج پنهنجي واڻي ۾ فرمائين ٿا تہ :

**بن اُپديش اچنب هي،ڪيُون کر جيوَت هي پراڻ،**
**بن ڀڳتي کهان ٺور هي ، نَر نهين پاشاڻ .**
**ايڪ هري کي نام بنا، ناري ڪُتيا هو،**
**گلي گلي ڀُونڪت، ڦري ٽُوڪ نہ ڊالي کو .**
**بيبي پردي رهي تي، ديوڙي لگتي بار،**
**گات اُگهاڙي ڦرتي هي ،بَن ڪُتيا بجار .**
**نڪ بيسر نڪ سي بني، پهرت هار هميل،**
**سُندري سي ڪُتيا ڀئي، سُن صاحب کي کيل**

ڪبير صاحب جي مهاراج پنهنجي واڻي ۾ فرمائين ٿا تہ :

**ڪبيرا، هري کي نام بنا، راجا رشب هوئي،**
**ماٽي لدي ڪُنيار کي ،گاس نہ ڊالي کو ئي .**
**ڪبيرا، رام ڪرشن سي ڪونَ بڙا،اُنهون ڀي گُرو ڪينَ،**
**تين لوڪ وه ڌڻي، گرو آگي آڌين .**

ڪبيرا، گرڀ يوگيشوَر گرو بڻا، لاڳا هرِي ڪي سيوَ،
ڪهي ڪبير سورگ سي، ڦير دِيا سُک ديوَ .
ڪبيرا راجا جَنَڪَ سي نام لِي، ڪِينهي هرِي ڪِي سيوَ.
ڪهي ڪبير بئڪُنٺ ۾ اُلٽ ملي سُک ديوَ .
ڪبيرا، ستگُرو ڪي اُپديش ڪا لايا ايڪ ويچار،
جي ست گُرو ملتي نهين، جاتا نرڪ دُوار .
ڪبيرا، نرڪ دُوار ۾ دُوت سڀ ڪرتي کينچا تان،
اُن تي ڪبهُون نہ ڇُوٽتا ڦرتا، چارون کان .
ڪبيرا، چار کانِي ۾ ڀرمتا ڪبهون نہ لگتا پار،
سوڦيرا سڀ مِٽ گيا ستگُروڪي اُپڪار .
ڪبيرا، سات سمندر مسِي ڪرُون لِکنِي ڪرُون بن رائي،
ڌرتِي ڪا ڪاغذ ڪرُون گُرو گڻ لِکا نہ جائي.
ڪبيرا، گُرو بڙي گوبند سي من ۾ ديک ويچار،
هرِي سُمري سو رهہ گئي، گُرو ڀجي هُوئي پار .
ڪبيرا، گُرو گوبند دونُون کڙي، ڪِس ڪي لاگُون پائي،
بلهارِي گُرو آپڻي جِن گوبند دِيا مِلائي .
ڪبيرا، هرِي ڪي رُوٺتي ،گرو ڪِي شرڻ ۾ جائي ،
ڪهہ ڪبير گرو رُوٺتي ، هرِي نهِين هوت سهائي

## ”نام(منتر) ڪهڙي رام جو جپڻ گهرجي ؟“

گيتا جي اڌياءِ 15 جو شلوڪ 16

دوئِــو، اِمو، پُرشــو، لوڪي، شره، چہ، اڪشره، ايوَ،
چہ، شره، سرواڻِي، ڀهوتاني، ڪُٽستہ، اڪشره، اُچئتي .

**سمجهاڻِي :-** هِن سنسار ۾ ٻن قسمن جا ڀڳوان آهن، هڪ ناشوان(فاني) ۽ ٻيو اوناشِي (لافاني). انهن ٻنهي ڀگوانن جي لوڪن ۾ رهندڙ سيني پُوت پراڻين (سڀ مخلوق) جا جِسم تہ ناشوان/فنا آهن ۽ جِيوَ آتما اويناشِي/ لافاني چئي وئي آهي. گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 17.

اُتــم،پُـرش، تُـو، انيـئہ، پرماتمـا، اِتـِي، اُڌارتــي،
يــہ، لوڪــتِريم، اويـشئي، بيـــيرتِي، اويـئہ، ايـشوره .

**سمجهاڻي** :- اُتم ڀڳوان نہ کو ٻيوئي آهي، جيڪو ٽنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سڀني جو پالڻ پوشڻ (سارسنڀار) ڪندو آهي. اويناشي پرماتما اِهڙي طرح چيو ويو آهي.

ڪبير، اڪشر پُرش ايڪ پيڙ هئ، نرنجن وا ڪي ڊار،
تِري ديوا (برهما،وشڻو،شِو) ساخا ڀئي، پات رُوپ سنسار.

ڪبير، تِينَ ديوَ ڪو سب ڪوئي ڌياوي، چوٿي ديوَ ڪا مرم نہ پاوي،
چوٿا ڇوڙ پنچم ڌياوي، ڪهي ڪبير سو هم ري آوي.

ڪبير، تِين گُڻن ڪي ڀڳتي ۾، ڀولي پڙيو سنسار،
ڪهي ڪبير نِج نام بِن، ڪيسي اُتري پار.

ڪبير، اوم ڪار نام برهم (ڪال) ڪا، يہ ڪرتا مت جانَ،
سانچا شبد ڪبير ڪا، پردي مانهين پهچانَ.

ڪبير، تِين لوڪ سب رام جپت هين، جانَ مُڪتي ڪو ڌام،
رامچندر وشِشٽ گرو ڪِيا، تِن ڪهيو سُنايو نام.

ڪبير، رام ڪرشن اوتار هين، اِن ڪا ناهين سنسار،
جِن صاحب سنسار ڪيا، سو ڪِنهُون نہ جنميا نار.

ڪبير، چار ڀُجا ڪي ڀجن ۾، ڀولي پڙي سب سنت،
ڪبيرا، سُمري تا سون ڪو جا ڪي ڀُجا اننت.

ڪبير، وشِشٽ مُنِي سي تتويتا گياني، شڌ ڪر لگن ڌري،
سيتا هرڻ مرن دشرٿ ڪو، بَن بَن رام ڦري.

ڪبير، سمندر پاٽ لنڪا گئي، سيتا ڪو ڀرتار،
تاهي اگست منِي پِي گيو، اِن ۾ ڪونَ ڪرتار.

ڪبير، گووَرڌن ڪرشن جي اُٺايا، دُرونا گري هنومنت،
شِيش ناگ سب سرشٽي اُٺائي، اِن ۾ ڪونَ ڀگونت.

غريب، دُرواسا ڪو پي تهان، سمجه نہ آئي نيچ،
ڇپن ڪوڙي يادوَ ڪٽي، مچي رُدر ڪي ڪِيچ.

ڪبير، ڪاٽي بنڌن وِپتي ۾، ڪٽن ڪِيا سنگرام،
ڇينهو ري نَر پراڻيا، گُرڙ ٻڙو ڪي رام.

ڪبير، ڪهي ڪبير چِت چيتو، شبد ڪرو نِروار،
شِري رامچندر ڪو ڪرتار ڪهت هي، ڀُول پڙيو سنسار.

کبير، جن رام، کرشن، نرنجن کيا، سو تي کرتا نيار ،
انڌا گيان نہ بُوجهہ هِي ، کهي کبير ويچار .
کبير، تين گڻ (برهما،وشڻو،مهيش)کي يگتي ۾، ڀُول پڙيو سنسار ،
کهي کبير نِج نام بنا ، کيسي اُترو پار .

## سنت رامپال جي مهاراج جي رچيل واڻي :

يُڌ جيت کر پانڊوَ خوش هُوئي اَپار ، اندر پرست کي گدِي پر يُڌيشٽر کا راج .
ايک دِن ارجُن پُوڇتا،سُنو کرشن ڀگوان،ايک بار ڦِر سُنا دو نِرمل گِيتا گيانَ .
گهمشان يُڌ کي کارڻي ڀُول پڙي هي موهي ، جيُون کا تيُون کهنا ڀگوان تِنک نہ انتر هوئي
رِشي مُني اور ديوتا سب رهي تُم کائي، اُن کو بِي نهين ڇوڙا آپ ني ، جو رهي تُمهاري گُڻ گائي.
کرشن بولي ارجُن سي يہ غلطي کِيُون کِينَ، ايسي نِرمل گيان کو ڀُول گيا بُڌِي هِينَ .
اب مُجهي کُڇ ياد نهين، ڀُول پڙي نِدان،جيُون کا تيُون اُس گيتا کا، نهِين کرسکتا گُڻ گانَ.
سوئيم کرشن کو ياد نهين ،اور ارجُن کو ڌمکاوي، بُڌِي کال کي هاٿ هي ،چاهي ترِلوکِي ناٿ کهائي.
گيان هِينَ پرچار کا ،گيان کٿين دِن رات، جو سب کو کاني والا کهي اُسي کي بات.
سب کهين ڀگوان کِرپالُو هئہ، کِرپا کري دِيال،جِس کي سب پُوجا کرين وهي سوئيم کهي مين کال.
مــاري کاوي سب کو، وي کيسا، کِرپال ، کُتي، گدي، سُوئر بنائي، ڦِـر ڀِـي دِيـن ديال .
رام پال سانچِي کهي، کرو وويک ويچار ، ست نام اور سار نام يهِي منتر هي سار.
کبير همارا رام هي ، وهِي هي دِين ديال ، سنکٽ موچن کشٽ هرڻ، گُڻ گاوي رامپال .

## سنت رامپال جي مهاراج جي رچيل واڻي:

بِرهما ، وِشنو، شِو هين ، ٽِين لوڪ پرڌان، اَشٽنگِي اِن ڪِي ماتا هي ، اور پِتا ڪال ڀڳوان .

ايڪ لاک ڪال نِت ڪاوي سِينا تاڻ،بِرهما بناوي وِشڻو پالي ، شِوَ ڪر دي ڪلياڻ

ارجُن دِرَ ڪي پوڇتا ، يہ ڪونَ رُوپ ڀڳوان، ڪهي نِرنجن مين ڪال هُون ، آيا سڀ ڪو ڪاڻ.

بِرهم نام اُسِي ڪا ، ويد ڪري گُڻ گاڻ،جنم مرن چوراسِي ، يہ اُس ڪا سُوئيڌان .

چار رام ڪِي ڀڳتِي ۾ ، لگ رها سنسار ، پانچوين رام ڪا گيان نهِين ، جو پار اُتارن هار .

بِرهما وِشنو شِوَ تِينو گُڻ هي ، دُوسرا پرڪرتِي ڪا جال، لاک جِيوَ ڀڪشڻ ڪري ، رام تِيسرا ڪال .

اڪشر پُرش رام چوٿا ، جِيسي چندرما جانَ،پانچوان رام ڪبير هي ، جيسي اُديہ هُوئا ڀانَ.

رامديوانند گُرو جِي ، ڪر گئي نظر نهال،ست نام دِيا خزانا، ڀرتي رامپال

## “نام( دِڪشا) وٺڻ وارن ڀڳتن لاءِ ضروري هدايتون. ”

1. **پُورڻ گرو جي سُڃاڻپ**:- اڄ ڪليُگ ۾ ڀڳت سماج جي سامهون پُورڻ گرو جي سڃاڻپ ڪرڻ سڀ کان مشڪل سوال ٿي چُڪو آهي. پر هِن جو بِلڪُل آسان جواب هي آهي تہ جيڪو گُرو شاسترن جي مُطابق ڀڳتي ڪندو آهي ۽ پنهنجي چيلن (پوئيلگن) کي بہ ڪرائيندو آهي . اهوئي پُورن سنت پُورو گُرو آهي. جيتوڻيڪ ڀڳتي مارگ جو قانون ڌارمِڪ شاستر (ڪبير صاحب جِي واڻي ، نانڪ صاحب جِي واڻي ، سنت غريب داس جِي واڻِي ، سنت ڌرم داس صاحب جي واڻي ، ويد ، گيتا )آهن. جيڪو سنت شاسترن جي مطابق ڀڳتي ساڌنا ٻُڌائي ٿو ۽ ڀڳت سماج کي بہ مارگ درشن (راهہ ڏيکارڻ) ڪري ٿو تہ اُهوئي پُورن سنت آهي نہ تہ هُو ڀڳت سماج جو وڏو دُشمن آهي. جيڪو شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا ڪرائي رهيو آهي اُهو هِن انمول انساني جنم سان کِيڏي رهيو آهي. اهڙي گرو يا سنت کي ڀڳوان جي دربار ۾ گهور نرڪ ۾ اُلٽو لٽڪايو ويندو. مثال طور جيئن ڪو اُستاد سبق کان ٻاهرجِي تعليم ڏئي ٿو تہ هُو شاگردن جو دُشمن آهي. گيتا اڌياءِ 7 جو شلوڪ نمبر 15.

**نہ مام دُشڪرتينہ موڍها ،پرپ دهنتي نرادهما،**

**مــايا ،اپ هــرت گــيانا ، آســورم بهاوم آشريتِ.**

**سمجهاڻي:-** مايا سان جن جو گيان هيرجِي(کسجِي) ويو آهي، اِهڙن راڪشس لڇڻن کي ڌارڻ ڪيل انسانن مان نِيچ ، بُرا ڪم ڪرڻ وارا مُورک (بيوقوف) منهنجِي پُوجا بہ نٿا ڪن مطلب هو ٽِن گُڻن ( رجو گُڻ بِرهما ، تمو گُڻ شنڪر، ستو گُڻ وِشڻو) جِي پُوجا ڪندا رهندا آهن

. يجُر ويد اڌياءِ نمبر 40،شلوڪ نمبر 10 .(سنت رامپال داس جِي مهاراج جِي ڏنل سمجهاڻِي).

**انــيہ ديــواهُو سمبوادنيهــداهورسمبــهـــوات ،**

**اِتي شوشرم دهيراڻام يہ نستدوِج چچڪيشري .**

**سمجهاڻي:-** پرماتما جي متعلق سامانيت نِراڪار مطلب ڪڏهن بہ نہ پيدا ٿيڻ وارو چون ٿا ۽ ٻئي آڪار ۾ مطلب جنم وٺي اوتار رُوپ ۾ ايندڙ چون ٿا، جنهن ڪي پُورڻ گياني چڱي طرح سان ٻُڌائين ۽ سمجهائين ٿا، ان ڪي اهڙي طرح صحيح طور تي برابر رُوپ سان جِيئن جو تيئن (در حقيقي) الگ الگ رُوپ ڪان پِرتيڪش (چشمديد) گيان ڪرائيندا آهن.

گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ نمبر 34 ،

**تت، وڌي ،پرڻي پاتين، پريپرشنين، سيويہ،**

**اُپديش ينتي،تي، گيانم ،گيانين،تتو درشنہ.**

**سمجهاڻي:-** اُن ڪي سمجهہ پُورڻ پرماتما جي گيان ۽ سماڌان (قانون) ڪي سمجهڻ وارن سنتن ڪي چڱي طرح سان ڊنبوت پرڻام (سِجدو) ڪرڻ سان هُن جِي سيوا ڪرڻ سان ۽ چالاڪي ڪپٽ ڇڏي آسانيِ سان سوال جواب ڪرڻ سان هُو پرماتما جي راز ڪي چڱي نموني ڄاڻڻ وارا گيانيِ مهاتماجَن توڪي هُن تتوَ گيان جو اُپديش ڏيندا.

2. **نشہ آور شين جو استعمال منع آهي:-** حُقو، بيڙي، تماڪ، ٻيڙِي ، سگريٽ ، سُلفو ، ناس ، نسوار، گُٽڪو ، گوشت ، مڇي ، بيدو ، شراب ، آفيم ، ڀنگ ، گانجو وغيره وغيره مطلب سيني نشہ آور شين جو استعمال تہ ڇا پر ڪنهن ڪي آڇي بہ نہ ڏيٽيون آهن . بندي ڇوڙ غريب داس جِي مهاراج اِنهن سيني نشي وارين شين ڪي تمام گهڻو خراب ٻڌائيندي پنهنجي واڻي ۾ فرمائين ٿا تہ:

**سُراپان مد مانسا هارِي ،گمن ڪري ڀوگي پر ناري ،**

**سترِ جنم ڪٽت هئہ شيشم ، ساڪشِي صاحب هي جگديشم.**

**پر دُوارا استرِي ڪا ڪولي ، ستر جنم انڌا هو ٻولي ،**

**مدرا پِيوي ڪڙوا پاني ، ستر جنم سُوان ڪي جاني .**

**حُقا هردم پِيوتي ، لال ملاوي ڏُور ، اِس ۾ سنسي هئہ نِهين ، جنم پِڇلي سُور.**

**سئو نارِي جارِي ڪري ، سُراپان سئو بار، ايڪ چلم حُقا پِري ، ڊُوبي ڪالِي ڌار .**

**سُوئر گئُو ڪو ڪات هي ، پگتي ڀھُونہ راڌ ، ڀانگ تماڪُو ڪا گئي سو چابت هئہ هاڌ .**

**ڀانگ تماڪو پيوتي سُراپان سي هيت ، گوشت مٽي ڪائي ڪر، جنگلي بنين پريت .**

**پان تماڪُو چابي ، ناس ناڪ ۾ ديت ، سو تو اِيراني گئي ، جِيُون پڙيُجِي ڪا ريت .**

**ڀانگ تماڪُو پيوي گوشت گلا ڪباب ، مور مِرگھ ڪو پڪت هين ، دينگي ڪهان جواب**

**3. تِيرٿن تي وڃڻ منع آهي:-** ڪنهن بہ قسم جا ورت نہ رکڻا آهن ، نہ تيرٿ ياترا ڪرڻي آهي، نہ ڪو گنگا سنان وغيره ڪرڻو آهي ، نہ وري ڪنهن ڌارمِڪ جاءِ تي سنان لاءِ يا درشن ڪرڻ لاءِ وڃڻو آهي نہ ئي ڪنهن بہ مندر يا اِشٽ وغيره ڌام تي پُوڄا ۽ ڀڳتي جي مقصد سان وڃڻو آهي تہ هِن مندر ۾ ڀڳوان آهي. ڀڳوان ڪو جانور ناهي جنهن کي پُوڄارِي مندر ۾ ٻڌِي رکيو هُجي. ڀڳوان تہ ڪڻ ڪڻ ۾ سمايل آهي ۽ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. اِهي سڀئي پُوڄائون شاسترن جي خلاف (اُبتڙ) آهن. ٿورو غور ڪري ڏِسو تہ هي سڀ تِيرٿ آستان جيئن جگن ناٿ جو مندر ، بدرِي ناٿ ، هرِي دُئار ، امرناٿ ، وِشنُوديوِي ، ٻِرندابَن، مٿُرا ، برساڻا، ايوڌيا رام مندر ، ڪاشِي ڌام ، ڇُٻاڙِي ڌام ، گرو دُوارا ، چرچ ، اِشٽ ڌام وغيره اهڙا هنڌ آهن جتي سنت مهاتما رهندا هئا ، اُهي اُتي پنهنجِي ڀڳتي ساڌنا ڪري پنهنجي ڀڳتي رُوپي ڌن جِي ڪمائي گڏ ڪري شرير ڇڏي پنهنجي اِشٽ ديوَ جي لوڪن ۾ هليا ويا. اُن ڪان پوءِ اُن جي يادگارڪي بطور ثبوت رکڻ جي لاءِ اُتي ڪنهن تہ مندر ، ڪنهن گرو دُئارو ، ڪنهن ڌرم شالا وغِيره ٺاهيا تہ جيئن هُن جِي يادگيرِي قائم رهي ۽ اسان جهڙن حقِير انسانن کي بہ

ثبوت ملندو رهي تہ اسان کي بہ اهڙا ئي ڪم ڪرڻ گهرجن جهڙا ڪم اُنهن مهان آتمائن ڪيا . اُهي سيئي ڌارمڪ آستان اسان سيني کي اِهوئي پيغام ڏين ٿا تہ جهڙي ڀڳتي ساڌنا اُنهن نامور سنتن مهاتمائين ڪئي هئي اِهڙي ئي اسان بہ ڪريون. اهڙي ريت توهان اُنهي طريقي سان ساڌنا ڪرڻ ۽ ٻُڌائڻ وارن سنتن جي تلاش ڪريو ۽ پوءِ جيئن هُو چوَن تيئن ڪريون پر اُنهن جي برعڪس اُنهن آستانن جي پُوجا شروع ٿي ويئي جيڪا بلڪل غلط آهي ۽ شاسترن جي ورُوڌ (خلاف) آهي. اُهي سيئي جايون تہ هڪ اِهڙي جاءِ جي برابر آهن جتي ڪنهن حلوائِي مٺائِي ٺاهڻ جي ڀٺِي لڳائي جليبي ، لڏون وغيره ٺاهي پاڻ ڪائي ۽ پنهنجي ساٿين کي ڪارائي هليو ويو هُجي. هاڻ نہ اُتي ڪو حلوائي آهي ۽ نہ ئي مٺائِي آهي اُتي صرف اُها ڀٺي ئي آهي . هُو نہ تہ اسان کي مٺائِي ٺاهڻ سيکاري سگهي ٿي ۽ نہ ئي ڪارائي سگهي ٿي. هاڻي جيڪڏهن ڪير چوي تہ اچو مان توهان کي اُها ڀٺِي ڏيکاري اچان جتي هڪ حلوائِي مٺائِي ٺاهيندو هو، هلو هلون ٿا. اُتي وڃِي ڀٺِي ڏسِي ۽گڏو گڏ ست چڪر ڪيدي آيا، ڇا توهان کي مٺائِي ملي ؟ ڇا توهان کي مٺائِي جو طريقو ٻُڌائڻ وارو حلوائي مليو ؟ اِنهي لاءِ توهان کي انهي جهڙو حلوائي تلاش ڪرڻو پوندو جيڪو سڀ سان پهرين توهان کي مٺائِي ڪارائي ۽ ٺاهڻ جو طريقو پڻ ٻُڌائي ، پوءِ جئين هُو چوي ائين ئي ڪجي ٻيو ڪجهہ بہ نہ .

ٺيڪ ساڳئين نموني تيرٿ آستانن جي پوجا نہ ، بلڪ اِهڙن ئي سنتن جي تلاش ڪريو جيڪي شاسترن جي مطابق پُورڻ پرماتما ڪبير صاحب جي ڀڳتي ڪندا ۽ ٻُڌائيندا هُجن ، پوءِ جيئن اُهي چوَن صرف اُهوئي ڪجي پنهنجي من ماني نہ ڪجي.

سام ويد سنڪيا نمبر 1400، اُتارچڪ اڌياءِ نمبر 12، ڪنڊ نمبر 3، شلوڪ نمبر 5 (سنت رامپال داس جي مهاراج جي مُطابق سمجهاڻِي).

**پدرا وسترا سمنيہ اوسانو مهان ڪوير نوچناني شنسنِ،**

**آوچيہ سوَ چموه پُيہ مانو وچڪشٹو جاگر ويرديو ووِيتو.**

**سمجهاڻي:-** چالاڪ ماڻهن پنهنجِي عقلمندي سان پُورڻ پرماتما جِي پُوجا جو سچو مارگ درشن نہ ڪري امرت جِي جاءِ تي ٻين ديوتائن جِي پوجا (جئين پُوت پُوجا، پتر پوجا، شراڌ ڪيڻ ، ٽِن گُڻن ( رجگُڻ بِرهما، ست گڻ وِشٹو ۽ تمو گڻ شنڪر ) جِي پُوجا ۽ برهم/ڪال جِي پُوجا ، مندر ، گرو دُئارن ، چرچ ۽ تيرٿ ، اُپواس تائين جي ساڌنا ) رُوپي قوڙن ۽ گهاوَ ن مان نڪتل مواد جو احترام ۽ پوجا ڪرائي رهيا

هوندا آهن . اُن کي پرم سُکدائيک (عظيم سُک ڏيندڙ) پُورڻ بِرهم ڪبير پرميشور سهه شرير يعني جسم ساڻ (عام لباس جنهن کي سنت جي ٻولي ۾ چولو به چئبو آهي ، جيئن ڪو سنت شرير ڇڏي ويندو آهي ته چوندا آهن مهاتما جي چولو ڇڏي ويا) ست لوڪ واري شرير جي برابر ٻيو تيج پُنج جو نُورِي شرير ڌارڻ ڪري ، عام انسان وانگر زندگي گذاري ، سادو ويس اختيار ڪري ، ڪجهه ڏينهن سنسار ۾ رهي ڪري ، پنهنجي شبد ۽ ساکين جي ذريعي پنهنجي تتوَ گيان جو پرچار ڪري پُورڻ پرماتما جي لڪيل اصلي سچي گيان ۽ ڀڳتي مارگ کي اُجاگر ڪن ٿا.

گيتا اڌياءِ 16 شلوڪ 23

**يه، شاستر وِڌيم، اُتسرجيه، وَرتتي، ڪام ڪارتهِ.**
**نهِ سه، سِڌيم، اواپنوتي، نهِ، سُکُم، نهِ، پرام، گتِيمُ**

**سمجهاڻي:-** جيڪي انسان شاستر جي ڄاڻ مطابق نٿا هلن ۽ پنهنجِي من مرضي مطابق ڪرم ڪن ٿا، اُنهن کي نه سِڌِي ، نه سُک ۽ نه ئي پرم گتِي حاصل ٿيندي آهي .

گيتا اڌياءِ 6، شلوڪ 16 .

**نه ، اِتي، اشرنته، تُو، يوگ، استِي، نهِ، چهِ، ايڪانَتم ،**
**انشرنته،نهِ، چهِ، اتِي، سوَپنشِيلسيه،جاگرته، نهِ، ايوَ، چهِ، ارجُن.**

**سمجهاڻي:-** اي ارجُن ! هِي يوگ مطلب ڀڳتي نه ته وڌيڪ کائڻ واري جِي ، نه بلڪل نه کائڻ واري جِي ، نه ايڪانت جاءِ تي آسڻ لڳائي ساڌنا ڪرڻ واري جِي ، نه وڌيڪ سُمهڻ واري جِي ۽ نه ئي سدائين جاڳڻ واري جِي ڪامياب ٿيندي آهي .

## امرت واڻِي

**پوجي ديوي ڌام کو، شِيش هلاوين جو ، غريبداس سانچِي کهي ،حد ڪافرهين سو.**

**گنگا ڪِناري گهر ڪري ، پِيوي نِرمل نِير، مُکتي نهِين هرِي نام بِنا، ست گرو کهي ڪبير.**

**ڪبير ،تيرٿ ڪر ڪر جگ مُوا ، اوندي پاڻِي نهائي ، رام هِي نام نه جپا ڪال گهسِيٽي جائي.**

**غريب ، پِيتل هِي ڪا ٿال ، پِيتل هِي ڪا لوٽا ، جڙ مُورت ڪو پُوجتي آوي گا ٽوٽا.**

**غريب، پيتل چمچا پوجِيئي ، جو ٿالپروسي ،جڙ مورت ڪِس ڪام ڪِي ، مت رهو پروسي.**

**ڪبير ، پربت پربت مئين ڦِريا ، ڪارڻ اپني رام ، رام سرِيکي جَن ملي ، جِن ساري سب ڪام.**

4. **پِتر پُوجا منع آهي** :- ڪنهن بہ قسم جي پِتر پُوجا ، شراڌ ڪيڻ وغيره ڪجھ بہ نہ ڪرڻو آهي. ڀڳوان شِري ڪِرشن جِي بہ اِنهن پِترن ۽ ڀوتن جِي پُوجا ڪرڻ جِي صاف منع ڪئي آهي.

گيتا اڌياءِ 9 جي شلوڪ 25 ۾ ٻُڌايل آهي تہ:-

**يانتِي، ديوَ ورتا، ديوانُ، پِترُن،يانتِي، پِتروَرتاهَ،**
**ڀُوتاني، يانتِي، ڀوتيجيا، يانَتِي، مَدياجِنہ اَپِي، مام .**

**سمجهاڻِي:-** ديوتائن ڪي پُوجڻ وارا ديوتائن ڪي پراپت ٿيندا آهن ، پِترن ڪي پُوجڻ وارا پِترن ڪي پراپت ٿيندا آهن ، ڀُوتن ڪي پُوجڻ وارا ڀُوتن ڪي پراپت ٿيندا آهن ۽ منهنجِي پُوجا ڪرڻ وارا مونکي پراپت ٿيندا آهن. بندِي ڇوڙ غريب داس جِي مهاراج ۽ ڪبير صاحب جِي مهاراج فرمائين ٿا تہ:-

**غريب. ڀُوت رمي سو ڀُوت هئہ ، ديوَ رمي سو ديوَ ، رام رمي سو رام هي ، سُنو سڪل سُر ڀيوَ**

اِنهِي ڪري هُن پُورڻ پرماتما جِي ڀڳتي ڪريو جنهن سان پُورڻ مُڪتِي ملي ، اُهي پرماتما پُورڻ بِرهم (ست پُرش) ست ڪبير آهن. اُن جو ثبوت گيتاجِي جي اڌياءِ 18 جي شلوڪ 46 ۾ آهي تہ:-

**يَتہ ، پـروَرترِڀُوتانام،يين، سَر وَ ميـدَم، تَتَمُ،**
**سوَ ڪرمَڻا، تَمڀيچريہ، سِدم، وندتِي مانوَه 46**

**سمجهاڻِي:-** جنهن پرميشور سان سڄي سنسار جي ساهوارن جِي پيدائش ٿي آهي ۽ جنهن ۾ هِي سارو جڳت سمايل آهي ، هُن پرماتما جي پنهنجي سياوِڪ مطلب هٺ يوگ نہ ڪري سنسار جو ڪم ڪار ڪندي پُوجا ڪري ٿو اُهو اِنسان پرم سِدي کي حاصل ڪندو آهي.

گيتا اڌياءِ 18 شلوڪ 62:-

**تمـيوَ شرـڻم گـڇ روَ ڀــــاويـن ڀــــارت،**
**تت پرسادات پرام، شانتِم سٿانم پراپسيسِي شاشوَتم62**

**سمجهاڻي:-** اي پارٿ ونشي ارجُن! تُون سڀ پرڪار(هرطرح) سان هُن پرميشور جِي شرڻ ۾ وڃ . هُن جِي ئي مهر سان تُون پرم شانتِي ۽ اويناشِي پرم پد کي حاصل ڪندين.

سروپاوَ جو مطلب آهي تہ ٻِي ڪابہ پُوجا نہ ڪري من ، ڪرم ۽ وچن سان هڪ پرميشور ۾ يقين رکڻ.

گيتا اڌياءِ 8، شلوڪ 22 :-

**پُرشہ سہ پرہ پارٿ ڀڪتيا ليہ ستوَنَنيا ،**
**يہ سيانتہ سٿانِي ڀُوتانِي يينَسروَمِدمُ تتم2**

**سمجهاڻي:-** پُرتا نندن ارجُن! سمپُورڻ پراڻِي (سمُورِي مخلوق) جنهن جي انتر گت (ماتحت)آهي ۽ جنهن سان هِي سمُورو جڳت وياپت (سمايل) آهي، اُهو پرم پُرش پرماتما اَننيہ ڀڳتي سان پراپت ٿيڻ لائق آهي.

اننيہ ڀڳتي جو مطلب آهي هڪ پُورڻ پرماتما جي پُوجا ڪرڻ ۽ ٻيو ڪنهن بہ ديوي ديوتا مطلب (رجوگڻ بِرهما، تموگُڻ شنڪر ۽ ستوگُڻ وِشڻو) جِي پُوجا نہ ڪرڻ.

گيتا اڌياءِ 15 جو شلوڪ نمبر 1 کان 4 :-

گيتا اڌياءِ 15، شلوڪ 1:-

**اُرڌوَمُولم، اَڌهہ شاکم،اَشوَتم،پراهُو، اَويم،**
**ڇنداسِي،يسيہ،پرڻانِي،يہ، تم،ويد،سہ ، ويدوِت1**

**سمجهاڻي:-** مٿي جڙ(پاڙ) وارو ۽ هيٺ شاخن وارو اويناشي ڦهليل وڻ آهي، گهوڙي جهڙو مضبوط جنهن جا ننڍا ننڍا حصا يا ٽاريون پَن چيا آهن، اُن سنسار رُوپِي وڻ کي جيڪو چڱي طرح ڄاڻي ٿو ، اُهو سنت پُورڻ گيانِي آهي.

گيتا اڌياءِ 15 جو شلوڪ نمبر 2:-

**اَڌہ، چہ،اُرڌوَم، پرسرُتاہ،تسيہ، شاکاہ، گُڻاپَروَرڌاہ،وِشيپروالا،**
**اڌاہ، چہ، مُولانِي، انُوسنتانِي ، ڪرمانُ، بنڌِينِي، منُشيہ لوڪي2**

**سمجهاڻي :-** اُن وڻ جي هيٺ ۽ مٿي ٽيئي گُڻ رجگڻ-بِرهما ، ستگُڻ – وِشڻو ۽ تمگُڻ شنڪر رُوپِي ڦهليل ، وِڪار ، ڪام ڪِروڌ ، موہ ، لوڀ ، اهنڪار رُوپِي ڪونپل/ٽاريون بِرهما، وِشڻو ۽ شِوَ ئِي هِن جِيوَ (آتما) کي ڪرمن ۾ ٻڌڻ واريون جڙُون مطلب اهم ڪارڻ آهن. جيڪي منُش لوڪ ، سرگ ، نرڪ لوڪ ۽ پرٿوي لوڪ ۾ هيٺ (چوراسِي لک جوڻين ۾) مٿي ڦهلايل آهن.

گيتا اڌياءِ 15 جو شلوڪ نمبر 3 :-

**نــ، رُوپــمـ، اسـيـ،اِهـ، تــٿا، اُپليڀيَـتي، نـ، انـت، نـ، چـ، آدِي، نـ، چـ ،**

**سمپرتيشٺاه، اشوَٿم،اينمُ،سُوِيرُوڍمولمـ ،اسنگشسترين ،دَرڍين،ڇتوا3**

**سمجهاڻي:-** هِن رچنا جِي نـ شروعات آهي ، نـ انت آهي ۽ نـ ئي هِن جو ڪو اِهڙو سروپ/صورتحال مِلي ٿو ۽ هتِي ويچار ڪال ۾مطلب مان جيڪو گيتا گيان توکي ٻُڌائي رهيو آهيان اُن جِي مڪمل معلومات مونکي بـ نـ آهي ڇاڪاڻ تـ سيني برهماندن جي رچنا جِي چڱي طرح سان ڄاڻ ( گيان) مون کي بـ نـ آهي. هُن چڱي طرح هميشـ رهڻ واري مضبوط سروپ واري نرليپ تتوَگيان رُوپي سخت هٿيار سان مطلب نِـرمل تتوَگيان سان وڍي ڪري مطلب نِرنجن جي ڀڳتي کي معمولي سمجِهي.

گيتا اڌياءِ 15 جو شلوڪ 4 :

**تتـ، پدمـ، تتـ، پريماگِرتوَيمـ، يسِيمن، گتا، نـ، نِوَرتنتِي،ڀُويـ**

**تميوَ، چاندمـ، پُروشمـ ، پرپدي، يتـ، پرترتِي، پرسَرتا، پُراڻِي4**

**سمجهاڻي:-** انهي ڪان پوءِ پرميشور جي اُن پرمـ پد جي کوج ( ڳولا) ڪرڻ گُهرجي ، جنهن کي حاصل ڪري انسان ڦيهر سنسار۾ واپس نٿو اچِي ۽ جنهن سان ازل ڪان هلندڙ ڪائنات جي واڌ ٿي رهي آهي. مان بـ هُن آدي پُرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان.

اهڙِي طرح پاڻ ڀگوان شِري ڪرشن، ديوراج اِندر (جيڪو ديوي ديوتائن جو راجا آهي) جي پُوجا ڪرڻ پُڻ ڇڏائي ، هُن پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي ، جنهن ڪارڻ اُنهن گورڌن جبل کي کڻي اِندر جي ڪاوڙ ڪان برِج واسين جي رڪشا ڪئي هئي .

**غريب: اِندر چڙها برِج ڊُبووَن ، ڀِيگا ڀِيت نـ ليوَ،**

**اِندر ڪيدائِي هوت جگت ۾ پوجا کاگئي ديوَ.**

**ڪبير :اِس سنسار ڪو سمجهائُون ڪئِي بار ،**

**پُونڇ پڪڙ کي پيڙ ڪِي ، اُترا چاهي پار.**

## 5.گُرو آگيا جو پالڻ (گرو حڪمـ جي تعميل): - گُرو ديوَ جِي اجازت

بِنا گهر ۾ ڪنهن بـ طرح جو ڌارمِڪ انُوشٽان ( مذهبي رسمـ) نـ ڪرائڻو آهي، جيئن بندِي ڇوڙ ڪبيرصاحِب فرمائين ٿا تـ:-

**ڪبير: گُرو بِن يگيـ هوَن جو ڪرهِي ، مِٿيا جائي ڪبهُون نـ ڦلهِي.**

**ڪبير: گروبن مالا ڦيرتي ، گرو بن ديتي دان ،**

**گرو بن دونُون نشڦل هي ، پُوچو ويد پُراڻ.**

## 6.ماتا مساڻِي (ديوين) جِي پوجا منع آهي:-

پنهنجي ٻنِي وغيره ۾ ٿهيل مڙهي، ڪيڙي يا ڪنهن ٻئي ديوَتا جِي سماڌِي نہ پوڄِي آهي، سماڌِي چاهي ڪنهن جِي بہ هُجي بلڪل نہ پُوڄِي آهي. ٻي ڪا بہ اُپاسنا ناهي ڪرڻِي ،ايتري قدر جو ٽِن گُڻن (بِرهما ،وِشنُو، مهيش)جِي پوجا بہ نہ ڪرڻِي آهي، فقط گُرو جي چوڻ مُطابق ئي ڀڳتي ڪرڻِي آهي.

گيتا ادياءِ 7، شلوڪ15:-

**نہ، مام، دُشڪرتينہ، مُوڍا، پرپدنتي، نِراڌما،**

**مائيا، اپهرت گيانا، آسُورم،ڀاوم، آشرِيتہ 15**

سمجهاڻِي-: مايا جي ذريعي جنهن جو گيان هيرجِي(کسجِي) ويو آهي، اهڙا راڪشس لڇڻ ڪي ڌارڻ ڪرڻ وارا ماڻهو جيڪي نِيچ ۽ دُشٽ ڪرم ڪرڻ وارا مُورک آهن . سي مونکي نٿا پُوڄين مطلب اُهي ٽِن گُڻن (بِرهما،وِشڻو،مهيش) جِي پُوڄا ڪندا رهندا آهن.

**مائِي مساڻي شيب شيتلا ، ڀيروَ ڀُوت هنومنت، پرماتما اُن سي دُور هي، جو اِن ڪو پوجنت.**

**سو ورش تو گُرو ڪِي سيوا ، ايڪ دِن آن اُپاسِي، وہ اپراڌِي آتما، پڙي ڪال ڪِي ڦانسِي.**

**گُرو ڪو تجي ڀجي جو آنا ، تا پسُوا ڪو ڦوڪٽ گيانا.**

## 7. سنڪٽ موچن ڪبير صاحِب آهن:-

ڪرمن جي ڪشٽ (تڪليف) اچڻ تي ڪنهن ٻئي اِشٽ ديوَ يا ماتا مساڻِي وغيره جي پُوڄا ڪڏهن بہ نہ ڪرڻِي آهي ۽ ڪنهن بہ قِسم جِي جهاڙ ڦونڪ وغيره ناهي ڪرائِڻِي . صرف بندي ڇوڙ ڪبير صاحِب جِي پُوڄا ڪرڻِي آهي جو سيني ڏُکن ڪي ڪٽڻ وارو سنڪٽ موچن آهي.

سام ويد سنکيا نمبر 822، اُتارچڪ ادياءِ 3، کند نمبر 5، شلوڪ نمبر8:-

**مِنِيشِيِيهہ،هي پوَتي پُورويهہ ڪوير نِرپِيريَتهہ پرِيڪوشام اسِيشيَدت ،**

**تـرِيتـسيہ نــام جــنيــن مــڌُو شر نــِن درســيہ،وايوم سِڪيايہ ورڌِينَ .**

(سنت رامپال جي مهاراج پاران سمجهاڻِي:-)

سناتن مطلب اويناشي ڪبير پرميشور ڪي دل سان چاهيندڙ ۽ شردا سان
ڀڳتي ڪرڻ واري ڀڳت آتما کي ٽِن منترن جو اُپديش ڏئي پويتر ڪري جنم ۽ موت
کان آزاد ڪن ٿا ۽ هُن جا پراڻ يعني زندگي جا ڏينهن جيڪي سنسڪار مطابق
پنهنجي مِتر يعني ڀڳت کي مليل آهن اُنهن کي پنهنجي ڀنڊار سان مڪمل رُوپ سان
وڌائي ڇڏيندا آهن ، جنهن سبب پرميشور جي اصل آنند کي پنهنجي آشيرواد رُوپي
پرساد سان حاصل ڪرائيندا آهن.

**ڪبير: ديوي ديوَ ٺاڍي ڀئي ، هم ڪو ٺوربتائو، جو مُجه (ڪبير) ڪو پوجين نهين ، اُن ڪو لُوٽو کائو.**

**ڪبير، ڪال جو پيسي پِيسنا ، جورا هي پنِيهار ، يہ دو اصل مزُور هين ، ست گرو ڪي دربار.**

. **8 غير ضروري دان منع آهي** :- ڪٿي ۽ ڪنهن کي بہ دان رُوپ ۾
ڪجھ بہ ڏيڻو ناهي ، نہ پئسا ، نہ بغير سِبيل ڪپڙا وغيره ڪجھ بہ ناهي ڏيڻو .
جيڪڏهن ڪير خيرات رُوپ ۾ ڪجھ گُهرڻ اچي تہ هُن کي ماني کارائجي يا چانھ،
ڪير، لسِي ۽ پاڻِي وغيره پيارڻ گهرجي ، پر ڏيڻو ڪجھ بہ ناهي . ڪهڙي خبر هو
بيکارِي(پنڻ وارو) هُن پئسن جو غلط استعمال ڪري ؟ جيئن هڪ شخص ڪنهن پينو
فقير جِي ڪوڙي ڳالھ جنهن ۾ هُو ٻُڌائِي رهيو هو تہ منهنجا ٻار بغير علاج جي تڙپِي
رهيا آهن، ڪجھ پئسا ڏيڻ جي ڪِرپا ڪريو. هُن جِي اِها ڳالھ ٻُڌِي ، پاوَنا وش(
متاثر) ٿِي سئو رُوپيا ڏئِي ڇڏيا. اُهو بيڪارِي پهرين پاوَ شراب پيئندو هو ، اُن ڏينهن اڌ
بوتل شراب پيئائين ۽ پنهنجي گهروارِي کي مارڪُٽ ڪئي تہ هُن جي گهروارِي ٻارن
سميت خودڪشِي ڪري ڇڏي .توهان جي ڏنل دان هُن جي پريوار جي بربادي جو
سبب بڻيو. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ اهڙي ڏُکايل اِنسان جي مدد ڪرڻ کپي تہ هُن
جي ٻارن کي ڊاڪٽر کان دوائون وٺي ڏيو پئسا هرگز نہ ڏيو

**ڪبير: گُرو بِن مالا ڦيرتي ، گُرو بِن ديتي دان ، گُرو بِن دونُون نِشڦل هئہ ، پُوچو ويد پُراڻ.**

**9.اوبر کائڻ منع آهي:-** اهڙي شخص سان گڏ نہ کائڻ گهرجي جيڪو
شراب، مانس، بيدو ، تماڪ ، آفيم ، ڀنگ ۽ بيئر وغيره جو استعمال ڪندو هُجي .

**10. ست لوڪ گمن (ديهانت) کان پوءِ ڪِريا ڪرم ڪرڻ منع آهي**

جيڪڏهن پرِيوار ۾ ڪنهن جو موت ٿي وڃي تہ چِتا کي اگنِي ڪير بہ ڏئِي سگهي ٿو.
مطلب گهر جو ڀاتِي يا ٻيو ڪير بہ هُجي. اگنِي پرجوِلت ڪرڻ (چِتا کي باھ ڏيڻ) وقت

منگلا چرڻ پڙهي ڇڏيو ، هُن جا گُل وغيره ڪجھ بہ نہ ڪٽِي اچٽا آهن ، جيڪڏهن اُن جاءِ کي صاف ڪرڻ لازمي آهي تہ اُتي پيل اَستِين (هڏين) کي ڪٽي ڪنهن بہ جاءِ يا هلندڙ پاڻي ۾ تاري ڇڏيو . اُن وقت منگلا چرڻ اُچارڻ ڪريو ۽ پِنڊ وغيره نہ پرائڻا آهن. نہ تيرهين ، ٻارس (اوسر) ، ڇھ ماهِي ، برسودي (ورسي) ، شراڌ وغيره ڪجھ بہ نہ ڪرڻو آهي ۽ نہ ٿي ڪنهن ٻئي شخص کان هوَن وغيره ڪرائڻو آهي. مهمانَ، عزيز، مِٽ مائٽ وغيره جيڪي ڏُک جو اظهار ڪرڻ لاءِ اچن اُنهن لاءِ ڪوبہ هڪ ڏينهن مُقرر ڪري ڇڏيو. اُن ڏينهن روز ڪرڻ وارو نِت نيم جوتِي جاگرت ڪري پوءِ سيني کي ماني کارايو. جيڪڏهن توهان کي هُن (مرڻ واري )جي نالي تي ڪجھ ڌرم ڪرڻو آهي تہ پنهنجي گُرو جِي کان آگيا وٺي بندي ڇوڙ غريب داس جِي مهاراج جِي امرت واڻِي جو اکنڊ پاٺ ڪرائڻ گهرجي. جيڪڏهن پاٺ ڪرڻ جي آگيا نہ ملي تہ پريوار جا اُپديشي پڳت چار يا ست ڏينهن گهر ۾ ديسي گيھ جِي اکنڊ جوت ٻارين ۽ بِرهم گائتري منتر(108)دفعا روزانہ ڏينهن ۾ چار ڀيرا مطلب چار مالائون ڪن ، ٽي يا هڪ مالا جي منتر جاپ جو ڦل سنڪلپ ست لوڪ واسِي کي ڪن. وڌيڪ جيئن سهِي سمجهو ، هڪ بہ يا ٽي منتر(مالا) جاپ جو ڦل ست لوڪ واسِي کي دان ڪن. روزانو وانگر جوتي ، آرتِي ۽ نام سُمرڻ ڪرڻو آهي. اِهو ياد رکندي تہ

**ڪبير، ساٿِي هماري چلي گئي ، هم ڀِي چالن هار**
**ڪوئِي ڪاغذ ۾ باقِي رھ رهِي ، تاتي لاگ رهِي وار.**
**ڪبير، ديھ پڙي تو ڪيا هُوئا ، جُهوٺا سڀِي پٽِيٽ ،**
**پڪشِي اُڙا آڪاش ڪُون ، چلتا ڪر گيا بِيٽ .**

## ”ڪرم ڪانڊ جي باري ۾ سچي ڪٿا “

منهنجي (سنت رام پال داس جِي مهاراج ) جي پوجيہ گرو سوامي رامديوانندجِي مهاراج کي سورهن( 16) سالن جي عمر ۾ ڪنهن مهاتما جي ستسنگ ٻُڌڻ سان ويراڳ جاڳي پيو هو . هڪ ڏينهن هُو ٻنِي ڏانهن ويل هو. ويجهو ئي هڪ جهنگ هو. سوامي جهنگ ۾ وڃي ڪنهن مئل جانور جي هڏين وٽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي اُڇلائي ڇڏيا ۽ پاڻ مهاتمائن سان گڏ هليا ويا.

جڏهن ڪيس ڳولڻ لڳا تہ گهر وارن کي جهنگ ۾ هڏين وٽ ڦاٽل ڪپڙا پيل مليا ، تڏهن گهر وارن سوچيو تہ ڪنهن جهنگلِي جانور ماري ڪيس کائي ڇڏيو اٿس. گهر وارا اُنهن هڏين ۽ ڪپڙن کي ڪٽي گهر واپس اچِي سندس آخري سنسڪار ڪري

چڏيائون . ڪجھ ڏينهن کان پوءِ تيرهين ۽ ڇھ ماهِي ڪري پوءِ شراڌ شروع ڪري چڏيا.

جڏهن منهنجا پوجيہ گُروديوَ ضعيف ٿِي چُڪا هئا تہ هِڪ دفعي پنهنجي گهر ويا ، تڏهن سندس گهر وارن کي خبر پئي تہ هي تہ اجا تائين زنده آهن ، فقط گهر ڇڏي هليا ويا هئا. پوءِ گهر وارن کيس ٻُڌايو تہ جڏهن توهان گهر ڇڏي هليا ويا هئا تڏهن اسان ڳولا ڪئي هئي ، جهنگ ۾ توهان جا ڪپڙا مليا ۽ ڪپڙن وٽ هڏيون پيل هُيون. اسان سوچيو تہ شايد ڪنهن جنهگلِي جانور ماري کائي ڇڏيو آهي. اُنهن ڪپڙن ۽ هڏين کي گهر کڻِي اچي اسان آخرِي رسم اداڪري ڇڏي .

پوءِ مون (سنت رام پال داس جِي مهاراج ) پنهنجي پوجيہ گرو ديوَ جي ننڍي ڀاءُ جي گهر وارِي کان پُڇيو تہ جڏهن منهنجا پوجيہ گروديوَ صاحب جِي گهر ڇڏي هليا ويا هئا تہ توهان هُن جي پويان ڇا ڇا ڪيو؟ هُن ٻُڌايو تہ جڏهن مان نئِين شادي ڪري آئِي هُيس اُن وقت مون کي هُن جا شراڌ ڪيندي مليا هئا ۽ مان پنهنجن هٿن سان اٽڪل 70 شراڌ ڪيڏي چُڪي آهيان. هُن ٻُڌايو تہ جڏهن گهر ۾ ڪو نقصان ٿيندو هو تہ جيئن مينهن جو کير نہ ڏيڻ ، ٿڻن ۾ خرابِي اچي وڃڻ يا گهر ۾ ڪو ٻيو نقصان ٿي وڃڻ وغيره تہ اسان سياڻن وٽ ڏاڳو وغيره ڪرائڻ لاءِ ويندا هئاسين تہ هُو چوندا هئا تہ توهان جي گهر ۾ ڪنهن ٻار (بي اولاد ۽غير شادي شُده) جِي موت ٿي آهي ، اُهو توهان کي پريشان ڪري رهيو آهي ۽ پوءِ اسان هُن کي ڪپڙا وغيره ڏيندا هئاسين.

تڏهن مون (رامپال داس جِي مهاراج) چيو تہ اِهي تہ دُنيا جو اُڌار ڪري رهيا آهن ، اِهي ڪنهن کي ڏُک ڏئي رهيا هئا ؟ اُهي تہ هاڻي سُکداتا آهن. پوءِ مون (سنت رامپال جي مهاراج ) هُن ٻُڍڙي کي چيو هاڻ تہ هِي توهان جي سامهون حاضر آهن . هاڻي تہ اُهي بيڪار جون ساڌنائون جيئن شراڌ ڪيڻ وغيره بند ڪريو. تڏهن هُن پوڙهِي چيو تہ هي اسان جو پراڻو رواج آهي ، اُن کي ڪيئن ڇڏيون؟ مطلب اسان پنهنجين پُراڻين رسمن ۾ ايترا غرق ٿي چُڪا آهيون جو صاف ظاهر ثبوت ڏسي ڪري بہ غلط ڪري رهيا آهيون ۽ اُنهن کي ڇڏي نٿا سگهون. هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ شراڌ ڪيڻ ، پِتر پُوجا ڪرڻ وغيره وغيره سڀ فضول آهن.

**11. ٻار جي جنم تي شاسترن خلاف پوجا منع آهي:-** ٻار جي جنم تي ڪابہ ڇٺي وغيره ناهي ڪرڻي. سُوتڪ جي سبب روزانو ڪرڻ واري پُوڄا (ڀڳتي، آرتي ۽ جوتي جلائڻ ) بند ناهي ڪرڻي.

اِنهي جي متعلق هڪ مُختصر ڪٿا ٻُڌايان ٿو: هڪ شخص جِي شادِي جي 10 سالن بعد پُٽ پيدا ٿيو. پُٽ جي جمڻ تي هُن بيحد خوشي ملهائي . 20، 25 ڳوٺاڻن ڪي دعوت ڏني ۽ گهڻو ئي ڳائڻ وڄائڻ ٿيو مطلب ڪافي پئسو خرچ ٿيو. پوءِ هڪ سال بعد هُن جي پُٽ جِي مُوت تي وئي. پوءِ ساڳيون ئي پريوار ٽڪرون هڻي روئندو آهي ۽ پنهنجي بد نصيبي تي پڇتائيندو آهي.

هتِي ڪبير صاحِب ٻڌائين ٿا تہ :-

**ڪبير، بيٽا جايا خوشِي هوُئي ، بهت بجائي ٿال**
**آنا جانا لگ رها ، جِيُون ڪِيڙي ڪا نال .**
**ڪبير، پتجَهڑ آوت ديک ڪر،بَن روئي من ماهِين،**
**اونچِي ڊال پات ٿي، پيلي هوهو جائين.**
**ڪبير، پات جهڙنتا يُون ڪهي،سُن ڀائِي ترؤر رائي ،**
**اب ڪي بِڇڙي نہ مِلين ، نہ جاني ڪهان گرين گي جائي .**
**ڪبير، ترؤر ڪهتا پات سي ،سُنو پات اِڪ بات ،**
**يهان ڪِي يهِي ريتِ هئہ ، اِڪ آوت اِڪ جات**

**12. ديوي ڌام تي وار (جهنڊ) لهرائڻ منع آهي:-** ٻار جِي جهنڊ ڪنهن بہ ديوي ٿانَ وغيره تي لهرائڻ نہ وڃڻو آهي. جڏهن ڏسو وار وڌا ٿي ويا هُجن تہ ڪٽي اُڇلائي ڇڏيو. هڪ مندر ۾ ڏٺو ويو تہ ڪجھ شرڌالُو ڀڳت پنهنجي پُٽ جا وار لهرائڻ آيا. اُتي ويٺل نائِي ٻاهر جي ريٽ ڪان ٽِيڻ تي پئسا وٺي. هڪ ڪينچِي جيترا وار ڪٽي مائِيٽن کي ڏئِي ڇڏيا. اُنهن شرڌا سان مندر ۾ چڙهايا . وارن کي پُوڄارِي هڪ ٿيلهي ۾ وجهي رات جو پري وڃي ڪنهن سُنسان جاءِ تي اُڇلائي ڇڏيا. هي صرف ناٽڪ بازِي آهي، ڇو نہ اڳئين وانگر وار فطري طريقي سان ڪٽائي ٻاهر اُڇلائي ڇڏون. پرماتما نام جاپ سان راضي ٿيندا آهن ، پاکنڊ سان نہ .

**13. نام جاپ سان سُک:-** نام (منتر) اُپديشِي کي صرف دک دُور ڪرڻ لاءِ نہ وٺڻ گهرجي بلڪ آتم ڪلياڻ لاءِ وٺڻ گهرجي ، پوءِ سِمرڻ ڪرڻ سان سڀ سُک پنهنجو پاڻ اچِي ويندا آهن. ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ :

**سُــمرڻ سي سُــک هــوت هــۓ ، سُــمرڻ سي دُک جائـــي ،**

**کـــهي کـــبير سُــمرڻ ڪِيئي ،سائِين مانهِين سمائي.**

14. **زنا خوري منع آهي :-** پَرائِي اِسترِي (ٻئي جِي زال) کي ماءُ ، ڌيءَ ، ڀيڻ جِي نِگاهہ سان ڏِسڻ گهرجي . زنا خورِي ڪرڻ مهاپاپ آهي.

**پردُوارا استرِي ڪاڪولي ، ستر جنم انڌا هو ڊولي ، سُراپان مڌ ما سا هاري ،گَمن ڪري پوگي پَرنارِي .**

**ستر جنم ڪٽت هي شِيشم ، ساڪشِي صاحب هي جگدِيشم.**

**پَرنارِي نہ پرسِيو مانو وچن همار ، پوَن چُتر دس تاس سِر ، تِر لوڪي ڪا پار .**

**پَرنارِي نہ پرسِيو ، سُنو شبد سنت مت ، ڌرم راءَ ڪي ڪمنيي سي ، اُرڌ مُک لٽڪنت .**

15. **گِلا ٻُڌڻ ۽ ڪرڻ منع آهي:-** پنهنجي گرو جِي نِندا (گِلا) پُلجي بہ نہ ڪجي ۽ نہ ئي ٻُڌجي. ٻُــڌڻ جو مقصد اِهو آهي تہ جيڪڏهن ڪير توهــان جي گُرو جي باري ۾ ڪُــوڙيون ڳالهيون ڪري ٿو تہ توهان کي جهيڙو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ اِهو سمجهڻ گهرجي تہ هي بِنا سوچي سمجهي چئي رهيو آهي ، مطلب ڪُوڙ ڳالهائي رهيو آهي.

**ڪبير، گرو ڪِي نِندا سُني جو ڪانا ، تاڪو نِشچئہ نرڪ نِدانا**

**اپني مُک نِندا جو ڪرهِي ، شوڪر، سُوان گربِ ۾ پڙهِي.**

نِندا تہ ڪنهن جِي بہ ناهي ڪرڻِي ۽ نہ ئي ٻُڌڻِي آهي. چاهي هُو عام انسان چو نہ هُجي. ڪبير صاحب فرمائين ٿاتہ :-

**تِنڪا ڪبهُون نہ نِنديي جو پاٿُون تلي هو ،ڪبهُون اُڙ آکــن پڙي ، پِيڙ گهنيرِي هو.**

16. **گُرو درشن جِي مهما:-** ستسنگ ۾ وقت ملندي ئي اچڻ جِي ڪوشش ڪرڻ گهرجي۽ ستسنگ ۾ نخرا ۽ وڏائي نہ ڪرڻ گهرجي. پنهنجو پاڻ کي صرف هڪ بيمار سمجهي اچڻ گهرجي. جئين هڪ بيمار اِنسان چاهي ڪيتري پئسي وارو هُجي يا وڏِي نوڪرِي وارو هُجي، جڏهن هو اسپتال ويندو آهي تہ اُن وقت هُن جو مقصد صِرف بيمارِي ٺيڪ ڪرائڻ هوندو آهي. جتي ڊاڪٽر سُمهڻ جو چوي اُتي سُمهِي رهندو آهي ۽ ويهڻ جو چوي تہ ويهِي رهندو آهي، ٻاهر وڃڻ جو حُڪم ملي تہ ٻاهر هليو ويندو آهي ۽ وري اندر اچڻ جو آواز اچي تہ چُپ چاپ اندر هليو ايندو آهي .

ٺيڪ اِنهي وانگر جڏهن توهان ستسنگ ۾ اچو ٿا تڏهن ئي توهان کي ستسنگ ۾ اچڻ جو لاڀ ملندو نہ تہ توهان جو اچڻ فضول آهي. ستسنگ ۾ جتي ويهڻ جي جاءِ ملي ، اُتي ويهڻ گهرجي. جيڪو ڪائڻ لاءِ ملي اُنهي کي پرماتما ڪبير صاحب جو پرساد سمجهي خوشي سان ڪائڻ گهرجي.

## امرت واڻي

**ڪبير ، سنت ملن ڪو چالئي ، تج مايا اِيمانَ ، جُون جُون قدم آگي رکي ، وه هئہ يگيہ سمانَ .**

**سنت مِلن ڪو جائيي دِن ۾ ڪئِي ڪئِي بار ، آسوج ڪي ميگهہ جيُون ، گهنا ڪري اُپڪار.**

**ڪبير: درشن ساڌُو ڪا،پرماتما آوي ياد ، ليکي ۾ وهِي گهڙِي ، باقِي ڪي دِن باد .**

**ڪبير: درشن ساڌُو ڪا مُک پر بسي سُهاگ ، درشن اُنهِي ڪو هوت هي ، جِن ڪي پُورڻ ڀاگ .**

**17. گرو مهما (گرو جِي عظمت):-** جيڪڏهن ڪٿي پاٺ يا ستسنگ هلِي رهيو هُجي يا گُروجِي جا درشن ڪرڻ لاءِ وڃو ٿا تہ سڀ ڪان پهرِين گُرو جِي کي ڊنڊوَت پرڻام ڪرڻ گهرجي ، بعد ۾ ست گرنٿ صاحب، صاحِب ڪبيرجِي ، غريب داس جِي مهاراج ، سوامِي رامديوانندجِي مهاراج ۽ ستگُروجِي جي تصويرن کي پرڻام ڪرڻ گُهرجي ، جنهن سان ڀاوَنا برقرار رهندي . مورتي پُوجا ناهي ڪرڻي. پرڻام ڪرڻ پُوجا ۾ نٿو اچي ، هي تہ صرف ڀڳت جي شرڌا کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪندي آهي . پوجا تہ وقت گرو ۽ نام منتر جِي ڪرڻِي آهي جيڪا پار لڱائيندي .

## امرت واڻي

**ڪبير، گرو گوبِند دونُون کڙي ، ڪاڪي لاگُون پائي ،**
**بلهارِي گُرو آپني ، جِن گوبِند دِيا ملائي .**
**گُرو بڙي گوبِند سي ، من ۾ ديک ويچار ،**
**هرِي سُمري سو رهہ گئي ، گُرو ڀجي هُوئي پار .**
**ڪبير، هرِي کي رُوٺتي ، گرو ڪِي شرن ۾ جائي ،**
**ڪهہ ڪبير گُرو جي روٺ جا ، هرِي نهِين هوت سهائي**
**ڪبير، سات سمندر مسِي ڪرون ، لکنِي ڪرون بن راءِ ،**

ڌرتيِ ڪا ڪاغذ ڪرون ، تو گرو گڻ لکا نہ جاءَ .

**18. گوشت کائڻ منع آهي:-** بيدو، گوشت کائڻ نہ گهرجي ۽ نہ ئي ڪو جيوَ هِنسا (جاندار سان ظُلم) ڪرڻو آهي. اِهي مهاپاپ آهن. جيئن صاحب ڪبيرجِي مهاراج ۽ غريب داس جِي مهاراج فرمائين ٿا تہ:-

**ڪبير ،جيوَ هني هِنسا ڪري ، پرگهٽ پاپ سِر هو،**
**نگم پُني ايسي پاپ تي ، بهشت گيا نہ ڪو.**
**ڪبير ، تل پر مڇلِي کائي ڪي ، ڪوڙِي ڪري گئُو دي دان ،**
**ڪاشِي ڪرونت لي مري ، تويِي نرڪ نِدان .**
**ڪبير ، بڪرِي پتي کات هئہ ، تا ڪِي ڪاڍِي کال ،**
**جو نَر بڪرِي ڪو کات هئہ ، تا ڪا ڪون حوال .**
**ڪبير، تي هي پير هئہ ، جو جاني پَر پير،**
**جو پَر پير نہ جاني ، تي ڪافِر بي پير .**
**ڪبير ، خُوب کانا هئہ کِيچڙِي ، مانهِين پڑا ٹُک لوڻ ،**
**مانس پرايا کائي ڪي ، گلا ڪٽاوي ڪوڻ .**
**ڪبير، مانس آهارِي مانوا ، پرتيڪش راڪشِس جانِ ،**
**تاڪي سنگت مت ڪري ، هوئي ڀگتي ۾ هانِ .**
**ڪبير ، مانس کائي تي ڍيڊ سڀ ، مَدُ پيوين سو نِيچ ،**
**ڪُل ڪِي دُرمتِي پر هري ، رام ڪهي سو اُونچ .**
**ڪبير ، مانس مڇليان کات هين ، سُراپان سي هيت ،**
**تي نَر نرڪي جائين گي ، ماتا پِتا سميت .**
**غريب ، جيوَ هِنسا جو ڪرتي هين ، يا آگي ڪيا پاپ ،**
**ڪنٽڪ جُونِي جِهان ۾ ، سِنگهہ ڀيڙيا اور سانپ.**
**غريب،جهوٽي بڪري مُرغي تائِي ، ليکا سڀ هِي ليت گو سائين**
**مِرگ مُور ماري مهمنتا ، اچراچَر هين جيوَ اننتا .**
**جِيهوا سواد هتي پرانا،نيما ناش گيا هم جانا .**
**تِيتر، لوا بُٽيرِي چڙيا، خونِي ماري بڙي اگهڙيا .**
**ادلي بدلي ليکي ليکا، سمجهہ ديک سُن گيان وويڪا.**
**غريب ، شبد همارا مانيو ، اور سُنتي هو نَر ناري .**
**جيوَ ديا بِن ڪُفر هئہ ، چلي زمانا هاري .**

اڻ ڄاڻائِي ۾ ڪيل هِنسا (ساهوارن کي مارڻ)جو پاپ نٿو لڳي. بندِي ڇوڙ ڪبير صاحِب فرمائين ٿا ت:

**اِڇا ڪر ماري نهِين ، بِـن اِڇا مر جائي ، ڪهي ڪبير تاس ڪا ، پاپ نهين لڳائي**

**19. گـرو دُروهِـي سان رابطو نہ رکڻو آهي:-** جيڪڏهن ڪو ڀڳت گروجِي کان دُروهہ( گُرو جي کان دُور ) ٿي ويندو آهي . اهو مها پاپ جو حقدار ٿيندو آهي ، جيڪڏهن ڪنهن کي هي رستو ٺيڪ نہ لڳي تہ هُو گُرو بدلائي سگهي ٿو ، جيڪڏهن هُو پهنجي گرو سان دُشمنِي يا نِندا (گِلا) ڪري ٿو تہ هُو گُرو دُروهِي ٿي ويندو آهي. اهڙي شخص سان ڀڳتي چرچا ڪرڻ سان اُپديشِي کي دوش لڳي ٿو ۽ هُن جي ڀڳتي ناس ٿي ويندي آهي

**غريب ، گرو دُروهِي ڪِي پيڙ پَر ، جي پگ آوي بير ،**
**چوراسِي نِشچئہ پڙي ، ست گُرو ڪهہ ڪبير .**
**ڪبير ، جان بُوجهہ سانچِي تجي ، ڪري جُهوٽ سي نيهہ ،**
**جا ڪي سنگت هي پربُهو ، سوَپن ۾ نہ ديئہ .**

مطلب تہ گُرو دُروهِي وٽ وڃڻ وارو ڀڳتِي ناس ٿي نَرڪ ۽ چوراسي لک جوڻين ۾ هليو ويندو.

**20. جُوا وغيره کيڏڻ منع آهي:-** جُوا تاش وغيره ڪڏهن بہ نہ کيڏڻ گهرجي.

**ڪبير ، مانس ڀڪي اور مدَ پيئي ، ڌن ويشيہ سُون کائي ،**
**جُوا کيلي چورِي ڪري ، انت سمولا جائي**

**21. نچڻ ڳائڻ منع آهي:-** ڪنهن بہ خوشِي جي موقعي تي نچڻ ۽ گندا گانا/گيت ڳائڻ ڀڳتِي ڀاوَ جي خلاف آهي. جيئن هڪ بيواہ ڀيڻ ڪنهن خوشِي جي موقعي تي پنهنجي رشتيدارن جي گهر ويل هئي. سڀ خوشِي ۾ نچي ڳائي رهيا هئا، پر اُها ڀيڻ هڪڙي پاسي ويهي پرماتما جي ڌيان ۾ لڳل هئي بعد ۾ اُن جي رشتيدارن هُن کان پُڇيو تہ ڀيڻ تُون ائين مايوس ڇو ويٺي آهين؟ تون بہ اسان وانگر نچي ڳائي خوشِي ملهاءِ . اُنهي تي هُن ڀيڻ چيو تہ ڪنهن جي خوشِي ملهايان؟ مون بيواهہ جو هڪ ئي پُٽ هو ، اُهو بہ ڀڳوان کي پيارو ٿي ويو. هاڻي ڪهڙي خوشي آهي مون لاءِ؟ ٺيڪ اِنهي

وانگر هِن ڪال جي لوڪ ۾ هر هڪ اِنسان جي اهڙي ئي حالت آهي. هتي گرو نانڪ ديوَ جِي فرمائين ٿا تہ:-

**نہ جاني ڪال ڪِي ڪر داري ، ڪِس وڙي ڍَل جا پاسا وي**
**جِنهادي سِر تي موت کڙگدِي ، اُنهانُون ڪيڙا هاساوي .**
**ساڏ ملي سادِي سادِي (خُوشِي) هوندي ، بِڇڙ جان دل گيري وي .**
**اکدي نانڪ سُنو جِهانا ، مُشڪل حال فقيرِي وي .**

ڪبير صاحِب جِي مهاراج بہ فرمائين ٿا:-

**ڪبير، جُهوٺي سُک کو سُک کهي ، مان رها من مود ،**
**سڪل چبِينا ڪال ڪا، ڪُڇ مُک ۾ ڪُڇ گود ..**
**بيٽا جايا خوشِي هوئِي ، بهُت بجائي ٿال ،**
**آوڻ جاوَڻ لگ رها ، جِيُون ڪيڙِي ڪا نال .**

خاص ڪري مرد ۽ عورت ٻئي پرماتما پراپتِي جا حقدار آهن. عورتن ڪي ماهواري (Mainsess) جي ڏينهن ۾ بہ پنهنجي روزمره جِي پُوجا جوتِي جڳائڻ وغيره بند نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ئي ڪنهن جي موت يا جنم تي بند ڪرڻي آهي.

**نوٽ:-** جيڪي ڀڳت جن اِنهن 21 قِسمن جي نيمن جو پالڻ نہ ڪندو هُنن جونام (منتر) ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن اڻ ڄاڻائِي ۾ توهان سان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ اُها معاف ڪئِي ويندي آهي ، پر جيڪڏهن توهان سوچي سمجهي ڪا غلطِي ڪئي آهي تہ اُهو ڀڳت جو نام کنڊ ٿي وڃي ٿو. اُن جو حل اِهو ئي آهي تہ گُروديوَ جِي سان شما ياچنا (غلطي جِي معافِي) ڪرائي ٻيهر نام اُپديش وٺڻ گهرجي.

# پرميشور ڪبير صاحب جي بيشمار برهمانڊن جو نقشو

انامي لوڪ: هن لوڪ ۾ آتما ۽ پرماتما هڪ روپ ٿي ڪبير صاحب ٿي انامي روپ ۾ آهن. جيئن مٽي جي ڀترن جا ننڍا ٽڪرا ٿي ويندا آهن . وري برسات پوڻ تي هڪ زمين بڻجي ويندي آهي. ڪو به الگ وجود نه رهندو آهي.

اگهم لوڪ: هن لوڪ ۾ به ڪبير صاحب اگهم پُرش روپ ۾ رهندا آهن.

الک لوڪ: هن لوڪ ۾ به ڪبير صاحب الک پرش روپ ۾ رهندا آهن



# “سِرشٽِي رچنا (ڪائنات جِي تخليق) ”

( سوڪشيم ويد سان نِڪتل نِچوڙ جِي صورت ۾ سرشٽِي رچنا جو ذِڪر )

پريُو پريمي آتمائون پهرين دفعي هِن سِرشٽِي رچنا کي پڙهندا ته ائين محسوس ٿيندو جهڙو ڏند ڪٿا (هٿ جي ٺهيل ڪهاڻِي) هُجي پر سڀنِي پويتر ست گرنٿن جي ثبوتن کي ڏسِي ۽ پڙهي ڏندين آگريون اچي ويندي ته هي اصلِي اَمرت گيان ڪِٿي لِڪيل هو. براءِ مهربانِي ڌيرج سان پڙهندا رهو ۽ هِن امرت گيان کي پاڻ وٽ محفوظ رکو. توهان جي هڪ سئو هڪ( 101) پيڙهين تائين ڪم ايندو. پويتر آتمائو! براءَ مهرباني ست نارائڻ اويناشي(پريُو/ست پُرش ) مطابق رچيل سرشٽِي جو اصل گيان پڙهو.

1. **پُورڻ برهم:-** هِن سرشٽي رچنا ۾ ست پُرش ست لوڪ جا سوامِي (پريُو) ۽ الک پُرش الک لوڪ جا سوامِي، اگم پُرش اگم لوڪ جا سوامِي ۽ انامِي پُرش انامي (اڪيہ) لوڪ جا سوامِي (پريُو) ته هڪ ئي پُورڻ برهم آهن جيڪي اصل ۾ اويناشي پريُو آهن، جيڪي الِڳ الِڳ رُوپ اختيار ڪري پنهنجن چئنِي لوڪن ۾ رهن ٿا جنهن جي انترگت (ماتحت) بيشمار بِرهمانڊ اچن ٿا.

2. **پر برهم :-** هِي فقط 7 سنک بِرهماندن جا مالڪ آهن، جنهن کي اڪشر پُرش پُڻ چئجي ٿو پر هي ۽ هِن جا بِرهمانڊ به اصل ۾ اويناشي نہ آهن.

3. **برهم :-** هِي فقط 21 بِرهماندن جا مالڪ آهن، جنهن کي شر پُرش، جيوتِي نِرنجن، ڪال وغيره نالن سان سُڃاتو وڃي ٿو. هي ۽ هِن جا سڀ بِرهمانڊ ناشوان (فانِي) آهن

مٿي ذِڪر ڪيل ٽنهي پُرشن (پريُوئن) جو ثبوت پويتر شريمدڀگوت گيتاجِي ادياءِ 15جي شلوڪ 16۽ 17 ۾ پڻ آهي.

4. **برهما:-** برهما، وِشڻو ۽ مهيش هِي ٽيئِي بِرهم (شر پُرش جيوتِي نِرنجن ڪال)جا پُٽ آهن. برهما سڀني کان وڏو پُٽ آهي، وِشنُو وچ وارو پُٽ آهي ۽ شنڪر آخري ٽيون پُٽ آهي. اِهي ٽيئي بِرهم جا پُٽ صرف هِڪ بِرهمانڊ ۾ هڪ هڪ حصي (گُڻ) جا مالڪ آهن ۽ ناشوان (فانِي) آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ لازمِي پڙهو سِرشٽِي رچنا. ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) سُڪشم ويد مطلب ڪبير واڻِي ۾ پنهنجي

رچيل سِرشٽِي جو گيان ڪيس پاڻ ئي ٻُڌايو آهي جيڪو هِن ريت هيٺ بيان ڪيو ويو آهي.

سڀ کان پهرين فقط هڪ انامي (اناميہ) لوڪ هو جنهن کي اڪيہ لوڪ پڻ چيو ويندو آهي. پُورڻ پرماتما انامي لوڪ ۾ اڪيلا رهندا هئا. هُن پرماتما جو اصل نالو ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشور آهي.

سيئي آتمائون هُن پُورڻ پرماتما جي شرير ۾ سمايل هُيون، ڪوير ديوَ جو اُپماتمِڪ (پدوي) جونالو انامي پُرش آهي. (پُرش جو مطلب مالڪ بہ هوندو آهي ) پرميشور انسان کي پنهنجي ئي صُورت ۾ پيدا ڪيو اِنهي ڪري اِنسان جو نالو بہ پُرش ئي پيو آهي.انامي پُرش جي هڪ روم ڪُوپ (جسم جي هڪ وار نڪرڻ جي جاءِ) جي روشنِي سنک سِجن جي روشنِي کان بہ وڌيڪ آهي.

**مثال طور**:- جيئن ڪنهن ملڪ جي وزير اعظم جو نالو تہ ڪو ٻيو ئي هوندو آهي پر پد (عهدي) جو نالو وزيراعظم ئي هوندو آهي. ڪيترا ئي دفعا وزيراعظم پاڻ وٽ ڪيترائي (شعبہ) رکي وٺندو آهي، تڏهن جنهن بہ شعبي جي دستاويزن تي دستخط ڪرڻي هوندي آهي تہ اُن وقت اُنهي پد کي لکندو آهي. جيئن وزير داخلا جي دستاويزن تي دستخط ڪندو آهي تہ پاڻ کي وزير داخلا ئي لکندو آهي، اُتي اُنهي شخص جي دستخط جي طاقت گهٽ هوندي آهي. اهڙي طرح ڪبير پرميشور جي جسم جي روشنِي ۾ فرق هر هڪ لوڪ ۾ الڳ الڳ ٿِي ويندو آهي. ٺيڪ اهڙي ئي طرح پُورڻ پرماتما (ڪبيرپرميشور) هيٺين ٽنهِي لوڪن (اگم لوڪ،الک لوڪ۽ ست لوڪ )جِي رچنا پنهنجِي وچن شڪتِي سان ڪئِي. اهوئِي پُورڻ بِرهم پرماتما ڪويرديوَ ئِي اگم لوڪ ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ اگم لوڪ جا سوامِي بہ ڪبير ديوَ ئي آهن. هتي هُن جي پدوي(عهدي) جو نالو اگم پُرش مطلب اگم پرِيُو آهي. اُنهي اگم پُرش جو جِسم انسان وانگر ئي آهي پر ڏِسڻ ۾ بيحد نُورانِي آهي، جنهن جي هڪ روم ڪُوپ جي روشنِي ڪربين سِجن جي گڏيل روشنِي کان بہ وڌيڪ آهي.

اُهي پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ الک لوڪ ۾ پرگهٽ ٿيا، ڪيس الک لوڪ جا بہ مالڪ آهن ۽ پدوِي جو نالو الک پُرش آهي. هتي پُورڻ پرماتما جو انسان وانگر ۽ نُوري شرير آهي ۽ هڪ روم ڪُوپ جي روشنِي ارب سِجن جِي روشنِي کان بہ وڌيڪ آهي .

پُورڻ بِرهم ڪبيرصاحِب ست لوڪ ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ ست لوڪ جا بہ اُهي ئي مالڪ آهن. اِنهي ڪري پد جو نالو ست پُرش (اويناشي پرِيُو) آهي. اِنهي جا نالا اڪال مُورتِي/شبد سروپِي رام/ پُورڻ بِرهم/پرم اڪشر بِرهم وغيره آهن. ست پُرش ڪبير

ديوَ جو جسم ڏسڻ ۾ انسانن وانگر آهي پر بيحد نُوري آهي، جنهن جي هڪ روم ڪُوپ جو پرڪاش ڪروڙين سِجن ۽ ڪروڙين چنڊن جي گڏيل روشنِي کان به وڌيڪ روشنِي وارو آهي .

هُن ڪوير ديوَ (ڪبير پربُھو) ست پُرش رُوپ ۾ اچي سڀ کان پهرين ست لوڪ ۾ پرگھٽ ٿي رچنا شروع ڪئي. هڪ وچن سان 16 دُوئيپن جي رچنا ڪئي پوءِ 16 شبدن سان 16 پُٽن جي پيدائش ڪئي ۽ هڪ مانَ سرور جي رچنا ڪئي، جنهن ۾ امرت ڀريو. 16 پُٽن جا نالا هيٺ آهن.

**1.ڪُرم، 2. گياني، 3.وويڪ، 4.تيج، 5. سهيج، 6. سنتوش، 7. سُرتي، 8.آنند، 9.شما، 10. نِشڪام، 11.جل رنگِي، 12. اچِنت، 13.پريم، 14. ديال، 15 .ڌيريه ۽ 16. يوگ سنتائين مطلب يوگ جيت .**

ست پُرش ڪبير ديوَ (ڪبير پرميشور) پنهنجي پُٽ اچينت کي وچن شڪتي ڏيئي ست لوڪ ۾ وڌيڪ رچنا ڪرڻ جو ڀار سونپيو ۽ شڪتي ڏيئي ڇڏي. اڳتي هلي اچِينت پرماتما کان مليل وچن شڪتي سان اڪشر پُرش(پربرهم) کي پيدا ڪيو ۽ چيائين ته تون رچنا ۾ منهنجو ساٿ ڏي. اُتان کان اڪشر پُرش سنان ڪرڻ (وهنجڻ) لاءِ مانَ سروَر ۾ هليو ويو، اُتي اڪشر پُرش کي آنند محسوس ٿيو ۽ آرام لاءِ سُمهي رهيو، گهڻو عرصو ٻاهر نه اچڻ ڪري اچِينت جي پرارٿنا تي اڪشر پُرش کي ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ ڪبير پرميشور اُنهي مان سرور مان جنهن ۾اڪشر پُرش سُتل هو.
ڪجهه امرت جل وٺي هُن مان هڪ بيضو (آنو) ٺاهيائين ۽ هُن بيضي ۾ هڪ آتما داخل ڪري اُن بيضي کي مانسرور جي امرت جل ۾ مٿانهن کان ڦٽو ڪيائين. بيضي جِي ڳِڙ ڳِڙاهٽ جي آواز سان مانسرور ۾ سُتل اڪشر پُرش جي ننڊ خراب ٿي. اڪشر پُرش جي ڪاوڙ سان ڏِسڻ ڪري بيضي جا ٻه ٽڪرا ٿي ويا ۽ هُن مان جيوتِي نِرنجن (شرپُرش) نڪتو جنهن کي اڳتي هلي ڪال سڏيو ويو. هِن جو اصل نالو **ڪيل** آهي.
تڏهن ست پُرش آڪاش واڻي جي ذريعي چيائين ته توهان ٻئي ٻاهر اچي اچِينت جي دُئيپ ۾ وڃي رهو. اجازت ملڻ تي اڪشرپُرش ۽ شرپُرش (ڪيل) اچنت جي دُئيپ ۾ رهڻ لڳا. (ٻارن جي نالائقي اُنهن کي ڏيکارڻ لاءِ پرماتما اِها ليلا ڪئي، متان اِنهن کي ٻيهر وڏائِي (پربُوتا) جي سِڪ نه ٿئي، جو ته سمرٿ/قدرت کان سواءِ ڪو به ڪم سڦل نٿو ٿئي ) پوءِ پُورڻ مالڪ ڪبير ديوَ سڄِي رچنا پاڻ ئي رچيائون. ڪبير پرميشور پنهنجي شڪتي سان هڪ راجيشورِي (راشٽرِي) شڪتي پيدا ڪئي، جنهن سان سيني برهماندن جي تخليق ڪئي . هُن شڪتي کي پراشڪتي ۽ پرانندنِي به چيو

ويندو آهي. سيني آتمائن کي پُورڻ برهم پنهنجي ئي شرير مان پنهنجي وچن شڪتي سان پنهنجي ئي شڪل جهڙا پيدا ڪيا. هر هڪ هنس آتما جو پرماتما جهڙو ئي شرير بڻايو آهي، جنهن جو پرڪاش 16 سِجن جي برابر آهي ۽ جسم اِنسان وانگر آهي، پر پرماتما جي شرير جي هڪ روم ڪُوپ (جسم جو وار)جو پرڪاش ڪروڙين سِجن کان به وڌيڪ آهي.

تمام گهڻي عرصي کان پوءِ شر پُرش (جوتي نِرنجن) سوچيو ته اسان ٽيئي (اچنت ،اڪشرپُرش ۽ شرپُرش) هڪ ئي دُئيپ ۾ رهي رهيا آهيون ۽ اسان جا ٻيا پائر الگ الگ ٻيٽ ۾ رهي رهيا آهن. مان به ساڏنا ڪري الڳ دُئيپ حاصل ڪندس. هِن اهڙو ئي دل ۾ خيال ڪري هڪ پير تي بيهي70 يُگن تائين تپ ڪيو.

## ”آتمائون ڪال جي جار ۾ ڪيئن قيد ٿيون ؟“

جڏهن برهم (جوتي نِرنجن) تپ ڪري رهيو هو تڏهن اسان سڀئي آتمائون، جيڪي اڄ جوتي نِرنجن جي21 برهماندن ۾ رهي رهيا آهيون، اِهي سڀ هِن جي ساڌنا تي عاشق ٿي ۽ دِل ۾ جان سان هِن کي چاهڻ لڳاسين ۽ پنهنجي سُکدائي پريُو ست پُرش کان منهن موڙي ڇڏيو جنهن سبب پتي ورتا پد تان ڪِري وياسين. پورڻ پريُو جي بار بارخبر دار ڪرڻ تي به اسان جو لڳائو شر پُرش (برهم جوتي نِرنجن) تان نه هٽيو. ساڳي اثر اڄ به هِن ڪال جي سرشٽي ۾ موجود آهي.جيئن نوجوان ٻار فِلم اسٽار هيرو ۽ هيروئن جي بناوٽي ادائن جيڪي پنهنجي روز گار جي مقصد سان اداڪاري ڪري رهيا هوندا آهن ،اُنهن تي گهڻا عاشق ٿي ويندا آهن جيڪي روڪڻ سان به نٿا رُڪن. جيڪڏهن ڪو هيرو يا هيروئن ويجهي ڪنهن شهر ۾ اچي وڃن ته ڏسو هِن نادان ٻارن جي رش، صِرف هُنن کي ڏسڻ لاءِ تمام گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندا آهن، بغير ڪنهن ڏيڻ وٺڻ جي هيرو هيروئن ته پنهنجي روزي روٽي لاءِ درامي بازي ڪري رهيا آهن ۽ نوجوان ٻار بيڪار ۾ لُٽجي رهيا آهن، ماءُ پيءُ ڪيتروئي سمجهائين پر ٻار نٿا مڃن، ڪٿي نه ڪٿي ڪڏهن نه ڪڏهن لڪي لڪي هليا ويندا آهنُ

پورڻ برهم ڪوير ديوَ (ڪبير پريُو) شر پُرش کان پُڇيو ته ٻُڌا توکي ڇا کپي؟ هِن چيو ته پِتا جِي! هي جڳهه مون لاءِ گهٽ آهي مونکي الڳ سان دُئيپ ڏيو. حقه ڪبير (ست ڪبير) هِن کي 21 برهمانڊ ڏيئي ڇڏيا.

ڪجهه وقت کان پوءِ جوتي نِرنجن سوچيو ته اِنهي ۾ ڪجهه رچنا ڪرڻ گهرجي، خالي برهمانڊ ڪهڙي ڪم جا؟ هِن اها ڳالهه سوچي 70 يُگ ٻيهر تپ ڪري

پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ(ڪبير پريُو) ڪان پراٿنا (اِلتجا) ڪئي. ست پُرش هِن کي ٿي گُڻ ۽ پنج تتوَ (ڌرتي، جل، آڪاش، وايو ۽ اگني) ڏيئي ڇڏيا. جنهن سان برهم (جوتِي نِرنجن) پنهنجن برهماندن ۾ ڪجهه رچنا ڪئي. هِن وري سوچيو ته هِن ۾ جيوَ (آتمائون) به هُجڻ گهرجن اڪيلي جي دل نٿي لڳي. اهڙو ويچار ڪري 64 يُگ ورِي تپسيا ڪيائين.

پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي پُڇڻ تي ٻُڌايو ته مونکي ڪجهه آتمائون ڏيو، مون اڪيلي جي دل نٿي لڳي. تڏهن ست پُرش ڪبير ديوَ چيائون ته بِرهم! تنهنجي تپ جي بدلي ۾ مان توکي ٻيا بِرهمانڊ ڏيئي سگهان ٿو، پر هنن منهنجين آتمائن کي ڪنهن به جپ تپ جي ڦل جي صُورت ۾ نٿو ڏيئي سگهان. پر ها جيڪڏهن ڪو پنهنجي مرضي سان وڃڻ چاهي ته اُهو وڃِي سگهي ٿو. يُـووا ڪبير (سمرٿ ڪبير) جا وچن ٻُڌي جوتِي نِرنجن اُنهن آتمائن وٽ ويو، جيڪي پهرين ست لوڪ ۾ هُيون. اسين سڀئي هنس آتمائون پهرين ڪان ئي جوتِـي نِرنجن تي عاشق هُيون. اسان سڀ هِن (بـرهم) کي چوطـرف گهيري بيٺا سين. جوتي نِرنجن اسان کي چيو ته مون پِتاجِي ڪان الڳ ايڪهه ( 21) بِرهمانڊ حاصل ڪيا آهن، اُتي ڪئين قِسمن جا الڳ الڳ باغ باغيچا، نـديون سُندر گهر ۽ راند ڪرڻ لاءِ دلڪش ميدان ۽ جبل آهن. ڇا توهان مون سان گڏ هـلڻ پسند ڪندا؟ اسان سيني هنس آتمائن (جيڪي هِن 21 بِرهمانڊن ۾ پريشان آهيون) چيو ته اسين هلڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪڏهن پِتاجِي اجازت ڏيئي تــ . تڏهن شرپُرش، پُورڻ بِرهم (سمرٿ ڪبير) وٽ ويو ۽ اُتي جي سڀ ڳالهه ٻُڌائي. تڏهن ڪبير صاحب چيو ته جيڪي هنس تو سان گڏ هلڻ چاهين ٿا اُهي منهنجي رُوبرو اچي چون ته اسان هِن سان گڏ وڃڻ چاهيون ٿا، ته اُنهن کي مان تو سان گڏ وڃڻ جي اِجازت ڏيئي ڇڏيندس. شرپُرش ۽ پرم اڪشر پُرش (ڪبيرصاحِب) ٻئِي اسان سيني هنس آتمائن وٽ آيا. ست ڪبير چيو ته جيڪي هنس آتمائون بِرهم سان گڏ وڃڻ چاهين ٿيون، اُهي هٿ مٿي ڪري رضامندي ڏين، گهڻي وقت تائين سناٽو ڇانيل رهيو، اُن ڪان پوءِ هڪ هَنس آتما هٿ مٿي ڪري چيو ته باباجِي! مان وڃڻ چاهيان ٿو، پوءِ ته هِن جي ڏيکا سيکي اسان سيني آتمائن (جيڪي اڄ هِن ڪال بِرهم جي 21 برهمانڊن ۾ ڦاٿل آهيون) هٿ مٿي ڪري چيو ته اسان به وڃڻ لاءِ تيار آهيون .پرميشور ڪبيرديوَ جوتي نِرنجن کي چيو ته تون پنهنجي اِسٿان (جڳهه) تي وڃ ۽ جيڪي آتمائون تو سان گڏ هلڻ چاهين ٿيون مان اُنهن سيني هنس آتمائن کي تو وٽ موڪلي ڇڏيندس. ايترو ٻُـڌي جِوتي نِرنجن پنهنجي 21 بِرهمانڊن ڏانهن هليو ويو. اُن وقت

اِهي 21 بِرهماند ست لوڪ ۾ ئي هئا. تنهن کان پوءِ پُورڻ بِرهم انهي هنس ( آتما) کي ڇوڪري جو رُوپ ڏنائين جنهن سڀ کان اوَل وجڻ جي رضامندي ڏني. پر استري اِندري (گُپت انگ/ vagina) جي رچنا نہ ڪيائين ۽ سڀني آتمائن کي (جِن جوتِي نِرنجن سان گڏ وجڻ جي سهمتي ڏِني هُئي) انهي ڇوڪري جي جسم ۾ داخل ڪري ڇڏيون ۽ هُن جو نالو آشٽرا ( آدي مايا، پرڪرتِي ديوي (دُرگا) پيو. ست پُرش فرمايو تہ ڌِي مون توکي شبد شڪتي ڏئي ڇڏي آهي. جيترا انسان بِرهم چوي اوترا تون پيدا ڪري ڏِجان. ائين چئي پُورڻ بِرهم ڪبير صاحب پنهنجي پُٽ سهج داس جي ذريعي دُرگا کي شر پُرش ڏانهن موڪلي ڇڏي. جوتِي نِرنجن کي سهج داس اچي ٻُڌايو تہ پِتاجِي (ڪبيرصاحب) هِن پيڻ جي جسم ۾ اُنهن سڀني آتمائين کي داخل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن توسان گڏ هلڻ جي رضامندي ڏيکاري هئي ۽ دُرگا کي پِتا جِي وچن شڪتي بہ ڏِني آهي، تہ تون جيترا جيوَ (جاندار) چاهيندي اوترا دُرگا پنهنجي شبد شڪتي سان پيدا ڪري ڏيندي. ايترو چئي سهج داس واپس پنهنجي دوئيپ ۾ هليو ويو.

# هڪ برهمانڊ جو نقشو



دُرگا نوجوان هُجڻ جي سبب رنگ رُوپ گهڻو سُندر هئڻ ڪري بِرهم جي من ۾ وشيه واسنا (جنسِي خواهش) پيدا ٿي ۽ دُرگا ديوي سان ايڏَر گٽي وڏِي (بُرو برتاءُ) شروع ڪيو، تڏهن دُرگا چيو تہ جوتي نِرنجن مون وٽ پِتا جِي جِي ڏِنل شبد شڪتي آهي. تون جيترا پراڻِي (مخلوق/جاندار) چوندي ، مان وچن شڪتي سان پيدا ڪري ڏيندس، تون ميٿُـونَ پرمپرا (جنسِي روايت) شروع نہ ڪر تون پـڻ هُن پِتا جِي وچن سان بيضي (انبڪار) مان پيدا ٿيو آهين جنهن مونکي پيدا ڪيو آهي، تون منهنجو وڏو ڀاءُ آهين. ڀيڻ ڀاءُ جو اهڙو عمل مهاپاپ جو سبب بڻجندو، پر دُرگا ديوي جو ڪوبہ عرض جوتِي نِرنجن نہ مڃيو ۽ پنهنجي وچن شڪتي ڪان آگَر جي ننُهن سان دُرگا ديوي ڪي يگ (خفيہ عضوو) لڳائي ڇڏي ۽ بلاتڪار (زبردستِي) ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪيائين. هُن وقت پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ ڏسندي پنهنجو سوڪشيم رُوپ بڻائي جوتي نِرنجن جي ڪُليل منهن ڪان پيٽ ۾ داخل ٿي، پُورڻ بِرهم ڪبير ديوَ ڪان پنهنجي رڪشا (حفاظت) جي لاءِ اِلتجا ڪئي. اُن ئي وقت ڪبير ديوَ پنهنجي پُٽ يوگجيت (يوگ سنتائن ) جو رُوپ ڌارڻ ڪري اُتي پرگهٽ ٿيا ۽ دُرگا ڪي بِرهم جي پيٽ مان ٻاهر ڪڍي چيو تہ جوتي نِرنجن! اڄ ڪان تنهنجو نالو ڪال سڏبو ۽ تنهنجا جنم مِرتيو ٿيندا رهندا. اِنهي ڪري تنهنجو نالو شر پُرش سڏيو ويندو ۽ هڪ لک انسانِي شرير ڌارِي پراڻين جِي سوڪشيم شرير ڪي هر روز ڪائيندين ۽ سوا لـڪ پيدا ڪندين. توهان ٻنهي ڪي 21 بِرهماندن سميت هِتان ڪان ڪيو وڃي ٿو. ايترو چوندي ئي 21 بِرهماند هوائي جهاز وانگر روانا ٿيا، سهج داس جي دُوئِيپ جي پرسان گذرندا ست لوڪ ڪان 16 سنک ڪوهہ (هڪ ڪوهہ لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽر جو هوندو آهي ) جي فاصلي تي اڃي رُڪجي ويا.

اجا تائين صرف ٽن شڪتين جو ذڪر آيو آهي .

1.**پُورڻ بِرهم :-** جنهن ڪي ٻين ڪيترن ئي نالن سان بہ سڃاتو وڃي ٿو، جن مان ڪجهہ نالا هِي آهن. ست پُرش/ اڪال پُرش/شبد سروپِي رام/ پرم اڪشر بِرهم وغيره. پُورڻ بِرهم اسنک (لاتعداد) بِرهماندن جو سوامِي اصل مالڪ ۽ حقيقت ۾ اويناشي آهي.

2 . **پر برهمر**:-پربرهم کي اکشر پُرش بہ سڏيو ويندو آهي، هي اصل ۾ اويناشي نہ آهي، هِي ست سنک بِرهماندن جو مالڪ آهي .

3.**بِرهمر** :- بِرهم کي جوتِي نِرنجن/ڪال/ڪيل/شر پُرش/ڌرم راءَ وغيره نالن سان سُڃاتو وڃي ٿو.جيڪو صرف 21 بِرهماندن جو مالڪ (سوامي) آهي، اڳتي هِن بِرهم (ڪال) جِي سرشٽِي جي هڪ بِرهماند جِي ڄاڻ ڏنِي ويندي، جنهن ۾ ٽي ٻيا بہ نالا ٻُڌڻ ۾ ايندا يعني بِرهما، وِشٽو، مهيش.

**بِرهمر ۽ بِرهما ۾ فرق**:- هڪ بِرهماند ۾ ٿهيل سڀ کان مٿي واري جڳهہ تي بِرهم شرپُرش (ڪال) پاڻ ٽِن خفيہ جڳهين جِي رچنا ڪري بِرهما، وِشٽو ۽ شِـو جِي شڪل ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجِي پتنِي (زال) دُرگا جِي مدد سان ٽِن پُـٽن جِي پيدائش ڪندو آهي. جِن جا نالا بہ بِرهما، وِشٽو ۽ شِـو ئي رکندو آهي، جيڪو بِرهم جو پُٽ بِرهماجِي آهي اهو هڪ بِرهماند ۾ صرف ٽِن لوڪن (ڌرتِي لوڪ،سرگ لوڪ ۽ پاتال لوڪ ) ۾ هڪ رجوگُڻ وِياگ (ڪاتي)جو وزير آهي، جنهن کي ترِلوڪي بِرهما چيو آهي. ٻيو بِـرهم جيڪو بِرهم لوڪ ۾بِرهما رُوپ ۾ رهندو آهي هِن کي مهابِرهما ۽ بِرهم لوڪيہ بِرهما چيو ويندو آهي، اِنهي بِرهم (ڪال)کي سدا شِـو، مهاشِـوَ ۽ مها وِشٽو بہ چيو ويندو آهي.

شِرِي وِشٽو پُـراڻ ۾ پرماڻ ( ثبوت):- چٿورٿ انش اڌياءِ 1 صفحو نمبر 230 ۽ 231 تي شِرِي بِرهما جِي چيو:- جنهن اجنما،سروَميہ وِڌاتـا پرميشور جو آدي (شروعات)، مڌ (وچ)، انت، (آخر)، سروپ، سڀاوَ ۽ سار اسان نٿا ڄاڻي سگهون (شلوڪ نمبر 83 )

جيڪو منهنجي شڪل اختيار ڪري سنسارجي رچنا ڪري ٿو، پالڻ جي وقت جيڪو پُرش رُوپ آهي ۽ جيڪو رُڌر رُوپ سان ڪائنات جو گِراس (گراهہ/ نوالو) ڪري ٿو، اننت رُوپ سان سموري جڳت جو ڌارڻ ڪري ٿو (شلوڪ نمبر 86 ).

# بِرهم لوڪ جو لگوچيتر (نقشو)



## "شري برهما جي،شري وشنو جي ۽ شري شـوجي جي پيدائش"

ڪال (برهم) پرڪرتي (دُرگا) کي چيو تہ هاڻي منهنجو ڪير ڇا بگاڙيندو؟؟ مان پنهنجي من ماني ڪندس. دُرگا وري التجا ڪئي تہ توهان ڪجھ شرم ڪريو! پهرين تہ توهان منهنجا وڏا ڀاءُ آهيو ڇو تہ اُنهي پُورڻ پرماتما(ڪبير ديوَ) جي وچن شڪتي سان توهان (برهم) جي بيضي مان پيدائش ٿي آهي ۽ پوءِ منهنجي پيدائش بہ اُنهي پرميشور جي وچن سان ٿي آهي. ٻيو تہ مان توهان جي پيٽ مان ٻاهر آئي آهيان، انهي لحاظ کان مان توهان جي ڌيءِ ٿيس ۽ توهان منهنجا پيءَ ٿيا، انهن پاڪ رشتن ۾ بگاڙ ڪرڻ سان مهاپاپ ٿيندو آهي. مون وٽ پتاجي جي ڏنل شبد شڪتي آهي، جيترا پراڻي ( جاندار/ مخلوق) تون چوندي مان وچن سان پيدا ڪري ڏينديس. جوتي نرنجن دُرگا جي هڪ بہ نہ ٻُڌي ۽ چيائين تہ مون کي جيڪا سزا ملڻي هئي سا ملي وئي، مونکي ست لوڪ مان نيڪالي ڏني وئي، هاڻي مان پنهنجي من ماني ڪندس. ائين چئي ڪال پُرش(شر پُرش) پرڪرتي (دُرگا) سان زبردستي شادي ڪئي ۽ ٽي پُٽ (رجو گُڻ،برهما، ستو گُڻ وشڻو ۽ تمو گُڻ شنڪر) پيدا ڪيا. نوجوان ٿيڻ تائين ڪال(برهم) پنهنجي ٽن پُٽن کي دُرگا جي ذريعي بيهوش ڪرائي ڇڏيندو آهي، جوان ٿيڻ تي شري برهماجي کي ڪمل جي گُل تي، وشڻو جي کي شيش نانگ جي سيج تي ۽ شـوجي کي ڪيلاش جبل تي هوش ۾ آڻي ويهاري ڇڏي ٿو، اُن کان پوءِ دُرگا سان ٽنهي جي شادي ڪئي ويندي آهي ۽ هڪ برهماند ۾ ٽن لوڪن (سرگ،ڌرتي ۽ پاتال) ۾ هڪ هڪ شعبي جو وزير مطلب مالڪ بڻائي ڇڏيندو آهي. جيئن شري برهما جي کي رجو گُڻ کاتي جو، شري وشڻوجي کي ستو گُڻ کاتي جو ، شري شو جي کي تموگُڻ کاتي جو ۽ پاڻ (شر پُرش) خفيہ رهي ڪري (مها برهما،مهاوشڻو ۽ مها شـو) جي رُوپ ۾ وزير اعلي جي پد کي سنڀالي ٿو. هڪ برهماند ۾ هڪ برهم لوڪ جي رچنا ڪئي آهي. جنهن ۾ ٽي آستان اهڙا آهن جيڪي گُپت (خفيہ) ٺاهيا آهن، هڪ رجوگُڻ پرڌان آستان آهي جتي هي برهم (ڪال) پاڻ مها برهما (وزير اعلي) جي شڪل ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مها ساويتري رُوپ ۾ رکندو آهي، انهن ٻنهي جي ميلاپ (حمل) سان جيڪو پُٽ اُن جڳھ تي پيدا ٿيندو آهي، اُهو خودبخود رجوگُڻي ٿي ويندو آهي. ٻي جڳھ تي ستوگُڻ پرڌان مڪان بڻايو آهي. اُتي هي (شر پُرش) پاڻ مها وشڻو رُوپ بڻائي رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مهالڪشمي رُوپ ۾ رکي ٻنهي جي ميلاپ سان جيڪو پُٽ پيدا ڪندو آهي،

هُن جو نالو وِشٹو رکندو آهي ۽ هو پار خودبخود ستوگُڻي ٿي ويندو آهي ۽ ٽيون مکان ڪال اُتي ئي هڪ تموگُڻ پرڌان آستان ٺاهيو آهي، جنهن ۾ هي(برهم/ ڪال) خود مهاشِو رُوپ ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مهاپاروتي رُوپ ۾ رکندو آهي. جتي هِن ٻنهي پتي پتني وهنوار سان جيڪو پُٽ پيدا ٿيندو آهي اُنهي جو نالو شِو رکي تمو گُڻي مقرر ڪندو آهي (ثبوت لاءِ ڏسو پويتر شري شِو مهاپُراڻ ودويشوَر سهيتا پيج نمبر 24۽ 26 جنهن ۾ برهما، وشٹو، رُدر (شِو) ۽مهيشوَر کان الڳ سدا شِوَ آهي ). رُدر سهيتا اڌياءِ 6 ،7 ،9 پيج نمبر 100 کان 105 ۽ 110 تي ترجمو ڪندڙ شري هنُومان پرساد پودار، گيتا پريس گورک پور کان پرڪاشت (ڇپيل) ۽ پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ٽين (3) اسڪند جي پيج نمبر 114 کان 123 تائين،گيتا پريس گورک پور کان پرڪاشِت (ڇپيل) جنهن جو ترجمو ڪندڙ شِري هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامِي آهي.

پوءِ اِنهن کي دوکي ۾ رکي پنهنجي کاڌي (خوراڪ) لاءِ جيوَن (جاندارن) جي پيدائش شِري برهماجِي جي ذريعي ۽ پالڻ هڪ ٻئي کي موه ممتا ۾ رکي ڪال جال ۾ رکڻ شِري وِشٹو جي کان ڪرائيندو آهي ۽ شنڪر ڀڳوان کان سِنهار مطلب مارڻ جو ڪم ڪرائيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪال پُرش کي بد دُعا جي ڪري هڪ لک انسان جيوَ ذاري ساهوارن جي سوڪشيم شرير مان نڪتل گند (ميل) ڪيي کائڻو پوي ٿو، انهي جي لاءِ 21 برهماندن ۾ هڪ تپت شِلا (گرم پٿر)آهي جيڪو پنهنجو پاڻ گرم رهندو آهي، جنهن تي گرم ڪري گند ڪيي کائيندو آهي. جيوَ (روح، آتما) مرندي نہ آهي پر تڪليف تمام گهڻي ٿيندي آهي، پوءِ جيو آتمائن کي ڪرمن آڌار تي مطلب اعمالن جي مطابق ڪنهن ٻئي جسم ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. مثال طور جيئن ڪنهن گهر ۾ ٽي ڪمرا ٺهيل هُجن، هڪ ڪمري ۾ اشليل (اُگهاڙيون) تصويرون لڳل هُجن، اُن ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي من ۾ اِهڙائي گندا ويچار پيدا ٿي ويندا آهن، ٻئي ڪمري ۾ ساڌُو سنتن، ڀڳتن جون تصويرون لڳل هُجن تہ من ۾سُٺا ويچار پرماتما جي ڀڳتي ۾ ڌيان لڳو رهي ٿو ۽ ٽئين ڪمري ۾ ديش جي شهيدن جون تصويرون لڳل هُجن تہ من ۾ اهڙا ئِي جوشيلا خيال ايندا آهن. ٺيڪ انهي وانگر برهم ڪال پنهنجي سوچ سمجهہ سان متي وارن ٽي گُڻ پرڌان استانن/هنڌن جِي رچنا ڪري رکي آهي.

## " ٽيئي گُڻ ڇا آهن ؟ تصديق ساڻ "

ٽيئي گُڻ، رجو گُڻ برهما، ستو گُڻ وِشٹو ۽ تمو گُڻ شِو جي آهن. اِنهن جي پيدائش برهم (ڪال) ۽ پرڪرتي (دُرگا) سان ٿي آهي، اِهي ٽيئي ناشوان (فاني) آهن.

پرماڻ:- گيتا پريس گورک پُور کان پرڪاشت (ڇپيل) شِو مهاپُـــراڻ جنهن جا سمپادِڪ آهن شرِي هنومان پرساد پودار پيج نمبر 24 کان 26 وِدويشوَر سهيتا ۽ پيج نمبر 110 اڌياءِ 9 رُوُدر سنهيتا. اهڙي طرح بِرهما، وِشڻو ۽ شِـو ٽنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن، پر شِـــو ( بـرهم، ڪال) گُڻ اتيت چيو ويو آهي.

**ٻيوپرماڻ-:** گيتا پريس گورک پُور کان ڇپيل شريمد ديـوي ڀاڳوت پُراڻ جنهن جا سمپادِڪ آهن شرِي هنومان پرساد پُودار چمن لال گوسوامي. ٽيون اِسڪند اڌياءِ 5 جي پيج نمبر 123. ڀڳوان وِشڻُو دُرگا جِي استوتي ڪندي چيو آهي تہ مان يعني وِشڻو بِرهما ۽ شِـــو توهان جي ڪرِپا سان وِدمان (موجود ) آهيون اسان جو تہ اَوِرڀاوَ (جنم) ۽ تِروڀاوَ (موت) ٿيندو آهي، اسان نِتيہ (قائم دائم) نہ آهيون. تون ئي هميشهہ رهڻ واري آهين، جڳت جنني آهين، پرڪرتي ۽ سناتني ديوي آهين.

ڀڳوان شنڪر چيو اي ماتا! جيڪڏهن ڀڳوان بِرهما ۽ ڀڳوان وِشڻو توهان مان ئي پيدا ٿيا آهن تہ اِنهن کان بعد پيدا ٿيڻ وارو تموگُڻي ليلا ڪندڙ شنڪر (شِو) ڇا تنهنجي اولاد نہ آهيان؟ مطلب مون کي بہ پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين. هِن سنسار جي سرشٽِي (تخليقڪار)، اِستتي (پالڻهار) ۽ سنهار (خاتمو) ڪرڻ ۾ تنهنجا گُڻ سدائين طاقت رکندا آهن، اُنهن ٽنهي گُڻن مان پيدا اسين يعني بِرهما، وِشڻو ۽ شنڪر نيم (اصول) مطابق ڪاريہ (ڪم ڪار) ۾ تيار هوندا آهيون،

مٿيون ذِڪر صرف هندِي ۾ ترجمو ٿيل شرِي ديوي مهاپُراڻ مان آهي، جنهن ۾ ڪجهہ تٿين (ليک) کي لِڪايو ويو آهي. اِنهي ڪري ساڳيون ئي ثبوت ڏسو شرِيمد ديوي ڀاڳوت مهاپُراڻ، سُياش ٽيڪم سِمهاتيم، کيمراج شرِي ڪرشن داس، پرڪاشن ،مُمبئي. ان ۾ سنسڪرِت سميت هندي ترجمو ڪيل آهي. ٽيون اسڪند اڌياءِنمبر 4 شلوڪ نمبر 42 پيج نمبر 10:-

**بِرهما اهم ايشوره فِل تي پرڀاوات سروي ويم جني يوُتليدا تو نِتيہ ڪي انيہ سوره شتمڪ پرمو کهاه ڇہ نيتيہ نيتيہ توَ ميوَ جنني پرڪرتي پُراڻا.**

سمجهاڻي-:اي ماتا! بِرهما مان (وشنو) ۽ شِوَ تنهنجي ئي پرڀاوَ(طاقت) سان جنم وان آهيون، اسين هميشهہ رهڻ وارا نہ آهيون مطلب اسان اوناشي نہ آهيون، تہ پوءِ اِندر وغيره ٻيا ديوتا لافاني ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ تون ئي اويناشي آهين، پرڪرِتي ۽ سناتني ديوي آهين (42)

پيج نمبر11. 12 اڌياءِ نمبر 5 شلوڪ 8 :-

**يدِي ديا ڏرمنا، نہ سدا س امبيڪي ڪٿيم وهيتاھ چہ تموگُناھ**
**ڪمل جئشچ رجوگڻ سمپوَھ سُهيتا ڪِموَ ستو گڻو هري.(8)**

سمجهاڻِي-:ڀڳوان شنڪر چيو اي ماتا! جيڪڏهن اسان تي تنهنجي پرپور ديا آهي تہ مون کي تمو گُڻ ڇو بڻايو؟ ڪمل مان پيدا برهما کي رجو گڻ ڇا لاءِ بڻايو؟ ۽ وِشڻو کي ستو گڻ ڇو بڻايو؟ مطلب جيوَ پراڻين جي جنم موت رُوپي دُشٽ ڪرم ۾ ڇو لڳايو؟

شلوڪ نمبر 12 :- **رميسي سوَ پتم پُرسوم سداتوَ گتيم نہ هِي ويهي ويدوم شِوي.**

سمجهاڻِي-:پنهنجي پتِي پُرش يعني ڪال ڀڳوان سان سدائين ڀوگ ولاس ڪندي رهندي آهين. توهان جِي گتِي ڪير بہ نٿو ڄاڻي.

مٿين ثبوتن سان ظاهر ٿيو تہ رجوگڻ برهما ستوگُڻ وِشڻو ۽ تمو گُڻ شِـو آهن. اِهي ٽيئي فاني آهن. دُرگا جو پتِي برهم ڪال آهي. هي هِن سان گڏ ڀوگ ولاس ڪندو رهندو آهي.

## "بِرهم ڪال جِي اوئڪت (لڪِي)رهڻ جي پرتگيا (عهد) "

(سُڪشم ويد ۾ بقايا سرشٽِي رچنا جو ذِڪر )

ٽِــن پُٽن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ برهم ڪال پنهنجِي پتنِي دُرگا کي چيو تہ مان عهد ٿو ڪريان تہ مان آئينده ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي اصلي رُوپ ۾ درشن (ديدار) نہ ڏيندس. جنهن ڪارڻ سان مان اَوئڪت (نراڪار) سمجهيو ويندس. هِن دُرگا کي چيو تہ تُون منهنجو ڀيد (راز) ڪنهن کي بہ نہ ڏجان، مان لڪي رهندس، دُرگا هِن (ڪال) کان پُڇيو تہ ڇا توهان پنهنجن پُٽن کي بہ درشن نہ ڏيندا؟ بِرهم ڪال چيو تہ مان پنهنجي پُٽن توڙِي ٻئِي ڪنهن کي بہ ڪنهن بہ ساڌنا سان درشن نہ ڏيندس، هي منهنجو اٽل (دائم) نيم رهندو. دُرگا چيو تہ هِي توهان جو اُتم نيم نہ آهي، جو توهان پنهنجي اولاد کان بہ لڪِي رهندا. تڏهن ڪال چيو تہ دُرگا اها منهنجِي مجبورِي آهي، مون کي هڪ لک انساني شرير ذاري ساهوارن جي سوڪشيم شرير ڪائڻ جوشراپ لڳل آهي. جيڪڏهن اصليت جِي منهنجي پُٽن (بِرهما،وِشڻو ۽ شِو) کي خبر پئجي وئي تہ اُهي منهنجو ڪم ڪار مطلب پيدائش (اُتپتي)، پالڻ (سٿيتي)۽ موت (سنهار)جو ڪم ڪون ڪندا. اِنهي لاءِ هِي منهنجو انوتم نيم سدا رهندو. جڏهن اِهي ٽيئي ڪجھ وڏا ٿِي وجن تڏهن اِنهن کي بيهوش ڪري ڇڏجان. منهنجِي باري ۾ نہ ٻُڌائجان

نہ تہ مان توکي بہ سزا ڏيندس. دُرگا هِن جي خوف جِي ماريل سچائِي کنهن کي بہ نٿي ٻُڌائي. اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 7 جي شلوڪ نمبر 24 ۾ چيو آهي تہ بيوقوف انسان منهنجي انوتم(گهٽيا) نيم کان اڻواقف آهن تہ مان ڪڏهن بہ ڪنهن جي سامهون پرگهٽ نٿو ٿيان. پنهنجي يوگ مايا سان لڪيل رهندو آهيان، اِنهي ڪري مون اڻوئڪت کي شڪل ۾ اچڻ وارو ڪرشن سمجهن ٿا.

سمجهاڻي-:(اُپدِيہ)بي وقوف(مم) منهنجي(انوتم) گهٽيا (اوئيم) اويناشي (پرم ڀاوَم)خاص مقصد کي (اجانت) نٿا سُڃاڻن (مام اويڪتم)مون اڻويڪت کي (ويڪتيم)انسان رُوپ ۾ ( آپنم) آيل (منن تي) سمجهن ٿا. مطلب مان ڪِرشن نہ آهيان، (گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ نمبر24.)

گيتا اڌياءِ11 شلوڪ نمبر47 ۽ 48 ۾ چيو آهي تہ هِي منهنجو اصل ڪال رُوپ آهي، هِن جو درشن مطلب بِرهم جي حاصلات نہ ويدن ۾ بيان ڪيل طريقي سان، نہ جپ سان، نہ تپ سان ۽ نہ ئي ڪنهن ٻئي طرح سان ٿي سگهي ٿو.

جڏهن ٽيئي پُٽ نوجوان ٿي ويا تڏهن ماتا ڀواني(پرڪِرتي، اشٽنگي) چيو تہ !توهان ساگر منٿن ڪريو. پهرين دفعو ساگر منٿن ڪيو تہ جوتي نِرنجن پنهنجي سوانسن جي ذريعي چار ويد پرگهٽ ڪيا، اُنهن کي گپت واڻِي ذريعي حڪم ڏِنو تہ توهان سمنڊ ۾ وڃي رهو. ساگر منٿن ۾ چار ويد نِڪتا اُهي بِرهما جِي ڪنيا. ويد ڪڍي ٽيئي پُٽ ماتا وٽ آيا. تڏهن ماتا چيو ويدن کي بِرهما رکي ۽ پڙهي.

**نوٽ:-** دراصل پُورڻ بِرهم بِرهم/ڪال کي پنج ويد ڏنا هئا. بِرهم صرف چئني ويدن کي ئي ظاهر ڪيا، پنجون ويد لڪائِي ڇڏيو، جنهن کي پُورڻ پرماتما پاڻ اچي ڪبيرگِرِيي مطلب ڪبيرواڻي جي مطابق ۽ لوڪوڪتيون(لوڪ گيت)۽ دوهن/بيتن جي صورت ۾ ظاهر ڪيو.

ٻئي ڀيري ساگر منٿن ڪيو تہ ٽي ڪنيائون (ڇوڪِريون) مليون. ماتا ٽنهي کي ورهائي ڇڏيون. پرڪِرتي دُرگا پنهنجا ئي ٽي رُوپ (ساويتري، لڪشمي ۽ پاروتي) ڌارڻ ڪري سمنڊ ۾لِڪي ويئي ، ساگر منٿن جي دوران ٻاهر اچي وئي. اُهي پرڪِرتي(دُرگا) جا ئي ٽيئي رُوپ آهن. بِرهما کي ساويترِي، وِشڻو کي لڪشمِي ۽ شنڪر کي پاروتِي پتنِي/زال رُوپ ۾ ڏنائين. ٽِنهي ڀوگ ولاس ڪيو، جنهن سان سُر (ديوتا) ۽ اسُر (راڪشِش) ٻئي پيدا ٿيا.

جڏهن ٽئين ڀيري ساگر منٿن ڪيو تڏهن 14 رتن برهما کي مليا، امرت وشنو، ديوتائين کي، مڌ (شراب) اسرن (راڪشسن) کي ۽ زهر شنڪر کي ڏنو جيڪو شنڪر پنهنجي گلي (ڪنٺ) ۾ رکيو. اها تمام پوءِ جي ڳالهه آهي ته جڏهن برهما ويد پڙهڻ لڳو ته خبر پئي ته سيني برهماندن جي رچنا ڪرڻ وارو ڪُل مالڪ پُرش (پربُو) ته ڪو ٻيو ئي آهي. تڏهن برهما اچي اها ڳالهه وشنو ۽ شنڪر کي ٻُڌائي ته ويدن ۾ ذڪر آهي ته سرجنهار ته ڪو ٻيو پربُو(پُرش) آهي پر ويد به چون ٿا ته هُن جو راز اسان به نٿا ڄاڻون، انهي جي لاءِ اشارو آهي ته ڪنهن تتوَدرشي سنت کان وڃي پُڇو. تڏهن برهما ماتا وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻُڌائي. ماتا چوندي هئي ته مون کان سواءِ ٻيو ڪير به ناهي، مان ئي سرو شڪتيمان آهيان پر برهما چيو ته ويد ايشور جا رچيل آهن. اُهي ڪوڙا نٿا ٿي سگهن. دُرگا چيو ته تنهنجو پتا توکي درشن نٿو ڏيئي سگهي، هُن جو واعدو ڪيل آهي. تڏهن برهماجي چيو ماتا هاڻ توهان جي ڳالهه تي اعتبار نٿو ٿئي، مان هُن پربو جي کوج ڪري ئي رهندس. دُرگا چيو جيڪڏهن تنهنجي پتا درشن نه ڏنا ته تون ڇا ڪندين؟ برهما چيو ته مان توهان کي پنهنجي شڪل نه ڏيکاريندس. ٻئي طرف جوتي نرنجن جو قسمَ ڪاڌل آهي ته مان اڻويڪت (لڪيل) رهندس، ڪنهن کي به درشن نه ڏيندس مطلب ايڪيهه (21) برهماندن ۾ ڪڏهن به پنهنجي اصل ڪال رُوپ ۾ آڪار (شڪل) ۾ نه ايندس. گيتا اڌياءِ نمبر 7 جو شلوڪ 24 :

**اويڪتم،ويڪتيم، آپنم، منينتي، مام اُبڌ هيه،**
**پرم، ڀاوم، اجانت، مم، اويم،انُوتمم24**

سمجهاڻي -:(اُبڌيه) بي وقوف ماڻهو (مام) منهنجي (انُوتمم) نيچ (اوييم) اويناشي (پرم ڀاوَم)خاص مقصد کي (اجانت) نٿا سمجهن (مام اويڪتم) مون اڻويڪت (لڪيل) کي (ويڪتيم)انسان رُوپ ۾ (آپنم) آيل (منتني) مڃن ٿا.مطلب ڪرشن رُوپ ۾ آيل اوتار مڃيندا آهن.

گيتا اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 25:

**نه، اهم، پرڪاشاه، سروسيه ،يوگ مايا، سماورتاه،**
**مُوڍه، ايَم ،نه، اڀيجاناتي، لوڪاه، مام، اجمَ، اوييمَ25**

سمجهاڻي-:(**اهم**) مان (**يوگ مايا سماورتاه**) يوگ مايا سان لڪيل (**سروسيه**) سيني جي (**پرڪاشاه**) سامهون (**نه**) نه ايندو آهيان مطلب لڪيل رهندو آهيان. هن لاءِ

(اجم)جنم نہ وٺڻ وارو (اويم) اويناشي اٹل مقصد کي (ايمَ) اِهي (مُوڌه) اگياني (لوڪاه) ماڻهو (ما)مونکي (نہ) نٿا (اڀيجانتِي)سُڃاڻن مطلب مونکي اوتار رُوپ ۾ آيل سمجهن ٿا. چاڪاڻ تہ برهم پنهنجي شبد شڪتي سان پنهنجا مُختلف رُوپ بڻائي وٺندو آهي. هي دُرگا جو پتِي آهي اِنهي ڪري هِن منتر ۾چئي رهيو آهي تہ مان شرِي ڪرشن وغيره وانگر دُرگا سان جنم نٿو وٺان.

## ”برهما جو پنهنجي پتا (ڪال برِهم) جِي حاصلات لاءِ ڪوشش“

تڏهن برِهما کي دُرگا چيو تہ الک نِرنجن توهان جو پِتا آهي، پر هو توهان کي درشن نہ ڏيندو. برِهما چيو مان درشن ڪري ئي موٽندس. ماتا پڇيو! تہ جيڪڏهن توکي درشن نہ ٿيو تہ ڇا ڪندين؟ برِهما چيو مان واعدو ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن پتا جا درشن نہ ٿيا تہ توهان جي سامهون ڪڏهن بہ نہ ايندس. اِهو چئي برِهماجِي پريشان ٿي اُتر طرف روانو ٿي ويو، جتي رُڳو اُوندا ئي اُوندا آهي، اُتي برِهما چار يُگن تائين ڌيان لڳايو، پر ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو. ڪال آڪاش واڻي ڪئي تہ دُرگا سرشٽِي رچنا ڇو نہ ڪئي آهي؟ ڀواني چيو توهان جو وڏو پُٽ برِهما ضد ڪري توهان جي تلاش ۾ نِڪري ويو آهي. برِهم (ڪال) چيو هِن کي واپس گُهرائي وٺ مان هُن کي درشن نہ ڏيندس. برِهما کان سواءِ جيوَ سرشٽِي جو سڀ ڪم ناممڪن آهي، تڏهن پرڪرتِي (دُرگا) پنهنجي شبد شڪتِي سان گائترِي نالي جي هڪ ڇوڪرِي پيدا ڪئي ۽ هُن کي برِهما واپس وٺي اچڻ لاءِ چيو. گائترِي برِهما جِي وٽ ويئي پر برِهماجِي سماڌي ۾ هئا، هِن کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿي رهيو هو تہ ڪير آيو آهي. تڏهن آدي ڪُمارِي (پرڪرتي) گائترِي کي ڌيان ذريعي چيو تہ برِهما جي پيرن کي هٿ لاهہ . تڏهن گائترِي ائين ئي ڪيو. برِهماجِي جو ڌيان ڀنگ ٿي ويو. تڏهن ڪروڌ مان چيائين تہ تون ڪير پاپڻِي آهين،؟ جنهن منهنجو ڌيان ڀنگ ڪيو آهي، مان توکي شراپ ڏيندس. گائترِي چوڻ لڳِي تہ منهنجو ڏوهہ ناهي، پهرين منهنجي ڳالهہ ٻُڌ پوءِ شراپ ڏجان. ماتاجِي توکي واپس گهرائڻ لاءِ موڪلي آهي، چاڪاڻ تہ توهان کان سواءِ تخليق نٿي ٿِي سگهي. برِهما چيو تہ مان ڪيئن هلان؟ پِتاجِي جا درشن ٿيا ئي ناهن، ائين ويندس تہ منهنجو مذاق ٿيندو. جيڪڏهن تون ماتاجِي سامهون اِئين چوين تہ برِهما کي پِتاجِي(جوتِي نِرنجن) جا درشن ٿيا آهن، مون پنهنجي اکين سان ڏِٺو آهي تہ مان توسان گڏ هلڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن گائترِي چيو جيڪڏهن تون مون سان سميوگ (جنسي عمل) ڪندي تہ مان تنهنجِي ڪُوڙِي گواهِي ڏيئي سگهان ٿي. تڏهن برِهما سوچيو تہ

پِتا جِي جا درشن نہ ٿيا آهن، اِئين ئي ويندس تہ ماتاجِي سامهون شرمسار ٿيندس.
تڏهن ٻيو ڪوبہ حل نہ ڏسِي گائتري سان رتي ڪِريا ڪيائين.

بعد ۾ گائترِي چيو تہ ڇونہ هڪ ٻيو گواهہ تيار ڪيو وڃي. انهي تي برهما وراڻيو تہ سُٺي صلاح آهي. تڏهن گايترِي پنهنجي شبد شڪتِي سان هڪ ڇوڪرِي پهُوپ وتِي نالي پيدا ڪئي. پهُوپ وتِي کي ٻنهي (برهما ۽ گائيتري) چيو تہ تُون اها گواهي ڏجان تہ بِرهما کي پِتا جا درشن ٿيا آهن. تڏهن پهوپاوتي چيو تہ مان چو ڪُوڙي گواهِي ڏيان،
ها! جيڪڏهن بِرهمامون سان رتي ڪِريا (جنسي عمل) ڪري تہ گواهِي ڏيئي سگهان ٿي. تڏهن گائيتري بِرهما کي سمجهايو تہ ٻيو ڪوبہ چارو ناهي. تڏهن بِرهما پهوپ وتي سان جنسي عمل ڪيو. پوءِ ٽيئي ڄڻا گڏ ٿي آدِي مايا (دُرگا) وٽ آيا. ٻنهي ديوين (گائيتري ۽ پهُوپ وتي) مٿئين شرط اِنهي لاءِ رکي تہ جيڪڏهن بِرهما اسان جي ڪُوڙي گواهي متعلق ماتا کي ٻُڌائي ڇڏي تہ ماتا اسان کي شراپ (بدعا) ڏيندي. اِنهي لاءِ هِن کي بہ قصُور وار ٻڌائي ڇڏيو.

هتي غريب داس جِي فرمائين ٿا تہ -: داس غريب يہ چوڪ ڏوروم ڏور.

## "ماتا دُرگا جو برهما کي شراپ (بددُعا) ڏيڻ"

تڏهن ماتا بِرهما کان پُڇيو تہ ڇا توکي تنهنجي پِتا جا درشن ٿيا آهن؟ بِرهما چيو ها ماتا مونکي پِتا جا درشن ٿيا آهن. دُرگا چيو گواهہ ڪير آهي؟. تڏهن بِرهما چيو تہ اِنهن ٻنهي جي سامهون درشن ٿيا آهن. ديوِي ٻنهي ڇوڪرين کان پُڇيو ڇا توهان جي سامهون بِرهم جو درشن ٿيو آهي. تڏهن ٻنهي چيو تہ ها اسان پنهنجي اکين سان ڏِٺو آهي. تڏهن ڀوانِي کي شڪ ٿيو تہ مونکي بِرهم چيو هو تہ مان ڪنهن کي بہ درشن نہ ڏيندس. پر هي ڇون ٿا تہ درشن ٿيا آهن. تڏهن اسٽنگي ڌيان لڳائي ڪال جوتِي نِرنجن کان پُڇيو! تہ هي ڇا ڪهاڻِي آهي؟ جوتِي نِرنجن چيو ! اهي ٽيئي ڪُوڙ ڳالهائي رهيا آهن. تڏهن ماتا اِنهن کي چيو توهان ڪُوڙ ڳالهائي رهيا آهيو، مونکي آڪاش واڻي ٿي آهي تہ توهان کي ڪوبہ درشن نہ ٿيو آهي. اِها ڳالهہ ٻُڌِي بِرهما چيو تہ ماتاجِي! مان قسمَ کائي پِتاجِي کي تلاش ڪرڻ لاءِ ويو هُئس، پر پِتاجِي (بِرهم) جا درشن نہ ٿيا ۽ توهان جي اڳيان بغير درشن ڪرڻ جي اچڻ سان شرم پئي ٿيو، اِنهي ڪري ڪُوڙ ڳالهايو.
تڏهن ماتا دُرگا ڪاوڙ ۾ اچي چيو تہ هاڻ مان توهان کي شراپ ڏيان ٿي.

## "برھما کي شراپ (بددُعا)"

تنھنجي پُوڄا جڳ ۾ نہ ٿيندي، اڳتي تنھنجو ونس (نسل) ٿيندو اُھو گھڻو پاکنڊي ٿيندو، ڪوڙيون ڳالهيون ڪري دُنيا کي لُٽيندو. ظاھري تہ سُٺا ڪم ڪندي نظر ايندا پر اندران ڪان وڪار بُرايون ڪندا. پُراڻن جون ڪٿائون ڪندا پر پاڻ اگياني ھوندا، ست گرنٿن (مقدس ڪتابن) جي سچائي کان اڻ واقف ھوندا، پوءِ بہ مان، وڏائي، ڌن دولت وغيره کي حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ گرو بڻجي ماڻھن کي ويدن ۽ شاسترن جي خلاف ڏند ڪٿائون (ھٿ ٺوڪيون ڳالهيون) ٻڌائيندا. ديوي ديوتائن (پٽرن) جي پُوڄا ڪرائي ٻين جي ڳلا ڪري گھڻيون تڪليفون پوڳيندا ۽ پنھنجن چيلن کي پرمارٿ (ٻين جي ڀلائي ڪرڻ) نہ سيکاريندا. دڪشٽا (پئسن) خاطر جڳت جي ماڻھن کي گُمراھہ ڪندا رھندا. پنھنجو پاڻ کي سڀ کان عقل مند سڏائيندا ۽ ٻين کي نيچ سمجھندا.

جڏھن ماتا جو اھڙو شراپ ٻُڌو تہ برھماجي بيھوش ٿي زمين تي ڪري پيو. گھڻي وقت کان پوءِ ھوش ۾ آيو.

## "گايتري کي شراپ (بددُعا)"

تنھنجا ڪيترائي ساندَ پتي ٿيندا، تون مرت لوڪ ۾ ڳئُون ٿيندين.

## "پھوپ وَتي کي شراپ (بددُعا)"

تنھنجي جاءِ گندگي ۾ ھوندي، تنھنجي گُلن کي ڪير بہ پوڄا ۾ نہ آڻيندو. اِن ڪُوڙي گواھي جي ڪري توکي اِھو نرڪ ڀوڳڻو پوندو. تنھنجو نالو ڪيوڙا ڪيتڪي (گٽر ۾ ٿيڻ واري وَل) ھوندو. ھرياڻا ۾ اِن کي ڪسونڊي چوندا آھن.

اِھڙي طرح ٽنھي کي شراپ ڏئي ماتا ڀواني تمام گھڻو پڇتائِي ( اھڙي طرح پھرين تہ ھِي جيوَ ٻنا سوچ جي من يعني ڪال نرنجن جي اثر سان غلط ڪرم ڪري ڇڏيندو آھي. پر جڏھن آتما (پرماتما جي انش) جي پرڀاوَ (اثر) سان ھن کي گيان ٿي ويندو آھي تہ پوءِ پڇتائڻو پوندو آھي. جھڙي نموني ماتا پتا پنھنجن ٻارن کي ٿوري غلطي جي ڪري ڪاوڙ ۾ اچي ڌمڪائيندا آھن ۽ بعد ۾ تمام گھڻو پڇتائيندا بہ آھن. اھا ترڪيب ڪال نرنجن جي دٻائو سان سڀ مخلوق ۾ ڪم ڪري رھي آھي. پر ھا ھتي ھڪڙي خاص ڳالھہ آھي تہ نرنجن بہ پنھنجو قانون ٺاھي رکيو آھي تہ

جيڪڏهن ڪو اِنسان ڪنهن ڪمزور انسان کي ستائيندو ته اُن کي به اُن جو بدلو ڏيڻو ئي پوندو.

جڏهن آدي ڀواني (پرڪرتي، اشٽنگي) برهما، گائيترِي ۽ پُهوپ وَتي کي شراپ ڏنو هو تڏهن الک نرنجن (برهم/ڪال )چيو ! اي ڀواني هي توهان چڱو نه ڪيو. هاڻ مان (نرنجن) توکي شراپ ڏيان ٿو ته دُوئاپر يُگ ۾ تنهنجا به پنج پتي ٿيندا (دُروپدي ئي آدي مايا جواوتار ٿي آهي ). جڏهن اِها آڪاش واڻي ٻُڌي ته آدي مايا چيو ته اي جوتِي نِرنجن مان تنهنجي وس آهيان، جيڪو چاهين سو ڪر.

## “وِشنو جو پنهنجي پِتا (ڪال بِرهم)جي حاصلات لاءِ وڃڻ ۽ ماتا کان آشيرواد پائڻ ”

اُن کان پوءِ وِشنُو کي پرڪرتي چيو ته پُٽ تون به پنهنجي پِتا جي تلاش ڪري وٺ. تڏهن وشنُو پنهنجي پِتا (ڪال) جي کوج ڪندي ڪندي پاتال لوڪ ۾ هليا ويا، جتي شيش نانگ هو، هُن وِشنُو کي پنهنجي حد (علائقي) ۾ داخل ٿيندي ڏسِي زهر سان ڀريل ڦونڪار هيائين. زهر جي اثر سان وِشنُوجي جو رنگ سانوَرو ٿي ويو، جئين اسپري ڪرڻ سان رنگ تبديل ٿي ويندو آهي. تڏهن وشنُو سوچيو ته هِن نانگ کي ته مزو چکائڻو پوندو، اُن وقت جوتِي نِرنجن ڪال ڏنو ته وِشنُو کي شانت ڪرڻ گهرجي، تڏهن آڪاش واڻي ڪئِي ته وِشنُو هاڻي تون پنهنجي ماتا وٽ وڃ ۽ سچِي ڳالهه سچ سچ ٻُڌائجان، جيڪو تو سان ٿيو آهي ۽ جيڪا تڪليف توکي شيش نانگ مان ملي آهي، اُن جو بدلو دُوئاپُر يُگ ۾ وٺجان، دُوئا پُريُگ ۾ تون (وِشنُو) ڪرشن اوتار ڌارڻ ڪندي ۽ ڪاليدي ۾ ڪالندري نالي نانگ يعني شيش نانگ جو اوتار ٿيندو.

**اونچ هو ڪي نيچ ستاوي ،تا ڪر (اوئيل)موهي سُون پاوي .**
**جو جِيوَ ديهي پيڙ پوني ڪاهو، هم پوني اوئيل دواوين تاهو.**

تڏهن وِشنُو ماتاجِي وٽ آيا ۽ سچ سچ ڳالهه ڪري ٻُڌائي ته مونکي پِتا جِي جا درشن نه ٿيا آهن. اِنهي ڳالهه تي ماتا پرڪرتي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيو ته پُٽ تون ستوادِي آهين، هاڻ مان پنهنجي شڪتِي سان توکي تنهنجي پِتا جِي سان ملايان ٿي ۽ تنهنجي من جو شڪ ختم ڪريان ٿي.

**ڪبير، ديک پُتر توهي پِتا پيتائون ، توري من ڪا ڌوڪا مِٽائون.**
**من سروپ ڪرتا ڪهه جانو، من تي دُوجا اور نه مانو.**
**سرگ پاتال دور من ڪيرا، من اِستر من اهي انيرا**

**نِرنڪار من هي ڪو ڪهيئي، من ڪـي آس نـِس دِن رهـيئي.**
**ديکو پلٽِي سُن ۾ جوتِي ، جهان پر جهل مِل جهالر هوتِي .**

اهڙي طرح ماتا (اشٽنگي پرڪرتي) وِشٽوکي چيو تہ من ئي جڳ جو ڪرتار آهي، اهوئي جوتي نِرنجن آهي. ڏيان ۾ جيڪي هِڪ هزار جوتيون نظراچن ٿيون هِن جو رُوپ آهي. توهان جيڪي شنک گهنٽ وغيره سازن جو آواز ٻُڌو آهي سو مهاسرگ ۾ جوتي نِرنجن جو ئي وڄي رهيو آهي. تڏهن ماتا (اشٽنگي پرڪرتي) چيو تہ اي پُٽ تون سيني ديوتائن جو سرتاج آهين، تنهنجي هر ڪامنا ۽ ڪارج مان ئي پورو ڪنديس، تنهنجي پُوڄا سڄي جڳ ۾ ٿيندي، تو مون کي سچ سچ ٻُڌايو آهي.

ڪال جي 21 برهماندن جي پراڻين (جاندارن) جي اِها خاص عادت آهي تہ اُهي پنهنجي ڏاڍي تعريف بيان ڪندا آهن. جيئن دُرگاجِي وِشٽوجِي کي چئي رهي آهي تہ تنهنجي جڳ ۾ پُوڄا ٿيندي، مون توکي تنهنجي پِتاجِي جا درشن ڪرائي ڇڏيا. دُرگا تہ رُڳو پرڪاش (روشنِي) ڏيکاري شري وِشٽوجِي کي خوش ڪيو. اڳتي هلي شرِي وِشٽوجِي پـڻ ساڳئي ئي حالت رهي آهي، پنهنجي انويائين يعني پوئيلڳن کي سمجهائڻ لڳا تہ پرماتما جو رُڳو پرڪاش ئي ڏسِي سگهجي ٿو، پرماتما نِراڪار(بِنا جِسم جي) آهي.

اُن ڪان پوءِ آدِي ڀوانِي رُدر (شِو جِي) وٽ آئي ۽ چيائين تہ مهيش تون بہ ڪري وٺ پنهنجي پِتا جي کوج. تنهنجي ڀِنهي ڀائرن کي تہ نہ ٿيا تنهنجي پِتا جِي جا درشن. اُنهن کي جيڪو ڏيڻو هو سوتہ مون ڏيئي ڇڏيو، هاڻ توکي جيڪوگهُرڻو هُجي سو گهُر. تڏهن مهيش چيو تہ اي جنني! جيڪڏهن منهنجي ڀِنهي وڏن ڀائرن کي پِتا جِي جا درشن نہ ٿيا پوءِ اهڙي ڪوشش ڪرڻ ئي بيڪار آهي. ڪِرپا ڪري مونکي اهڙو وردان ڏيو جنهن سان مان هميشہ لاءِ اَمر ٿي وڃان، تڏهن ماتا چيو اِهو مان نٿي ڪري سگهان. ها هڪ مشوَرو ڏيئي سگهان ٿي جنهن سان تنهنجي عمر سيني کان وڏي ٿي ويندي، جنهن جي وِڌِي (طريقو) يوگ سماڌي آهي. (انهي ڪري مهاديو جِي اڪثر ڪري سماڌي ۾ رهندا آهن) اِن ڪان پوءِ ماتا اشٽنگي ٽِن پُٽن کي الڳ الڳ حصا ورهائي ڏيئي ڇڏيا.

ڀگوان برهماجِي کي هِن ڪال جي لوڪ ۾ لک چوراسِي قِسمن جا شريرتاهڻ مطلب رجگڻ سان مُتاثر (اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ مجبور ) ڪري جيوَ پيدا ڪرڻ جو شعبو سونپيو آهي.

پگوان وِشڻو جِي کي هِن جاندارن جي پالڻ پوشڻ (عمال/مطابق) ڪرڻ ۽ موهہ ممتا پيدا ڪري پاڻ ۾ جڪڙي رکڻ جو ڪم ڏنو آهي.

پگوان شنڪرجِي کي سنهار (مارڻ، خاتمو) جو ڪاتو ڏنو چو تہ هِن جي پتا نِرنجن کي هڪ لک انسان شرير ڌاري جيوَ هر روز کائڻا پوندا آهن.

هتي من ۾ هڪ سوال اچي ٿو تہ بِرهماجِي، وِشڻوجِي ۽ شنڪر جِي سان اُتپتِي.(پيدائش) استتي(پالڻ پوشڻ) ۽ سنهار (موت) ڪيئن ٿئي ٿو؟ اِهي ٽيئي پنهنجي پنهنجي لوڪن ۾ رهن ٿا. جيئن اڄڪلهہ مواصلاتي نظام هلائڻ جي لاءِ سيٽلائٽ کي مٿي آسمان ۾ ڇڏيو ويندو آهي ۽ اُهي هيٺ ڌرتِي تي مواصلاتي نظام(سنچار پرڻالي )کي هلائيندا آهن. بلڪل ساڳِي ئي طرح اِهي ٽيئي ديوَ جتي بہ رهندا هُجن اِنهن جي جِسم مان نِڪرندڙ سُوڪشم گُڻ جون شعائون ٽنهي لوڪن ۾ خودبخود هر جيوَ (جاندار) تي پرڀاوُ (اثر) ٻڌائي رهندا آهن.

مٿيون تفصيل هڪ بِرهمانڊ ۾ بِرهم (ڪال) جِي رچنا (تخليق) جو آهي. اِهڙا شر پُرش (ڪال بِرهم) جا 21 بِرهمانڊ آهن.

پر شرپُرش (ڪال بِرهم) خود ويڪت رُوپ مطلب واستوڪ (اصل) جِسمانِي صورت ۾ سڀني جي اڳيان نٿو اچي. اِنهي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽنهي ديوتائن (بِرهماجِي وِشڻوجِي شِوجِي) کي ويدن ۾ ٻُڌايل طريقي ڪار مطابق پڳتي ساڌنا ڪرڻ تي بہ بِرهم (ڪال) جا درشن نہ ٿيا. بعد ۾رِشين ويدن کي پڙهيو، اُنهن ۾ لکيل آهي تہ :

**اگني تنور اَسِي :** (پويتر يجُر ويد اڌياءِ نمبر 01 منتر نمبر 15 ) پرميشور سهہ شرير(جسم ساڻ) آهي ۽ پويتر يجُر ويد اڌياءِ نمبر 05 منتر نمبر 01 ۾ لکيل آهي تہ :

**اگني تنور اَسِي، وشٽوي تـوا سومسيہ تنور اَسِي.** هِن منتر ۾ وِري ويد گواهي ڏيئي رهيو آهي تہ سروَ وياپڪ، سڀني جي پالڻا ڪرڻ واري ست پُرش پرميشور جو شرير آهي. پويتر يجُر ويد اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 08 ۾ چيو آهي تہ **ڪوير منيشِي** جنهن پرميشور کي سڀئي مخلوقات چاهين ٿا، اُهو ڪوير مطلب ڪبير آهي. هُن جو شرير بِنا ناڙِي **(ايسناويرم)** جو آهي. **(شُڪرم)** ويريہ مان ٺهيل پنج تتوَن جي دنياوي **(اڪائيم)** بنا ڪايا جي آهي. اُهو سڀني جو مالڪ سڀني کان اونچي مقام تي ست لوڪ ۾ بِراجمان آهي. هُن پرميشور جو تيج پُنج **(سوَر جوتِي)** جو خود روشن

آهي. جيڪو شبدِ رُوپ مطلب اويناشي آهي، اُهو ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) آهي. جيڪو سيني برهماندن جِي رچنا ڪرڻ وارو وڌاتا (مالڪ) آهي. سيِني برهماندن جو رچڻهار **(سوئمڀُو)** خود پرگهٽ ٿيڻ وارو **(يٿا تٿيہ ارٿان)** واستوَ (حقيقت) ۾ **(شاشوت)** لافاني آهي. (گيتا ادياءِ 15 شلوڪ 17 ۾ بہ پرماڻ آهي.

سمجهاڻِي-:پُورڻ برهم جي شرير (جسم) جو نالو **ڪويرديوَ** (ڪبير ديوَ) آهي، هِن پرميشور جو شرير **نوري تتوَ** مان ٺهيل آهي. پرماتما جو شرير اَتي سُوڪشم ( بيحد مُلائم) آهي جيڪو اُن ساڌڪ کي نظر ايندو آهي. جنهن جِي ديويہ درشٽِي کُلي چڪي هوندي آهي. اهڙي طرح جيوَ (جاندار) جو بہ سوُڪشم شرير آهي جنهن جي مٿان پنج تتوَن جو خول (ڪايا) چڙهيل هوندي آهي. جيڪا ماتا پِتا جي سنيوگ (شُڪرم) يعني ويريہ (مني) مان ٺهيل آهي، شرير ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ جيوَ جو سوُڪشم شرير گڏ رهندو آهي، اُهو شرير اُن ساڌڪ کي نظر ايندو آهي جنهن جي ديويہ دِرشٽي کُلي چُڪي هوندي آهي. اهڙي طرح پرماتما ۽ جيوَ جِي اسٿيتي(حالت) کي سمجهو. ويدن ۾ اوم نام جي سِمرڻ جو پرماڻ آهي جيڪو صِرف برهم ساڌنا آهي، اِنهي مقصد سان اوم نام جي جاپ کي پُورڻ برهم جو جاپ مڃِي رِشين بہ هزارين سالن تائين هٺ يوڳ ڪري (سماڌي لڳائِي)، پريو پراپتِي جِي ڪوشِش ڪئي پر پريُو درشن نہ ٿيا. سِڌيون پراپت ٿي ويون. اُنهن سڌي رُوپي رانديڪن سان ڪيڏندي رِشي بہ جنم مرتيو جي چڪر ۾ ئي رهجي ويا ۽ پنهنجي مشُاهدي جي آڌار تي شاسترن ۾ پرماتما کي نِراڪار لکي ڇڏيو. برهم (ڪال) قسم کاڌو آهي تہ مان پنهنجي اصلِي رُوپ ۾ ڪنهن کي بہ درشن نہ ڏيندس. مونکي ائويڪت سمجهندا. ائويڪت جو خلاصو اِهو آهي تہ ڪو آڪار ۾ آهي پر پنهنجي رُوپ سان اسٿول رُوپ ۾ درشن نٿو ڏي . جيئن آسمان ۾ ڪڪر/بادل ڇائنجي وڃڻ تي ڏينهن جي وقت سِج ڏسڻ ۾ نٿو اچي پر ڪڪرن جي پٺيان سِج جيئن جو تيئن موجود آهي. اِهڙي صورتحال کي ائويڪت چوندا آهن. (ثبوت جي لاءِ گيتا ادياءِ نمبر 07 شلوڪ نمبر 24/25 ادياءِ 11، شلوڪ نمبر 32/48 ۾).

پويتر گيتاجِي جو گيان ڇوَڻ وارو برهم (ڪال) شرِي ڪرشن جِي جي شرير ۾ پريت وَت (پُوت وانگر) داخل ٿِي چئي رهيو آهي تہ اي ارجُن! آءُ وڏو ڪال آهيان ۽ سيِني کي کائڻ جِي لاءِ آيو آهيان. (گيتا اِدياءِ نمبر 11 جو شِلوڪ نمبر 32) اِهو منهنجو اصل رُوپ آهي. اِنهي کي تو ڪانسواءِ نہ تہ ڪو پهرين ڏسِي سگهيو آهي ۽ نہ

وڙي ڪو اڳتي ڏسي سگهندو مطلب ويدن ۾ لکيل (جپ، تپ، يڳيہ) ۽ نام وغيره جي جاپ سان منهنجي هن واستوڪ سرُوپ (اصل رُوپ) جا درشن نٿا ٿي سگهن (گيتا اڌياءُ نمبر 11 شِلوڪ نمبر 48) مان ڪرشن نہ آهيان هي مُورک (بي وقُوف) ماڻهو ڪرشن رُوپ ۾ مون ائويڪت کي ويڪت (انسان جهڙو) سمجهي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اِهي منهنجي گهٽيا نيم کان اڻ واقف آهن، تہ مان ڪڏهن بہ حقيقي ڪال رُوپ ۾ سڀني جي سامهون نٿو اچان، مان پنهنجي يوگ مايا سان لِڪيل رهندو آهيان (گيتا اڌياءِ 07، شِلوڪ 24/25) ويچار ڪريو! پنهنجي لِڪي رهڻ واري اصل قانون کي خود اسريشٽ (گهٽيا) چو چئي رهيو آهي؟

جيڪڏهن پِتا پنهنجي سنتان (اولاد) کي بہ درشن نہ ڏي تہ هُن ۾ ڪا خامِي آهي، جنهن ڪري لِڪيو آهي ۽ سهولتون بہ فراهم ڪري رهيو آهي. ڪال برهم کي بد دُعا جي ڪري هڪ لک انساني جسمن کي کائڻو پوي ٿو ۽ سوا لک پيدا ٿين ٿا، اُنهن کي ٺڪاڻي لڳائڻ جي لاءِ ۽ ڪرم يوگ جو ڏنڊ ڏيڻ جي لاءِ 84 لک يوڻين جي رچنا ڪري رکي آهي، جيڪڏهن سڀني جي سامهون ويهي ڪنهن جي ڏِي، ڪنهن جي استري تہ ڪنهن جي پُٽ، ماتا يا پِتا کي کائي وڃي تہ سڀني کي برهم ڪال کان نفرت ٿي وڃي ۽ جڏهن ڪنهن وقت پُورڻ پرماتما ڪوير اگني (ڪبير پرميشور) خود اچي يا پنهنجو ڪو بہ پيغمبر موڪلي تہ سڀئي انسان ست پڳتي ڪري ڪال جي جال مان نِڪري ويندا، اِنهي ڪري دوکو ڏئي رکيو آهي ۽ پويتر گيتا اڌياءِ 07 شلوڪ نمبر25، 24، 18 ۾ پنهنجي ساڌنا سان حاصل ٿيندڙ مُڪتي (گتي) کي بہ نيچ چيو آهي ۽ پنهنجي وِڌان (قانون، نيم) کي بہ نيچ چيو آهي.

سڀني برهماندن ۾ تهيل برهم لوڪ ۾ هڪ مها سرڳ ٺاهي آهي، مهاسرڳ ۾ هڪ هنڌ تي نقلي ست لوڪ، نقلي الک لوڪ، نقلي اگم لوڪ ۽ نقلي انامي لوڪ جي رچنا پراڻين کي دوکو ڏيڻ جي لاءِ پرڪرتي دُرگا (آدي مايا) ذريعي ڪرائي رکي آهي. ڪبير صاحب جو هڪ شبد آهي تہ -:

**” ڪر نينون ديدار محل ۾ پيارا هئہ “** واڻي ۾ آهي تہ **” ڪايا ڀيد ڪيا نِروارا هي ” يہ سب رچنا پنڊ منجهارا ، مايا اويگت جال پسارا، سو ڪاريگر پارا هئہ . آدي مايا ڪينهي چترائي ، جهُوٺي باجي پنڊ دِکائي، اويگت رچنا رچي انڊ ماهين، واڪا پرتي بمب دارا هي. ”**

# جوتي نرنجن (ڪال) بِرهم جي لوڪ (21 بِرهمانڊ) جو نقشو



# هڪ برهمانڊ جو نقشو



هڪ برهمانڊ ۾ ٻين لوڪن جي بہ رچنا ڪئي آهي. جيئن شري برهما جي جو لوڪ, شري وشڻو جي جو لوڪ ۽ شري شو جي جو لوڪ. جتي ويهي ٽيئي پربُو هيٺين ٽنهي لوڪن (سرڳ لوڪ مطلب اندر جو لوڪ, پرٿوي لوڪ ۽ پاتال لوڪ) تي هڪ هڪ وڀاڳ (حصي) جا مالڪ بڻجي مالڪي ڪن ٿا ۽ پنهنجي پتا جي ڪائڻ لاءِ پراڻين جي پيدائش پالڻ ۽ خاتمي جو ڪم ڪار سنڀالين ٿا. ٽنهي پربُوئن جي بہ جنم ۽ مرتيو ٿئي ٿي, تڏهن ڪال اُنهن کي بہ کائي ٿو. انهي برهمانڊ (اُنهي کي انڊ بہ چون ٿا, چاڪاڻ تہ برهمانڊ جي بناوت انڊڪار آهي انهي کي پنڊ بہ چون ٿا چاڪاڻ تہ شرير (پنڊ) ۾ هڪ برهمانڊ جي رچنا ڪملن ۾ ٽي/وي وانگر ڏسي سگهجي ٿي) انهي ۾ هڪ مانسرور ۽ ڌرم راءَ جو لوڪ پڻ آهي۽ هڪ لڪيل مڪان تي پورڻ پرماتما ٻيو روپ ڌاري رهي ٿو جيئن هرهڪ ملڪ جو سفارتخانو هوندو آهي . اُتي ڪير بہ نٿو وڃي سگهي, اُتي اُهي آتمائون رهن ٿيون جن جي ست لوڪ جي ڀڳتي اڌوري رهجي وڃي ٿي. جڏهن ڀڳتي يُگ اچي ٿو تہ اُن وقت پرميشور ڪبير صاحب پنهنجو دُوت يا نُمائيندو يعني پُورڻ سنت يا ستگرو موڪلين ٿا. اُنهن پُج آتمائن کي اُن وقت انساني چولو حاصل ٿئي ٿو, جلد ئي سچي ڀڳتي تي لڳي وڃن ٿا ۽ ستگرو کان دڪشا پراپت ڪري پورڻ موڪش پائي وڃندا آهن. انهي جاءِ تي رهڻ وارين هنس آتمائن جي نج ڀڳتي جي ڪمائي خرچ ناهي ٿيندي پرماتما جي پنداري مان سڀئي سهوليتون مهيا ٿينديون آهن برهم ڪال جي پُوجارين جي ڀگتي ڪمائي سرگ, مها سرگ ۾ ختم ٿي وڃي ٿي, چاڪاڻ تہ هن ڪال لوڪ (برهم لوڪ) ۽ پر برهم لوڪ ۾ پراڻين کي پنهنجو ڪيل ڪرم ڦل ئي ملي ٿو.

شرپُرش(برهم/ڪال) پنهنجي 20 برهمانڊن کي چار( 4) مها برهمانڊن ۾ تقسيم ڪيو آهي. هڪ برهمانڊ ۾ 05 برهمانڊن جو مجموع ٺاهيو آهي پوءِ چو طرف انڊڪار گولائي ۾ روڪيو يا بند ڪيو آهي. چئني برهمانڊن کي انهي وانگرئي گولائي ۾ رکيو آهي. ايڪيهين ( 21) برهمانڊ جي رچنا هڪ مها برهمانڊ جيتري جاءِ وٺي ڪئي آهي ايڪيهين برهمانڊ ۾ داخل ٿيندي ئي ٽي رستا ٺاهيا آهن.

ايڪيهين برهماند ۾ بہ ڪاٻي پاسي نقلي ست لوڪ, نقلي الک لوڪ, نقلي اگم لوڪ ۽ نقلي انامي لوڪ جي رچنا پراڻين (جاندارن) کي دوکي ۾ رکڻ جي لاءِ آدي مايا (دُرگا) کان ڪرائي آهي ۽ ساڄي پاسي 12 سروَ سريشٽ (سيني کان بهتر) برهم ڀڳتن کي رکيو آهي, پوءِ هر هڪ يُگ ۾ اُنهن کي پنهنجا سنديش واهڪ (ستگرو, سنت ) بڻائي پرٿوي تہ موڪلي ٿو جيڪو شاستر جي طريقيڪار جي اُبتڙ ساڌنا, گيان ٻُڌائي خود بہ

پڳتي کان خالي ٿي ويندا آهن ۽ چيلن کي بہ ڪال جال ۾ ڦاسائي ڇڏيندا آهن. پوءِ اُهي گرو ۽ چيلا ٻئي نرڪ ۾ ويندا آهن. اڳيان وري هڪ تالو هٽي رکيو آهي. اُهو رستو ڪال (برهم) جي نج لوڪ ۾ ويندو آهي جتي هي برهم ڪال پنهنجي ساڪار/جسماني اصلي انسان وانگر ڪال رُوپ ۾ رهندو آهي. اُنهي جاءِ تي هڪ پٿر جي ٽُڪري (توي/ماني پچائڻ جي گول لوهہ جي پليٽ) وانگر نهيل آهي جيڪا هميشہ گرم رهندي آهي. جنهن تي هڪ لک انساني شرير ڌاري جاندارن جي سوڪشم شرير کي پُوجي (تپائي) اُن مان گندگي ڪڍي کائيندو آهي. اُن وقت سيئي پراڻي بيحد گهڻي تڪليف محسوس ڪندا آهن ۽ هاهاڪار (روج راڙو) مچي ويندو آهي، پوءِ ڪجهہ وقت کانپوءِ اُهي بيهوش ٿي ويندا آهن. جيوَ مرندو نہ آهي. پوءِ ڌرمراءِ جي لوڪ ۾ وڃي ڪرم آڌار سان ڪنهن ٻئي جنم کي حاصل ڪندا آهن ۽ جنم مرڻ جو چڪر قائم رهندو آهي. سامهون لڳل تالو برهم ڪال صرف پنهنجي آهار (خوراڪ) واري جيو آتمائن جي لاءِ ڪجهہ وقت جي لاءِ کوليندو آهي. پُورڻ پرماتما جي ست نام ۽ سار نام سان اُهو تالو ازخود کُلي ويندو آهي. اِهڙو ڪال جو جال پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ (ڪبير صاحب) خودئي پنهنجي نجي پڳت ڌرمداس جي کي سمجهايو.

## "پربرهم جي ست سنک برهماندن جو قيام"

ڪبير پرميشور پهرين ٻُڌايو آهي تہ پربرهم (اڪشرپُرش) پنهنجي ڪم ۾ غفلت ڪئي، چاڪاڻ تہ هو مانسرور ۾ سُمهي رهيو ۽ جڏهن پرميشور (ڪبير صاحب) اُنهي تلاءَ ۾ بيضو ڇڏيو تہ پربرهم (اڪشرپُرش) اُن کي ڪاوڙ سان ڏٺو اُنهن ٻنهي گناهن جي ڪري هُن کي بہ ست سنک برهماندن سميت ست لوڪ کان ٻاهر ڪري ڇڏيو ٻيو سبب پربرهم (اڪشرپُرش) پنهنجي ساٿي برهم (شرپُرش) جي جُدائي ۾ پريشان ٿي پرم پتا ڪبير ديوَ جي ياد ڀُلجي هن (برهم) کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ سوچيو تہ برهم (شرپُرش) تہ تمام گهڻو آنند ملهائي رهيو هوندو. مان پوئتي رهجي ويس ۽ ڪجهہ ٻيون آتمائون جيڪي پربرهم سان گڏ ست سنک برهماندن ۾ جنم ۽ موت جو ڪرم ڏنڊ ڀوڳي رهيون آهن اُنهن هنس آتمائن جي جُدائي جي ياد ۾ ڪوئجي ويون جيڪي برهم ڪال (شرپُرش) سان گڏ 21 برهماندن ۾ ڦاٿل آهن ۽ پُورڻ پرماتما سُکدائي ڪبير ديوَ جي ياد وساري ڇڏي. پرميشور ڪبير ديوَ جي بار بار سمجهائڻ تہ بہ اُمنگ گهٽ نہ ٿي. پربرهم (اڪشرپُرش) سوچيو تہ مان بہ الڳ مڪان حاصل ڪريان تہ بهتر رهندو. اِهو سوچي راج حاصل ڪرڻ جي خيال سان سار نام جو جاپ شروع ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح ٻين آتمائن (جيڪي پربرهم/اڪشرپُرش ) جي ست

سنک برهماندن ۾ قاتل آهن). سوچيو تہ اُهي آتمائون جيکي برهم/شرپُرش سان گڏ ويون آهن اُهي هُتي موج مستي ملائيندين هونديون ۽ اسان پوئتي رهجي ويون آهيون. پربرهم (اکشرپُرش) جي من ۾ اِهو خيال آيو تہ برهم (شرپُرش) الڳ ٿي تمام گهڻو سُکي هوندو اِهڙو وچار ڪري انتر آتما سان الڳ جاءِ حاصل ڪرڻ جو پکو ارادو ڪري ورتو. پربرهم (اکشرپُرش) هٺ يوگ نہ ڪيو. پر صرف الڳ راڄ حاصل ڪرڻ جي لاءِ سهج ڌيان يوگ گهڻي دل جي چاهت سان ڪندو رهيو الڳ جگهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ چرين وانگر حرڪتون ڪرڻ لڳو. کائڻ پيئڻ بہ ڇڏي ڏنو تہ ڪجهہ آتمائون هِن جي وئراڳ تي عاشق ٿي ڪري هِن کي چاهڻ لڳيون. پُورڻ پربُو ڪبير ديوَ جي پُڇڻ تي پربرهم (اکشر پُرش) الڳ جگهہ گُهري ۽ ڪجهہ هنس آتمائن جي لاءِ پڻ پرارٿنا ڪئي تڏهن ڪبير ديوَ چيو تہ جيڪي آتمائون توسان گڏ پنهنجي مرضي سان هلڻ چاهين اُنهن کي موڪلي ٿو ڏيان. پُورڻ برهم (ڪبير پرميشور) پُڇيو تہ ڪهڙيون هنس آتمائون پربرهم (اکشرپُرش) سان گڏ وڃڻ چاهين ٿيون اُهي پنهنجي راءِ ڏين. ڪافي دير بعد هڪ هنس رضامندي ڏني. پوءِ ڏيکاڏيکي اُنهن سيني آتمائن پڻ سهمتي ظاهر ڪري ڇڏي. سيني کان اول قبولي ڏيڻ واري هنس آتما کي استري رُوپ بڻايو اُن جو نالو ايشوري مايا (پرڪرتي، سُورتي) رکيو ۽ ڪجهہ آتمائن کي هُن ايشوري مايا ۾ داخل ڪري اچنت جي ذريعي اکشرپُرش (پربرهم) وٽ موڪليو. پتي ورتاپڻ ڪان ڪِرڻ جي سزا ملي. ڪيترن ئي يُگن تائين ٻئي ست سنک برهمانڊ ۾ رکيا. پر پربرهم (اکشرپُرش) برو ڪرم نہ ڪيو. ايشوري مايا جي پنهنجي مرضي سان قبول ڪيو ۽ پنهنجي وچن شڪتي ذريعي نُنهن سان استري اِندري (گُپت انگ، vagina) ٺاهي ديوي جي رضا سان اولاد پيدا ڪئي. اِنهي ڪري پربرهم جي لوڪ ست سنک برهمانڊ ۾ جيو آتمائن کي تپت شِلا جو ڏک نہ آهي ۽ اُتي جانور ۽ پکي بہ برهم لوڪ جي ديوتائن سان سُني نموني جُڙيل آهن ۽ عمر بہ وڏي آهي. پر جنم مرتيو ڪرم آڌار تي ڪرم ڏنڊ ۽ محنت مزوري ڪرڻ سان ئي گذرسفر ٿيندو آهي. سرڳ ۽ نرڪ پڻ ساڳي طرح ٺهيل آهن. پربرهم (اکشرپُرش) کي ست سنک برهمانڊ هِن جي اِڇا رُوپي پڳتي ڌيان مطلب سهج سماڌي وڏي سان هِن جي ڪمائي جي بدلي مِليا آهن ۽ ست لوڪ کان الڳ گولاڪار (گولائي) پردي ۾ بند ڪري ست سنک برهماندن سميت اکشرپُرش (پربرهم) ۽ ايشوري مايا کي ڪڍي ڇڏيو.

پُورڻ بِرهم (ست پُرش) بيشمار بِرهمانڊن جيڪي ست لوڪ ۾ آهن، ڪانسواءِ بِرهم (شرپُرش) جي21 بِرهمانڊن ۽ پربرهم (اڪشرپُرش) جي ست سنک بِرهمانڊن جو بہ مالڪ آهي يعني پرميشوَر ڪبير ديوَ ڪُل جو مالڪ آهي.

شرِي برهماجِي شرِي وشڻو جِي ۽ شرِي شِو جِي جا چار چار هٿ ۽ 16 ڪلائون آهن، پرڪرتِي ديوِي (دُرگا) جا 8 هٿ ۽ 64 ڪلائون آهن، بِرهم (شرپُرش) جا هڪ هزار هٿ، هڪ هزار ڪلائون (شڪتيون)، 21 بِرهمانڊن جو مالڪ آهي. پربِرهم (اڪشرپُرش) جا 10 هزار هٿ، 10هزار ڪلائون ۽ ست سنک بِرهمانڊن جو مالڪ آهي.

پُورڻ بِرهم (پرم اڪشرپُرش) مطلب ست پُرش) جا بيشُمار هٿ، لامحدودڪلائون، بِرهم جي 21بِرهمانڊن ۽ پربِرهم جي ست سنک بِرهمانڊن سميت لاتعدادبِرهمانڊن جو ڪُل مالڪ آهي. هرهڪ پرڀُو پنهنجي سيني هٿن ڪي سميٽي صرف ٻہ هٿ بہ رکي سگهن ٿا ۽ جڏهن چاهين تڏهن سيني هٿن ڪي پُڻ پرگهٽ (نروار) ڪري سگهن ٿا. پُورڻ پرماتما، پربرهم جي هرهڪ بِرهمانڊ ۾ پڻ الڳ مڪان ٺاهي ٻئي رُوپ ۾ گُپت رهندو آهي، ائين سمجهو جيئن هڪ گُهمندڙ ڪئميرا ٻاهر لڳائي ڇڏيندا آهيون ۽ اندر ٽي_وي رکي ڇڏيندا آهيون تہ ٽي_وي تي ٻاهر جو سمورو منظر نظر ايندو آهي ۽ ٻي ٽي_وي ٻاهر رکي اندر وارِي ڪئميرا لڳائي ڇڏجي تہ اُن ۾ صرف اندر ويٺلن جا فوٽو نظر ايندا آهن، جنهن سان سڀئي ڪم ڪندڙ هوشيار رهندا آهن.

ساڳِئي نموني پورڻ پرماتما پنهنجي ست لوڪ ۾ ويهي سيني جي نِگراني ڪري رهيا آهن ۽ هرهڪ بِرهمانڊ ۾ پُڻ ستگرو ڪبير ديوَ حاضر ناظر رهندا آهن. جئين سِج پري هوندي بہ پنهنجِي روشنِي هيٺين سيني لوڪن ۾ ڦهلائي رکندو آهي.

## "پويتر اٿرَ ويد ۾ سِرشٽي رچنا جو ثبوت"

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 01:

**بِرهم جگيا انم پرٿمم پرستادووي سمتا سروچوبين آود**
**سهہ بد نيا اُپايسهوشٽها ستسچيونيم ستسچ وي .**

برهم ـ ج ـ گيا انم ـ پرٿمم ـ پرستات ـ و ی سمتا ـ سروچو. بين . آو. د ـ سهہ . بد نيا . اُپما . ايسهہ . وشٽها . ستہ .چہ . يو نيم. استہ.سچ .وی وه.

سمجهاڻي ـ: (پرٿهم) پراچين مطلب سناتن (بِرهم) پرماتما (ج) نازل ٿِي (گيانم) پنهنجي عقلمندي سان (پرستات) شِڪر ۾ مطلب ست لوڪ وغيره ڪي (سُرُوچہ)

پنهنجي مرضي سان وڏي چاهه سان روشن (وي سمتاه) بيحد مطلب لامحدود حد واري
ٻين لوڪن کي هُن (وينهه) جُلاهي تاڻي يعني ڪپڙي وانگر اُڻي (آوه) محفوظ ڪيو
(چه) ۽ (سه) اُهو پورڻ ٻرهم ئي سچي رچنا ڪندا آهن (اسيه) اِنهي ڪري اُنهي (ٻُڌنياه)
اصل مالڪ (يونيم) اصلي هنڌ ست لوڪ جي تخليق ڪئي آهي (اسيه) هِن (اُپما) جهڙو
مطلب ملندڙ جُلندڙ (ستہ) اڪشرپُرش يعني پربِرهم جي ڪجهه صحيح (چ) ۽ (استہ)
شرپُرش جي فانِي لوڪ وغيره (وي وه) رهڻ جو هنڌ الڳ (وشٿها) تخليق ڪيائين.

سمجهاڻي:- پويتر ويدن جي گيان ڏيڻ وارو ٻرهم ڪال چئي رهيو آهي تہ
سناتن پرميشور خود انامیہ لوڪ مان ست لوڪ ۾ پرگهٽ ٿي. پنهنجي عقلمندي سان
ڪپڙي وانگر تخليق ڪري مٿي جي ست لوڪ وغيره لامحدود بيحد روشن (مُنور)
اجر امر (اويناشي) مقرر ڪيائين ۽ هيٺ وارن پربرهم جي ست سنک، برهم جي 21
برِهماندن۾ انهن ۾ننڍي ڪان ننڍي تخليق بہ اُنهي پرماتما ئي ڪئي آهي.

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 02:-

**انيہ پتريہ راشٽر اگري پرٿمايہ جنوشہ پوونيشٽا تسما ايتم**
**سرووچم هوار مهيئم ڏرمم شريناتو پرٿمايہ ڏاسوَيہ2**

انيہ - پتريہ - راشٽر - اگري - پرٿمايہ - جنوشہ - پوونيشٽا - تسما - ايتم - سرووچم -
هوار مهيئم - ڏرمم - شريناتو - پرٿمايہ - ڏاسوَيہ .

سمجهاڻي:- **(اييم)** **انهيءَ** **(پتريہ)** **جڳت پتا پرميشور** **(ايتوُ)** **هِن** **(اگري)** **سڀ ڪان پاڪ**
**(پرٿمايہ)** سڀ ڪان پهرين مايا پرانندن **(راشٽري)** راجيشوري شڪتي مطلب پراشڪتي جنهن
کي ڪشش ڪندڙ شڪتي پڻ چون ٿا کي **(جنوشہ)** پيدا ڪري (پونيشٽها) لوڪ قيام يعني
دُنياجي تخليق ڪئي (تسما) اُنهي پرميشور (سروچم) وڏي چاهه سان پنهنجي مرضي سان
(ايتم) هِن (پرٿمايہ) شروعاتي تخليقي شڪتي مطلب پرا شڪتي ذريعي (هوار مهيئم)
هڪٻئي جي ويوڳ/و ڇوڙي کي روڪڻ مطلب آڪرشڻ/ڪشش ڪندڙ شڪتي جي
(شريناتو) گرو توَ آڪرشڻ شڪتي کي پرماتما آديش ڏنو تہ سدا رهو هُن ڪڏهن ختم نہ
ٿيڻ واري (ڏرمم) سپاوَ سان **(ڏاسوَيہ)** ارڻ ڪري تاڻي مطلب ڪپڙي وانگر اُڻي روڪي رکيو
آهي.

سمجهاڻي:- **جڳت پتا پرميشور پنهنجي شبد شڪتي سان راشٽري (سڀ ڪان پهرين مايا) راجيشوري پيدا ڪئي ۽ اُنهي پراشڪتي جي ذريعي هڪٻئي کي ڪشش سان روڪڻ واري. ڪڏهن ختم نہ ٿيڻ واري گڻ سان اپروڪت (مٿئين) سيني برهماندن کي ٻڌايو آهي.**

ڪانڊ نمبر 04-انواڪ نمبر 01-منترنمبر 03:

**پر يہ جگھي وڌانسيہ بنڌو وشواہ ديوانام جنيما ووڪتي برھمھ**
**براھمڻھ اُجيار مڌيات نِچئھ اوچئھ سوڌا ايھي پرتسٿو**

پر – يہ – جگھي – وڌانسيہ – بنڌو – وشواہ – ديوانام – جنيما – ووڪتي – برھمھ – براھمڻھ – اُجيار – مڌيات – نِچئھ – اوچئھ – سوڌا – ايھي – پرتسٿو

سمجهاڻي -:(**پر**) سڀ کان پهرين (**ديوانام**) ديوتائن ۽ برھماندن جي (**جگھي**) تخليق جي علم کي (**وڌانسيہ**) جڳياسُو يگت جو (يہ) جيڪو (**بندھو**) اصلي ساٿي پُورڻ پرماتما ئي پنهنجي نج سيوڪ کي (**جينما**) پنهجي ذريعي پيدا ڪيل ڪي (**وويڪتي**) خودئي ٺيڪ ٺيڪ تفصيل ٻُڌائي ٿو تہ (**برھمڻ**) پُورڻ پرماتما (**مدھيات**) پنهنجي مڌيہ مطلب شبد شڪتي سان (**برھم**) برھم شرپُرش مطلب ڪال کي (**اجبھار**) پيدا ڪري (**وِشوا**) سڄي سنسار کي مطلب سيني لوڪن کي (**اُوچي**) مٿي ست لوڪ وغيره (**نيچي**) هيٺ پربرھم ۽ برھم جا سيئي برھمانڊ (**سوَڌا**) پنهنجي ڌارڻ ڪرڻ واري (**ابھي**) ڪشش ڪندڙ شڪتي سان (**پرتسٿو**) ٻنهي کي بهتر نموني ٿاهيو.

سمجهاڻي- پُورڻ پرماتما پنهنجي ذريعي رچيل سرشٽي جي گيان (ڄاڻ) ۽ سيني آتمائن جي پيدائش جي ڄاڻ پنهنجي نجي داس کي خودئي تفصيل سان ٻُڌائي ٿو تہ پُورڻ پرماتما پنهنجي مڌيہ مطلب پنهنجي جسم مان پنهنجي وچن جي طاقت سان برھم (شرپُرش) جي پيدائش ڪئي ۽ سيني برھماندن کي مٿي ست لوڪ الک لوڪ، اگم لوڪ ،انامي لوڪ وغيره ۽ هيٺ پربرھم (اڪشرپُرش) جي ست سنک برھماندن ۽ برھم (شرپُرش) جي 21 برھماندن کي پنهنجي ڌارڻ ڪرڻ واري آڪرشڻ (ڪشش ڪندڙ) شڪتي سان ٺهرائي رکيا آهن.

جيئن پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور پنهنجي نجي شيوڪ مطلب سکا شري ڌرمداس جي آڌرٽيہ غريب داس جي وغيره کي پنهنجي ذريعي رچيل سرشٽي جو گيان خود ئي ٻُڌايو. مٿي ذڪر ڪيل ويد منتر پڻ ساڳيو سمرٿن ڪري (گواهي ڏيئي) رهيو آهي.

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 04:

**سھ – ھي – دِواہ – سھ – پُرٿويا – ترُتسٿا – مھي – ڪشومم – رودسي – اڪسپايت – مهانُ – مھي – اسڪپايت – وِجاتھ – ڌام – سدمُ – پارٿيومُ – چہ – رجاھ .**

سمجهاڻي -:**هُن** (سہ) سَروَ شڪتيمان پرماتما (**ھي**) بيشڪ (**دوہ**) مٿي جي چئني وڏن لوڪن جيئن ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ ۽ انامي لوڪ مطلب اکھ

لوڪ مطلب ديويہ لوڪ يعني ديوي گُڻن سان پرپور لوڪن کي **(رتيستها)** حقيقي/ لافنا مطلب اجر/امر رُوپ سان مضبوط ڪيل (**سهہ**) انهي جي برابر (پُرٿويا) هيٺين ڌرتي وارن سيني لوڪن جيئن پربِرهمہ جي ست سنک بِرهماندن ۽ بِرهمہ جي 21 بِرهماندن کي **(مهي)** پرٿوي تتَو سان (ڪشومہ) حفاظت سان گڏ **(اسڪيايت)** ٺهرايو **(رودسِي)** آڪاش تتَو ۽ پرٿوي تتَو ٻنهي ڪان مٿي ۽ هيٺ جي بِرهماندن کي جيئن آڪاش هڪ سوڪشمہ تتوَ آهي ان جو گُـڻ شبد آهي، پُورڻ پرماتما مٿي جا لوڪ شبد رُوپ رچيا جيڪي نُور جا ٺاهيل آهن ۽ هيٺ وارا پربِرهمہ (اڪشربِرهمہ) جي ست سنک بِرهمانـدن ۽ برهمہ جي 21بِـرهمانـدن کي پرٿوي تتوَ سان اِستائي (فاني) ٺاهيا پُورڻ پرماتما ( پارٿيومُہ) پرٿوي واري **(وي)** الڳ الڳ (دهامہ) لوڪ **(چ)** ۽ **(سدمہ)** رهڻ جي مڪان کي **(مهي)** پرٿوي تتوَ سان **(رجہ)** هرهڪ بِرهمانڊ ۾ ننين ننين لوڪن جي **(جاتا)** اڏاوت ڪري **(اسڪيايت)** بيهاريا .

سمجهاڻِي-:مٿي جا چارئي لوڪ ست لوڪ، الک لوڪ، اگمہ لوڪ، انامي لوڪ جيڪي اجر امر ڪيا مطلب اويناشي رچيا آهن ۽ هيٺ جا بِرهمہ ۽ پربرهمہ جا لوڪ استائي(فاني) رچنا مطلب ناش ٿيڻ وارا ٺاهيا ۽ ننيا ننيا لوڪ بہ اُنهي ئي پرماتما جوڙي بيهاريا.




متي پاڙ هيٺ ٽارين وارو اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جو نقشو

ڪانڊ نمبر 04، انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 05:

**سه بُدنياداشٽر جنوشوبهياگرم برسپتي ديوتا تسيه سمراٽ،**
**اهري چڇُرڪرم جيوتيشو جنيشتاٽ ڏُمنتو وهي وسنتو ويپرا .**

سه ـ بُدنيات ـ آشٽر ـ جنُشيه ـ ابهي ـ اگرم ـ برسپتيه ـ ديوتا ـ تسيه سمراٽ ـ اهه ـ شُڪرمُ ـ جيوتيشه ـ جنيشت ـ اٽ ڏُمنتاه ـ وي ـ وسنتوُ ـ وِپراه.

سمجهاڻي -: **(سه)** اُنهي **(بدنيات)** مول مالڪ ڪان **(ابهي اگرم)** سڀ ڪان پهرين جاءِ تي **(آشٽر)** اشٽنگي مايا دُرگا مطلب پرڪرتي ديوِي **(جنوشي)** پيدا ٿي چو تہ هيٺ جي پربرهم ۽ برهم جي لوڪن جو پهريون هند ست لوڪ آهي اهو ٿيون ڌام سڌجي ٿو، **(تسيه)** اُن دُرگا جو مالڪ پُٽ اُهوئي **(سمراٽ)** راجہ ڏيراج **(برهسپتي)** سيني ڪان وڏو پتيءِ ۽ جڳت گرو **(ديوتا)** پرميشور آهي **(يت)** جنهن سان **(اهه)** سيني جو وِچوڙو ٿيو **(اٿهه)** اُن ڪانپوءِ (جيوتيشه) جوتي نِرنجن مطلب ڪال جي **(شُڪرمُ)** ويري مطلب ٻج شڪتي سان **(جنُشيه)** دُرگا جي پيٽ مان تي (وِپراه) ٻڳت آتمائون **(وي)** الڳ سان **(ڏُمنتاه)** منُش لوڪ ۽ سرڳ لوڪ ۾ جوتي نِرنجن جي حڪم سان دُرگا چيو **(وسنتوُ)** نواس ڪريو مطلب هـو رهڻ لڳا.

سمجهاڻي-: پُورڻ پرماتما مٿانهن جي چئِني لوڪن مان جيڪي هيٺ سڀ ڪان پهرين ست لوڪ ۾ اشٽنگِي (پرڪرِتي) ديوِي (دُرگا) ڪي پيدا ڪئِي، اُهوئي راجا ڏيراج جڳت گُرو پُورڻ پرميشور (ست پُرش) آهي، جنهن ڪان سيِني جو ويوڳ (وِڇوڙو) ٿيو آهي. پوءِ سيئي پراڻي (جاندار) جوتِي نِرنجن (ڪال) جي ويـري ( SEMEN) سان دُرگا جي گرڀ (پيٽ) مان پيدا ٿي، سرڳ لوڪ ۽ زمين تـي رهـڻ لڳا.

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 06-:

**نُنم ـ تت ـ اسيہ ـ ڪاوياه ـ مها ـ ديوَس ـ پُروسيہ ـ ڌام ـ هنوتِي ـ پُروي.**
**وِشيتي ـ ايش ـ جگيہ ـ بهُپيه ـ ساڪمُ ـ اِٽتا ـ ارڌي ـ سسن ـ سنُ .**

سمجهاڻي -: **(نُونم)** بيشڪ **(تت)** اُهو پورڻ پرميشور يعني تت برهم ئي **(اسيہ)** انهن **(ڪاوياه)** ٻڳتن ڪي جيڪو اصل پرميشورجِي ٻڳتِي ٺيڪ طرح سان ڪن ٿا. اُنهن ڪي واپس (مها) سروَ شڪتيمان **(ديوسيہ)** پرميشوَر جي **(پُروسيہ)** پهرئين لوڪ ۾ مطلب ست لوڪ ۾ **(هِنوتي)** موڪلي ٿو.

(پُوروي) پهرين واري (وشيشتي) مخصوص پسند ڪيل (ايش) هِن پرميشور ڪي وَ (جگيہ) هُو ڪائنات جي تخليق جِي چاڻ ڪي سمجهِي ڪري (بهُوپِي) گهٽي آرام (ساڪم) سان (ارڏي) اڏ (سسن) سُمهي (اِتتا) طريقي ڪار اِنهي وانگر(نُو) سچي دل سان تعريف ڪري ٿو.

سمجهاڻِي-: اُهوئي پُـورڻ پرميشور ساڌنا (عبادت/ڀڳتِي) ڪرڻ واري ساڌڪ/ڀڳت کي اُنهي پهرين جاءِ (ست لوڪ) ۾ وٺي وڃي ٿو جِتان ڪان وِڇڙي آيو هو اُتي اُن اصلي سُکدائي پريُو (مالڪ) کي پراپت ڪري خوشِي سان آتم مگن ٿي مستي سان تعريف ڪري ٿو ته اي پرماتما ! بيشمار جنمن جي ڀُليل ڀٽڪيلن کي اصلِي ٺِڪاڻو ملي ويو. اِنهي جو ثبوت ڀويتررُڳ ويد منڊل نمبر 10 سُڪت 90 منتر 16 ۾ پُـڻ آهي.

آدرڻيہ غريب داس جِي کي اهڙي طرح پُورڻ پرماتما (( COMPLETE GODڪبير پرميشور خود سچِي ڀڳتي ڏيئي ڪري ست لوڪ وٺي ويا هئا، تڏهن پنهنجِي امرت واڻِي ۾ غريب داس جي اکين ڏٺـو حال بيان ڪيو تــ :

**عجـب نــگر ۾ لي گئــي ، هم ڪو ستگُـرو آن ،**

**جِهلــڪي بِمــب اگــادهہ گــتِي ،سُوتي چادر تان .**

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر7 -:

يو اٽرواڙٽم پِترم ديوَبندوم برسپتيم نمسا اوَ چہ گهچات توم وشويشام جنيتا يٿا سہ ڪوير ديوَ نہ ديايت سوڌاوان .(7)

**يو- اٽرواڙٽم- پِترم – ديوَبندوم- برسپتيم- نمسا- اوَ- چہ -گهچات - توم – وشويشام- جنيتا- يٿا- سہ- ڪوير ديوَ – نہ - ديايت - سوڌاوان .(7)**

سمجهاڻي -:(يہ) جيڪو (اٽرواڙٽم) اٽل اويناشي مطلب لافنا (پِترم) جگِت پِتا (ديوَبندوم) ڀڳتن جو اصلي ساٿي مطلب آتما جو آڌار (**بِرسپتِي**)جگِت گرو (**چہ**) ۽ (**نمسا**) عاجزي سانپوجا ڪندڙ پُوجارِي مطلب طريقيڪار مطابق ساڌڪ کي (**او**) حفاظت سان (**گچات**) جيڪي ست لوڪ هليا ويا آهن تن کي ست لوڪ وٺي وڃڻ وارو (**وشويشام**) سيني بِـرهماندن جِي (**جنيتا**) بڻائڻ واري جگدمبا مطلب ماتا وارن گڻــن سان پريل (**نہ ديايت**)ڪال جي طرح دوکو نہ ڏيڻ وارو (**سوَڌاوان**)سياوَ مطلب چگُن گڻن وارو (**يٿا**) جيئن جو تئين مطلب اهڙوئي (**سہ**) هو (توَم) پاڻ (**ڪوير ديوَ**)ڪبيرصاحب جِي پاڻ آهن، مطلب ٻولِي جي فرق جي ڪري هُن کي ڪبير پرميشوَر بہ چون ٿا.

سمجهاڻي-:هِــن منتر ۾ اِهو بہ ظاهر ڪري ڇڏيو تہ اُن پرميشوَر جو نالوڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشور آهي، جنهن سڀ رچنا (تخليق) ڪئي آهي.

جيڪو پرميشور اڇل مطلب اصل ۾ لافاني آهي (گيتا اڌياءِ 15 شِلوڪ 16،17 ۾ پُــڻ پرماڻ آهي) جگت گرو آتم آڌار، جيڪي مڪمج نجات پائي ست لوڪ هليا ويا آهن.اُنهن کي ست لوڪ وڃي وڃڻ وارو سيني برهماندن جو رچڻهار بِرهــم (ڪال) وانگر دوکو نہ ڏيڻ وارو جيئن جو تئين اُهو خود ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرپُــو آهي. اُهوئي پرميشوَر سيني بِرهماندن ۽ پراڻين کي پنهنجي شبد شڪتِي سان پيدا ڪرڻ جي ڪري جنيتا (ماتا) بہ سڏجي ٿو، پترم (پتا)، بندوُ (ياءُ) بہ اصل ۾ اُهــوئي آهي ۽ ديــوَ (پرميشور) بہ اُهوئي آهي. اِن ڪري اُنهي ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) جِي ستوتِي (تعريف) ڪن ٿا

**"تميو ماتا چ پِتا تميو، تميو بندُو چ سکا تميوَ، تمَيوَ وِديا چ درو ٿيم تميو، تميو مم سَروَ ديوَ ديوَ"**

اُنهي پرميشور جي مهيما جو پويتر رُگ ويد منڊل نمبر 01 سُڪت نمبر 24 ۾ تفصيلي ذڪر آهي.

## "پويتر رُگ ويد ۾ سرشٽِي رچنا جو پرماڻ"

منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 01-

**سهستر شِرتا پُرُش سهسترڪشاهہ سهستر پات سہ -بهميم وشوتهہ ورتوا اتيا تشٽتهہ دشاڙہ گُلم**

.1 سهستر شِرتا ـــ پرُشہ ـــ سهسترڪشاهہ ـــ سهستر پات ـــ سہ -بهميم ـــ وشوتہ ـــ ورتواـــ اتيا تشٽتهہ ـــ دشاڙہ گُلم . 1

سمجهاڻي -: (**پُرش**) ويراٽ رُوپ ڪال يگوان مطلب شرپُرش (**سهستر شِرتا**) هزار (1000) سِرن وارو (**سهسترڪشاہ**) هزار اکين وارو (**سهسترپات**) هزار پيرن وارو، (**سہ**) اُهو ڪال (**بهُميــم**) ڌرتي واري 21 بِــرهمــاندن کي (**وِشوَ تہ**) هر طرف کان (**دشن گُلم**) ڏهن آڱرين سان مطلب مڪمل رُوپ سان قابُو ڪيل (**ورتوا**) گولاڪار گهيري ۾ گهيري (**اتياتِشٽت**) ان کان وڌيڪ مطلب پنهنجي ڪال لوڪ ۾ سيني کان نيارو بہ 21 بِــرهمـاندن ۾ ويٺل آهي مطلب رهي ٿو.

سمجهاڻي-: هِن منتر ۾ ويراٽ (ڪال - برهم) جو ذِڪر آهي (گيتا ادياءِ 10-11 ۾ بہ هِن ڪال برهم جو اهڙو ئي ذِڪر آهي. ادياءَ 11، منتر 46 ۾ ارجُن چيو آهي تہ اي سهستر باهُو مطلب هزار ٻانهن وارا توهان پنهنجي چترڀُج يعني چار ٻانهن واري رُوپ ۾ درشــن ڏيــو.) جنهن جا هزارين هٿ، پير، هزارين اکيون، ڪن وغيره آهن، اُهو ويراٽ رُوپ ڪال پريُو پنهنجي وس (هيٺ) سيني پراڻين کي پُورِي طرح سان قابُو ڪري مطلب 20 برهماندن کي گولاڪار گولائي ۾ روڪي رکيو آهي ۽ خود اُن ڪان مٿي الڳ ايڪيهين برهمانڊ ۾ وينو آهي.

منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 02-:

**پُرش ايويدم سروَم يدُيوتم يچہ ڀاويم اُتا مرتو وسهيشانو يدهنينا ترِوهِت.(2)**

پُرش – ايو - يدم - سروَم – يدُ – يوتم- يچہ - ڀاويم – اُت- امرتوسهيہ –ايشان- يد – انين - اترِوهت. (2)

سمجهاڻي -: **(ايوَ)** اهڙي طرح ڪُجهہ صحيح طور تي (پُرش) ڀڳوان آهي اُهو اڪشرپُرش مطلب پربرهم آهي (چہ) ۽ **(ادم)** هِي **(يت)** جيڪو **(يُوتم)** پيدا ٿيو آهي (يت) جيڪو **(ڀاوَيم)** مُستقبل ۾ ٿيندو **(سروَم)** سڀ **(يت)** ڪوشِش مطلب محنت ذريعي **(انين)** اَن/ اَناج سان **(اتيروهتي)** واڌ ويجهہ ٿيندي آهي. هي اڪشر پُرش بہ **(اُت)** شڪ وارو **(امرت توسيہ)** موڪش جو **(ايشان)** سوامِي آهي. مطلب ڀڳوان تہ اڪشرپُرش بہ ڪجهہ صحيح آهي پر مڪمل موڪش ڏيــڻ وارو نہ آهي.

سمجهاڻي-: هِن منتر ۾ پربرهم (اڪشرپُرش) جو ذِڪر آهي جيڪو يــڳوان جي ڪجهہ گڻن وارو آهي، پر ان جي ڀڳتِي سان بہ مڪمل موڪش نہ آهي، اِنهي ڪري هِن کي سنتيهہ يُڪت (شڪ وارو) مُڪتي داتا چيو ويو آهي. هِن کي ڪجهہ پريُــو جي گڻن وارو اِنهي ڪري چيو آهي جو هِي ڪال وانگر تپت شِلا تي تري نٿو ڪائي. پر هِن پربرهم جي لوڪ ۾ بہ پراڻين کي محنت مزدورِي ڪرم آڌار تي ئي ڦل ملي ٿو ۽ اَن (اَناج) سان سيني پراڻين جا شرير وڌن ويجهن ٿا. جنم ۽ مرتيو جو وقت پلي ڪال (شرپُرش) ڪان گهٽو آهي. پر پيدائش، پرلئہ ۽ چوراسي لک جوڻين ۾ تڪليف قائم رهي ٿي.

منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر 3 -:

**ايــتاوانــسيہ مــهيماتو جــيايانــشچ پُــرشـــہ ،**
**پــادواسيہ وِشوا ڀُوتانِي ترپادسيامرتم ديوِي 3**

ايتاوان ـ اسيہ ـ مهيما ـ ات ـ جايان ـ چہ ـ پُرشہ ـ پادھ ـ اسيہ ـ وِشوا ـ يُوتانِي ـ ترِ ـ پادُ ـ اسيہ ـ امرتم ـ دِيوي.

سمجهاڻي -:(**اسيہ**) هِن اڪشر پُرش مطلب پـربرهم جي تہ (**ايتاوان**) ايتري ئي (**مهيما**) وڏائي آهي. (**چہ**) ۽ (**پُرش**) اُهو پرم اڪشر مطلب پُورڻ برِهم پرميشور تہ (**اتهہ**) هِن کان بہ (**جيايان**) وڏو آهي . (**وشوا**) سيئِي (**يُوتانِي**) شـر پُـرش ۽ اڪشر پُرش ۽ اُنهن جي سيني لوڪن ۾ ست لوڪ ۽ اُنهن جي لوڪن ۾ جيترا بہ پراڻِي (جاندار) آهن . (**اسيہ**) هُـن پُورڻ پرماتما پرم اڪشرپُرش جو (**پاڌاہ**) هڪ پير آهن، مطلب فقط هڪ انش (**انگ**) جي برابر آهن. (**اسيہ**) هُن پرميشور جا (**ترِيءِ**) ٽي (**دِيوِ**) تمام وڏا لوڪ/جهانَ آهن، جهڙوڪ ست لوڪ/الک لوڪ/اگـم لوڪ ۽ (**امرتم**) جيڪي اويناشِي جو (**پاد**) ٻيو پير آهن مطلب جيڪو بہ سيني بـرهماندن ۾ تخليق آهي اُهو ست پُرش پُورڻ پرماتما جو ئي اَنش يا انگ آهي.

سمجهاڻِي-: هِن مٿيئن منتر 02 ۾ بيان ڪيل اڪشرپُرش (پربِرهم) جِي تہ ايتري ئي تعريف آهي ۽ اُهو پورڻ پُرش "ڪوير ديو" تہ هِن کان بہ وڏو آهي مطلب سَرَوَ شڪتيمان آهي ۽ سِپ بـرهماند هُن جي فقط انش (انگ) تي بيٺل آهن. هِـن منتر ۾ ٽـن لوڪن جو ذڪر اِنهي ڪري آهي تہ چوٿون انامي (انامِيہ) لوڪ ٻئي رچنا کان پهرين جو آهي. اِنهن ٽنهي ئي پربِهوَن (شرپُرش، اڪشرپُرش ۽ اُنهن ٻنهي کان الڳ پرم اڪشرپُرش ) جو ذِڪر شريمد ڀگوت گيتا ادياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ آهي.

جنهن جو پرمـاڻ آڏرڻيہ غريـب داس صاحِب جي بہ ڏين ٿا تہ-:

غريـب ، جاڪي اردھ روم پر سڪل پسارا ، ايسا پُـورڻ برِهم همارا.
غريب داس ، اننت ڪوٽِـي برِهماند ڪا ، ايڪ رتي نهين بار ،
ست گرو پُرش ڪبير هئہ ، ڪُل ڪي سر جنهار.

اِنهي جو پرماڻ آدرڻيہ دادُو صاحب چئِي رهيا آهن :

**جِن موڪون نِج نام دِيا ، سوئِي ست گُرو همار ، دادُو دوسرا ڪوئِي نهين ، ڪبير سرجنهار.**

اِنهي جو پرماڻ آدرڻيہ نانڪ صاحب بہ ڏين ٿا:

**يڪ ارج گُفتم پيش تو در ڪُون ڪرتار، حقا ڪبير ڪريم تُو ، بي عيب پروَردگار.**

(شري گُرُو گرنٿ صاحب، پيج نمبر721 ، مهلا نمبر 1، راڳ تلنگ)

”ڪون ڪرتار“ جو مطلب آهي سيني جو پيدا ڪندڙ. مطلب پنهنجي شبد شڪتِي سان رچنا ڪرڻ وارو شبد سرُوپي پربُـو. حقا ڪبير جو مطلب آهي ست ڪبير، ڪريم جو مطلب آهي ديالو ۽ پروردگار جو مطلب پرماتما آهي.

منڊل نمبر 10 سُڪت 90 منتر نمبر 4 ؛

**تِرپادُرُوَ اديتپُرش پادواسيهاپوَتپُنها، تتو وِشوَ دويڪرامتساشنانشني ايي 4.**

تِر – پادُ – اُردوَ - اُديت – پُرش – پاده - اسيہ - اِھ - ايوَت – پُنها – تتھ - وِشوَڙ – ويارڪر امت – سھ – اشنانشني - ايي

سمجهاڻي -:(**پُرش**) اِهي پرم اڪشربرهم يعني اويناشي پرماتما (**اُردوَ**)مٿي (**تري**)ٽِن لوڪن جيئن ست لوڪ -الک لوڪ -اگم لوڪ رُوپ (**پاد**)پير مطلب مٿيئن حصي ۾ (**اُديت**)پرگھٽ ٿين ٿا مطلب بِراجمان - موجود آهن(**اسيہ**)اِنهي پرميشور پُـورڻ برهم جو (**پاده**)هڪ پير مطلب هڪ حصو جڳت رُوپ (**پُنر**) وري (**اِھ**) هتي (**ايوَت**) پرگھٽ ٿئي ٿو (**تتہ**)اِنهي ڪري (**سہ**)اُهي اويناشِي پُـورڻ پرماتما (**اشنا نشني**)ڪائڻ واري ڪال يعني شرپُرش ۽ نہ ڪائڻ واري پربِرهم مطلب اڪشرپُرش جو بہ (**ايي ۽**)مٿي (**وِش وَڍ**)هر طرف (**وياڪرامت**)سمايل آهي مطلب اُن جي بادشاهت سيني بِرهماندن ۾ سيني پريوَئن تي آهي. اُهي ڪُل جا مالڪ آهن. جنهن پنهنجي شڪتِي ڪي سيني جي مٿانهن ڦهلايو آهي.

**سمجهاڻِي**-:اِهوئي سڄِي سِموري ڪائنات جو خالق پربُو پنهنجي رچنا جي مٿيئن حصي ٽنهي هنڌن تي (ست لوڪ، الک لوڪ ۽ اگم لوڪ) ٽِن رُوپن ۾ خود پرگھٽ ٿئي ٿو مطلب خود ئِي بِراجمان آهي. هتي انامي (انامیہ) لوڪ جو ذِڪر اِنهي ڪري نہ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ انامي لوڪ ۾ ڪا بہ رچنا نہ آهي ۽ اکھ (انامیہ) لوڪ بقايا رچنا کان پهرين جو آهي. وري چيو آهي تہ اُنهي پرماتما جي ست لوڪ کان وچڙي هيٺ وارا بِرهم ۽ پربِرهم جا لوڪ پيدا ٿين ٿا. اُهي پُورڻ پرماتما ڪائڻ واري بِرهم مطلب ڪال (ڇوتہ بِرهم ڪال ويراٹ بد دعا جي سبب هڪ لک انسانِي شرير ڏارِي پراڻين (جاندارن) کي کائي ٿو) کان ۽ نہ ڪائڻ واري پربِرهم مطلب اڪشرپُرش (پربرهم پراڻين کي کائي نٿو پر جنم مرتيو ڪرم ڏنڊ جيئن جو تيئن باقي رهي ٿو) کان بہ مٿي هر طرف سمايل آهي، مطلب هُن پُورڻ پرماتما جي حُڪمرانِي سيني جي مٿي آهي. ڪبير پرميشور ئي ڪُل جو مالڪ آهي جنهن پنهنجِي شڪتِي کي سيني جي مٿي پکيڙي رکيو آهي، جيئن سِج پنهنجِي روشني کي سيني جي مٿان پکيڙي اٿر

انداز ٿئي ٿو. اِئين پُورڻ پرماتما پنهنجِي شڪتِي رينج جِي صورت ۾ سيِنِي بِرهماندن تي نِگرانِي رکڻ لاءِ ڇڏيل آهي. جيئن موبائل فون جو ٽاوَر هڪڙي هنڌ هوندي بہ موبائل فون جِي رينج کي چئنِي طرف پکيڙي رکي ٿو. ساڳئي نموني پُورڻ پرماتما پنهنجِي نراڪار (بظاهر) شڪتِي هر هنڌ ڦهلائي رکي آهي. جنهن سان پُورڻ پرماتما سيِنِي بِرهماندن کي هڪ جاءِ تي ويهي ڪري بہ نِگرانِي ۾ رکي ٿو. اِنهي جو ثبوت آدرڻيہ غريب داس جِي مهراج پنهنجِي هِن امرت واڻي ۾ ڏئي رهيا آهن.(امرت واڻي راگ ڪلياڻ)

**تين چرن چِنتا مٽِي صاحب ، شيش بدن پر چائي ،**

**ماتا، پِتا، ڪُل نہ بندو ، نہ ڪِنهين جنِنِي جائي .**

منڊل 10 سُڪت 90 منتر نمبر 05

**تسمادِراتجايت وِراجوادهي پُرشہ . سہ جاتواتيرِيچيتَ پشچاديوميمٿوپُراہ .**

تسمات - وِراٽ – اجايت - وِراجہ - ادهي - پُرشہ– سہ - جاتهہ - اتيريچيت _پشچات – يوميہ – اٿ - پُراہ .

سمجهاڻي - : **(تسمات)** اُن ڪانپوءِ هُن پرميشور ست پُرش جي شبد شڪتِي سان **(ويراٽ)** ويراٽ مطلب بِرهم جنهن کي شرپُرش ۽ ڪال بہ چون ٿا **(اجايت)** اُتپن ٿيو آهي. **(پشچات)** اُن ڪانپوءِ **(وراجہ)** ويراٽ پُرش مطلب ڪال ڀڳوان سان **(ادهي)** وڏي **(پُرشا)** پرميشور **(يوميہ)** ڌرتي واري لوڪ. ڪال بِرهم ۽ پربِرهم جي لوڪ کي (اتيريچيت) چڱي طرح رچيو **(اتهہ)** وِري **(پُرا)** ٻيا ننڍا ننڍا لوڪ **(سہ)** هُن پُورڻ پرماتما ئي **(جاتہ)** پيدا ڪيا مطلب ٺاهيا.

سمجهاڻي- : مٿئين منتر 04 ۾ ٻُڌايل ٽنهي لوڪن (ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ)جِي رچنا (تعمير) ڪانپوءِ پُورڻ پرماتما جوتِي نِرنجن (بِرهم)کي پيدا ڪيو مطلب اُنهي سَرَوَ شڪتيمان پرماتما پُورڻ بِرهم ڪبير ديوَ مان ئي ويراٽ مطلب بِرهم ڪال جِي پيدائش ٿي. اِهوئي ثبُوت گيتا اِڌياءِ 03 منتر 15 ۾ آهي تہ پرم اڪشربِرهم مطلب اويناشِي پرڀُو سان ئي وراٽ مطلب بِرهم (ڪال) جِي پيدائش ٿي. اِهوئي ثبوت اٿر ويد ڪانڊ نمبر 04 انواڪ 01 سُڪت نمبر 03 ۾ آهي تہ پُورڻ بِرهم سان ئي بِرهم جي پيدائش ٿي. اُنهي پُورڻ بِرهم (يوميہ) ڌرتي وغيره ننڍن وڏن سيني لوڪن جِي رچنا (تعمير) ڪئي. اُهو پُورڻ بِرهم هِن ويراٽ ڀڳوان مطلب بِرهم ڪال کان بہ وڏو آهي يعني هُن جو بہ مالڪ آهي.

منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 15:

**سپتا سيا سن پريڌيسِتره سپت سميڌه ڪرتاه ديوا يگيم تنوانا ابڌنن پُرشوم پشُوم 15.**

(سپت - اسيه – آسن- پريڌيه – ترسپت – سميڌه - ڪرتاه – ديوا -يت -يگيم – تنواناه - ابڌنن – پُرشوم – پشُوم.)

سمجهاڻي-:(**سپت**) ست سنک برهماند ته پربرهم جا ۽ (**ترسُپت**) ايڪيھ برهماند ڪال برهم جا (**سميڌه**) ڪرم ڏنڊ رُوپي ٻاھ ڪان ڏُکي (**ڪرتاه**) ڪرڻ واري (**پريڌيه**) گولا ڪار گهيري رُوپي حد ۾ (**آسن**) موجود آهي. (**يت**) جيڪو (**پرشوم**) پُورڻ پرماتما جِي (**يگيم**) صحيح طريقي سان ڌارمِڪ ڪرم مطلب پُوڄا ڪري ٿو (**پشوم**) قرباني جي جانورن وانگر ڪال جي جال رُوپي قيد ۾ ڪرم بنڌن ۾ ٻَڌيل (**ديوا**) يگت آتمائن کي (**تنواناه**) ڪال جي رچيل مطلب ڦهلائي پاپ ڪرم بنڌن جال ڪان (**ابڌنن**) آزاد ڪري ٿو مطلب بنڌ ڇڏائڻ وارو بندي ڇوڙ آهي.

سمجهاڻي -: ست سنک برهماند پربرهم جا ۽ ايڪيھ برهماند برهم جا آهن جنهن ۾ گول گهيري (گردش) ۾ قيد پاپ ڪرمن جي ٻاھ ۾ ٻرندڙ پراڻين کي اصلِي پُوڄا وڏي ٻُڌائي صحيح اُپاسنا (عبادت) ڪرائي ٿو جنهن ڪري بلي (قُرباني) ڏيڻ وارن جانورن وانگر جنم ۽ مُوت جي ڪال برهم جي ڪائڻ جي لاءِ تپت شِيلا جي تڪليف ڪان ڏُکي يگت آتمائن کي ڪال جي ڪرم بنڌن جي ڦهلايل ڄار کي ٽوڙي آزاد ڪرائي ٿو مطلب بندن ڪٽڻ وارو بندي ڇوڙ آهي. اِنهي جو ثبوت پويتر يجُر ويد اڌياءِ 05 منتر 32 ۾ آهي ته -:" ڪوير انگهاري اسي" (ڪوير) ڪبير پرميشوَر (انگھ) پاپن جو (اري) دُشمن (اسِي) آهي. مطلب پاپ ناس ڪندڙ ڪبير آهي. بمپاريسِي (بمپارِي) بنڌن جو دُشمن يعني بندي ڇوڙ ڪبير پرميشور (اسِي) آهي.

منڊل 10 سُڪت 90 منتر 16:

**يگين يگهيه ميجنت ديواستانيڌرماڻي پرٿمانياسن ، ته ھ ناڪم مهيمانهسچنت يتر پُروي ساڌيه سنت ديواه16**

يگهين- يگهيم - ا - يجنت -ديوا – تاني -ڌرماڻي – پرٿماني – آسن – تي –ھ – ناڪم – مهيمانه – سچنت – يتر – پُروي – ساڌيه- سنتي – ديواه.

سمجهاڻي -: **جيڪو (ديوه)** نِروڪار ديوَ سرُوپ يگت آتمائون (**ايگهيم**) اڌورِي غلط ڌارمڪ پُوڄا جِي جاءِ تي (**يگهين**) ست يگتِي ڌارمڪ ڪرم جي آڌارتي (**ايجنت**)

پُوجا ڪن ٿا **(تاني)**اُهي **(ڏرماٽي)**ڏارمِڪ طاقتوَر **(پرٿماني)**مُکيہ مطلب بهترين **(آسن)** آهن **(تہ هہ)** اُهي ئي اصل ۾ **(مهيمانہ)** عظيمہ ڀڳتِي جي شڪتي سان پُر ٿي **(ساڏيہ)** ڪامياب ڀڳت جن **(ناڪم)**پُوري راحت ڏيڻ واري پرميشور کي **(سچنت)**ڀڳتِي قائدن جي ڪري مطلب سچي ڀڳتِي جِي ڪمائِي سان حاصل ٿين ٿا. اُهي هُتي هليا وڃن ٿا.**(يتر)** جِتي **(پُروي)**پهرين واري سِرشٽِي جي **(ديوا)**پاپ سان آزاد ديوَ سروپ (نيڪ) ڀڳت آتمائون**(سنِت)**رهنديون آهن.

سمجهاڻي -: جنهن نِروڪار (گوشت، شراب، تماڪو،استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ ٻين بُراين کان بچيل آهن) ديوَ سروپ (نيڪ) ڀڳت آتمائون جِن شاسترن خلاف پُوجا کي ڇڏي شاسترن ۾ ٻُڌايل طريقي مطابق پُوجا ڪن ٿا. اُهي ڀڳتِي جِي ڪمائي سان امير ٿِي ڪال جي قرض کان آجا ٿي. پنهنجِي سچِي ڀڳتِي جِي ڪمائِي سان اُنهي سُڪـدائي پرماتما کي حاصل ڪن ٿا. مطلب ست لوڪ ۾ هليا وڃن ٿا. جتي سڀ کان پهرين ٺاهيل دُنيا جي ديوَ سروپ مطلب پاپ کان آزاد هنس آتمائون رهن ٿيون.

جيئن ڪجهہ آتمائون ڪال جي جال ۾ ڦاسِي هِتي اچِي ويون، ڪجهہ پربِرهم سان گڏ ست سنک برِهماندن ۾ اچي ويون ۽ ٻيءِ بہ بيشمار آتمائون جِن جو پُورڻ پرماتما ۾ اٽل ڀروسو رهيو، جيڪي پتي ورتا پد کان نہ ڪريون اُهي اُتي ئي ست لوڪ ۾ رهجي ويون. اِنهي ڪري هِتي اُهائي ڳالهہ پويتر ويدن بہ سچ ٻُڌائي آهي.

اهڙوئي ثبوت گيتا ادياءِ 08 شلوڪ 8 کان 10 ۾ بہ ٻُڌايو آهي تہ جيڪو ساڌڪ پُورڻ پرماتما جِي سچِي ساڌنا شاسترن ۾ ٻُڌايل طريقي مطابق ڪري ٿو، اُهو ڀڳتِي ڪمائِي جِي طاقت سان هُن پُورڻ پرماتما کي حاصل ڪندو آهي مطلب هُن وٽ هليو ويندو آهي. اِنهي مان واضح آهي تہ ٽي ڀڳوان آهن. 1.برِهم= شرپُرش، 2.پربرِهم=اڪشرپُرش ۽ 3.پُـورڻ برهم = پرم اڪشربرِهم= ست پُرش. وغيره نالن سان سُڃاتو وڃي ٿو.

اهڙوئي ثبوت رُگ ويد منڊل 09 سُڪت 96 منتر 17 کان 20 ۾ واضح آهي تہ پُورڻ پرماتما ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) ننيڙي ٻالڪ (ٻار) جي صُورت ۾ظاهر ٿين ٿا ۽ پنهنجي نِرمل گيان مطلب تتوَگيان (ڪبيرگربي) ڪبير واڻِي جي ذريعي پنهنجن چيلن کي ڳائي ٻُڌائي سمجهائين ٿا. اُهي ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) برِهم (شرپُرش) جي ڌام(دُنيا) ۽ پربرِهم (اڪشرپُرش) جِي دُنيا کان الڳ جيڪو پُورڻ

بِرهم (پرم اڪشرپُرش) جي ٽئين رُت ڌام (ست لوڪ) ۾ آڪار (جِسماني شِڪل) ۾ ويٺل آهن ۽ ست لوڪ کانپوءِ چوٿون اَنامي لوڪ آهي اُن ۾ بہ اُهي ئي ڪوير ديوَ انامي پُرش جي شڪل ۾ اِنسان وانگر جِسماني صُورت ۾ رهن ٿا.

## “پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ۾ ڪائنات جي ٺهڻ جو ثبوت ”

(بِرهما، وِشنو ۽ شِوَ جا ماتا پِتا)

( دُرگا ۽ بِرهم جي مِلاپ سان بـرهما وشنـو ۽ شِـو جو جـنم )

پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ٽيون اِسڪند، اڌياءِ 01 کان 03 (گيتا پريس گورک پُور کان ڇپيل، ترجمو ڪندڙ شرِي هنومان پرساد پُودار ۽ چمن لال گوسوامي جِي، پيج نمبر 114کان)

پيج نمبر 114 کان 118 تائين ۾ لکيو آهي تہ ڪيترائي آچاريہ پواڻِي ڪي سمپُورڻ (مُڪمل) منوڪامنائون (من جون مُرادون) پُوريون ڪرڻ واري ٻُڌائين ٿا. هو پرڪرتِي سڏائي ٿي ۽ بِرهم سان اڀيد سنبنڌ ( امتيازي رِشتو) آهي. جهڙي طرح گهر واري ڏال کي ارڌانگِي بہ چون ٿا مطلب دُرگا بِرهم (ڪال) جي ڏال آهي. هڪ بِرهمانڊ جي سِرشٽِي رچنا جي باري ۾ راجا شرِي پريڪشِت جي پُڇڻ تي شرِي وياس جي ٻُڌايو تہ مون شرِي نارد جِي کان پُڇيو هو تہ اي ديوَ رِشي! هن بِرهمانڊ (ڪائنات) جِي تخليق ڪيئن ٿي؟ منهنجي هِن سوال جي جواب ۾ شرِي نارد جي چيو تہ مون پنهنجي پِتا شري برهماجيءِ کان پُڇيو هو تہ اي پِتا شرِي! هِن بِرهمانڊ جِي تخليق ڪرڻ وارا توهان آهيو يا شرِي وِشڻو جِي آهن يا شِـو جِي، سچ سچ ٻُڌائڻ جي ڪرِپا (مهرباني) ڪريو؟؟ تڏهن منهنجي پُوڄئہ پِتا شرِي برهماجِي ٻُڌايو تہ پُٽ نارد مون پنهنجو پاڻ کي ڪَنوَل جي گل تي. ويٺل ڏٺو هو. مون کي خبر ناهي تہ هِن اونهي سمنڊ (مها ساگر) جي پاڻي ۾ مان ڪِٿان پيدا ٿيس، هڪ هزار سالن تائين پرٿوي (زمين) کي تلاش ڪندو رهيس، ڪٿي پاڻي جوڪو ڪِنارو نہ مليو پوءِ آڪاش واڻي(آسماني آواز) ٿِي تہ تپ ڪر. تڏهن هڪ هزار سالن تائين تپ ڪيو. پوءِ سِرشٽي رچنا (دُنيا ٺاهڻ) جِي آڪاش واڻِي ٿِي. ايتري ۾ مڌوُ ۽ ڪيٽڀ نالي جا بہ راڪشِس آيا. اُنهن جي خوف کان مان ڪنول جي ڏانڊي جهلي هيٺ هليو ويس. اُتي ڀڳوان شرِي وِشڻوجِي شِيش نانگ جي سيج تي بيهوش پيا هئا. هُن مان هڪ عورت پُوت وانگر پرويشٽ (داخل) دُرگا نِڪتي. هُو آڪاش ۾ آيوشڻ (زيورات وغيره) پاتل نظر اچڻ لڳِي، تڏهن ڀڳوان شرِي وِشڻوجِي هوش ۾ آيا. هاڻي مان ۽ شرِي وِشڻوجِي بہ ٿِيا. ايتري ۾ ڀڳوان شرِي شنڪر

(شِــو جي) بہ اچي پُھتا. ديوي اسانکي وِمان (جهاز) ۾ ويهاريو ۽ بـرهم لوڪ ۾ وٺي ويئي، اُتي هڪ برهما، هڪ وِشڻو ۽ هڪ شِــو ٻيا بہ ڏٺا، پوءِ هڪ ديوي ڏٺي اُن کي ڏسي وِشڻــوجي وويڪ سان پُڇيو (برهم ڪال ڀڳوان وِشڻو کي ياداشت ڏيئي چڏي، جنهن سان هِن کي پنهنجي نندپُڻ جي ياد اچي ويئي تڏهن نندپُڻ جي ڪهاڻي ٻُڌائي.

پيج نمبر 120-119 تي ڀڳوان وِشـڻوجي شري برهماجي ۽ شري شِـوجي کي چيو تہ هي اسان ٽنهي جي ماتا آهي. اِهائي جڳت جنني (دُنيا پيدا ڪرڻ واري) پرڪرِتي ديوي آهي. مون هِن ديوي کي تڏهن ڏٺو هو جڏهن مان ننڍڙو ٻالڪ هئس. ديوي مونکي پينگهي ۾ لوڏي رهي هئي.

ٽيون اِسڪند پيج نمبر. 123 تي شري وِشڻوجي، شري دُرگاجي جي واکاڻ/مهما ڪندي چيو تہ توهان شُڌ سروُپا (پاڪ صورت) آهيو، هي سڄو سنسار توهان کان ئي سوڀيا ڏئي رهيو آهي. مان (وِشڻـو) برهما ۽ شنڪر مطلب اسان سڀئي توهان جي ڪرپا سان ئي موجود آهيون. اسان جو آوير ڀاوَ (جنم) ۽ تروڀاوَ (موت) ٿيندو آهي مطلب اسان ٽيئي ديوَ ناشوان (فاني) آهيون، صرف توهان ئي نِت (اٽل) آهيو. دُنيا کي پيدا ڪرڻ واري آهيو. پرڪرِتي ۽ سناتني ديوي آهيو.

ڀڳوان شنڪر چيو ديوي! جيڪڏهن ڀڳوان وِشنـوجي توهان سان ئي پيدا ٿيا آهن، تہ هِن کانپوءِ پيدا ٿيڻ وارو برهما بہ توهان جا ئي اولاد ٿيا، تہ پوءِ مان تموگُڻي ليلا ڪرڻ وارو شنڪر ڇا توهان جو اولاد نہ ٿيس؟ مطلب مونکي بہ پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين.

**ويچار ڪريو-:** مٿي ٻُڌايل گيان مان ظاهر ٿيو تہ شري برهماجي، شري وِشنوجي ۽ شري شوَجي فاني آهن. مرتيونجيہ (لافنا) ۽ سرويشوَر(ڪُل مالڪ) نہ آهن. اِهي دُرگا جا پُٽ آهن ۽ برهم (ڪال-سداشِو) اِنهن جو پِتا (پيءُ) آهي.

ٽيون اِسڪند، پيج نمبر125 تي برهماجي جي پُڇڻ تي تہ ؛ اي ماتا!! ويدن ۾ جيڪو برهم چيو آهي. اُهو توهان ئي آهيو يا ڪو ٻيو ڀڳوان آهي؟ هِن جي جواب ۾ هِتي دُرگا چئي رهي آهي تہ مان ۽ برهم هڪ ئي آهيون. پوءِ ساڳئي اِسڪند جي پيج نمبر 129 تي چوي پئي تہ هاڻي منهنجا ڪم پورا ڪرڻ لاءِ وِمان (جهاز) ۾ ويهي توهان جلدي هليا وڃو، ڪابہ مُشڪل اچڻ تي توهان مونکي ياد ڪندا تہ مان حاضر ٿي وينديس. ديوتائو! منهنجو ۽ برهم جو ڌيان توهان کي سدائين ڪندي رهڻ گهرجي. اسان ٻنهي کي ياد ڪندا رهندا تہ توهان جا ڪم نيڪ ٿيڻ ۾ ذرو بہ مُشڪل نہ ايندي.

متي ٻُڌايل گيان مان واضح ٿيو تہ دُرگا (پرڪرِتي) ۽ برهم (ڪال) ئي ٽنهي ديوتائن جا ماتا پِتا آهن. برهما، وِشنو ۽ شِو فاني آهن ۽ مڪمل طاقتور نہ آهن.

ٽنهي ديوتائن (برهما، وِشنو، مهيش) جون شاديون دُرگا ڪرايون پيج نمبر129-128تي، ٽئين اسڪند ۾.

گيتا اڌياءِ 07 جو شلوڪ نمبر 12:

**يي ، چہ ، ايوَ، ساتوڪ ، بهاوا، راجساه ، تامساه ، چہ ، يي ،**

**مت ، ايوَ، ايتِي ، تان ، ودِهي ، نہ ، تُو ، اِهم ، تيشُ ، تي ، مئِي .**

سمجهاڻي -: (چ) ۽ (اِيوَ) بہ (يہ) جيڪو (ساتوڪ) ستوگڻ وِشنوجي ڪان پالڻ (ڀاوا) وارا ڀاءُ آهن ۽ (يہ) جيڪو (راجساه) رجوگُڻ برهماجي ڪان پيدائش (چہ) ۽ (تامسا) تموگُڻ شِوجي ڪان خاتمو آهي (تان) اُنهن سڀني کي تون (مت اِيوَ) مون کان ئي ٿيڻ وارا آهن (اِتيءِ) اِئين (وِدِي) سمجهہ (تُو) پر اصل ۾ (تيشُ) اُنهن ۾ (اهم) مان ۽ (تي) اُهي (مي) مون ۾ (نہ) نہ آهن.

## "پويتر شِو مهاپُراڻ ۾ ڪائنات جي تخليق جو ثبوت"

(ڪال برهم ۽ دُرگا سان برهما وِشنو ۽ مهيش جي پيدائش)

هِن جو ثبُوت پويتر شري شِوَ مهاپُراڻ گيتا پريس گورکپُور کان ڇپيل، ترجمو ڪندڙ شري هنومان پرساد پودار. انهي جي اڌياءِ نمبر06 رُدر سنهيتا، پيج نمبر 100 تي چيو آهي تہ جيڪو مورتِي بغير (بنا شڪل) جي پربرهم آهي، هُنجي مورتي ڀڳوان سدا شوَ آهي هُن جي جِسم مان هڪ شڪتي (پاوَر) نِڪتي . اُها شڪتي امبيڪا، پرڪرِتي، (دُرگا)، ترِي ديوَ جننِي ( شري برهما، شري وِشنوجي ۽ شري شِوجي کي پيدا ڪرڻ واري ماءُ) سڏجي ٿي. جنهن جون اَٺ ڀُجائون (ٻانهون) آهن ۽ جيڪو سداشِو آهي اُنکي شِو شنيوُ ۽ ميهشور بہ چوندا آهن. (صفحي نمبر 101 تي). اُهي پنهنجي سڀني انگن (جسمانِي حصن) تي ڀسم/رک لڳائِي رهي ٿو، هُن ڪال رُوپي برهم هڪ شوَ لوڪ نالي علائقي جي تعمير ڪئي پوءِ ٻنهي پتِي پتني (زال مُڙس) جو وهنوار ڪيو جنهن سان هڪ پُٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو وِشنو رکيو (صفحو نمبر 102).

وري رُدر سنهيتا اڌياءِ نمبر 07 پيج نمبر 103 تي برهماجِي چيو آهي تہ منهنجِي پيدائش بہ ڀڳوان سداشِو (برهم/ڪال) ۽ پرڪرِتي دُرگا جي ميلاپ سان مطلب زال مُڙس جي وهنوار سان ئي ٿي آهي. وري مونکي بيهوش ڪري ڇڏيو.

وري رُدر سنهيتا اڌياءِ 09 پيج نمبر 110 تي چيو آهي تہ اهڙي طرح برهما وِشنو ۽ شِو (رُدر) اُنهن ٽنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن پر شِو (ڪال/بِرهم) گڻ اتيت مڃيو ويو آهي.

هتي چار ڳالهيون ثابت ٿيون آهن تہ سدا شوَ (ڪال/برهم) ۽ پرڪرتي مان ئي برهما وِشنو ۽ مهيش پيدا ٿيا آهن. ٽنهي ڀڳوانن ( برهما،وِشنو ۽ شِوَ) جا ماتا پتا شري دُرگا ۽ جوتي نِرنجن (بِرهم) آهن. اِهي ٽيئي ڀڳوان رجوگڻ بِرهما، ستوگڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو آهن

## “پويتر شريمد ڀڳوت گيتا ۾ سِرشٽي رچنا جو ثبوت ”

انهي جو پرماڻ گيتا اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ 3 کان 05 تائين آهي. بِرهم (ڪال) چئِي رهيو آهي تہ پرڪِرتي (دُرگا) تہ منهنجي پتنِي (زال) آهي، مان بِرهم (ڪال) هِن جو پتي (مڙس) آهيان. اسان ٻنهي جي ميلاپ سان سموري مخلوق سميت ٽنهي گُڻن (رجوگڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشٹو ۽ تموگُڻ شِو) جِي پيدائش ٿي آهي. مان (برهم/ڪال) سڀنِي پراڻين (مخلوق) جو پيءُ آهيان ۽ پرڪرتِي (دُرگا) اِنهن جي ماءُ آهي .مان هُن جي پيٽ ۾ ٻِج جاري ڪندو آهيان جنهن سان سڀِي مخلوق جي پيدائش ٿئي ٿي. پرڪِرتي (دُرگا) سان پيدا ٿيل ٽيئي گُڻ (رجوگُڻ بِرهما ستوگُڻ وِشٹو ۽ تموگُڻ شِو) سڀني جاندارن کي ڪرم جي آڌار تي جِسمن ۾ ٻَڌن ٿا. اِهوئي ثبوت گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 1 کان 04 ۽ 16،17 ۾ بہ آهي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 01

**اُرڌوَمولم ، اڌهہ شاکهم ، اَشوَ ٿهم ، پِراهُو ، اوييم ،**

**ڇنداسِي، يسيہ ، پرڻاني ، يہ ، تم ، ويد ، س ہ، ويد وِت .**

سمجهاڻي -: **(اُرڌوَمولم)** مٿي پُورڻ پرماتما آدي پُرش/شروعاتي پرڀُو پرميشور رُوپي جڙ وارو **(اڌهہ شاکهم)** هيٺيان جا ٽئي گُڻ رجوگُڻ بِرهما ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شِو رُوپي ٽارين وارو **(اوييم،)** اويناشي **( اَشوَ ٿهم)** پڪڙيل پِپر جو وڻ آهي. **(يسيہ)** جنهن جا **(ڇنداسِي)** جيئن ويد ۾ ڇند آهن اهڙي سنسار رُوپي وڻ جا بہ ننڍا ننڍا حصا ٽاريون **(پرڻاني)**پَن **(پِراهُو)**چيا آهن **(تم)** هُن سنسار رُوپي وڻ کي **(يہ)** جيڪو **(ويد)** پاڙن سميت ڄاڻي ٿو **(س)**سو **(ويدوِت)**پُورڻ گياني مطلب تتودرشِي آهي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 02 :

**اڌهہ ، چہ ، اُرڌومہ ، پِرستاه ، تسيہ ، شاکها ، گُٽپرورڌا ،**
**وشيہ پروالا،اڌه، چہ، مُولاني، انُسنتتانيءِ، ڪرمانُبنڌيني، منشيہ لوڪي.**

سمجهاڻي -:(**تسيہ**)هُن وڻ جِي (**اڌهہ**)هيٺ (**چہ**) ۽ (**اُرڌومہ**)مٿي (**گُڻ پرورڌا،**) ٽنهي گڻن رجوگُڻ - برهما، ستوگُڻ - وِشنو ۽ تموگُڻ – شِوَ رُوپي (**پِرسرتا**) پکيڙيل (وشيہ پُروالا) وِڪار ڪامہ، ڪروڌ، موهہ، لوڀ، اَهنڪار رُوپي ڪونپل مطلب گونچ (**شاخا**)ٽاري بِرهما، وِشٽو ۽ شِو (**ڪرما نُبنڌيني**)جاندارن کي ڪرمن ۾ ٻَڌڻ جون (**مُولانِي**)جڙُون مطلب پاڙهون مُکيہ ڪارڻ آهن. (**چہ**) ۽ (**منُشہ لوڪي**)منش لوڪ مطلب زمين تي (**اَڌهہ**)هيٺ – نرڪ، چوراسي لک جوڻين ۾ (**اُرڌومہ**)مٿي سرڳ لوڪ وغيره ۾ (**انُسنتانِي**)بندوبست ڪيو ويٺا آهن.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 03:

**نہ ، روپمہ ، اسيہ ، اِهہ ،تٿا ، اوپلبيتي ، نہ انتہ ، چہ ،آدِي ،نہ ، چہ ،**
**سمپرتِيشٺا، اَشوتمہ ،اينمہ، سويرُڍمولمہ ، اَسنگشسترينڻ، دردِين، ڇتوا.**

سمجهاڻي -:(**اسيہ**)هِن رچنا جي (**نہ**)نہ ئي (**آدي**)شروعات (**چہ**) ۽ (**نہ**)نہ ئي (**انتا**) آخر آهي (**نہ**)نہ ئي (**تٿا**)اهڙي (**روپمہ**)صُورت (**اوپلپيتي**)ملي ٿي (**چہ**) ۽ (**اِهہ**)هتي ويچار ڪال ۾ مطلب منهنجي ڏنل گيتا گيان ۾ صحيح معلومات مون کي بہ (**نہ**)نہ آهي (**سمپرتِشٺا**)چاڪاڻ تہ سيئي بِرهماندن جي رچنا جِي چڱي طرح معلومات جي ڄاڻ مونکي بہ نہ آهي. (**اِنمہ**)هِن ( **سويرُڍمولمہ**) سُٺي نموني مستقل بُنيادي حالت واري (**اشوتٿمہ**)مضبُوط شڪل واري سنسار رُوپي وڻ جِي ڄاڻ جو (**اسنگ شسترين**)مڪمل ڄاڻ رُوپي (**دردِهين**)دردِ سوڪشمہ ويد مطلب تتوگيان جي ذريعي ڄاڻي (**ڇيتوا**)وِدي ڪري مطلب نِرنجن جِي ڀڳتِي کي معمولي مطلب عارضي سمجهي. بِرهما، وِشنو شِو، بِرهمہ ۽ پربِرهمہ کان بہ اڳتي پُورڻ بِرهمہ جي تلاش ڪرڻ گهرجي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04

**تتہ ،پدمہ ، تت ، پريما گيتوَيمہ ، يسيمن ، گتا ، نہ ، نِورتنيت ، پويہ ،**
**تَمہ ، ايوَ، چہ ، آڌيمہ، پُرشومہ ، پر پرڌي ، يتہ ، پرورتِي ، پرسرتا ، پراڻي**

سمجهاڻي -: جڏهن تتوَدرشِي سنت ملي وڃي (**تتهہ**)اُن کانپوءِ (**تَت**)هُن پرماتما جي (**پدمہ**)پد استان ست لوڪ کي (**پريماگرتوَيمہ**)چڱي نموني سان کوجڻ گهرجي (**يسِمن**) جنهن ۾ (**گتا**) ويل ساڌڪ (**پويهہ**)وِري (**نہ نِورتنتي**) واپس موٽي سنسار ۾ نٿو اچي (**چہ**) ۽ (**يتهہ**)جنهن پرماتما مطلب پرمہ اڪشربِرهمہ کان (**پُراڻي**)

شروعاتي **(پروَرتِي)** رچنا - سرشٽي **(پرسرتا)** پيدا ٿي آهي **(تم)** اڳيات **(ادهيم)** آدي يم مطلب مان ڪال نرنجن **(پُروشم)** پُورڻ پرماتما جي **(اِيوَ)** ئي **(پرپدي)** مان شرڻ ۾ آهيان ۽ اُنهي جي ئي پُوڄا ڪريان ٿو.

گيتا اڌياءِ نمبر. 15 شلوڪ نمبر. 16:

**دوَوَ ، اِمئو ، پُرشو ، لوڪي ، شره ، چه، اڪشره ، اِيو ، چه ،**

**شره ، سرواڻي ، ڀُوتاني ، ڪُوٽسٿ ، اڪشره ، اُچيتي .**

سمجهاڻي -:**(لوڪي)** هن سنسار ۾ **(دُووَ)** ٻن قسمن جا **( شره)** ناشوان **(چه)** ۽ **(اڪشره)** اويناشي **(پرشوُ)** پگوان آهن. **(ايو)** اهڙي طرح **(امئو)** اِنهن ٻنهي پگوانن جي لوڪن ۾ **(سرواڻِي)** سيئي **(ڀوتاني)** پراڻين جا شرير يا جسم ته **(شره)** ناشوان **(چ)** ۽ **(ڪُوٽسٿ)** جِيوَ آتما **(اڪشره)** اويناشِي **(اُچيتي)** چئي وڃي ٿي.

گيتا اڌياءِ نمبر. 15 شلوڪ نمبر. 17

**اُتم ، پُرش ، تو ، انيه ، پرماتما ، اِتي ، اُدارته ،**

**يه ، لوڪترِيم ، اوِشيه ، ٻِيرتِي ، اوييه ، ايشوره .**

سمجهاڻي -:**(اُتم)** اُتم **(پُرش)** پگوان **(تو)** ته **(انيه)** مٿئين ٻنهي پرڀوئن يعني شرپُرش ۽ اڪشرپُرش کان الڳ ڪو ٻيو ئي آهي. **(اِتِي)** اُهي اصل ۾ **(پرماتما)** پرماتما **(اُدارته)** سڏيا وڃن ٿا. **(يه)** جيڪو **(لوڪ ترِيم)** ٽنهي لوڪن ۾ **(اوِشيه)** داخل ٿي ڪري **(ٻِيرتِي)** سيني جو ڌارڻ پوشڻ ڪري ٿو ۽ **(اوييه)** اويناشي **(ايشوره)** ايشور يعني پرڀوئن ۾ سريشٽ مطلب طاقتور پربهو آهي.

سمجهاڻي -: گيتا گيان ڏيڻ واري ڀڳوان صرف ايتروئي ٻُڌايو آهي ته هي سنسار اُبتو لٽڪيل وڻ وانگر سمجهو، مٿي جڙُون مطلب پاڙُون پُورڻ پرماتما سمجهو هيٺ ٽاريون وغيره ٻيا حِصا سمجهو، هِن سنسار رُوپي وڻ جي هر هڪ حصي جي الڳ الڳ ڄاڻ جيڪو سنت سمجهي ٿو، اُهو تتوَ درشِي سنت آهي. جنهن جي باري ۾گيتا اڌياءِ 04 شِلوڪ نمبر 34 ۾ چيو آهي ۽ گيتا اڌياءِ 15 شِلوڪ نمبر 2-3۾ فقط ايتروئي ٻُڌايو آهي ته ٽي گُڻ رُوپي شاخون آهن. هتي ويچار ڪال ۾ مطلب گيتا ۾ توهان ڪي مان (گيتا گيان ڏيڻ وارو) پُوري ڄاڻ نٿو ڏيئي سگهان، ڇاڪاڻ ته مونکي هِن سنسار رچنا جِي شروعات ۽ انت جِي ڄاڻ نه آهي. اِنهي جي لاءِ گيتا اڌياءِ 04 شلوڪ نمبر 34 ۾چيو آهي ته ڪنهن تتوَدرشِي سنت کان هُن پُورڻ پرماتما جو گيان سمجهو گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 01 ۾ هُن تتودرشِي سنت جِي سڃاڻپ ٻُڌائي آهي ته اُهي سنسار رُوپي اُبتي وڻ جي سيني حصن جو گيان (ڄاڻ) ٻُڌائيندا اُنهي کان پُڇو.

گيتا اڌياءِ 15 جي شلوڪ نمبر 04 ۾ چيو آهي تہ هُن تتوَدرشِي سنت جي ملي وڃڻ کانپوءِ اُنهي پرم پد پرميشور جي کوج ڪرڻ گهرجي مطلب هُن تتودرشِي سنت جي ٻڌايل گيان مطابق ساڌنا (پُوڄا) ڪرڻ گهرجي جنهن سان پُورڻ موڪش (انادي موڪش) حاصل ٿئي ٿو. گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ واضح ڪيو آهي تہ ٽِي پُرش آهن. 01 شرپُرش (برهم)، 02 اڪشر پُرش (پربرهم) ۽ 03 پرم اڪشرپُرش (پُورڻ برهم). شرپُرش ۽ اڪشر پُرش اصل ۾ اويناشي نہ آهن. اُهو اويناشي پرماتما تہ اِنهن ٻنهي کان علاوه ڪو ٻيو آهي، اُهوئي ٽنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سڀني جو ڌارڻ پوشڻ (پالڻ پوسڻ) ڪري ٿو.

مٿئين شريمدڀڳوت گيتا اڌياءِ15 شلوڪ نمبر 01 کان 04 ، 16 ۽ 17 مان ثابت ٿيو آهي. تہ اُبتي لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جي جڙ مطلب پاڙ تہ پرم اڪشربرهم (پُورڻ برهم) آهي جنهن سان سڄي وڻ جو پالڻ ٿئي ٿو، وڻ جو جيڪو حصو زمين جي مٿان ۽ ٻاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو اُهو ٿُڙ آهي هُن کي اڪشرپُرش (پر برهم) سمجهو، اُنهي ٿُڙ جي مٿي هلي وڏا ٽار نِڪرن ٿا، اُنهن مان هڪ ٽار کي شرپُرش (برهم) سمجهو، اُنهي ٽار مان ٻيون ٽي شاخائون نِڪرن ٿيون، اُنهن کي برهما وِشنو ۽ شوَ سمجهو. شاخائن کان اڳتي پنن جي شڪل ۾ سنساري مخلوق سمجهو. گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ واضح آهي تہ شرپُرش (برهم) ۽ اڪشرپُرش (پربرهم) ٻنهي جي لوڪن ۾ جيترا بہ پراڻي (جاندار) آهن اُنهن جا شرير تہ فاني آهن پر جيوَ آتما اويناشي (لافاني) آهي. مطلب تہ ٻئي پربُو ۽ اُنهن جي ماتحت سڀ مخلوق فاني آهن. ٻيلي ئي اڪشرپُرش (پربرهم) کي اوناشي چيو آهي پر اصل ۾ اويناشي پرماتما تہ اِنهن ٻنهي کان علاوه ڪو ٻيو آهي. جيڪو ٽنهي لوڪن ۾داخل ٿي سڀني جو پالڻ پوشڻ ڪري ٿو. مٿانهن ذِڪر ڪيل ٽِنِ پرڀون جو الڳ الڳ حوالو ڏنو آهي.

## "پوجيہ ڪبير پرميشوَر (ڪبير ديوَ) جِي امرت واڻي ۾ سرشٽِي رچنا"

هيٺين امرت واڻي جيڪا سن 1403ع کان (جڏهن پُوجيہ ڪبير ديوَ (ڪبير پرميشور) پنهنجي ڪرشمي سان ٻاويل شرير ۾ پنج سالن جا ٿيا، سن 1518ع (جڏهن ڪبير پرميشور مگهر جي رياست کان جِسم ساڻ ست لوڪ ويا) جي وچ يعني اڄ کان اٽڪل 600 سال اڳ ۾ پرم پوجيہ ڪبير پرميشور پنهنجي نِجي شيوڪ سنت ڌرمداس جي صاحب کي ٻُڌائي هئي ۽ ڌرمداس جي صاحب لکِي هئي، پر اُن وقت جي

پويتر هندو ڌرم جي نادان گُروئن (نيم حڪيمن) چيو تہ هِي ڊاڪ (جُلاهو) ڪبير ڪُوڙو آهي، ڪنهن بہ ست گِرنٿ ۾ شِري بِرهماجِي شِري وِشنو جِي ۽ شِري شِوَجِي جِي ماءُ پيءُ جا نالا نہ آهن. هي ٽيئي پريو اويناشي (لافاني) آهن، هِنن جِي جنم موت نٿي ٿئي نہ ئي پويتر ويدن ۾ ڪبير پرميشور جو پرماڻ آهي ۽ نہ ئي پرماتما ڪي نِراڪار لکيو آهي، اسان هرروز پڙهندا آهيون. معصوم (ڀولي) آتمائن اِنهن چَٽر (چالاڪ) گروئن تي اعتبار ڪري ڇڏيو تہ واقعي هي ڪبير ڌاڪ تہ اَڻپڙهيل آهي ۽ اسان جا گُرو جيڪي ٻُڌائي رهيا آهن سا ڳالهہ سچي هوندي. اڄ اُهائي سچائي روشن ٿي اڳيان اچي رهي آهي ۽ اسان جي سڀنِي پاڪ مذهبن جا پاڪ ڪِتاب ضامن آهن. اِنهي مان واضح آهي تہ پُورڻ پرميشور سِرشٽِي رچڻهار ڪُل ڪلتار ۽ هرجاءِ حاضر وَ ناظر ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) ئي آهن، جيڪي ڪاشِي (بنارس) ۾ ڪنوَل جي گُل تي پرگهٽ ٿيا ۽ 120 سالن تائين اصل تيجوميہ (نُوري) جسم جي مٿان اِنساني هلڪي روشنِي وارو شرير بڻائي ۽ پنهنجي رچيل سِرشٽِي (ٺاهيل دُنيا) جو نيڪ (حقيقي) تتوَ گيان ڏيئي شرير سميت ست لوڪ هليا ويا. براءَ مهرباني پڙهو هيٺين امرت واڻِي پرميشور ڪبير صاحب جي اُچاريل.

ڌرم داس يہ جگ بورانا، ڪوئي نہ جاني پد نروانا.
يہي ڪارن مئين ڪٿا پسارا، جگ سي ڪهيو رام نيارا.
يهي گيان جگ جيوَ سُنائو، سب جيوَن ڪا ڀرم نِشائو.
اب ۾ تُم سي ڪهُون چِتائي، تِري ديون ڪي اُتپتي ڀائي.
ڪُڇھ سنڪشيپ ڪهُون گورائي،سب سنشي تُم ريمٽ جائي
ڀرم گئي جگ ويد پُرانا، آدي رام ڪا ڀيد نہ جانا.
رام رام سب جگت بکاني، آدي رام ڪوئي بِرلا جاني ،
گيانِي سُني سو هِردي لگائي، مورک سُني سو گميہ نہ پائي.
مان اشٽنگِي پِتا نِرنجن، وي جم دارُن ونشن اَنجن.
پهلي ڪِين نِرنجن رائِي، پيڇي سي مايا اُپجائي.
مايا رُوپ ديک اتِي شويا، ديوَ نِرنجن تن من لويا،
ڪام ديوَ ڌرم راءِ ستائي، ديوِي ڪو تُرنت ئي ڌر ڪائي.
پيٽ سي ديوِي ڪري پُڪارا، صاحِب ميرا ڪرو اُبارا.
ٽير سُني تب هم تهان آئي ، اَشٽنگِي ڪي بند ڇڙائي.

ست لوڪ ۾ ڪينان دُراچارِي، ڪال نِرنجن دِينا نِڪارِي .
مايا سميت دِيا پڳائِي، سولا سنڪ ڪوس دوُرِي پر آئي.
اَشٽنگِي اور ڪال اب دوئي ، مند ڪرم سي گئي بِگوئِي.
ڌرم راءِ ڪو حِڪمت ڪِينا، نڪ ريڪا سي پڳ ڪر لِينا .
ڌرم راءِ ڪِينا ڀوگ وِلاسا، مايا ڪو رهِي تب آسا.
تين پُتر اَشٽنگِي جائي، برِهما وِشٽو شِو نام ڌرائي.
تين ديوَ وِستار چلاوي ، اِن ۾ يہ جگ ڌوڪا ڪاوي
پُرش گميہ ڪيسي ڪوئي پاوي، ڪال نِرنجن جگ پرماوي.
تين لوڪ اپٽي سُت دِينا، سُن نِرنجن باسا لِينا .
الک نِرنجن سُن ٺِڪانا، برِهما وشٽو شِو ڀيد نہ جانا.
تين ديوَ سو اُن ڪو ڌياوين، نِرنجن ڪا وي پار نہ پاوين
الک نِرنجن بڙا بٽپارا، تين لوڪ جيوَ ڪِين آهارا.
برِهما وِشنو شِو نهين بچائي، سڪل ڪائي پُن ڌور اُڙائي
تِن ڪي سُت هين تينون ديوا، آنڌر (اَنڌي) جيوَ ڪرَت هين سيوا
اڪال پُرش ڪاهُو نهين چينا ، ڪال پائي سيئِي گهہ لِينا .
برِهم ڪال سڪل جگ جاني، آدي برِهم ڪو نہ پهچاني.
تينون ديوَ اور اوتارا ، تا ڪو ڀجي سڪل سنسارا
تينون گُٽون ڪا يہ وستارا، ڌرمداس مئين ڪهون پُڪارا.
گُڻ تينون ڪِي ڀڳتِي ۾ ، ڀُول پڙيو سنسار.
ڪهي ڪبير نِج نام بِنا، ڪيسي اُتري پار.

متي ڏِنل امرت واڻي ۾ پرميشور ڪبير صاحِب جِي پنهنجي نِجي شيوڪ شرِي ڌرمداس جِي صاحِب کي چئي رهيا آهن تہ ڌرم داس! هِي سڄو سنسار تتوَ گيان جي ڪمِي جي ڪري گمراهہ آهي، ڪنهن کي بہ پُورڻ(مڪمل) موڪش مارڳ ۽ پُورڻ سِرشٽِي رچنا جو گيان نہ آهي، اِنهي ڪري مان توهان کي منهنجِي رچيل سِرشٽِي (ڻاهيل دُنيا) جِي ڪٿا ٻُڌايان ٿو، عقلمند اِنسان تہ جلد ئي سمجِهي ويندا پر جيڪي سيني ثبوتن کي ڏِسِي ڪري بہ نہ مجيندا تہ اُنهن نادان اِنسانن تي ڪال جو پورو پورو اثر آهي. اُهي ڀڳتِي جي لائق نہ آهن. هاڻي مان ٻُڌايان ٿو تہ ٽيئي گُڻ (برِهما، وِشنو ۽ مهيش) ڪيئن پيدا ٿيا؟ اِنهن جي ماءُ اشٽنگِي (دُرگا) آهي ۽

پيءُ جوتِي نِرنجن (ڪال) آهي. پهرين بِرهم جِي پيدائش بيضي مان ٿي. پوءِ دُرگا جِي پيدائش ٿي ، دُرگا جي رُوپ تي عاشق ٿي ڪال بِرهم غلطي ڪئِي، تڏهن دُرگا (پرڪرتِي) هِن (ڪال بِرهم) جي پيٽ ۾ پناهه ورتِي، مان اُتي ويس جِتي جوتِي نِرنجن ڪال هو ۽ پوانِي ڪي بِرهم جي پيٽ مان ڪڍي 21 بِرهماندن سميت 16 سنک ڪوهه جي فاصلي تي موڪلي ڇڏيو. جِوتِي نِرنجن (ڌرمراءِ) پرڪرتِي ديوِي (دُرگا) سان ڀوڳ وِلاس ڪيو. اُنهن ٻنهين جي ڀوڳ وِلاس (جِنسي ميلاپ) سان ٽِن گُڻن (رجوگُڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشڻو ۽ تموگُڻ شِو) جي پيدائش ٿي اِنهن ٽِنهي گُڻن جي ساڌنا (ڀگتي) ڪري سيئي پراڻي (جاندار) ڪال جي جار ۾ ڦاٿل آهن ۽ جيستائين اصلي منتر (نِج نام) نہ ملندو تيستائين مڪمل موڪش (راحت) ڪيئن ٿيندو؟

پياري سجنو ويچار ڪريو تہ شِري بِرهماجِي شِري وِشنوجِي ۽ شِرِي شِوَجِي جِي استيتِي (حالت) اويناشي چئي ويئي آهي. سڄو هِندُو سماج اڄ تائين ٽِنهي ڀڳوانن (رجوگُڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشڻو ۽ تموگُڻ شِو) کي اجر امر)هميشہ رهڻ وارا) ۽ نہ مرڻ وارا مڃيندا آهن. جڏهن تہ ٽيئي فاني آهن، اِنهن جو پِتا ڪال رُوپي بِرهم ۽ ماتا دُرگا (پرڪرتي،اشٽنگِي) آهي. جيئن توهان شروع ۾ پرماڻ (ثبوتن) ۾ پڙهيو ساڳيو ئي گيان پنهنجن شاسترن ۾موجود آهي، پر هِندُو سماج جي ڪليگِي گُروئن رِشين ۽ سنتن کي گيان (ڄاڻ) نہ آهي. جيڪو معلم/اُستاد/ گُرو پنهنجي نصاب کان ئي اڻ واقف هُجي اُهو اُستاد نيڪ اُستاد نہ آهي شاگردن جي مُستقبل جو دُشمن آهي. اهڙي ئي طرح جِن گُروئن کي اڄان تائين اِها ڄاڻ نہ آهي تہ شِري بِرهما، شِري وِشڻو ۽ شِري شِو جا ماتا پِتا ڪير آهن؟ تہ اُهي گُرو رِشِي ۽ سنت جن لاعلم (اڻ ڄاڻ) آهن . جنهن جي ڪري سڄي ڀڳت سماج کي شاستر وِرُد گيان ( مقدس ڪتابن خلاف ڄاڻ) لوڪ ويد مطلب بناوتي ڳالهيون ٻُڌائي اگيان (انڌڪار) سان ڀري ڇڏيو آهي. شاستر طريقي جي خلاف ڀڳتِي ساڌنا ڪرائي پرماتما جي سچي لاڀ کان محروم رکيو ۽ سيني جو انسانِي جنم تباهه ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ شريمد ڀڳوت گيتا ادياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ اِهوئي پرماڻ آهي تہ جيڪو شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمانا ڪري ٿو. اُنکي ڪوبہ لاڀ (فائدو) حاصل نٿو ٿئي. پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي سن 1403ع

ڪان ئي سيني شاسترن جو گيان پنهنجي اَمرت واڻي (ڪبير واڻِي) ۾ ٻـڌائڻ شروع ڪيو هو پر اُنهن اگياني گروئن رِشين ۽ سنتن اُهو گيان ڀڳت سماج تائين پُهچـڻ نـ ڏِنو، جيڪو هاڻي ظاهر ٿي رهيو آهي. اِنهي مان ظاهر آهي تہ ڪبير ديوَ (ڪبير پرڀُو) تتوَدرشِي سنت جِي رُوپ ۾ خود پرماتما ئي آيا هئا.

## ”محترم سنت غريب داس جِي صاحِب جي امرت واڻي ۾ سِرشٽِي رچنا جو پرماڻ“

آدي رميڻي (سد گِرنٿ) صفحو نمبر 690 ڪان 692 تائين)

**آدي رميڻي عدلي سارا، جا دِن هوتي ڏُونڌُون ڪارا.**
**ست پُرش ڪِينا پرڪاشا، هم هوتي تخت ڪبير خواسا2**
**من موهنِي سِرجِي مايا ، ست پُرش ايڪ خيال بڻايا3**
**ڌرمراءِ سرجي دربانِي، چوسٺ يُگ تپ سيوا ٺانِي4**
**پُرش پرٿوي جاڪُون دِيني، راج ڪرو ديوا آدِينِي5**
**بِرهمانڊ اڪيس راج تُم دِينا، من ڪي اِڇا سب جُگ لِينا6**
**مايا مُول رُوپ ايڪ ڇاجا، موهي ليئي جِنهون ڌرم راجا7**
**ڌرم ڪا من چنچل چِت ڌاريا، من مايا ڪا رُوپ بِـچاريا8**
**چنچل چيرِي چپل چِراگا، يا ڪي پرسي سر بـس جاگا9**
**ڌرمراءِ ڪِيا من ڪا ڀاڳِي، وشئي واسنا سنگ سي جاڳِي10**
**آدي پُرش عدلي انراڳِي ،ڌرمراءِ دِيا دِل سي تياڳِي11**
**پُرش لوڪ سي دِيا ڍهائي، اگـم دُئيپ چلي آئي ڀائي12**
**سهج داس جِس دُئيپ رهنتا، ڪارڻ ڪون ڪون ڪُل پنٿا13**
**ڌرمراءِ بولي درباني، سُنو سهج داس بِرهم گيانِي14**
**چوسٺ يُگ هم سيوا ڪِينِي، پُرش پِرٿوي هم ڪو دِينِي15**
**چنچل رُوپ ڀيا من بورا، من موهنِي ٺگيا ڀونرا16**
**ست پُرش ڪي نہ من ڀائي، پُرش لوڪ سي هـم چلي آئي17**
**اگر دُئيپ سُنت بڙڀاڳِي، سهج داس ميٽو مـن ڀاڳِي18**
**بولي سهج داس دِل دانِي، هـم تو چاڪر ست سهدانِي19**
**ست پُرش ۾ عرج گـُجارون، جب تُمهارا بِـواڻ اُتـارون20**

سهج داس کو کِيا پيانا، ست لوک لِيئا پروانا21
ست پُرش صاحِب سربنگِي، اوگت عدلي اچل اينگِي22
ڌرمراءِ تُمهارا دربانِي، اگر دُئيپ چلي گئي پِرانِي23
کون حُکم کرِي عرج اواجا، کهان پٺائو اُس ڌمراجا24
پئِي اواج عدلِي ايک سانچا، وِشئيه لوک تِينيُون باچا25
سهج وِمان چلي اڌيکائِي، ڇن ۾ اگر دُئيپ چل آئِي26
هم تو عرج کرِي انراگِي، تُم وِشئيه لوک جائو بڙڀاگِي27
ڌرمراءِ کي چلي وِمانا، مانسروَر آئي پرانا 28
مانسروَر رهِن نه پائِي، دَرِي کبيرا ٿانا لائي29
بنکنال کِي وِشمِي باٽِي، تهان کبيرا روکي گهاٽِي30
اِن پانچومِل جگت بنڌانا، لک چوراسِي جيوَ سنتانا31
بِرهما وِشٽو مهيشور مايا، ڌرمراءِ کا راج پٺايا32
يـو کوکا پُر جـهُوٽِي باجِي، پست بيکُنٹ دگاسِي ساجِي33
کِرترم جِيوَ پُلاني پائِي، نِج گـهر کي تو خبر نه پائِي34
سوا لاک اُپـجين نِت هنسا، ايک لاک بِنسين نِـت انسا35
اُتپتِي کپتِي پرلئيه فيرِي، هرش شوک جورا جم جيرِي36
پانچون تتوَهي پرلئيه مانهين،ستو گُڻ رجوگُڻ تموگُڻ جهانٿِين37.
آتون انگ ملي هين مايا، پِنڊ بِرهمنڊ سکل پرمايا38
يا ۾ سُرت شبد کِي ڊورِي، پِنڊ بِرهمنڊ لگِي هي کورِي39
سواسا پارس من گيهه راکو، کولو کپاٽ امِي رس چاکو40
سُنائون هنس شبد سُن داسا، اگم ديپ اگم هي باسا41
پوساگر جم دنڊ جمانا، ڌرمراءِ کا هي طلبانا42
پانچون اُوپر پد کي نگرِي، باٽ بِهنگم بانکِي ڊگرِي43
همرا ڌرمراءِ سون داوا، پوساگر ۾ جِيوَ پرماوا44
هم تو کهين اگم کي بانِي، جهان اويگت عدلِي آپ بِنانِي45
بندي چوڙ همارا نامم، اجر امر هئه استر ٺامـم46
جُـگن جُـگن هم کهتي آئي، جـم جورا سي هنـس ڇُـٽائي47

**جو ڪوئي ماني شبد همارا، ٻوساگر نهين ٻرمي ڊارا48**

**يا ۾ سُرت شبد ڪا ليکا، تن اندر من کهو ڪِينهي ديکا49**

**داس غريب اگــم ڪِي باڻِي، کوجو هنسا شبد سـهداڻِي50**

مٿيئن لکيل امرت جو ڀاوَارٿ (سمجهاڻي) آهي تہ آڌرڻيہ سنت غريب داس جي صاحب چئي رهيا آهن تہ هِتي ٻهرين صرف اندڪار (اونڌيرو) هُئي ۽ پورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي صاحِب ست لوڪ ۾ سِنگهاسڻ (تخت) تي براجمان هئا اسان اُتي چاڪر (خدمتگار) هئاسين. پرماتما جوتي نِرنجن کي پيدا ڪيو.نِرنجن جي تپ جي عيوض هِن کي 21 برهمانڊ عطا ڪيا ويا. پوءِ مايا (پرڪرتي) جي پيدائش ڪئي نوجوان ۽ خوبصورت دُرگا جي رُوپ تي موهِت (عاشِق) ٿي جوتي نِرنجن بِرهم دُرگا (پرڪرتي/مايا) سان زبردستي ڪرڻ جي غلط ڪوشش ڪئي، بِرهم جوتي نِرنجن کي اُن جي سزا ملي، هِن کي ست لوڪ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ شراب (بددُعا) لڳو تہ هڪ لک اِنساني جسم ڌاريل پراڻين (ساهہ وارن) جي سوڪشم شرير کي روزانو کائيندين، سوا لک پيدا ڪندين. هتي سڀئي پراڻي (جاندار) جنم ۽ موت جو ڏُک ڪٽي هلي رهيا آهن، جيڪڏهن ڪو بہ پُورڻ پرماتما جو اصل شبد (نِج نام جاپ منتر) مون کان حاصل ڪندو تہ اُن کي ڪال جي قيد مان آزاد ڪرائي ڇڏيندس. منهنجو نالو بندي ڇوڙ آهي. محترم سنت غريب داس جِي صاحِب پنهنجي گُرو ۽ ڀڳوان ڪبير پرماتما جي آڌار تي چئي رهيا آهن تہ سچي منتر مطلب ست نام ۽ سار شبد جِي پراپتي ڪري وٺو، پُورڻ موڪش ٿي ويندو نہ تہ نقلي نام ڏيڻ وارن سنتن




ڪال لوڪ ۾ جنم مرڻ روپي ارهٽ (چڪر)

مهنتن ۽ گروئن جي مِٺين مِٺين ڳالهين ۾ ڦاسِي، شاسترن جي طريقي ڪار جي خلاف ساڌنا ڪري ڪال جي قيد ۾ رهِجي ويندا پوءِ تڪليف مٿان تڪليف ڀوڳيندي پوندي.

**غريب داس صاحب جِي مهاراج جِي واڻي**

(ست گرنٿ صاحب صفحو نمبر 690 کان)

**مايا آدِي نرِنجن ڀائِي، اپڻي جائي آپي کائي.**
**بِرهما وِشڻو مهيشور چيلا ، اوم سوهم ڪا هي کيلا.**
**سِکر سُن ۾ ڌرم انيائِي، جِن شڪتِي ڏائِن محل پٺائِي.**
**لاک گِراس نِت اُٺ دُوتِي، مايا آدِي تخت ڪي ڪُوتِي.**
**سوا لاک گهڙيئِي نِت ڀانڊي، هنسا اُتپتي پرلئہ ڏانڊي.**
**يہ تينُون چيلا بٽپارِي، سِرجي پُرشا سرجي نارِي.**
**ڪوڪا پُر ۾ جِيوَ ڀُلائِي، سوپن، ڀِيهست بيڪُنٺ بنائِي**
**يو هرهٽ ڪا ڪُنوان لوئِي، يا گل بندِيا هي سڀ ڪوئِي.**
**ڪِيڙي ڪُونجر اور اوتارا، هرهٽ ڏورِي بنڌي ڪئِي بارا.**
**ارب اليل اِندر هي ڀائِي، هرهٽ ڏور بنڌي سب آئي**
**شيش مهيش گڻيشور تاهِين، هرهٽ ڏورِي بنڌي سڀ آهين.**
**شُڪرادِڪ بِرهمادِڪ ديوا، هرهٽ ڏورِي بنڌي سڀ ڪيوا.**
**ڪوٽِڪ ڪرتا ڦِرتا ديکيا، هرهٽ ڏورِي کهون سُن ليکا.**
**چٽُر ڀُڄِي ڀگوان ڪهاوين، هرهٽ ڏورِي ، بنڌي سڀ آوين.**
**يو هي ڪوڪا پُر ڪا ڪنُوان، يا ۾ پڙا سو نِسچيہ مُوا.**

جِوتِي نِرنجن ( ڪال بلِي) جي وس ٿي اِهي ٽيئي ديوَ (رجو گُڻ بِرهما، ستو گُڻ وِشڻو، تمو گُڻ شِوجِي) پنهنجي مهما/وڏائي ڏيکاري جيوَن کي سرگ، نرڪ جي ڀوَساگر (لک چوراسِي جُوڻين) ۾ ڀٽڪائيندا رهن ٿا. جوتِي نِرنجن پنهنجي مايا سان نانگڻِي وانگر جاندارن کي پيدا ڪري پرمائِي ڇڏي ٿو. جهڙي طرح نانگڻ پنهنجي پُڇ سان آنن جي چوطرف ڪُنڊلِي ناهي ٿِي، پوءِ اُنهن آنن تي پنهنجو ڦڻ هڻي ٿِي جنهن سان آنا ڦاٽِي پون ٿا ۽ اُنهن مان ٻچا نِڪرِي اچن ٿا، اُنهن کي نانگڻ کائي وڃي ٿِي. ڦُڻ هڻڻ وقت ڪيترائي آنا ڦُٽي پون ٿا، چاڪاڻ تہ نانگڻ جاڪيترائِي آنا هُجن ٿا، جيڪي آنا ڦُٽن ٿا اُنهن مان ٻچا نِڪرن ٿا، جيڪڏهن ڪو ٻچو ڪُنڊلي (نانگڻ جي دُم جي

گهيري) مان ٻاهر نِڪري وڃي ٿو تہ اُهو بچي وڃي ٿو نہ تہ ڪُنڊلي ۾ نانگڻ چڙهي
نٿي. جيترا ٻچہ اُن ڪُنڊلي جي اندر هُجن ٿا اُنهن سڀني کي کائي وڃي ٿي.

**مايا ڪالي نانگڻ، اپني جائي کات، ڪُنڊلي ۾ ڇوڙي نهين، سو باتون کي بات.**

اهڙوئي هي ڪال ٻلي جو ڄار آهي، نِرنجن تائين جي ڀڳتي پوري سنت کان اُپديش وٺي ڪندا تہ بہ هِن نِرنجن جي ڪُنڊلي (ايڪيهہ برهمانڊ) کان ٻاهر نٿا نِڪري سگهو. خود برهما، وِشڻو، مهيش ۽ آدي مايا شيران والي بہ نِرنجن جي ڪُنڊلي ۾ آهن. اِهي وچارا اوتار ڌارڻ ڪري اچن ٿا ۽ جنم مِرتيو(زندگي ۽ موت)جي چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا. اِنهي ڪري ويچار ڪريو تہ سوهم جاپ جيڪو ڌرُو ، پرهلاد ۽ سُکديو رِشي بہ جپيو، پر اُهي بہ پار نہ ٿيا ڇاڪاڻ تہ شِري وِشڻو پُراڻ جي پهرئين انش جي اڌياءِ 12 منتر نمبر 93 پيج نمبر 51 تي لکيل آهي تہ ڌرُو صرف هڪ ڪلپ مطلب هزار چتر يُگن تائين ئي مُکت آهي، اِنهي ڪري ڪال لوڪ ۾ ئي رهيو. " اوم نمهہ ڀڳوتي واسو ديواءَ " منتر جاپ ڪرڻ وارا ڀڳت بہ شِري ڪرشن تائين جي ڀڳتي ڪري رهيا آهن. اُهي بہ چوراسي لک يوٽين جا چڪر ڪاٽڻ کان بچي نٿا سگهن. پرم پوجيہ ڪبير صاحب ۽ سنت غريب داس صاحب جون واڻيون ڇڻو ۽ صاف ثبوت ڏين ٿيون.

**اننت ڪوٽي اوَتار هين، مايا کي گووِند، ڪرتا هو هو اُوتري، بهُر پڙي جگ فند.**

ست پُرش ڪبير صاحب جي ئي ڀڳتي سان جِيوَ (آتما/روح) مُکت ٿي سگهي ٿو. جيستائين جِيوَ (آتما/روح) ست لوڪ ۾ واپس هليو نہ ويندو تيستائين ڪال جي لوڪ ۾ اهڙي ئي نموني ڪرم ڪندو رهندو ۽ کيل نام دان ۽ ڌرم جِيڪمائي سُرڳ رُوپي هوٽل ۾ ختم ڪري واپس ڪرم ڪرڻ جي لاءِ چوراسي لک قِسم جي جوڻين جي شرير ۾ تڪليف ڀوڳڻ واري ڪال لوڪ ۾ چڪر ڪاٽيندو رهندو. مايا دُرگا مان پيدا ٿي ڪروڙين گووِند (بِرهما وِشڻو ۽ مهيش) مري چُڪا آهن. ڀڳوان جا اوَتار بڻجي آيا هئا پوءِ ڪرم بندڻن ۾ بڌجي ڪرمن کي ڀوڳي چوراسي لک جوڻين ۾ هليا ويا ، جيئن ڀڳوان وِشڻو جي کي ديورِشي نارد جو شراپ (بددُعا) لڳو تڏهن وِشڻو ڀڳوان ايوڌيا ۾ شِري رامچندر رُوپ ۾ جنم وٺي آيا ، وري شِري رامچندر جي رُوپ ۾ بالي کي ماريو، اِنهي ڪرم ڏنڊ کي ڀوڳڻ جي لاءِ شِري ڪِرشن جي جو جنم ٿيو. وري

بالِي وارِي آتما شِڪارِي بڻجي پنهنجو بدلو ورتو، شِرِي ڪِرشن جِي کي پير ۾ زهر سان پريل تير هڻِي ماري چڏيائين. غريب داس جِي مهاراج پنهنجِي واڻِي ۾ چون ٿا ته:

برهما وِشڻو مهيشور مايا، اور ڌرمراءِ ڪهيئي.
اِن پانچون مِل پرپنچ بڻايا واڻِي همرِي لهيئي.
اِن پانچون مِل جِيوَ اٽڪائي، جُگن جُگن هم آن ڇُڙائي.
بندِي ڇوڙ همارا نام، اجر امر هي اسٿِر ٺام.
ڌرمراءِ ڪِي ڏُوما ڏامِي، جم پر جنگ چلائون.
جورا ڪو تو جان نه ڏُونگا، بانڌ ڪر ادل گهر لياؤن.
ڪال اڪال دوئون ڪو موسون، مها ڪال سِر مُوندون.
مئين تو تخت هجُورِي حُڪمِي، چور کوج ڪُون ڏُونڍون.
مُولا مايا مگ ۾ بيٺِي، هنسا چُن چُن کائي.
جوتِ سرُوپِي پِيا نِرنجن، مئين هي ڪرتا پائِي.
سِنهنس اٺاسِي ديپ مُنيشوَر، بندي مُولا ڊوري.
ايتيان ۾ جم ڪا طلبانا، چليئي پُرش ڪِشورِي.
ڪال ڪا تو ماٿا داغون، ست ڪِي موهر ڪرونگا.
پُرش ديپ ڪون هنس چلائون، درا نه روڪن ڏُونگا.
هم تو بندي ڇوڙ ڪهاوان، ڌرمراءِ هي چڪوي.
ست لوڪ ڪِي سڪل سُناوان، واڻِي همري لکوي.
نو لڪ پٽن اوپر کيلون، ساهدري ڪون روڪُون.
ڏُوا دس ڪوڙِي ڪٽڪ سِپ کاٽون، هنس پٺائون موڪُون.
چودهه ڀوَن گمن هي ميرا، جل ٿل ۾ سربنگِي.
خالِق خلق خلق ۾ خالِق، اويگت اچل اينگِي.
اگر اليل چڪر هي ميرا، جِت سي هم چل آئي.
پانچون پر پروانا ميرا، بند ڇُڙاون ڌائي.
جهان اومڪار نِرنجن ناهين، بِرهما وِشڻو ويد نهين جاهِين.
جهان ڪرتا نهين جان ڀگوانا، ڪايا مايا پنڊ نهين پراڻا.
پانچ تتوَ تينون گُڻ ناهِين، جورا ڪال ديپ نهين جاهين.
امر ڪرُون ست لوڪ پِٺائون، تاتي بندي ڇوڙ ڪهائون.

ڪبير پرميشور (ڪبير ديوَ) جي مهما ٻُڌائيندي غريب داس جي مهاراج چون ٿا تہ اسان جا پڳوان ڪوير (ڪبير ديوَ) بندِي ڇوڙ آهن. بندِي ڇوڙ جو مطلب آهي ڪال جي قيد/جيل کان ڇڏائڻ وارو. ڪال بِرهم جي 21 بـرهمانـڊن ۾ سڀ پراڻي (جاندار/مخلُوق) گناهن جي ڪارڻ ڪال جي قيد ۾ آهن. پُورڻ پرماتما ڪبير صاحب گُناهن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. پاپن جو خاتمو نہ برهم نہ پربرهم ۽ نہ ئي برهما وِشٽو مهيش وغيره ئي ڪري سگهن ٿا. اِهي صرف جھڙو ڪرم آهي اُن جو اهڙوئي ڦل ڏيئي ڇڏيندا آهن. اِنهي ڪري يجُر ويد اڌياءِ 05 منتر نمبر 32 ۾ لکيل آهي تہ " ڪبير انگهاريسِي " ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) پاپن جو دُشمن آهي " بمياريسِي " بندڻن جو دُشمن مطلب بندِي ڇوڙ آهي.

اِنهن پنجن (برهما – وِشنُو– شِو - مايا ۽ ڌرمراءِ) کان مٿي ست پُرش پرماتما ڪبير ديوَ آهي، جيڪو ست لوڪ جو مالڪ آهي. باقي سڀ پـربرهم، برهم بـرهما –وِشٽو - مهيش ۽ آدي، مايا اِهي سڀ فاني آهن. مهاپرلئہ (قيامت) ۾ اِهي سڀ ۽ اُنهن جا لوڪ ختم ٿي ويندا آهن. عام اِنسان کان ڪيترائي هزار دفعا وڌيڪ ڊگهي اِنهن جي عمر آهي. پر جيڪو وقت مقرر آهي اُهو هڪ ڏينهن لازمِي پُورو ٿيندو.

محترم سنت غريب داس جي مهاراج چون ٿا تہ:

شِـو برهما ڪا راج ، اِندر گنتِي ڪهان، چار مُڪتِي، بئڪُنٹ سمجھہ، ايـتا لهيئا.

سنک جُـگن ڪي جُونِي، عمر بڙداريا، جا جننِي قُربان، سو ڪاغذ پاريئـا.

ايتِي عمـــر بُلـند مـري گا انت ري، ستگُرو لگي نـہ ڪان، نہ پينتي سنت ري.

**چاهي بيشمار يُـگن جي ڊگهي عمر ڀہ ڇونہ هُجي، هِڪ ڏينهن ختم ضرور ٿيندِي. جيڪڏهن ست پُرش پرماتما ڪبير صاحِب جي نُمائيـنـدي پُورڻ سنت (گُرو) جيڪو ٽن نالن جو منتر (جنهن ۾ هِڪ اوم/ تت /ست ، جيڪي اِشارن ۾ آهن) ڏيئي ٿو ۽ اُن کي سچي سنت طرفان نام دان ڪرڻ جو آديش (حُڪم)آهي اُن کان اُپديش وٺِي نام جِي ڪمائي ڪنداسين تہ اسان ست لوڪ جا لائق هنس ٿي سگهون ٿا. ست ساڌنا (سچِي ڀڳتي) ڪانسواءِ تمام ڊگهي عمر ڪم نہ ايندي، ڇاڪاڻ تہ نِـرنجن جي هن لوڪ ۾ ڏک ئي ڏک آهي.**

ڪبير ، جيوَنا تو ٿوڙا هي ڀلا، جــي ســت سُـمــرڻ هوئــي.
لاکھ ورش ڪا جيوَنا، ليکي دهري نہ ڪوئــي.

**ڪبير صاحب پنهنجي (پُورڻ برهم جي) چاڻ خود ئي ڏنائين ته انهن ڀڳوانن ڪان متي انيڪ ڀُڄائن (ٻانهن) وارو پرماتما ست پُرش آهي، جيڪو ست لوڪ (سچ کنڊ/ ست ڌام) ۾ رهي ٿو ۽ اُن جي ماتحت سڀ لوڪ (برهم ڪال جا 21 برهمانڊ/ پربرهم جا ست سنک برهمانڊ/برهما، وشڻو، شو ۽ شڪتي جا لوڪ ۽ ٻيا سڀ برهمانڊ اچي وڃن ٿا) ۽ اُتي ست نام ۽ سار نام جي جاپ سان پهچي سگهجي ٿو. جيڪو پُورڻ گُرو ڪان پراپت ٿئي ٿو. سچ کنڊ (ست لوڪ) ۾ جيڪا آتما پهچي وڃي ٿي، اُن جو ٻيو جنم نٿو ٿئي. ست پُـرش ڪبير صاحب خود ئي ٻين لوڪن ۾ الڳ الڳ نالن سان موجود آهن. جيئن الک لوڪ ۾ الک پُرش، اگم لوڪ ۾ اگم پُرش ۽ اکھ يا انامي لوڪ ۾ انامي پُرش جي رُوپ ۾ براجمان آهن. اِهي اُپماتمڪ (عــهدن) جا نالا آهن، پر اصل نالو هُن پُورڻ پرماتما جو ڪويرديوُ (ٻولي جي تبديلي جي ڪري ڪبير صاحب) آهي.**

## "محترم نانڪ صاحب جي واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو اشارو"

**شري نانڪ صاحب جي امرت واڻي محلا، ڀهريون، راڳ بلاول انش هڪ،(گُروگرنٿ پيج نمبر839.)**

**آپي سچُ ڪيئا ڪر جوڙي، انڊج ڦوڙي جوڙي وڇوڙ.**
**ڌرتي آڪاش ڪيئي بيسڻ ڪئُو ٿائُو. راتي ڏنتُو ڪيئي ڀئُو – ڀائُو.**
**جن ڪيئي ڪري ويکٽهارا. (3)**
**ترتيئا برهما – بسنُو- مهيسا، ديوي ديو اُپائي ويسا.(4)**
**پئُوڻ پاڻي اگني بسرائُو، تاهي نرنجن سانچو نائُو.**
**تسُ مهي منُئا رهيئا لِوَ لائي، پرٽوَتي نانڪو ڪالُو نہ ڪائي.(10)**

سمجهاڻي-: سچي پرماتما خود پنهنجن هٿن سان سچي سرشٽي جي رچنا ڪئي آهي، هُن ئي آنو (بيضو) ٺاهيو پوءِ ڦوڙيو ۽ هُن مان جوتي نرنجن نڪتو. اُنهي ئي پُورڻ پرماتما سڀني ساهوارن جي رهڻ جي لاءِ زمين، آسمان، هوا، باهہ ۽ پاڻي وغيره پنج تتوَ (عناصر) رچيا. پنهنجي رچيل دُنيا جو خود ئي شاهد (گواهہ) آهي. ٻيو ڪوبہ صحيح چاڻ نٿو ڏيئي سگهي. پوءِ آني (بيـضي) جي ڦٽڻ سان نڪرندڙ نـرنجن کانپوءِ برهما وشڻو ۽ شو ٽنهي جي پيدائش ٿي، انهن کانپوءِ ٻين ديوي ديوتائن ۽ بيشمار مخلُوق جي

پيدائش ٿي. جڏهن ته ٻين ديوي ديوتائين جي جِيوَن چريتر ۽ ٻين رِشين جي انڀوَ تجربي) سان 06 شاستر 18 پُراڻ لکيا. پورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي سچي نالي جِي ساڌنا من سان ڪرڻ سان ۽ گُرو مريادا ۾ رهڻ واري ڀڳت کي گرو نانڪ صاحِب جِي چوَن ٿا ته ڪال نٿو کائي. راڳ مارو (انش) امرت واڻِي مهلا پهريون گرو گرنٿ صفحو نمبر1037.

**سُنهو بِرهما، بِسنُو، مهيسُ اُپائي. سُني ورتي جُگ سبائي.**

**اِسُ پد بچاري سو جنُ پُورا، تس مِلئي پرموُ چُڪائيدا.(3)**

**سام ويدُ، رُگ ججرُ اٿربڻُو. بِرهمي مُک مائيئا هي تري گُڻ.**

**تاڪي قيمت ڪهِي نه سڪي، ڪو تئُو بولي جيئُو بُلائيدا.(9)**

مٿي لکيل امرت واڻي جو مطلب آهي ته جيڪو سنت پورڻ سِرشٽِي رچنا (تخليق ڪائنات) ٻُڌائيندو ۽ چوندو ته آني (بيضي) جا ٻه حصا ٿي ڪير نِڪتو؟ جنهن پوءِ بِرهم لوڪ جي سُن ۾ مطلب گُپت هنڌ تي بِرهما، وِشنو جي پيدائش ڪئِي ۽ اُهي پرماتما ڪير آهن. جنهن بِرهم ڪال جي مُنهن مان چارئي ويد (رِگ ويد/ يجُرويد/ سام ويد ۽ اٿر ويد) کي بيان ڪرايو اُهي پُورڻ پرماتما جيئن چاهي تئين ئي هرهڪ جاندار کي ڳالهرائي ٿو. هِن سچِي گيان کي پورڻ (دُرست) ٻُڌائڻ وارو سنت ملي وڃي ته اُن وٽ وڃو. جيڪو سيني وهمن کي صحيح طريقي سان دُور ڪري ٿو اُهوئي پُورڻ سنت مطلب تتوَدرشِي آهي.

**شري گرو گرنٿ صاحب صفحو نمبر 929 امرت واڻِي شِرِي نانڪ صاحب جي راڳ رام ڪلِي مهلا1 دکڻي اوهنڪار**

اوهنڪارِي بِرهما اُتپتِي، اوهنڪارُ ڪِيئا جِني چِت، اوهنڪارِي سيل جُگ ڀئي،

اوهنڪارِي بيد نِرمئي . اوهنڪارِي سبدي اُڌري، اوهنڪارِي گُرو مُکي تري، اونم اکر

سُٹهوُ بِچارُ، اونم اکرُو ترِيوَڻ سارُو.

**مٿي لکيل امرت واڻِي ۾ شِرِي نانڪ صاحِب جِي چئِي رهيا آهن ته " اوم ڪار" مطلب جوتِي نِرنجن ڪال کان بِرهما جي پيدائش ٿي، ڪيترائي يُڳ مستِي ڪري " اوم ڪار" (بِرهم) ويدن جي پيدائش ڪئِي جيڪي بِرهما جِي کي مِليا. ٽِن لوڪن جي ڀڳتي جو صرف هڪ اوم منتر ئي اصل ۾ جاپ ڪرڻ جو آهي انهي" اوم" لفظ جو سچي سنت کان اُپديش وٺِي گُرودارڻ ڪري جاپ ڪرڻ سان اُڌار ٿئي ٿو.**

**شري گُرو نانڪ صاحِب جي ٻِنهي منترن (اوم/ تت/ ست) جو جگهہ جگهہ تي حيرت انگير بيان ڏِنو آهي. اُنهي ڪي صرف سچو سنت (تتوَدرشِي) ئي سمجهي سگهي ٿو ۽ ٻِنهي منترن جي جاپ ڪي اُپديشي ڀڳت ڪي سمجهايو ويندو آهي.**

(صفحو نمبر1038) اُتم ستگُرو پُرش نِرالي، سبدي رتي هرِي رس متوالي.

رِڌي،بُڌِي، سدِي، گيان گُرو تي پائِي، پُري ڀاگ مِلائيدا. (15)

ستگُرو تي پائي بِچارا، سُن سماڌِي سچي گهر بارا.

نانڪ نِرمل نادُ سبد ڌُنِي، سچُ رامين نامي سمائيدا.(17).(5 17.

**مٿي لکيل امرت واڻِي جو مطلب آهي تہ سچو گيان ڏيڻ وارا ستگرو تہ نِرالا ئي هوندا آهن. اُهي صرف نام جاپ ڪي جپندا آهن، ٻي ڪابہ هٺ يوڳ ساڌنا نٿا ٻڌائين. جيڪڏهن توهان ڪي ڌن دولت، عهدو، عقل يا ڀڳتي شڪتي بہ گُهرجي تہ اُهو ڀڳتِي مارڳ جو علم سچو سنت ئي ڏيندو آهي. اِهڙو سچو سنت وڏي ڀاڳ سان ئي ملي ٿو. اُهوئي سچو سنت ٻُڌائيندو تہ مٿي سُن ( آسمان) ۾ اصلي گهر (ست لوڪ) پر ميشوَر ٺاهي رکيو آهي.**

**جنهن ۾ هڪ حقيقي سار نام جي ڌُن هلي رهي آهي، انهي آنند ۾ اويناشي پرميشوَر جي سار شبد سان سمائجي سگهجي ٿو، مطلب اُنهي سچي سُکدائي مڪان ۾ واس ٿي سگهجي ٿو، ٻين نامن ۽ اڌُورن گُروئن سان نٿو ٿي سگهي.**

**آنشِڪ امرت واڻِي مهلا01 (شِري گُرو گِرنٿ صفحو نمبر359/360)**

**شِو نگرِي مهي آسڻِي بيسُو ڪلپ تياگِي باندم.(1)**

**سِندِي سبد سدا ڌُنِي سوهِي اهِنِس پُرِيَ نادم.(2)**

**هرِي ڪيرتِي رهِ راسِي گُرو مُک پنٿ اتيت.(3)**

**سگلِي جوتِي هماري سنمِٿا نانا ورڻ انيڪم.**

**ڪهہ نانڪ سُڻِي برٿرِي جوگِي پار برهم لِو ايڪ(4)**

سمجهاڻي-: شِري نانڪ صاحِب جي چئِي رهيا آهن تہ اي پرٿري يوڳي! تنهنجي ساڌنا ڀگوان شِو تائين جِي آهي. اِنهي سان توکي شِو نگرِي (لوڪ) ۾ جگهہ ملندي ۽ شرير ۾ جيڪو سينگِي شبد وغيره هلي رهيو آهي. اُهوڪملن جو آهي ۽ ٽيلويزن وانگر هرهڪ ديوَ جي لوڪ مان شرير ۾ ٻُڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.

اسان تہ هڪ پرماتما، پاربرهم مطلب تہ سيني ڪان پار جيڪو پُورڻ پرماتما آهي يعني اِنهن ڪان ڪنهن ٻئي هڪ ئي پرماتما ۾ لو (لگن) لڳايون ٿا.

اسان ٻاهريون ڏيکاءُ (ڀسم لڳائڻ/هٿ ۾ ڏنڊو رکڻ وغيره) نٿا ڪريون اسان تہ سيڻي پراڻين کي هڪ پُورڻ پرماتما ( ست پُرش) جي سنتان (اولاد) سمجهندا آهيون. سڀ اُنهي جي شڪتي سان ئي هلي رهيا آهن. اسان جي ملڪيت تہ سچو نامُ جاپ گرو کان حاصل ڪري ڪرڻو آهي ۽ شما (معاف) ڪرڻ اسان جو لباس آهي. مان تہ پُورڻ پرماتما جو پوڄاري آهيان ۽ پُورڻ ستگرو جو ڀڳتي مارڳ اِنهي کان الڳ آهي.

**امرت واڻي راڳ آسا مهلا01 شري گروگرنٿ صفحو نمبر420**

آسا مهلا. 1. جِن نامُ بِساريا دُوجي ڀرميَ ڀُلائي، مُول ڇوڙ ڊالي لڳي ڪِيا پاوهِي ڇائِي. 1صاحبُ ميرا ايڪ هي اوَرُ نهين ڀائِي، ڪِرپا تي سُک پائيا ساچي پرتائي. 3 گُر ڪي سيوا سو ڪري جس آپ ڪرائِي ، نانڪ سِرُو دي ڇوٽِئي درگھ پتِي پائي. 8 . 18

**سمجهاڻي-:** مٿي ڏنل واڻي جو مطلبآهي تہ شِري نانڪ صاحِب جي چئي رهيا آهن تہ جيڪي سچي پرماتما جو سچو نامُ ڀُلجي ٻين ڀڳوانن جي نامن جي جاپ ۾ ڀرمي رهيا آهن، اُهي تہ ائين ڪري رهيا آهن جيئن پاڙُ/جڙ (پُورڻ پرماتما) کي ڇڏي، ٽنهي گُڻن (رجوگڻ برهما، ستوگڻ وِشنو ۽ تموگڻ شِوَ) رُوپي ٽارين کي پاڻي ڏيئي رهيا آهن يعني پُوڄا ڪري رهيا آهن. اهڙي ساڌنا سان ڪوبہ سُک نٿو ٿي سگهي مطلب ٻوٽو سُڪي ويندو تہ ڇانوَ ۾ نہ ويهي سگهندو، مطلب تہ شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا/ڀڳتي ڪرڻ بيڪار ڪوشش آهي. اِنهي جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. اِنهي جو ثبوت پويتر گيتا اڌياءَ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ پڻ آهي. هُن پُورڻ پرماتما کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ من مُکي/ من ماني) ساڌنا/ڀڳتي ڇڏي ڪري سچي گُروديوَ کي سمرپڻ/نِڇاوَر ڪرڻ سان ۽ سچي نامُ جي جاپ سان ئي موڪش مُمڪن آهي نہ تہ مرڻ بعد نرڪ ۾ وڃڻو پوندو.

**(شِري گُروگرنٿ صاحِب صفحو نمبر843 ۽ 844 )**

**بِلاول مهلا 1** . مئين من چاهُون گهڻا سانچي وِگاسي رامُ، موهي پريم پري پريُو ابناسي رامُ.

اويگتو هريَ ناٿُو ناٿھ تِسي ڀاوي سو ٿيئي، ڪِرپالو سدا ديالُو داتا جيئا آندري تو جيئي.

مئِينَ آڌارُو تيرا تُو خسمُ ميرا مئين تاڻُو تڪيئا تيرئو، سانچي سُچا سدا نانڪ گُرسبدي جهاگرُو نبرئو. (2)

متي لکيل واڻي ۾ شِري نانڪ صاحب جي چئِي رهيا آهن تہ اويناشِي پُورڻ پرماتما ناڻن جا بہ ناٿ آهن، مطلب ديون جا بہ ديوَ آهن. مان تہ سچي نام کي هِردي ۾ سمائي چُڪو آهيان. ايَ پرماتما! سڀنِي پراڻين/جاندارن جا جيوَن آڌار تہ توهان ئي آهيو. مان توهان جي آسري آهيان، توهان منهنجا مالڪ آهيو. توهان ئي گُرو رُوپ ۾ اچي ست/سچِي ڀڳتِي جو سچو گيان ڏيئِي سڄو جهگڙو ختم ڪري ڇڏيو مطلب سڀ ئِي شڪ دُور ڪري ڇڏيا.

**(شِرِي گُرو گرنٿ صاحِب صفحو نمبر721 راڳ تِلنگ مهلا01)**

**يڪ عرج گُفتم پيش تو در ڪُون ڪرتار.**

**حڪا ڪبير ڪريم تُو، بيَ عيب پروردگار.**

**نانڪ بُگوئيد جن تُرا تيري چاڪاران پاڪاڪ.**

متي لکيل امرت واڻي ۾ شري نانڪ صاحب جي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي تہ حقا ڪبير توهان ست ڪبير (ڪُل ڪرتار) شبد شڪتِي سان رچنا ڪرڻ وارو شبد رُوپِي پرڀُو مطلب تہ سڄِي دُنيا جا پيدا ڪرڻ وارا آهيو. توهان ئي بي عيب، پروردگار/ڀڳوان سڀنِي جا پالن ڪرڻ وارا ديالو پرڀُو آهيو. مان توهان جي داسن جو بہ داس آهيان.

شِري گُروگِرنٿ صاحب پيج نمبر 24 راڳ سيرِي مهلا 1

**تيرا ايڪ نام تاري سنسار، مئين ايها آس ايهو آڌار.**

**نانڪ نيچ ڪهي بچار، ڌاڻڪ رُوپ رها ڪرتار.**

متي لکيل امرت واڻي ۾ واضح ڪيو آهي تہ جيڪو ڪاشِي ۾ ڌاڻڪ /جُلاهو آهي اُهوئي ڪرتار/ڪُل جو سرجڻهار آهي. اِنتهائي نوڙت سان شِري نانڪ صاحِب جِي چئِي رهيا آهن تہ مان سچ چئِي رهيو آهيان تہ ڌاڻڪ /جُلاهو مطلب ڪبير ئي پُورڻ بِرهم (ست پُرش) آهي.

متي لکيل ثبوتن جي مختصر گيان/ڄاڻ مان ثابت ٿيو ڪائنات جي تخليق ڪيئن ٿي؟ هاڻي پُورڻ پرماتما کي حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪا پُورڻ سنت کان نام وٺڻ سان ئي ممڪن آهي.

*.*.*.*

## "ٻين سنتن جي پاران سِرشٽِي رچنا جي ڏند ڪٿا"

ٻين سنتن جيڪو سِرشٽِي رچنا جو گيان ٻُڌايو آهي، اُهو ڪهڙو آهي؟ براءِ مهرباني پڙهو سِرشٽِي رچنا جي باري ۾ " راڌاسوامي پنٿ " جي سنتن ءِ "ڌن ڌن ستگُرو پنٿ "جي سنتن جا ويچار.

(پويتر پُستڪ جيوَن چريتر سنت باباجي جيمل سنگهہ جِي مهاراج، صفحو نمبر 103 ۽ 102 سِرشٽِي رچنا ساوڻ ڪِرپال پبليڪيشن دلـــي)

پهرين ست پُرش نِراڪار هو، پوءِ آڪار (شڪل) ۾ آيو، تہ مٿي جا ٽي نِرمل منڊل (ست لوڪ ،الک لوڪ ۽ اگم لوڪ) بڻجِي ويا ۽ پرڪاش ۽ منڊلن جو ناد (ڌُنـي) بڻجِي ويو.

پويتر پُستڪ سار وچن (نثر)ڇپائيندڙ راڌاسوامي ستسنگ سڀا ديال باغ آگره سِرشٽِي رچنا صفحو نمبر 81:

پهرين ڌُنڌڪار (ڌُون ڌُون ڪار) هو، اُتي پُرش سُن سماڌِي ۾ هئا، تڏهن ڪابہ رچنا نہ ٿي هئِي، پوءِ جڏهن موج ٿي تڏهن شبد پرگهٽ ٿيو ۽ اُن مان سڀ رچنا ٿي، اوَل ست لوڪ ۽ بعد ۾ ست پُرش جي ڪلا سان ٽي لوڪ ۽ سڀ وِستار ٿيو.

هي گيان تہ اِهڙو آهي جيئن هڪ دفعي ڪو ٻار نوڪرِي وٺڻ جِي لاءِ اِنٽرويو جي لاءِ ويو نوڪري ڏيڻ واري پڇيو تہ توهان مهاڀارت پڙهيو آهي؟ ڇوڪر جواب ڏِنو تہ آڱرين تي رٽي رکيو آهي. نوڪري ڏيڻ واري سوال ڪيو تہ پنجن پاندوَن جا نالا ٻڌاءِ؟ ڇوڪر جواب ڏنو تہ هڪ ڀيم هو، هڪ هُن جو وڏو ڀاءُ هو، هڪ هُن کان ننيو هو، هڪ ٻيو هو ۽ هڪ جو نالو مان ڀُلجي ويو آهيان. مٿي لکيل سِرشٽِي رچنا جو تہ گيان اِهڙو آهي.

ست پُرش ۽ ست لوڪ جي مهما/واکاڻ ٻُڌائڻ وارا پنج نام(اوم ڪار، جوتي نِرنجن، ررنڪار، سوهم ۽ ستيہ نام) ڏيڻ وارن سنتن ۽ ٽي نام (اَڪال مورتي، ست پُرش ۽ شبد سروپِي رام) ڏيڻ وارن سنتن جي ٺهيل پُستڪن مان ڪجهہ نِچوڙ.

سنت مت پرڪاش، ڀاڱ 03 صفحو نمبر 76 ۾ لکيل آهي تہ سچ کنڊ يا ست نام چوٿون لوڪ آهي. هتي ست نام ڪي اِسٿان (هنڌ) چيو آهي.

وري ساڳئي پويتر پُستڪ جي صفحي نمبر 79 تي لکيل آهي تہ هڪ رام دشرٿ جو پٽ، ٻيو رام من، ٽيون رام بِرهم ۽ چوٿون رام ست نام آهي، هي اصلي رام آهي. وري پويتر پُستڪ سنت مت ڀاڱ 01 صفحي نمبر 17 تي لکيل آهي تہ اُهو ست لوڪ آهي جنهن کي ست نام چيو وڃي ٿو.

پويتر پُستڪ سار وچن (نثر) صفحي نمبر 03 تي لکيل آهي تہ هاڻي سمجهڻ گهرجي تہ راڌاسوامِي پد سڀني کان اُونچـو (اعليٰ) مقام آهي، جنهن کي سنتن ست لوڪ، سچ کنڊ سار شبد، ست شبڊ، ست نام ۽ ست پُرش چئي بيان ڪيو آهي.

پويتر پُستڪ سار وچن (نثر) آگرھ ڪان ڇپيل صفحي نمبر 04 تي بہ ساڳيون ئي بيان آهي پويتر پُستڪ سچ کنڊ جِي سڙڪ صفحي نمبر 226 تي لکيل آهي تہ سنتن جو ديش سچ کنڊ يا ست لوڪ آهي، جنهن کي ست نام، ست شبد، سارشبد چيو وڃي ٿو.

مٿي لکيل تعريف ائين لڳي ٿي جڻ ڪنهن زندگي ۾ نہ تہ ڪڏهن شهر ڏٺو نہ ڪار ڏٺي ۽ نہ ئي پيٽرول ڏٺو نہ ڊرائيور جي ڪا ڄاڻ آهي تہ ڊرائيور ڪنهن کي چون ٿا ۽ اُهو اِنسان پنهنجن ساٿين کي چوي تہ مان شهر وڃان ٿو، ڪار ۾ ويهي آنند (سُڪون) وٺان ٿو پوءِ ساٿين پُڇن ٿا تہ ڪار ڪهڙي آهي؟ پيٽرول ڪهڙو آهي؟ ڊرائيور ڪهڙو آهي؟ ۽ شهر ڪهڙو آهي؟ هُن گروجي جواب ڏنو تہ شهر چئو يا ڪار چئو ساڳي ڳالهہ آهي، پيٽرول بہ ڪارکي ئي چون ٿا، ڊرائيور بہ ڪار کي چون ٿا ۽ سڙڪ (روڊ) بہ ڪار کي ئي چون ٿا.

اڇو ٿورو سوچيون!! ست پُرش تہ پُورڻ پرماتما آهي، ست نام ٻن منترن جو نام آهي، جنهن ۾ هڪ "اوم"+"تت" جيڪو اشاري ۾ آهي ۽ ان کانپوءِ سار نام ساڌڪ/ڀڳت کي پُورڻ گُرو کان ڏنو وڃي ٿو. اِهي ست نام ۽ سار نام ٻئي سِمرڻ/جاپ ڪرڻ جا نام آهن. ست لوڪ اُهو اِستان (هنڌ/جهانَ) آهي جتي ست پُرش رهي ٿو. نيڪ آتمائون خود ئي فيصلو ڪن سچ ۽ ڪُوڙ جو.

*.*.*.*.

## "ڪير ۽ ڪهڙو آهي سڀني جو مالڪ ؟"

جِن جِن پُڄ آتمائن ( نيڪ آتمائن) پرماتما کي حاصل ڪيو، اُنهن ٻُڌايو آهي تہ سڀني جو مالڪ هڪ آهي ۽ اِنسان وانگر تيجومیہ /نُوري، جسم ذاري آهي، جنهن جي هڪ روم ڪُوپ (جسم جي هڪ وار ٽيڻ جيتري جاءِ) جِي روشنِي ڪروڙين سِجن جِي روشنِي کان بہ وڌيڪ آهي. هُن ئي مختلِف رُوپ ٺاهيا آهن. پرميشور جو اصل نالو هر هڪ ٻولِي ۾ الڳ الڳ نالا آهن جيئن ويدن جِي سنسڪِرت زبان ۾ ڪويرديوَ، شِري گُروگِرنٿ صاحب جي صفحو نمبر 721 علاقائي زبان ۾حق ڪبير، شِري ڌرم داس صاحِب جِي واڻي ۾ست ڪبير، سنت غريب داس صاحِب جي گرنٿ ۾ ديسي زبان ۾ بندي ڇوڙ ڪبير آهي. اُن پرماتما جا برابري ڪندڙ نالا=انامي پُرش، اگم پُرش، الک پُرش، ست پُرش، اَڪال مورت، شبد سرُوپي رام، پُورڻ بِرهم، پرم اڪشر بِرهم وغيره آهن. جيئن ملڪ جي وزيراعظم جو اصلي نالو

تہ ڪُجھ ٻيو هوندو آهي، پر عهدي جو نالو وزيراعظم ئي هوندو آهي ۽ پرائيم مِنسٽر صاحب الڳ هوندو آهي. جيئن ملڪ پاڪستان جو وزيراعظم صاحب پاڻ وٽ ڪو ٻيو عهدو رکِي ٿو وٺي، جيئن گهرو وزير تہ اُتي گهرو وزير جو ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ پنهنجو عهدو بہ گهرُو وزير ئي لِکندو آهي، دستخط اُهائي هوندي آهي. اهڙي ئي طرح ئي خدا جي طاقت کي سمجهڻو آهي.

جِن سنتن ۽ رُشين کي پرماتما حاصل نہ ٿيو. اُنهن پنهنجو آخري اَنُڀَوَ (تجربو) ٻُڌايو آهي تہ پريُو جو صِرف پرڪاش/روشنِي ڏِسِي سگهجي ٿي، ٻيڳوان نظر نٿو اچي، چاڪاڻ تہ هُن جو ڪو بہ آڪار يعني جسم نہ آهي ۽ جسم ۾ ڏُنِ(آواز) ٻُڌڻ وغيره ڀڳوان ڀڳتِي جِي حاصلات آهي.

اچو تہ ويچار ڪريون!! جيئن ڪو انڌو ٻين انڌن ۾ پنهنجو پاڻ کي اکين وارو ظاهر ڪري ويٺو هُجي ۽ چوي تہ راتين ۾ چنڊ جي روشنِي تمام سُهانِي ۽ من پسند هوندي آهي، مان ڏِسان ٿو. تہ ٻين انڌن چيلن پُڇيو تہ گُروجِي چنڊ ڪهڙو هوندو آهي؟ تہ هُن چالاڪ انڌي جواب ڏِنو تہ چنڊ نِراڪار (بِنا شڪل جي)آهي، اُهو ڏِسي ٿورئِي سگهي ٿو. ڪو چوي تہ سِج نِراڪار(بِنا شڪل جي) آهي، اُهو ڏِسجي نٿو، سِج تمام گهڻِي روشنِي وارو آهي، هُن جِي صرف روشنِي ئي ڏِسِي سگهون ٿا. گُروجِي جِي هدايت مُطابِق چيلا اڍائي ڪلاڪ صبح ۽ اڍائي ڪلاڪ شام آسمان ۾ ڏِسن ٿا، پر ڪُجھ بہ نظر نٿو اچي خود ئي سوچن ٿا تہ گُروجِي تہ صحيح ٻُڌائي رهيا آهن. اسان جي ساڏنا پورا اڍائي ڪلاڪ نٿي ٿئي، اِنهي ڪري اسانکي سِج ۽ چنڊ جي روشنِي نظرنٿي اچي. چالاڪ گُروجي ٻُڌايل گيان تي يقين ڪري هُن چالاڪ انڌي (بي عقل) جي ڳالهين کي ڪروڙين انڌا (اڻجاڻ) ٻُڌي چڪا هُجن پوءِ اُنهن انڌن کي اکين وارو (تتوَدرشِي سنت) ٻُڌائي تہ سِج آڪار(شڪل) ۾ آهي ۽ اُنهي مان روشنِي اچِي رهِي آهي، اِنهي وانگر چنڊ مان روشنِي اچِي رهي آهي بِنا اکين وارو! چنڊ جي بغير رات ۾ روشني ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ جيئن ڪو چوي تہ مون ٽيوب لائيٽ ڏٺي آهي، وري ڪو پُڇي تہ ٽيوب لائيٽ ڪهڙي هوندي آهي؟ جنهن جي توهان روشنِي ڏٺي آهي، جواب ملي ٿو تہ ٽيوب تہ نِراڪار(بِنا شڪل) هُجڻ جي ڪري نظر نٿي اچي صرف روشنِي ڏِسِي سگهجي ٿي. ويچار ڪريو تہ ٽيوب کان بِنا روشنِي ڪهڙي؟

جيڪڏهن ڪو چوي تہ هيرو خود روشن هوندو آهي تہ وري ائين بہ چوي تہ هيري جِي صِرف روشنِي ڏِسِي سگهجي ٿِي، چاڪاڻ تہ هيرو نِراڪار آهي، هُو نظر

ٿورڙي ايندو آهي. تہ اُهو انسان هيري کان اَڻ واقف آهي. مفت ۾ ئي جوهري بڻيو آهي. جيڪي پرماتما کي نراڪار چون ٿا ۽ صرف روشني ڏسڻ ۽ ڌن ٻڌڻ ئي پرپُو پراپتي مڃين ٿا. اُهي مُڪمل طور ڀڳوان ۽ ڀڳتي کان اڻ واقف آهن. جڏهن اُنهن کان پرارٿنا ڪئي وڃي تہ توهان ڪُجھ بہ نہ ڏنو آهي. توهان پنهنجن چيلن کي گُمراھ ڪري قصُور وار ٿي رهيا آهيو. نہ توهان جي گُروديوَ جون تتوَگيان رُوپي اکيون آهن ۽ نہ ئي توهان جون اکيون آهن. اِنهي ڪري دُنيا کي نہ گمراھ ڪريو. اِنهي ڳالھ تي سيني گيان روپي اکين جي انـڌن لٺ ڪٽي ورتي تہ اسان سڀ ڪُوڙا آهيون ۽ تون هڪڙو ئي سچـو آهين. اڄ اُهائي حالت سنت رامپال جي مـهاراج سان آهي.

اِنهي جهـگڙي جو حل ڪيئن ٿئـي؟ ڪهڙي سنت جا ويـچار صحيح آهن ۽ ڪهڙي جا غلط آهن؟ سمجهو تہ ڪنهن ڏوهـاري جي متعلق پنج وڪيل پنهنجا پنهنجا ويچار (دليل) بيان ڪري رهيا آهن. هڪ چئي رهيو آهي تہ ڪيس ۾ مُجرم تي قانون جوقلم 301 لڳندو. ٻيو چوي تہ 302 لڳندو ٽيون چوي تہ 304 لڳندو چوٿون چوي تہ 305 لڳندو ۽ پنجُون وڪيل 307 کي صحيح ٻڌائي.

اُهي پنج ئي ٺيڪ نٿا ٿي سگهن. صرف هڪ ئي ٺيڪ ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن هُن جو بيان پنهنجي مُلڪ جي قانون سان ملندو هُجي. جيڪڏهن هِن هڪ جي بہ واڪاڻ قانون جي اُبتڙ آهي تہ پنج ئي وڪيل غلط آهن. اِنهي جو حل مُلڪ جو پاڪ قانون ڪندو. جنهن کي سڀئي مڃيندا آهن. اهڙي طرح الڳ الڳ خيالاتن ۽ سادنائن مان ڪهڙن جي شاسترن مطابق آهي؟ يا ڪهڙن جي شاسترن خلاف آهي؟ اِنهن جو حل پويتر سدگرنٿ ئي ڪندا. جنهن کي سڀئي مڃن ٿا. (اهوئي ثبوت پويتر شريـمد ڀاڳوت گيتا ادياءِ 16 شِلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ آهي) جِن اکين وارن (دُرست سنتن) سِچ (پُورڻ پرماتما) کي ڏِٺو اُنهن مان ڪجھ نالا هِي آهن. 01- آدرڻيہ/محترم ڌرمداس صاحب جِي، 02- آدرڻيہ دادُو صاحب جِي، 03- آدرڻيہ ملُوڪ داس صاحِب جي، 04- آدرڻيہ غريب داس صاحِب جِي، 05- آدرڻيہ نانڪ صاحِب جِي 06- آدرڻيہ گهيساداس صاحب جِي وغيره وغيره.

**1. آدرڻيہ ڌرمداس صاحب جِي "ڪبير پرميشور" جا گواھ:-** آدرڻيہ ڌرمداس صاحب جِي باندو ڳڙھ مديہ پرديش وارا. جنهن کي پُورڻ پرماتما جِنده مهاتما جي رُوپ ۾ مٿُورا ۾ مليا ۽ ست لوڪ ڏيکاريو اُتي ست لوڪ ۾ بہ رُوپ ڏيکاري جِندا مهاتما جي رُوپ ۾ پُورڻ پرماتما واري سِنگهاسڻ تي براجمان ٿي ويا ۽ آدرڻيہ

ڌرمداس صاحب جي کي فرمايو تہ مان ئي ڪاشي/بنارس ۾ نيروُ ۽ نيما جي گھر ويل آهيان اُتي ڌاڻڪ/جُلاهي جو ڪم ڪندو آهيان. آدرڻيہ شري رامانند جي منهنجا گُرو آهن. اهو چئي شري ڌرم داس صاحب جي آتما کي واپس شرير ۾ موڪلي ڇڏيو. آدرڻيہ شري ڌرم داس صاحب جي جو شرير ٻہ ڏينهن بيهوش رهيو. ٽيئن ڏينهن جڏهن هوش آيو تہ ڪاشي ۾ کوج ڪرڻ تي پتو پيو تہ اهو ئي ڪاشي ۾ آيل ڌاڻڪ/جُلاهو ئي پُورڻ پرماتما (ست پُرش) آهي قابل احترام ڌرمداس صاحب جي پويتر ڪبير ساگر، ڪبير ساکي، ڪبير بيجڪ نالي ست گرنٿن جي اکين ڏٺي ۽ پُورڻ پرماتما جي پوريتر مُک ڪمل سان نڪتل امرت وچنن جي تفصيل سان رچنا ڪئي امرت واڻي ۾ پرمــاڻ :-

آج مــوهــي درشـــن ديــو جــي ڪــبير . ٽيڪ
ســت لوڪ سي چل ڪر آئي، ڪاٽــن جم ڪي جنجيــر.1
ٿاري درشن سي مهاري پاپ ڪٽت هين، نرمل هوئي جي شريـــر .2
امــرت پوجن ماري ست گُرو جيمين، شبد دودهہ ڪي کير.3
هندو ڪي تُم ديوَ ڪهائــي، مُسلــمان ڪي پير.4
دونُــون ديــن ڪا جهگڙا چڙ گيا، توهي نہ پائي شرير.5
ڌرمداس ڪي عــرج گوسائين، بــيڙا لنگهائيو پرلي تير.6

## 2- آدرڻيہ دادُو صاحب جي (امرت واڻي ۾ پرماڻ) ڪبير پرميشور جا گواهہ:-

**آدرڻيہ دادُو صاحب جي ستن سالن جا بالڪ هئا، تڏهن پُورڻ پرماتما جندا مهاتما جي رُوپ ۾ مليا ۽ ست لوڪ وٺي ويا، ٽن ڏينهن تائين دادُوصاحب جي بيهوش رهيا، هوش ۾ اچڻ ڪان پوءِ پرميشور جي مهما جي اکين ڏٺي تمام گهڻي امرت واڻــي ٻُــڌائي .**

جن موڪون نج نام ديا، سوئي ست گُرو همار، دادُو دوسرا ڪوئي نهين ، ڪبير سرجن هار.

دادُو نام ڪبير ڪي، جي ڪوئي ليوي اوٽ، اُن ڪو ڪبهون لاگي نهين ، ڪال بجر ڪي چوٽ .

دادُو نام ڪبير ڪا، سُن ڪر ڪانپي ڪال، نام پروسي جو نر چلي، هوئي نہ بانڪا بال.

جو جو شرڻ ڪبير ڪي، ترگئي اننت اپار، دادُو گُڻ ڪيتا ڪهي، ڪهت نہ آوي پار.

ڪبير ڪرتا آپ هي، دُوجا نهين ڪوئي، دادُو پُورڻ جگت ڪو، ڀڳتي درڙاوت سوئي.

ٽيڪا پُورڻ هوئي جب،سپ ڪوئي تجي شرير، دادُو ڪال گنجي نهين، جپي جو نام ڪبير.

آدمِي ڪي آيُو گهٽي،تب يم گهيري آئي، سُمرن ڪِيا ڪبير ڪا، دادُو لِيا بچائي.

ميٽي دِيا اپراڌ سپ، آئي مِلي ڇن مانهين، دادُو سنگ لي چلي، ڪبير چرڻ ڪي ڇانهين.

سيوڪ ديوَ نِج چرڻ ڪا، دادُو اپنا جان، پِرنگِي ست ڪبير ني، ڪِنها آپ سمـان.

دادُو انترگت سدا، ڇِن ڇِن سُمرن ڌيان، وارون نام ڪبير پر، پل پل ميرا پِـــران .

سُن سُن ساکِي ڪبير ڪِي، ڪال نواوي ماٿ، ڌنيہ ڌنيہ هو تين لوڪ ۾، دادُو جوڙي هاٿ.

ڪهيري نام ڪبير ڪا، وِيشـم ڪال گـجراج، دادُو ڀـجن پرتاپ تي، ڀاگت سُنت آواج.

پل ايڪ نام ڪبير ڪا، دادُو من چِت لائي، هسـتِي ڪي اسوار ڪو، شوان ڪال نهين کائي.

سُمرت نام ڪبير ڪا، ڪٽي ڪال ڪِي پِير، دادُو دِن دِن اُونچي، پرم آنند سُک سير.

دادُو نام ڪبير ڪِي، جي ڪوئي ليوي اوٽ، تِـن ڪو ڪبهون نہ لاڳِي، ڪال بجر ڪِي چوٽ.

اور سنت سپ ڪُوپ هين، ڪيتي جهريتا نير، دادُو اگم اپار هي، دريا ست ڪبير.

اپِي تيري سپ مِٽـي، جنم مرڻ ڪِي پِيـر، سوانس اُوسوانس سُمرلي،دادُو نام ڪبير.

ڪوئي سرگُن ۾ ريجھ رھا، ڪوئي نِرگُن ٺھرائي، دادُو گَتِي ڪبير ڪِي، مو تي ڪھي نہ جائي.

جِن موڪُون نِج نام دِيا، سوئي ستگُرو ھمار، دادُو دوسرا ڪوئي نھين، ڪبير سرجنھار.

## 3- آدرڻيہ ملوڪ داس صاحِب جِي ڪبير ديوَ جِي جا گواھ:-

شِري ملوڪ داس صاحِب جِي کي 42 سالن جي عمر ۾ پُــورڻ پرماتما مِــليا ۽ ٻِن ڏينھن تائين شِري ملوڪ داس صاحِب جِي بيھوش رھيا پوءِ ھيٺين واڻــي اُچارڻ ڪئي-

جپوري من ست گُرو نام ڪبير- ٽيڪ
جــپوري من پرميشور نام ڪبير .
ايڪ سمي گُرو بنسِي بجائي ڪالندرِي ڪي تِير.
سُر – نر مُنِي ٿڪ گئي، رُڪ گيا دريا نير.
ڪاشي تــج گُــرو مگھر آئي، دونُون دين ڪي پيــر.
ڪوئي گاڏي ڪوئي اگنِي جراوي، ڍونــڍا نہ پايا شرير.
چار داگ سي ست گُرو نيارا، اجروَ امر شرير.
"داس مُلوڪ" سلُوڪ ڪھت ھئہ ، ڪوجو خسم ڪبير.

## 4- آدرڻيہ غريب داس صاحِب، جِي ڇُڊاڻِي ضِلع جھجر ھرياڻا وارا (امرت واڻــي ۾ پرماڻ) پربُو ڪوير ديوَ جا گواھ:-

آدرڻيہ غريب داس صاحِب جِي جو جنم سن 1717ع ۾ ٿيو. صاحِب ڪبير جِي جا درشن ڏھن سالن جي عمر ۾ سن 1727ع ۾ نِلا نالي ٻني ۾ ٿيو ۽ ست لوڪ واس سن 1778ع ۾ ٿيو. آدرڻيہ غريب داس صاحِب جِي کي بہ پرماتما ڪبير صاحِب جي سھ شرير (جسم ساڻ) جِنده رُوپ ۾ مليا ھئا. آدرڻيہ غريب داس صاحب جِي پنھنجي نِلا نالــي جي کيتن ۾ ٻين ساٿي گوالــن (ڌنارن) سان گڏجي ڍڳيون چاري رھيا ھئا. جيڪي کيت ڪبلانا ڳوٺ جي حد سان جُڙيل آھن. ڌنارن جِنده مھاتما جي رُوپ ۾ پرگھٽ ڪبير پرميشور کي صلاح ڪئي تہ ماني نٿا کائو تہ کير تہ پيئو (چاڪاڻ تہ پرماتما چيو ھو تہ مان پنھنجي ڳوٺ ست لوڪ مان ماني کائي آيو آھيان) تڏھن پرميشور ڪبير جي چيو ھو تہ مان ڪُنواري ڳئون جو کير پيئندو آھيان، ٻالڪ غريب

داس جي هڪ ڪُنواري ڳئُون کي پرميشور ڪبير جِي وٽ آڻـي چيو تہ بابا جِي هي ڪُنواري ڳئُون ڪيئن ٿي کير ڏيئي سگهي؟ تڏهن پرميشور ڪبير ديوَ جي ڪُنواري ڳئُون مطلب وَڇڙي جي پُٺي تي هٿ رکيو تہ ازخود وَڇـڙي جي ٿـڻن مان کير وهڻ لڳو برتـن پرجي وڃڻ تي بيهي رهيو. اُهو کير پرميشور ڪبير صاحب پيتو ۽ پرساد رُوپ ۾ ڪُجھ پنهنجي ٻالڪ غريب داس جي کي پياريو ۽ ست لوڪ جا درشن ڪرايا. ست لوڪ ۾ پنهنجا ٻہ رُوپ ڏيکاري وري جِنده واري رُوپ ۾ ڪُل مالڪ رُوپ ۾ سِنگهاسڻ/تخت تي براجمان ٿي ويا ۽ چيو تہ مان ئي 120 سالن تائين ڪاشِي ۾ ڌاڻـڪ (جُلاهي) رُوپ ۾ رهـي آيو آهيان ۽ مان ئي شِري نانڪ جي کي بيئِي ندي تي جِنده مهاتما رُوپ ۾ مِليو هئس ۽ مان ئي بلخ شهر ۾ شِري ابراهيم سُلطان اڌم جِي ۽ شري دادُو جِي کي بہ مِليو هئس. چئِني پويتر ويدن ۾ جيڪو ڪوير انگهاري (ڪوير اگني، ڪوير ديوَ) وغيره نالا آهن اهو منهنجو ئي ٻوڌ/Perception/تصور آهي.

ڪبير،ويـد هـمارا ڀيد هي، مئين مِلون ويدون سي ناهين،
جُون ويد سي مئين ملون، وه ويد جانتي ناهين.

مان ئي ويدن کان اڳ بہ ست لوڪ ۾ براجمان هئس. ڳوٺ ڇُـڊاڻِي ضلع ججهر (هرياڻا) ۾ اڄ بہ جهنگ ۾ جتِي پُـورڻ پرماتما جو سنت غريب داس جي کي اِنسان شرير ۾ ساڪشات ڪار (ديدار) ٿيا هئا، اُتي هڪ يادگار اڄ بہ موجـود آهي. آدرڻيہ غريب داس جِي جي آتما پنهنجي پرماتما ڪبير بندي ڇوڙ سان گڏ هليا وڃڻ بعد هُـن کي مُرده سمجهي چِتا تي رکي جلائڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. اُنهي وقت آدرڻيہ غريب داس جِي جي آتما کي پُورڻ پرميشور جسم ۾ داخل ڪري ڇڏي. ڏهن سالن جو ٻالڪ غريب داس جي زنده ٿي ويو، ان ڪانپوءِ هِن پُـورڻ پرماتما جو اکين ڏٺـو احوال پنهنجي امرت واڻي ۾ سد گِرنٿ جي نالي سان گرنٿ جي رچنا ڪئي. اُنهي امرت واڻي ۾ ثبوت.

**عجب نگر ۾لي گيا، هم ڪوُن ست گُرو آن،جِهلڪي بمب اگهاد گتِي، سوتـي چادر تانَ اننت ڪوٽِي بِرهمانـب ڪا ايڪ رتِي نهين ڀار، ست گُرو پُرش ڪبير هي،ڪُل کي سرجنهار.**

**غيبِي خيال وِشال ستگُرو،اچل دِگمبر ٿير هي، ڀگتِي هيت ڪايا ڌر آئي، اويگت ست ڪبير هي.**

**هردم کوج هنوج هاجَر،ترِويٽي کي تيرهي، داس غريب طبيب ست گُرو، بندي ڇوڙ ڪبير هي.**

**هم سُلطاني نانڪ تاري، دادُو ڪو اپُديش دِيا. جات جُلاها ڀيد نہ پايا،ڪاشِي مانهِين ڪبير هُئا.**

**سڀ پدوِي ڪي مُول هين، سڪل سِڌ هين تير، داس غريب ست پُرش ڀجو، اويگت ڪلا ڪبير.**

**جِنده جوگِي جگت گُرو، مالِڪ مُرشِد پيروئو دِين جهگڙا منديا، پانهين شرير غريب جِس ڪُون ڪهتي ڪبير جُلاها، سڀ گتي پُورڻ اگم اگاها**

مٿي لکيل واڻي ۾ آدرڻيہ غريب داس جي مهاراج ثابت ڪري ڇڏيو تہ ڪاشِي واري ڌاڻڪ/جُلاهي مونکي بہ نام دان ڏئي پار ڪيو. ساڳيوئي ڪاشِي وارو ڌاڻڪ(جُلاهو) ئي ست پُرش (پُورڻ برهم ) آهي.

پرميشور ڪبير جي ئي ست لوڪ کان جِنده مهاتما جي رُوپ ۾ اچي مونکي عجب نگر (ست لوڪ) ۾ وٺي ويا هئا، جتِي آنند ئي آنند آهي، ڪوبہ چِنتا نہ آهي، جنم ۽ موت ، ٻين ساهوارن جي شرير ۾ دُک وغيره جو افسوس نہ آهي.

ڪاشِي ۾ ڌاڻڪ رُوپ ۾ آيل ست پُرش، الڳ الڳ وقت ۾ جڳهہ جڳهہ تي انيڪ رُوپ ٺاهي سيني کي مِليا. اهڙِي ئي طرح پرگهٽ ٿي محترم نانڪ صاحب جي کي ست نام ڏيئِي پار ڪيا. ساڳِئي ڪبير ديوَ جنهن جي هڪ رومُ ڪُوپ (جسم جي وار) ۾ ڪروڙين سِجن جيترو پرڪاش (سوجهرو/ روشني) آهي ۽ اِنسان جهڙوئي شرير(جسم ) آهي. اُن پرم پِتا جو بيحد نُوري شرير آهي.اهو پنهنجي اصلِي نُوري جِسم جي مٿان هلڪِي نور جو چولو چاڙهي اسان کي مِرتيو لوڪ (فاني دُنيا) ۾ ملندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هُن پرم پِتا جي اصلي چمڪندڙ رُوپ کي چَرم درشٽِي (انساني نظر) برداشت نٿي ڪري سگهي، اِنهي ڪري پرماتما پنهنجو هلڪو روشن شرير ٺاهي پرگهٽ ٿين ٿا.

سنت غريب داس جي پنهنجي امرت واڻِي ۾ چيو آهي تہ ”سروَ ڪلا ستگرو صاحب ڪِي، هري آئي هرياڻي نُون“ مطلب تہ پُورڻ پرماتما ڪبير هرِي (ڪبير ديوَ) جنهن علائقي ۾ آيا اُن جو نالو هرياڻا مطلب پرماتما جي اچڻ واري پويتر هند، جنهنڪري آس پاس واري علائقي کي هرياڻا چوڻ لڳا.

سن 1966ع ۾ پنجاب صوبي (اِنديا واري) جي تقسيم ٿيڻ تي اُنهي علائقي جو نالو هرياڻا پيو. اٽڪل 236 سال اڳ چيل واڻِي سن 1966ع ۾ ظاهر ٿي تہ وقت اچڻ تي هي علائقو هرياڻا صوبي جي نالي سان سُڃاتو ويندو، جيڪو اڄ بلڪل روبرو آهي.

اِنهي ڪري گُرو گرنٿ صاحب صفحي نمبر 721 مهلا 01 تي پنهنجيِ امرت واڻي ۾ شِري نانڪ جي چيو آهي تہ :

” حق ڪبير ڪريم تو، بي عيب پرور دگار
نانڪ بگويد جنُ تُورا، تيري چاڪران پاڪاڪ“

(اِنهي جو ثبوت گُروگِرنٿ صاحب جي راڳ ” سيرِي“ مهلا 01 صفحي نمبر 24 شبد 29 تي )

**شبد: ايڪ سُئان دُئي سُئانِي نال ، پلڪي پونڪ هِي سدا بِي آل.**
**ڪُڙ چُرا مُنا مُردار، ڌاڻڪ رُوپ رهـا ڪرتار1**
**مئين پتِي ڪي پِندي نہ ڪرنِـي ڪِي ڪار، اُو بِگڙي رُوپ رها بِـڪرال.**
**تيرا ايـڪ نام تاري سنسار، مئين اِيهو آس ايهو آڌار.**
**مُک نِندا آکا دِن رات، پر گهر جو هي نِيچ منات .**
**ڪام ڪِروڌ تن بسي چنڊال، ڌاڻڪ رُوپ رها ڪرتار2**
**ڦاهِي صُورت ملوڪِي ويس، اُو ٺگواڙا ٺگِي ديس.**
**ڪرا سِياڻا بهُتا پار، ڌاڻڪ رُوپ رها ڪرتار3**
**مئين ڪيِتا نہ جاتا حرام خور، اُوهہ ڪيٸا مُوهہ ديسا دُشٽ چور**
نانڪ نِيچ ڪهي بِچار، ڌاڻڪ رُوپ رها ڪرتار.

**(گروگرنٿ صاحِب راڳ ” آساورِي“ مهلا01 جا ڪجهہ انش )**

**صاحِب ميرا ايڪو هٸ ، ايڪو هٸ پائي ايڪو هٸ .**
**آپِي رُوپ ڪري بهُو پانتي،نانڪ بپُوڙا ايوَ ڪهي.(پيج نمبر350)**
**جوتِن ڪيٸاسوسچ ٿيٸا،اَمرتنام ستگُرو ديٸا.( پيج نمبر352)**
**گُرو پُوري تي گتِي متِي پائِي، (پيج نمبر353)**
**بُوڊت جگُ ديکيا تئوُ ڊرِي پاگي.**
**ستِ گُرو راکي سي بڙ ڀاگي، نانڪ گُرُو ڪِي چرڻون لاگي. (پيج نمبر. 414)**
**مئين گُرو پوڇيٸا آپڻا ساچا بچارِي رام. ( پيج نمبر439)**

مٿي امرت واڻي ۾ شِرِي نانڪ جي خود مڃين ٿا تہ صاحِب (ڀڳوان) هڪ ئي آهن. شرِي نانڪ جِي جا ڪو انسان رُوپ ۾ وقت گرو بہ هيٸا. جنهن جي باري ۾ چئِي رهيا آهن تہ گُرو کان تتوَ گيان حاصل ٿيو ۽ منهنجِي گُرو جِي مونکي امرت نام/منتر

مطلب پُورو موڪش ڏيڻ وارو نام منتر اُپديش ڏنو. اُهي منهنجا گُرو مختلف رُوپ بڻائِي تا وتن، مطلب اُهي ئي ست پُرش آهن، اُهي ئي جِنده رُوپ بڻائي تا وتن، اُهي ئي ڌاڻڪ/جُلاهي رُوپ ۾ پڻ ڪاشِي نگر ۾ براجمان تي هڪ عام اِنسان وانگر مطلب ڀڳت جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. شاستر خِلاف ڀڳتي ڪري سچي دُنيا ڪي جنم مِرتيو (زندگي ۽ موت) جي ڪرم ڦل جي باھ ۾ ٻرندو ڏسِي زندگي بي مقصد ٿيڻ جي خوف ڪان ڀڄِي مون گُروجِي جي چرڻن ۾ پناھ ورتِي.

**واڻِي: بليهارِي گُرو آپڻي ڊِئُوهاڙِي سدوار.**
**جِن ماڻس تي ديوَتي ڪيِئي ڪرت نہ لاگِي وار.**
**آپِڻي آپ ساجِيئو آپني رچيئُو نائُو.**
**دُوئِي قُدرتي ساجيئي ڪرِ آسڻُ ڊِٺو چائُو.**
**داتا ڪرتا آپ تُون تُسي ديوَهي ڪرهي پسائُو.**
**تون جاڻيئي سڀ سي دي سولهي جِند ڪوائُو ڪرِ آسڻُ ديٺو چائُو. پيج463**

سمجهاڻِي:- پُورڻ پرماتما جِنده مهاتما جو رُوپ بڻائي بيئي نـدِي تي آيا ۽ جِنده سڏائڻ لڳا ۽ پاڻ ئي ٻہ جهان (مٿي ست لوڪ، هيٺ بـرهم ۽ پربِـرهم جا لوڪ) ٺاهي مٿي ست لوڪ ۾ آڪار (جسماني رُوپ) ۾ آسڻ تي ويهي خوشِي سان پنهنجي ٺاهيل دُنيا ڪي ڏسي رهيا آهيو. توهان پاڻ ئي سوئميُو (بناماءُ جي پيدا ٿيڻ وارا) خودئي پرگهٽ ٿيندا آهيو. ساڳيوئي ثبوت پويتر يجُر ويد اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 08 ۾ آهي تہ " ڪبير منيشِي، سو ئميُو، پريِيُو، وڌيہ داتا " مطلب آهي تہ ڪوير پرماتما ڄاڻڻ هار آهن. (منيشِي جو مطلب سرَوگيہ (ڄاڻڻ هار) ٿئي ٿو ) ۽ پنهنجو پاڻ پرگهٽ ٿين ٿا. هو (پرِي يُو) سناتن مطلب سيني ڪان اڳ وارو مالڪ آهي، هو سينِي برهماندن جو وِڌاتا/ٺاهڻ وارو الڳ الڳ يعني سينِي لوڪن ڪي ٺاهِڻ وارو آهي.

**ايھُو جيئُو ٻـهُوتـي جنم پرميئا، تاستگُرو شبدسُٹائيا.(پيج نمبر465)**

مطلب شِري نانڪ جي چئِي رهيا آهن تہ منهنجو هي جيوَ/ آتما تمام گهڻي وقت ڪان جنم ۽ موت جي چڪر ۾ ڀٽڪندو رهيو، هاڻي پُورڻ ستگرُو جِي سچو نام ڏِنو.

شِري نانڪ جِي جو پهريون جنمُ ستيُگ ۾ راجا امبرِيش جو، ترِيتايُگ ۾راجا جنڪ ٿيا هئا، پوءِ وري ڪليُگ ۾ شرِي نانڪ جي ٿيا ۽ ٻين جوڙين جِي جنمن جي تہ ڳڻپ ئي نہ آهي

## ”پرميشور ڪبير جي سوامِي رامانند جِي کي تتوَ گيان سمجهايو“

پنڊت سوامِي رامانند جِي هڪ عقلمند شخص هئا، ويدن ۽ گيتا جِي جا مرمج (پوُري ڄاڻ رکندڙ ) مڃيا ويندا هئا.

## ”پنج سال جِي عمر ۾ رامانند جِي کي گُرو ڌارڻ ڪرڻ“

جنهن وقت ڪبير پرميشوَر پنهنجِي ليلا واري شرير ۾ پنج سالن جا ٿيا، تڏهن گُرو مريادا ٻڌائي رکڻ جو ڪِردارادا ڪيو، اڍائي سالن جي ٻالڪ جو رُوپ ٺاهي صُبح صُبح اونداهِي ۾ پنج گنگا گهاٽ جي ڏاڪڻين تي ليٽِي پيا، جِتي سوامي رامانند جي هر روز وهنجڻ ويندا هئا. شِري رامانند جِي چئِني ويدن جا ڄاڻيندڙ ۽ پويتر گيتا جِي جا ڄاڻو مڃيا ويندا هئا. سوامي رامانندجِي جي عمر 104 سالن جي ٿي چُڪي هئي. ڪاشِي ۾ پاکنڊ پُوجا جيڪا ٻين پنڊتن هلائي رکِي هئي ۽ پُوري ڪاشِي ۾ پنهنجي مرضي جا دربار لڳائيندا هئا. رامانند جي پوِيتر گيتاجِي ۽ پويتر ويدن جي مطابق پُوجا ڪرڻ بابت ٻُڌائيندا هئا ۽ اوم نام جو جاپ اُپديش ڏيندا هئا.

انهي ڏينهن بہ جڏهن وهنجڻ لاءِ پنج گنگا گهاٽ تي ويا تہ ڏاڪڻين تي ڪبير صاحِب ليٽيا پيا هئا. صبح جو پرڀات (4 بجي ) جي وقت اونداهِي ۾ سوامي رامانند جي کي ڪبير صاحِب نظر نہ آيا ڪبير صاحِب کي مٿي ۾ رامانند جِي جي پير ۾پاتل ڪڙائون يعني جُتي لڳِي. ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) جيئن ٻالڪ روئيندو آهي ائين روئڻ شروع ڪيو. رامانندجِي تيزِي سان جهُڪيا، ڏٺو تہ ڪٿي ٻالڪ کي ڌڪ تہ نہ لڳو آهي ۽ هڪدم پيار سان مٿي کنيو تہ اُنهي ئي وقت رامانندجِي جي گلي جِي مالها نِڪرِي ڪبير پرميشوَر جي گلي ۾ پئجي ويئي. رامانندجِي چيو تہ پُٽ رام رام چئو، رام جو نالو وٺڻ سان دک درد دُور ٿي ويندا آهن. پُٽڙا رام رام چئُو. ڪبير صاحِب جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ ننڍڙي ٻالڪ جي رُوپ ۾ ڪبير صاحِب چُپ ٿي ويا، پوءِ رامانندجِي وهنجڻ لڳا ۽ سوچيو تہ ٻالڪ کي آشرم ۾ وٺي وڃان، جنهن جو هوندو اُن کي پُهچائي ڇڏيندس. رامانند جي وهنجي سهنجي فارغ ٿي ڏٺو تہ ٻالڪ تہ اُتي آهي ئي ڪونہ. ڪبير صاحِب اُتان انتر ڌيان (گُم) ٿي ويا ۽ پنهنجِي جهونپڙِي ۾ اچي ويا. رامانند جي سوچيو تہ ٻار هو هليو ويو هوندو هاڻِي هُن کي ڪٿي ڳوليان.

# “ڪبير پرڀُو جو سوامي رامانندجِي جي آشرم ۾ ٻہ رُوپ ڌارڻ ڪرڻ ”

هڪ ڏينهن سوامِي رامانند جي جو هڪ شِش/چيلو ڪٿي ستسنگ ڪري رهيو هو. ڪبير صاحب اُتي هليا ويا. اُهو چيلو شِري وِشنو پُراڻ جي ڪٿا ٻُڌائي رهيو هو تہ شِري وِشٽو ڀڳوان جِي سڄِي دُنيا جا پيدا ڪرڻ وارا آهن، اُهي ئي پالڻ ڪن ٿا ۽ اُهي ئي رام ،ڪرشن رُوپ اوتار اچڻ وارِي پرم شڪتِي آهن، اجنما ( بنا ماءُ جي پيدا ٿيڻ) شِري وِشٽو جِي جا ڪير ئي ماتا پِتا ڪونہ آهن. ڪبير صاحِب اِها سڄِي ڳالھ ٻُڌِي، ستسنگ ڪانپوءِ ڪبير پرميشوَر چيو تہ رِشي جِي! ٿا مان هڪ سوال پُڇِي سگهان ٿو؟ رِشي يعني چيلي چيو تہ ها پُٽ پُڇ. اُتي سوَن جي تعداد ۾ ڀگت جن موجود هئا. ڪبير ديوَ چيو تہ توهان وِشنو پُراڻ مان ستسنگ ٻُڌائي رهيا هئا تہ شِري وِشٽو جِي پرماتما آهن، اُنهي مان ئي برهما جي ۽ شِو جِي جي پيدائش ٿي آهي. رِشي جِي چيو تہ مان جيڪو ٻُـڌايان پيو، وِشٽو پُراڻ ۾ائين ئي لِکيل آهي. ڪبير صاحِب چيو تہ رِشي جِي! مون توهان ڪان پنهنجي من ۾ شڪ دُور ڪرڻ لاءِ سوال ڪيو هو، توهان تہ ناراض ٿي ويا، توهان ناراض نہ ٿيو. هڪ ڏينهن مون شِـو پُـراڻ ٻُـڌو هو اُن ۾ اُهي مهـاپـُرُش ٻُـڌائي رهيا هئا تہ ڀڳوان شِـو مان وِشـٽـو ۽ برهما جِي پيدائش ٿي آهي.(ثبُوت- پويتر شِـو پُـراڻ رُدر سنهيتا اڌياءِ 06 ۽ 07 ۾ گيتا پريس گورکپُور ڪان ڇپيل). ديوِي ڀاڳوت جي 03 اِسڪند ۾ لکيل آهي تہ ديوِي اِنهن ٽنهِي (برهما، وِشٽو ۽ شِـو) جِي ماتا آهي، اِهي ٽيئي فاني ٿيڻ وارا آهن، اويناشي (لافـاني) نہ آهن. رِشي جِي وٽ هِن سوال جو ڪوبہ جواب نہ هو، هوُ ڪاوڙ ۾ اچِي چوڻ لڳو تہ تُون ڪير آهين؟؟ ڪنهن جو پُٽ آهين؟ ڪبير صاحِب ڪان پهرين ئي ٻيا ڀڳت جن چوڻ لڳا تہ هيءُ تہ نيرُو جُلاهي جو پُٽ آهي. سوامي رامانندجِي جو شِش (شاگرد) چوڻ لڳو تہ تو ڳلي ۾ ڪنٺِي (مالها) چو پاتِي آهي؟ (وِشٽو ساڌُو تُلسِي جِي هڪ مٽڪي وارِي مالها ڳِلي ۾ پائيندا آهن ،جنهن مان اِها خبر پوي ٿي تہ هِن جو وِشـٽو پرمپرا ڪان اُپديش ورتل آهي). تنهنجو گُرو ديوَ ڪير آهي؟ ڪبير صاحِب چيو تہ منهنجو گُرو ديوَ اُهوئي آهي جيڪو تنهنجو گُرو ديوَ آهي. اُهو رِشي وڌيڪ ڪاوڙ ۾ اچِي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اي نادان!! تـون اڇُوت جُلاهي جو پُٽ ۽ وِري منهنجي گرو ديوَ کي پنهنجو گُرو ديوَ چوين ٿو. منهنجي گُرو ديوَ جِي خبر آهي تہ هُو ڪير آهن؟ شري شِري 108 پنڊِت رامانند جِي آچاريہ. تون جُلاهي جو ٻالڪ هُو تہ تو جهڙن اڇُوتن جو درشن بہ نٿو ڪري ۽ تون

چئي رهيو آهين تہ مون هُن کان نام ورتو آهي، ڏسِي وٺو ياءُ ڀڳت جنو!! هي ڪُوڙو ڪپٽي آهي. مان هينئرئي گُرو ديوَ جي وٽ ويندس ۽ اُنهن کي تنهنجي سچِي ڪهاڻِي ٻُڌائيندس، تُون گهٽ ذات جو ٻار اسان جي گرو ديوَ جِي بي عزتي ڪرين ٿو. ڪبير صاحِب چيو تہ ٺيڪ آهي، تون گرو ديوَ کي وڃِي ٻُڌاءِ. هِن رِشِي وڃي سوامِي رامانندجِي کي ٻُڌايو تہ گروديوَ! هِڪ جُلاهي ذات جو ڇوڪرو آهي هُن تہ اسان جو نڪ وڍِائي ڇڏيو. هُو چوي ٿو تہ سوامي رامانند جِي منهنجا گروديوَ آهن، اي ڀڳوان! اسان جو تہ ٻاهر نڪرڻ ئي مشڪل ٿي ويو آهي. سوامي رامانندجِي چيو تہ سُڀاڻي صُبح جو هُن کي سڏ ڪري وٺِي اچو، توهان ڏِسجو توهان جي سامهون مان هُن کي ڪيتري سزا ٿو ڏيان.

## "سوامي رامانندجِي جي من جي ڳالھ ٻُڌائڻ "

ٻئي ڏينهن صُبح سوير ڪبير صاحِب کي ڏھ نادان ماڻهن جهلي اچي شِري رامانندجِي جي اڳيان پيش ڪيو، رامانندجِي اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ مان ڪڏهن گهٽ ذات وارن جا درشن بہ نٿو ڪريان. هي ڪُوڙ ڳالهائي رهيو هو تہ هِن مون کان دِڪشا ورتِي آهي. اڳيان پردو لڳائي ڇڏيو رامانند جِي پردي جي پُٺيان کان پُڇيو تُون ڪير آهين؟ تنهنجي ذات ڇا آهي؟ ۽ تنهنجو پنٿ ڪهڙو آهي؟ مطلب تہ ڪهڙي پرماتما جِي پُوڄا ڪندو آهين. سنت غريب داس جي جِي واڻـي ۾ سوامي رامانندجِي ۽ ڪبير صاحِب جي جا پاڻ ۾ سوال جواب.

**رامانند اڌيڪار سُن ، جُلها اِڪ جگديش ،**
**داس غريب بِلب نہ ، تاهِي نواوت شيش407**
**رامانند ڪُون گُرو ڪهي، تن سين نهين مِلات،**
**داس غريب درشن ڀئي، پيڙي لگي جو لات408**
**پنٿ چلت ٺوڪر لِڳِي، رامانند ڪهيَ دين،**
**داس غريب ڪسر نهِين، سيک لئي پربين409**
**آڊا پردا لائڪر، رامانند بُوجنت،**
**داس غريب ڪُلنگ ڇبي، اڌر ڊاڪ ڪُودنت410**
**ڪون جاتِي ڪُلپنٿ هي، ڪون تُمهارا نام،**
**داس غريب اڌين گتِي، بولت هي بلِي جائون411**

جواب ڪبير جِي جو: -

**جات هماري جگت گُرو،پرميشور پد پنٿ،**

سُن رامانند رام هم، ۾ باون نرسِنگ،
داس غريب ڪلي ڪلِي، هم هي سي ڪرشڻ اينگ440
هم هي سي اِندر ڪُبير هين، بِرهما،وشڻُو مهيش،
داس غريب ڌرم ڌوَجا، ڌرڻِي رساتل شيش.447
سُن سوامِي ست ڀاکُهون، جهوٽ نہ همري رنچ،
داس غريب هم رُوپ بِن، اور سڪل پرپنچ.453
گوتا لائون سرگ سي ، ڦِر پيٺُون پاتال،
غريب داس ڍُونڍت ڦِرُون، هيري ماڻڪ لال476
اِس دريا ڪنڪر بوهت، لال ڪهين ڪهين ٺائون،
غريب داس ماڻڪ جُڳين، هم مُرجيوا ناوَ477
مُرجيوا ماڻڪ جُڳين، ڪنڪر پٿر ڊار،
داس غريب ڊوري اگم، اُوترو شبد آڌار 478

جيڪڏهن منهنجي ذات پُڇي رهيا آهيو تہ مان جڳت گُرو آهيان .(ويدن ۾لکيل آهي تہ جڳت گُرو سڄي سِرشٽِي (دُنيا) کي گيان ڏيڻ وارا ڪبير پربُو آهن) منهنجو پنٿ ڇا آهي؟ ( ڪهڙي پرميشور جو مان مارڳ درشن ڪندو آهيان؟) هِن جي جواب ۾ ڪبير صاحِب جن چيو تہ منهنجو پرميشور پنٿ آهي. ايش- ايشور- پرميشور. برهم- پربرهم- پُورڻ پرهم. شرپُرش- اڪشرپُرش - پرم اڪشر پُرش) مان اُنهي سروئوچ شڪتي( SUPEREM POWER)پرميشور جو مارڳ درشن ڪرڻ آيو آهيان، جيڪو اننت ڪوٽِي بِرهماندن جو ڌاهڻ وارو ۽ پالڻ پوشڻ ڪرڻ وارو آهي، ويدن ۾ جنهن کي ڪوير ديوَ، ڪوير اگنِي وغيره نالن سان سُڃاتو وڃي ٿو، اِيش ۽ شرپُرش تہ بِرهم کي چيو وڃي ٿو، جيڪو صرف 21 بِرهماندن جو سوامِي آهي، ايشور ۽ اڪشرپرشُ تہ پربِرهم کي چيو وڃي ٿو، جيڪو ست سنک بِرهماندن جو مالڪ آهي ۽ پرميشور ۽ پرم اڪشرپُرش تہ پُورڻ بِرهم کي چيو وڃي ٿو جيڪو بيشمار بِرهماندن جو سوامي آهي مطلب سيني جو مالڪ آهي اِنهي ڪري ئي ڪبير جِي سوامِي رامانند جِي کي چيو تہ منهنجو پنٿ پرميشور جي پراپتِي وارو آهي.

گيتا اڌياءِ 15 شِلوڪ 17 ۾ لکيل آهي. تہ اصل ۾ اويناشي پرميشور تہ ڪو ٻيوئي آهي ۽ اُهو ئي ٽنهِي لوڪن ۾ داخل ٿي سيني جو پالڻ پوشڻ ڪندو آهي ۽ اُهو

ئي اويناشي پرماتما. پرميشور اُنهي نالي سان سُجاتو وڃي ٿو ۽ اُهو پرميشور پرماتما مان ئي آهيان اِها ڳالهہ ٻُڌي سوامي رامانند جي تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اي نِڪما! تُون ننڍي ذات جو ننڍو مُنهن ۽ وڏي ڳالهہ تون پنهنجو پاڻ کي ڀڳوان ٿاهي وينو آهين ۽ ٻُچڙيون گاريون بہ ڏِنيون. ڪبير صاحب چيو اي گرو ديوَ! توهان منهنجا گُرو ديوَ آهيو توهان مون کي گاريون ڏيئي رهيا آهيو. تڏهن بہ مونکي آنند اچي رهيو آهي. پر مان جيڪو توهان کي چئي رهيو آهيان مان جيئن جو تيئن پُورڻ برهم آهيان اِنهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. اِنهي ڳالهہ کي ٻُڌي رامانندجي چيو تہ ترس ! تنهنجي تہ دِڳهي ڪهاڻي ٺهندي. تون ائين ڪونہ مڃيندين. مان پهرين پنهنجي پُوڄا ڪري وٺان پوءِ انهي جو فيصلو ڪري ٿو وٺان. سوامي رامانندجي ڪهڙي ڪِريا ڪندا هئا؟ ڀڳوان وِشٽوجي جي هڪ ڪالپنِڪ (خيالي ) مورتي ٺاهيندا هئا. اڳيان مورتي نظر اچڻ لڳندي هئي (جيئن ڪرم ڪانڊ ڪندا آهن ڀڳوان جي مورتي جا اڳ وارا سڀ ڪپڙا لاهي هُن کي پاڻي سان وهنجاري پوءِ صاف ڪپڙا ڀڳوان ٺاڪُر (وِشٽوجي) کي پهرائي ڳلي ۾ مالها وجهي تِلڪ لڳائي مُڪٽ رکي ڇڏيندا آهن). رامانندجي ڪلپنا ڪري رهيا هئا ڪلپنا ڪري ڀڳوان جي مورتي ٺاهي. شرڌا سان جيئن اُگهاڙن پيرن سان وڃي پاڻ ئي گنگا جل ڪٺي آيا هُجي. اِهڙو پنهنجو خيال ٺاهي ٺاڪُرجي جي مورتي جا ڪپڙا لاٿا پوءِ وِهنچاريا ۽ پوءِ نوان ڪپڙا پهرائي ڇڏيا تِلڪ لڳائي ڇڏيو ۽ مُڪٽ رکي ڇڏيو پر مالها پهرائڻ وِسري ويئي. هاڻي جيڪڏهن مالها نٿا پهرائن تہ پُوڄا اڌُوري ۽ مُڪٽ رکي ڇڏيو تہ پوءِ اُن کي لاهي نٿو سگهجي. جيڪڏهن اُنهي ڏينهن مُڪٽ لاٿو تہ پُوڄا کنڊِت (اڻپُوري) سمجهي ويندي آهي. سوامي رامانندجي پنهنجو پاڻ کي بد دُعا ڏئي رهيا آهن تہ ايتري زندگي گُذري ويئي مون کان ڪڏهن بہ اهڙي غلطي ڪونہ ٿِي. پرِيُو اڄ ڪهڙي غلطي ٿي وئِي مون پاپي کان . جيڪڏهن مُڪٽ لاهيان ٿو تہ پُوڄا کنڊِت. سوامي جي سوچيو تہ مُڪٽ جي مٿان کان مالها وجهي ڏسي وٺان اهڙو من ۾ خيال ڪري رهيا آهن. ڪوبہ اڳيان مورتي نہ آهي ۽ پردو لڳل آهي. ڪبير صاحِب ٻئي پاسي ويٺا آهن. ) مُڪٽ ۾ مالها ڦاسِي ويئي. اڳتي ڪونہ پئي ويئي. تڏهن رامانندجي سوچيو تہ هاڻي چا ڪريان؟ اي ڀڳوان! اڄ تہ منهنجو سڄو ڏينهن ئي وئرٿ (زيان) ٿي ويو. اڄ جي منهنجي ڀڳتي ڪمائي وئرٿ ويئي. (ڇاڪاڻ تہ جنهن کي پرماتما جي اُمنگ هوندي آهي اُن جو هڪ بہ نتيہ نيم( روزانہ ڪرڻ وارو

پاٽ) بہ رهجي وڃي تہ اُن کي تمام گهڻو درد ٿيندو آهي. جيئن انسان جي جيب کٽجي وڃي تہ پوءِ بيحد گهڻو پڇتاءُ ٿيندو آهي، ائين ئي پريُو جِي سچي ڀڳتن کي ايتري لڳن هوندي آهي). ايتري ۾ ڪبير صاحب چيو تہ سوامِي جي! مالها جي ڳنڍ کوليو ۽ گلي ۾ پهرائي پوءِ ڳنڍ ڏيئي ڇڏيو مُڪٽ لاهڻو ڪونہ پوندو. هاڻي رامانندجِي ڪنهن جي مُڪٽ لاهي، ڪنهن جي ڳنڍ کولي جُهوپڙي جي اڳيان لڳل پردو بہ سوامِي رامانند جِي پنهنجن هٿن سان اُڇلائي ڇڏيو ۽ سموري بِرهمڻ سماج جي سامهون هُن ڪبير پرميشور کي ڇاتِي سان لڳائي ورتو. رامانندجي چيو تہ ايَ ڀڳوان! توهان جو تہ ايترو ڪومل شرير آهي جيئن ڪپهہ هُجي ۽ منهنجو تہ پٿر جهڙو شرير آهي. هڪ طرف تہ پريُو بيٺا آهن ۽ ٻئي طرف ذات ۽ ڌرم جي ديوار آهي، پوءِ پريُو کي چاهڻ واريون سچيون آتمائون، ڌرم جي بناوٽي ديوار کي ٽوڙڻ سُٺو سمجهنديون آهن، ائين ئي سوامِي رامانندجِي ڪيو. سامهون پُورڻ پرماتما کي پسِي ذاتِ ڏٺي نہ ڌرم ڏٺو نہ نفرت ڏٺي صرف آتم ڪلياڻ ڏٺو اِنهي کي بِرهمڻ چوندا آهن .

**بولت رامانند جِي، هم گهر بڙا سُڪال،**
**غريب داس پُوجا ڪرين، مُڪٽ ڦهي جد مال479**
**سيوا ڪرون سنڀال ڪر، سُن گياني، سُر گيان،**
**غريب داس شرمُڪُٽ ڌرِ ، مالا اٽڪي جان 480**
**سوامِي گهُنڊِي کول ڪر،ڦِر مالا گل دار،**
**غريب داس اُس پچن ڪُون، جانت هي ڪرتار481**
**ديوڍِي پڙدا دُور ڪر، لِيئا ڪنٺ لگائي،**
**غريب داس گُجرِي بهت، بدني بدن مِلائي482**

سوامي رامانندجِي چيو تہ ڪبير پريُو! توهان ڪُوڙ ڇو ڳالهايو؟ ڪبير صاحِب چيو تہ ڪهڙو ڪُوڙ سوامي جي؟ سوامي رامانندجي چيو تہ توهان چئي رهيا هئا تہ توهان مون کان نام وٺِي رکيو آهي. توهان مون کان اُپديش ڪڏهن ورتو؟ ڪبير صاحب چيو تہ هڪ دفعي توهان وِهنجڻ جي لاءِ پنج گنگا گهاٽ تي ويا هئا. مان اُتي ليٽيل هئس. توهان جي پيرن جي وِک منهنجي مٿي ۾ لڳِي هئِي تہ توهان چيو هو تہ پُٽ رام رام چئو. رامانندجِي چيو تہ ها، هاڻِي ڪجهہ ياد آيو، پر اُهو تہ تمام ننڍڙو ٻالڪ هو. (ڇاڪاڻ) تہ اُن وقت پنجن سالن جا ٻار تمام وڏا ٿي ويندا هئا ۽ پنج سالن جي ٻار جي جسم ۽ اڍائي سالن جي ٻار جي جسم ۾ ٻيڻو فرق هوندو آهي.) ڪبير صاحِب چوڻ لڳا تہ سوامِي ڏِسو! آءُ اِهڙو هئس سوامِي رامانند جِي جي اڳيان بہ بيٺا آهن ۽ اڍائي

سالن جي ٻالڪ جو هڪ ٻيو رُوپ ٺاهي ڪنهن سيوڪ جي اُتي ڪٽ پئي هئي اُن تي
براجمان ٿي ويا. هاڻي رامانند جي ڇهه دفعا ته هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، وري اکيون مهٽي
مهٽي ڏٺو ته ڪٿي منهنجي اکين ته دوکو ڪونه کاڌو آهي. اِهڙي طرح ڏِسِي ئي رهيا هئا
ته ايتري ۾ ”ڪبير صاحِب جو ننڍڙي وارو رُوپ اُٿيو ۽ وڏي پنج سالن واري رُوپ ۾
سمائجي ويو. پنج سالن واري رُوپ ۾ ڪبير صاحِب رهجي ويا.

**من ڪي پوُجا تُم لکي، مُڪٽ مال پربيس ،**
**غريب داس گتِي ڪو لکي، ڪون ورڻ ڪيا پيک483**
**يہ تو تُم شِڪشا دئِي، مان لِي من مور،**
**غريب داس ڪومل پُرش، همرا بدن ڪٺور. 484**

تڏهن سوامِي رامانند جي ڇيو ته منهنجو شڪ ختم ٿي ويو، ايَ پرميشور!
توهان ڪي ڪيئن ٿا سُڃاڻي سگهون توهان ڪهڙي ذات ۽ لباس ۾ بيٺا آهيو. اسان
نادان اِنسان توهان سان بحث مباحثو ڪري گُناهه گار ٿي وياسين. معاف ڪجو
پُورڻ برهم پرميشوَر ڪبير ديوَ جي! مان توهان جو اڻ ڄاڻ ٻالڪ آهيان.

## “سوامِي رامانند جي کي ست لوڪ جو درشن ڪرائڻ”

**سُن بچا مئين سرگ ڪي، ڪيسي ڇوڙون ريت،**
**غريب داس گُدرِي لگِي، جنم جات هي بيت486**
**چار مُکتي بيڪُنٺ ۾، جن ڪي موري چاهه،**
**غريب داس گهر اگم ڪِي، ڪيسي پائون ٿاهه487**
**هيم رُوپ جهان ڌرٽِي هِين، رتن جڙي بوهه شوڀ،**
**غريب داس بيڪُنٺ ڪون، تن من همارا لوڀ488**
**شنک چڪر گدا پدم هِين، موهن مدن مُرار،**
**غريب داس مُرلِي بجين، سُرگ لوڪ دربار489**
**دُودن ڪي ندِيا بگين، سيت ورڪش سُوپان،**
**غريب داس مندل مُکتِي، سُرگا پُر استان490**
**رتن جڙائوُ منُش هِين، گڻ گندروَ سپ ديوَ،**
**غريب داس اُس ڌام ڪِي، ڪيسي ڇاڊون سيوَ491**
**رُگ يجُ سام اٿروڻ، گاوين چارون ويد،**
**غريب داس گهر اگم ڪِي، ڪيسي جانوُن ڀيد 492**

چار مُکتي چِتون لڳي، ڪيسي بنڇُون تاهي،
غريب داس ڳُپتار ڳتي، هم ڪُون ديئو سمجهائي493
سُرگ لوڪ بيڪُنٺ هي، تاسي پري نہ اور،
غريب داس شٽ شاستر، چار ويد ڪي دوڙ494
چار ويد گاوين تِسي، سُرنر مُني مِلاپ،
غريب داس ڌُرو پور جِس، مِٽ گئي تينون تاپ495
پرهلاد گئي تِس لوڪ ڪون، سُرگا پُري سمُول،
غريبداس هري ڀڳتي ڪي، مئين بنڇت هون ڌُول496
بِندرا بن گئي تِس لوڪ ڪُون، سُرگا پُري سمُول،
غريب داس اُس مُڪتي ڪُون ڪيسي جائُون ڀُول497
نارد بِرهما تِس رٽين، گاوين شيش گڻيش،
غريب داس بيڪُنٺ سي، اور پري ڪو ديش498
سِهنس اٺاسِي جِس جپين، اور تيتسون سيوَ،
غريب داس جاسين پري، اور ڪو نهين ديوَ499
سُن سوامي نِج مُول ڳتي، ڪهي سمجهائُون توهي،
غريب داس ڀڳوان ڪُون، راڪيا جڳت سموهي500
تين لوڪ ڪي جيوَ سڀ، وِشڻ واس ڀرمائي،
غريب داس هم ڪُون جپي، تِس ڪُون ڌام دِکائي501
جو ديکي گا ڌام ڪُون، سو جانت هي مُجهہ،
غريب داس توسين ڪهُون، سُن گائيتري گُجهہ502
ڪرشڻ وِشڻُو ڀڳوان ڪُون، جهدائين هي جيوَ،
غريب داس تِرلوڪ مہ، ڪال ڪرم شِر شيوَ503
سُن سوامي تو سين ڪهون ،اگم دُئيپ ڪي سيل،
غريب داس ڀُوٿي پري، پُستڪ لادي بيل504
ڀومي ڌرنِي آڪاش ٿنڀ، چلسِي چندر سُور،
غريب داس رج بِرج ڪي، ڪهان رهي ڳي ڌُور505
تارائڻ تِرلوڪ سڀ، چلسِي اِندر ڪُبير،
غريب داس سڀ جات هي، سُرگ پاتال سُمير506

چار مُڪتي بيڪُنٺ بٺ، فنا هُوا ڪئي بار،
غريب داس الپ رُوپ مگهہ، ڪيا جاني سنسار 507
ڪهو سوامي ڪِت رهوگي، چودا ڀوَن، ڀنب،
غريب داس ٻيجڪ ڪهيا، چلت پراڻ اور پنب 508
سُن سوامي اڪ شڪتي هي، ارڌنگي اوم ڪار،
غريب داس ٻيجڪ تهان ، اننت لوڪ سِنگهار 509
جيسي ڪا تيسا رهي، پرلو فنا پراڻ،
غريب داس اُس شڪتي ڪُون، بار بار قُربان 510
ڪوٽي اِندر برهما جهان، ڪوٽي ڪرشڻ ڪيلاش،
غريب داس شِو ڪوٽي هِين، ڪرو ڪون ڪي آش 511
ڪوٽي وِشُنو جهان بست هين، اُس شڪتي ڪي ڌام،
غريب داس گُل ٻُهت هين ،الف بست نِيهڪام 512
شِو شڪتي جاسي هُوئي، اننت ڪوٽي اوتار،
غريب داس اُس الف ڪُون، لکي سو هوئي ڪرتار 513
الف همارا رُوپ هي، دم ديهي نهين دنت،
غريب داس گُل سين پري، چلنا هي بن پنٿ 514
بِنا پنٿ اُس ڪنت ڪي، ڌام چلن هي مور،
غريب داس گتي نہ ڪِسي، سنک سُرگ پر ڀور 515
سنک سُرگ پر هم بسين، سُن سوامي يہ سين،
غريب داس هم الف هين، يو گل فوڪٽ ڦين 516
جو تي ڪهيا سو مئين ليئا، بن ديکي نهين ڏيج،
غريب داس سوامي ڪهي، ڪهان الف وه ٻيج 517
اننت ڪوٽي برهمانب ڦڻ، اننت ڪوٽي اُدگار،
غريب داس سوامي ڪهي، ڪهان الف ديدار 518
حد بيحد ڪهين نہ ڪهين، نہ ڪهين ٽرپي نُور،
غريب داس نِج برهم ڪي، ڪون ڌام وهہ پُور 519
چل سوامي سر پُر چلين، گنگ تير سُن گيان،
غريبداس بيڪُنٺ بٺ، ڪوٽي ڪوٽي گهٽ ڌيان 520

تهان ڪوٽي بِڪُنٺ هِين، نڪ سرور سنگيت،
غريب داس سوامِي سُنين، جات اننت جُگ بيت521
پراڻ پنڊ پُرمين ڏسو، گئي رامانند ڪوٽِي،
غريب داس سر سُرگ مِ، رهو شبد ڪي اوٽِ522
تهان وهان چِت چڪرت ڀيئا، ديکي قجل دربار،
غريب داس سِجده ڪيئا، هم پائي ديدار523
تُم سوامِي مئين بال بُڌِي، پرم ڪرم ڪيئي ناس،
غريب داس نِج بِرهم تُم، همري درد وِشواس524
سُن بيسُن سي تُم پري، اُڙين سي همري تير،
غريب داس سر بنگ مِ، اويگت پُرش ڪبير525
ڪوٽِي ڪوٽِي سِجدي ڪرين، ڪوٽي ڪوٽي پرڻام،
غريب داس انحد اڌر، هم پرسي تُم ڏام526
سُن سوامِي ايڪ گل گُج، تِل تارِي پل جورِي،
غريب داس سر گگن مِ، سورج اننت ڪروري527
شهر امان اننت پُر، رِم جهِم رِم جهِم هوئي،
غريب داس اُس نگر ڪا، مرم نہ جاني ڪوئي528
سُن سوامِي ڪيسي لکو، ڪهي سمجهائون توهي،
غريب داس بِن پَر اُڙين ، تن من شيش نہ هوئي.529
رون پُوري ايڪ چڪر هي، تهان ڌننجئي بائي،
غريب داس جيتي جنم، يا ڪون ليت سمائي530
آسن پدم لگائي ڪر، پِرنگ ناد ڪو کيِنچي،
غريب داس اَچوَنَ ڪري، ديوَ دت ڪو اينچي531
ڪالِي اُن ڪُلين رنگ، جاڪي دو قُن ڏار،
غريب داس ڪورنيپ شِر، تاس ڪري اُد گار532
چشمي لال گُلال رنگ، تين گِرهہ نب پينچ،
غريب داس وهہ ناگنِي ڪو، هوني نہ ديوي ريچ533
ڪُميڪ ريچڪ سپ ڪري، اُن ڪرت اُد گار،
غريب داس اُس ناگنِي ڪو، جيتِي ڪوئي ڪِلاڙ534

ڪُميڪ پري ريچڪ ڪري، فِر ٽُونٽ هي پون،
غريب داس گگن منڊل، نهين هوت هي رين535
آگي گهاٽي بند هي، اِنگلا پِنگلا دوئي،
غريب داس سُشمن ڪُلي، تاس مِلاوه هوئي536
جِيون ڪا تِيون هي بيٺ رهو، تج آسن سپ يوگ،
غريب داس پل بيچ پد، سروَ سيل سپ پوگ547
ڪوٽي ڪوٽي بيڪُنٺ هين،ڪوٽي ڪوٽي شِوَ شيش،
غريب داس اُس ڌام ۾، بِرهما ڪوٽي نريش553
آوادان امان پُر، چل سوامي تهان چال،
غريب داس پرلو اننت، ڀُوري نہ جهمپي ڪال554
امر چير تهان پهر هي، امر هنس سُک ڌام،
غريب داس پوجن اجر، چل سوامي نِج ڌام555
بولت رامانند جِي سُن ڪبير ڪرتار،
غريب داس سپ رُوپ ۾ تُم هي بولن هار556
تُم صاحِب تُم سنت هو، تُم ست گُرو تُم هنس،
غريب داس تُم رُوپ بِن، اور نہ دوجا انس557
مئين يگتا مُڪتا پيا، ڪيئا ڪرم ڪُند ناس،
غريب داس اويگت ملي، ميٽي من ڪي باس558
دوئُو نور هي ايڪ تو، پهيا ايڪ سي دو،
غريب داس هم ڪارٽي ، اُتري هين مگ جو559
گوشٽي رامانند سين، ڪاشي نگر منجهار،
غريب داس جِند پير ڪي، هم پائي ديدار562
بولي رامانند جِي، سُنو ڪبير سُبحان،
غريب داس مُڪتا پهئي، اُڌري پنب اور پُراڻ567

ڪبير صاحِب سوامِي رامانندجِي ڪان پُڇيو تہ سوامِي جِي! توهان ڪهڙي پُوجا ڪندا آهيو؟ سوامِي رامانندجِي چيو تہ مان ويدن ۽ گيتاجِي مُطابِق ساڌنا ڪندو آهيان. ڪبير صاحِب پُڇيو تہ ويدن ۽ گيتا جِي جي مُطابق يگتي ڪري توهان ڪهڙي لوڪ ۾ ويندا؟ سوامِي رامانندجِي چيو تہ سرگ لوڪ ۾ ويندس. ڪبير

پرميشوَر پُڇيو تہ سرڳ لوڪ ۾ ڇا ڪندين داتا؟ رامانند جي ڇيو تہ اُتي بيحد پيارا ڀڳوان وشنو جي آهن. اُنهن جا درشن ڪندس ۽ اُتي ڪير جُون نديون آهن. ڪابہ چنتا ۽ فڪر نہ آهي، مان اُتي سُڪون سان رهندس. ڪبير پرميشوَر پُڇيو تہ سوامي جي ڪيترا ڏينهن رهندين سرڳ ۾؟ (ودوان پُرش هئا اُنهن کي گيان هو ۽ جلدئي سمجهي ويا) سوامي چيو تہ منهنجي جيتري ڀڳتي جي ڪمائي هوندي تيستائين رهندس. ڪبير صاحب پُڇيو تہ پوءِ ڪيڏانهن ويندين؟ رامانند چيو تہ اعمالن جي آڌار تي الائي ڪٿي ۽ ڪهڙي جوڻي ۾ جنم ٿيندو. ڪبير صاحب چيو تہ اِها ساڌنا/ڀڳتي تہ سوامي جي توهان بيشمار دفعا ڪئي آهي. اِنهي سان جيوَ آزاد نٿو ٿي سگهي، توهان شري وشنو جي ڀڳتي ڪري سرڳ لوڪ ۾ وڃڻ چاهيو ٿا. جيڪي ساڌڪ برهم جي ساڌنا ڪري برهم لوڪ ۾ ويندا آهن اُهي بہ جنم ۽ موت جي چڪر ۾ ئي رهجي ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪ ڏينهن مها سرڳ جيڪا برهم لوڪ ۾ ئي ٺهيل آهي، اُها بہ فنا ٿي ويندو. ائين گيتاجي ادياءِ نمبر 08 جي شلوڪ نمبر 16 ۾ لکيل آهي. سوامي رامانند جي تہ عقلمند انسان هئا، اُنهن کي شلوڪ تہ آڱرين تي ياد هئا. سوامي رامانندجي چيوتہ توهان ٺيڪ ٿا چئو. اِئين ئي لکيل آهي.ڪبير صاحب، چيو تہ ٻُڌايو سوامي جي پوءِ توهان ڪٿي رهندا؟ توهان جا شري ڪرشن مُراري ئي ڪونہ رهندا. هي برهما لوڪ، وشنو لوڪ وغيره جي سڀ مخلوق ۽ شري وشنو جي وغيره ٿيئي ديوتا بہ ناس ٿيندا، پوءِ توهان ڪٿي رهندو گُرو ديوَ جي؟ پوءِ رامانندجي ويچار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا. پرميشور ڪبير صاحب پُڇيو تہ سوامي جي گيتاجي جو گيان ڪنهن چيو؟ سوامي رامانند جي جواب ڏنو تہ شري ڪرشن جي. پرميشور ڪبير صاحب چيو سوامي جي سنڪشيپتَ مهاڀارت دُوئتيہ کنڊ (صفحو نمبر 1531 پُراڻي واري ۽ صفحو نمبر 667 نيئن واري) ۾ لکيل آهي تہ شري ڪرشن جي تہ چئي رهيا آهن تہ اي ارجن! هاڻي مون کي اُهو گيتا جي وارو گيان ياد نہ آهي، مان وري اُهوئي ساڳيو گيان نٿو ٻُڌائي سگهان، پرميشوَرڪبيرصاحب سڀ ثبوت ٻُڌايا.گيتا جي ادياءِ نمبر 08 شلوڪ نمبر 13 ۾ گيتا گيان داتا (برهم) چئي رهيو آهي تہ:

**اوم اِتي ايڪا اڪشرم، برهم وياهرن مام انُو سُمرن**

**يہ پرياتي تجن ديهم، سہ ياتي پرمام گتيم.**

اِنهي جو ارٿ (ترجمو) آهي تہ گيتا چوڻ وارو برهم مطلب ڪال چئي رهيو آهي تہ (مام برهم) مون برهم جو تہ (اِتي) هي (اوم ايڪا اڪشرم) اوم هڪ اکر

آهي. (وِياهرن) اُچارڻ ڪري (انُوسُمرن) سِمرڻ ڪرڻ جو (يہ) جيڪو ساڌو (تجن ديهم) جسم ڇڏڻ يعني مرڻ تائين مطلب آخري سوانس تائين (پرياتي) ساڌنا/ڀڳتي ڪري ٿو. (سہ) اُهو ساڌڪ ئِي مون واري (پرمام گتيم) پرم گتي کي (ياتِي) حاصل ڪندو آهي.

شِري ڪرشناجي جي شرير ۾ پريت وَت (ڀُوت وانگر) داخل ٿي بِرهم يعني هزار هٿن وارو جوتي نِرنجن ڪال چئي رهيو آهي تہ مون بِرهم جي ساڌنا صِرف هِڪ اوم نام جي جاپ آخري ساهہ يعني وقت تائين ڪرڻ واري ساڌڪ کي مون سان مِلڻ وارو لاڀ حاصل ٿيندو آهي. ٻيو ڪوبہ منتر منهنجي ڀڳتي جو نہ آهي.

گيتاجي اڌياءِ 08 شِلوڪ نمبر 7،5 ۽ 13 ۾ گيتا جو گيان ڏيڻ واري بِرهم پنهنجي باري ۾ ساڌنا ڪرڻ جو ٻُڌايو آهي تہ جيڪو منهنجي ساڌنا اوم نام جو سمرڻ آخري سوانس تائين ڪندو آهي اُهو مونکي ئِي پراپت ٿيندو آهي. اِنهي ڪري تون لڙائي بہ ڪر ۽ منهنجي اوم نام جو اُچارڻ اونچي آواز ۾ ڪندي سمرڻ بہ ڪر.

وري گيتاجي اڌياءِ 08 شلوڪ نمبر 06 ۾ چيو آهي تہ اهو قانون آهي تہ جيڪو پرڀُو جو آخري وقت ۾ سمرڻ ڪندي شرير ڇڏيندو آهي، اُهو اُنهي کي ئي پراپت ڪندو آهي .گيتا گيان ڏيڻ وارو پرڀُو گيتاجي اڌياءِ 08 شِلوڪ نمبر 8،10 تائين ٽِنهي شلوڪن ۾ بِرهم کان علاوه ڪنهن ٻئي پُورڻ پرماتما (پرم دِيويہ پُرش پرميشوَر مطلب پُورڻ بِرهم) جي باري ۾ چئِي رهيو آهي تہ جيڪڏهن ڪير بہ هُن جي ساڌنا/ڀڳتي ڪندي شرير ڇڏي ٿو تہ اُنهي پُورڻ پرماتما پرميشوَر کي ئي پراپت ڪري ٿو، اُنهي سان پُورڻ موڪش ۽ ست لوڪ پراپتي ۽ پرم شانتي پراپت ٿئي ٿي، اِنهي ڪري اُنهي پرميشوَر جي شرڻ ۾ وڃ. (پويترگيتاجي اڌياءِ 18 شِلوڪ نمبر 66،62 ۽ اِڌياءِ 15 شِلوڪ 04) ۾ آهي تہ مان (گيتا گيان داتا بِرهم) بہ اُنهي جي شرڻ ۾ آهيان.

سوامِي رامانندجِي کي سيني ثبوتن کي اکين سان ڏسِي ڏندين آڱريون اچي ويون، سچ کي قبول ڪيو ۽ چيو تہ ٻالڪ ڳالهہ تہ شاسترن جي ٺيڪ ٻُڌائي رهيو آهين، جيڪا سچ آهي. اسان کي ڪنهن بہ اهڙو گيان ئي نہ ڏنو، اسان ڇا ڪريون؟ ڪبير صاحِب ٻُڌايو تہ پويتر گيتاجِي ۾ لکيل آهي (اڌياءِ 08جا شِلوڪ 10،08 ۽ اڌياءِ 18جو شِلوڪ نمبر 62 پڙهي ڏسو.)

پويتر گيتاجِي ۾ پويتر ويدن کي چوڻ وارو برهم (ڪال) چئي رهيو آهي تہ هُن پرماتما جِي شرڻ ۾ وڃ، ارجُن پوءِ تنهنجو جنم ۾ مرڻ نہ ٿيندو. اِنهي جي لاءِ ( گيتا جِي اڌياءِ 04 شِلوڪ نمبر 34) ۾ چيو آهي تہ اُنهن سنتن جي تلاش ڪر جيڪي هُن پرم تتوَ کي ڄاڻڻ وارا هُجن، اُنهِي کي ڊنڊوَت پرڻام ڪر ۽ نوڙت سان ايمانداري ۽ نرم لهجي سان اُنهن جو آدرياءُ ڪر، جڏهن اُهي تتوَ دِرشي سنت خوش ٿي وڃي تہ پوءِ هُن کان دِڪشا (نام اُپديش) گُهر پوءِ تنهنجو وري جنم ۽ موت نہ ٿيندو. پويتر گيتاجِي اِڌياءِ 15 منتر 1، 4 ۾ چيو آهي تہ اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ آهي. مٿي پاڙ تہ آدي مطلب سناتن پرماتما آهي، هيٺ ٽيئي گُڻ (رجوگڻ برهما ستوگڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شِوجي) رُوپي شاخون آهن، هُن پُوري سنسار رُوپي وڻ مطلب پُورِي سرشٽِي رچنا کي مان (برهم ڪال) نٿو ڄاڻان. هتي هِن وقت مطلب گيتا جِي جي گيان ۾ مان (برهم/ڪال) توکي پُورو گيان نٿو ڏيئي سگهان اِنهي جي لاءِ ڪنهن تتوَدرشِي سنت جِي کوج ڪر (گيتا جِي اِڌياءِ/ 4 منتر/ 34) پوءِ هو توکي سڄي سرشٽِي جِي رچنا جو گيان ۽ سيني پريوئن جي حالت صحيح ٻُڌائيندو . انهي کانپوءِ اُن پرم پد پرميشوَر جِي کوج ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ ويل ساڌڪ جو ورِي جنم ۽ موت نٿو ٿئي، جنهن پرميشور سنسار رُوپي وڻ مطلب سيني برهماندن جِي تخليق ڪئي آهي. مان بہ اُنهي پرميشوَر جِي شرڻ/پناهہ ۾ آهيان، اِنهي ڪري اُنهي پرميشوَر جي پُوجا ڪر. سوامي رامانندجِي چيو تہ لکيل تہ اِئين ئي آهي پُٽ!! پر هِي ست لوڪ ڪنهن کان بہ ڪونہ ٻُڌو آهي، جنهن جي ڪارڻ هينئر منهنجو من يقين نٿو ڪري تہ اِهو سچ هوندو. ڪبير صاحِب پُڇيو تہ توهان ڪيئن ساڌنا ڪندا آهيو؟ سوامي رامانند جِي چيو تہ مون سڄي جسم کي ساڌي رکيو آهي. يوڳ اِپياس سان گڏ مان اندر ڪملن مان گُذرِي ترِڪوٽِي (ترِويٽِي) تائين پُهچِي ويندو آهيان. ڪبير صاحِب چيو توهان هِڪ دفعو ترِويٽِي تائين پُهچو. جڏهن سوامِي رامانندجِي سماڌي لڳائي (جيڪو هِن جو روز جو اِپياس هو) ترِويٽِي تي وڃِي ٽي رستا ٽِي وڃن ٿا. هرهڪ برهمانڊ ۾ ٿهيل برهم لوڪ ۾ داخل ٿيندي ئي ٽي رستا ٽِي وڃن ٿا، ساڳئين نموني 20 برهماندن جي پار 21 هين برهمانڊ ۾ پُڻ اِهوئي جوتِي نرنجن ٽي رُوپ بڻائي رهي ٿو. سامهون وارو برهم رِندر تنهنجي اِنهي نام سان ڪونہ کُلندو. اِهو برهم رِندر ست نام سان کُلندو. ڪبير صاحِب سوانس ذريعي پنهنجو ست نام اُچارڻ ڪيو تہ سامهون وارو دروازو کُلِي ويو. ڪبير صاحِب چيو تہ هاٽي توهان کي ڪال پڳوان ڏيکاريان ٿو،

جنهن کي توهان نِراڪار چئو ٿا. جيڪو گيتاجِي ۾ چوي ٿو تہ مان سينِي کي ڪائيندُس، مان ڪڏهن ڪنهن کي درشن نٿو ڏيان، مان ڪڏهن ڪنهن جي رُوبرُو ظاهر نٿو ٿيان. ڪبير صاحِب چيو تہ هاڻِي مان توهان جي رُوبرُو هِن ڪال کي ڏيکاريان ٿو. پهرين تہ هِڪ برهمانڊ ۾ ٺهيل برهم لوڪ ۾ ڳجهي هنڌ تي ڏيکاريو جتي برهما، وِشنُو ۽ شِو رُوپ ڌارڻ ڪيل هئا. پوءِ برهم لوڪ پار ڪرڻ جي دروازي مان نِڪري 21 هين برهمانڊ ۾ وٺي ويا. برهم لوڪ کان اڳتي وڃڻ واري رستي (جيڪو جتا ڪُنڊلِي سرووَر جي مٿان آهي) کي پنهنجي نِگاهن ۾ رکندو آهي تہ مٿان کو نِڪري نہ وڃي اُتي 21 برهماندن جو آخري لوڪ اچي ٿو اهو ڪال برهم (شرپُرش) جي پنهنجي رهڻ جي جاءِ آهي. اُتي هو اُنهي خوفناڪ رُوپ ۾ ويٺو آهي، جيڪو هِن جو اصلي رُوپ آهي ڪبير صاحِب جي چيو تہ ڏِسو هو ويٺو آهي. توهان جو نِراڪار/غير جِسمانِي ڀڳوان جنهن کي توهان نِراڪار چوندا آهيو (چاڪاڻ تہ يوڳين ويدن جي آڌار تي اوم نام سان ساڌنائُون ڪيون مطلب اوم نام جي ڀڳتي ڪئي، پرماتما تہ مليو ئي ڪونہ . سِڌيون اچي ويون سرڳ پُهچي ويا، مهاسَرڳ ويا ۽ وڃي جانور بڻجي ويا. اِنهي ڪري مالڪ کي سينِي نِراڪار/غير جِسمانِي مڃي رکيو آهي، تہ هو ڏِسڻ ۾ نٿو اچي ۽ ويدن ۾ لکيل آهي تہ ڀڳوان آڪار/جسمانِي آهي).

جڏهن ڪال وٽ پُهتا تہ ڪبير صاحِب پنهنجي سار نام سان گڏ ست نام جو اُچارڻ ڪيو، اُنهي وقت ڪال جو سِر (مٿو) هيٺ جُهڪي ويو. ڪال جي سِر جي مٿان اُهو دوئار (دروازو) آهي جِتان ست لوڪ وڃي سگهجي ٿو ۽ پربرهم جي لوڪ ۾ داخل ٿيندا آهيون هِن ڪانپوءِ هڪ يوَنر غُفا شروع ٿئي ٿِي (هڪ يوَنر غُفا ڪال جي لوڪ ۾ بہ آهي) ڪال جي مٿي تي پير رکِي ڪبير جِي جا هنس (نيڪ/ڀڳت) مٿي ويندا آهن، هي ڪال اُنهن هَنسن جي چاڙهِي جو ڪم ڪندو آهي. پربرهم جي لوڪ کي پار ڪري ڪبير صاحِب شرِي رامانند جِي جي آتما کي ست لوڪ وٺي ويا، اُتي بہ هِڪ يوَنر غُفا آهي. ست لوڪ ۾ وڃي شرِي رامانندجي ڏٺو تہ ڪبير صاحِب (ڪويردوَ) پنهنجي اصلي رُوپ ۾ وِيٺا آهن، اُتي ڪبير صاحِب جو ايترو تہ نُور آهي، جو هڪ رُوم ڪُوپ ۾ جيئن ڪروڙين سج ۽ ڪروڙين چنڊ جي مِليل جُليل روشنِي (جنهن ۾ گرمِي نہ هُجي) کان بہ وڌيڪ آهي، ڪبير صاحِب اُتي وڃي پنهنجي ئِي ٻئي رُوپ جي مٿان چنوَر ڪرڻ لڳا، شرِي رامانند جِي سوچيو تہ ڀڳوان تہ هِي آهي جيڪو سِنگهاسڻ/تخت تي ويٺل آهن ۽ هِي ڪبير هتي جو ڪو سيوڪ/غلام هوندو، پر

لوڪ سيڻي ڪان نيارو آهي. پرماتما جو تمام گهڻو نُور آهي، اِئين ئي سوچي رهيو هو تہ ايتري ۾ پرماتما جو نوري رُوپ سنگهاسڻ ڪان اُٿيو ۽ پنج سال جي ٻالڪ جي رُوپ ۾ پرمِيشوَر ڪبيرجِي تخت تي بِراجمان ٿي ويا. پرميشوَر جو حقيقي نُوري رُوپ نظر اچي رهيو هو اُهو ٻالڪ رُوپ ڪبير صاحِب تي چنوَر ڪرڻ لڳا، ان ڪان پوءِ ڪبير صاحِب جو اڳيون نُوري ٻالڪ وارو رُوپ ڪبير صاحِب ۾ سمائجي ويو ۽ اڪيلا پنج سالا ٻالڪ رُوپ ۾ ڪبير پرميشوَر تخت تي بِراجمان ٿي ويا، چنوَر پنهنجو پاڻ هلي رهيو هو. ايتري ۾ رامانندجِي جِي آتما کي واپس شرير ۾ موڪلي ڇڏيو. هِن جي سماڌي ٽُٽي سامهون ڏِسي تہ ڪبير صاحِب پنج سالا ٻار جي رُوپ ۾ ويٺا آهن، تڏهن سوامِي رامانند جي چوڻ لڳا تہ:

**تهان وهان چِت چڪِرت ڀيا، ديک فجل دربار،**
**غريب داس سِجده ڪيئا، هم پائي ديدار523**
**تُم سوامي مئين بال بُڌِي، پرم ڪرم ڪيئي ناس،**
**غريب داس نِج برهم تُم، همري درڊ وِشواس524**
**سُن بيسُن سي تُم پري، اُرسي همري تير،**
**غريب داس سر بنگ ۾، اويگت پُرش ڪبير525**
**ڪوٽِي ڪوٽِي سِجدي ڪرين،ڪوٽي ڪوٽي پرڻام،**
**غريب داس انحد اڌر، هم پرسي تُم ڌام526**
**بولت رامانند جي سُن ڪبير ڪرتار،**
**غريب داس سَپ رُوپ ۾ تُم هي بولن هار556**
**تُم صاحِب تُم سنت هو، تُم ست گُرو تُم هنس،**
**غريب داس تُم رُوپ بِن، اور نہ دوجا انس557**
**مئين يگتا مُڪتا ڀيا، ڪيئا ڪرم ڪُند ناس،**
**غريب داس اويگت ملي، مِٽي من ڪي باس558**
**دوٿُو نور هي ايڪ تو، ڀيا ايڪ سي دو،**
**غريب داس هم ڪارٽي، اُتري هين مگ جوئي559**
**بولت رامانند جي، سُن ڪبير ڪرتار،**
**غريب داس سپ رُوپ ۾، تُم هي بولن هار.**

رامانند جِي چوڻ لڳا تہ ايَ پرميشور، ڪبير پرماتما، ايَ ڪبير ڪرتار سڀ سِرشٽِي جا رچڻهار، توهان ئي هرهنڌ حاضر وَ ناظِر پُورڻ پرميشوَر آهيو.

**دوڳُو ٺهور هي ايڪ تو، ڀهيا ايڪ سي دو،**

**غريب داس هم ڪارڻي، اُتري هين مگ جو.**

ايَ ڪبير پرميشور توهان ڀنهي هنڌن يعني ست لوڪ ۾ ۽ منهنجي رُوبرُو توهان ئي آهيو ۽ هڪ مان ڀ رُوپ ٻڌائي توهان معمولي جيوَن جي لاءِ هتي آيا آهيو.

**مئين ڀگتا مُڪتا ڀهيا، ڪرم ڪُنڊ ڀئي ناس،**

**غريب داس اويگت ملي، مِٽي من ڪِي بانس.**

رامانندجِي 104 سالن جا مهاپُرش ۽ پنج سالن جي ٻالڪ ڪبير پرميشور کي چئي رهيا آهن تہ مان توهان جو داس مُڪت ٿي ويس ۽ منهنجي من جو چڪر ڪائڻ ختم ٿي ويو. مونکي پرماتما جي اصلِي رُوپ جو درشن ٿي ويو. ايَ سچا مالڪ ڪبير صاحِب چارئي پويتر ويد ۽ پويتر گيتاجِي سيئي توهان جا گُڻ گائي رهيا آهن. خود ڪبير ديوَ ڀ چيو آهي تہ.

**ويد همارا ڀيد هي، مئين نہ ويـدن ڪي مانهين،**

**جِس ڀيد سي مئين مِلون، ويد جانتي ناهين.**

مطلب تہ چئني پويتر ويدن ۾ گيان سچي پرماتما جوئي آهي، پر پُوجا جِي وڌِي صِرف برِهم (جوتِي نِرنجن) تائين جي آهي. پرميشور ڪبير جِي پُوجا جي طريقيڪار جي گيان ۽ تتوَ گيان جي لاءِ پويتر ويـدن ۽ پويتر گيتا جِي ۾ چيل آهي تہ اُنهِي کي تہ ڪو تتوَدرشِي سنت ئي ٻُڌائي سگهي ٿو. جيڪو خود پرماتما ئي هوندو آهي، يا ڪو هُن جو موڪليل اصل سنت هوندو آهي. اُن کان اُپديش وٺڻ سان ئي پُورڻ موڪش ۽ پرم راحت حاصل ٿيندي آهي.

## "پويتر ويدن ۾ پرماڻ"

ڪبير ديوَ پنهنجي گيان جو دُوت بڻجي خود ئي اچن ٿا ۽ پنهنجو تتوَگيان خود ئي ڪن ٿا، خود ڪبير ديوَ جي پنهنجِي امرت واڻي ۾ فرمائين ٿا تہ :

**شبد ، اويگت سي چلي آيا، ڪوئي ميرا ڀيد مـرم نهين پايا. (ٽيڪ)**

**نہ ميرا جنم نہ گرڀ بسيرا، بالڪ هو دِکلايا.**

**ڪاشِي نگر جل ڪمل پر ڊيرا، وهان جُلاهي ني پايا.**

**ماتا پِتا ميري ڪُڇ ناهين، نہ ميري گهر داسِي.**

جُلاهي ڪا سُت آن ڪهايا، جگت ڪري ميرِي هانسِي.
پانچ تتوَ ڪا ڌڙ نهين ميرا، جانُو گيان اپارا.
ست سرُوپِي نام صاحِب ڪا سوئي نام همارا.
ادر دُئيپ گَنگن گفا ۾ (ست لوڪ)، تهان نِج وستُو سارا.
جوتي سرُوپِي الک نِرنجن، ڀِي ڌرتا ڌيان همارا.
هاڏ چام لهُو نہ ميري، ڪوئي جاني ست نام اُپاسي.
تارڻ ترڻ ابِئہ پد داتا، مئين هون ڪبير اوِناشِي.

مٿي لکيل شبد ۾ ڪبير پرميشوَر چئي رهيا آهن تہ نہ تہ منهنجِي ڪا پتنِي (زال) آهي. نہ ئي منهنجو پنج تتوَ/عنصر (هڏ، چم، ناڙين جي جوڙ وارو) جو جِسم آهي، مان سوئمبُو آهيان ۽ ڪاشِي جي لهر تارا نالي تلاءُ جِي پاڻي ۾ خود ئي ظاهر ٿي ٻالڪ رُوپ بڻايو هو. اُتان ڪان مون کي نِيرُو نالي جُلاهو کڻِي ويو هو. جيڪو منهنجو اصلي نالو آهي، ويدن ۾ ڪوير اگني، ڪوير ديوَ. گُرو گِرنٿ صاحب ۾ حق ڪبير ، اِهي نالا منهنجا آهن. مان ئي مٿي ست لوڪ ۾ رهان ٿو ۽ توهان جو ڀڳوان جوت نرنجن برهم بہ منهنجِي پُوجا ڪري ٿو. اهڙي طرح ستيارٿ پرڪاش (سمولاس 07 صفحو نمبر 152 ۽ 153 دينا نگر پنجاب مان ڇَپيل) ۾ بہ آهي. سوامي ديانندجِي يجُر ويد اڌياءِ 13 منتر 04 ۽ رگ ويد منڊل 10 سُڪت 49 منتر 01 ۽ 06 جو ترجمو ڪيو آهي. جنهن ۾ ويدن کي چوڻ وارو بـرهم چئي رهيو آهي تہ ايَ اِنسانو! جيڪو سِرشٽِي کان پهرين سِينِي جو پيدا ڪرڻ وارو ۽ سِينِي جو سوامِي هو آهي ۽ اڳِتي بہ رهندو. اُهوئي سچِي سِرشٽِي کي ٺاهي هلائي رهيو آهي. اُن سُک رُوپ پرماتما جِي ڀڳِتي مطلب ساڌنا جيئن اسان (برهم ۽ ٻيا ديوَ) ڪندا آهيون، تيئن ئي توهان اِنسان بہ ڪريو پرماڻ (ثبوت) 01 يجُرويد اڌياءِ 29 منتر 25:

سميِڌه اڌه منشُو دُروڻي ديوئو ديوانيجسي جاتويڌه
آ چہ وَ مِترمهشِچڪِتوانتوَم دُوتهہ ڪويرسِي پرچيتاه25

سميِڌه –اڌه - منشُو - دُروڻي - ديوئو– ديوان–يج– اسِي - جاتَ–ويڌه - آ - چہ - وَ - مِترم–چڪِتوان–توَم - دُوتهہ - ڪوير -اسِي -پرچيتاه.

**لفظِي معنيٰ** -:(اڌه) اڄ موجوده دور ۾ (دُرِيٽي)جسم رُوپ محل ۾دُراچار پُوروَڪ (منُشہ) ڪُوڙي پُوجا ۾ لڳل من مانِي ڪندڙ ماڻهن جي (سمِڌه) لڳايل باهہ مطلب شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف هلندڙ پُوجا جيڪا نقصان ڪار هوندي

آهي، باهہ وانگر ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندي آهي اهڙي ساڌڪ جي زندگي شاسترخلاف سادنا ناس ڪري ڇڏيندي آهي. هُن جِي جاءِ تي (ديوان) ديوتائن جي ( ديوا) ديوتا (جات ويدا) پُورڻ پرماتما، ست پُرش جِي سچِي (يج) پُوجا (اسِي) آهي (آ) ديالو (مِترمهہ) اِنسان جو اصلي ساٿي، پُورڻ پرماتما جِي ( چِڪتوان)حقيقِي ڀڳتِي (سچي گيان) جو( دُوتاه) پيغمبر رُوپ ۾( وَه) وني اچڻ وارو (چ) ۽ (پرچيتا) معلومات ڪرائڻ وارو( توَم) خود (ڪويرديوَ مطلب ڪبير پرميشور) ڪبير (اسِي) آهي.

**سمجهاڻي-:** جنهن وقت ڀڳت سماج کي شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏائي من مرضي وارا نمونا ڪرايا ويندا آهن. اُن وقت ڪبير ديوَ ڪبير پرميشوَر) تتو گيان کي پرگهٽ (ظاهر) ڪن ٿا.

پرماڻ (ثبوت) 02، پويتر شام ويد سنکيہ 1400 ۾،

سنکيہ نمبر359 ،شام ويد اڌياءِ04 جو کنڊ نمبر25 شِلوڪ نمبر08

**پُراميِندويُرواڪويرميتوجا اجايت ، اِندرو وِشوسيہ ڪرمڻُوڌرتا وجرِي پُرشتٽُتهہ.**

پُرام - پِنڌُوه – يُووا - ڪوير– اميت– اوجا -اجايت - اِندرو - وِشوسيہ - ڪرمڻُو - ڌرتا - وجرِي - پُرشتٽُتهہ.

**لفظِي معنِي -:**(يُـوا) قدرت وارو (ڪوير) ڪبير ديوَ مطلب ڪبير پرميشوَر (امِيتـئوجا) بيحد ڀڳتِي سان پرپور مطلب شروَ شڪتيمان آهي (اجايت) تيج پُنج جو مايا/جادُوگرِي سان جِسم بڻائي ڌرتِي تي پرگهٽ ٿي مطلب اوتار ڌارڻ ڪري (وجرِي) پنهنجي ست شبد/ سچي لفظن ۽ ست نام رُوپِي هٿيار سان (پُرام) ڪال/برهم جي پاپ جي ٻنڌن رُوپِي قلعي کي (پِندو) ٽوڙڻ وارو، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو (اِندره) سڀ سُک ڏيڻ وارو پرميشور (وِشوسيہ) سڄِي جڳت جي ساهوارن کي (ڪرمٽا) تن، من ڌن سان مطلب پوُري وفادارِي سان ٻئي من سان ڌارمڪ ڪرمن ذريعي ست ڀڳتِي سان ( پُرشتٽُتهہ) واڪاڻ ۽ پُوجا ڪرڻ جي لائق آهي.

(جيئن ٻار ۽ پوڙها سڀ ڪم ڪرڻ جي ناقابل هوندا آهن، نوجوان مرد سڀ ڪم ڪرڻ جي طاقت رکندا آهن، ائين ئي پربِرهم، بِرهم ۽ ترلوڪيہ برهما، وِشڻو، شِـو ۽ ٻين ديوِي ديوتائن کي ٻار ۽ پوڙها سمجهو. اِنهي لاءِ ڪبير پرميشوَر کي يُـووا (جوان) جو درجو ڏِنو آهي.

**سمجهاڻي:-** جيڪو ڪبير تتوَگيان ڪٽي سنسار ۾ اچي ٿو. اُهو سروَ شڪتيمان آهي ۽ ڪال/برهم جي ڪرم رُوپي قلعي کي ٽوڙڻ وارو آهي، اُهو پُورڻ سُک داتا يعني سڀئي سُک ڏيڻ وارو آهي ۽ سڀني لاءِ پُوڄا ڪرڻ جي لائق آهي.

سنکيہ نمبر 1400 شام ويد اُتار چڪ اڌياءِ 12 ڪنڊ 03 شلوڪ نمبر 05،

**پدرا وسترا سامانياويسانو مهان ڪوير نوچناني شنسنُ،**

**آ وچيسوَ چموئو پُيمانو وِچڪشٽو جاگروي ديَروِيتو5**

پدرا- وسترا –ساما نيا –ويسانو – مهان - ڪوير –نِوچناني – شنسنُ - آ وچيسوَ - چموئو - پُيمانو – وِچڪشٽو - جاگروي–ديوَ –وِيتو.

**لفظِي معنيٰ-**:(وچڪشٽاه) چتُر يعني چالاڪ ماڻهن (آ وچيسوَ ) پنهنجن ڳالهين سان پُورڻ بِرهم/پرميشور جِي پُوڄا نہ ٻُڌائي غلط اُپاسنا/پُوڄا جو رستو ڏيکاري امرت جِي جاءِ تي (پُيمان) آن اُپاسنا/ٻيون پُوڄائون جيئن ڀوت - پريت پُوڄا، پِتر پُوڄا، ٽنهي گڻن (برهما رجوگُڻ، وِشڻو ستوگُڻ، شِو تموگُڻ ۽ برهم ڪال تائين جي پُوڄا) رُوپِي زهريلي مواد کي (چموئو) آدر سان پوجا ڪرائي غلط گيان کي (پدرا) پرم سُکدائڪ (مهان ڪوير) پُورڻ پرماتما ڪبير (وسترا) سهشرير/جسم ساڻ عام لباس سنت ٻولي ۾ جنهن کي چولو بہ چوندا آهن، چولي جو مطلب جسم بہ ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪو سنت ديهانت ڪري ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ سنت جَن چولو ڇڏي ويا، (سمنيا) پرماتما پنهنجي ست لوڪ واري شرير جهڙو ٻيو نُور جو شرير ٺاهي (وسانہ) عام اِنسان وانگر زندگي گُذاري ڪُجهہ ڏينهن دُنيا ۾ رهي (نِوچناني) پنهنجي شبداولِي وغيره جي ذريعي سچو گيان (شنسن) ٻُڌائي (ديوَ) پُورڻ پرماتما جي (ويتو) لِڪيل يا ڳُجهي سرگُڻ - نرگڻ گيان کي (جاگروِي) اُجاگر ڪندا آهن.

**سمجهاڻي:-** شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا رُوپي مواد مطلب تمام گهڻو نقصان پهچائيندڙ ساڌنا تي ٻدل ڀڳت سماج کي ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) تتوَ گيان سمجهائڻ جي لاءِ هِن سنسار ۾ اچن ٿا. اُن وقت پنهنجي نُوري شرير تي ٻيو هلڪو نُور جو شرير ٺاهي اچن ٿا. (ڇاڪاڻ تہ پرميشور جِي اصل تيج واري شرير کي چرم درشٽي (اِنساني اکيون) سان ڏِسي نٿو سگهجي ) ڪجهہ ڏينهن عام اِنسان جهڙي زندگي گُذاري ڪِردار ادا ڪن ٿا ۽ ست پُرش کي حاصل ڪرڻ واري تتوَگيان کي اُجاگر ڪن ٿا.

رُگويد منڊل 09 سُڪت 96 منتر 17،

**شِشوم جگيانم هريہ تم مُرجنتيِ شُيانتيِ وهِين مرُت گٽين ۔**
**ڪويرگِرِيِ ڪاويئنا ڪويِ سنتسوم پويترمتيوتيِ رِيپُن17**
**شِشوم- جگيانم– هريہ–تم-مُرجنتيِ–شُيانتيِ-وهِين – مرُوتو - گٽين**
**ڪويرگِرِيِ - ڪاويئنا- ڪويِ- سنت-سوم - پويترم -اتيوتيِ – رِيپُن.**

**لفظِي معنيٰ -:** پُورڻ پرماتما (هريہ تم) انوکي انسان جي ٻار جي رُوپ ۾ (جگيانم) ڇاٽي ڪري پرگهٽ ٿين ٿا ۽ پنهنجي تتوَ گيان/فلسفہ کي (تم) اُن وقت (مُرجانتيِ) نرملتا/پاڪيزگِي سان ٻُڌائين ٿا. (وهِين) پرڀُو پراپتِي جي لڳل برهہ جي باهہ وارن (مرُتاه) ڀڳت (گٽين) جي لاءِ (ڪاويئنا) ڪويتائن يعني لوڪ گيتن جي ذريعي (پويترمتيوتيِ) روحاني آواز پاڪيزگِي سان (ڪويرگِريِ) ڪويرواڻي ڪبيرٻول جِي صُورت ۾ (ريپُن) اُونچِي آواز سان مخاطب ٿِي چون ٿا. (ڪوير سنت سوم) اُهي امر پُرش /ست پُرش/ لافنا ڀڳوان ئي سنت مطلب رِشِي رُوپ ۾ خود ڪوير ديوَ جي هوندا آهن. پر اُن پرماتما کي نہ سُڃاڻي ڪوِي/شاعر چوڻ لڳي ويندا آهن، پر اهو پُورڻ پرماتما ئي هوندو آهي. جنهن جو اصلي نالو ڪوير ديوَ آهي.

**سمجهاڻِي -:** رُگويد منڊل 09 سُڪت 96 منتر نمبر 16 ۾ چيو آهي تہ اچو پُورڻ پرماتما جي اصلي نالي کي سڃاڻون. هِن منتر 17 ۾ هُن پُورڻ پرماتما جو نالو ۽ مڪمل تعارُف ڏنــو آهي. ويد چوڻ وارو برِهم چئي رهيو آهي تہ پُورڻ پرماتما انوکي انسانِي ٻار جِي شڪل ۾ ظاهر ٿِي پنهنجي حقيقِي گيان کي پنهنجِـي ڪويرواڻِي/ڪبير ٻچنن جي ذريعي صاف گيان پنهنجن هنس آتمائن (نيڪ رُوحن) مطلب پوئلڳن/چيلن کي ڪويتائن (نظمن/شعرن/ٻچنن/لوڪ گيتن) جِي صُورت ۾ ڳائي تفصيل سان ٻُڌائن ٿا. پر تتوَ گيان جي ڪمِي جي ڪري اُن وقت آيل پرماتما کي نہ سُڃاڻي صِرف رِشِي، سنت يا ڪوِي (شاعر) سمجهي وٺندا آهن. اُهي پرماتما پاڻ بہ چون ٿا تہ مان پُورڻ برهم COMPLETE GOD/ آهيان، پر لوڪ ويد/ڏند ڪٿائن جي بُنياد تي پرماتما کي نِراڪار/غيرجسمانِي سمجهندڙ ماڻهو نٿا سُڃاڻن. جيئن غريب داس جِي مهراج ڪاشِي ۾ آيل پرماتما کي سُڃاڻي، هُن جِي مهما/واکاڻ ڪئي هئي، هُن پرماتما پاران پنهنجِي مهما ٻُڌائي هئي. اُنهي کي جيئن آهي، تيئن بيان پنهنجِي واڻي ۾ ڪيو:

**غريب،جات هماري جگت گُرو، پرميشور هي پنٿ،**
**داس غريب لِکت پڙي، نام نِرنجن ڪَنت.**

**غريب، همر هِي الک الله هين، قطب غوث اور پير،**
**غريب داس خالِق ڌڻِي، همارا نـام ڪبير.**
**غريب، ايَ سوامي سِرشٽا ۾، سِرشٽِي همري تِير،**
**داس غريب اڌر بسُون ، اويگت ست ڪبير.**

ايترو واضح ڪرڻ ڪانپوءِ بہ هُن ڪي ڪوي (شاعر) سنت ڀڳت يا جُلاهو چون تـہ ٿا پر هُو پُورڻ پرماتما ئي هوندو آهي، اُن جو اصل نالو ڪوير ديوَ آهي. اُهي ست پُرش ڪبير ئي رِشي يا سنت رُوپ ۾ هوندا آهن، پر روحانيت جي ڪمتر رِشين سنتنءِ گروئن (مذهبي ماسترن) جي بي علم نظريي جي بنياد تي بدل عوام اُن وقت مهمان جي صُورت ۾ آيل پرماتما کي نٿي سُڃاڻي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن اڻڃاڻ رِشين سنتن ءِ گروئن پرماتما کي نِراڪار/غيرجسمانِي ٻُڌائي رکيو هوندو آهي.

**رگ ويـد منڊل نمبر 09 سُڪت نمبر 96 منتر نمبر 18:**

**رشيمنا يہ رِشيڪرتسورشاه سهستريڻيٿ پدوِي ڪوينامر،**
**تِرتيمر ڌامر مهيشاه سِشاسنتسومو وِراجمنو راجتِي شٽُپ18**

رشيمنا- يہ - رِشيڪرت- سورشاه - سهستريڻيٿ- پدوِي- ڪوينامر- تِرتيمر - ڌامر مهيشاهہ – سِشا - سنت سومو - وِراجمنُو - راجتِي - شٽُپ. 18

**لفظِي معنيٰ:-** ويـد جو چوڻ وارو برهمر چئي رهيو آهي تہ (يہ) جيڪو پُورڻ پرماتما انوکي ٻار جي شڪل ۾ اچِي (ڪوينامر) مشهور ڪوين/شاعرن جو درجو حاصل ڪري مطلب هڪ سنت يا رِشي جِو ڪردار ادا ڪري ٿو انهي (رِشيڪرت) سنت رُوپ ۾ آيل پرِيُو جِي رچيل (سهستريڻيٿ)هزارين واڻين/ ڪويتائن/نظمن (رِشي مِنا) نيڪ فِطرت وارن مطلب ڀڳتن جي لاءِ (سِروشا) سرڳ برابر پُرسڪُون هوندي آهي. (سومر) اهو امرپُرش مطلب ست پُرش (ترِتيا) ٽيئن ڌامر/لوڪ مطلب ست لوڪ جي انتهائي مضبوط ڌرتِي کي قائمر ڪرڻ ڪانپوءِ اِنسان وانگر سنت رُوپ ۾ ٽيندو (سٽُپ) گُنبذ ۾ اُونچي قلعي رُوپي سنگهاسڻ تي (وراجمن راجيتي) روشن سٿُول شڪل ۾ مطلب انسان جهڙو نُوري شرير ۾ براجمان آهن.

**سمجهاڻِي:-** منتر نمبر 17 ۾ چيو آهي تہ ڪوير ديوَ شِشُوَ (ٻار) رُوپ اختيار ڪري ونن ٿا ءِ ليلا ڪندي وڏا ٿين ٿا. ڪويتائن ذريعي تتوَ گيان ٻُڌائڻ جي ڪري ڪوِي/شاعر جو درجو حاصل ڪن ٿا، مطلب هُن کي رِشي، سنت يا ڪوِي چوڻ لڳي ويندا آهن، پر اصل ۾ اُهي پُورڻ پرماتما ئي آهي. هُن جي پاران رچيل امرت واڻي

ڪبير واڻي/ڪويرواڻِي چئي وڃي ٿي، جيڪا پڳتن جي لاءِ سرڳ برابر سُک ڏيندڙ هوندي آهي. اُهي پرماتما ٽيئن مُڪتي ڌام/جهانَ مطلب ست لوڪ جي قيام ڪري هڪ گُنبذ ۾ سِنگهاسڻ/تخت تي پُرنور اِنسان وانگر جسمانِي شڪل ۾ براجمان (ويٺل) آهن.

هِن منتر ۾ ٽِيون ڌام ست لوڪ کي چيو آهي. جيئن هڪ برهم جو لوڪ جيڪو 21 برهماندن جو علائقو آهي، ٻيو پربرهم جو لوڪ جيڪو ست سنک برهماندن جو علائقو آهي، ۽ ٽِيون پرم اڪشربرهم مطلب پُورڻ برهم جو ست لوڪ آهي، چاڪاڻ تہ پُورڻ پرماتما ست لوڪ ۾ ست پُرش رُوپ ۾ براجمان ٿي. هيٺ وارن لوڪن جي رچنا ڪئي آهي .اِنهي ڪري هيٺ وارن لوڪن جي ڳڻپ ڪئي وئي آهي.

اِهو ساڳيوئي اکين ڏٺو ثبُوت سنت غريب داس جي ٻُڌايو آهي تہ:

**عرش ڪُرس پر سفيد گُنبج هي ، جهان ستگرو ڪا ديرا**

مطلب هي آهي تہ مٿي آسمان جي مٿيئن حصي تي ڪبير پرميشور جِي هڪ سفيد گُنبذ ۾ رهن ٿا.

رُڳويد منڊل نمبر 09 سُڪت 96 منتر نمبر 19

**چمُوشچيين شڪُنو وِپرتوا گوبِندُدرپس آيوڌانِي بِپرت.**
**آپامُرِپي سچماناه سمُودرم تُريم ڌام مهيشو ووڪتيِ19**

چمُوست - يين - شڪُنو – وِپرتوا – گوبِندُه - درپس -آيوڌانِي - بِپرت – آپامُرِپي – سچماناه – سمُودرم- تُريم – ڌام - مهيشہ - ووڪتِي.

**لفظِي معنيٰ :** (چمُوست) پاڪ (گوبندُه) ڪام ڏينوُ رُوپي سيئي منوڪامنائون پوريون ڪرڻ وارو پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ (بيرتوا) سيِني جو پالڻ ڪرڻ وارو آهي. (شئين) سفيدرنگ سان ڀرپُور (شڪُنہ) سُٺن گڻن سان ڀرپُور (چمُوست) سروَشڪتيمان/طاقتور آهي. (درپسہ)جيئن ڪيرڪان ڌهِي ٺاهڻ جِو طريقيڪار هوندو آهي ائين ئي شاسترن مطابق ساڌنا سان ڌهِي رُوپي پُورڻ مُڪتِي داتا (آيوڌانِي) تتوگيان/روحانيت چاڻ رُوپي شيطان جي قيد تباهہ ڪندڙ ڌنُش وارو سارنگپاڻِي پريُو آهي (سچ مانهہ) اصل ۾ (بيپهرت) سيِني جو پالڻ پوشڻ ڪندو آهي. (اپامُورِپي)اونهي پاڻِي سان ڀرپُور (سمودرم) سمنڊ جِي طرح گهرو گنڀير مطلب تمام وڏي (تِريم) چوٿين ڌام مطلب انامي لوڪ ۾ (مهيشہ) نُوري مضبُوط ڌرتِي تي

(وِويڪتي) الڳ هنڌتي پُڻ رهندو آهي. اِها جانڪارِي ڪبير ديوَ خود ئِي الڳ الڳ ڪري تفصيل سان ڏي ٿو.

**سمجهاڻِي:-** منتر نمبر 18 ۾ چيو آهي تہ پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ ٽيئن مُڪتي ڌام مطلب ست لوڪ ۾ هڪ گُنبذ ۾ رهن ٿا. هِن منتر 19 ۾ چيو آهي تہ تمام گهڻو سفيد رنگ وارو پُورڻ پرڀُو جيڪو ڪام ڏينو جِي طرح سڀ اُميدون پُوريون ڪرڻ وارو آهي. اهوئي اصل ۾ سيڃِي جو پالڻ ڪندڙ آهي، اُهوئي ڪبير ديوَ جيڪو مرت لوڪ ۾ شِشُو (ٻالڪ/ٻار) رُوپ ڌاري ايندو آهي، اُهو ئي جيئن ڪير مان ڌهِي ٺاهڻ جو طريقيڪار هوندو آهي، ائين پُورڻ مُوڪش پراپت ڪرڻ جِي شاسترن جي طريقيڪار مطابق پُوجا ٻُڌائي پُورڻ موڪش/مڪمل راحت رُوپي دهِي پرڌان ڪرڻ (ڏيڻ) وارو آهي. تتوَگيان رُوپي شاستر مطلب ڌنُش وارو (ساڻ) هئڻ سان سارنگپاڻي آهي ۽ جيئن سمُنڊ سڄوئي پاڻي جو ذخيرو آهي. ائين پُورڻ پرماتما سان سيڃِي جي پيدائش ٿي آهي. گيتا جِي اَڌياءِ 15 شِلوڪ نمبر 03 ۾ سنسار رُوپ ۾ وڻ ڪي تتوَگيان رُوپي هٿيار سان وِڍِي مطلب تتوَگيان ذريعي شڪ ختم ڪري اُن ڪانپوءِ انهي پرم پد پرماتما جِي کوج ڪرڻ گهرجي، جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ ڪڏهن بہ هِن سنسار ۾ نٿو اچي، مطلب پُورڻ موڪش پائي ويندو آهي. جنهن پرميشوَر سان سڄي سنسار رُوپي وڻ جو وڌارو ٿيو آهي، اُهو پُورڻ پرماتما چوٿين ڌام انامي لوڪ ۾ رهندو آهي جيئن 1.ست لوڪ 2 .الک لوڪ 3 .اگم لوڪ ۽ 4. انامي لوڪ آهي اِنهي ڪري هِن منتر 19 ۾ چِٽو ٻُڌايو آهي تہ ڪوير ديوَ ( ڪبير پرميشور) ئي انامي پُرش رُوپ ۾ چوٿين ڌام انامي لوڪ ۾ پڻ نُوري رُوپ ۾ رهندا آهن.

رُگ ويد منڊل نمبر 9 سُڪت نمبر 96 منتر 20 ۔

**مريو نہ شُيرستنوم مُرجانواتيو نہ سُرتوا سنيي ڌنانام**

**ورشيوَ يوُٿا پرِي ڪوشمرشنڪنيڪردچمبورا وِويش 20**

**مريو–نہ– شُيرستنوَم–مُرجانو - اتيو - نہ - سُرتوا - سنيي - ڌنانام**

**ورشيوَ - يوُٿا - پرِڪوشم – ارشن - ڪنيڪرد - چمبو - اِرا - وِويش**

**لفظِي معنيٰ :-** پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ جيڪي چوٿين ڌام انامي لوڪ ۾ ۽ ٽئين ڌام ست لوڪ ۾ رهن ٿا. اِهوئي پرماتما (نہ مريہ) اِنسان جهڙِي روپ ۾ آهن، پر لافاني امر (مُرجناه) نِرمل مُک منڊل سان پرپُور ظاهر ( اتيہ) تمام(شُيرستنوَم) وسيع، سفيد شرير بڻائي مٿي وارن لوڪن ۾ موجود آهن ۽ اُتان ڪان (سُرتوا) گتِي ڪري مطلب هلِي ڪري جنهن جو ڪنهن کي پتو نٿو پوي اُهي ئي ساڳئي رُوپ پرماتما

(ارا)ڏرتي تي (وويس) الڳ رُوپ (ڇموَئو) ٻڌائي اچن ٿا. ست لوڪ ۾ پرٿوي لوڪ تي ليلا ڪن ٿا. (يٿا) تمام وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي حقيقي گيان (سنيي) سناتن پُوجاجِي (ورشيوَ) برسات ڪري (نہ ڏنانام) انهي رام نام جي ڪمائِي سان غريبن کي (ڪنيڪردت ) مند سوَر مطلب هلڪي سوانس–اوسوانس سان من ئي من ۾ اُچارڻ ڪري پُوجا ڪرائين ٿا. جنهن سان بيشمار ڀڳتن جو پُورو ميڙ (پري ڪوشم) ڦهرين واري سُک ساگر رُوپ امرت خزاني مطلب ست لوڪ جي (ارشن) پُوجا ڪرائي پراپت ٿين ٿا.

**سمجهاڻي:-** پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ ( ڪبير پرميشور) مٿي ٽيئن ڌام ست لوڪ ۾ رهن ٿا ۽ ساڳيا ئي پرميشور انسانِي شڪل ٻڌائي چوٿين ڌام انامي لوڪ ۾ بہ رهن ٿا. ساڳيا ئي پرماتما اهڙو ئي انسانِي شڪل خوبصورت منڊل سان پرپُور سفيد شرير ۾ هتي پرٿوي لوڪ تي بہ اچن ٿا ۽ پنهنجي اصلي پُوجا جو طريقو ٻُڌائي تمام گهڻن ماڻهن کي سچي ڀڳتي سان مالامال ڪن ٿا. بيشمار ڀڳتن جو پُورو سنگ (جٿو) سچِي ڀڳتِي جي ڪمائِي سان ڦهرين واري بيحد سُکن واري ست لوڪ جي خزاني کي حقيقي ساڌنا ڪرائي حاصل ڪرائين ٿا.

اٿروَ ويد ڪانڊ 04 انواڪ 01 منتر 07 (سنت رامپال داس پاران ترجمو )

**يـوا اٿروَٽـم پِـترم ديـوَبنـدوم ورسپـٽـيم نمـساوَ چہ گـچات،**

**تـوَم وِشـويـشام جنـيتا يٿاساه ڪويردِوئـو نہ دڀايت سوَڌاوان7 .**

يو -اٿروَٽم - پِترم – ديوَبندوم - ورسپٽيم –نمس - اوَ – چہ – گچات – توَم – وِشويشام – جنيتا – يٿا –ساه – ڪويردِوئو – نہ - دڀايت -سوَڌاوان

**لفظِي معنيٰ :** (يہ) جيڪو (اٿروَٽم) اچل اويناشي (پِترم)جگت پِتا (ديوَبندوم) ڀڳتن جو سچو ساٿي آتما جو آڌار (ورسپٽيم) سڀ کان وڏو سوامِي/مالڪ ڄاڻ ڏيڻ وارا جگت گرو (چہ) ۽ (منسا) نوڙت واري پوڄارِي مطلب مريادا تي رهندڙ ساڌڪ کي (اوَ) حفاظت سان (گچات) جيڪي ست لوڪ وڃي چُڪا آهن اُنهن کي ست لوڪ وٺي وڃڻ وارو (وِشويشام) سڀني برهمانـڊن کي (جنيتا) رچڻ وارو (نہ دڀايت) ڪال وانگر دوکو نہ ڏيڻ وارن گٽن وارو (يٿا) جيئن جو تيئن ئي (سہ) اهو (توَم) پاڻ (ڪوير ديوَ) ڪبير پرميشور مطلب ڪوير ديوَ ئي آهن.

سمجهاڻِي :- جنهن پرميشور جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ،

**تمـيوَ ماتـاچہ پِـتا تميـوَ ،تميـوَ بنڌُو چہ سکا تميـوَ،**

**تميوَ وديا ڇه دروينمَ تميـوَ، تميوَ سروَ مم ديوَ ديوَ.**

اُهو جيڪو اويناشي/لافاني سيني جو ماتـا، پِتا، ڀاءُ، عزيز ۽ جگت گُرو رُوپ ۾ سيني کي حقيقي ڀڳتي ڪرائي ست لوڪ وٺي وڃڻ وارو، ڪال جي طرح دوکو نه ڏيڻ وارو، سيني برهماندن جي رچنا ڪرڻ وارو ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) آهي.

## "ڪبير صاحب چئني ڀڳن ۾ اچن ٿا"

**ستگرو پُـرش ڪبير هيـن،چـارون يُـگ پـروان.**
**جــهوٺـي گُروئا مرگـئي، هوگئي ڀُوت مساڻ.**

## "ست يُگ ۾ ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) جو ست سُڪرت نالي سان اچڻ"

تتوَگيان جي ڪمي جي ڪري شرڌالوُ ڀڳت شڪ ڪن ٿا ته جُلاهي رُوپ ۾ ڪبير ديوَ جي ته وِڪرمي سنبت 1455 (سن 1398ع) ۾ ڪاشي ۾ آيا هئا. ويدن ۾ ڪوير ديوَ اهو ساڳيو ئي ڪاشي وارو جُلاهو (ڌاڻڪ) ڪيئن پُورڻ پرماتما ٿي سگهي ٿو.

اُنهي جي باري ۾ داس (سنت رامپال داس) جي پرارٿنا آهي ته اهو ساڳيو ئي پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) ويـدن جي گيان کان به اڳي ست لوڪ ۾موجود هئا ۽ پنهنجو حقيقي گيان ڏيڻ لاءِ چئني يُگن ۾ به خود ئي اچن ٿا. ست يُـگ ۾ست سُڪرت نالي سان، تريتا يُـڳ ۾ مُنيندر نالي سان دُوا پرَ يُـڳ ۾ ڪروڻامئيہ نالي سان ۽ ڪليڳ ۾ اصلي ڪوير ديوَ (ڪبير پرڀُو) نالي سان ظاهر ٿيا آهن، اِنهن ڪانسواءِ ٻيا ڪيترائي رُوپ اختيار ڪري ڪڏهن به ٿي پنهنجي ليلا ڪري انتر ديان (غائب) ٿي ويندا آهن، اُن وقت ليلا ڪرڻ لاءِ آيل پرميشور کي پرڀُو چاهڻ وارا شرڌالوُ ڀڳت سڃاڻي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته سڀ مهرشي ۽ سنت سڏائڻ وارن پرڀُو کي نِراڪار ٻُڌايو آهي. پر اصل ۾ پرماتما آڪار (جِسماني) ۾ آهن. انسان جهڙو ئي جسم آهي، پر پرميشور جو شرير نس ناڙين مان ٺهيل پنج تتوَن/عنصرن جو نه آهي. هڪ نورِي تتوَ مان ٺهيل آهي. پُورڻ پرماتما جڏهن چاهي هتي پرگهٽ ٿي ويندا آهن. اُهي ماءُ مان جنم نٿا وٺن ڇاڪاڻ ته اُهي سيني کي پيدا ڪرڻ وارا آهن.

پُورڻ پرماتما ڪبير جي ست يُـگ ۾ ست سُڪرت نالي سان خود پرگهٽ ٿيا هئا. اُن وقت گُرڙجي، شِري بِرهماجي، شِري وِشڻوجي ۽ شِري شِوجي وغيره کي ست

گيان سمجهايو هو . شِري منُو مهرِشِي جي کي بہ تتوَگيان سمجهائڻ چاهيو هو، پر شِري منو جِي پرميشور جي گيان کي سچ نہ سمجهي شِري برهماجِي کان ٻُڌل ويدگيان تي ڀروسو ڪري ويٺا ۽ پنهنجي طرفان ڪيل ويدن جي نِچوڙ تي ئي اٽل رهيا ۽ اُن جي برعڪس پرميشوَر ست سُڪرِت جِي کي ڪُوڙو ثابت ڪرڻ لڳا،تہ توهان تہ سچو اُبتو گيان چئي رهيا آهيو. اِنهي ڪري پرميشور ست سُڪرِت جِي جو نالو وام ديوَ رکِي ڇڏيو (وام ديوَ جو مطلب هوندو آهي اُبتو، جيئن اُبتو هٿ هوندو آهي.)

اهڙي طرح ست يُگ ۾ پرميشور ڪبير ديوَ جِي ست سُڪرِت نالي سان آيا هئا. اُن وقت جي رِشين ۽ ساڌوئن کي تتوَگيان سمجهائيندا هئا، پر رِشين مڃڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو ۽ ست سُڪرِت جِي جي بجاءِ پرميشور کي وام ديوَ چوڻ لڳا. اِنهي لاءِ يجُر ويد اڌياءِ 12 منتر 04 ۾ لکيل آهي تہ يجُر ويد جي اصلِي گيان کي وام ديوَ رِشي صحيح سمجهيو ۽ ماڻهن کي سمجهايو، پويتر ويدن جي گيان کي سمجهڻ جي لاءِ براءِ مهربانِي ويچار ڪريو! جيئن يُجر ويد آهي، اِهو هڪ پاڪ ڪتاب آهي، اِنهي جي باري ۾ ڪٿي سنسڪرِت زبان ۾ جتي ”يجُو“ يا ”يجُوم“ وغيره لفظ لکيل هُجن تہ بہ پويتر پُستڪ يجُر ويد جوئي حوالو سمجهيو ويندو آهي، اهڙي طرح پُورڻ پرماتما جو سچو نالو ڪوير ديوَ آهي. جنهن کي الڳ الڳ زبانن ۾ ڪبير صاحِب، ڪبير پرميشور وغيره چوڻ لڳا. ڪيترائي عقيدت مند شڪ ڪن ٿا تہ ڪوير کي ڪبير ڪيئن ظاهر ڪري ڇڏيو؟ وياڪرڻ دِرشٽِي (گِرامري نظر) کان ڪوي جو مطلب سڀ ڪجهہ ڄاڻڻهار ٿيندو آهي. داس جي پرارٿنا آهي تہ هر هڪ لفظ جي ڪونہ ڪو معنيٰ بڻجندي ئي آهي. رهي ڳالهہ وياڪرڻ جي تہ ٻولي اڳ ۾ نهي چوتہ ويد واڻِي پريُو پاران چيل آهي ۽ وياڪرڻ بعد ۾ رشين طرفان ٺاهي وئي آهي، اِها غلط ٿي سگهي ٿي، ويد ترجمن ۾ وياڪرِڻ آهي، مطلب انيڪ ڀيا اُبتڙ پاوَ آهن، چو تہ ويد واڻِي منترن ذريعي پدن ۾ آهي جيئن پَل وَل شهر جي آس پاس جا (علاقائي) ماڻهو پَل وَل کي پر وَر چوندا آهن، جيڪڏهن ڪو چوي تہ پَل وَل کي ڪيئن پر وَر ڪري ڇڏيو؟ ائين ئي ڪوير کي ڪبير ثابت ڪري ڇڏيو، جيئن اُنهي علائقي جي ماڻهن جِي زبان ۾ پَل وَل شهر کي پروَر چون ٿا. اهڙي ئي نموني ڪوير کي ڪبير چون ٿا. پريُو اهوئي آهي. مهرشِي ديانندجِي ”ستيارٿ پرِڪاش“ سمولاس 04 صفحو نمبر 100 تي (ديانندجِي مٺ دينا نگر پنجاب مان ڇپيل) ۾

”ديوَر ڪاما“ جو مطلب ”ديوَر جي ڪامنا ڪرڻ“ ڪيو آهي ديـوَ پُتيان ”ر“ لڪِي ديوَر ڪيو آهي. ائين ڪوِي ڪي ڪوير وري زبان مختلف هُجڻ جي ڪري ڪبير لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪائي پريشاني يا وياڪرڻ جي غلطي نہ آهي، پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ آهن، اِهو ثبوت يـجُر ويـد اڌياءِ 29 منتر 25 ۽ شام ويد سنکيہ 1400 ۾ پڻ آهي.

يجُــر ويد اڌياءِ 29 شلوڪ 25 ۾ (سنت رامپال جِي جو ڪيل ترجمو)

**سـميِـڌه اڌه مـنشُـو دُروڻـي ديوئو ديوانيـجسِي جـا تـويـڌه**

**آ چہ وَ مِتـرمـهشِچڪِتوانتـوَم دُوتـہ ڪويرسِي پرچيتاه25**

**سميِڌه –اڌه - منشُو - دُروڻي - ديوئو– ديوان–يج– اسِي - جات–ويڌه -آ - چہ - وَ - مِترمہ–چڪِتوان–توَم - دُوتہ - ڪوير -اسِي -پرچيِتاه.**

**لفظي معنيٰ-:** (اڌه) اڄ موجوده دور ۾ (دُريٽي) جسم رُوپ محل ۾ بد قسمتي سان (مَنُشہ) ڪوڙي پُوجا ۾ لڳل من مانِي ڪندڙ ماڻهن جِي (سمِڌه) لڳايل باهہ مطلب شاسترجي طريقيڪار جي خلاف هلندڙ پُوجا جيڪا نقصان ڪار هوندي آهي، باهہ وانگر ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندي آهي اهڙي ساڌڪ جو جيون شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا ختم ڪري ڇڏيندي آهي. هُن جي جاءِ تي (ديوان) ديوتائن جِي (ديوا) ديوتا (جاتـويـدا) پُـورڻ پرماتما ست پُرش جِي سچِي (يـج) پُوجـا (اسِي) آهي (آ) ديالو (مِترمہ) اِنسان جو اصلي ساٿي، پُورڻ پرماتما جي (چِڪتوان) حقيقي ڀڳتِي جو (دُوتاه) پيغام پهچائيندڙ رُوپ ۾ (وَه) وٽِي اچڻ وارو (چ) ۽ (پرچيتا) تسلي ڪرائڻ وارو (توَم) خود ڪبير (ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشوَر) (اسِي) آهي.

**سمجهاڻي-:** جنهن وقت پُورڻ پرماتما پرگهٽ ٿيندا آهن اُن وقت سڀ رِشي ۽ سنت شاسترن ۾ لکيل ڀڳتِي پُوجا جي طريقي کي ڇڏي پنهنجو من مرضي وارو طريقو يعني پُوجا ڀڳت سماج کي ٻُڌائي ۽ ڪرائي رهيا هوندا آهن، تڏهن پنهنجي تتوَگيان جا پيغمبر بڻجي خود ڪبير پريو ئي ايندا آهن.

سنکيہ 1400 شام ويد اُتارچڪ اڌياءِ 12 کنڊ 03 شلوڪ 05

(ست رامپال جي جو ڪيل انواد/ترجمو)

**ڀدرا وسترا سامانياويسانو مهان ڪويرنِوچناني شنسنُ،**

**آ وچيسوَ چموئو پُيمانو وِچڪشڻو جاگرويديرويِتو5**

پدرا- وسترا –سامانيا –ويسانو – مهان - ڪوير –نِوچناني – شنسنُ - آ وچيسوَ - چموئو - پُيمانو – وِچڪشٽو - جاگروي –ديوَ – وِيتو.

**لفظِي معنيٰ :-** ( وِچڪشٽاه) چتُر يعني چالاڪ ماڻهن (آ وچيسوَ) پنهنجن ڳالهين ذريعي پُورڻ برهم جِي پُوجا نہ ڪُدائي غلط اُپاسنا جو مارڳ درشن ڏئي، امرت جِي جاءِ تي (پُيمان) آن اُپاسنا (جيئن پوت - پريت پُوجا، پِتر پُوجا، ٽنهي گڻن (برهما رجوگُڻ وِشنو ستوگُڻ، شِو تموگُڻ ۽ برهم ڪال تائين جِي پُوجا) رُوپي زهريلي مواد کي (چموئو) آدر سان استعمال ڪرائيندي شاستر خلاف غلط گيان کي ختم ڪرڻ لاءِ (پدرا) پرم سُکدائڪ (مهان ڪوير) وڏي ڪبير مطلب پُورڻ پرماتما ڪبير (وسترا) جسم ساڻ عام ويس ۾ مطلب ويش پوشا، سنت ٻولِي ۾ هِن کي چولو بہ چوندا آهن، چولي جي مطلب شرير بہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن سنت جي ديهانت ٿي ويندي آهي تہ چوندا آهن تہ سنت جن چولو ڇڏي ويا، (سمنيا) پرماتما پنهنجي ست لوڪ واري شرير جهڙو ٻيو نوري شرير بڻائي (وسانہ) عام اِنسان وانگر زندگي گذاري ڪُجھ ڏينهن دُنيا ۾ رهي (نِوچناني) پنهنجي شبدا ولي وغيره جي ذريعي سچو گيان (شنسن) ٻُڌائي (ديوَ) پُورڻ پرماتما جي (ويتو) لِڪيل يا ڳُجهي سرگُڻ – نِرگُڻ گيان کي (جاگروِي) اُجاگر ڪندا آهن.

**سمجهاڻي:-** جيئن يجُر ويد اڌياءِ 05 منتر 01 ۾ چيو آهي تہ " اگني تنوراسي" يعني پرماتما جو جسم آهي. "وشٽوي توا سومسيہ تنواسي" مطلب امر پرپُو جو پالڻ پوشڻ ڪرڻ جي لاءِ ٻيو شرير آهي. هي الڳ شرير آهي، جيڪو مهمان رُوپ ۾ ڪُجھ ڏينهن سنسار ۾ ايندا آهن، تتوَگيان سان اگيان جي ننڊ ۾ سُتل پرپُو پريمين کي جاڳائيندا آهن. اهوئي ثبوت هِن منتر ۾ آهي تہ ڪُجھ وقت جي لاءِ پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ پنهنجو رُوپ بدلائي عام اِنسان جهڙو رُوپ بڻائي ڌرتي تي پرگهٽ ٿيندا آهن ۽ "ڪوير نوَ چنانِي شنسنو " مطلب ڪوير واڻِي ۾ چوندا آهن، جنهن جي مدد سان تتوَگيان کي جاڳائيندا آهن ۽ اُن وقت مهرشي سڏائڻ وارا چالاڪ ماڻهون ڪُوڙي گيان جي بُنياد تي شاستر يا شاستري ۾ ٻُڌايل طريقي تي حقيقي ساڌنا جِي جاءِ تي ڪُوڙو گيان جيڪو شاسترن ۾ لکيل نہ هُجي. انهي پُوجا کي شرڌا سان ڪرائي رهيا هوندا آهن، اُنهي وقت پُورڻ پرماتما خود پرگهٽ ٿي تتوَ گيان ذريعي شاسترن ۾ لکيل طريقيڪار مطابق گيان عطا ڪندا آهن.

پويتر رُڳــويــد جي منترن ۾ بہ شناخت ٻُڌائي آهي تہ جڏهن اُهي پُورڻ پرماتما ڪُجهہ وقت سنسار ۾ ليلا ڪرڻ ايندا آهن تہ ننيڙي ٻالڪ جو رُوپ ٺاهيندا آهن، انهي پُورڻ پرماتما جِي پرورش ڪَنوارِي ڳئون (ادهنيہ دهينوَ) ذريعي ٿيندي آهي، پوءِ ليلا سان وڏا ٿيندا آهن تہ پنهنجي ئي ملڻ ۽ ست لوڪ وڃڻ جو سچو تتوَگيان ڪوير واڻِي ذريعي ڪويتائن (غزلن، ڀڄنن) ذريعي ٻُڌائيندا آهن. جنهن جي ڪري شاعر جي رُوپ ۾ مشهور ٿيندا آهن. پر اُهي خود ڪبير ديوَ پُورڻ پرماتما ئي هوندا آهن. اُهي ٽئين مُڪتي ڌام ست لوڪ ۾ رهندا آهن

اِهڙو ثبوت رڳويد منڊل 09 سُڪت 01 منتر 09 ۽ سُڪت 96 منتر 17 ، 18

رڳويد منڊل 09 سُڪت 01 منتر 09

**اڀِي اِمم اڌنيا اُت شريڻنتي ڌينوا شِشُوم . سومِمِندرائيہ پاتوي9**

**اڀِي- اِمم -اڌنيا - اُت – شريڻنتِي – ڌينوا – شِشُوم - سومِم –اندرائيہ – پاتوي .**

**لفظِي معنيٰ :- (اُت) خاص ڪري (اِمم) انهي (شِشوم) ٻالڪ رُوپ ۾ آيل (سومم) پُورڻ پرماتما امرپُرش جي (اِندرائيہ) نعمتن ذريعي مطلب کائڻ پيئڻ ذريعي جيڪو جسم واڌويجهہ ڪندو آهي اُنهي (پاتوي) واڌويجهہ جي لاءِ (اڀِي) پُوري طرح (اڌنيا ڌينوَ) جيڪا نر ڏڳي ذريعي ڪڏهن بہ ڀوڳ نہ ڪئي ويئي هُجي مطلب ڪَنواري ڳئون ذريعي (شريڻتي) پرورش ڪئي ويندي آهي.**

**سمجهاڻي:-** پُورڻ پرماتما امر پُرش جڏهن ليلا ڪندي ٻالڪ رُوپ ڌارڻ ڪري خود پرگهٽ (ظاهر) ٿيندا آهن، اُن وقت ڪَنواري ڳئون( ننيڙي گابڙي) ازخود پنهنجو پاڻ کير ڏيندي آهي، جنهن سان انهي پرميشور جِي پرورش ٿيندي آهي.

رڳويد منڊل 09 سُڪت 96 منتر 17

**شِشوم جگيانم هريہ تم مُرجنتِي شُڀانتي وهِين مرُوت گڻين ،**

**ڪويرگِريِي ڪاويئنا ڪوِي سنتسوم پويترمتيوتِي رِيڀُن17**

**لفظِي معنيٰ :-** پُورڻ پرماتما (هريہ تم) انوکي ٻالڪ جِي رُوپ ۾ (جگيانم) ڄاڻي ڪري پرگهٽ ٿين ٿا ۽ پنهنجي تتوگيان کي (تم) اُن وقت (مُرجانتي) پاڪيزگي سان ٻُڌائن ٿا. (وهِين) پريُو پراپتي جِي لڳل برهہ اگني وارن (مرُتاه) ڀگت (گڻين) جي لاءِ (ڪاويئنا) ڪويتائن/نظمن/لوڪ گيتن جي ذريعي (پويترمتيوتِي) روحانيت واڻي

نِرملتا سان (ڪوِيرگرِيِي) ڪوِير واڻِي جِي صورت ۾ (رپيُن) اُونچي آواز سان مخاطب ٿي چون ٿا، (ڪوير سنت سوم) اُهي امر پُرش ئي سنت مطلب رِشِي رُوپ ۾ خود ڪوير ديوَ جِي ئي هوندا آهن. پر انهي پرماتما ڪي نہ سڃاڻي ڪوي (شاعر) چوڻ لڳي ويندا آهن، پر اُهو پُورڻ پرماتما ئي هوندو آهي، جنهن جو اصلِي نالو ڪوير ديوَ آهي.

**سمجهاڻي:-** ويد چوڻ وارو برهم چئي رهيو آهي تہ غير معمولي منُش جي ٻالڪ جي رُوپ ۾ پرگهٽ ٿي پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ پنهنجي اصلِي سچي گيان ڪي پنهنجي ڪوير گرِيِي مطلب ڪبير واڻي ذريعي نِرمل گيان پنهنجن هنس آتمائن مطلب نيڪ اِنسانن ڪي شاعر بڻجي ڪويتائن ۽ غزلن جي ذريعي تقرير ڪري ٻُڌائيندا آهن، اُهي خود ست پُرش ڪبيرئي هوندا آهن.

رگــو منڊل 09 سُڪت 96 منتر 18:

**رشيمنا يہ رِشيڪرتسورشاہ سهستريٽيڻ پدوِي ڪوينام،**
**تِرتيم ڌام مهيشاہ سِشاسنتسومو وِراجمنو راجتِي شٽُپ18**

**لفظِي معنيٰ :-** ويد چوڻ وارو برهم چئي رهيو آهي تہ (يہ) جيڪو پُورڻ پرماتما غير معمولي ٻار جي رُوپ ۾ اچي (ڪوي نالي) مشهُور ڪوين جو درجو حاصل ڪري مطلب هڪ سنت يا رِشِي جو ڪردار ادا ڪري ٿو اُنهي (رِشي ڪرتَ) سنت رُوپ ۾ پرگهٽ ٿيل پريُو طرفان رچيل (سهستريٽيڻ) هزارين واڻين (رِشي مِنا) سنت سياوَ وارن نيڪ انسانن مطلب پيُڳتن جي لاءِ (سِروشا) سرڳ برابر پُرسڪون هوندي آهي. (سوم) اهو امرپُرش مطلب ست پُرش (ترتيا) ٽئين ڌام مطلب ست لوڪ جي انتهائي مضبوط ڌرتِي ڪي قائم ڪرڻ ڪانپوءِ اِنسان وانگر سنت رُوپ ۾ ٿيندو (سٽُپ) گُنبذ ۾ اُونچي قلعي رُوپي تخت تي (وراجمن راجيتي) روشن سٿُول آڪار ۾ مطلب انسان جهڙو نُوري جسم ۾ براجمان آهن.

**سمجهاڻي:-** منتر نمبر 17 ۾ چيو آهي تہ ڪوير ديوَ شِشُو (ٻار) رُوپ ڌارڻ ڪري وڻن ٿا ۽ ليلا ڪندي وڏا ٿين ٿا. ڪويتائن/پچنن ذريعي تتوَگيان ٻُڌائڻ جي ڪري ڪوي/شاعر جو درجو حاصل ڪن ٿا، مطلب ماڻهو هُن ڪي رِشِي سنت يا ڪوي چوڻ لڳي ويندا آهن. پر اصل ۾ اُهو پُورڻ پرماتما ئي هوندو آهي ۽ اُهو پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ ئي آهي، هُن جي طرفان رچيل امرت واڻي ڪبير واڻي چئي وڃي ٿي. جيڪا پيُڳتن جي لاءِ سرڳ جهڙي سُڪدائي هوندي آهي. اُهي پرماتما ٽئين مُڪتِي ڌام مطلب ست لوڪ جي تعميرڪري هڪ گُنبذ ۾ سِنگهاسڻ تي نُوري اِنسان جهڙي شرير ۾ آڪار م براجمان آهي.

هِن منتر ۾ ٽِيــون ڏام ست لوڪ کي چيو آهي. جيئن هڪ بِرهم جو لوڪ جيڪو 21 بِرهمانڊن جو علائقو آهي، ٻيو پربِرهم جو لوڪ جيڪو ست سنک بِرهمانڊن جو علائقو آهي ۽ ٽِيون پرم اڪشر بِرهم مطلب پُورڻ بِرهم جو رُت ڏام(ست لوڪ) آهي.

****

## “تريتا يُگ ۾ ڪوير ديوَ (ڪبير صاحب) جو مُنيندر نالي سان اچڻ”

### (نـل ۽ نِـيـل کـي شـرڻ ۾ وٺــڻ)

تريتا يُـگ ۾ سوئم ڀوُ (خود پرگهٽ ٿيڻ وارا) ڪوير ديوَ/ڪبير پرميشور پنهنجو ست لوڪ وارو شرير تبديل ڪري مُنيندر رِشِي جي نالي سان آيا هئا. انل يعني نل ۽ انِيل يعني نيل. ٻئي پاڻ ۾ ماسِي جا پُٽ هئا، اُنهن جا مات پتا اِنتقال ڪري چُڪا هئا. نل ۽ نِيل ٻئي جِسمانِي ۽ ذهنِي بيماري سان پريشان هئا. سيني رِشين ۽ سنتن وٽ پنهنجو روڳ ٺيڪ ڪرائڻ جي لاءِ عرض ڪري چُڪا هئا سيني رِشين ۽ سنتن جو چوڻ هوتہ هِي توهان جو پوئين جنمن ۾ ڪيل پاپ ڪرمن جو ڏنڊ آهي اِهو توهان کي ڀوڳڻو ئي پوندو. اِنهي جو ڪوبہ علاج نہ آهي. ٻئِي ماسات ۽ دوست زندگي مان بيزار ٿي موت جو انتظار ڪري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن ٻنهي کي مُنيندر نالي سان آيل پُورڻ پرماتما جو ستسنگ ٻُڌڻ جو موقعو مليو. ستسنگ ٻُڌڻ ڪانپوءِ جيئن ئي ٻنهي پرميشور ڪبير صاحب عُرف مُنيندر رِشي جا چرڻ ڇُوهيا (پيرين پيا) ۽ پرميشور مُنيندرجي هِنن جي سِر تي هٿ رکيو تہ ٻنهي جو لاعلاج روڳ ٺيڪ ٿي ويو. مطلب ٻئي نل ۽ نِيل صحتمند ٿي ويا . هُن حيرت انگيز چمتڪار کي ڏسي پريُو جي چرڻن ۾ ڪِري ڪلاڪن تائين روئندا رهيا ۽ چوندا رهيا تہ اڄ اسان کي پريُو ملي ويا. جنهن جي تلاش هئي. پريُو کان متاثر ٿي ٻنهي نام دِڪشا ورتي ۽ مُنيندر صاحِب جي سان گڏ ئي خدمت ۾ رهڻ لڳا. اڳي سنتن جو ستسنگ پاڻي جي سهولت ڏِسي ندي وغيره جي ڪناري تي ٿيندو هو. نل ۽ نِيل ٻئي پريُو سان بيحد پريم ڪرڻ واريون ڀولِي (معصوم) آتمائون هيون. پرماتما ۾ شرڌا ۽ وِشواس تمام گهڻو هو، خدمت تمام گهڻي ڪندا هئا، ستسنگ ۾ روگي، بيمارِ بزرِگ ۽ معذور روگي ڀڳت جن ايندا هئا تہ هي اُنهن جي خدمت ڪندا هئا، اُنهن جا ڪپڙا بہ ڌوئيندا هئا ۽ برتن بہ صاف ڪندا هئا، پر اُهي تمام گهڻي ڀولي دماغ جا

هئا، ڪپڙا ڌوئڻ لڳندا هئا ته ستسنگ ۾ جيڪا پربُو جي ڪٿا ٻُڌي هوندي هئي اُن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي ويندا هئا ۽ ٻئي پربُو چرچا ۾ ايترا ته مست ٿي ويندا هئا جو جيڪي شيون ڌوئڻ جي لاءِ آڻيندا هئا اُهي درياهه ۾ ٻڏي ترڻ وينديون هُيون ۽ اِنهن کي خبر ئي نه پوندي هُئي، ڪنهن جون چار شيون وڃي ويندا هئا ته اُنهي کي ٻه شيون واپس آڻي ڏيندا هئا. ڀڳت جن چوندا هئا ته ڀاءُ توهان سيوا ته تمام گهڻي ڪريو ٿا، پر اسان جو ته توهان ڪم ئي خراب ڪري ڇڏيو. اِهي وڃايل شيون اسان ڪٿان آڻينداسين؟ توهان اسان جي خدمت نه ڪندا ڪريو. اسان پنهنجي سيوا پاڻ ئي ڪري وٺنداسين. پوءِ نل ۽ نيل روئڻ لڳي ويندا هئا ته اسان جي سيوا اسان کان نه کسيو، آئينده غلطي نه ڪنداسين. پر وري اهوئي ڪم ڪندا هئا. وري پربُو جي چرچا ۾ لڳي ويندا هئا ۽ شيون درياهه ۾ ٻُڏي يا ترڻ وينديون هيون، ڀڳتن رشي مُنيندر جي کي پرارٿنا ڪئي ته مهرباني ڪري نل ۽ نيل کي سمجهايو، هي نه ته اسان جي ڳالهه مڃين ٿا ۽ جيڪڏهن منع ڪريون ٿا ته روئڻ لڳندا آهن. اسان جون ته اڌ شيون به واپس نٿا آڻين، هي ندي ڪناري ستسنگ ۾ ٻُڌل ڀڳوان جي چرچا ۾ مست ٿي وڃن ٿا ۽ شيون ٻُڏي يا ترڻ وڃن ٿيون . مُنيندر صاحب هڪ ٻه دفعا ته اِنهن کي سمجهايو ته هي روئڻ لڳي ويندا هئا ته اسان جي هي سيوا نه کسي وڃي، پوءِ ستگرو مُنيندر صاحب جي چيو ته پُٽ نل ۽ نيل خوب سيوا ڪريو، اڄ کانپوءِ توهان جي هٿ جي ڪا به شيءِ چاهي پٿر هُجي يا لوهه ڇو نه هُجي ، پاڻي ۾ نه ٻُڏندو ۽ نه ئي ترڻ ويندو. مُنيندر صاحب جي اِنهن ٻنهي کي اهڙي آشيرواد ڏيئي ڇڏي.

توهان رامائڻ ۾ ضرور پڙهيو هوندو ته هِڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سيتا جي کي راوڻ کڻي ويو. ڀڳوان رام کي به خبر ئي نه پيئي ته سيتا جي کي ڪير کڻي ويو؟ شري رامچندر جي هيڏانهن هوڏانهن ڳولا ڪندا رهيا. هنومان جي کوج ڪري ٻُڌايو ته سيتا ماتا لنڪاپتي راجا راوڻ (راڪشس) جي قيد ۾ آهي. خبر پوڻ کانپوءِ ڀڳوان رام راوڻ وٽ شانتي دُوت (پيغام ڏيڻ واري کي) موڪليو ۽ عرض ڪيائين ته سيتا واپس ڪري ڇڏ، پر راوڻ نه مڃيو، جنگ جي تياري شروع ٿي ويئي. تڏهن اِهو مسئلو درپيش آيو هو ته سمُنڊ مان فوج ڪيئن پار ڪجي؟

ڀڳوان شري رامچندر جي ٽن ڏينهن تائين گوڏن تائين پاڻي ۾ بيهي هٿ ٻڌي سمُنڊ کان پرارٿنا ڪئي ته رستو ڏيو، پر سمُنڊ ۾ ڪو به فرق نه آيو. جڏهن سمُنڊ نه مڃيو تڏهن شري رامچندر جي اُن کي اگني ٻاڻ (باهه جي تير) سان ساڙڻ ٿي چاهيو،

خوفزده ٿي سمُنب هڪ برهمڻ جو رُوپ ڌارڻ ڪري اڳيان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو ته ڀڳوان سيِنِي جِي پنهنجي پنهنجِي مرياده آهي، مونکي ساڙيو نه ، منهنجي اندر ڪيترا ئِي جيوَ جنتُو رهن ٿا. جيڪڏهن توهان مونکي جلائي ٻه ڇڏيندا ته ٻه مونکي پار نه ڪري سگهندا.

سمُنب چيو ته ڀڳوان اهڙو ڪم ڪريو جو نانگ ٻه مري وڃي ۽ لٺ ٻه نه ٽُٽي، منهنجِي مرياده ٻه رهجي اچي ۽ توهان جو رستو ٻه ٺهي وڃي . تڏهن ڀڳوان شِرِي رامچندر جِي سمُنب کان پُڇيو ته اُهو ڪهڙو طريقو آهي. برهمڻ رُوپ ۾ بيٺل سمُنب چيو ته توهان جِي فوج ۾ نل ۽ نِيل نالي جا ٻه سپاهِي آهن، اُنهن وٽ اُنهن جي گُروديوَ کان حاصل ٿيل هڪ شڪتِي (طاقت) آهي ته اُنهن جي هٿن سان رکيل پٿر ٻه پاڻي تي بيهي ويندا آهن. هر شيءِ چاهي اُها لوهه جي ٻه چو نه هُجي تـرڻ لڳندي آهي. شِرِي رامچندر جِي نل ۽ نيل کي سڏ ڪرايو ۽ اُنهن کان پُڇيو ته ڇا توهان وٽ اهڙي ڪا شڪتي آهي؟ نل ۽ نِيل چيو ته جِي ها اسان جي هٿ سان پٿر ٻه پاڻِي ۾ ڪونه ٻُڏندا. تڏهن شِرِي رامچندر جي اُنهن جِي آزمائش ورتي.

اُنهن نادانن سوچيو ته اڄ سيني جي اڳيان اسان جي تمام گهڻي تعريف ٿيندي. اُن ڏينهن اُنهن پنهنجي گروديوَ ڀڳوان مُنيندر جِي (ڪبير صاحِب) کي اِهو سوچي ياد نه ڪيو ته جيڪڏهن اسان اُنهن کي ياد ڪنداسين ته متان شِرِي رام اِهو نه سوچِي وٺن ته اِنهن وٽ شڪتِي نه آهي، هي ته ڪنهن ٻئي کان گُهرن پيا. اِنهن پٿر ڪٽِي پاڻي ۾ وِڌو ته پٿر پاڻي ۾ ٻُڏي ويو، نل ۽ نِيل تمام گهڻِي ڪوشِش ڪئي، پر اِنهن کان پٿر نه تريو، تڏهن ڀڳوان شِرِي رام سمُنب ڏانهن نهاريو! ۽چيو ته مج آئون ته ڪُوڙ ڳالهائي رهيو آهيان هنن ۾ ته ڪابه اهڙِي شڪتي نه آهي. سمُنب ياد ڏياريو ته نل ۽ نِيل اڄ توهان پنهنجي گُروديوَ کي ياد نه ڪيو نادانو! پنهنجي گروديوَ کي ياد ڪريو اِهو ٻُڏي ٻئي سمجهي ويا ته اڄ ته اسان وڏي غلطي ڪري ڇڏِي. اِنهن ستگُرو مُنيندر صاحِب جي کي ياد ڪيو ستگُرو منيندر جِي اُتي پُهچي ويا. ڀڳوان شِرِي رامچندر چيو ته اي رشيوَرجِـي! منهنجِي اِها بدقسمتِي آهي جو اڄ توهان جي سيوڪن جي هٿان پٿر نه تري رهيا آهن، مُنيندر صاحِب چيو ته هاڻي هِنن جي هٿن سان پٿر ترندا ٻه ڪونه ، چو ته هِنن کي ايمان ٿي ويو آهي . ستگرو غريب داس جِي جِي واڻي ۾ چيو آهي ته

**جيسي ماتا گرڀ ڪو، راکِي جتن بنائي،**
**ٿيس لڳي تو شِڻ هوئي، تيرِي ايسي ڀگتي جائي.**

انهي ڏينهن ڪانپوءِ نل ۽ نِيل جي اُها شڪتِي ختم ٿي وئي. شِري رامچندر جي پرميشور مُنيندر جِي صاحِب کي چيو اِيَ رشيوَر جي! مون تي تمام وڏِي مصُيبت آيل آهي. ديا ڪريو ڪنهن طريقي سان فوج سمُنڊ پار ٿي وڃي. جڏهن توهان پنهنجن سيوڪن کي شڪتِي ڏيئي سگهو ٿا ته پرپُو ڪجھ رضا اسان تي به ڪريو. مُنيندر صاحِب چيو ته هي جيڪو سامهون وارو جبل آهي اِن جي چوڌاري مون هڪ ريکا (لڪِير) ڏيئي ڇڏي آهي. هِن جي وِچ وِچ وارا پٿر ڪٽي اچو اُهي نه ٻُڏندا. شِري رامچندر جِي آزمائش جي لاءِ پٿر گُهرايو اُن کي پاڻي ۾ رکيو ته اُهو پٿر ترڻ لڳو. نل ۽ نِيل پٿرن جا ڪاريگر به هئا هنُومان جي روزانو ڀڳوان کي ياد ڪندا رهندا هئا. اُنهن پنهنجي روز جِي ڀڳتي ڪِريا به گڏ رکي. پٿرن تي رام رام به لِکندا رهيا ۽ پهاڙن جا پهاڙ ڪٽي وٺي ايندا هئا. نل ۽ نيل اُنهن کي ملائي ڪري پل ۾ لڳائندا هئا. اهڙِي طرح پُل ٺِهِي هئي. ڌرم داس جِي چون ٿا ته:-

**رهي نل نِيل جتن ڪر هار، تب ستگُرو سي ڪِري پُڪار.**
**جا ست ريکا لِکي اپار، سندهُو پر شِلا تراني والِي.**
**ڌن ڌن ستگُرو ست ڪبير، ڀگت ڪي پيڙ مٽاني والِي.**

ڪي چون ٿا ته هنُومان جِي پٿرن تي رام رام لکي ڇڏيو هو اِنهي ڪري پٿر تِري ويا. ڪي چون ٿا ته نل ۽ نِيل پُل ٺاهيو هو. وري ڪي چون ٿا ته شِري رامچندر جي پُل ٺاهيو هو. پر هي قِصو ائين آهي جيئن توهان کي مٿي ٻُڌايل آهي.

(ست ڪبير صاحب جي ساکي صفحو نمبر 179 کان 182 تائين)

پيوَ پهچانَ ڪو انگ. (پرميشور سڃاڻ جو انگ)

ڪبير صاحِب

**تين ديوَ ڪو سپ ڪوئي ڌياوي، چوٿي ديوَ ڪا مَرم ناپاوي.**
**چوٿا ڇوڙ پنچم ڪو ڌياوي، ڪهي ڪبيرسو هم پر آوي(3)**
**اومڪار نِسچئہ ڀئيا، يہ ڪرتا مت جان.**
**سانچا شبد ڪبيرڪا، پردي مانهين پهچان.(5)**
**رام ڪِرشن اوتارهين ، اِن ڪا نهين سنسار.**
**جِن صاحب سنسار ڪِيا سو ڪِنهون نہ جنميا نار.(17)**
**چار ڀُجا ڪي ڀجن ۾، ڀول پڙي سپ سنت.**
**ڪبيرا سُمري تاس ڪو، جا ڪي ڀُجا اننت.(23)**
**سمُندر پاٽ لنڪا گئي، سيتا ڪو ڀرتار.**
**تاهي اگست مُني پي گيو، اِن ۾ ڪون ڪرتار.(26)**

گووردن ڌاريو ڪرشن جي، دُراٽا گري هنومنت،
شيش ناگ سرشٽي اٿائي اِن ۾ ڪون ڀڳونت.(27)
ڪاٽي بنڌن وپتي ۾، ڪٽن ڪيا سنگرام،
چينوري نر پراٽيان، گروڙ ٻڙو ڪ رام.(28)
ڪهي ڪبير چت چيتو، شبد ڪرو نروار،
شري رام ڪو ڪرتا ڪهت هين، ڀُول پڙيو سنسار.(29)
جن رام ڪرشن وَ نرنجن ڪيو، سو ڪرتا نيار،
انڌا گيان نہ بوجهئي، ڪهي ڪبير ويچار.(30)

## “دُواپريُگ ۾ ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) جو ڪروڻامئہ نالي سان اچڻ”

پرميشور ڪبير دُواپريُگ ۾ ڪروڻامئہ نالي سان پرگهٽ ٿيا هئا، انهي وقت هڪ بالميڪي ذات ۾ پيدا ٿيل ڀڳت سُدرشن سُپچ جيڪو ڪروڻامئہ جو شِش ٿيو هو، اُنهي سُدرشن جي پانڊون جو يڳ سڦل ڪيو هو. جيڪو نہ تہ شري ڪرشن جي جي پوجن ڪرڻ (ماني کائڻ) سان سڦل ٿيو ۽ نہ وري 33 ڪروڙ ديوتائن، 88 هزار رشين، 12ڪروڙ برهمڻن، 9 ناٿن ۽ 84 سِڌن وغيره جي پوجن کائڻ سان سڦل ٿيو هو ۽ ڀڳت سُدرشن جي بالميڪ پُورڻ گُروجي کان سچو نام/تي منتر حاصل ڪري گُروديوَ مرياده ۾ رهي ست ساڌنا ڪري رهيا هئا.

## “دُواپرَ يُـگ ۾ اِندر متي ڪـي شــرڻ ۾ وڃـــڻ ”

دُواپريُـگ ۾ چندر وجئہ نالي هڪ راجا هو، اُن جي راڻي اِندرمتي تمام گهڻي ڌرمي خيالن واري عورت هئي، سنت مهاتمائن جو تمام گهڻو احترام ڪندي هئي. هن هڪ گروجي بہ ڪري رکيو هو. هن جي گُروجي ٻُڌايو هوتہ ڏيءِ ساڌُو سنتن جي سيوا ڪرڻ گهرجي، سنتن کي پوجن ڪارائڻ سان تمام گهڻو لاڀ ٿيندو آهي، ايڪادشي جو ورت، منتر جاپ وغيره ساڌنائون جيڪي گُروجي ٻُڌايون هُيون ۽ ڀڳوت ڀڳتي ۾ هو شرڌا سان لڳل هُئي. گُروجي ٻُڌايو هو تہ سنتن کي پوجن ڪارائندين تہ اڳتي بہ راڻي ٿي ويندين ۽ توکي سرڳ جي پراپتي ٿيندي. راڻي سوچيو تہ هرروز هڪ سنت کي پوجن ضرور ڪارائنديس. هن اهڙي پرتگيہ (عهد) من ۾ پڪي ڪري ورتي تہ آءُ کاڌو بعد ۾ ڪائنديس پهرين سنت کي ڪارائينديس. اِنهي سان مونکي يادگيري رهندي، متان مونکي ڀُل نہ ٿي وڃي. راڻي روزانو پهرين هڪ سنت کي کاڌو ڪارائيندي هئي، پوءِ پاڻ کائيندي هئي. سالن تائين اهو سِلسلو جاري رهيو.

هڪ دفعي هرِي دوئار ۾ ڪُنڀ جي ميلي جون تياريون ٿيون. جيترا بہ ترگُڻ مايا جا اُپاسڪ/پُجارِي سنت هئا. سيئي گنگا ۾ اشنان ڪرڻ جي لاءِ هليا ويا. اِنهي ڪري ٽِن ڏينهن تائين راڻِي ڪي پوجن ڪرائڻ لاءِ ڪوبہ سنت نہ مِليو. راڻِي اندرمتِي پرتگيہ (عهد) سبب پاڻ بہ پوجن نہ ڪيو. چوٿين ڏينهن راڻِي اِندر متِي پنهنجي ٻانهِي کي چيو تہ ٻانهِي ڏِسي اچ ڪو سنت ملي وڃي، نہ تہ اج تنهنجِي راڻِي زنده نہ رهندِي، اج مُنهنجا پراڻ نِڪري ويندا، پر مان ڪاڌو نہ کائيندس. هُو دين ديال ڪبير پرميشوَر پنهنجي ڀڳت کي شرڻ ۾ وٺڻ جي لاءِ ڪيترائي ڪارڻ ٺاهي ٿا ڇڏين. ٻانهي متِي ڇت تي چڙهِي ڏِٺو تہ سامهون ڪان سفيد ڪپڙن ۾ هِڪ سنت اچِي رهيو هو. دُواپريُگ ۾ پرميشور ڪبير ڪروڻامي نالي سان آيا هئا. ٻانهِي هيٺ اچِي راڻِي کي چيو تہ هڪ شخص ساڌُو جهڙو نظر اچي ٿو. راڻِي چيو تہ جلدِي سڏ ڪري اچ. ٻانهِي محل ڪان ٻاهر ويئي ۽ عرض ڪيو تہ ايَ مهاتماجِي! توهان کي اسان جِي راڻِي صاحبہ ياد ڪيو آهي. ڪروڻامئيہ صاحب چيو تہ راڻِي مونکي ڇو ياد ڪيو آهي؟ منهنجو راڻِي سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ٻانهِي سمُوري ڳالهہ ٻُڌائي ڪروڻامئيہ (ڪبير صاحب) چيو تہ راڻِي کي ضرورت هُجي تہ هتي هلي اچي، مان اتي بيٺو آهيان. تُون نوڪرياڻِي آهين ۽ هو راڻِي آهي. مان هُتي هلان ۽ هو چوي تہ توکي ڪنهن گُهرايو آهي؟ يا هُن جو راجا بہ چوي تہ توکي هِتي ڪنهن سڏايو آهي، تہ ڏيءَ! سنت جي بيعزتي ٿيڻ تمام گهٽو پاپ دائڪ هوندو آهي. نوڪرياڻِي وري واپس آئي ۽ راڻِي کي سڄِي ڳالهہ ڪري ٻُڌائي. تڏهن راڻِي چيو تہ ٻانهِي! منهنجو هٿ جهل ۽ هل. ويندي ئي راڻِي ڊنبوت پرڻام ڪري عرض ڪيو تہ ايَ پرميشور! چاهيان تہ ٿي تہ توهان کي ڪُلهي تي کڻي ويهاريان. ڪروڻامئيہ صاحب چيو تہ ڏيءَ! مون صرف اِهو ڏسڻ پئي چاهيو تہ تو ۾ ڪا شرڌا بہ آهي يا ائين ئي ٻُڪ مري رهي آهين. راڻِي پنهنجن هٿن سان ڪاڌو تيار ڪيو. ڪروڻامئيہ رُوپ ۾ آيل ڪبير ديوَ چيو تہ مان پوجن نٿو ڪريان، منهنجو جِسم پوجن ڪرڻ وارو جِسم نہ آهي. تہ راڻِي چيو تہ مان بہ پوجن نہ ڪنديس ڪروڻامئيہ صاحِب چيو تہ ٺيڪ آهي ڏِي ڪڻي اچ پوجن ڪريون ٿا. چاڪاڻ تہ سمرٿ اُنهي کي ئي چون ٿا تہ جيڪو چاهي سو ڪري. ڪروڻامئيہ صاحِب پوجن ڪري ڇڏيو، ڪروڻامئيہ رُوپ ۾ پرگهٽ ڪوير اگني (ڪبير پرميشوَر) راڻِي کان پُڇيو تہ تون جيڪا هِي ساڌنا ڪري رهي آهين، اُها ڪنهن ٻُڌائي آهي؟ راڻِي اِندر متِي چيو تہ منهنجي گُروديوَجِي آديش ڏنو آهي. ڪبير صاحب پُڇيو تہ ڪهڙو آديش ڏِنو آهي تنهنجي گُروديوَجِي؟ راڻِي اِندرمتِي چيو تہ برهما، وِشڻو ۽ مهيش جي

پُوجا، ايڪادشِي جو ورت، تيرٿ پرمڻ، ديوِي پُوجا، شراڌ ڏيڻ، مندر ۾ وڃڻ، سنتن جِي سيوا ڪرڻ وغيره وغيره. ڪروڻامئيہ صاحبِ چيو تہ جيڪا ساڌنا توکي تنھنجي گُروديوَ جِي ڏنِي آھي، اُھا توکي جنم ۽ موت، سرڳ ۽ نرڪ جي چڪر ۾ رکندي ۽ 84 لک يوڻين جِي تڪليف کان نِجات نہ ڏياريندِي. راڻِي چيو تہ مھاراج جِي! جيترا بہ سنت ايندا آھن اُھي پنھنجِي پنھنجي مشھوري پاڻ ئي ڪاھڻ ايندا آھن. منھنجي گُروديَو جِي جي باري ۾ ڪُجھ بہ نہ چئجو. مان چاھي مُڪت ٿيان يا نہ ٿيان.

ھاڻي ڪروڻامئيہ (ڪبيرصاحب) سوچڻ لڳا تہ ھِن ڀولِي (معصوم) آتما کي ڪيئن سمجھايان. ھِنن جيڪا پُڇ پڪڙي رکِي آھي اُنکي ڇڏي نٿا سگھن. مري سگھن ٿا. ڪروڻامئيہ صاحِب چيو تہ ديءَ! اِھا تہ تنھنجِي سوچ آھي. مان ڳِلا نہ ڀيو ڪريان مون تنھنجي گُروديوَ کي ڇا گاريون ڏنيون. يا برو ڀلو چيو آھي؟ مان تہ ڀِڳتِي مارڳ ٻُڌائي رھيو آھيان تہ اِھا ڀِڳتِي شاسترن جي خِلاف آھي جو توکي پار ٿيڻ نہ ڏيندي ۽ نہ ئي تنھنجو ايندڙ ڪرم ڏنب (عمال جي سزا) ڪٽجندو ۽ ھا ٻُڌِي وٺ! اڄ کان ٽيئن ڏينھن تون مرِي ويندين نہ تہ توکي تنھنجو گُرو بچائي سگھندو ۽ نہ وري تنھنجيون ھي نقلي ساڌنائون بچائي سگھنديون (جڏھن مرڻ جي واري اچي ٿي تڏھن ھِن جيوَ آتما کي خوف ٿئي ٿو) راڻِي سوچيو تہ سنت ڪُوڙ نہ ڳالھائيندا آھن. متان ائين نہ ٿئي جو مان پھرئين ئي مري وڃان. اِنھي خوف وِچان ڪروڻامئيہ صاحِب کان پڇيو تہ صاحِب جِي ڇا منھنجِي جان بچِي سگھي ٿي؟ ڪبير صاحِب چيو تہ بچِي سگھي ٿِي، جيڪڏھن تون مون کان اُپديش وٺي منھنجي ششيہ (چيلِي) ٿي پويون پُوڄائون ترڪ ڪندين تہ تنھنجِي جان بچِي سگھي ٿِي. راڻِي اِندرمتِي چيو تہ ٻُڌو آھي تہ گُروديوَ نہ بدلڻ گھرجي پاپ لڳِي ٿو. ڪبير صاحِب چيو تہ ! نہ ديءَ اِھو تنھنجو ڀرم آھي، ھِڪ ڊاڪٽر جوعلاج نہ لڳِي تہ ڇا ٻِئي ڊاڪٽر کان علاج نٿا ڪرائي سگھون. ھِڪ پنجين درجي جو اُستاد ھوندو آھي پوءِ وري ھِڪ مٿيئن ڪلاس جو اُستاد ھوندو ديءَ اڳيئن ڪلاس ۾ وڃڻو پوندو، ڇا سڄِي ڄمار پنجين درجي ۾ ئي لڳيل رھندين؟ اُن کي ڇڏڻو پوندو. تون ھاڻي اڳتي علم حاصل ڪر. مان پڙھائڻ آيو آھيان. ائين تہ ڪونہ مجي ھا پر موت نظر اچڻ لڳِي تہ سنت چئي رھيا آھن متان ڪٿي ڳالھ بگڙِي نہ وڃي. اِھڙو ويچار ڪري راڻِي اِندرمتِي چيو تہ جيئن توھان چوندا مان ائين ئي ڪنديس. ڪروڻامئيہ صاحِب اُپديش ڏنو ۽ چيائين تہ ٽيئن ڏينھن منھنجي رُوپ ۾ ڪال ايندو. تون اُن سان نہ ڳالھائجان مون جيڪو نام ڏِنو آھي اُن جو ٻِن منٽن تائين جاپ ڪجان، ٻِن منٽن ڪانپوءِ اُنکي ڏِسڻو آھي. اُن ڪانپوءِ آڌر ڀاءُ ڪرڻو آھي.

ائين تہ گُروديوَ اچي وڃي تہ يڪدم چرڻن ۾ ڪِري پَوڻ گهرجي، اِهو منهنجو صِرف هِن دفعي آديش آهي. راڻِي چيو تہ ٺيڪ آهي جناب.

هاڻي راڻِي کي تہ تمام گهڻِي چِنتا لڳل هئي، شردا سان جاپ ڪري رهي هئي. ڪروڙامئيہ (ڪبير صاحِب )جو رُوپ ٺاهي گُروديوَ رُوپ ۾ ڪال آيو ۽ سڌ ڪيو تہ اِندرمتِي! هِن کي اڳي ئي خوف هو، نام جو جاپ شروع ڪري ڇڏيو. ڪال ڏانهن نهاريو بہ ڪون . ٻن مِنٽن ڪانپوءِ جڏهن ڏٺو تہ ڪال جو رُوپ بدلجي ويو، ڪال جو جيئن جو تيئن چهرو نظر اچڻ لڳو، ڪروڙامئيہ صاحِب جو رُوپ ڪونہ هو. جڏهن ڪال پاڻ ڏانهن ڏِٺو تہ منهنجو تہ روپ ئي بدلجي ويو آهي. ڪال سمجهي ويو تہ هِن وٽ ڪو شڪتي شالِي (طاقتور) منتر آهي. تنهنڪري ايترو چئي روانو ٿي ويو تہ توکي ٻيهر ڏسندس. هينئر تون بچي وئين. راڻي تمام گهڻِي خوش ٿي ڪپڙن ۾ نہ پئي سمائجي. ڪڏهن پنهنجين ٻانهين کي پئِي چوي تہ اڄ منهنجو موت هو، پر گُروديوَ جي مونکي بچائي ورتو. راجا وٽ پُهتِي ۽ چيائين تہ اڄ منهنجو موت ٿيڻو هو پر منهنجي گُروديوَ حفاظت ڪئي. مونکي وٺڻ جي لاءِ ڪال آيو هو. راجا چيو تہ تو اِئين ئي ڊِراما ڪندي رهندي آهين، ڪال اچي ها تہ ڇا توکي ڇڏي وڃي ها؟ اِهي سنت اِئين ئي ڀڙڪائي ڇڏيندا آهن. راجا جِي ڳالهہ کي راڻِي ڪيئن مڃي. خوشي خوشي ۾ راڻِي پنهنجي بستري تي وڃي ليٽي پيئِي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ نانگ ٺڄي ڪال ورِي آيو ۽ راڻِي کي ڏنگي وڌائين. جيئن نانگ ڏَنگ هنيو!! نوڪر ڊوڙيا. ڏسندي ئِي ڏسندي هڪ نالِي (پاڻي نِڪرڻ جو ننڍو سوراخ) مان نانگ نِڪري ويو ۽ راڻِي پنهنجي گروديوَ کي پُڪاريندي بيهوش ٿي وئي. ڪروڙامئيہ صاحِب اُتي پرگهٽ ٿيا. ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ منتر پڙهيا (اُهي پرماتما تہ بغير منترن جي بہ زنده ڪري سگهن ٿا، جنتر منتر جِي ضرورت نہ هوندي آهي) ۽ اِندرمتِي کي هوش ۾ آندو. راڻِي گهڻو ئي شُڪر ادا ڪيو ۽ چيائين تہ اي بَندِي ڇوڙ ! جيڪڏهن اڄ توهان جي شرڻ ۾ نہ هُجان ها تہ اڄ آءُ مرِي وڃان ها. ڪبير پرميشور چيو تہ اي اِندرمتِي ! آءُ هِن ڪال کي تنهنجي گهر ۾گُهسڻ بہ ڪونہ ڏيان ها، هي تو مٿان حملو بہ ڪونہ ڪري سگهي ها پر توکي يقين ڪو نہ ٿئي ها. تون اِهو سوچين ها تہ مون تي ڪابہ مُصيبت نہ اچِي هئي، گُروجِي ورغلائي مونکي نام ڏيئي ڇڏيو.اِنهي ڪري تو کي ٿورو جهٽڪو ڏيکاريو آهي نہ تہ تو کي ڏيءَ يقين نہ اچي ها.

**ڌرم داس يهان گهٽا انڌيرا، بن پرچيہ جيو جم ڪا چيرا.**

ڪبير صاحِب (ڪروڙامئہ ) چيو آهي تہ هاڻي جڏهن آئون چاهيندس ، تڏهن تنهنجي موت ٿيندي . غريب داس جي چون ٿا تہ ؛

**غريب، ڪال دري ڪرتار سي، جئہ جئہ جگديش،**
**جورا جوڙي جهاڙتي، پگ رج داري شِيش.**

اهو ڪال ڪبير ڀڳوان کان ڊڄي ٿو ۽ هِي موت/ڪال ڪبير صاحِب جي جُتي صاف ڪري ٿو، مطلب نوڪر وانگر آهي. پوءِ اُنهي ڏوڙ کي پنهنجي مٿي تي لڳائي چئي ٿو تہ توهان جي ڀڳت وٽ مان نہ ويندس .

**غريب داس : ڪال جو پيسي پيسنا، جورا هي پَنيهار،**
**يہ دو اصل مَزدُور هين، ميري صاحِب ڪي دربار.**

اهو ڪال جيڪو 21 برهماندن جو ڀڳوان (برهم/ڪال) آهي ۽ جيڪو برهما- وشنو ۽ شِو جو پيءُ آهي، اِهو تہ منهنجي ڪبير صاحِب جو اَٽو پيهي ٿو، مطلب پڪو نوڪر آهي ۽ جورا ( موت/ڪال) ڪبير صاحِب (پرميشوَر) وٽ پاڻي پريندو آهي. خاص نوڪر آهي. اِهي بہ اصل مزدُور منهنجي پرميشوَر ڪبير صاحب جي دربار ۾ آهن. ڪُجھ ڏينهن بعد صاحِب وري آيا، راڻي اندرمتي کي ”ست نام“ ڏنو.

پوءِ ڪُجھ وقت بعد ڪروڻامئيہ صاحب راڻي اِندرمتي جي تمام گهٽي شرڌا ڏسي ”سار نام“ ڏنو. شبد جي پراپتي ڪرائي ڪبير پرميشور (ڪروڻامئيہ صاحِب) وقت بہ وقت راڻي کي درشن ڏيڻ جي لاءِ ويندا رهندا هئا. تہ اِندرمتي عرض ڪندي هُئي تہ منهنجي پتي راجا کي سمجهايو مالڪ، هِي بہ مڃي وڃي ۽ توهان جي چرڻن ۾ اچي وڃي تہ منهنجو جيوَن بہ سڦل ٿي وڃي. چندر وجئہ کان ڪروڻامئيہ (ڪبير صاحِب) عرض ڪئي تہ چندر وجئہ! توهان بہ نام پراپت ڪري وٺو. هي راج تہ ٻِن ڏينهن جو ناٽ آهي، پوءِ پراڻي/انسان 84 لک يوڻين ۾ هليو ويندو. چندر وجئہ چيو تہ مان تہ نام ڪونہ وٺندس!! باقِي توهان جي ششيہ کي منع نہ ڪندس، چاهي سڄي خزاني کي ئي دان ڪري ڇڏي، چاهي ڪنهن بہ قِسم جو ستسنگ ڪرائي، آئون منع ڪونہ ڪندس. ڪبير صاحِب (ڪروڻامئيہ) پُڇيو تہ توهان نام ڇو نہ وٺندا؟ چندر وجئہ بادشاھ چيو تہ مونکي تہ وڏن وڏن بادشاهن جي پارٽين ۾ وڃڻو پوندو آهي. ڪروڻامئيہ صاحب چيو تہ پارٽين ۾ وڃڻ سان نام جي ڪهڙي رُڪاوٽ ٿيندي؟ مجلس ۾ وڃو اُتي بادام ڪايو، کير پيئي وٺو، شربت پيئي وٺو پر شراب نہ پيئجو. شراب پيئڻ مهاپاپ آهي مگر راجا نہ مڃيو.

راڻي جي عرض تي ڪروڻامئيہ (ڪبير صاحِب) راجا کي وري سمجهايو تہ نام کان سواءِ هِي جيوَن اِئين ئي ختم ٿي ويندو، توهان نام پراپت ڪري وٺو. راجا

وري چيو تہ گُروجي! مونکي نام جي لاءِ نہ چئجو، توهان جي شِشيہ کي آئون منع نہ ڪندس چاهي ڪيترو بہ دان ڪري يا ستسنگ ڪرائي. ڪروڙامئيہ صاحب اِندرمتي کي چيو تہ ڏيءَ! اِنهن ٻن ڏينهن جي سُک کي ڏِسي راجا جِي عقل ناس ٿي چُڪو آهي. تون پريُو جي چرڻن ۾ لڳي رهہ ۽ پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪراءَ. هِتي ڪوبہ ڪنهن جو نہ پتي آهي ۽ نہ ڪو ئي ڪنهن جي پتني آهي. پهرئين جنم جي سنسڪار جي ڪري ٻن ڏينهن جو تعلق آهي، تون پنهنجو ڪرم ٺاهہ. اِندرمتِي 80 سالن جِي پوڙهِي ٿي چُڪي هُئي، ڪتي 40 سالن جي عمر ۾ مري ويٺو هو. جڏهن شرير بہ ڏکڻ لڳو، تڏهن ڪروڙامئيہ چيو تہ اِندرمتِي هاڻي ٻُڌاءَ ڇا ٿي چاهين؟ ست لوڪ هلڻ چاهين ٿي؟تڏهن اِندرمتِي چيو تہ پرميشور آئون بلڪُل تيار آهيان داتا.ڪروڙامئيہ صاحِب چيو تہ تنهنجي ڪنهن پوٽي يا پوٽِي ۾ ممتا تہ نہ آهي؟ راڻِي چيو تہ بِلڪُل نہ آهي پرميشور. توهان گيان ئي اِهڙو نِرمل ڏيئي رکيو آهي. هِن گندي لوڪ جِي ڪهڙِي خواهش ڪريان؟ ڪبير صاحِب چيو تہ هل ڏيءَ.تڏهن راڻِي پراڻ تياڳ ڪيو.
پرميشوَر ڪبير بندِي ڇوڙ راڻِي اِندرمتِي جِي آتما کي مٿي وٺِي ويا. اُنهي برهمانڊ ۾ هڪ مانسروَر آهي. اُن مانسروَر تي وڃي اُن آتما کي سِنان ڪرائٽو هوندو آهي. اُن پراڻِي/جاندار کي ڪبير پرميشوَر پُورڻ گُرو جِي جي رُوپ ۾ پرگهٽ ٿِي ڪُجهہ وقت لاءِ مانسروَر ۾ رکندا آهن. پرميشوَر ڪبير بندِي ڇوڙ اِندرمتِي کان وري پُڇيو تہ هِن سنسار ۾ تنهنجِي ڪا بہ اِڇا هوندِي تہ وري جنم وٺڻو پوندو. جيڪڏهن من ۾ خواهش رهجِي ويئِي تہ ست لوڪ ڪونہ وڃِي سگهندين. اِندرمتِي چيو تہ پرميشوَر! توهان تہ اَنترياميِ آهيو ڪابہ اِڇا نہ آهي، فقط توهان جي چرڻن جِي اِڇا آهي پر من ۾ هِڪ وهم موجود آهي تہ منهنجو جيڪو پتِي هو اُن مونکي ڪنهن بہ ڌارمِڪ ڪرم جي لاءِ ڪڏهن بہ منع نہ ڪئي ، نہ تہ اڄڪلهہ جا پتِي پنهنجين پتنين کي روڪِي رکندا آهن. جيڪڏهن هُو مونکي منع ڪري ڇڏي ها تہ آئون توهان جي چرڻن ۾ ڪونہ لڳي سگهان ها ۽ نہ ئِي منهنجو ڪلياڻ ٿئي ها. بادشاهہ جو اِنهي شُڀ ڪم ۾ سات ڏيڻ جو ڪو لاڀ ٿيندو هجي تہ هُن تي بہ دَيا ڪريو داتا. پرميشوَر ڪبير صاحِب ڏِنو تہ هِي نادان پنهنجي پتِي جي پُنيان وري اٽڪي وئي. پرميشوَر چيو تہ ٺِيڪ آهي ڌِي پوءِ بہ چار سال هتِي رهہ .

ٻِن سالن کانپوءِ راجا بہ مرڻ لڳو ڇوتہ نام نہ ورتو هو. يم جا دُوت/ملائڪ آيا، راجا چوڪ تي چڪرڪائي ڪِري پيو. يم جي دُوتن اُن جِي ڳچِي کي دٻايو. راجا

جو ڪاڪُوس ۾ پيشاب ٻئي نڪري ويا. ڪروڙامئيہ صاحِب راڻِي کي چيو تہ ڏِس تنهنجي راجا جِي ڪهڙي حالت ٿِي رهِي آهي؟ اُتان مانسروَر تان ڪبير پرميشوَر ڏيکاريو تہ اُهو سڄو منظر ڏسِي اِندرمتِي راڻِي چيو تہ ڏِسو داتا ! جيڪڏهن هِن جو ڀڳتِي ۾ ساٿ ڏيڻ جو ڪو بہ ڦل ٻڌجندو هُجي تہ دَيا ڪري وٺو. راڻِي ۾ پوءِ بہ ٿورِي ڪُجهہ ممتا موجود هُئِي. ڪبير صاحِب سوچيو تہ هي ورِي ڪال جال ۾ ڦاسندِي. اِهو سوچي مانسروَر تان اُتي ويا، جتي راجا چندر وجئہ پنهنجي محل ۾ بيهوش پيل هو. يَم/ڪال جا دُوت اُن جو ساهہ ڪڍي رهيا هئا. ڪبير صاحِب جي ايندي ئي يَم جا دُوت اِئين ئِي آڪاش ۾ اُڏامي ويا جيئن مُردي تان ڳجھون اُڏامِي وينديون آهن. راجا چندر وجئہ هوش ۾ اچي ويو، سامهون ڪروڙامئيہ صاحِب بيٺا هئا. چندر وجئہ کي نظر اچي رهيا هئا. ٻئي ڪنهن کي بہ نظر نہ پئي آيا. چندر وجئہ چرڻن ۾ ڪرِي اِلتجا ڪرڻ لڳو تہ مونکي معاف ڪريو داتا! منهنجِي جان بچايو. چوتہ هاڻي راجا ڏٺو تہ سندس جان وڃڻ وارِي آهي (جڏهن هِن جِيوَ جي اک کُلي ٿي تہ هي تہ ڳالهہ خراب ٿي ويئي ) مونکي معاف ڪريو داتا ! منهنجي جان بچايو مالڪ. ڪبير صاحب فرمايو تہ راجا! اڄ بہ اُهائِي ڳالهہ آهي، اُن ڏينهن بہ اِهائي ڳالهہ هُئِي تہ "نام" وٺڻو پوندو. راجا چيو تہ آئون هينئر ئِي نام وٺان ٿو. ڪبير صاحِب نام اُپديش ڏِنو ۽ چيائين تہ هاڻي مان توکي ٻن سالن جِي عمر ڏيان ٿو، اُن ۾ جيڪڏهن هڪ سوانس/ساهہ بہ خالِي ويو تہ پوءِ ڪرم ڏنڊ رهجِي ويندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ :

**جِيوَن تو ٿوڙا هِي ڀلا ،جي ست سُمرڻ هو، لاک ورش ڪا جِيوَنا، ليکي ڌري نہ ڪو.**

چڱي ڪم ۾ ساٿ ڏِنل پويُون ڪرم ۽ گڏو گڏ شرڌا سان ٻن سالن جي نام جاپ سان ۽ ٿيئِي نام ڏيئِي ڪبير صاحِب چندر وجئہ کي بہ پار ڪري وٺِي ويا. ٻولو پرميشور ڪبيرجِي ڪي جئہ - بندِي ڇوڙجِي ڪي جئہ.

پرميشوَر ڪبيرجِي پنهنجي سچي ڀڳت جِي عمر وڌائي ڇڏيندا آهن ۽ اُن جي خاندان جِي بہ حفاظت ڪندا آهن. (مٿيئن ثبوتن مان واضح ٿيو اِهي ثبوت اڳي جا آهن) هلندڙ وقت ۾ عام انسان پروسو نٿو ڪري. هلندڙ وقت ۾ پوجئہ ڪبير پرميشور جِي شڪتي سان ستگرُو رامپال داس جي ذريعي تڪليفن جي خاتمي ۽ عمر وڌائڻ جا انيڪ ثبوت هِن ئي ڪتاب (گيان گنگا) ۾ "ڀڪتيلن کي مارڳ لگائڻ" نالي عُنوان ۾.

# ”ڪبير صاحب جو ڪليگ ۾ اچڻ“

وڪرمي سنبت1455(سن1398ع). جيشٺ/جيٺ مهيني جي پُورڻماسي جو صُبح صُبح برهم مهورت (صبح 4 بجي) ۾ پُورڻ پرميشور ڪبير ديوَ جِي خود پنهنجي مُول آستان ست لوڪ کان آيا ۽ ڪاشِي ۾ لهرتارا نالي تلاءُ جي اَندر ڪَمل جي گُل تي هڪ ٻالڪ جو رُوپ ڌارڻ ڪري ظاهر ٿيا. پهرين مان توهان کي نِيرو نِيما جي باري ۾ ٻُڌائڻ چاهيان ٿو تہ اُهي ڪير هئا. ٻُوا پريڳ ۾ نِيرو نِيما سُپچ سُدرشن جا ماتا پِتا هئا. اُنهن ڪبير صاحب جِي ڳالهہ کي اُن وقت مڃڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو هو. آخر ۾ سُدرشن ڪروڙامئہ رُوپ ۾ آيل پرميشور ڪبير جِي کان عرض ڪئي هُئي تہ پربُو! توهان مونکي اُپديش ڏيئي ڇڏيو تہ سڀ ڪجهہ ڏيئي ڇڏيو. توهان کان اڄ تائين ڪُجهہ بہ گُهرڻ جي ڪائِي ضرورت ڪونہ پئِي ڇاڪاڻ تہ توهان سڀ منوڪامنائون (دلي مُرادُون) پُوريون ڪري ڇڏيون هيون ۽ جيڪو اصل ڀڳتِي ڌن آهي اُن سان بہ مالامال ڪري ڇڏيو. گُذارش آهي هِن داس جِي، جيڪڏهن ٺيڪ سمجهو تہ مڃِي وٺجو. منهنجا ماتا پِتا جيڪڏهن ڪنهن جنم ۾ ڪڏهن اِنساني شرير پراپت ڪن تہ اُنهن کي سنياڱجو مالڪ. اِهي تمام نيڪ آتمائون آهن پر اڄ هِنن جِي عقل ڪم نہ پئِي ڪري. اِهي پرماتما جي ڳالهين کي نہ پيا مڃين. ڪبير صاحب فرمايو تہ پريشان نہ ٿِي ، هاڻي تون پنهنجي ماتا پِتا جي چڪر ۾ هِتي اُلجهي ويندين. اچڻ ڏي اُهو وقت، اِنهن کي بہ سنيالي وٺندُس انهن کي بہ ڪال جي ڄار مان پار ڪندس. تون پُرسڪُون ٿي ست لوڪ وڃ. سُدرشن جِي ست لوڪ هليا ويا. سُدرشن جي ماتا پِتا جو ڪليُگ ۾ نِيرو ۽ نيما جي جنم کان پهرين بہ برهمڻ جي گهر ۾ انهن جا ٻہ جنم ٿيا. اُن وقت بہ بي اولاد ئي رهيا. ورِي ٽيون منُش جنم ڪاشِي ۾ ٿيو. اُن وقت بہ اُهي برهمڻ ۽ بِراهمڻِي گورِي شنڪر ۽ سرسوَتِي نالي سان هئا ۽ اولاد ورِي بہ ڪونہ هو.

نِيرو ۽ نيما ٻئِي گورِي شنڪر ۽ سرسوَتِي نالي سان برهمڻ ذات جا هئا. اُهي ڀڳوان شِوَ جا پوڄاري هئا. ڀڳوان شِوَ جي مِهما شِوَ پُراڻ مان بغيرڪنهن لالچ جي ڀڳتن کي ٻُڌائيندا هئا. ڪڏهن ڪنهن کان بہ پئسا نہ وٺندا هئا. ايترو تہ نيڪ آتمائون هيُون جو جيڪڏهن ڪير پنهنجو پاڻ دِڪشہ رُوپ (خيرات جِي صورت) ۾ڪجهہ پئسا ڏيئِي ڇڏيندا هئا تہ اُنهن مان پنهنجي ڪاڌِي پيتي جيترا پئسا رکي ڇڏيندا هئا ۽ باقي جيڪي بچِي پوندا هئا انهن جو ڀنڊارو ڪرائي ڇڏيندا هئا.

ٻيا لالچي برهمڻ گوري شنڪر ۽ سرسوَتي کان نفرت ڪندا هئا ڇاڪاڻ ته گوري شنڪر ٻنا پئسن جي ڪٿا ٻُڌائيندو هو. پئسن جي لالچ ۾ ڀڳتن کي گُمراهه نه ڪندو هو جنهن ڪري ڳوٺ وارا هُن جي تعريف ڪندا رهندا هئا. ٻئي طرف مُسلمانن کي خبر پئجي ويئي ته اِنهن سان گڏ ڪوبه هِندو برهمڻ نه آهي. مسلمانن اِنهي ڳالهه جو فائدو وٺي، زبردستي گوري شنڪر ۽ سرسوتي کي مسلمان بڻائي ڇڏيائون. مُسلمانن پنهنجو پاڻي گوري شنڪر جي سڄي گهر ۾ ڇنڊيو ۽ اِنهن جي مُنهن ۾ به وجهي ڇڏيو. اِنهي تي هِندو برهمڻن چيو ته هاڻي اِهي مُسلمان ٿي ويا آهن. اڄ ڪانپوءِ اِنهن جو اسان سان ڪو به ڀائيچارو نه رهندو.

## "نيرُو ۽ نيما کي جُلاهي جي اُپاڌي (درجو) ۽ پرميشوَر جو ملڻ"

ويچارا گوري شنڪر ۽ سرسوتي بيوَس ٿي ويا. مُسلمانن گوري شنڪر جو نالو نِيرُو ۽ سرسوَتي جو نالو نيما رکي ڇڏيو. پهرين اِنهن وٽ جيڪا پُوڄا ايندي هُئي اُن سان اِنهن جي گُذرسفر هلي رهيو هو ۽ جيڪي ڪُجهه پئسا بچندا هئا اُنهن جو اُهي ڀنڊارو ڪري ڇڏيندا هئا. هاڻي ته پوڄا اچڻ به بند ٿي ويئي هُئي. اِنهن سوچيو ته هاڻي ڪهڙو ڪم ڪجي. نِيرو ۽ نِيما ڪپڙا اُڻڻ جي هِڪ ڪڏي ۽ جُلاهي جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ڪپڙا اُڻي پنهنجو گُذر سفر ڪرڻ لڳا. ڪپڙن جي اُڻائي مان گهر جي خرچ بعد جيڪي پئسا بچندا هئا تِن کي ڀنداري ۾ لڳائي ڇڏيندا هئا. هِندو برهمڻن نِيرو ۽ نِيما جو گنگا گهاٽ تي (گنگا ندي ۾) وِهنجڻ بند ڪرائي ڇڏيو هو. چوندا هئا ته هاڻي توهان مُسلمان ٿي ويا آهيو.

گنگا ندي جو پاڻي جيڪو لهرن جي ذريعي پلٽي ڪاشي ۾ هِڪ لهر تارا نالي تمام وڏي تلاءُ کي ڀري ڇڏيندو هو. تمام نِرمل پاڻي ڀريل رهندو هو. اُن ۾ ڪمل جا گُل اُڀري آيا هئا. سن 1398ع موجب وِڪرمي سنبت 1455جيشٺ مهيني جي پورڻماسي( پُونم جي رات) برهم مهورت (صبح 4 بجي ) ۾ پنهنجي ست لوڪ مان سهه شرير( جِسم ساڻ) اچي پرميشوَر ڪبير (ڪوير ديوَ) ٻالڪ جو رُوپ بڻائي لهر تارا تلاءُ ۾ ڪمل جي گُل تي ليٽي پيا. اِنهي لهرتارا تلاءُ تي نِيرو ۽ نيما صُبح جو برهم مهورت ۾ وهنجڻ جي لاءِ روزانو ويندا هئا. (برهم مهورت چوندا آهن سج نِڪرڻ کان ڏيڍ ڪلاڪ اڳ جي وقت کي) هڪ تمام گهڻو نُور جو چمڪندڙ گولو (معصوم ٻار جي صُورت ۾ ڪبير صاحب نُوري جسم) ۾ آيا هئا. پري هئڻ جي ڪري پرڪاش پُنج (روشني) جو گولو ئي نظر آيو. پاڻ مٿان ست لوڪ مان آيا ۽ ڪمل جي گُل تي سمائجي

ويا. جنهن سان سچو لهرتارا تلاءُ روشن ٿي ويو ۽ پوءِ هڪ ڪُنڊ ۾ وڃي غائب ٿي ويو. اُنهي ڪرشمي کي سوامي رامانندجي جي هڪ شِش رِشي اِشٽانندجي اکين سان ڏٺو هو. اِشٽانندجي سِنان ڪرڻ جي لاءِ ساڳئي گهاٽ (جگهہ) تي اُنهي ئي لهرتارا تلاءُ تي روزانو ويندا هئا. اُتي ويهي پنهنجي ساڌنا يعني جيڪي منترگُروديوَ ڏنا هئا، اُنهن کي جپيندا هئا. پرڪرتي (قدرت) جو آنند بہ وٺندا هُئا. سوامِي اِشٽانندجِي جڏهن ڏٺو تہ ايتري تيز روشنِي جنهن سان اکيون بہ بند ٿي ويون!! رِشِي جِي سوچيو تہ هِي ڪو منهنجِي ڀڳتِي ڪمائِي آهي يا منهنجِي نظر جو دوکو آهي. اِهو سوچِي سبب معلوم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گرو ديوَ وٽ آيا.

آدرڻيہ (محترم) رامانندجِي کان اِشٽانندجِي پُڇيو تہ اي گُروديوَ! مون اڄ اهڙِي روشنِي ڏٺِي آهي جيڪا هِن کان اڳ مون زندگِي ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺِي هُئِي، اُتي جِي سچِي ڳالهہ ٻُڌائِي تہ آسمان مان هِڪ پرڪاش سموح (روشنِي جو گولو) اچي رهيو هو. اُن کي مون ڏٺو تہ منهنجون اکيون اُن جِي روشنِي کي برداشت نہ ڪري سگهيون ۽ بند ٿي ويون. بند اکين ۾ هڪ ننيڙِي ٻار جو رُوپ نظر آيو. (جيئن سِج ڏانهن ڏِسڻ کانپوءِ سِج جو هڪ عڪس نظر ايندو آهي ائين هڪ ٻار نظر اچڻ لڳو) ڇا اِها منهنجِي ڀڳتِي جِي ڪمائِي آهي يا منهنجِي نظرجو دوکو هو؟ سوامِي رامانندجِي چيو تہ پُٽ ! اِهڙا نظارا تڏهن ٿيندا آهن جڏهن مٿئين لوڪن/جهانن کان ڪو اوتار لهندو آهي. هُو هتي ڪنهن وٽ اچِي نمودار ٿيندو. هُو ڪنهن ماءُ مان جنم وٺندو ۽ پوءِ لِيلا ڪندو. (ڇاڪاڻ تہ اِنهن رِشين کي ايتروئي گيان آهي تہ ماءُ مان ئي جنم ٿيندو آهي) جيترو رِشِي کي گيان هو اُن سان پنهنجي شِش جو شڪ دُور ڪري ڇڏيو.

نِيرو ۽ نِيما معمول (نيم) مطابق اُن ڏينهن بہ سِنان (تڙ) ڪرڻ وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ نِيما پريُو کان پرارٿنا ڪئِي تہ اي ڀڳوان شِـو! (چو تہ هُو پِلي ئِي مُسلمان ٿي ويا هئا پر پنهنجِي اُها ساڌنا/ڀڳتي دل سان نہ وساري پئي سگهيا. جيڪا ايترن سالن کان ڪري رهيا هئا.) ڇا توهان جي گهر ۾ اسان جي لاءِ هڪ ٻار جِي کوٽ اچِي ويئِي آهي؟ مونکي بہ هِڪ لال ڏِيو، اسان جو جيوَن بہ سڦل ٿي وڃي. ايترو چئِي اوڇنگارون ڏيئِي روئڻ لڳِي. هِن جي پتِي (مُڙس) نِيرُو چيو تہ نِيما پريُو جِي رضا تي راضي رهڻ ۾ ئي ڀلائِي آهي. جيڪڏهن روئندِي رهندين تہ تنهنجو شرير ڪمزور ٿي ويندو، اکين سان ڏسڻ بند ٿي ويندو. اسانجي نصيب ۾ اولاد نہ آهي! ائين چوندي چوندي لهرتارا تلاءُ تي پُهچِي ويا. ٿورِي اُونداهِي هُئِي، نيما وهنجي ٻاهر آئي. پنهنجا ڪپڙا

بدلايا. نِيرُو وهنجڻ جي لاءِ تلاءُ ۾ داخل ٿي ٽُبيون هڻي وهنجڻ لڳو. نِيما جڏهن وهنجڻ وقت پاتل ڪپڙو ڌوئڻ جي لاءِ وري تلاءُ جي ڪناري تي ويٺي تيستائين اُونداهي گهٽجي چُڪي هُئي. سج نِڪرڻ وارو ئي هو. نِيما تلاءُ ۾ ڏٺو ته سامهون ڪمل جي گُل تي ڪا شيءِ چُرپُر ڪري رهي آهي. ڪبير صاحب ٻار جي رُوپ ۾ هِڪ پير جو آنڱوٺو مُنهن ۾ وجهي رکيو هو ۽ هڪ پير کي هِلائي رهيا هئا. پهرين ته نِيما سوچيو ته شايد ڪو نانگ وغيره نه هُجي ۽ منهنجي پٺي ڏانهن اچي رهيو هُجي. پوءِ ڌيان سان ڏٺو ته سمجهندي دير نه لڳي ته هي ته ڪو ٻار آهي. ٻار ۽ ڪمل جي گُل تي!! هڪدم پنهنجي پتي کي آواز لڳايو ته ڏِسو ڏسو!! ٻار ٻُڏي ٿو ٻار ٻُڏي ٿو. نِيرُو چيو ته نادان! تون ٻارن جي چڪر ۾ چري ٿي ويئي آهين. پاڻي ۾ به توکي هاڻ ٻار نظر اچڻ لڳي ويا آهن. نِيما چيو ته ها !! هُو سامهون ڪمل جي گُل تي ڏِسو ته سهي!! نِيما جي زوردار آواز کان مُتاثر ٿي، نِيما جيڏانهن هٿ سان اِشارو ڪري رهي هُئي، نِيرُو هوڏانهن ڏِٺو ته ڪمل جي هِڪ گُل تي هِڪ خوبصُورت ٻالڪ ليٽيل هو. نيـرُو اُن ٻار کي گُل سميت کڻي آيو ۽ نِيما کي سونپي، پاڻ وهنجڻ لڳو. نيـرُو جڏهن وهنجي ٻاهر آيو ته نِيما ٻار جي رُوپ ۾ آيل پرميشوَر کي بيحد پيار ڪري رهي هئي ۽ شِـو پڳوان جي تعريف ۽ استوتي به ڪري رهي هئي ته اي پربُـو! توهان منهنجي سالن جي خواهِش پُوري ڪري ڇڏي. (چو ته هُو شِـوجي پُوڄارڻ هئي.) نيما چئي رهي هئي ته اڄ ئي من سان پُڪار ڪئي ۽ اڄ ئي ٻُـڌي ورتي.

اُنهي ڪبير (پرميشوَر) جنهن جو نالو وٺڻ سان اسانجي اندر ۾ هڪ خاص هلچل مچي ويندي آهي. اُن جي محبت ۾ رُوم رُوم اُپـا ٿي ويندا آهن، آتما پرجي ايندي آهي. جنهن ماتا يا پيءُ اُنهي پرميشوَر کي ڇاتي سان لڳائي پُٽ جهڙو پيار ڪيو هوندو، اُن سان جيڪو آنند هُن ماتا کي مِليو هوندو تنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. جيئن ڪو گونگو اِنسان ڳُڙ کائي ٻين کي اُنجي مِٺاس ٻُڌائي نٿو سگهي، اُنهي کي ته کائڻ وارو ئي سمجهي يا محسوس ڪري سگهي ٿو ته اُن ۾ ڪيتري مِٺاس آهي. جيئن ماءُ پيار ڪندي آهي، ائين شِشُو (ٻارڙي) رُوپ ۾ آيل پربُو کي نِيما چُمي رهي آهي ته ڪڏهن ڇاتي سان لڳائي رهي آهي ۽ وري هرهر اُن جي مُنهن کي ڏِسي رهي آهي. ايتري ۾ نِيرُو وهنجي ٻاهر آيو ۽ سوچيو ته، نه ته اڄان مُسلمانن سان اسان جو ڪو وڏيڪ واسطو ٿيو آهي. جڏهن ته هِندو برهمڻ ائين اسان سان نفرت ڪن ٿا. (چو ته ماڻهو سماج ڏانهن وڏيڪ ڏِسندو آهي) پهرين اِنهي موقعي جو فائدو مُسلمانن ورتو جو اسانکي مُسلمان بڻائي ڇڏيو. اسان جو ڪو به مددگار نه آهي. جيڪڏهن

اسان هِن ٻار کي گهر وٺي ويندا آهيون ته ماڻهو پُڇندا ته هِن ٻار جا ماتا پِتا ڪير آهن؟ توهان ڪنهن جو ٻار کڻي آيا آهيو؟ هِن جي ماءُ روئِي رهِي هوندي. اسان ڪهڙو جواب ڏينداسين؟ ۽ ڇا ٻُڌائينداسين؟ ڪمل جي گُل تي مِلڻ جو ٻُڌائينداسين ته ڪو به نه مڃيندو. اِهي سڀ ويچار ڪري نِيرُو چيو ته نيما هِن ٻار کي هِتي ئِي ڇڏي ڏي. نِيما چيو ته مان هِن ٻار کي ڇڏي نٿي سگهان، منهنجي جانِ وڃي سگهي ٿي. مان تڙپي تڙپي مري ويندس. نه ڄاڻي مون تي هِن ٻار ڪهڙو جادُو ڪري ڇڏيو آهي!! آئون هِن کي ڇڏي نٿي سگهان. نِيرُو نِيما کي سچِي ڳالهه ڪري ٻُڌائي ته اسان سان ائين ٿِي سگهي ٿو. نيما چيو ته هِن ٻار جي لاءِ مان ديس نيڪالي به قبُول ڪنديس پر هِن کي نه ڇڏينديس. نِيرُو، نِيما جي ناداني کي ڏِسِي سوچيو ته هِي ته پاگل ٿِي وئِي آهي ۽ سماج کي به نه ڏسِي رهِي آهي. نِيرُو، نِيما کي چيو ته مون اڄ ڏينهن تائين تنهنجِي ڪا به ڳالهه نه ٽارِي آهي ڇوته اسان کي اولاد نه هئي. تون جيڪو چوندي هُئين مان مڃيندو رهيس پر اڄ تنهنجي اِها ڳالهه نه مڃيندس. يا ته تُون هِن ٻار کي هِتي ئِي رکي ڇڏ نه ته هينئر ئِي توکي به چار ٽڪڙون (چنبا) ٿو هڻان. هِن مهاپُرش ڀيريون دفعو پنهنجي پتني ڏانهن هٿ کيو ته بروقت ٻار جي رُوپ ۾ ڪبير پرميشوَر چيو ته نِيرُو مونکي گهر وٺِي هلو. توهان کي ڪا به مُصيبت نه ايندي. ٻالڪ رُوپ ۾ پرميشوَر جا وچن ٻُڌِي نِيرُو گهبرائِجي ويو مَتان هِي ٻار ڪو فرشتو هُجي يا ڪو سِڌ پُرش هُجي ۽ مون تي ڪو مصيبت نه اچي وڃي، سو چُپ چاپ روانو ٿي ويو.

جڏهن ٻار کي وٺِي گهر پُهتا ته سڀ اِهو پُڇڻ پُلجِي ويا ته ٻالڪ ڪٿان وٺي آيا آهيو؟ ڪاشِي جون عورتون ۽ مرد ٻالڪ کي ڏِسڻ آيا ۽ چوڻ لڳا ته هِي ته ڪو ديوَتا نظر اچي ٿو. ايترو خوبصُورت شرير اِهڙو نُوري ٻار اڳِي ڪڏهن ڪونه ڏٺو. ڪو چوي ته هِي ته بِرهما، وِشڻو يا مهيش مان ڪو هِڪ آهي ۽ مَتان ديوَ لوڪ کان بِرهما، وِشڻو ۽ مهيش چوڻ لڳا ته هِي ته مَتان جي لوڪن مان آيل ڪا شڪتِي آهي. ائين سيئي پنهنجون پنهنجون سوچ مطابق ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

**غريب: چوراسِي بنڌن ڪاٽن، ڪِينهي ڪلپ ڪبير،**
**يوَن چٽُردس لوڪ سڀ، ٽُوٽي جم جنجير376**
**غريب: اننت ڪوٽِي برهمانڊ ۾، بنڌِي ڇوڙ ڪَهائي؛**
**سوتو ايڪ ڪبير هئ،جَنَني جَنِيا نه مائي377**
**غريب: شبد سوَ رُوپ صاحِب ڌني،شبد سِنڌ سڀ مانهِين؛**
**باهِر ڀِيتر رم رها، جَهان تَهان سڀ ٺاهِين378**

غريب: جل ٿل پرٿوي گگن ۾، باهر ڀيتر ايڪ؛
پُورڻ برهم ڪبير هي، اويگت پُرش الیک379
غريب: سيوَڪ هوءِ ڪر اُوتري، اِس پرٿوي ڪي مانهِين،
جِيوَ اُڌارن جگت گُرو ، بار بار بلي جائين380
غريب: ڪاشِي پُري ڪست ڪِيا، اُتري اڌر اڌار،
مومِن ڪو مُجرا هُوئا، جنگل ۾ ديدار .381
غريب: ڪوٽِي ڪِرڻ شِشِي ڀانَ سُڌي ، آسن اڌر بمان،
پَرسَت پُورڻ برهم ڪو شيتل پِنڊ رُو پراڻ382
غريب: گود لِيا مُک چوُم ڪر، هيم رُوپ جَهلڪنت،
جگر مگر ڪايا ڪري، دَمڪي پدم اَننت383
غريب:ڪاشِي اُلٽِي گُل ڀَئيا،مومن ڪا گهر گهير،
ڪوئِي ڪهي برهماوِشنُو هئَ، ڪوئِي ڪهي اِندرڪُبير384
غريب: ڪوئِي ڪهي ڇَل اِيشوَر نهين، ڪوئِي ڪِنرڪهلائي؛
ڪوئِي ڪهي گَڻ اِيش ڪا، جُون جُون مات رسائي388
غريب: ڪوئِي ڪهي وَرُوڻ ڌرمراءِ هي، ڪوئِي ڪوئِي ڪهتي اِيش؛
سولاڪَلا سُبحان گتِي، ڪوئِي ڪهي جگديش385
غريب: ڀگتِي مُڪتِي لي اُتري، ميٽن تينُون تــاپ؛
مومِن ڪي ڊيرا ليئا ، ڪهي ڪبيرا باپ386
غريب: دُوڌَ نہ پِيوي نہ اَن ڀکي، نهين پلني جُهولنت،
اَڌر اَمان ڌيان ۾، ڪمل ڪلا ڦُولنت.387
غريب : ڪاشِي ۾ اچرج ڀئيا، گئِي جگت ڪِي نِيند،
ايسي دُولهي اُتري، جِيُون ڪَنيا اور بـيند389
غريب: خلق، مُلڪ ديکن گيا، راجا، پرجا رِيت،
جمبُو دِيپ جَهانَ ۾، اُتري شبد اتيت،390
غريب: دُني ڪهي يہ ديوَ هي، ديوَ ڪهت هين اِيش ،
اِيش ڪهي پربرهم هي، پُورڻ بِيسوي بِيس391

پرميشور ڪبير جي ئي اَنادِي پرم گُرو آهي. اُهي ئي ويس بدلائي ڪري سنت ۽ رِشِي جي ويس ۾ وقت بہ وقت خود حاضر ٿيندا آهن. ڪال جي دُوتن (نقلي

گُروئن) طرفان بِگاڙيل تتوَگيان کي خود ئي ٺيڪ ڪندا آهن. ڪبير صاحِب ئي برهما، وِشڻو، شِو وغيره ديوتائن رِشين، مُنين ۽ سنتن کي وقت بہ وقت پنهنجي ست لوڪ کان اچي نام اُپديش ڏنو. آدرڻيہ غريب داس جي مهاراج پنهنجِي واڻِي ۾ اهو ئي لکيو آهي. جيڪو ڪبير صاحِب خود ٻُڌايو آهي.

**آدِي انت همرا ناهِين، مدہ مِلاوا مُول،**
**بِرهما گيان سُنايا، ڌَر پِنڊا اسٿول.**
**سُويت پوميڪا هم گئي، جهانَ وِشمبر ناٿ،**
**هريم هيرا نام دي، اشٽ ڪمل دَل سوانتِي.**
**هم بيراگِي برهم پد، سنياسِي مهاديوَ،**
**سوهم منتر دِيا شنڪر ڪو، ڪَرت همارِي سيوَ.**
**هم سُلطانِي نانڪ تاري، دادُو ڪو اُپديش دِيا،**
**جاتِ جُلاها ڀيد نہ پايا، ڪاشِي مانهِين ڪبير هُوئا.**
**ست يُگ ۾ ست سُڪِرت ڪهي ٽيرا، تريتا نام مُنيندر ميرا.**
**دُواپُر ۾ ڪروڻامئہ ڪهلايا، ڪليُگ ۾ نام ڪبير ڌرايا.**
**چارون يُگون ۾ هم پُڪارين ، ڪُوڪ ڪهيا هم هيل ري .**
**هِيري ماڻڪ موتِي برسين، يہ جگ چُگتا ڊيل ري.**

مٿي لکيل واڻي مان ثابت ٿيو تہ ڪبير پرميشوَر ئي اويناشِي پرماتما آهن. اُهي ئي اَجر اَمر آهن. اُهي ئي پرماتما چئنِي يُڱن ۾ خودئِي مهان رُوپ ۾ ڪُجهہ وقت جي لاءِ هِن سنسار ۾ اچي پنهنجو ست ڀڳتِي مارڱ (حقيقِي ڀڳتي جو گيان) ڏيندا آهن

*****.

# "پُورڻ سنت جي سُڃاڻپ"

## (پويتر سدگرنٿن مان سچي سنت جِي سُڃاڻپ)

ويد، گيتا جِي وغيره پويتر سد گرنٿن ۾ ثبوت ملن ٿا تہ جڏهن جڏهن ڌرم جِي گهٽتائِي ٿيندي آهي، اڌرم وڌي ويندو آهي ۽ هلندڙ وقت جي نقلِي سنتن، مهنتن ۽ گروئن طرفان ڀڳتي مارگ جي صورت کي بِگاڙي ڇڏيو هوندو آهي تڏهن پرميشور خود اچي يا پنهنجي پرم گيانِي سنت کي موڪلي سچي گيان جي ذريعي ڌرم جِي

ٻيھر جوڙجڪ ڪندا آھن. ھو ڀڳتي مارگ کي شاسترن مُطابق سمجھائيندا آھن. اِنھي جي سُجاڻپ اِھا ٻہ ھوندي آھي تہ ھلندڙ وقت جا ڌرم گرو ھُن جا مُخالِف ۽ دُشمن بڻجي، راجا ۽ رعيت ٻنھي کي گُمراھ ڪري ھُن جي مٿان ظلم ڪرائيندا آھن. ڪبير صاحِب پنھنجي واڻِي ۾ چون ٿا تہ:

**جو مَم سنت ست اُپديش درڍاوي، وا ڪي سنگ سڀ ھِي راڍ بڙھاوي.**

**يا سڀ سنت، مھنتن ڪِي ڪرڻِي،ڌرمداس ۾ تو سي ورڻِي.**

ڪبير صاحب پنھنجي پياري شِش ڌرمداس کي پنھنجِي واڻِي ۾ اِھو سمجھائي رھيا آھن تہ جيڪو منھنجو سنت ست ڀڳتي مارگ ٻُڌائيندو اُن سان سيئي سنت ۽ مھنت جھڳڙو ڪندا. اِھا ھُن جي سڃاڻپ آھي. ٻِي سُجاڻپ اِھا ھوندي تہ ھُو سيني ڌرم گرنٿن جا مڪمل عالم ھوندا. پرماڻ سنت غريب داس جِي واڻِي ۾:

ستگروڪي لڪشڻ ڪھُون مذُوري بيـن وِنود، چار ويد، شٽ شاستر، ڪھي اَٿارا بود.

سنت غريب داس جِي مھاراج پنھنجِي واڻِي ۾ سچي سنت جي شناخت ٻُڌائي رھيا آھن تہ ھو چئنِي ويدن، 6 شاسترن 18 پُراڻن وغيره سيني گرنٿن جو پُورڻ ڄاڻو ھوندو. مطلب اُن جو سار ڪڍي ٻُڌائيندو.

يجُرويد اڌياءِ 19، منتر 25 ۽ 26 ۾ لکيل آھي تہ ويدن جي اڌُورن واقعن مطلب اشاري وارن لفظن ۽ ھڪ چوٿائِي شلوڪن جي مختصر گيان کي پُورو ڪري تفصيل سان ٻُڌائيندو. ھُو ٽِن وقتن جِي پُوڄا ٻُڌائيندو. صبح پُـورڻ پرماتما جِي پُوڄا، ٻن پھرن جو سنسار جي ديوتائن جو ستڪار(آڌر ڀاءُ) ۽ سنڌيا (سانجھي)آرتِي الڳ سان ٻُڌائيندا. ھُو جڳت کي پار ڪرڻ وارو سنت ھوندو. يجُرويد اڌياءِ 19 منتر 25:

**سنڌِي ڇيد:- اردوَ رُچيہ اُڪٿانام رُوپم پدي آپنوتِي نوِيڌا**

**پرٿوي شستراڻم رُوپم پيسا سوم آپِيتي (25)**

**ترجمو:** جيڪو سنت (اردوَ رُچيہ) ويدن جي اڌُورن واقعن مطلب اشاري وارن لفظن کي پُورو ڪري (نويڌا) ڪولي سمجھائي ٿو (پدي) شلوڪن جي چوٿين حصي جي اڌُورن واقعن کي (اُڪٿانم) شلوڪن جي (رُوپم) صورت ۾ (آپنوتِي) پراپت ڪري ٿو مطلب اڌُورن بيانن کي پُورِي طرح سمجھي ٿو ۽ سمجھائي ٿو (شستراڻم) جيئن ھٿيارن کي ھَلائڻ جي ڄاڻ رکڻ وارو اُنھن (رُوپم) کي بھتر نموني استعمال ڪري ٿو اِھڙي طرح ئي پُورڻ سنت (پرٿوي) اونڪار مطلب " اوم/ تت/ست " منترن کي مڪمل طور سمجھي ۽ سمجھائي (پئيسا) " دُوڌڪا دُوڌ اور پاڻِي ڪا پاڻِي " ڪري ڇڏي ٿو

مطلب خالص کير جهڙو تتوگيان ڏيئي ٿو جنهن سان (سوم) امرپُرش اويناشي پرماتما کي (اپائيتي) حاصل ڪري ٿو. اُهو پورڻ سنت ويدن کي ڄاڻڻ وارو سڏجي ٿو.

**سمجهاڻي:-** تتوَدرشِي سنت اُهو هوندو آهي جيڪو ويدن جي اِشارن کي پوري طرح تفصيل سان بيان ڪري ٿو جنهن سان پُورڻ پرماتما جِي پراپتِي ٿئي ٿي. اُهو ويدن کي ڄاڻڻ وارو سڏجي ٿو.

يجُر ويد اڌياءِ 19، منتر 26:-

**اشيوَپيام پراتهہ سوَنم اِندريڻ ايندرم ماڌيندنم**
**ويشوَديوَم سرسوَتيا تِرتيم آپتم سوَنم (26)**

**ترجمو:-** اُهو پُورڻ سنت ٽِن وقتن جِي ساڌنا ٻُڌائي ٿو.(اشيوَپيام) سورج جي اُيرڻ ۽ لهڻ سان ٿهيل هڪ ڏينهن جي آڌار سان (اِندريڻ) پهريائين پاڪيزگي سان سيني ديون جي مالڪ پُورڻ پرماتما جي (پِراتا سوَنم) پُوجا تہ هر روز برهم مُورت ۾ ڪرڻ جو چوي ٿو جيڪا (ايندرم) پُورڻ سنت جي لاءِ هوندِي آهي. ٻِي (ماڌينِيدنم) ٻنپهرن جو ڪرڻ لاءِ چوي ٿو جيڪا (ويشوَديوَم) ڪائنات جي سينِي ديوتائن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ (سرسوَتيا) امرت واڻِي ذريعي ساڌنا ڪرڻ جي لاءِ چوي ٿو ۽ (تِرتيم) ٽئين (سوَنم) پُوجا شام جو (آپتم) پراپت ڪرائي ٿو مطلب جيڪو ٽِنهي وقتن ۾ جُدا جُدا ساڌنا ڪرڻ جو چوي ٿو اهُو جگت جو ڀلائي ڪندڙ سنت آهي.

**سمجهاڻي:-** جنهن پُورڻ سنت جي باري ۾ منتر 25 ۾ چيل آهي تہ هُو ڏينهن ۾ ٽي دفعا صبح ، ٻنپهرن ۽ شام جو ساڌنا ڪرڻ جو چوي ٿو. صبح جو تہ پُورڻ پرماتما جِي پُوجا ٿئي ٿي، ٻنپهرن جو سيني ديوتائن جِي ۽ شام جو سنڌيا آرتي وغيره کي امرت واڻي جي ذريعي ڪرڻ جو چوي ٿو. اُهو سچي سنسار جو اُڌار ڪرڻ وارو هوندو آهي.

يجُرويد اڌياءِ نمبر 19 منتر 30:

**سنڌِي ڇيد: ورتِين دِڪشام آپنوتِي دِڪشيا آپنوتِي دِڪشٽام ،**
**دِڪشٽا شرڌام آپنوتِي شرڌيا ستيم آپيئتي (30)**

**ترجمو:** (ورتين) ڪنهن بُري يا نقصان پهچائيندڙ شيءَ جي عادت جي ورت رکڻ سان مطلب ڀنگ، شراب، ماس (گوشت)، تماڪو وغيره جي استعمال کان بچڻ وارا ڀگت (دِڪشام) پُورڻ سنت کان اُپديش کي (آپنوتي) پراپت ٿين ٿا. مطلب اُهي پُورڻ سنت جا شِش ٿين ٿا (دِڪشيا) اُپديش پراپت ڀگت کان پُورڻ سنت، (دِڪشٽام) دان کي (آپنوتِي) حاصل ڪن ٿا. مطلب سنت اُنهِي کان دان دِڪشا وٺن ٿا جيڪي اُن

ڪان نام وٺن ٿا. اهڙي طرح سان (دِڪشٽا) دان دِڪشٽا گرو جِي طرفان ٻُڌايل طريقيڪار موجب جيڪو ڌرم ڪن ٿا، اُن سان (شرڌام) شرڌا ڪي (آپنوتِي) پراپت ٿين ٿا (شرڌيا) شرڌا سان ڀڳتِي ڪرڻ سان (ستيم) هميشہ رهڻ واري سُک ۽ اويناشي پرماتما ڪي (آپيئتي) پراپت ٿين ٿا.

**سمجهاڻي:-** پُورڻ سنت اُن انسان ڪي شِش بڻائين ٿا جيڪو سداچارِي هُجن، غلط ۽ نشيدار شين جو استعمال نہ ڪندا هُجن ۽ اُنهن جي استعمال نہ ڪرڻ جي نصيحت بہ ڪندا هُجن. پُورڻ سنت اُنهن ڪان دان وٺن ٿا. جيڪي اُن سنت جا شِش بڻجي وڃن ٿا پوءِ گُروديوَ ڪان نام دِڪشا پراپت ڪري وري دان دِڪشٽا ڪن ٿا ۽ اُن سان شرڌا وڌي ٿي. شرڌا سان ست ڀڳتِي ڪرڻ سان اويناشِي پرماتما جي حاصلات ٿئي ٿي مطلب پُورڻ موڪش ٿئي ٿو سچا سنت خيرات يا چندو نہ گهرندا قِرندا آهن.

**ڪبير: گُـرو بِـن مـالاڦـيرتـي، گـرو بِـن ديتـي دان،**

**گـرو بِــن دونُــون نــِشڦل هــين، پُـوڇو ويد پُــران**

تـيئن سجاٽپ ٽِن قسمـن جي منترن (نام) ٽِـن دفعـن ۾ اُپديش ڪندو جنهن جو ذِڪر ڪبير ساگر ۾صفحي نمبر 265 تي بوڌ ساگر ۾ ملي ٿو ۽ گيتا جي اڌياءِ 17 شلوڪ نمبر 23 ۾ ۽ سام ويد سنڪيہ 822 ۾ملي ٿو.

ڪبير ساگر۾ امرمُول بوڌساگر صفحو نمبر 265:

**تب ڪبير اَس ڪهوي لِينا، گيان ڀيد سڪل ڪهي دِينا.**

**ڌرم داس مئين ڪهون بِچارِي، جيتي نِيي سب سنسارِي.**

**پرٿمِ شِش هوئي جو آئِي، تا ڪهين پان ديهُو تُم پائِي1**

**جب ديکو تُم دِرڙتا گيانا، تا ڪهِين ڪهو شبد پروانا2**

**شبد مانهِين جب نِشچئہ آوي، تا ڪهِين گيان اگهاد سُناوي3**

ڀيهر سمجهايو آهي:-

**بالڪ سم جاڪر هي گيانا، تاسُون ڪهو وچن پروانا.**

**جاڪو سوڪشم گيان هي پائي، تاڪو سُمرن ديهُو لڪائِي.**

**گيان گمير جا ڪو پُنئہ هوئِي، سار شبد جاڪو ڪهي سوئِي.**

**جاڪو هوئي دِويہ گيان پرويش، تاڪو ڪهي تتوَگيان اُپديش.**

مٿي لکيل واڻي مان صاف ظاهر آهي تہ سچو سنت ٽِـن جُدا جُدا وقتن ۾ نام ڏيئي ٿو ۽ چوٿين وقت ۾ ”سار شبد“ عطا ڪندو آهي. چو تہ ڪبير ساگر ۾ تہ ثبوت بعد ۾ ڏنا هئا پر اُپديش جو طريقو اڳي ئي پوجيہ دادا گرو ديوَ ۽ پرميشور ڪبير

صاحب جِي اسان جي پوجيہ گروديوَ کي ٻڌائي ڇڏيو هو. جيڪي اسان کي شروع کان ئي ٽِن دفعن (وقتن) ۾ نام دان جِي دِڪشا ڪندا اچي رهيا آهن.

اسان جا گُرو ديوَ (جگت گُرو رامپال جِي مهاراج) پهرين دفعي شِري گڻيش جِي، شِري برهما ۽ ساويتري جِي، شري وِشنو ۽ لڪشمي جِي، شِري شنڪر ۽ پاروتِي جِي ۽ ماتا شيران والي جو نام جاپ ڏيندا آهن، جِن جو واس اسان جي جسم ۾ ٺهيل چَڪرن (ڪملن) ۾ هوندو آهي. مُولاڌار چَڪر (ڪمل) ۾ شِري گڻيش جِي جو واس آهي، سواد چڪر ۾ برهما ۽ ساويتري جِي جو واس آهي، نابِي چڪر ۾ شِري وِشنو ۽ لڪشمِي جِي جو واس آهي، هردي چڪر ۾ شِري شِو (شنڪر جِي) ۽ پاروتِي جِي جو واس آهي ۽ ڪَنٺ چڪر ۾ شيران والي ماتا جو واس آهي. اِنهن سيني ديوي ديوتائن جا آدي انادي نام منتر هوندا آهن. جِن جو اڄڪلهہ جي دور جي گروئن کي گيان نہ آهي. اِنهن منترن جي جاپ سان اِهي پنج ئي چڪر کُلي ويندا آهن. اِنهن چڪرن جي کُلي وڃڻ کانپوءِ ئي اِنسان ڀڳتي ڪرڻ جي لائق بڻجندو آهي. سنت غريب داس جِي مهاراج پنهنجِي واڻِي ۾ ٻُڌائِن ٿا چاهين ٿا:-

**پانچ نام گُجهہ گائيتري آتم تتوَ جگائو، اوم، ڪِليَم، هَريَم، شِريَم، سوهَم، ڏيائو.**

**سمجهاڻي:-** پنج نام جيڪي ڳُجهہ گائيتري آهن ، اِنهن جو جاپ ڪري آتما کي جگايو، ٻئي دفعي ہہ اکشر جاپ ڏين ٿا، جِن ۾ هڪ "اوم" ۽ ٻيو "تت" جيڪو اشاري ۾ آهي، جيڪو صرف اُپديشي کي ٻُڌايو ويندو، جِن جو سوانس سان گڏ جاپ ڪيو ويندو آهي ۽ ٽيئن دفعي "سارنام" ڏيندا آهن، جيڪو مُڪمل طرح سان لڪيل آهي.

## "ٽي پيرا نام جاپ ڏيڻ جو ثبوت"

گيتا جي اڌياءِ 17، منتر 23:-

**اوم،تت،ست ،اِتي، نِرديشہ، برهمڻ، تِريوڌا، سمرتہ،**

**بِراهمڻا، تِين ، ويدا، چہ، يگ، چہ، وهيتہ، پُرا 23**

**ترجمو:-**(اوم) بِرهم جو جاپ آهي، (تت) هِي پربرهم جي منتر جِي طرف اشارو آهي ۽ (ست) هِي ہہ مُڪمل اِشارن ۾ منتر آهي، جيڪو پُورڻ بِرهم جو آهي.(اِتي) ايئن اِهي (تِروڌہ( ٽِن قِسمن جا (بِرهمڻ) پُورڻ پرماتما جي نام سِمرڻ جا (نِرديشہ) اِشارا (سمرتہ)چيا آهن.(چہ) ۽ (پُرا) دنيا جي تخليق جي شروعاتي وقت ۾

(براهمڻ) عالمن ٻُڌايو آهي تہ (تين) اُنهي پُورڻ پرماتما (ويده) ويد (چ) ۽ (يگ) يگيہ وغيره (وهِيتا) سيئي رچيا.

سنکيہ نمبر 822 شام ويد. اُتارچڪ اڌياءِ 3 کنڊ نمبر 5 شلوڪ نمبر 8.

(سنت رامپال داس جي طرفان ترجمو)

**منيشيپي پوَتي پُوروِيہ ڪوير نِرپيتا پرِي ڪوشام آسِيشيدت ،**

**ترِيتسيہ نام جنينمڌُو شرِپنِدرسيہ وايوم سکيايہ ورڌين8.**

منيشيپي - پوَتي - پُورويہ - ڪوير - نِرپِي – يتا - پرِي -ڪوشان - آسِيشيدت -ترِي - تسيہ - نام –جنين–مڌُو - شرِين– اِندرسيہ - وايوم - سکيايہ - ورڌين

**ترجمو :-**(پُورويہ) سناتن ۽ اويناشِي (ڪوير نِرپِي) ڪبير پرميشور انسان رُوپ اختيار ڪري گُرو رُوپ بڻائي هِن دُنيا ۾ اچِي (منيشيپي) دل سان چاهڻ وارن، شرڌا سان ڀڳتِي ڪرڻ وارن ڀڳت آتمائن کي (ترِي) ٽي (نام) نام منتر مطلب اُپديش ڏيئي (پوتي) پويتر ڪري (جنين) جنم ۽ (شرنهہ) موت کان (نا) آزاد ڪن ٿا ۽ (تسيہ) اُنهن جا (وايوم) هرهڪ دم مطلب ساهہ کي جيڪي مقدر ۾ ڳٽپ جِي حساب سان ڏنل هوندا آهن اُنهن کي (ڪوشان) پنهنجي خزاني مان (ساڪيائيہ) عزيز/دوست هئڻ جي ناتي (پرِي) مڪمل طرح سان (ورڌين) وڌائين ٿا (يتہ) جنهن سبب (اِندرسيہ) پرميشور جي (مڌُو) اصلي آنند کي (اسيشيدت) پنهنجي آشيرواڌ جي پرشاد سان حاصل ڪرائين ٿا.

**سمجهاڻي-:** هن منتر ۾ واضح ٿيو آهي تہ پُورڻ پرماتما ڪبيرجي انسانِي شرير ۾ گرو رُوپ ۾ اچِي پرِيو پريمين کي ٽي نام جاپ ڏيئي ست ڀڳتي ڪرائين ٿا ۽ اُن عزيز/دوست ڀڳت کي پاڪ دامن ڪري. پنهنجي آشيرواڌ جي پرساد سان پُورڻ پرماتما سان مِلائي سُک حاصل ڪرائين ٿا ۽ ڀڳت جي عمر وڌائين ٿا.ساڳيو ئي ثبوت شريمد ڀڳونت گيتا جي اڌياءِ 17 منتر 23 ۾ آهي تہ " اوم تت ست اِتي نرديشہ ترويده سمرتهہ" مطلب پُورڻ پرماتما کي حاصل ڪرڻ جو هڪ اوم، ٻيو تت ۽ ٽيون ست نام منتر آهن، اِهي نام منتر جاپ سمرڻ ڪرڻ جو حڪم آهي. هِن نام منتر کي تتودرشِي سنت کان حاصل ڪريو. تتودرشِي سنت جي باري ۾ شريمد ڀڳونت گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾ بيان آهي ۽ اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر هڪ کان چار ۾ تتودرشِي سنت جي سُڃاڻپ ٻُڌائي آهي جنهن ۾ بيان آهي تہ تتودرشِي سنت کان تتوَگيان سمجهي اُن کانپوءِ انهي پرم پد پرميشورجِي تلاش ڪرڻ گهرجي.جِتي وڃڻ کانپوءِ

يگت واپس سنسار ۾ موٽي نٿو اچي مطلب پُورڻ موڪش ٿي وڃي ٿو. اُنهي سچي پرماتما کان سنسار جي تخليق ٿي آهي.

خاص ڪري مٿي ڪيل ذِڪر مان واضح ٿيو آهي تہ چارئي ويد پُڻ گواهہ آهن تہ پُورڻ پرماتما ئي پُوجا جي لائق آهن، هُن جو اصلي نالو ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) آهي ۽ ٽن منترن جي نام جو جاپ ڪرڻ سان ئي پُورڻ موڪش حاصل ٿيندو آهي.

ڌرمداس جي کي تہ پرميشور ڪبيرجي "سار نامہ" ڏيڻ کان منع ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻُڌايو هو تہ جيڪڏهن سار شبد ڪنهن ڪال جي دُوت/نقلي سنت جي هٿ لڳي ويو تہ وچ واري پيڙهِي وارا هنس پار نہ ٿي سگهندا. جيئن ڪليُگ جي شروعات ۾ پهرين پيڙهي وارا يگت اٽيڙهيل هئا ۽ ڪليگ جي آخرِي پيڙهي وارا يگت احسان فراموش ٿي ويندا ۽ موجوده دور ۾ سن 1947ع کان ڀارت جِي آزادِي ڪانپوءِ وچ واري پيڙهي شروع ٿي آهي. سن 1951ع ۾ جڳت گرو رامپال جي مهراج کي ست پُرش ڪبير پرميشور موڪليا آهن. هينئر سڀئي يگت پڙهيل لکيل آهن شاستر پاڻ وٽ موجود آهن. هاڻي هي ست مارگ ۽ ست ساڌنا پوري سنسار ۾ ڦهلجي ويندو ۽ نقلي گرو سنت مهنت وغيره لِڪندا ڦرندا انهي لاءِ ڪبير ساگر جيوَ ڌرم ٻوڌ ساگر صفحي نمبر 1937 تي آهي تہ-:

**ڌرمداس تو هي لاک دُهائي، سار شبد کهين باهر نہ جائِي.**
**سار شبد باهر جو پڑهِي. بچلِي پيڑهِي هنس نهين تـرهي.**

ڪتاب "ڌني ڌرمداس جيوَن درشن ايوَم ونش پريچيہ" جي صفحي نمبر 46 تي لکيل آهي تہ ٻارهين پيڙهِي کي گادِي ڪونہ ملي. هُن مهنت جِي جو نالو "ڌيرج نامہ صاحب" هو اُهو ڪوَدرا ۾ رهندو هو. اِن ڪانپوءِ ٻارهين مهنت " اُگر صاحب " نالي ڌاما کيڙا ۾ گادي جي جوڙجڪ ڪئي ۽ خود ئي مهنت بڻجي ويٺو. ان کان پهرين ڌاما کيڙا ۾ گاڌي ڪونہ هئي، انهي مان ظاهر آهي تہ سچي سنسار ۾ ستگرو رامپال جي مهراج ڪانسواءِ اصلي ڀڳتِي جو رستو ڪنهن وٽ بہ نہ آهي. سنت رامپال جِي مهاراج پنهنجن پروچنن ۾ بار بار چون ٿا تہ سڀنِي پريو پريمي عقيدتمندن کان عرض آهي تہ مونکي پريُو جو موڪليل داس سمجهِي پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. سنت غريب داس جي مهراج چون ٿا تہ :

**يہ سنسار سمجهدا ناهين،ڪهنداشامہ دو پهري نُون،**
**داس غريب يہ وقت جاتهئہ،روئوگي اِس پهري نُون.**

ٻارهون پنٿ غريب داس پنٿ لکيو آهي. ڪبير ساگر ڪبير چريتر ٻوڌ صفحي نمبر 1870 تي، ٻارهين پنٿ جي باري ۾ ڪبير ساگر صفحي نمبر 136 ۽ 137 تي واڻي لکي آهي تہ-:

**سموَت سترا سو پچتر هوئي، تا دِن پريم پرگهٽي جگ سوئي.**
**ساکِي هماري لي جِيوَ سمجهاوي، اسنک جنم ٺور نهين پاوي.**
**بارهوين پنٿ پرگهٽ هوَ واڻي، شبد هماري ڪي نِرٽيہ ٺاڻي.**
**اِسٿر گهر ڪا مرم نا پاوين، يہ بارا پنٿ هم ئي ڪو ڏياوين.**
**بارهوين پنٿ هم ئي چل آوين، سب پنٿ ميٽي ايڪ هِي پنٿ چلاوين.**
**ڌرمداس موري لاک دُهائي، سار شبد ڪهين باهر نهين جائي.**
**سار شبد باهر جو پرهي، بِچلي پيڑهِي هنس نهين ترهِي.**
**تيتيس ارب گيان هم ڀاڪا، سار شبد گُپت هم راڪا.**
**مُول گيان تب تڪ ڇُپائي، جب لگ دوادس پنٿ نہ مِٽ جائي.**

هتي ڪبير صاحب جي پنهنجي سيوَڪ ڌرمداس جي کي سمجهائين ٿا تہ سنبت 1775 ۾ منهنجي گيان جو پرچار ٿيندو جيڪو ٻارهون پنٿ هوندو. ٻارهين پنٿ ۾ منهنجي واڻي ظاهر ٿيندي. پر صحيح يگتي مارگ نہ هوندو. ٻارهين پنٿ ۾ مان ئي هلي ايندس ۽ سيئي پنٿ ختم ڪري صرف هڪ پنٿ هلائيندس پر ڌرمداس توکي لک لک قسم آهن تہ هي سار شبد ڪنهن نالائق کي نہ ڏِجان نہ تہ وچيئن پيڙهِي جا هنس پار نہ ٿي سگهندا انهي ڪري جيستائين ٻارهن/ 12 پنٿ ختم ٿي هڪ پنٿ نہ هلي تيستائين هِي مُول گيان لِڪائي رکندس.

سنت غريبداس جي جي واڻي ۾ نام جي اهميت -:

**نام ابئہ پد اونچا، سنتو نام ابئہ پد اونچا.**
**رام دُهائي سانچ ڪهت هون، ست گُرو سي پُوچا.**
**ڪهي ڪبير پُرش بريام، غريب داس ايڪ نوڪا نام.**
**نام نِرنجن نيڪا سنتو، نام نِرنجن نيڪا.**
**تيرٿ ورت ٿوٿري لاگي، جپ تپ سنجم ڦيڪا.**
**گُج تُرڪ پالڪِي ارٿا، نام بنا سب دان ويئرٿا.**
**ڪبير،نام گهِي سو سنت سُجانا،نام بِنا جگ اُرجهانا**
**تاهي نہ جاني يہ سنسارا، نام بِنا سب جم ڪي چارا.**

سنت نانڪ صاحب جي جي واڻي ۾نام جي اهميت-:

نانڪ نام چڍ ڍِي ڪلان، تيري ڀاڻي سڀ دا ڀلا.
نانڪ دُکيا سڀ سنسار، سُکيا سوئي نام آڌار.
جاپ تاپ گيان سڀ ڌيان، سٽ شاستر سِمرت وياکان.
جوگ ابياس ڪرم ڌرم سڀ ڪِريا، سگل تياگڻ مڌيہ ڦِريا.
انيڪ پِرڪار ڪِيئي بھُو ياتنا، دان پُنّيہ هومي بھُور تنا.
شيش ڪٽائي ہومي ڪر راتِي ، ورت نيم ڪري بھُو ڀانتِي.
نهين تُليہ رام نام وِچار، نانڪ گُرو مُک نام جپيئي ايڪ بار
(پرم پوجئہ ڪبير صاحب (ڪوير ديو) جي امرت واڻي)
سنتو شبد ئي شبد بکانا، ٽيڪ:
شبد فانس فنسا سڀ ڪوئي شبد نهين پھچانا.
پرٿم بِرهم سوئيم اِڇا تي پانچون شبد اُچارا،
سوهم،نِرنجن، ررنڪارا، شڪتِي اور اومڪارا.
پانچو تتوَ پِرڪرتي تينون گُڻ اُپجايا،
لوڪ دوئيپ چارون کانَ چوراسي لک بنايا.
شبدئي ڪال ڪلندر ڪھيئي شبدِئي ڀرم ڀُلايا،
پانچ شبد ڪي آشا ۾ سروس مُول گنوايا،
شبدئي بِرهم پرڪاش ميٽ ڪي بيٺي مُندي دوارا،
شبدئي نِرگُڻ شبدئي سرگُڻ شبدئي ويد پُڪارا.
شُد بِرهما ڪايا ڪي ڀيتر بيٺ ڪِري ستانا،
گياني يوگي پنڊت اور سِڌ شبد ۾ اُرجھانا.
پانچ شبد پانچ هي مُدرا ڪايا بيچ ٺِڪانا،
جو جيھسنڪ آراڌن ڪرتا سو تيھي ڪرت بکانا.
شبد نِرنجن چانچري مُدرا هي نينن ڪي مانھين،
تاڪو جاني گورک يوگي مها تيج تپ مانھين.
شبد اومڪار ڀُوچري مُدرا ٽِرڪوٽي هي ستانا،
وياس ويد تاهي پھچانا چاند سُورِيہ تيھي جانا.
سوهم شبد اگوچرِي مُدرا ڀنور گُفا ستانا،
شُڪ ديوَ مُني تاهِي پھچانا سُن انحد ڪو ڪانا.
شبد ررنڪار کيچري مُدرا دسوين دُوار ٺِڪانا،

**برهما وِشنُون مهيس آدي لو ررنڪار پهچانا.**
**شڪتي شبد ڏيان اُنمني مُدرا بسي آڪاش سنيهي،**
**جهِلمل جهِلمل جوت ڏِکاوي جاني جنڪ وديهِي.**
**پانچ شبد پانچ هي مُدرا سو نِسچئہ ڪر جانا،**
**آگي پُرش پُران ني اڪشر تِن ڪي خبر ناجانا.**
**نو ناٿ چوراسي سِڌ لو پانچ شبد ۾ اٽڪي،**
**مُدرا ساڌ رهي گهٽ ڀيتر ڦِر اونڌي مُک اٽڪي.**
**پانچ شبد پانچ هي مُدرا لوڪ دئيپ يمجالا،**
**ڪهہ ڪبير اڪشر ڪي آگي ني اڪشر ڪا اُجيالا.**

جيئن تہ هِن شبد ”سنتو شبده ئي شبد بکانا“ ۾ لکيو آهي تہ سڀ ئي سنت جن شبد (نام) جي مهما ٻُڌائين ٿا. پُورڻ بِرهم ڪبير صاحب جي ٻُڌايو آهي تہ شبد ست پُرش جو بہ آهي جيڪو ست پُرش جي علامت آهي ۽ جوتِي نِرنجن (ڪال) جي علامت بہ شبد ئي آهي، اُن ڪي گورک ناٿ يوڳي تمام گهڻو تپ ڪري حاصل ڪيو جيڪا عام اِنسان جي وس جِي ڳالهہ نہ آهي ۽ پوءِ گورک ناٿ ڪال تائين جِي ساڌنا ڪري سِڌ بڻجي ويا. مُڪت نہ ٿي سگهِيا. جڏهن ڪبير صاحب جي ”ست نام ۽ سارنام“ ڏِنو، تڏهن گورک ناٿ کي ڪال کان ڇُٽڪارو حاصل ٿيو. انهي ڪري جوتِي نِرنجن جي نالي جو جاپ ڪرڻ وارا ڪال جي ڄار کان نٿا بچِي سگهن، مطلب ست لوڪ نٿا وڃي سگهن. شبد ”اومڪار“ (اوم) جو جاپ ڪرڻ سان ڀونچرِي مُدرا جِي منزل کي پراپت ڪري سگهجي ٿي جيڪا ويد وياس جِي ساڌنا ڪئي ۽ ڪال جال ۾ ئي رهيا. ”سوهم“ نام جي جاپ سان اگوچرِي مُدرا تائين ئي پهچي سگهجي ٿو ۽ ڪال جي لوڪ ۾ نهيل ڀنوَرگُفا ۾ پهچي وڃن ٿا. جنهن جِي ساڌنا سُکديو رشِي ڪئي ۽ صِرف وشنو جِي جي لوڪ ۾ نهيل سرڳ تائين پُهتا. شبد ررنڪار کينچرِي مُدرا ڏهون دوار (سُشمنا) تائين پهچي وڃن ٿا. برهما، وشنو، مهيش ٽنهي ديوتائن ررنڪار کي سچ مڃي ڪال جي ڄار ۾ اُلجهيل رهيا. شڪتِي (شِريم) شبد هي اُنمُني مدرا کي پراپت ڪرائي ٿو جنهن کي راجا جنڪ پراپت ڪيو، پر ان جي مُڪتي نہ ٿي سگهي.

ڪيترن ئي سنتن پنج نامن ۾ شڪتِي جي جاءِ تي ست نام جوڙي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ ست نام ڪو جاپ نہ آهي، هي تہ ست نام سچي نالي جي طرف اِشارو آهي جيئن ست لوڪ کي سچ کنڊ بہ چون ٿا. ائين ئي ست نام بہ سچو نام آهي صرف ست نام ست نام جاپ ڪرڻ جو نہ آهي، هي منتر ۽ جاپ ٻئي مختلف آهن. اِنهن پنجن شبدن جي

ساڏنا ڪرڻ وارا نوَ ناٿ ۽ 84 سِڌ بہ اُنهن تائين ئي محدود رهيا ۽ شرير ۾ ئي ڏُن ٻُڌي آنند وٺندا رهيا اصل ۾ ست لوڪ استان تہ شرير (پنڊ) کان انڊ ۽ برهمانڊ کان پار آهي. انهي ڪري جيترا بہ سِڌ ساڌڪ هئا اُنهن کان وري ماءُ جي گرڀ ۾ اڇٽوئي مطلب جنم ۽ موت جي تڪليف ختم نہ ٿي جيڪو نہ فائدو اُنهن کي شرير سان ٿيو اُهو تہ ڪال (برهم) تائين جو ئي آهي ڇاڪاڻ تہ پُورڻ پرماتما جو نِج اِستان (هنڊ/جاءِ) ست لوڪ آهي ۽ اُنهي جي شرير جو پرڪاش (روشني) تہ پربرهم وغيره کان تمام گهڻو ۽ گهڻو اڳتي آهي اِن لاءِ تہ پرم سنت ئي پُوري ساڏنا ٻڌائيندو جيڪا پنج نالن (شبدن) کان الڳ آهي.

**سنتو ستگُرو موهي ڀاوي، جو نين الک لکاوي،**

**ڍولت ڍِگي نہ بولت ٻِسري ست اُپديش درڙاوي.**

**آنک نا موندي ڪان نہ روندي نا انحد اُرجهاوي،**

**پراڻ پُوجا ڪِريائون سي نيارا، سهج سماڌي بتاوي.**

گهٽ راماڻ جي رچيتا/ليکڪ آدرڻيہ تُلسي داس صاحب جِي هاٿ رس وارا خود چون ٿا تہ (گهٽ راماڻ پرٿم ڀاڱ صفحو نمبر 27)

**پانچو نام ڪال ڪي جانو، تب داني من سنڪا آنو،**

**سُرت نرت لي لوڪ سِڌائون، آدي نام لي ڪال گِرائون.**

**ست نام لي جيوَ اُباري، اَس چل جائون پُرش درباري،**

**ڪبير،ڪوٽي نام سنسار ۾ ، اِن سي مُڪتي نہ هو،**

**سار نام مُڪتي ڪا داتا، واڪو جاني نہ ڪو،**

**پورا ستگُرو سوئي ڪهاوي، دوئي اکر ڪا ڀيد بتاوي.**

**ايڪ ڇُڙاوي ايڪ لکاوي، تو پراڻي نِج گهر جاوي.**

گرو نانڪ صاحب جي واڻي ۾ ٽِن نالن جو ثبوت-:

**جي پنڊت تُو پڙهيا، بِن دُوئو اکر دُوئو ناما،**

**پرڻوت نانڪ ايڪ لنگهائي، جي ڪر سچ سماوا.**

**ويد ڪتيب سِمرتي سڀ سانست ، اِن پڍي مُڪتي نہ هوئي.**

**ايڪ اکشر جو گُرو مُک جاپي، تِس ڪي نِرمل هوئِي.**

**سمجهاڻي-:** گرو نانڪ صاحب جِي مهاراج پنهنجي واڻِي ۾ سمجهائڻ چاهين ٿا تہ سچو ست گرو اُهوئي آهي جيڪو ٻہ اکرن جي جاپ جي باري ۾

ڇاڻندوهُجي جنهن مان هڪ ڪال ۽ مايا جي قيد مان ڇڏائي ٿو ۽ ٻيو پرماتما کي ڏيکاري ٿو ۽ ٽيون جيڪو هڪ اکشر آهي اُهو پرماتما کان ملائي ٿو.

سنت غريب داس جي مهراج جي امرت واڻي ۾ سوانس جي نالي پرماڻ

**سوانسا پارس ڀيد همارا، جو کوجي سو اُتري پارا،**
**سوانسا پارس آدي نِشانِي، جو کوجي سو هوئي دربانِي.**
**سوانسا هي ۾ سارپد ، پد ۾ سوانسا سار، دم ديهي کا کوج کرو، آواگمن نِوار.**

**غريب، سوانس سُرتي کي مڌيہ هي، نيارا ڪدي نہ هوئي،**
**ست گُرو ساکشي ڀوت کون، راکو سُرتي سموئي.**
**غريب، چار پدارٿ اُر ۾ جووي، سُرتي نِرتي من پون سموئي.**
**سُرتي نِرتي من پون پدارٿ (نام) کرو اِکتر يار،**
**دوادس اندر سموئي لي، دِل اندر ديدار.**
**ڪبير، کهتا هون کهي جات هون، کهون بجا کر ڍول ،**
**سوانس جو خالي جات هئہ ، تين لوک کا مُول.**
**ڪبير، مالا سوانس اُسوانس کي ، ڦيرين گي نِج داس،**
**چوراسِي ڀرمي نهين، ڪٽين ڪرم کي ڦانس.**

گرو نانک ديو جي واڻي ۾ پرماڻ:-

**ڇھُونکا سنگ، ڇھُون کا ميت، جامي چاري هٽاوي نِت.**
**من پون کو راکي بند، لهي ترِکُوٽي ترِوِيٽي سنڌ،**
**اکنڊ منڊل ۾ سُن سمانا، من پون سچ کنڊ ٽکانا.**

پُورڻ ستگرو اُهوئي آهي، جيڪو ٽِن مرحلن ۾ نام ڏيئي سوانس جي ڪِريا سان گڏ سمرڻ جو طريقو ٻُڌائي تڏهن ئي جيوَن جو پُورڻ موکش مُمکن آهي جيئن پرماتما ست آهي ٺيڪ اهڙي ئي طرح پرماتما جو درشن ۽ موکش پراپت ڪرڻ جو طريقو بہ آدي انادي ۽ ست آهي جيڪو ڪڏهن بہ نٿو بدلجي غريب داس جي مهراج پنهنجي واڻي ۾ چون ٿا:-

**ٻگتي بيج پلٽي نهين، يُگ جاهين اسنک،**
**سائين سِر پر راکيو، چوراسِي نهين شنک.**
**گهيسا آئي ايکو ديش سي، اُتري ايکو گهاٽ،**
**سمجهون کا مارگ ايک هي، مُورک بارا باٽ.**

**ڪبير ڀڳتي بيج پلٽي نهين آن پڙي ٻهُو جهول،**
**جي ڪنچن ٻشٽا پري، گهٽي نہ تاڪا مول.**

گهڻا ئي مهاپُرش سچي نامن (منترن) جي باري ۾ نٿا ڄاڻن. هُو من مُکي نام ڏين ٿا جنهن سان نہ سُک ٿئي ٿو ۽ نہ ئي مُڪتي ٿئي ٿي. ڪي چون ٿا تہ تپ، هون، يڳيہ وغيره ڪريو ۽ ڪجهہ مهاپُرش اکيون، ڪن ۽ مُنهن بند ڪري اندر ڌيان لڳائڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا. جيڪا اُنهن جي من مُکي ساڌنا جي نشانِي آهي جڏهن تہ ڪبير صاحب، سنت غريب داس جِي مهاراج، گرو نانڪ ديوَ جِي وغيره پرم سنتن سمورين ڪِريائن جي منع ڪري صرف هڪ نام جاپ ڪرڻ جو ئي چون ٿا.

هڪ ناسترِي دمس نالي فرانس ملڪ جو هڪ ڀويشيہ وکتا (اڳڪٿي ڪار) هو. جنهن جون سڀ اڳڪٿيون سچ ثابت ٿي رهيون آهن جيڪي اٽڪل چارسئو سال اڳ چيون ۽ لکيون ويون آهن، هن چيو آهي تہ سن 2006ع ۾ هڪ هندو سنت نمودار ٿيندو مطلب سنسار ۾ هُن جي واکاڻ ٿيندي اُهو سنت نہ تہ مسلمان هوندو نہ ئي عيسائي هوندو، هُو صرف هندو ئي هوندو، هُن سنت جو ٻُڌايل ڀڳتي مارڳ سڀني کان جُدا ۽ حقيقتن تي مُشتمل هوندو، هُن کي گيان ۾ ڪوبہ هارائي نہ سگهندو. سن 2006ع ۾ هُن سنت جِي عمر 50 ۽ 60 سالن جي وچم هوندي (سنت رامپال داس جِي مهاراج جو جنم 8 سيپٽمبر 1951ع) ۾ ٿيو. جولاءِ سن 2006ع ۾ سنت جن جِي عمر ٺيڪ 55 سال ٿئي ٿي جيڪا اڳڪٿِي مطابق بلڪُل دُرست آهي) هُن هِندُو سنت طرفان ٻُڌايل گيان کي سچو سنسار قبول ڪندو. هُن هِندو سنت جي زيرنظر سان سڄي سنسار ۾ ڀارت ديش جوغلبو هوندو هُن سنت جي مرضِي سان سڀ ڪم ٿيندا، هن جي مهما آسمانن کان مٿي هوندي. ناسترِي دمس طرفان ٻُڌايل اِشارو سنت رامپال جِي مهراج جي طرف آهي جيڪي سن 2006ع ۾ معروف ٿيا آهن. پلي ئي اڻ ڄاڻن ماڻهن بُرائي ڪري مشهوري ڪئي آهي، پر سنت ۾ ڪوبہ عيب نہ آهي.

مٿي ذڪر سيئي لڇڻ جيڪي ٻُڌايا آهن. اُهي سيئي تتودرشي سنت رامپال داس جي مهاراج ۾ موجود آهن.

****

## "سنت کي ستائڻ جي سزا"

سنت غريب داس جِي مهاراج جو جنم ڳوٺ ڇُڊاڻي ضلع جهجَر ۾ شرِي بلرام جِي ڌنکڙهہ (جاٽ) جي گهر ۾ ٿيو. ڪيس پُورڻ برهم (ڪبير پرميشور) سن 1727ع ۾ ست لوڪ کان جسم ساڻ اچي مليا هئا ۽ سندس جيوَ آتما کي ست لوڪ

وڻي ويا هئا. پُٽيان پريوار وارن کين مئل سمجهي چِتا تي رکي ڇڏيو هو. اُنهي وقت ڪبير ديوَ صاحب سندس جيوَ کي واپس شرير ۾ داخل ڪري ڇڏيو. اُن ڪانپوءِ سنت غريب داس جِي مهاراج پڻ پرم پوجيہ ڪبير ديوَجِي (ڪبير پرميشور) جِي اکين ڏٺي مهما هرهڪ ماڻهو کي ٻڌائڻ لڳا. جيڪي بہ دکي انسان انهن کان اُپديش پراپت ڪندا هئا، اهي سُک تي ويندا هئا. سندس وڌندڙ مهما ۽ تتوگيان جي اگيان ٻين اٽپورن ڍونگي گروئن جا پول پڌرا ٿيڻ ڪري آس پاس جا سيئي اڌُورا اگياني گرو ڪانئس تمام گهڻو حسد ڪرڻ لڳا. آس پاس جي خاص خاص چوڌرين کي پٽيون پڙهائي ڇڏيون تنهن سبب آس پاس جي ڳوٺاڻن جا عام ماڻهو پريُوڪبير ديوَ جي پياري ٻالڪ غريب داس جي مهراج کان نفرت ڪرڻ لڳا.

دهلي جي واجِيدپُر ڳوٺ ۾ غريبداس جي مهراج جو هڪ شِش هو. هُن سان بہ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو نفرت ڪندا هئا. هُن چيلي جي عرض ڪرڻ تي پاڻ غريب داس ڪجهہ ڏينهن واجِيدپُر ڳوٺ ۾ ترسيا. اُن وقت ماڪڙن آس پاس جي علائقي جِي زراعت خاص ڪري ٻاجهري جي فصل کي تہ تباهہ ڪري ڇڏيو هو. پر غريب داس جي مهاراج جي شيوڪ جِي فصل کي ڪوبہ نقصان نہ رسايو. جنهن ڪري سيئي ڳوٺ وارا غريب داس جي مهراج جي مهما کان تمام گهڻا متاثر ۽ گيان قبول ڪري نام دان پراپت ڪري پنهنجو جيوَن سڦل ڪري آتم ڪلياڻ ڪرايو.

غريب داس جِي مهاراج جي چوڻ تي سندس شيوڪ جي اُن ٻاجهر کي سڄي ڳوٺ ۾ ورهائي ڇڏيائين ۽ ڪجهہ غريب داس جي مهاراج جي بار بار منع ڪرڻ باوجود بہ ڍڳا گاڏِي تي رکي ڇڏِي ۽ عرض ڪيائين تہ هر پُورڻماسي تي توهان پنڌارو ڪندا آهيو، سو ڪجهہ دان توهانجي داس جو بہ ٿي ويندو. ڀڳتن جِي عقيدت کي ڏِسي غريب داس جِي موڪل ڏيئي ڇڏِي (سنت غريب داس جي مهاراج کي چار پُٽ ۽ ٻہ نياڻين جو اولاد هو ۽ اٽڪل 1300 ايڪڙ زمين جا مالڪ هئا) ان گاڏي تي ويهي پاڻ ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا. رستي ۾ ڳوٺ ڪاٽودا جي ويجهو ڍڳا گاڏي پهچندي ئي پهرين کان ڪيل سازش جي تحت لالچي گروئن (ٻاون/ آچارين) سنت غريب داس جي مهاراج کي گهيري ورتو. سڄي ٻاجهري قُري ورتي ۽ ڳوٺ جي چوڌري ڇاجُو رام ڇڪارا کي پيغام موڪلي ڇڏيو تہ اسان هندو ڌرم جو مخالف جهلي ورتو آهي. چوڌري ڇاجُو رام جي حُڪم سان سنت غريب داس جي مهاراج کي چوواٽي تي ٻڌِي ڇڏيو. چوڌرِي ڇاجُو رام جي کي سرڪار طرفان ڪجهہ قانوني اختيارات هئا،

جنهن ۾ ڇهه مهيني جِي سزا، پنج سئو روپيا ڏنب ۽ وڏي گناهگار کي حوالات ۾ رکي قيد ڪرڻ وغيره شامل آهن.

ڌرم جي اُنهن جاهل ٺيڪيدارن (گروئن ۽ ٻاون) طرفان ڀڙڪايل وڏيرن پٽيون پڙهيل چوڌري ڇاجُو رام ڇڪارا جِي هُن پرم سنت غريب داس جي مهاراج کي ڪاٺ ۾ بند ڪري ڇڏيو (ڪاٺ ۾ بند ڪرڻ هڪ طرح جي قيد جي تمام سخت سزا هئي، ٻنهي پيرن جي گوڏن کان مٿي ڪاٺ جا ٻه ٿلها ڏنڊا ٻڌي ٻنهي هٿن کي پٺيان ٻڌي ڇڏيندا هئا، جنهن سبب انسان ويهي نه سگهندو هو تڪليف تمام گهڻي ٿيندي هئي ۽ پير ٻه سُڄي ويندا هئا). ڍڳا گاڏي وارو خالِي گاڏِي ڪاهي واپس واڄِيدپُر ڳوٺ هليو ويو جيڪو ڳوٺ ڪاٽودا کان اٽڪل ڏهه ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. خبر ملندي ئي واڄِيدپُر ڳوٺ جاڪجهه مکيه ماڻهو جلد ئي ڳوٺ ڪاٽودا پُهچي ويا ۽ چوڌرِي ڇاجُو رام جي کي عرض ڪئي ۽ گهڻو سمجهايو ته هِي ڪو عام اِنسان نه آهي، اهي پرم شڪتِي وارا آهن. توهان هِن کان معافِي گُهري وٺو. چوڌرِي ڇا جو رام تمام نيڪ ۽ رحمدل انسان هئا. پر اُنهن لالچي وڏائي جي بُکين گروئن هُن نيڪ آتما چوڌرِي ڇاجُو رام جي کي کُوڙيون کهاڻيون ٻُڌائي پربُو جِي پياري سنت غريب داس جِي مهاراج جي متعلق تمام گهڻو ڀڙڪائي رکيو هو جنهن سبب چوڌري ڇاجُو رام جِي بنا سبب ڄاڻي ئي سزا شروع ڪري ڇڏي هئي. واڄِيدپُر جي ڀڳتن جي عرض مڃي سنت غريب داس جي کي ڇڏي ڏنائين. سنت غريب داس جِي مهاراج ڪجھ به نه ڪُڇيو ۽ پنهنجي ڳوٺ ڇُڊاني واپس هليا آيا. ڪجهه ڏينهن بعد چوڌرِي ڇاجُو رام جِي صبح سوير جهنگل جي خيال سان تلاءُ تي ويا ته ٻن گهوڙي سوارن ان جا ٻئي هٿ ڪپي ڇڏيا، هڪدم هُن جي سامهون ئي غائب ٿي ويا. اِنهي منظر کي تلاءِ تي موجود ڪيترن ئي ماڻهن پڻ ڏٺو. تمام گهڻو علاج ڪرايو پر تڪليف ۽ هلندڙ رت بند نه ٿيڻ ڪري ڪيترائي ڏينهن بُري طرح تڙپندا رهيا. هڪ ڏينهن ڪنهن شخص چيو ته هُن سنت غريب داس جي مهاراج کان وڃي معافِي گُهري وٺ، اُهي ديالو آهن. گهروارن چوڌرِي کي گهوڙي تي ويهاري ڳوٺ ڇُڊاڻي وٺي ويا. شري ڇاجُو رام ويندي ئي سنت غريب داس جِي مهاراج جي قدمن ۾ ڪرِي پيو ۽ معافي گُهريائين. سنت غريب داس جي مهاراج آشيرواد ڏني ۽ نام اُپديش ڏيئِي سچِي زندگِي ڀگتِي ڪرڻ جو به چيو. چوڌرِي ڇاجُو رام جي چيو ته اي داتا! مونکي توهان جي باري ۾ تمام گهڻو گُمراهه ڪري ڇڏيو هو. مونکي ڪجهه به ڄاڻ ڪونه هئي ته توهان پُورڻ پرماتما آيل آهيو. سنت غريب داس جِي مهاراج چيو ته مان پُورڻ پرماتما ڪبير

صاحب جُلاهي جو موڪليل داس آهيان. اُنهي جِي ئي عظيم شڪتِي سان توهان نيڪ ٿيا آهيو. مون توهان کي ڪا بہ بد دعا نہ ڏِني هئي. توهان کي توهان جو ڪرمَ مليو آهي. جيڪڏهن هتي نہ اچو ها تہ توهان جي خاندان تي اجان بہ وڌيڪ پاپن جو اثر هو. هاڻ اُهو نہ رهندو، چو تہ توهان اُپديش پراپت ڪري ورتو آهي. چوڌرِي ڇاجُو رامَ پنهنجي سڄي ڪُٽنب کي نامَ اُپديش ڏياريو. اڄ بہ هُن نيڪ آتما ڇاجُو رامَ جي خاندان ۾ سنت غريب داس جِي مهاراج جِي روايت مطابق پُوجا ڪندا آهن. لڳ ڀڳ گهٽائي پريوار جنهن کي ڇاجُو واڙا سڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ:

**تُمَ ني اُس درگاهہ ڪا محل نہ ديڪا،**

**ڌرمراءِ ڪي تِل تِل ڪا ليڪا.**

**رامَ ڪهي ميري ساڌ ڪو دُک نہ ديجو ڪوئي،**

**ساڌ دُکائي مئين دُکي، ميرا آپا ڀِي دُکي هوئي.**

**هِرِنيڪ شِپُو اُدر (پيٽ) وِداريا مئين هِي ماريا ڪنس،**

**جو ميري ساڌوڪو ستاوي، وا ڪا کودُون ونش.**

**ساڌ ستاون ڪوٽِي پاپ هي، انگِنت يا اپراڌ،**

**دُرواساڪِي ڪلپ ڪال سي ، پرلئہ هوگئي يادوَ.**

مٿي لکيل واڻي ۾ ستگرو غريب داس جي مهاراج پرماڻ ڏيئي رهيا آهن تہ پرميشور چون ٿا تہ منهنجي سنت کي دُکــي نہ ڪجان، جيڪو منهنجي سنت دُکي ڪندو آهي، سمجهو مونکي دُکي ڪري رهيو آهي. جڏهن منهنجي ڀڳت پرهلاد کي ڏُکي ڪيو ويو تہ مون هرڻا ڪشپ جو پيٽ ڦاڙيو ۽ مون ئي ڪنس کي ماريو، جيڪو منهنجي ساڌو کي ڏُک ڏيندو مان هُن جو نسل ختمَ ڪري ڇڏيندس. اِنهي ڪري سنت کي ستائڻ جا ڪروڙين پاپ لڳندا آهن. جيئن بيشمار قتل ڪري ڇڏيون هُجن. هي اڻ ڄاڻ ماڻهو پرماتما جي قانون کان ناواقف آهن. اِنهي ڪري خطرناڪ ڀُل ڪندا آهن ۽ پوءِ سزا جا حقدار بڻجندا آهن. ساڌو ستائڻ جي هيٺين سزا ملندي آهي.

جيڪڏهن هڪ اِنسان ٻئي اِنسان کي ماري ٿو ڇڏي تہ ان جو اڳيئن جنمَ ۾ اُنهي جي هٿان ئي موت ٿيندي آهي ۽ حساب ڪتاب پُورو ٿيندو آهي. پر سنت کي ستائڻ جي تمامَ وڏي سزا آهي جيڪا انيڪ جنمن ۾ بہ پُوري نہ ٿيندي آهي. ستگرو پنهنجي واڻي ۾ چون ٿا تہ:

**اُرڌ مُکي گرڀ واس ۾ ، هردم بارمَ بار،**

**جُونِي پُوت پِشاچ ڪي، جب لڳ سرشٽِي سنهار.**

اهڙي غلطي ڪرڻ واري کي پرميشور مختلف جاندارن جي جوڻين ۾ باربار ماءُ جي گرڀ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي مطلب جنم وٺندي ئي مري ويندو آهي، جيستائين ڌرتِي تي قيامت نٿي اچي، تيستائين پُوتن جانورن ۽ جِنن جي جوڻين ۽ ماءُ جي گرڀ ۾ بيحد تڪليفون برداشت ڪندو آهي، تيستائين هُن کي معافي نہ ملندي جيستائين ستايل سنت ئي معاف نہ ڪري ڇڏي.

هڪ دفعي دُرواسا رِشي غرور ۾ اچي امريش رِشي کي مارڻ لاءِ پنهنجي سڌي شڪتِي سان هڪ سُدرشن چڪر هلايو. سُدرشڻ چڪر امريش رِشِي جي پيرن کي ڇُهئي واپس دُرواسا رِشي کي مارڻ لاءِ دُرواسا ڏانهن اچڻ لڳو. دُرواسا رِشي سوچي ورتو تہ مون تمام وڏي غلطي ڪري ڇڏي آهي. پر وديڪ وقت نہ هُئڻ ڪري دُرواسا رِشي سُدرشن چڪرجي اڳيان اڳيان ڀڄڻ لڳو. ڀڄندي ڀڄندي شري برهماجِي وٽ ويو ۽ چيائون تہ اي ڀڳوان! ڪِرپا ڪري توهان مون کي هُن سُدرشن چڪر کان بچايو. اُن تي بِرهماجِي پنهنجي سر تان بلا ٽاريندي صلاح ڏِني تہ اي رِشي جي!! اِها منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي توهان ڀڳوان شنڪر جِي وٽ وڃو. شنڪرجي ئي توهان کي بچائي سگهن ٿا. اِهو ٻُڌندي ئي رِشي دُرواسا جِي ڀڳوان شنڪر جي وٽ پُهتا ۽ چيائون تہ اي ڀڳوان! ڪِرپا ڪري توهان مونکي هِن سُدرشن چڪر کان بچايو. پر ڀڳوان شِوَ جِي بہ بِرهماجِي وانگر پاڻ تان ٽاريندي چيو تہ رِشي جِي ڀڳوان وِشنو جِي وٽ وڃو اُهي ئي توهانکي بچائي سگهن ٿا، منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. اِهو ٻُڌندي ئي رِشي دُرواساجِي ڀڳوان شرِي وشنوجِي وٽ پهتا ۽ عرض ڪيو تہ اي ڀڳوان ! توهان ئي مونکي هِن سُدرشن چڪر کان بچائي سگهو ٿا. نہ تہ هِي مونکي ڪٿي ماري ڇڏيندو. هِن تي ڀڳوان وِشنو جِي چيو تہ اي رِشِي جِي! هي سُدرشن چڪر توهانکي ڇو ٿو مارڻ چاهي؟ رِشِي دُرواسا مٿئين سڄي ڪهاڻي ٻُڌائي تڏهن ڀڳوان شرِي وشنُو جي چيو تہ اي رشِي دُرواساجِي! جيڪڏهن توهان اُن رِشي امريش جِي جا چرڻ پڪڙي معافي گهرندا تہ سُدرشن چڪر توهانجِي جان بخشندو، نہ تہ مان تہ ڇا پرڪوبہ ديوَ توهانکي بچائِي نٿو سگهي ۽ هِن جو ٻيو ڪوبہ حل ئي ناهي. مرتا ڪيا نهين ڪرتا؟ تڏهن درواسارِشي واپس وڃي امريش رِشِي جا پير جهلي روئڻ لڳو ۽ دل سان معافي گهريائين. تڏهن امريش رِشِي اُهو سُدرشن چڪر پنهنجي هٿ سان جهلي دُراسا رِشِي جِي کي ڏيئي ڇڏيو ۽ چيائون تہ سنتن ۽ رِشين سان ڪڏهن بہ بي ادبي نہ ڪرڻ گهرجي. اُن جو انجام تمام بُرو هوندو آهي.

**شري ڪرشن گرو ڪسنِي هُوئي اور بچي گا ڪون.**

جڏهن ڀڳوان شري ڪرشن جي جي گرو دُرواسا رشي جهڙن جي اِها حالت آهي تہ پوءِ عام ماڻهو ڪيئن ٿو بچي سگهي؟

*****

# “پنڪيل کي راهہ لڳائڻ”

## (ڀڳت سماج مالڪ جي حقيقي ڀڳتي کان گهڻو دُور)

ست لوڪ آشرم ڪرونٿا، ضلعو روهتڪ، هرياڻا ۾ ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) جي پرگهٽ ٿيڻ واري ڏينهن جي موقعي تي هلندڙ پنج روزه (18 جون کا 22 (2005)ع تائين) ستسنگ واري تقريب ۾ ڀڳت بسنت سنگهہ سيني پنهنجي ڪهاڻي ٻُڌائي، جيڪا براءَ مهرباني هيٺ پڙهو.

## “پريو پياسي ڀڳت بسنت سنگهہ سيني کي رستو ملڻ”

مان بسنت سنگهہ سيني ڳوٺ گانڌرا ضلع روهتڪ هرياڻا جو رهندڙ آهيان ۽ هِن کان اڳ 161MNS پانڊوَ نگر نزديڪ متردبئيري يمنا پُور، دهلي 92 ۾ رهندو هئس . اسان جي خاندان تي سمجهو ڏُکن جا پهاڙ ٽٽي پيا هئا. پوءِ بہ پرماتما کي حاصل ڪرڻ جي چاهت ۽ ڏُکن جي خاتمي لاءِ سنتن ۽ مهنتن وٽ ايندا ويندا رهندا هئاسين. پر ڪٿان کان بہ ڏکن جو حل ٿي نہ سگهيو آخرڪار هڪ مشهُور سنت شري آسارام باپُو سان وچي ملياسين. اُن وقت دهلي ۾ باپُوجي سنگت اٽڪل هڪ هزار جي هئي، جنهن سبب تمام سُٺي نموني ملڻ جو موقعو مليو اسان پنهنجي ڏُکن۽ پرماتما پائڻ جي جُستجُو اسان هُن جي اڳيان رکي.اُنهن اسانکي 7منتر: }اوم گُرو، هري اوم، اومئي نمهہ، اوم نمهہ شِوائي، اوم نمو ڀڳوتي واسو ديوائي، هري رامائي نمهہ ۽ گائيتري منتر وغيره{ ٻُڌايا. جنهن مان هڪ چونڊڻ لاءِ چيو ويو ۽ هڪ ”سوهم“ منتر جيڪو سوانس جي ذريعي ”سو“ اندر ۽ ”هم“ ٻاهر ڪڍي جاپ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ايڪادشِي ۽ پورڻيما جو ورت، سوموار جو ورت ۽ اشٽمي جو ورت رکڻ لاءِ چيو، گهڻي کان گهڻو ترِبند پرڻايام، ستہ آسڻ ۾ ويهي ڌيان لڳائڻ ۽ ڌارمي رسمون ڪرڻ جو ٻُڌايو. اسان منتر ورتو ۽ پنهنجا ڏُک هُن جي اڳيان روئي ٻُڌايا، اسان اُنهن کي ٻُڌايو تہ اسان جو چاچو جيڪو 40 سال اڳ گُذاري ويو هو تمام وڏو پريت/ڀُوت بڻيل آهي. هُن اسانجي ٻن پائرن کي ماري ڇڏيو آهي، اٺ ڏهہ مينهن ۽ پنج ڇهہ ڏڳين کي بہ ماري ڇڏيو آهي، جانورن جو ڪوبہ ڦر زنده نٿو بچي، گهرجا سيئي ڀاتي بيمار رهن ٿا. ڏُکن جي ڪري بيحال آهن ۽ ڪنهن بہ ڪاروبار يا ڌندي کي هلڻ نٿو ڏيئي. هاڻي چئي

رهيو آهي تہ توهانجي پتاجِي کي وٺي ويندس. اسان ٻاپُو آسارام جِي کي عرض ڪيو تہ اسانکي بچايو. پر ڇهہ مهينن بعد اُهو پريت اسان جي پِتا جِي کي بہ وٺي ويو. آسارام ٻاپُوجِي چيو تہ جيڪو ٿيو سو تہ ٿيڻو ئي هو، جانورن وغيره ڌن دولت جو نقصان يا جِسماني بيماري تہ پاپن جو ڀوڳ آهي. جيڪو جيوَ انسان جي نصيب ۾ لکيل هوندو آهي، اُهو تہ ڀوڳڻوئي پوندو آهي. توهان ڀڳتي ڪريو. اسان پرماتما جي پائڻ جي لاءِ لڳا رهيا. ٻاپُوجِي جي سمجهائڻ بعد اسان پرماتما پراپتي جي لاءِ پُوري شرڌا سان لڳي وياسين ۽ مون (بسنت داس) سڀ کان پهرين شرِي آسارام ٻاپُوجِي آشرم دهلي ۾ 40 ڏينهن جو انوشٺان (هوَن، يگهہ وغيره ڌارمِڪ رسم) مهنت نريندر برهمچارِي جِي صلاح سان ڪيو. اِن کان پوءِ 40 ڏينهن جا 6 انوشٺان آسارام ٻاپُوجي آشرم پنچيڙ رتلام، مڌيہ پرديش ۾ مهنت جي ديک ريک ڪيا. هُن کان پوءِ وري 2 انُوشٺان آسارام آشرم سابرمتِي احمد آباد گُجرات جي مُونَ مندر ۾ ڪيا، جتي شرِي آسارام ٻاپُوجِي سان چڱي طرح ڳالهہ ٻول ڪرڻ ۽ سُٺي نموني ملڻ جو موقعو مليو، تڏهن مون ٻاپُوجِي کان پُڇيو تہ ٻاپُو جي جنهن پرماتما کي پائڻ جي لاءِ مون سميت سڄو ڀڳت سماج رڌل آهي اُهو پرماتما ڪير آهي؟ ڪهڙو آهي؟ ۽ ڪٿي رهي ٿو؟ اِهو ٻُڌائڻ جي مهر ڪريو.

اِهو ٻُڌِي ٻاپُو جِي چيو تہ توهان لڳا رهو سڀ خبر پئجِي ويندي وڌيڪ چيو تہ گيتاجِي جي هڪ اڌياءِ جو پاٺ روزانو ڪرڻو آهي ۽ ڪڏهن منهنجي درشن جو خيال ٿئي تہ هڪ طريقو ٻُڌايان ٿو، هڪ ڪمري ۾ ٽي ڏينهن بند ٿِي وڃو. ڪمري بند ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيو. جيئن ليٽرين، باٿرُوم کان ڇوٽڪارو مليل رهي. ان ڪانپوءِ ٽن ڏينهن تائين ڪجهہ بہ ڪائڻو پيئڻو ناهي، نہ ٻاهر نڪرڻو آهي مطلب تہ ڪمري ۾ ئي رهڻو آهي، تراٽڪ (يوگ جي شٽ ڪرم جو ڇهون ڪرم) ڪرو. گهر وچي مون ٽي دفعا ائين ڪيو، پر ٻاپُوجِي جا درشن نہ ٿيا. انُوشٺان جي دوران زندگي ۾ مُوت جي مُقابلي سبب بيماري کي منهن ڏيڻو پيو، پر پوءِ بہ پرماتما پائڻ لاءِ لڳو رهيس.

سيپٽمبر 2000ع ۾ سنت رامپال جِي مهاراج جو ستسنگ ڪاٺ منڊي روهتڪ ۾ ٻُڌو، انُهن تتوگيان جي بُنياد تي گيتاجِي کي سمجهايو اُن ڪانپوءِ گيتاجِي جو پاٺ ڪرڻ سان من ۾ اچڻ لڳو تہ گيتاجِي ۾ ڀڳوان ڇا چئي رهيا آهن ۽ آسارام ٻاپُوجِي ڇا ٻُڌائي رهيا آهن؟ ڪٿي سچ مُچ اسان ڀڳوان جي خلاف ساڌنا تہ نہ ڪري رهيا آهيون؟ سنت رامپال داس جِي طرفان ٻُڌايل گيتاجِي جي ترجمي کي سمجهيو تہ

انتر آتما روئڻ لڳي ۽ آسارام جي سان مليِ اِهي سيئي شڪ پڇڻ چاهيا. مان آسارام وٽ گيتاجي ڪٽي ويس ۽ گيتاجي کي ڏيکاري سيئي شڪ پُڇيا، پر باپُوجِي ڪنهن بہ شڪ جو حل نہ ڪيو. مون باپُوجِي کي چيو تہ باپُوجِي! توهان کي پرماتما جي باري ۾ ڪجھ بہ ڄاڻ نہ آهي تہ پوءِ توهان ڀڳت سماج کي پاڻ وٽ ڇو اُلجهائي رهيا آهيو؟ اُن تي باپُوجِي مون ڏانهن گھوري چيو تہ تون ڇا ڄاڻين ڀڳتي جي باري ۾ ؟ مان اُٿي روئيندو روئيندو پنهنجي گھر اچي ويس.

پرماتما جي حاصلات نہ ٿيڻ، اُلجهيل زندگي کي ڏسندي، هٿ رُوپي اَنُوشتان ۽ ورت رکڻ جي سبب جسم بيحد ڪمزور ٿي ويو هو ۽ موت قريب نظر اچڻ لڳو. پوءِ ٻين سنتن (راڌا سوامي پنٿ، ڌن ڌن ستگرو، شرِي ستپال جي مهاراج، بال يوگيشور جي مهاراج، ديويہ جوتِي، برهم ڪماري، نِرنڪارِي مِشن، جئہ گرويَو مٿُرا وارو وغيره) وٽ ويٺڪيس، پر جيڪو ستگرو رامپال داس جي مهاراج ٻُڌايو، اهو مٿين سيني سنت، پنٿ مان ڪنهن وٽ بہ نہ آهي. مان پڇتائڻ لڳيس تہ هِن وقت شايد ڌرتي تي ڪوبہ اهڙو سنت نہ آهي جنهن کي پرماتما پراپتي ٿي هُجي ۽ جيڪو اِهو ٻُڌائي سگهي تہ اهو پراماتما ڪير آهي؟ ڪهڙو آهي؟ ۽ ڪٿي رهندو آهي؟ اهڙا ويچار ڪري مان رات جو سُڏڪا ڀري روئيدو رهيس، سنتن تان ڀروسو ختم ٿي ويو، من ۾ اچڻ لڳو تہ جڏهن شرِي آسارام باپُوجِي جهڙا مقبول سنت ٿي ڪري شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي من مانا آچرڻ ( ويد واٽي ڇڏي پنهنجي مرضي جِي پُوجا) پاڻ ڪري ۽ ڪرائي رهيا آهن تہ پوءِ ٻيو ڪنهن سنت تي ڀروسو ڪجي. سنت رامپال داس جِي مهاراج گيان تہ سيئي ٻُڌائي رهيا آهن پر ان وٽ ماڻهن جو هجُوم ڪجھ بہ نہ آهي. هي پُورڻ سنت ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ اهڙي بي اعتمادي من ۾ آئي. ڪجھ ڏينهن بعد سنت رامپال داس جِي مهاراج جو هڪ شِش جيڪو اسان جي ڳوٺ جو هو مليو ۽ منهنجي ڪهاڻي ٻُڌي، هن مونکي وري پرماتما جي سرُوپ ۾ آيل سچي سنت رامپال داس جِي مهاراج جي ستسنگ ۾ ٻيهر آڻي ويهاري ڇڏيو. مون هِڪ ڪلاڪ جو ستسنگ ٻُڌو ۽ ستسنگ بعد روئندي روئندي سنت رامپال داس جِي مهاراج سان مليس. مهاراج جِي مونکي سيني سان لڳائي چيو تہ جِن سنتن وٽ تون ويندو هئين اُهي شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي من مرضي وارا نمونا ڪري ۽ ڪرائي رهيا آهن. جيئن تہ اُهي ڀهريائين ڪا واقف هئا تہ مون کي ڇا ڪپي منهنجي وهمن کي دُور ڪرڻ سنت شرِي رامپال داس جِي مهاراج مونکي پنهنجن چرڻن ۾ ويهاري اهڙي طرح سان ڪيو.

تتودرشي سنت رامپال داس جي مهاراج ٻڌايو ته پويتر شريمد ڀڳوت گيتاجي ادياءِ 09 شلوڪ 25 ۾ پتر پوڄڻ مطلب شراڌ ڪيڻ جي منع ڪئي آهي ۽ ٻين ديوي ديوتائن جي پُوڄا ڪرڻ وارن کي بي عقل لکيو آهي. (گيتاجي آدياءِ07 شلوڪ 12 کان 15 ۽ 20 کان 23 تائين ) پر شري آسارام جي ”شراڌ مهما“ نالي پنهنجي ڪتاب ۾ شراڌ ڪيڻ جو بهتر طريقو ٻڌائين ٿا. سنت شري آسارام جي جي سابرمتي احمد آباد آشرم کان ڇپيل ميگزين رشي پرساد انڪ - 135مارچ 2004ع ۾لکيل آهي ته ڀُوت پوڄڻ وارا ۽ پتر پوڄڻ وارا ۽ ٻين ديوتائن کي پوڄڻ وارا ڇا بڻجندا ؟ پڙهو ميگزين جي اڳئين انڪ ۾ .... اڳئين انڪ جي پتريڪا رشي پرساد انڪ 136 اپريل 2004 پيج نمبر 19 تي لکيل آهي ته ڀُوت پُوڄڻ وارا ڀُوت لوڪن ۾ ويندا پتر پُوڄڻ وارا پتر لوڪن ۾ ويندا ۽ شري ڪرشن جي جا پُوڄاري شري ڪرشن جي جي بئڪُنٺ لوڪ ۾ ويندا.

سوچيو: ته شري آسارام جي طرفان لکيل ” شراد مهما ” نالي ڪتاب ۾ پتر پُوڄا جو بهتر طريقو به لکيل آهي.

مثال طور:- ڪو شخص اهو به ٻڌائي رهيو آهي ته کوهه ۾ ڪرندڙ مري ويندو آهي ۽ وري خود کوهه ۾ ڪرڻ جو مشورو ڏيندي چئي رهيو آهي ته کوهه ۾ ڪرڻ جو بهتر طريقو ٻڌايان ٿو ته ٻئي قدم ڪٺي يڪدم ٽپو ڏيو. اِهو کوهه ۾ ڪري مرڻ جو بهتر طريقو آهي. جيڪو ائين نٿوڪري اُهو گناهگار آهي.

ڇا اُهو انسان نيڪ آهي؟ اهڙو ناٽڪ سنت شري آسارام جي ڪري رهيا آهن. هڪ طرف ته چئي رهيا آهن ته پتر، ڀُوت پوڄيندڙ ڀُوت ۽ پتر بڻجي ڀُوت ۽ پتر لوڪن ۾ويندا آهن، جتي اُهي بکايل اُڃايل رهندا آهن. پوءِ شراڌن ذريعي اُنهن جو پيٽ ڀريو ويندو آهي. هڪ ٻي سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جڏهن پنهنجا ماتا پتا زنده هئا تڏهن روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعا ماني کائيندا هئا، هاڻي مرڻ بعد اُهي شري گيتاجي جي ورُڌ سادنا (اُبتڙ پُوڄا) ڪري ڏکوئيندڙ ڀُوت ۽ پريت يوڻين ۾ هليا ويا، هاڻي هڪ ڏينهن جي شراڌ ڏيڻ سان اُنهن جي بُک ۽ اُڃ ڪيئن مِٽي سگهي ٿي؟ باقي 364 ڏينهن ڇا کائي ۽ پي گذارو ڪندا؟ جنهن لاءِ سنت ۽ گرو جن گناهگار آهن جيڪي ڀولي ڀالي آتمائن کي گُمراهه ڪري رهيا آهن. شاسترگيان کان ناواقف سنت ئي هن جيوَ کي شاسترن جي طريقيڪار جي اُبتڙ سادنا ڪرائي ڏک ڏيندڙ يوڻين ۾ وِجهرائيندا آهن.

شري آسارام جي شري شوَجي ڀڳوان جي اُپاسنا جو منتر (اوم نمه شِوائي) ۽ شري وشڻوجي ڀڳوان جو منتر (اوم نمهه ڀڳوتي واسو ديوايه) ٻُڌائيندا آهن. اُنهي کان علاوه هري اوم، اوم گرو وغيره منترن مان ڪو هڪ منتر پنهنجي مرضي سان

چونبڻ جو چون ٿا ۽ سوهم جا به حصا ڪري سوانس ذريعي سِمرڻ ڪرڻ وغيره جو منتر ڏيندا آهن، جيڪو ڪنهن به شاستر ۾ پرماڻ نہ آهن.

مثال طور :- ڪو روڳي جنهن جي پيٽ ۾ سور هُجي، انکي ڊاڪٽر ڪان علاج جي لاءِ چئجي ۽ ڊاڪٽر اُن جي اڳيان ڇهہ قسمن جون گوريون رکي چئي تہ جيڪا توکي سُٺي لڳي اِنهن مان اُها هڪ کٽي وٺ ڇا اُهو ڊاڪٽر سُٺو ڊاڪٽر ٿي سگهي ٿو؟

پويتر گيتاجي اڌياءِ 08 شلوڪ 13 ۾ لکيل آهي تہ-:

**اوم اِتي ايڪ اڪشرم، برهم وهارن، مام انُو سِمرڻ**

**يہ پرياتي، تجن ديهم، سهياتي، پرمام گيتم13**

هِن جي لفظي معنيٰ آهي تہ گيتا گيان ٻُڌائڻ وارو برهم ڪال چئي رهيو آهي تہ (مام برهم) مون برهم جو تہ (اِتي) صرف هي (اوم ايڪا اڪشرم) هڪ اوم اکر آهي (ويهارن) اُچار ڪري (انُوسِمرڻ) سِمرڻ/جاپ ڪري (يهہ) جيڪو ساڌڪ (تجن ديهم) شرير ڇڏڻ تائين مطلب آخري سانس تائين (پرياتي) ساڌنا سِمرڻ ڪري ٿو (سهہ) اُهوئي ساڌڪ (پرمام گتيم) منهنجي پرم گتي کي (ياتي) پراپت ڪري ٿو.

مطلب تہ شري ڪرشن جي جي شرير ۾ پُوت وانگر داخل ٿي هڪ هزار هٿن وارو برهم ڪال جوتي نرنجن چئي رهيو آهي. تہ مون برهم جي ساڌنا صرف هڪ اوم نام سان مرڻ گهڙي تائين ڪندڙ ساڌڪ کي ئي مون کان مِلندڙ لاڀ (فائدو) حاصل ٿيندو آهي. پيو ڪو بہ منتر منهنجي ڀڳتي جو نہ آهي ۽ پنهنجي گتي کي بہ گيتا اِڌيا07ءِ شلوڪ 18 ۾ انُوتمام مطلب تمام نيچ ٻُڌايو آهي. اِنهي جو ثبوت گيتا اِڌيا09ءِ شلوڪ 20 کان 25 ۾ ٻُڌايو آهي تہ جيڪو ٽِن ويدن (رگ ويد، يجُر ويد، سام ويد) ۾ ٻُڌايل طريقي سان منهنجي ساڌنا ڪندا آهن ۽ ٻين ديوتائن جي پُوجا ڪندا آهن اُنهن جي جنم ۽ موت سرگ، نرڪ جو چڪر قائم رهندو آهي ۽ پتر پوڄڻ وارا (شراڌ ڪرڻ وارا) پتر ٻڄي پترن کي پراپت ڪندا آهن. پُوت پوڄڻ وارا (تيرهين، سترهين، ورسي، هڏيون کٽي گنگا وغيره ڪِريا ڪرم ڪرائي پاٹي ۾ وهائي ڇڏڻ ، پنب پرائڻ وغيره پُوت پُوجائون آهن) پُوت ٻڄي پُوت لوڪ ۾ هليا ويندا ۽ پوءِ ڌرتي تي بہ ڀٽڪندا رهندا. اها پُوجا بي بُنياد طريقي ۽ جهالت جي بُنياد تي من مانو آچرڻ آهي. اِنهي ڪري فضول آهي. ثبوت لاءِ ڏسو گيتا اڌياءِ 16 شلوڪ 23،24. هتي خاص ڪري چوٿين ويد "اترووِيد" جو ذِڪر اِنهي ڪري نہ ڪيو جو ان ۾ پُوجا جا طريقيڪار گهٽ ۽ سرشٽي رچنا وڌيڪ آهي، اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ18 شِلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اُن پرماتما جي شرڻ ۾ وڃ جنهن

سان تنهنجي پُورڻ مُڪتي ٿيندي ۽ پرم شانتي ۽ شاشوت استان مطلب ست لوڪ پراپت ٿيندو ۽ گيتا ادياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ چيو آهي تہ تتودرشي سنت ملڻ تي اُن جي ٻُڌايل شاستر وڌي مطابق ساڌنا ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اُن پرم پد پرميشور جي کوج ڪرڻ گهرجي جنهن جي پراپتي کانپوءِ اُتي پُهتل ساڌڪ جي ڪڏهن بہ جنم مرتيو نتي ٿئي مطلب تہ اناڌي موڪش، پُورڻ موڪش پراپت ٿيندو آهي، گيتا چوڻ وارو ڪال مطلب شرپُرش برهم چئي رهيو آهي. تہ مان پڻ هُن آدي پُرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان.

سنت رامپال داس جي مهاراج ٻُڌايو تہ ٻيا سيئي سنت ٻُڌائين ٿا تہ پاپ جو يوڳ تہ نصيب ۾ لکيل هئڻ سبب جيوَ کي ڀوڳڻو ئي پوي ٿو، ڀڳتي ڪندي رهڻ گهرجي، اڄڻ وارو ٻيو جنم سُکي ٿي ويندو.

مثال طور:- ڪنهن جي پير ۾ ڪنڊو لڳو هُجي جنهن سبب هُن کي گهڻي تڪليف ٿي رهي هُجي، اُن ڪنڊي جي سور کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي عرض ڪري تہ جواب ملي تہ ڪنڊو تہ لڳل رهڻ ڏي، جُتي پائي وٺ. آئيندا ڪنڊو ڪونہ لڳندو. تہ ڇا اُهو شخص ٺيڪ صلاح ڏيئي رهيو آهي؟ جو تہ ڪنڊي لڳل پير ۾ جُتي پائي بہ نہ سگهبي، پهرين ڪنڊو نڪري پوءِ هِن خوف سبب جُتي پائيندو تہ متان وري ڪنڊو نہ لڳي وڃي. ٺيڪ اهڙي طرح پُورڻ پرماتما جي پُورڻ سنت جِي شرڻ ۾ اچڻ سان پاپ رُوپي ڪنڊي جو درد ختم ٿي ويندو آهي. پوءِ ساڌڪ پرميشور جِي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا رُوپي جُتي هِن خوف سان پائيندو تہ متان ڪٿي وري پاپ رُوپي ڪنڊو تڪليف نہ ڏي.

سيني سنتن پويتر گيتاجِي جي ترجمي ۾ ارٿن جو غلط ارٿ ڪري رکيو آهي. گيتا ادياءِ 07 شلوڪ نمبر 18 ۽ 24 ۾ " انوتمام" جو ارٿ اتي اُتم مطلب " تمام اُونچو" ڪيو آهي. ادياءِ 18 شلوڪ 66 ۾ "ورج " جو مطلب "اچڻ" ڪيو آهي. جڏهن تہ انوتم جو ارٿ تمام نيچ ٿيندو آهي ۽ ورج جو ارٿ وڃڻ ٿيندو آهي. تتوگيان جي گهٽتائي ۽ اگياني گروئن جي سبب ئي پگت سماج شاسترن جي طريقيڪار جي اُبتڙ ساڌنائون ڪري منُش جيوَن برباد ڪري رهيا آهن. (پويتر گيتاجِي ادياءِ16 شلوڪ 23 ۽ 24) سيني ڌرمن جون پويتر آتمائون تتوگيان کان اَڻ واقف آهن. جنهن سبب نقلي گروئن سنتن مهنتن ۽ رشين جو داءُ لڳل آهي. جنهن وقت پويتر پگت سماج روحاني تتوگيان کان واقف ٿي ويندو، انهي وقت اُنهن نقلي گروئن سنتن مهنتن ۽ آچارين کي لڪڻ جي جڳهہ نہ ملندي .

مٿئين سچائي کي اکين سان ڏِسي مان ۽ منهنجو ٻيو پريوار سنت رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ آيا آهيون. اڄ پُوري پريوار ۾ ڪوبہ بيماري نہ آهي ۽ جيڪي

پُوٽ پريوار جي ڪنهن ڀاتي يا ڪنهن جانورکي ڪڏهن ماري ڇڏيندا هئا يا ڪم ڌنڌي کي هلڻ نہ ڏيندا هئا. اُهي رڳو گهرڪان نہ پر ڳوٺ کان بہ ڀڄي ويا آهن ۽ ٻين رشتيدارن جي گهر وڃي واس ڪيو آهي. جيڪي اڄان تائين بہ شري آسارام جِي جا پُوڄاري آهن. اُتي وڃي اُهي ڀُوت چون ٿا تہ اُنهن (بسنت وغيره) جي گهرتي تہ پرماتما جو نواس ٿي ويو آهي. انهن کي پرماتما سورُوپ سنت ملي ويا آهن. اسان اُنهن وٽ نٿا وڃي سگهون.

سنت رامپال جِي مهاراج جِي سان اُپديش بعد اسان پُوري طرح سان صحت مند ۽ سُکي زندگي گُذاري رهيا آهيون. اسان جي پريوار ۽ رشتيدارن جي اٽڪل 200 ماڻهن سنت رامپال جِي مهاراج کان اُپديش پراپت ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي پهرين شرِي آسارام جا چيلا هئا. سنت رامپال جِي مهاراج جي ٻُڌايل تتوَگيان کي سمجهي ڪري اٽڪل ڏهہ هزار ماڻهو شرِي آسارام جا شيوڪ سنت رامپال جي مهاراج جِي چرڻن ۾ اچِي چُڪا آهن، جيڪي بہ مون وانگر گهڻو پڇتاءُ جتائي رهيا آهن.

منهنجي ڀڳت سماج کي عرض آهي تہ جِن کي بہ پرماتما جِي تلاش آهي اُهي مهرباني ڪري پرماتما سرُوپ جگت گرو سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي چرڻن ۾ اچي پنهنجي زندگي کي سُکي بڻائين ۽ پُورن پرماتما کي پراپت ڪن.

## ڀڳت بسنت داس موبائيل نمبر00919812151088

## “حيرت انگيز ڪرشمو”

### پُوڄنيہ گرو ديوَجِي ڏنبوت پرڻام!!

مان پنهنجي ڪُٽنب جِي خوشي جي خبر احترام سان توهان کي ٻُڌائڻ چاهيان ٿو تہ جنوري2000ع جي شروعات ۾ سنت رامپال جي مهاراج جو ستسنگ ڳوٺ تاج پُر دهلي ۾ شرِي مُراري ڀڳت جي گهر ۾ هلي رهيو هو تہ هڪ ٻئي ڀڳت جي ڏيءِ منهنجِي گهرواري شريمتي بِملا ديوي (چاولا) کي چيو تہ چاچي جي پاسي واري ڳوٺ ۾ جيڪو ستسنگ هلي رهيو آهي، جيڪڏهن توهان انهي مهاراج جِي کان نام وٺندين تہ توهان جي لاعلاج بيماري (ريرهہ جِي هڏي ۾ هڪ انچ جو فاصلو) ٺيڪ ٿي سگهي ٿي. منهنجي گهرواري انهي ڇوڪرِي کي چيو تہ آل انڊيا ميڊيڪل انسٽيوٽ آف ريسرچ سينٽر آف سائنس دهلي ۾ جنهن جو ادائي سال علاج هلي ناڪام ٿيو هُجي تہ اُن هڪ نام يا شبد ۾ ڪهڙي طاقت آهي جنهن سان منهنجي لاعلاج جاٽايل بيماري ٺيڪ ٿي سگهي. ڪافي ديرتائين ٻنهي جي بحث هلندي رهي آخر ۾ آهستي آهستي هلي اُن

ستسنگ ۾ وڃڻ جو خيال ڪيو. پرم پوجيہ سنت رامپال جي مهاراج جا پروچن ٻڌي اڌوري چڏيل ڀڳتي جي تار ٻيهر بندي چوڙ سان جُڙي ويئي ۽ اڍائي سالن جي علاج سان فائدو نہ ٿيندڙ صرف نام جي سِمرڻ سان پنج ڏينهن جي جي اندر ئي لاعلاج روڳ ٺيڪ ٿي ويو. هِن کي ڀهرين ڊاڪٽرن ويهڻ ۽ ٻيهڻ جِي سخت منع ڪئي هئي، جيڪا اڄ بہ ٽريٽمينٽ سلِپ تي لکيل آهي ۽ هڪ انچ جي فاصلي وارا ايڪسري بہ موجود آهن. سڀ ڪان وڏو مسئلو منهنجي گهرواري کي اِهو بہ هو جو ويهي مانِي بہ نہ کائي سگهندي هئي ۽ هٿ ڌوئڻ مهل تہ 10، 15 منٽ تائين روئنڻو پوندو هو ڇو تہ وڌيڪ جھُڪڻ تي گهٽي تڪليف ٿيندي هئي. هاڻي هُو پرم پوجيہ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي آشيرواڊ سان 50 ڪلوگرام جي وزن کي پنهنجي پاڻ کڻي سگهي ٿي ۽ بلڪل صحتمند آهي.

منهنجِي سڀني پڙهندڙن کي عرض آهي تہ پرميشور برابر سنت رامپال جي مهاراج جيڪي ڪبير ديوَ جا مڪمل مهر بخشيل سنت آهن ڪان جلد مفت نام پراپت ڪري سڄي پريوار جو ڪلياڻ ڪرايو ۽ پُورڻ موڪش، ست لوڪ (شاشوتم ستانم) پراپت ڪريو .

**(ست صاحب)**

**توهان جو شيوڪ ڀڳت نٿُورام،**

**ڳوٺ چاولا ڌهلي**

**009120913936**

## "اڻ ٿيٽي ڪئي پرميشور"

مان ڀڳت سُريندرداس ڳوٺ گانڌار، تعلقو سامپلہ ضلعو روهتڪ جو رهواسي آهيان. منهنجي عمر 31 سال آهي ۽ ننڍپڻ کان ئي پرماتما جي کوج ۾ لڳل هئس. من مُکي پُوجا (مندرن ۾ وڃڻ، ورت رکڻ، شراڌ ڪيڻ وغيره) ڪندو هئس، پر جسماني تڪليف ۽ ذهني بي سُڪوني لڳاتار لڳي پئي هئي. پوءِ بہ پرماتما ۾ وشواس ۽ پرماتما پائڻ جي تڙپ برقرارهئي، اها تڙپ مونکي سن 1995ع ۾ شرِي آسارام باپُوجي وٽ وٺي ويئي، مون اُن کان نام اُپديش ورتو ۽ جهڙي ڀڳتي سادنا ڪرڻ جو آسارام ٻُڌايو وڌي چاهہ سان اُها سادنا ڪئي. پر نہ تہ ڪا جِسماني تڪليف گهٽ ٿي ۽ نہ وري ڪا روحاني علم جي پراپتي ٿي، بلڪ تڪليفون وڌنديون ئي رهيون. مان شرِي آسارام باپُو جي چوڻ مطابق ئي سادنا ڪندو هئس، جيئن 250 گرام کير صبح شام پيئندو هئس ۽ 250 گرام شام جو پيئندو هئس، مونکي ڏِنل منتر ۾ جيترا لفظ هئا. اوترا

لک جپ ڪرڻ ۾ سماڌي لڳائڻ، اها 40 ڏينهن جي ڪِريا هئي، جيڪو هڪ انُوشٺان هوندو آهي. اِهڙا اِهڙا مون 14 انُوشٺان ڪيا.

هڪ دفعي مون آسارام باپُو جِي جي ستسنگ ۾ ٻڌو تہ ست ڏينهن بِنا ڪجهہ کائڻ جي رهي منتر جاپ ڪرڻ، سماڌي لڳائڻ ۾ پرڻايام ڪرڻ سان ايشور پراپتي ٿيندي. پوءِ مون اُنهن وچنن کي سچ سمجهي ائين ئي ڪيو، پر پرماتما پراپتي جي بجاءِ بُکيو رهڻ ڪري موت جي ويجهو تي ويئس ۾ پرڻايام ڪرڻ سان دماغي توازن بِگڙي ويو ۽ مان چرين جهڙو تي ويئس.

اِنهي دوران مون مٿان پُورڻ سنت رامپال جِي مهاراج جِي مهر جي نظر ٿي ۽ مون کي سيپٽمبر 2000ع ۾ پوجيہ گروديوَ سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش پراپت ٿيو. اُپديش ملندي ئي مون کي ائين محسوس ٿيو تہ جيئن ڪنهن ديپڪ ۾ گيهہ وجهي ڇڏيو هُجي ۽ منهنجو جيون شانت منظم رهڻ لڳو.

پُورڻ سنت پاپ ڪرمن کي ختم ڪري سگهي ٿو هِن جو مثال منهنجي زندگي ۾ هُن وقت پيش آيو جڏهن مان مئي 2004ع ۾ اورنگ آباد مها راشٽر ۾ سنت رامپال جي مهاراج جي ستسنگ جي لاءِ تنبو شيوا ڪندي 25 فُٽن جي اونچائي تان هيٺ پٿريلي زمين تي ڪِري پيس. هِتي ڪال کي ڪجهہ ٻيو ئي منظور هو، منهنجي ريڙهہ جِي هڏِي ٽُٽِي ويئِي ۽ منهنجي جسم جي هيٺين حصي ۾ اڌرنگ ٿي ويو. اُنهي وقت مون پنهنجي ستگُرو سنت رامپال جِي مهاراج کي ياد ڪيو، تہ گُروديوَ جِي ديا سان اُنهِي ئي وقت ٻئي پير ٺيڪ طرح ڪم ڪرڻ لڳي ويا.

**غريب، ڪال ڊري ڪرتار سي، جئہ جئہ جگديش، جورا جورِي جهاڙتِي، پگ رج ڊاري شيش.**

ان کانپوءِ مونکي اورنگ آباد جي نجِي اسپتال (پٽ ورڌن اسپتال) ۾ وٺي ويا. جتي ڊاڪٽر ڊي جي پٽورڌن منهنجي جسم جي جانچ ڪئي ۽ ريڙهہ جِي هڏِي جا ايڪسري ورتا رپورٽ مان خبر پئي تہ ريڙهہ جِي هڏِي ٽُٽي ويئي آهي. رپورٽ ڏسي ڊاڪٽر بيحد حيران ٿي چوڻ لڳا تہ توهان جِي ريڙهہ جِي هڏِي ٽُٽي ويئي آهي، اُن جو هِڪ ٽڪرو الڳ ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر بار بار منهنجي پيرن کي هٿ لڳائي ڏٺو ۽ چيائين تہ توهان تي پرماتما جِي تمام گهڻي ڪِرپا آهي جو توهان جا پير ٺيڪ ڪم ڪري رهيا آهن. چو تہ هِن رپورٽ مطابق اڌرنگ ٿيڻ لازمي هو. مان هُن اسپتال ۾ ٽي ڏينهن داخل رهيس، ان کان پوءِ مان موڪل وٺي واپس پنهنجي گهر هرياڻا اچي ويس،

اُتي روهتڪ ۾ هڏين جي مشهور ڊاڪٽر چيدا ڪان مون پنهنجو علاج ڪرايو. ڊاڪٽر چيدا بہ پنهنجي رِپورٽ ڏِسي حيران ٿي ويو تہ تون ڪئين هلي ڦري رهيو آهين، توهان ڪي رِپورٽ مطابق اڏرنگ ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر چيدا وري رنگين ايڪسري ڪرايو ۽ چيو تہ هِن جو علاج ممڪن ئي ناهي، باقي آپريشن جي ذريعي هِن ڪي جهڙي حالت ۾ آهي اُتي روڪي سگهجي ٿو تہ جيئن هڏِي وڌيڪ نہ ٽُٽي سگهي. ڊاڪٽر هڏين ڪي طاقت ڏيڻ جي لاءِ انجيڪشن شروع ڪري ڇڏيا، ٽن مهينن ۾ مڪمل انجيڪشن لڳي ويا، پوءِ هن چيو تہ آپريشن ضرور ڪرائڻو پوندو، نہ تہ باقي بچيل هڏِي بہ ٽُٽِي سگهي ٿي ۽ آپريشن جو خرچ ٻہ لک روپيا ٻُڌايو ۽ وڌيڪ چيو تہ رپورٽن جي مطابق ٽن مهينن جي اندر توهان ڪي موت ڪي پراپت ٿي وڃڻو هو، اڄ توهان پرماتما جِي ڪِرپا سان زنده آهيو. آپريشن جا ٻہ لک روپيا خرچ پرڻ ڪان مان قاصر هئس، اِنهي ڪري علاج لاءِ ٻئي ڊاڪٽر وٽ ويس، هو بہ رپورٽون ڏِسي حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن آپريشن ۾ دير ڪئي تہ هڏِي وڌيڪ ٽُٽِي سگهي ٿي، هُن بہ ٻُڌايو تہ رپورٽن جي مُطابق توکي اڏرنگ ٿيڻو هو، تون هلي ڦري ڪيئن رهيو آهين؟

آخر ٿڪجِي مون پنهنجي ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج جي چرڻن ۾ عرض ڪيو تہ منهنجي پوجيہ ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج مون تي دِيا ڪئي ۽ مٿي تي هٿ رکي آشيرواد ڏيئي چيو تہ پُٽ تون بلڪل ٺيڪ ٿي ويندين ۽ چيو تہ جيڪڏهن تون اڄ ڪبير پرميشور جِي شرڻ ۾ نہ هُجين ها تہ يڳت توهان ڪي تڙپي مرڻو هو، تنهنجي عمر وڌيڪ نہ هئي تون هڪ دفعو وري ڊاڪٽر ڪي ڏيکار. مون گروديوَ جي آگيا مطابق ٻئي ڏينهن ئي ڊاڪٽر ڪي طبيعت ڏيکاري. جنهن منهنجو ايڪسري ڪيو ۽ ايڪسري ڏِسي ڊاڪٽر حيران رهجي ويو ۽ چيو تہ هڏِي ٽُٽي الڳ ٿي ويئي هئي اُها پنهنجو پاڻ مٿي ڪجي ڪيئن جُڙِي ويئي؟ ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ هِن هڏِي جي اهڙِي حالت هئي تہ جيئن ڪا گاڏي تمام وڏي چڙهائي ۾ چڙهي رهي هُجي انجڻ ۾ خرابِي ٿي وڃي تہ واپس ئي اچي سگهي ٿي يا وري پهرئين گيئر ۾ وجهي پٿر وغيره ڦيٿن جي پٺيان ڏيئي اُتي ئي روڪي سگهجي ٿو. اڳتي چڙهي نٿي سگهي. تنهنجي هڏِي مٿي چڙهِي ائين جُڙِي ويئي آهي اِها ڊاڪٽري اتهاس ڪان ٻاهر جي ڳالهہ آهي. اِنهي مان مونکي بہ محسوس ٿئي ٿو تہ ڪا طاقت آهي جيڪا ناممڪن کي بہ مُمڪن ڪري سگهي ٿي، اهو تہ آپريشن سان بہ نہ ٿي سگهيو ٿي، آپريشن ڪري اُن ۾ ڪا شيء پرڻ سان اُن گيپ ڪي پري سگهجي ها، پر پوءِ بہ جيڪڏهن تون ڪا وزني شئ ڪڻڻ جو

ڪم ڪرين ها تہ هڏِي ڪِسڪي وڃي ها ۽ وري تون ڪٽ تي تڙپي تڙپي مرين ها،
ڊاڪٽر جي سمجهہ ۾ ئي ڪونہ پئي آيو. مون چيو تہ پُورڻ بِرهم ڪبير صاحب جِي
سرُوپ منهنجي پوڄيہ گروديوَ سنت رامپال جِي مهاراج منهنجا پاپ ڪرم ڪٽي،
منهنجي موت کي ٽاري پنهنجي ڪوٽا مان مونکي نئين زندگي ڏِني آهي. ڪبير
صاحب جي واڻي آهي تہ:

**جو ميري ڀهڳتِي پڇهوڙِي هوئي، تو ميرا نام نہ ليوي ڪوئِي.**

هاڻي مان بلڪل صحتمند آهيان ۽ ستگرو جي چرڻن ۾ آتم ڪلياڻ لاءِ
بغير لالچ جي شيوا ڪري رهيو آهيان. 50 ڪلو گرام وزن پنهنجو پاڻ ڪٽي هلي
سگهان ٿو. اسانجي ستگروديوَ جو اصل مقصد ڀڳتي ڪرائي ماڻهن کي بُريون عادتون
ڇڏائي پنهنجي اصلي گهر ست لوڪ وٺي وڃڻ آهي، هِتي جا ننڍا وڏا سُک تہ اسان جا
گروديوَ پنهنجي خزاني مان ئي ڏيئي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن جيو ڀڳتي مارڳ تي هلندو
رهي.

منهنجي سموري ڀڳت سماج کي عرض آهي تہ اسانجي گروديوَ جي چرڻن ۾
اچي سچي ڀڳتي ڪريو ۽ دُنيا جي سُکن سان گڏ پنهنجي آتما جو بہ ڪلياڻ جو رستو
بہ حاصل ڪريو. ست صاحب!!

رڳويد منڊل 10 سُڪت 161 منتر 02 ۾ پُورڻ پرماتما فرمائين ٿا تہ اي
شاستر مطابق ساڌنا ڪرڻ وارا ساڌو!! تون پُوري طرح سان منهنجِي شرڻ وٺ، مطلب
سيئي شڪ ختم ڪري منهنجي ڀڳتي ڪر، مان تنهنجي هر لاعلاج بيماري کي ختم
ڪري ڇڏيندس۽ جيڪڏهن تنهنجي عمر بہ باقي نہ آهي تہ اُها بہ وڌائي 100 سالن جي
ڪري ڇڏيندس. مٿي ٻُڌايل ڪٿا پرڀُو جِي طاقت کي ظاهر ڪري ٿو. (ست صاحب.
جئہ بندي ڇوڙ جي)

**ڀڳت سريندر داس موبائيل نمبر 9992600826**

## "پرڀو ٻُڌي غريبن جي"

مان ڪرم وير ولد شرِي گهاسيرام ولد شرِي ڇوٽُورام، ڳوٺ پراڻ، ضلعي
روهتڪ جو پُراڻو رهواسِي آهيان. سڀ ڪان پهرين مان ۽ منهنجي ڪُٽنب سن 1986ع
نرنڪارِي بابا هرديوَسِنگهہ جِي مهاراج ڪان نام ورتو، اُن وقت مان ڇوڙيون وِڪڻ جو
ڪاروبار ڪندو هئس گهريلو حالات ٺيڪ هئا. آهستي آهستي حالات خراب ٿيندا

ويا. ڪجهہ ڏينهن بعد منهنجي گهرواري جي جِسم ۾ طرح طرح جون بيماريون گهر ڪري ويون، هِن کي بواسير ۽ پِتي ۾ پٿري بہ هئي، ڊاڪٽر آپريشن جو خرچ ويهہ هزار روپيا ٻُڌايو، مون داس جي گهر ۾ اُن وقت ويهہ هزار داڻا بہ ڪونہ هئا، مون کي بہ دم جِي بيماري هئي. منهنجي گهرواري ۽ مان پنهنجن ڏُکن کي ياد ڪندي ڏُڪايل من سان چرچا ڪندي رڪشا ۾ ويهي بس اڏي ڏانهن ڳالهيون ڪندي وڃي رهيا هئاسين تہ پئسا تہ آهن ڪونہ آپريشن ڪيئن ٿيندو؟ اسان تہ مري ئي ويندا سين. هُن رڪشي ۾ هڪ ٻي پيڻ ويٺل هئي هُن اسان جي حقيقت پُڇي ۽ چيو تہ توهان ڪرونٿا هليا وڃو اُتي هڪ مهاراج آهن اُهي بيمارين جي دوا مُفت ۾ ڏين ٿا. منهنجي گهر واري ميواديوي 27/07/2003 جو ست لوڪ آشرم ڪرونٿا ۾ ويئي ۽ بندي ڇوڙ ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج کي پنهنجي سيئي بيمارين ۽ گهريلو حالات جي باري ۾ ٻُڌايو. ستگرو ديوَجي تمام پيار سان سيئي ڳالهيون ٻُڌيون ۽ پوءِ چيو تہ ڌيءِ هتي ڪابہ دوا وغيره نٿي ڏِني وڃي، فقط آتم ڪلياڻ جو رستو سمجهايو وڃي ٿو ۽ ڀڳتي ڪرڻ جو طريقو پويتر ويدن ۽ گيتاجِي مطابق سيکاريو وڃي ٿو. پُورڻ پرماتما ڪبير صاحب جِي ديا سان صرف منتر جاپ ڪرڻ سان ئي سڀ تڪليفون دور ٿي وڃن ٿيون. سچو لاڀ تہ هِن جيوَ کي جنم ۽ موت کان ڇُٽڪارو ڏيارڻ آهي، سماج سُڌار ۽ ٻيا سُک تہ پنهنجو پاڻ ملي ويندا آهن. رام نام جي دوا ڏيئي منهنجي سڄي ڪُٽنب کي سُکن سان مالا مال ڪري ڇڏيو. هاڻ اسان پريم پري سُکي زندگي بسر ڪري رهيا آهيون. سيئي بيماريون صرف نام جاپ ۽ گروديوَ جي آشيرواد سان ختم ٿي ويون. اسان بندِي ڇوڙ کان عرض ٿا ڪريون تہ اي داتا! جهڙي سُکي زندگي اسان کي ڏِني آهي اهڙي ئي هر هڪ کي بخشيو.

ڀڳت ڪرم وير داس پُتر شري گهيسارام ،
ڳوٺ ڀراڻ، تعلقہ مهم، ضلعو – روهتڪ.

## “ڀڳوان هجي تہ اهڙو ”

آئون ڀڳت مهاويرسنگهہ ولد ڪيهرسنگهہ، ڳوٺ ڊراڻا ضلعو جهجر هرياڻا جو رهواسي آهيان. اڳي مان شِوَ جو ڪٽر پُوجاري هئس، منهنجي پِتي ۽ گُردي اندر گند پرجي ويو هو مونکي منهنجو پاءُ مهيندرسنگهہ ميڊيڪل ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ وٺي

ويو. انهي کان اڳ بہ ڪافي پئسا لڳي چُڪا هئا. پر ڪابہ راحت نہ مِلي. ميڊيڪل جي اندر الٽراسائونڊ ڪانپوءِ تي آپريشن چئي ڇڏيا. مان گهبرائجي ويس. مون آپريشن ڪرائڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ڪاڏو بہ ڪونہ ڪائي سگهندو هئس. حالت تمام نازڪ تي پُڪي هئي. منهنجو وڏو ڀاءُ مهيندر چوندو هو تہ توهان سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش وٺِي ڇڏيو. اُهي پُورڻ پرماتما جا اوتار آيل آهن. ڪبير صاحب پُورڻ برهم آهن. مان چوندو هئس تہ شوَ جِي ڀڳوان جي اڳيان تنهنجي ڪبير جُلاهي (ڏاٽڪ) جِي ڪهڙي اوقات آهي؟ ڪبير تہ هڪ شاعر هو، هُو ڀڳوان ڪيئن تي سگهي ٿو. منهنجي وڏي ڀاءُ مهيندر سنگهہ ولد ڪهير سنگهہ جو پريوار بہ اُجڙيل هو، سنت رامپال جِي مهاراج جي شرڻ ۾ وڃڻ سان پُورو پريوار خوش آهي. اُنهن اڳ واريون سڀ پُوڄائون ڇڏي ڏِنيون آهن، اُهي پوءِ بہ تمام سُکي آهن. مان بہ مڃيندو هئس پر ڀڳوان شوَجي کان مٿي ڪنهن کي بہ ڪونہ مڃيندو هئس. منهنجو وڏو ڀاءُ مهيندر سنگهہ چوندو هو تہ مهاوير! اِها ڀُل سيني کي لڳل آهي. پُورڻ برهم ڪوير ديوَ/ڪبير پرميشور ئي آهن. اُنهن جِي طاقت جي اڳيان برهما، وشڻو، شِو برهم ۽ پربرهم ڪجهہ بہ ناهن، جيئن ملڪ جي وزيراعظم ۽ صدر جي اڳيان ملڪي ۽ صوبائي وزير جي حيثيت هوندي آهي. ايترو فرق پرميشور ڪبير جِي (وزير عظم /صدر سمجهو) ۽ شِوَ جي ( هڪ صوبائي وزير سمجهو) جي طاقت ۾ آهي. صاحب جي طاقت ۽ مٿي . هاڻي توهان پاڻ ئي سوچيو تہ ڪٿي ڪبير ديوَ ۽ ڪٿي ڀڳوان شوَجي؟ مطلب ڀاڏي جي نسبت ۾ ٻڪر. سنت رامپال جِي مهاراج سيني سدگرنٿن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي ۽ ڀڳتي شڪتي ۽ پنهنجي ويچار شڪتي سان سڀ ڪجهہ صحيح ٻُڌايو آهي. تڏهن تہ پنهنجي جونيئر انجنيئر ( J.E) جِي نوڪري ڇڏِي ڀڳتِي ميدان ۾ لٿا آهن. اڄ سيني سنتن مهنتن ۽ اچارين، ٻاٻن کي ملهہ ماري ويٺا آهن، سيئي پنٿ ۽ مهرشِي ديانند جھڙن کي بہ اُنهن ليکن ۾ فيل ڪري ڇڏيو آهي. اخبارن ۽ ٽي وي تي سيني کي للڪاريو آهي، سامهو ڪير بہ نٿو اچي. آريا سماج جي ڪجهہ نادانن جهگڙو ڪيو هو، جِن کي منهن جي ڪائڻي پيئي. چوتہ مهاراج رامپال جِي ثبوتن سان ڳالهہ ڪن ٿا. ٻيا جيڪي بي بُنياد ڏند ڪٿائن جي بُنياد تي رستو ڏيکاري رهيا آهن، سچ جي اڳيان ڪوڙ نہ ٽڪندو.

وڏي ڀاءُ مهيندر سنگهہ جون ڳالهيون ٻُڌي من ۾ ايندو هوتہ وڙهي پوان پر وڏي ڀاءُ هئڻ جِي ناتي ڪونہ ڪُڇندو هُئس. ڪو ٻيو ائين چوي تہ ڪٿي راجا ڀوج(ڪبير صاحب) ۽ ڪٿي گنگوُ تيلي (شوَجي) تہ مان ضرور وڙهي پوان ها. پر هاڻي

خبر پئي تہ سچ پُچ ڪبير صاحب پُورڻ پرميشور ئي آهن ”مرتا ڪيا نهِين ڪرتا“ سو مون بہ انهي ڏينهن پنهنجي پاءُ مهيندرسنگھ ڪي چيو تہ منهنجي زندگي بچائي وٺ. منهنجي پاءُ چيو تہ ڪرونتا آشرم هل، تنهنجي زندگي اُتان ئي بچِي سگهي ٿي مونکي آپريشن ٿيٽر وٺي وڃڻ لاءِ ٽرالِي ۾ ليٽائي ڇڏيو هو ۽ آپريشن وارا ڪپڙا پارائي ڇڏيا هئا تہ مان اُتي روانو ٿيس ۽ اُهي ڪپڙا لاهي پنهنجا ڪپڙا پائي پنهنجي پاءُ کي چيو تہ مان نام اُپديش وٺندس مونکي وٺي هل اسان گاڏِي ڪري ميڊيڪل سينٽر کان سڌو بندي ڇوڙ ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج جي شرڻ ۾ وياسين ۽ نام اُپديش پراپت ڪيو، اُن وقت آشرم ۾ مون مانِي کاڌي اسان پوءِ وري ميڊيڪل سينٽر وياسين جانچ ڪرائي تہ ڊاڪٽر اچرج ۾ پئجي ويا تہ مونکي ڪوبہ تڪليف ڪونہ ڏٺي، منهنجو آشرم ۾ ڪو بہ خرچو نہ ٿيو، منتر ۽ منتر جاپ جِي پُستڪ بہ فرِي ۾ مِليا. منهنجو سڄو خاندان ديوي ديوتائن جِي پُوجا پاٺ ڪندو هو، پر نام اُپديش وٺڻ کان پوءِ ڇڏي ڏِنيون، پهريائين کان وڌيڪ سُکي ۽ صحت مند آهيون، بندي ڇوڙ پُورڻ پرماتما ستگرو رامپال جِي مهاراج جا ڏينهن رات گُڻ ڳائيندا آهيون.

سنت رامپال جِي مهاراج جو مُکيہ مقصد تہ نام اُپديش ڏيئي پڳتِي ڪرائي ڪال جي ڄار کان آزاد ڪرائڻ آهي. سماج سُڌار ۽ سنسارِي سُک تہ خود بہ خود ٿي ويندا آهن.

ست صاحب

پڳت مهاويرداس

## ”لُٽيل پٽيلن جو سهارو“

مان پڳت جيرام (راجُو) ولد شرِي گٽيش رام، ڳوٺ ڊراٽا جو رهواسِي آهيان. مونکي ۽ منهنجي گهرواري کي لاعلاج بيماري هئي، ڊاڪٽرن ٽي-بي ٻُڌائي هئي، اسان ڊاڪٽرن کان ڪافِي علاج ڪرايو ۽ ديوي ديوتائن جي بہ تمام گهڻي پُوجا ڪئي ۽ U.P هرياڻا راجستان ۾ بالاجِي وغيره بہ علاج لاءِ ويا، ڪافي پئسا خرچ ٿي ويا، ڏهہ ٻارهن سال ائين پٽڪندا رهياسين، اسان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ لک روپيا خرچ ڪري ڇڏيا هوندا، پر ڪوبہ آرام نہ ٿيو. اسان بيحد تنگ ۽ غريب بہ ٿي ويا هئاسين، 50 روپيا ڪمائيندو هئس تہ 100 روپيا خرچ ٿي ويندا هئا. اهڙي تنگي سبب ڪيترائي ڀيرا خودڪشِي ڪرڻ جي سوچ آئي، هوَن بہ ڪرايو، هوَن ڪندي وقت پنڊِت ڊڄِي ويو ۽ چيائين تہ هِن ۾ تمام وڏو ڄِن آهي، پنڊت چيو تہ مان ٻيهر هوَن

ڪندس ۽ پوءِ ٻُڌائيندس. ڀڳت مهيندرداس ولد ڪيهرسِنگ جيڪو منهنجي ڳوٺ جو آهي، انهي کي سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش ورتل هو. مونکي ڪيترائي پيرا چيائين تہ جيرام ڪٿي بہ گُهمي اچ ۽ نگن کان ڦُرجي وڃ، پر سنت رامپال جِي مهاراج کانسواءِ ڪير دُک دُور نہ ڪري سگهندو. ڀڳت مهيندر چوندو هو تہ مان پٽڪي ۽ ٽڳجِي سنت رامپال جِي مهاراج جِي آشرواد ۽ اُنهن جِي ڏِنل نام سمرڻ سان اُجڙيل آباد ٿيو آهيان. مان ڀڳت مهيندر کي چوندو هئس تہ ڪرونٿا وارو آشرم تہ هينئر نهيو آهي، مان تہ تمام وڏن وڏن مندرن ۾ وڃي چُڪو آهيان. آخر مان ڏاڍو تنگ ٿِي ڀڳت مهيندر سان مليس. ڀڳت مهيندر سان گڏ وڃي اسان اڳئين ڏينهن سنت رامپال جي مهاراج کان مُفت نام اُپديش حاصل ڪيو. نام اُپديش وٺڻ بعد مان بلڪل صحت مند ٿي ويو آهيان. نام وٺڻ کي (( 2005 ۾ اسان کي اٽڪل ٻہ سال ٿي ويا آهن. اسان جو پُورو پريوار بِلڪل صحتمند آهي، اسان رات ڏينهن پُورڻ پرماتما بندي چوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج جا گڻ ڳائيندا آهيون.

سنت رامپال جِي مهاراج جو خاص مقصد تہ نام اُپديش ڏيئي ڀڳتي ڪرائي ڪال جي ڄار کان مُڪت ڪرائڻ آهي، سماج سُڌار ۽ سنسارڪ سُک تہ خود بہ خود اچي ويندا.

(ڀڳت جيرام داس)

## "سنت هُجي تہ اهڙو"

مان ششِي پريا پرڌان آچاريہ (پرنسيپل) راجڪيئہ ورشٽ مدل اسڪول ديگانا ضلع جِيند ۾ لڳل آهيان. مان پنهنجي گهريلو جهڳڙن ۽ ذهنِي چنتا جي سبب اٽڪل 35 سالن کان پريشان هيس. مڙس تشدد بہ ڪندو هو. سڄي پگهار بہ ڦُري وٺندو هو. هو جيترِي پريشان ڪري سگهندو هو ڪندو هو. 32 ايڪڙ زمين جو مالڪ هوندي بہ هميشہ اسانکي ڪُتن وانگر مانِي ڏيندو هو. مون هُن ۽ منهنجي سيني رشيدارن کان مدد گُهري. مون سماج ۾ رهندڙ پنچائتي ماڻهن کان بہ مدد گُهري، پر ڪنهن بہ ساٿ نہ ڏِنو. آخر اِهو سوچي تہ سنت بگڙيل ڪمن کي سنواري ڇڏيندا آهن، مون آنندپُر (بينا) مڌيہ پرديش واري کي گرو بڻايو، پر گهر ۾ اهائي تڪليف رهي. ڇوڪريون پرماتما جي ديا سان پنهنجي خرچ تي پڙهايون، پر هاڻي شادي نہ پئي ٿيئي. پيءُ رِشتو ڳولڻ بند ڪري ڇڏيو. انهي الُجهن سبب مان بالاجي ويس. بگڙ (راجستان)، ڏولِي ڏار، هِماچل پرديش ويس. پير فقير، گُرودُئاري جو سهارو ورتو.

گهر ۾ جڏهن اڪيلي هوندي هيس تہ روئندي هيس تہ ڊرتي تي پرماتما آهي ئي ڪونہ . ظلم ۽ نا انصافِي برداشِت ڪندي ڪندي منهنجي حالت چرين جهڙِي ٿي ويئي هئي.

آخرڪار هڪ ڏينهن هِي دُکي آتما هُن پرماتما جي دربار تائين پُهتي جو ڏُک دُور ڪندا آهن. منهنجي پاڙي ۾ پاٺ ٿيو. منهنجي پاڙيسري مونکي پرساد ڏيڻ لاءِ مو نکي گهر سڏڻ آئي. اُتي وڃڻ کان پوءِ ڳالهہ ٻول ٿي. پاٺ جي متعلق ٻُڌايو تہ پاٺ پرماتما جي سچِي واڻِي آهي. جنهن سان ڏُک ڪٽجن ٿا. پر اهڙو پاٺ فقط سنت رامپال جِي مهاراج جِي آگيا مطابق ئي ڪرائڻ سان لاڀ ٿيندو آهي. ٻيو ڪنهن کان بہ پاٺ ڪرائڻ سان لاڀ ڪونہ ٿيندو. جهڙي طرح راجا پريڪشِت کي ڪٿا ٻُڌائڻ جي وقت ڪنهن بہ رشِي پاٺ ڪرڻ جي همت ئي ڪونہ ڪئي. چو تہ اُهي نااهل هئا. ستين ڏينهن نتيجو اڇٹو هو. اُنهي ڪري سرڳ کان رشِي سُکديوجي آيا. اُنهن راجا پريڪشت کي نام ڏيئي (شِش بڻائي) ست ڏينهن ڪٿا ڪئي. تڏهن راجا پريڪشت کي ڪجهہ راحت ملي، موجوده وقت ۾ ڪير بہ سچي گيان ۽ سچِي ساڌنا کان واقف نہ آهن. اِنهي ڪري ڪير بہ پاٺ ڪري چڏيندو آهي، جنهن سان يِگت کي ڪو بہ لاڀ نٿو ٿئي. اُها پيڻ جنهن سان منهنجِي ڳالهہ ٻولهہ هئي، اُها سنت رامپال جِي مهاراج جا ويچار ٻُڌندي هئي. اٽپڙهيل هوندي بہ شاسترن جو ڳُجهو گيان سنت جي کان ٻُڌل ٻڌائيندي هئي. مان پرنسيپل هوندي بہ حيران هيس، ائين محسوس ٿيو چڻ پرماتما منهنجو هٿ پڪڙڻ وڃي رهيا آهن. پيڻ ٻُڌايو تہ اسان جا گُرو صاحب ڏُکن کي ناس ڪري چڏيندا آهن. مون هِن کي عرض ڪيو تہ ڇا تون مونکي پنهنجي گُروديو جا درشن ڪرائي سگهين ٿي؟ مالڪ جِي دَيا سان. ٻئي ڏينهن مون سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج کي عام ڪرسِي تي ويٺل ڏٺا. مونکي خبر نہ هئي تہ سنت ڇا هوندا آهن. اُنهن جِي مهما ڇا هوندي آهي. جيڪو جيترو اعليٰ هوندو آهي، اُهو اوتروئي عام ڏِسڻ ۾ايندو آهي. اسانجي جڳهہ تہ ڌرتِي کان بہ هيٺ آهي، اسان پرماتما جِي مهما کي ڇا سمجهون. منهنجي گُرو جِي منهنجي تڪليف ٻُڌي ۽ چيائين تہ تُون نام اُپديش وٺ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. ٻئي ڏينهن مون اُپديش ورتو. هڪ مهيني جي اندر ڇوڪري جو رِشتو آيو. پوءِ اُن جِي شادي بہ ٿي ويئي. مونکي ائين محسوس ٿيو تہ ڪجهہ اڻ ٿيڻي ٿي رهي آهي. اُهو پتِي جيڪو رِشتو بہ نہ ڪرائي رهيو هو، اڄ شادي ڪرائي رهيو آهي. پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد منهنجي وڏي ڇوڪرِي جي پيٽ ۾ ڳوڙهي ٿِي ويئي. ٻار اجان ٿيو ئي ڪونہ هو. ورِي چِنتا ٿي پئي. مون پنهنجي پُٽ کي چيو تہ تو ڏِنو هوندو تہ

جڏهن اسان فلم ڏسندا آهيون تہ هڪ پاسي پرماتما جي پرارٿنا ڪبي آهي تہ ٻئي پاسي ڪنهن انسان جو آپريشن ھلندڙ هوندو آهي تہ ٺيڪ ٿي ويندو آهي. هو منهنجي ڳالهہ کان متفق ٿي ويو ۽ مان تاجپور (دهلي) ستگروجي ستسنگ شيوا ۾ رواني ٿي ويس. اُتان ڪان مان ڇوڪري وٽ اسپتال ويس. آپريشن ڪامياب ٿي ويو. جيڪو خطرو ڪينسر جو هو اُهو بہ ٽري ويو. پوءِ ڇوڪري پيٽ سان (Pregnant) ٿيڻ جي سُٺي خبر ملي تہ مٿان ورِي جمائي/ نياٽو ٽريڪٽر ۽ موٽر سائيڪل جي ايڪسيڊنٽ جي خبر ملي. مونکي تہ منهنجي پوڄئہ گرو ديوَ کان علاوه ڪجھہ ڪونہ سُجهي. مالڪ جي جيتري مهما ڪيان گھٽ آهي، مان هِن زبان سان خود ڪريان يا ٻين ڪي ٻُڌايان اُها گھٽ ئي آهي. ڏيڍ مهيني اندر جمائي ٺيڪ ٿي گھر اچي ويو. دُنيا ڇا سمجهي تہ منهنجي پرارٿنا پرماتما ٻُڌي ٿو.

جنهن ڏينهن مون هِي اُپديش ورتو مون نقلي سنتن جا فوٽو لاهي پنهنجي اڳڻ ۾ رکي ٻاري ڇڏيا. هُن ڏينهن کان منهنجي زندگي جي گاڏي پٽڙي تہ هلڻ لڳي 23 سيپٽمبر 2003 جو مون پنهنجن سُجاڳ اکين سان چار- پنج بجي جو هڪ خوفزده شڪل ڏٺي. ايتري تہ ڀيانڪ شڪل جو اِنسان هو، جيڪڏهن نام ورتل نہ هُجي ها تہ منهنجي دل ڦاٽي وڃي ها. پر مونکي ان وقت ڊپ نہ ٿيو. پر اهو احساس ٿي ويو هو تہ هي يم دُوت آهي. ٻئي ڏينهن مون پنهنجي گرو جي کي ٻُڌايو، گروديوجي اِهو ثابت ڪيو تہ اُن ڏينهن تنهنجا پساھہ پورا هئا. هاڻي مان پنهنجي پرماتما سمان گرو جي دَيا سان ئي جيئي رهي آهيان. اُنهي جي ئي مهر سان ننڍي ڇوڪري جي شادي هڪ انجنيئر ڇوڪري سان گذريل سال ٿي هئي. بہ ٽي دفعا منهنجي نوڪري وڃڻ جهڙا بہ خطره درپيش آيا. پر وري منهنجي پرماتما مونکي سنڀاليو، منهنجي بہ پد/post مٿي ترقي ٿي ويئي. ستگرو سنت رامپال جي مهاراج ٻُڌائين ٿا تہ راجا بہ پرڀو جو ئي ٻچو هوندو آهي. هُن ۾ بہ شڪتي مالڪ جي ئي ڪم ڪندي آهي. پرميشور ئي پنهنجي ڀڳت جي لاءِ راجا ۾ احساس پيدا ڪري سڄو ڦيربدل ڪرائي ڇڏي ٿو. ڪندي تہ راجا ئي نظر ايندو آهي پر ڪرائيندڙ مالڪ ئي آهي. ڪو منهنجي گرو رامپال جي مهاراج جو سهارو وٺي تہ ڏِسو. سهارو وٺڻ وارن جا ڪندا ائين نِکري ويندا جيئن منهنجا نِڪتا آهن. سچ مُچ پرماتما بي سهارن ڪي سهارو ڏيندا آهن. آتما جي پُڪار ٻُڌندا آهن. مون سان اُنهن چند سالن ۾ جيڪو ٿيو اُهو صرف پرماتما ئي ڪري سگھن ٿا. منهنجي ستگرو سنت رامپال جي مهاراج جي تعريف ڪھڙن لفظن ۾ ڪريان، مون وٽ لفظ ئي ناهن. خود ڪبير پرميشور جا اوتار آهن. جيڪي پرماتما جو ديدار ڪرڻ چاهين ٿا اُهي ڪرونٿا اچڻ نہ ڀُلجن، مون ننڍڙي

جيوَ کي پاڻ کھڙي نموني اُپاريو. سندس شُکر گذار آھيان. واکاڻ کھڙن لفظن سان بيان کريان؟ اِنھن لفظن کي پڙھندڙ پنھنجي دل ۾ لاھي وٺو ۽ لاڀ حاصل ڪريو.

**(ست صاحب)**

**تمام نيچ جيوَ . ڀڳت متي شش**

**موبائيل نمبر.8684900607**

## "پنھنجي ڀڳت کي ڌرمراج جي دربار مان ڇڏائڻ"

مان ڀڳت اوم پرڪاش ولد شري ماتادِين، نجف ڳڙھ، دھلِي جو رھاڪُو آھيان. مونکي پرم سنت رامپال جِي مھاراج کان نام حاصل ڪئي کي ڏيڊ سال ٿي ويو آھي. منھنجِي نجف ڳڙھ ۾ حلوائي جو دڪان آھي. 19 مئي 2005 ۾ رات جو 09:30 بجي مونکي دُڪان تي پيٽ ۾ تمام گھڻو سُور ٿيو. سُور جي سبب منھنجِي حالت تمام گھڻي خراب ٿي ويئي ھئي. مان گروجِي جي ڏِنل منتر جپندي جپندي گھر پُھچِي ويس. گھر ۾ گھڙندي ئي سامھون لڳل گُروجِي تصوير اڳيان ڊنڊوت پرڻام ڪيو. مان ڊنڊوت پرڻام ڪري بيھي رھيس تہ مونکي درد محسوس نہ ٿيو. پوءِ مان کٽ تي ليٽي پيس. کٽ تي ليٽندي ئي مان بيھوش ٿي ويس. منھنجي چوڌاري يم جا دُوت چڪر لڳائڻ لڳا، مونکي ڊِڄارڻ لڳا. مان خوف جو ماريل بيھوش ٿي ويس، تڏھن يم جي دُوتن مون تي سفيد رنگ جي چادر وِڌي ۽ مونکي يمراج جي دربار ۾ وٺي ويا. يمراج جي دربار ۾ مون ڏٺو تہ اُتي قطار لڳي پئي ھئي. جڏھن منھنجو نمبر آيو تہ يمراج چيو تہ ھِن کي تلاءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. مون تلاءَ ڏانھن نِھاريو تہ مونکي تلاءَ ۾ مگرمڇ ئي مگرمڇ نظر آيا. مان مگرمڇن کي ڏِسي ڊِڄِي ويس، تڏھن پنھنجي پوجيہ گروديوَ سنت رامپال جِي مھاراج کي ياد ڪيو، اُن وقت ڌرم راج جا دُوت مونکي تلاءُ ۾ اُڇلائڻ لاءِ تيار ٿي ويا ھئا، مون گُروجِي کي پُڪار ڪئي اي گروديوَ جِي بچايو ! تڏھن مون ڏِٺو تہ گروجِي ڪبير پرميشور جي رُوپ ۾ آيا ۽ مونکي تلاءُ ۾ ڪِرڻ کان اڳ ئي ٻاھر ڪڍي ڇڏيو. يمراج ڪبير پرميشور جي چرڻن ۾ ڪِري ڏنڊوت پرڻام ڪيو. پوءِ گروجي پنھنجي رُوپ ۾ اچِي ويا ۽ مونکي چوڻ لڳا تہ تون ھاڻ ڇا لاءِ ڊِڄِي رھيو آھين، ھاڻي مان توھان سان گڏ آھيان.تڏھن منھنجو خوف ختم ٿي ويو. ڌرم راج گروجِي سان بحث ڪئي تہ توھان ھِن کي گھڙي گھڙي ڇو ٿا بچايو؟ ھِي تہ منھنجو ڀوجن (خوراڪ) آھي. توھان ھِن کي اڳي بہ ٻہ دفعا مرندي مرندي بچايو آھي. ھِن کان پھرين دفعي موٽرسائيڪل ۽ جيپ جي آمھون سامھون ٽڪر ھٽڻ سان بہ مونکي رھڻ بہ

ڪونہ آئي هئي. ٻيو دفعو موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ بعد مان هلندڙ ٽرڪ جي هيٺيان وچي ڪريس. گروديوَ مونکي اُن ٽرڪ جي هيٺيان کان بہ بچايو.

تڏهن گروديوَ ڌرمہ راج کي چيو تہ هِن جي پوئين جنمہ ۾ منهنجي ڀڳتي ڪيل آهي، اِنهي ڪري مون هِن کي بچايو. وري ڌرمہ راج چيو تہ هِن دفعي توهان هِن کي ڇو بچايو؟ جڏهن تہ مون هِن جو نامہ ٽوڙائي رکيو هو. وري گروجِي چيو تہ هِن جو نامہ تو ٽوڙايو هو. هِن پنهنجي مرضي سان ڪو نہ ٽوڙيو هو. اِنهي ڪري مون هِن کي بچايو. هِي منهنجِي ڀڳتي ڪندو آهي. تڏهن ڪال چيو تہ مان ڏسان ٿو تہ توهان هاڻ هِن کي ڪيستائين ٿا بچايو تڏهن گروجِي چيو تہ مان پل پل هِن سان گڏ آهيان، تون هِن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿو سگهين.

پوءِ وري گُرو ديوَ ڌرمہ راج کي چيو تہ هِن ڀيري تو هِن کي ڪنهن قسمہ جِي تڪليف ڏني تہ جيئن تون ماٺهن کي ستائين ٿو. هُن کان بہ بروحال تنهنجو ڪندس.

ان ڪانپوءِ گروديوَجِي مونکي ڌرمہ راج جي دربار کان هيٺ وٺي آيا ۽ مونکي چيو تہ تون جلدي پنهنجي گهر وارن کي ٻُڌائي ڇڏ تہ مان بلڪل ٺيڪ آهيان مونکي گهر وٺي هلو. ڇو تہ ڊاڪٽر تہ منع ڪري چُڪا هئا تہ اسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

منهنجي گهر وارا مونکي ميڊيڪل اسپتال وٺي وڃي رهيا هئا. تہ مون گهروارن کي چيو تہ مونکي جلد کان جلد گهر وٺي هلو. مان بلڪل ٺيڪ آهيان. جيڪي مون سان گڏ هئا، اُهي هڪدمہ حيران ٿي ويا تہ هي تہ مري چُڪو هو . هِن کي هوش ڪيئن اچي ويو؟ هِي ائين ڪيئن ڳالهيون ڪري رهيو آهي؟ پوءِ گهر وارا رستي کان واپس گهر جي طرف اچڻ لڳا تڏهن مون کي گُرو ديوَ ڪمل جي گُل تي نظر اچڻ لڳا. ڪڏهن تہ گُرو جِي جي رُوپ ۾ ڪڏهن وري ڪبير صاحب جي رُوپ ۾ نظر اچڻ لڳي رهيا هئا، مون طرف هٿ هلائيندي ويندي نظر اچڻ لڳا. مان ٻيهر روئڻ لڳي ويس تہ منهنجا گُرو ديوَ ويا، منهنجا گُرو ديوَ ويا. گهر وارا گهبرائجي ويا تہ هي ائين ڇو ڪري رهيو آهي. ٻيهر ميڊيڪل جي طرف وڃڻ لڳا. تڏهن گُرو جي آواز لڳائي تہ هي تون ڇا ڪري رهيو آهين، مون توکي چيو آهي تہ گهر هليو وڃ. جلد کان جلد. پوءِ مون گهر واران کي چيو تہ مان بلڪل ٺيڪ آهيان. مون کي منهنجا گُرو ديوَ نظر اچي رهيا هئا. تڏهن منهنجا گهروارا مونکي گهر وٺي ويا. گهر وارا حيران ٿي ويا هئا تہ هي تہ مري ويو هو، هي زنده ڪيئن ٿي ويو؟ مون پنهنجي گهروارن کي پاڻ تي گُذريل واقعو سڀ بيان ڪري ٻُڌايو تہ مون سان ائين ائين ٿيو ۽ منهنجا گُرو ديوَ مون کي گهر ڇڏي هليا ويا.

ڀڳت اوم پِرڪاش داس
15-RZ, B Blok, گلي نمبر2، مڪسُودا باد
ڪالوني، نجف گڙهہ، نئي دلي
موبائل. نمبر.09812166044

## “پُورڻ پرماتما ڀڳت کي خطرناڪ بيماري کان آزاد ڪرائيءَ ۽ وڌائي ڇڏيندا آهن ”

ڀڳت ڊاڪٽر اوم پرڪاش هُڊا ( سي. ايم. او) جو پرماڻ.

پرماڻ رُگ ويد منڊل نمبر 10 سُڪت 161 منتر 1، 2 ۽ 5 جنهن ۾ پرميشور فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن کي ظاهري يا لڪيل لاعلاج روڳ هُجي تہ هُن کي بہ ٺيڪ ڪريان ٿو. جيڪڏهن ڪنهن روڳيِ اِنسان جي پراڻ شڪتي بہ ختم ٿي چُڪي هُجي، جنهن جي عمر بہ باقي نہ هُجي تہ تنهنجي پِراڻن جي حفاظت ڪريان تنهنجي عمر بہ سئو سال عطا ڪري ڇڏيان، سيئي سُک پردان ڪريان، منتر 5 ۾ چيو آهي تہ اي ڀيهر جنم پراپت پراڻي ! تو هر طرح سان منهنجي پناهہ ۾ اچ . جيڪڏهن ڪرم ڏنب/بُري اعمال سبب تنهنجي اکيون بہ ختم ٿيٽون هُجن مان توکي ڀيهر سچي عمر اکيون دان ڪري ڇڏيان. توکي روگ کان آزاد ڪري سيئي انگ عطا ڪريان ۽ توکي مِلي وڃان.

**جم جورا جاسي ڊرين، مِٽي ڪرم کي ليک.**
**ادلي ادل ڪبير هين، ڪُل کي ست گُرو ايک..**

مٿيون سٿون منهنجي زندگي ۾ سچ ثابت ٿيون .

مان ڊاڪٽر اوم پرڪاش هُڊا ( C.M.O – M.B.B.S., M.S(Eye specialist 18 A، سرڪُلر روڊ روهتڪ ۾ رهندو آهيان. منهنجو موبائل نمبر 9813045050 آهي. منهنجو جنم 12 اپريل 1953 جو ڳوٺ ڪِلوئي ضلع روهتڪ ۾ ٿيو. منهنجي 5 ڪان ٻارهين ڪلاس جي پڙهائي ( ڊي. اي . وي) اسڪول ۽ (ڊي.اي.وي) ڪاليج ۾ ٿي هئي. امرت سر ۾ منهنجي وڏو ڀاءُ librarian جي پد تي ) D.A.V ( اسڪول ۾ نوڪري هئي. اُتي جا ماٿهو هُن کي ماسٽر جي ۽ مون کي ڇوٽي

ماستر جي سڏيندا هئا. جڏهن مان ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس، تڏهن مون کي هڪ ماتما/فقير جيڪو دُرگيانا مندر امرت سر ۾سيودار هو، هُن منهنجي هٿ ريکا ڏسي ٻُڌايو تہ ڇوٽي ماستر تون ڊاڪٽر ٿيندي ۽ تنهنجي عمر 50 سال آهي. اِهو ٻڌائيندي هُن کي خوف لڳو تہ ٻار کي سچائي ٻُڌائي مون غلط ڪيو آهي. پر مون مهاتما جي ڳالهين کي هڪ ٻار وانگر ٻُڌي اَڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي. مان وڏو ٿي ڊاڪٽر ٿيس ۽ مون ايم.بي. بي. ايس، ۽ ايم.ايس ((Eye specialist بہ پي. جي. آئي. ايم. ايس روهتڪ سان ڪئي آهي

نيڪ پنجاهہ سال جڏهن پورا ٿيڻا هئا، يعني 11/10 اپريل 2003 جي رات 12 بجي جي قريب انهي ڏينهن مان روهتڪ پريوار سان گڏ ئي هئس تہ مون کي ٻنهي هٿن ۾ سُور ۽ سيني تي وزن محسوس ٿيو ۽ اسان علاج لاءِ پي.جي. آئي. ايم.ايس. ۾ هليا ويا. هِن سان پهرين نہ مونکي بلڊ پريشر رهندو هو ۽ نہ ئي شُگر جي بيماري هئي. مون اُپديش وٺڻ کان اڳ 25 سال لاڳاتار تمباڪو نوشي ضرور ڪئي هئي.

اُتي ديوٽي تي تعينات ڊاڪٽر کي مون پنهنجو تعارف ڪرايو تہ ايچ.سي.ايم.ايس. آئي.(گروپ،اي) جي لسٽ ۾ مان ايس.ايم.او. جي عهدي تي تعينات آهيان. (ان وقت S.M.O. هِن وقت C.M.O. ) تعارف ڪرائڻ بعد ڊاڪٽر يڪدم چڱي طرح تپاس ڪري منهنجو علاج شروع ڪري ڇڏيو ۽ (Internsive Care Unit) ۾ شفٽ ڪرڻ تائين مونکي سڀ يادگيري هئي پر I.C.U ۾ داخل ڪرڻ جي ڪجهہ وقت بعد مونکي ڪجهہ بہ معلوم نہ آهي تہ اڳتي ڇا ٿيو؟ اٽڪل ڏيڍ بہ ڪلاڪن کانپوءِ مونکي محسوس ٿيو تہ ڪال جا دُوت مونکي چئني طرفن کان گهيري بيٺا آهن ۽ مونکي چئي رهيا آهن تہ هل تنهنجو وقت پورو ٿي چُڪو آهي. اسان توکي وٺڻ آيا آهيون. مان اُنهن کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيس، تڏهن ئي پُورڻ پرماتما ڪبير صاحب منهنجي ست گُرو تتودرشي رامپال جِي مهاراج جي رُوپ ۾ منهنجي بستري جي پير ۾ پرگهٽ ٿيا تہ ڪال جا اُهي دُوت جنهن جا چهرا خوفناڪ هئا ۽ جسم ٿلها متارا هئا، گروديوَ جِي مهاراج کي ڏِسندي ئي غائب ٿي ويا.

منهنجي ستگروديوَ جِي مهاراج مونکي آشيرواد ڏيئي چيو تہ ڪبير پرميشور تنهنجي عمر پنهنجي شڪتي سان وڌائي ڇڏي آهي تہ جيئن تون پنهنجي ڀڳتي پُوري ڪري ست لوڪ وڃي سگهين. مون روئي چيو تہ مالڪ توهان ئي پرميشور خود آهيو. توهان هِن چولي ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪائي رکيو آهي. پرميشور ! ڀڳتي بہ

توهان ئي ڪرائڻ وارا آهيو. مان ڀڳتي ڪرڻ وارو ڪير ٿي سگهان ٿو؟ ائين چوندي چوندي منهنجون اکيون کُلي ويون ۽ اکين ۾ لُڙڪن جي علاوه ٻيو ڪجھ بہ نہ هو. ٽِن ڏينهن بعد جڏهن مون کي I.C.U مان وارڊ ۾ آندو پئي ويو تہ مان اُٿي پاڻ پيادل هلڻ لڳس، تہ هڪ ڊاڪٽر ڊوڙي مونکي جهلي ورتو ۽ چيائين تہ توهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ توهان کي پيادل تہ بلڪل نہ هلڻو آهي، توهان کي دل جو دورو/هارٽ اٽيڪ پيو آهي.

اسپيشل وارڊ ۾ داخل ڪرڻ کانپوءِ مونکي ٻُڌايو تہ اسان حيران آهيون تہ 10۽11 تاريخ جي رات جو E.C.G / BP .تمام خراب رپورٽ ٻُڌائي رهي هئي. تہ توهان بچڻ وارا ڪونہ آهيو، پر صبح توهان جي ECG وغيره وري رپورٽ وري بهتر ٿي ويئي .

مون 25-12-1999 تي تتودرشِي سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش ورتو هو. هِن کان اڳ مان برهما ڪُمارِي، جئني، راڌا سوامي جو شِش هُئس ۽ D.A.V اسڪول ۽ ڪاليج جو شاگرد هئڻ ڪري آريا سماج جي اڻ مِٽ ڇاپ مون تي هئي. گائيتري منتر جو جاپ ڪيترائي لک دفعا ڪيو هوندو، گهر ۾ سيني ديوتائين جا اٽڪل سوين فوٽو هئا. نام دان کانپوءِ سيني ديوتائين جي فوٽوئن کي پاڻي ۾ تاري ڇڏيو ۽ غلط قسم جون سيئي پُوجائون ڇڏي ڏِنيون. سنت رامپال جِي مهاراج جي حُڪم مطابق پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور جِي ڀڳتي شروع ڪري ڇڏي. ڇو تہ ستگروجي چيو آهي تہ.

**ايڪ سادهي سڀ سڌهي، سڀ سادهي سب جائي،**
**مالهي سنيچي مول ڪو، ڦلي ڦولي اگهائي**

هڪ ڪبير پرميشور جي ڀڳتي ۾ مضبوط هئڻ سان هو بہ صرف تتودرشِي سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش وٺڻ کان پوءِ لاڀ اهو ٿيو تہ تتودرشِي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج پنهنجي ڪوتا سان منهنجي عمر وڌائي ڇڏي. اِهي ڳالهيون مون ۽ منهنجي پريوار جي ياتين PGI, M.S ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف جي ٻين ماڻهن کي ٻُڌايون. پر اُنهن جي سمجھ ۾ هڪ بہ نہ آئي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڳالهيون اُنهن کي ئي سمجھ ۾ ايندِيون جن جو چينل پرميشور آن ڪندا. نہ تہ مُمڪن نہ آهي تہ ڪو هِن گيان کي سمجهي سگهي.

مون 25/12/1999 تي تتودرشِي سنت ستگرو رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ورتو تہ مونکي خبر ڪونہ هئي اِهي ئي پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور جا اوتار آيل آهن. پر جڏهن مون سان مٿيون واقعو پيش آيو تڏهن مونکي يقين اچي ويو تہ.

**ماسا گهٽي نہ تِل بڙهي، وڌِنا لکهي جو ليک،**
**سانچا ستگرو ميٽ ڪر، اُوپر ماري ميک.**

ڪبير پرميشور سنت رامپال جِي مهاراج جي رُوپ ۾ آيل آهن، جيڪي سچا ستگرو آهن. اُهي نصيب ۾ لکيل پاپ ڪرم رُوپي ليک کي مِٽائي پنهنجي طاقت سان نئون ليک لِکي ڇڏيندا آهن.

## ”ڀگت متي سُشيلا جي اک ٺيک ڪرڻ“

اهڙي طرح منهنجي پتنِي سُشيلا هُڊا کي 06/12/2004 ۾ ساڄي اک جي نظر ۾ ٻہ ٻہ شيون نظر اچڻ لڳيون هيون P.G.I..M.S روهتڪ ۾ سيٽي اسڪين MRI ۽ MRIاينجيو گرافي وغيره ڪرايون ۽ سيني سُٺن سُٺن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو ۽ علاج بہ ڪرايو، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. پرائيويٽ ڊاڪٽر ايشورسِنگهہ وغيره کي بہ ڏيکاريو پر ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو. اِهو سڀ ڪجهہ اسان ستگرو جي اِجازت کانپوءِ ڪيو هو، پر جڏهن دوائن سان فائدو ڪونہ ٿيو. تڏهن اسان ستگرو کي عرض ڪئي تہ پرميشور توهان عمر بہ وڌائي سگهو ٿا، تہ هي توهان لاءِ ڪهڙو مشڪل ڪم آهي؟ ڪرپيا توهان پنهنجن ٻچن تي اها مهر بہ ڪري ڇڏيو. ست گُرو مهر ڪئي ۽ مٿي تي هٿ رکندي ئي ساڄي اک بلڪل سڌِي ٿي ويئي ۽ نظر اينڊڙ ٻہ عڪس بلڪل بند ٿي ويا. جيئن پهرين هُئي تيئن بلڪل ٺيک ٿي ويئي. هاڻي هُن کي پُورڻ پرماتما پاپ ڪرمن کي ساڙي ختم ڪندڙ ڀڳوان نہ چئون تہ ٻيو ڇا چئون؟

پڙهندڙ خود ويچار ڪري فيصلو ڪن ۽ تمام جلد توهان بہ پنهنجي مان بڙائي ۽ شاسترن جي طريقيڪار جي ابتڙ سادنا کي ڇڏي ست لوک آشرم بروالا اچِي پرم پوجئہ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش وٺي پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو آتم ڪلياڻ ڪرايو.

ست صاحب

فقط ڊاڪٽر اوم پرڪاش هُڊا

## “تين تاپ کي فقط پُورڻ پرماتما ئي ختم ڪري سگھن ٿا ”

ڀڳت رام ڪمار ڍاڪا (سابق هيڊ ماسٽر B.E.D & M.A) جو پرماڻ

مان رام ڪمار ڍاڪا ريٽائرڊ هيڊماسٽر دهلي B.E.D &M.A ڳوٺ سُندانا، ضلعو روهتڪ، موجوده پتو آزاد نگر، روهتڪ جو رهواسي آهيان. موبائل نمبر 00919813844747 آهي.

سن 1996ع کان منهنجي گھرواري ۾ ٻنهي ڇوڪرن کي تمام خطرناڪ بيماري هئي. هِن بيماري کان ايترو تنگ ٿيا جو ٻئي ڇوڪرا ڇوڻ لڳا ته نوڪري ڪونه ٿي ٿئي. ڇاڪاڻ ته اُنهي بيماري سان گلو بند ٿي ويندو هو ۽ ساهه کڻڻ بند ٿي ويندو هو، يڪدم ڊاڪٽر وٽي اچڻا پوندا هئا ۽ نشي جي انجيڪشن لڳندي هئي. پر رات جو ڊيوٽِي تي هُجن ته پوءِ ڪٿي وٽي وڃن؟ تمام گھڻي پريشاني ٿي ويندي هئي. افسر به مونکي گُهرائي وٺندا هئا، مان اُنهن کي ٻُڌائيندو هئس ته اُهي ڇوندا هئا ته علاج ڪرايو. جڏهن گھر هوندا آهن ته گھر ڊاڪٽر رات جو به دفعا گھرائڻو پوندو هو، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن گھرجي ڪنهن پاتي کي ته ڪڏهن ڪنهن کي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو شڪ هُجي ته ڊبل ڦاٽڪ تي ڊاڪٽر سچديوا جي دُڪان آهي، سچديوا صاحب کان معلوم ڪري وٺو ته ماسٽر جِي جي گھر جي ڪهڙي حالت هئي؟

جنهن جتي جو به ٻُڌايو مان اُتي ويس. اُترپرديش ۾ ڪرانا شاملي جي ويجهو، اُترپرديس ۾ ڪيڪرا، راجستان ۾ بالاجي ڪيترائي دفعا ويس. ڪاٺو شام جي ۾ ٻين ڪيترين ئي جاين تي جنتر منتر ڪرڻ وارن وٽ ويس، هرياڻا ۾ ته ڪو جاءِ مون ڪونه ڇڏي پر ڪوبه فرق نه پيو، ڪريلا جي ويجهو ڪيڙا ڪنچني، پوتاوالا، گوهانا جي ويجهو نگر، سمچانا سڪندر پُور، ڪِڙوالي وغيره انيڪ هنڌن تي ويس ۽ اٽڪل ٽي لک روپيا خرچ ٿي ويا پر ڪوبه ڪم نه آيو.

مان ٿڪجي پيس ۽ منهنجو پريوار برباد ٿي ويو. منهنجي گھرواري مونکي چيو ته منهنجي زندگي ختم ٿيڻ واري آهي ۾ ڀڳت سُپاش ولد مهيندر پوليس وارو جنهن سنت رامپال جِي مهاراج جِي مهما ٻُڌائيندو آهي مونکي اُنهي سنت کان نام ڏياريو. اڳي مان ڪنهن ڳالهه تي اعتبار نه ڪندو هئس ۽ گرو بنائڻ ته تمام خراب سمجھندو هئس ڇوندو هئس ته تنهنجو گرو ته مان آهيان. مان B.E.D &M.A مون کان وڌيڪ ڪير گرو هوندو؟ پر حالاتن مونکي مجبُور ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي پتني کي گرو ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي ته تون نام دان وٺ تنهنجي

زندگي باقي نہ آهي. چوتہ اُن وقت منهنجي گھرواري جو وزن 50 ڪلوگرام رهجي ويو هو. اڄي 80 ڪلو گرام هو. اُٺڻ ويهڻ تمام پري جي ڳالهہ هئي.

مون چيو تہ مري تہ چُڪي آهين. هاڻي نام وٺي ڏِسي وٺ، پنهنجي من جي اِها بہ پُوري ڪري ڏسي وٺ، هاڻي مان توکي ڪونہ روڪيندس، وجي نام اُپديش وٺ چاڪاڻ تہ سنت رامپال جِي مهاراج کان نام وٺڻ جو چوڻ لاءِ ٻئي ٽئين مهيني سُپاش اسان جو پائيٺو ايندو هو ۽ چوندو تہ پُڪي نام وٺ نہ تہ مري ويندين. مان چوندو هئس تہ ڪوبہ ڊاڪٽر ڇڏيو ناهي. اسان ٻالاجِي جي ٻين سيني تانترن وٽ مٿو هٽي ورتو آهي. تنهنجو سنت ڇا ڪري ڏيندو؟

پر جڏهن ڪٿي بہ ڳالهہ ڪم جي نہ ٿي تہ تنگ ٿي نام وٺڻ موڪلي ڇڏيو. چو تہ مان پنهنجي پريوار جي آشرم ۾ وڃڻ جي سخت خلاف هئس 16 جنوري 2003 تي نام ورتو ۽ **گھري نظر گيتا ۾** نالي ڪتاب گڏ ڪٺي آئي. هڪ مهيني اندر جيئن ديپڪ ۾ تيل وڌو وجي ائين روشني ٿي وئي. هر مهيني 3 ڪوگرام وزن وڌڻ لڳو، تڏهن وڏي پُٽ کي بہ بغير نام وٺڻ جي ئي هُن جي ماءُ جي نالي وٺڻ سان سُئي ننڊ اچڻ لڳي. هِن پنهنجي گھرواري کي نام ڏياريو، مون بہ "گھري نظر گيتا ۾" پُستڪ پڙهيو تہ مان بہ گھرائي ۾ ويس ۽ معلوم ٿيو تہ اهڙو گيان نہ ڪڏهن پڙهيو ۽ نہ ٻُڌو هو. مون بہ اپريل 2003 ۾ نام ورتو اڄ منهنجي گھر سيني وڏن توڙي ننڍن سيئي نام اپديشي آهن.

جڏهن اها بيماري هوندي هئي، تڏهن سڄو گھر ڏکي پوندو هو جهگڙا، فساد، نوڪري ۾ رڪاوٽ، ڊاڪٽرن جو اچڻ وڃڻ ۽ ايمرجنسي ۾ ڪٽي ميڊيڪل ۾ پهچڻ وغيره چڪر سدائين هلندا رهندا هئا. پر اڄ اسان جو گھر سَرگ جي برابر آهي ۽ ست لوڪ وڃڻ جي تمنا آهي.

هڪ مهينو اڳ خواب ۾ پرميشور ڪبير صاحب گُڙگائون سيڪٽر 57 ۾ پلاٽ بُڪ ڪرائي ويا. جڏهن قُراندازي ٿي تہ اُهوئي پلاٽ نمبر مليو جيڪو خواب ۾ ڪبير پرميشور ٻُڌايو هو صبح جو اخبار ۾ پڙهيم تہ اُهوئي پلاٽ نمبر الاٽ ٿيو.

اسان کي اهڙي بيماري هئي جو ڪوبہ ايترو دُکي نٿو ٿي سگھي جيترا اسان هئاسين. هاڻي سنت رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش پراپت ڪرڻ ڪانپوءِ تمام ٿوري وقت ۾ اسان تمام گھڻو سُکي ٿي ويا آهيون.

منهنجي گھر ۾ جن ظاهر ٿيو، ھُن چيو تہ مان توھان جي آشرم ۾ ويندو آھيان ۽ سڀ ڪجھہ ڏسي ايندو آھيان. پر شيشن ۾ ڪونہ ويندو آھيان جتي سنت جِي ويھي ستسنگ ڪندا آھن، چو تہ مونکي سڀ ڳالھين جي خبر آھي تہ جيڪڏھن اُتي ويندس تہ اُتي منهنجي مارڪٽ ٿيندي، اِنھي ڪري مان واپس ٻاھر اچي ويندو آھيان. تون ڪِٿي بہ تانترڪن وٽ چا ٻلي ٻالاجي وٽ ھليو وڃ مان اندر ايندو ئي ڪونہ آھيان. ٻاھرئي رھندو آھيان، مونکي ڪير بہ ڀَڏڻ وارو نہ آھي. منهنجا ساٿي ٻچندڙ ھئا، اُھي ڀڃي ويا. مان ڀڄڻ وارو ڪونہ آھيان. مونکي پڙھِي ڪري ڇڏيو آھي. مون تنهنجي ۽ تنهنجي ڌيءَ جي گھر جو جھڳو ئي جھڻ ڪرڻو آھي. مان اھڙي طرح پڙھي ڇڏيل آھيان جو ھڪ ھڪ ڪري سيني کي ختم ڪري ڇڏيندس، چاھي ڪٿي بہ ڀڄي وڃو.

ڪجھہ ڏينھن بعد ساڳيو ئي جِنَ/پريت وري گھر ۾ پرگھٽ ٿيو ۽ زور زور سان چوڻ لڳو تہ ڪٿي آھي. تنهنجو گُرو رامپال؟ ڪٿي آھي تنهنجو مالڪ ڪبير پرميشور؟ جڏھن بہ ھو پرگھٽ ٿيندو ھو، ماڻھو وانگر ڳالھہ ٻولھہ ڪندو ھو. تڏھن منهنجي پتنِي اسانجي گھر ۾ ٿھيل پُوجا جي ھنڌ تي وڃي ڊنڊوت پرڻام ڪيو، تڏھن جِن جِي مارڪُٽ شروع ٿي ويئي ۽ چوڻ لڳو تہ مارڪُٽ ٽا ڪريو، ھاٿي ھِنن ديوارن کي ڊاھي ڇڏيندس. ھِن جِي چڱي طرح پٽائي ٿي ۽ چوڻ لڳو تہ ھاءِ ھي تہ ديوارون ڪونہ لوھہ جو ڄار آھي. ھِي مالڪ رامپال جِي ڪٿان اچي ويا؟ ھي تہ بروالا ستسنگ ڪرڻ ويل ھئا (اُن ڏينھن سنت رامپال جي مھاراج بروالا ضلع ھِسار ۾ ستسنگ ڪرڻ ويل ھئا) مان تہ اِنھي ڪري آيو ھئس تہ مالڪ ھتي آھي ئي ڪونھي. جِن چيو تہ مان آيو تہ ھئس تنهنجو جھڳو جھڻ ڪرڻ پر منهنجو جھڳو ئي جھڻ ٿي ويو. مونکي نرڪ ۾ وجھي ڇڏيندا ۽ مونکي ڇڏيو. مان ھِتان ھليو ويندس، ڪرونٽا آشرم ۾ سنت رامپال جِي ويٺا آھن، اُنھن کي انسان نہ سمجھجو پُورڻ پرماتما آيل آھن. ھُن کي نہ ڇڏجو نہ تہ خطا کائيندو. ائين ڪيڙا ڪچني وارو پنڊت بہ علاج ڪندو ھو.

جڏھن مان ڪيڙا ڪچني ويس تہ ھُن پنڊت ٻُڌايو تہ تنهنجو خاندان ھڪ ھڪ ٿي ختم ٿي ويندو. مون ڪونہ مڃيو، پر شاہ پُور ۾ ئي پاءُ جِي چوڪرِي پرڻائل آھي. ۽ اُھو پنڊِت بہ شاہ پُور جو آھي. وري پنڊت اسانجي چوڌرِي کي ٻُڌايو تہ روھتڪ واري چوڌرِي رام ڪمار کي تمام خطرناڪ روڳ آھي ۽ سڄو پريوار ختم ٿي ويندو. ھُن کي وٺي اچو تڏھن اسان جي چوڌرِي صاحب اسانجي گھرنياڻو موڪليو. اسان جي

نياڻِي جلي سنگھہ ٻُڌايو ۽ گڏ وٺي ويو. گُھرائڻ تہ آسان هو پر علاج تمام مُشڪل ٿي ويو هو. هُن جي قابو ۾ ڪونہ آيو اڳاري ۽ ڇنڇر جِي رات جي وقت پنج پنج چوڪيُون ايندڙيون هُيون.اُنهن کي لاهيندو ۽ گڏوگڏ تلاءُ ۾ اُڇلائي ڇڏيندو هو. اهو ڪم چار سالن تائين هلندو رهيو پر بعد ۾ هٿ ڪٽي ويو.

مان بوهتاوالا(جِيند) هڪ سياڻي وٽ ويس. هُن چيو تہ تنهنجي بيماري مان ختم ڪري ڇڏيندس، تنهنجي بيماري جي مونکي سچي خبر آهي. هو اسانکي ڪيترائي دفعہ بالاجِي بہ وٺي ويو پر نہ هُن سياڻي جي قابو ۾ آيو ۽ نہ ئي هُن جي مندر جي قابو ۾ آيو . چو تہ اڳاري ۽ ڇنڇر جي چوڪين هُن کي ايترو تہ تنگ ڪيو جو هو بہ هٿ ڪٽي ويو. چو تہ چوڪيُون جڏهن ايندڙيون هُيون مون وٽ بہ پيغام اچي ويندو هو تہ رات جو 09 بجي کان 02 بجي تائين باهہ ٻاري پاڻي جو لوٽو ۽ لٺ ڪٽي جاڳڻو آهي. اهو ڪم 1996 کان 2002 تائين جاري رهيو. بوهتاوالا وٽ جڏهن چوڪي آئي تہ اُن ۾ هڪ پرچي ملي هُئي بوهتاوالي سياڻي کي چيو هو تہ وڃ مان هٽي وڃ. توکي پنجاهہ هزار روپيہ ڏيندا سين نہ تہ تنهنجي بہ خير ڪونهي. هِن خوف سبب مونکي اِنڪار ڪري ڇڏيو. مان ڏينهن جو دهلي نوڪري ڪرڻ ويندو هئس ۽ رات جو پهرو ڏيندو هئس، ڪڏهن رات جو ڊاڪٽر سڏي ايندو هئس. منهنجو تمام بُرو حال هو. مان مٿئين ڪمن سبب ۽ سڄو پريوار بيماري سبب بيحد تنگ هو. ڪنهن کي چوندا هئاسين تہ اُهي مذاق ڪندا هئا. ڪنهن بہ ساٿ ڪونہ ڏِنو، تمام گهڻو خرچ ٿي ويو لڳ ڀڳ ٿي لک روپيہ خرچ ٿي ويو هو.

منهنجي گهر واري چانڊڪور کي ٿائرائيڊ ٿي وئي هئي. جنوري 2003ع ۾ ڊاڪٽر او-پي گُپتا ٿائرائيڊ جي علاج لاءَ تيمارپُور دهلي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ريفر ڪيو، پر اُتي نہ وڃي مون ميڊيڪل ۾ ڊاڪٽر چُگ هِن جو اسپيشلسٽ هو، هُن کان علاج ڪرايو. هُن چيو تہ سڄي عمر دوا کائڻي پوندي. پر هاڻي 2003 کان نام وٺڻ بعد دوا کائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏي آهي مون ڊاڪٽر چُگ کي بہ چيڪ ڪرايو، تہ هُو حيران ٿي ويو تہ اِهو ڪيئن ٿيو؟ مون سڄيون ڳالهيون ٻُڌايون. هاڻي منهنجي پُٽ ۽ گهرواري جون سڀئي بيماريون بندي ڇوڙ ٺيڪ ڪري ڇڏيون آهن. وڏي پُٽ جو نام سُريندر ڪمار ۽ ننڍي جو نالو منوج ڪمار آهي، ٻئي هرياڻا پوليس ۾ مُلازِم آهن. جڏهن اُهي ٻئي جِن کان پريشان هئا ۽ ڪال بہ اُنهن تي ڪيترائي دفعہ حملا ڪيا هئا. پر نام اُپديش ورتل هو، اِنهي ڪري اُنهن کي ڪبير پرميشور بچايو.

تتودرشِي جگت گرو سنت رامپال جِي مهاراج اسانجي لاءِ ئي لڀل آهن ڇو تہ جنهن پريوار ۾ ٻہ ٽي ڇوڪرا هُجن ٻئي نوڪري ۾ هُجن ۽ ٻنهي ۾ ئي جِن جو واسو هُجي تہ اُن گهر ۾ ڇا گذرندي هوندي. جنهن عورت جي ٻنهي پُٽن سان اِهڙي ڪِلواڙ هُجي ۽ پاڻ ۾ بہ جن هُجي تہ ڪهڙي زندگي؟ جيڪي ماڻهو ڪرونٽا آشرم کان گيان حاصل نٿا ڪن، اُهي اونداهي ۾ رهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ پڙهڻ لاءِ دماغ ڏِنو آهي، پڙهو ۽ سوچيو تہ سچائي ڇا آهي؟

اسانجو خاندان برباد ٿي ويو هو. منهنجا پٽ ۽ منهنجي گهرواري جڏهن نيڪ ٿي ويا تڏهن مون بہ پنهنجو پاڻ کي ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج جي چرڻن ۾ سپرد ڪري ڇڏيو. منهنجو ڪجھ بہ نہ آهي، هِي تن من ۽ ڌن سڀ گروجِي جي قدمن ۾ ارپڻ ڪريان ٿو. منهنجي نياڻي ۽ ناٺي بہ نام ورتو آهي. اڄ منهنجي نياڻي جو گهر بہ سرڳ بڻجي ويو آهي. منهنجو ناٺي شراب پئيندو هو، هاڻي شراب ڇڏي ڏِنو آهي. منهنجي نياڻِي جي پرميشن، پلانٽ، گهر وغيره جو چند ڏينهن ۾ ملي ويو ۽ هاڻي سڀ موج ڪري رهيا آهن.

سن 2003ع ۾ بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج اسانجي پاپ ڪرم رُوپي گند ڪچري جي ڍير کي ست نام رُوپي اگني سان ساڙي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڪوبہ ڦِندي نہ ڪو ڌاڳو نہ ڪو رڪ نہ ڪو تعويز ڪجھ ڪونهي، بس صرف بندي ڇوڙ جي منتر (نام اُپديش) سان سڀ روگ ختم ٿي ويا. منتر تہ موڪش پراپتي لاءِ سيني ٻنڌن (رڪاوٽن) کي ڪٽي ست لوڪ وڃي وڃڻ جي لاءِ آهي، باقي سنساري ڏُک ۽ بيماريون تہ مُفت ۾ ئي ڪبير پرميشور جي دَيا سان ختم ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ائين نہ هُجي هاڻ ڀڳتي کان ڀروسو ئي ختم ٿي وڃي ها. هاڻي اسان تمام خوش ۽ سُکي آهيون. هاڻي ڇاهي ڪير بہ ڇا ڪري اسانجي گهر تي ڪجھ بہ ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ اسان بندي ڇوڙ ڪبير پرميشور جا هنس آهيون. هُن جي چرڻن ۾ آهيون. مان بہ ڪوڙ مچيندو هئس، اِنهن ڳالهين کي ڪوڙ مچيندو هئس، پر جڏهن مان هڪ ڪري سيني کي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويندو هئس تہ بيماري جي علاج ۾ پئسا بہ لڳا، تنگ بہ ٿياسين، تڏهن اکيون کُليون. اصل ۾ ڪال ئي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي رکيو هو. اِنهي ڪري پنهنجي هِن ڀرم ۾ نہ رهجو تہ ڀُوت پريت ڪجھ بہ ناهن. مان ڇوان ٿو تہ بڪواس نہ پر اِهي ڳالهيون اصل آهن، ڇو تہ تڪبر ۾ مان بہ پنهنجي گهر کي برباد ڪري ڇڏيان ها. اِنهي ڪري مان سيني پڙهندڙن کي عرض ٿو

ڪريان تہ توهان بہ پنهنجن سيني ڏُکن کان نِجات حاصل ڪرڻ ۽ سچي ڀڳتي ڪرڻ جي لاءِ ست لوڪ آشرم برِوالا اچي، پرم پوجئہ سنت رامپال جِي مهاراج کان مُفت اُپديش حاصل ڪرڻ پنهنجي زندگي کي سڦل بڻايو.

(فقط هيڊ ماسٽر رام ڪمار B.E.D & M.A)

متي لکيل ڳالهين مان ڪجھ ڀڳت آتمائن جون روحاني ڪٿائون توهان پڙهيون. اهڙا اهڙا ڀڳت هزارين- لکين آهن، جيڪي پنهنجون آتم ڪٿائون پُستڪن ۾ لکڻ چاهين ٿا. پر هتي جڳھ نہ هئڻ سبب اسان ڪجھ ئي ڀڳتن جون آتم ڪٿائون ڏيئي سگهيا آهيون. جيڪڏهن سيني ڀڳتن جون ڪٿائون اسان لکڻ ويهي رهون تہ شايد سوين ڪتاب ڇپجي وڃن، انهي ڪري سمجهدار انسان کي اِشارو ئي ڪافي آهي.

**ڀڳتي ۾ ڀيد:-** ڀڳتي ڀڳتي ۾ تمام وڏو ڀيد هوندو آهي، توهان ڀلي ڪنهن بہ ديوي يا ديوتائن جي ڀڳتي ڪريو اُن جو ڦل ضرور ملندو جيڪو فاني هوندو پر مُکتي ڪونہ ٿي سگهندي ۽ پاپ ڪرم بہ ختم نہ ٿي سگهندا ۽ اُنهن کي ڀوڳڻ لاءِ باربار جنم وٺڻو پوندو. مُکتي تہ فقط پُورڻ سنت وٽ وجي نام اُپديش وٺي پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهندي نہ تہ نہ.

**يہ سنسار سمجهندا نانهين، ڪهندا شام دو پهري نُون،**
**غريب داس يہ وقت جات هئہ، روئو گي اِس پهري نُون.**

*****

# "ڪبير صاحب جي ڪال سان گفتگو"

جڏهن پرميشور سيني بِرهماندن جِي رچنا ڪئي ۽ پنهنجي لوڪ ۾ آرام ڪرڻ لڳا. اُن ڪانپوءِ اسان سيئي ڪال جي بِرهماند ۾ رهي پنهنجو ڪيل ڪرم ڏنڊ ڀوڳڻ لڳاسين ۽ تمام گهڻا پريشان رهڻ لڳا. سُک ۽ آرام جي کوج ۾ ڀٽڪڻ لڳاسين ۽ اسان کي پنهنجي نِج گهر ست لوڪ جِي ياد ستائڻ لڳي، وري واپس وڃڻ لاءِ ڀڳتي شروع ڪئي. ڪنهن چئني ويدن کي زباني ياد ڪيو تہ ڪي گهور تپ ڪرڻ لڳا، ڪي وري هون، يگيہ ۽ ڌيان سماڌي ڪرڻ لڳا. پر پنهنجي نِج گهر يعني ست لوڪ نہ وڃي سگهيا، ڇاڪاڻ تہ اُهي سيئي ڪم ڪرڻ سان اڳيئن جنم ۾ چڱي زندگي (جيئن راجا ۽ مها راجا، وڏو واپارِي، لائق ديوَ ۽ مهاديوَ، سرڳ ۽ مها سرڳ وغيره) حاصل ڪري ۽ پوءِ لک چوراسي ڀوڳڻ لڳا. تمام پريشان رهڻ لڳا ۽ پرم پِتا پرميشور کي عرض

ڪرڻ لڳاسين تہ اي ديالو! اسان کي پنهنجي نِج گهر (ست لوڪ) جو رستو ڏيکاريو. اسان من سان توهان جي ڀڳتي ڪندا آهيون. توهان اسان کي درشن ڇو نہ ڏيئي رهيا آهيو؟

اِهو قصو ڪبير پرميشور ڌرمداس جي کي ٻُڌائيندي چيو تہ ڌرمداس! مان اِنهن جيوَن جي پُڪار ٻُڌي پنهنجي ست لوڪ کان جوگجيت جو رُوپ ٺاهي ڪال لوڪ ۾ آيس. تڏهن 21هين برهمانڊ ۾ جتي ڪال جو نِج گهر آهي. اُتي تپت شيلا تي جيوَن کي پُوجي سُوڪشم شرير مان گند ڪڍيو پئي ويو. منهنجي پهچڻ ڪانپوءِ اُنهن جيوَن جو ٻرڻ بند ٿي ويو . اُنهن مونکي ڏسي چيو تہ اي مهاپُرش! توهان ڪير آهيو؟ توهان جا درشن ڪرڻ سان ئي اسانکي تمام وڏي سُک ۽ آرام جو احساس ٿي رهيو آهي. پوءِ مون ٻُڌايو تہ مان پاربرهم پرميشور ڪبير آهيان. توهان سڀئي جيوَ منهنجي ست لوڪ کان اچي هتي ڪال برهم جي لوڪ ۾ ڦاسي ويا آهيو. هي ڪال روزانو هڪ لک اِنسانن جي سوڪشم شريرن مان گند ڪڍي کائيندو آهي ۽ پوءِ مختلف قِسمن جي يوٽين ۾ ڏنڊ ڀوڳڻ جي لاءِ ڇڏي ڏيندو آهي. تڏهن اُهي جيوَ آتمائون چوڻ لڳيون تہ اي ديالُو پرميشور! اسانکي هِن ڪال جي جيل مان آزاد ڪرايو. مون ٻُڌايو تہ هِي برهمانڊ ڪال- برهم ٽي دفعا ڀڳتي ڪري مون کان حاصل ڪيا آهن. جيڪي شيون توهان هتي استعمال ڪري رهيا آهيو اِهي سڀئي ڪال جون آهن ۽ توهان سڀئي پنهنجي مرضي سان هِن لوڪ ۾ گُهمڻ آيا هئا. اِنهي ڪري هاڻ توهان جي مٿان ڪال برهم جو تمام گهڻو قرض چڙهي چُڪو آهي ۽ اُهو قرض منهنجي سچي نام جي جاپ ڪانسواءِ لهي نہ سگهندو.

جيستائين توهان قرض مان آزاد نہ ٿي سگهندا تيستائين توهان ڪال برهم جي جيل کان ٻاهر نٽا وڃي سگهو. اِنهي لاءِ توهان کي مون کان نام اُپديش وٺي ڀڳتي ڪرڻي پوندي، تڏهن مان توهان کي آزاد ڪرائي وٺي هلندس. اسان اجا اِها ڳالهہ ڪري ئي رهيا هئاسين تہ اُتي ڪال برهم اچي پهتو. هِن تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ اچي مون تي حملو ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي شبد شڪتي سان هُن کي بيهوش ڪري ڇڏيو. وري ڪجهہ دير ڪانپوءِ هُو هوش ۾ آيو. منهنجي چرڻن ۾ ڪري مون کان معافي گُهرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ توهان مون کان وڏا آهيو، مون تي ڪجهہ دَيا ڪريو ۽ مهرباني ڪري مونکي اِهو ٻُڌايو تہ توهان منهنجي لوڪ ۾ ڇو آيا آهيو؟ تڏهن مون ڪال پُرش کي ٻُڌايو تہ ڪجهہ جيوَ آتمائون ڀڳتي ڪري نِج گهر يعني ست لوڪ واپس

وڃڻ چاهين ٿيون اُنهن کي ست يڳتي جو رستو ملي نہ رهيو آهي. اِنهي ڪري اُهي يڳتي ڪرڻ ڪانپوءِ بہ هِن لوڪ (ڪال لوڪ) ۾ ئي رهجي ويندا آهن. مان اُنهن کي سچو يڳتي مارڳ ۽ تنهنجو راز ٻُڌائڻ جي لاءِ آيو آهيان تہ تون ڪال آهين، هڪ لک جيوَن کي روز کائيندو آهين ۽ سوا لک جيوَن کي روز پيدا ڪندو آهين ۽ ڀڳوان بڻجي ويٺو آهين. مان اُنهن کي ٻڌائيندس تہ توهان جنهن جي يڳتي ڪندا آهيو، اُهو تہ ڀڳوان نہ پر ڪال آهي. ايترو ٻُڌندي ئي ڪال چيو تہ جيڪڏهن سڀ جيوَ واپس هليا ويا تہ منهنجي ڀوجن (خوراڪ) جو ڇا ٿيندو؟ مان بُک مري ويندس منهنجو توهان کي عرض آهي تہ ٽِن يُگن ۾ جيوَ گهٽ وٺي وڃجو ۽ سيني کي منهنجو راز نہ ڏِجو تہ مان ڪال آهيان ۽ سيني کي کائيندو آهيان. جڏهن ڪليُگ اچي تڏهن توهانجي مرضي چاهي جيترا جيوَ وٺي وڃجو. اِهي وچن ڪال مون کان حاصل ڪري ورتا.

ڪبير صاحِب ڌرمداس جي کي اڳتي وڌيڪ ٻُڌائيندي چيو تہ ست يُگ، تريتا ۽ دُوئاپُر يُگن ۾ بہ مان آيو هئس ۽ ڪيترن ئي جيوَن کي ست لوڪ وٺي ويس پر اُن جو ڀيد ڪونہ ٻُڌايو. هاڻ مان وري ڪليُگ ۾ آيو آهيان ۽ ڪال سان منهنجي ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. ڪال برهم مونکي چيو آهي تہ ڀلي جيترو چاهيو اوترو زور لڳائي وٺو پر توهانجي ڳالهہ ڪير نہ ٻُڌندو، ڇهرين تہ مون ڪنهن جيوَ کي يڳتي جي لائق ئي ڪونہ ڇڏيو آهي، اُنهن ۾ سگريٽ، شراب، گوشت وغيره کائڻ جون عادتون وجهي اُنهن جي خيالن کي بگاڙي ڇڏيو آهي. مختلف قِسمن جي پاکنڊ پوڄائن ۾ جيوَ آتمائن کي لڳائي ڇڏيو آهي. ٻي ڳالهہ اِها هوندي تہ جڏهن توهان پنهنجو "ست گيان ڏيئي" پنهنجي ست لوڪ واپس هليا ويندا تڏهن مان (ڪال) پنهنجا دُوت/نقلي گُرو موڪلي توهان جي پنٿ سان مِلندڙ جُلندڙ ٻارهن پنٿ هلائي جيوَن کي ورغلائي ڇڏيندس. مهما ۽ ڳالهيون ست لوڪ جون ڪندا، گيان توهان جو ٻُڌائيندا، پر نام جاپ منهنجو ئي ڏيندا، جنهن انجام جِي صورت ڀوڄن منهنجو بڻجندا. اِهي ڳالهيون ٻُڌي ڪبير پرميشور چيو تہ تون ڀلي پنهنجي ڪوشش ڪجان مان حقيقي رستو ٻُڌائي ويندس، جيڪو منهنجو گيان ٻُڌي وٺندو اُهو تنهنجي ڀهڪاءُ ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو.

ستگرو ڪبير صاحب جِي فرمايو تہ اي نرنجن ! جيڪڏهن مان چاهيان تہ تنهنجي سڄي تماشي کي پل ڀر ۾ ختم ڪري سگهان ٿو. پر ائين ڪرڻ سان منهنجو ڏِنل وچن ڀنگ ٿئي ٿو. اهو سوچي مان پنهنجن پيارن هنسن کي حقيقي گيان ڏيئي شبد جي طاقت سان ست لوڪ وٺي ويندس ۽ فرمايو تہ،

**سُنو ڌرم رايا، هم سنکهون هنسا پـد پر سـايا،**
**جِن لينا همارا پروانا، سو هنسا هم ڪيئي امانا.**

(پويتر ڪبير ساگر ۾ انسانن کي دوکي ۾ وجهڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي ٻُڪ مِـٽائڻ جي لاءِ طرح طرح جي طريقن جو ذڪر)

**دوا دس پنٿ ڪرون مئين ساجا، نام تُمهارا لي ڪرُون آواجا.**
**دوا دس يم سنسار پٺهون، نام تُمهارا پنٿ چليهو.**
**پرٿم دُوت مم پرگهٽي جائي، پيڇي انس تُمهارا آئي.**
**يهي وڏي جيوَن ڪو پرمائون، پُرش نام جيون سمجهائون.**
**دوا دس پنٿ نام جو ليئي، سو همري مُک آن سمي هي.**
**ڪها تُمهارا جيوَ نهين ماني، هماري اور هوئي باد بکاني.**
**مئين درڍ ڦندا رچي بنائي، جا ۾ جيوَ رهي اُرجهائي.**
**ديول ديوَ پاشان پوجائي، تيرٿ ورت جپ-تپ من لائي.**
**يگيہ ، هوم اور نيم اچارا، اور انيڪ ڦند هم ڊارا.**
**جو گياني جائو سنسارا، جيوَ نہ ماني ڪها تُمهارا**

(ست گُرو وچن)

**گياني ڪهي سُنو انيائي، ڪاٽون ڦند جيوَ لي جائي.**
**جيتڪ ڦند تُم رچي ويچاري، ست شبد سي سيئي بِداري.**
**جون جيوَ هم شبد درڙهاوي، ڦند تُمهارا سڪل مُڪتاوي.**
**چوڪا ڪر پروانا پائي، پُرش نام تيهي ديئون چِنهائي.**
**تاڪي نِڪٽ ڪال نهين آوي، سنڌي ديکي تاڪون سِر ناوي.**

مٿيئن ذڪر مان ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪي انيڪ پنٿ هلي رهيا آهن، جِن وٽ ڪبير صاحب جي ٻُڌايل سچي يگتي جو رستو نہ آهي. اُهي سڀ ڪال جي چڪر ۾ آهن. انهي ڪري عقلمند کي گهرجي تہ سوچ ويچار ڪري يگتي مارگ وٺن چاڪاڻ تہ منُش جنم انمول آهي، جيڪو بار بار نہ ملندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿاتہ.......

**ڪبير مانُش جنم دُرلڀ هـئہ ، مـلي نہ بـارم بار،**
**تروَر سي پتا ٽُوٽ گِـري، بهُور نہ لگتا ڊار.**

*******

# ”آمريڪا جي عورت اڳڪٿيڪار فلورنس جي اهميت ڀري پيشنگوئي“

آمريڪا جي مشهور ترين اڳڪٿيڪار فلورنس پنهنجين اڳڪٿين ۾ ڪيترائي دفعا ڀارت جو ذِڪر ڪيو آهي. **”دي فال آف سنسيشنل ڪلچر“** نالي پنهنجي ڪتاب ۾ هِن لکيو آهي تہ سن 2000 ايندي ايندي پراڪرتڪ سنتولن (قدرتي توازن) خوفناڪ شڪل ۾ بگڙي ويندو. ماڻهن ۾ آڪروش (غيض و غضب) جو خطرناڪ جنون هوندو. دُراچار(بد وهنوار) عروج تي هوندو. مغربي ملڪن جي عيش وعشرت جي حامل زندگي جيئڻ وارن ۾ مايوسي بيچيني ۽ بيقراري هوندي. بُڪيون خواهشون گهٽو زور وٺنديون. جنهنڪري اُنهن ۾ آپسي رنجشون گهٽيون وڌنديون. چئو طرف ظلم وَ ستم جو ماحول هوندو ۽ روج راڙو مچِي ويندو، پر ڀارت ملڪ کان اُٺندڙ هڪ نيئن ويچار ڌارا انهي قاتلاڻہ ماحول کي ختم ڪري ڇڏيندي اُها ويچار ڌارا سائنسي نقطہ نظر سان يڪجهتي ۽ ڀائيچاري جي اهميت سمجهائيندي جيتوڻيڪ هو اِهو بہ سمجهائيندي تہ ڌرم ۽ سائنس ۾ وروڌ (اختلاف) نہ آهي. روحانيت جي عظمت ۽ پوتِرتا (دُنياوي مِلڪيت) جو ڪوڪلاپڻ سيني جي سامهون اجاڳر ڪندي. مديم ورڳ (وچولو طبقو) انهي ويچار ڌارا کان تمام گهٽو متاثر ٿيندو. هي طبقو سماج جي سيني طبقن کي بهتر سماج نِرماڻ(تعمير) جي لاءِ اُڪسائيندو. اها ويچار ڌارا سڄي دُنيا ۾ چمتڪاري پريورتن (معجزانا تبديلي) آڻيندي.

مونکي منهنجي ڇهين حس مان اهو احساس ٿي رهيو آهي تہ انهي ويچار ڌارا کي جنم ڏيڻ وارو اُهو مهان سنت ڀارت ملڪ ۾ جنم وٺي چُڪو آهي. هُن سنت جي پروقار شخصيت جي اثر سيني کي روشن ڪندو. هُن جِي ويچار ڌارا روحانيت جي گهڻجندڙ اثر کي وري نئين سر طاقت ڏيندي. چوطرف روحاني ماحول هوندو.

سنت جي ويچار ڌارا مان مُتاثر ماڻهو دُنيا جي ڪلياڻ (ڀلائي) جي لاءِ مغرب (اولهہ) ڏانهن ويندا. آهستي آهستي ايشا، يورپ ۽ آمريڪا تي مڪمل طور ڇا نئجي ويندا، انهي سنت جِي ويچار ڌارا سان پُوري دُنيا متاثر ٿيندي ۽ انهي جي نقشِ قدم تي هلندي اولهہ وارن ملڪن جا ماڻهو هُن کي عيسيٰ هڪ سچو رهنما ۽ هندو هُن کي ڀڳوان جو اوتار ڪري مڃيندا.

انهي مهان سنت جي ويچار ڌارا سان بوڌڪ ڪرانتي (ذهني انقلاب) ايندو، ٻُڌي جيوَن (عالمِ وَ فاضل) جي سوچ بدلجندي ۽ اُنهن ۾ ايشور جي طرف شرڌا (عقيدي) ۾ وشواس جي ڪُونپل (گونچ) ڦُٽندي.

فلورنس جي مطابق اُهو سنت ڀارت ملڪ ۾ جنم وٺي چُڪو آهي. هو اُن سنت کان بيحد مُتاثر هئي، پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب ” گولڊن لائف آف نيو ايرا “ ۾ پڻ هُن لکيو آهي تہ ” جڏهن مان ڌيان لڳائيندي آهيان تہ اڪثر هڪ سنت کي ڏسندي آهيان هو گوري رنگ جو آهي. سفيد وار آهن. هُن جي چهري تي نہ ڏاڙهي آهي ۽ نہ وري مُڇون آهن. هُن سنت جي للاٽ (پيشاني) تي غضب جو تيج (نُور) آهي. هُن جي پيشاني تي آسمان کان هڪ نڪشتر جي پرڪاش جا ڪِرڻا مُسلسل وسندا رهندا آهن. مان ڏسندي آهيان تہ اُهو سنت پنهنجي ڪلياڻ ڪاري ويچار ڌارا، پنهنجي ست چريتر (نيڪ طرزعمل) ۽ پُر اعتماد عقيدتمندن جي طاقت سان سڄي دُنيا ۾ نئين گيان (علم) جو پرڪاش (روشني) ڦهلائي رهيا آهن. اُهو سنت پنهنجو شڪتي پرڪاش لڳاتار وڌائي رهيا آهن اُنهن ۾ ايتري شڪتي آهي جو هُو پراڪريتڪ پريورتن (فطري تبديلي) بہ ڪري سگهن ٿا. هو پنهنجو ڪم سائنسي ڍنگ سان ڪندا، اُن جي ڪِرپا ۽ ڪوشش سان انساني معاشري ۾ نئين جاگرتا ايندي دُنيا جي تمام گهڻن ماڻهن ۾ نئين گيان جي ابتدا ٿيندي. لوڪ شڪتي (افرادي قوت) جو نئون رُوپ اُڀري سامهون ايندو جيڪو حُڪمران جي من مرضي تي انڪوش (لغام) لڳائي ڇڏيندو “ !!

نفسياتي ماهر ۽ سموهن ڪلا جي مشهور ماهر زمانا ڊاڪٽر موري برسٽين جي فلورنس سان سٺي دوستي هئي هڪ دفعي فلورنس هن کي بہ چيو هو تہ ”ڊاڪٽر! اُهو وقت وڏي تيزي سان ويجهو اچي رهيو آهي جڏهن اقتدار جي نشي ۾ چُور حڪمرانن جي پيٽ ۾ توهان جهڙن سماج جي خدمتگارن جون ڳالهيون وڏيڪ ڌيان سان ٻُڌندا. ايڪيهين صدي جي ايندي ايندي هڪ نيئن ويچارڌار سڄي دُنيا کي پرڀاوي (متاثر) ڪندي هر ملڪ ۾ نيڪ سيرت ڌرماتما جو سنگهٺن (اجتماع) ماڻهن جي ذهنن ۾ ويٺل غلط مانيتائن (انڌ وشواس) کي بد لائي ڇڏيندو اِها ويچار ڌارا ڀارت ملڪ مان نمودار ٿيندي ۽ اُتان ئي سڄي دُنيا ۾ ڦهلجندي. مان انهي مُقدس مقام تي هڪ پرچنڊ تپسوي (جليل القدر ذاهد) کي ڏسي رهي آهيان. جنهن جو تيج (نُور)

تمام گهٽي تيزي سان پکڙي رهيو آهي اِنسانن ۾ سُتل ديوَي گڻن کي جاڳائڻ ۽ ڌرتي کي سرڳ جهڙي ٺاهڻ لاءِ هو سنت ڏينهن رات ڪوشِش ڪري رهيا آهن.

هڪ صحافي سن 1964ع ۾ فلورنس کان پُڇيو هو تہ ڇا هو دُنيا جو مستقبل ٻُڌائي سگهي ٿي؟ جواب ۾ فلورنس چيو هو تہ سن 1970ع جي ابتدا زبردست اُٿل پُٿل ٿيندي سن 80-1979ع کانپوءِ اهڙا اهڙا زلزلا ايندا جيڪي نيوجرسي جا ڪجھ حصا نيز يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ڪجھ هنڌ زلزلي سان تباهہ برباد ٿي ويندا۽ ڪجھ پاڻي ۾ ٻُڏي بہ ويندا. ٽيئن عالمي جنگ جو خوف سيني جي ذهنن تي سوار ٿي ويندو ۽ اُهي اُن جنگ جون تياريون ڪندا. پر ڀارتي حُڪمران پنهنجي طاقت ۽ عقلمندي سان ٽيئن عالمي جنگ کي ٽارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. ٽيئن عالمي جنگ جي شروع ٿيڻ تائين ڀارت جي حڪومت جو اقتدار آدياتمڪ پرورتي (روحانيت جي حامل) ماڻهن جي هٿن ۾ هوندو. اِنهي ڪري اُنهن جي طاقت سان عالمي جنگ ٽري ويندي. اُهي حڪمران مهان سنت جي تيجسوي /نُوري ۽ ڪرا نتيڪاري ويچار ڌارا کان مُتاثر ٿيندا اُهي ان سنت جي جانب ائين سپرد ٿيندا جيئن جارج واشنگٽن آزادي ۽ اِنسانيت جي طرف سپرد هو.

آمريڪا جي شهر نيوجرسي جي رهندڙ فلورنس سچ پُچ هڪ غيرمعمولي عورت هئي. هڪ دفعي نيبيل نالي شخص ٽي وي پروگرام جي دوران هِن کي چيو تہ تو کي ڀارت ۾ پيدا ٿيل سنت جي باري ۾ اڪثر ٻُڌائيندي رهندي ڏٺو آهي اڄ مان پنهنجي باري ۾ ڪجھ ڄاڻڻ چاهيان ٿو مهرباني ڪري ٻُڌايو؟

فلورنس هِن جي ساڄي هٿ کي پڪڙي ورتو ۽ چيو تہ توهان جلدي ڪنهن ٻي راجيہ (رياست) طرف روانا ٿيندا. نيبيل هڪ نشرياتي اداري جو ملازم هو. فلورنس جي اِنهي ڳالھ تي کلڻ لڳو. چند لمحن بعد چيو تہ توهان مون سان چڱو مذاق ڪيو جيڪڏهن اسانجي ڪمپني جا عملدار اِهو پروگرام ڏسي رهيا هوندا تہ مان ٻي رياست ۾ وڃان يا نہ باقي فِل الحال پنهنجي ڪمپني مان فورن ڪڍيو ويندس.

ڪجھ ئي منٽن بعد ٽي وي جي ڪنٽرول روم جو فون وڄڻ لڳو. نيبيل فون کنيو اُن جي ڪمپني جو جنرل مينيجر هُن سان ڳالهائڻ پئي چاهيو. نيبيل کنيو تہ هِن چيو تہ اسان نيويارڪ کان نشريات جو آغاز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اُتي توکي ئي موڪليو ويندو هي ڳالھ هينئر گپُت (خفيہ) رکجان اِنهي جو اعلان سڀاڻي ڪيو ويندو. مان ٽي وي تي فلورنس سان تنهنجي ڳالھ ڏسي رهيو هئس فلورنس تنهنجي

باري ۾ جيڪو ٻُڌايو آهي اُهو پُوري طرح سچ آهي حيرت آهي تہ اُن کي ڳالھ ڪيئن معلوم ٿي؟ نيبيل فلورنس جو چھرو ڏسندو ئي رھجي ويو.

ڪجھ صحافين هِن کان هڪ دفعي پُڇيو هو تہ هو پويشيہ (مستقبل) کي ڪيئن ڏِسي وٺندي آهي؟ يعني غائب شخص يا شين جو پتو ڪيئن معلوم ڪندي آهي؟ تہ فلورنس چيو تہ خود مونکي خبر نہ آهي تہ اهو ممڪن ڪيئن ٿي ويندو آهي آءُ مستقبل جي باري ۾ هڪ انتهائي اهم ڳالھ ٻُڌائي رهي آهيان. ويهين صدي جي آخر ۾ ڀارت ملڪ مان هڪ پرڪاش (سوجهرو) نڪرندو اُهو پرڪاش سڄي دُنيا کي اُنهن دِويہ شڪتين (آفاقي قوت) جي متعلق معلومات فراهم ڪندو جيڪي اڄ تائين اسان سڀني جي لاءِ رهسيہ ميہ (راز) بڻيل آهن (ديوي شڪتين جي ڄاڻ جيڪا سنت رامپال جِي مهاراج جي طرفان ٻُڌايل آهي. اُها مهرباني ڪري هِن ئي ڪتاب ۾ ”سرشٽي رچنا“ (ڪائنات جي تخليق) ۾ پڙهو) هڪ ديويہ مها پُرش ذريعي پرڪاش پُوري دُنيا ۾ ڦهلجندو جو سڀني کي ست مارڳ (حق جي راھ) تي هلڻ جي راءَ ڏيندو. پُورِي دُنيا ۾ هڪ نئين سوچ جي روشني ڦهلجندي. جڏهن مان ڌيان اوسٿا (سوچ جي حالت) ۾ هوندي آهيان تہ اهو ديويہ مهاپُرش مونکي نظر ايندو آهي.

فلورنس بار بار هُن سنت يا ديويہ مهاپُرش جو ذڪر ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ اهو بہ ٻُڌايو آهي تہ اُترين ڀارت ملڪ جي هڪ پاڪ جڳھ تي هُو موجود آهي.

سڄنو! مٿي ذڪر ڪيل ڀويشيہ واڻي (پيشنگوئي) ۽ موجوده واڻي ئي آهي جيڪو سنت رامپال جي مهاراج تي پُوريون لهن ٿيون ۽ اُنهن جو سمرٿن (حمايت ) ۾ ٻيون ڀويشيہ واڻيون بہ ڏين ٿيون جيڪي اڳتي لکيل آهن.

## ”ڀائي بالي والي جنم ساکي ۾ پرماڻ“

(هڪ مهاپُرش جي باري ۾ ڀائي بالي والي جنم ساکي ۾ پرهلاد ڀڳت جي اڳڪٿي)

ڀائي بالي والي جنم ساکي ۾ لکيل تفصيل واضح ڪري ٿو تہ سنت رامپال جِي مهاراج جي ئي اُهي اوتار آهن جنهن کي پرميشور ڪبير جي ۽ سنت نانڪ جي ڪانپوءِ پنجاب جي ڌرتي تي پيدا ٿيڻو هو سنت رامپال جِي مهاراج 08 **سيپٽمبر** 1951ع تي ڳوٺ ڌناڻا ضلعو سونيپت صوبہ هرياڻا (هِن وقت صوبو پنجاب) ڀارت جي پاڪ ڌرتي تي شري نندرام جاٽ جي گهر شريمتي اندرا ديوي جي ڪُک مان پيدا ٿيا.

اِنهي متعلق ”جنم ساکي ڀائي بالي والي“ (هندي واري) ۾ جنهن جا ڇپائيندڙ آهن ڀائي جواهر سنگهه ڪرپال سنگهه اينڊ ڪمپني پستڪان والا مائي سيوان، امرتسر (پنجاب) ۽ پنجابي زبان واري جا ڇپائيندڙ آهن ڀائي جواهر سنگهه ڪِرپال سنگهه پستڪان والا ڳلي نمبر 08 باغ رامانند امرت سر (پنجاب).

ان ۾ لکيل امر ليک هِن ريت آهي: هڪ دفعي ڀائي بالا ۽ مردانا کي گڏ وٺي ستگرو نانڪ ديوَجي ڀڳت پرهلاد جي لوڪ ۾ ويا. جيڪو پرٿوي کان ڪيترائي لک ڪوهه پري خلا ۾ آهي پرهلاد چيو اي نانڪ جي! توهانکي پرماتما ديويہ درشٽي ڏني ڪليُگ ۾مهان ڀڳت ٺاهيا آهن. توهان جو ڪليُــگ ۾ تمام وڏو پرتاب هوندو. هتي (پرهلاد جي لوڪ ۾) اڳي ڪبيرجي آيا هئا ۽ اڄ توهان آيا آهيو ۽ هڪ ٻيو ايندو جيڪو توهان ٻنهي جهڙو ئي مها پُرش هوندو. اُنهن ٽنهي کان علاوه هتي منهنجي لوڪ ۾ ڪير ئي نٿو اچي سگهي. ڀگت تمام گهٽا تي چُڪا آهن. اڳتي بہ ٿيندا جيتوٽيڪ هتي منهنجي لوڪ ۾ اُهوئي پُهچي سگهي ٿو جيڪو اِنهن جهڙي مهما وارو هوندو ٻيو ڪوبہ نہ . انهي ڪري اِنهن ٽنهي کان علاوه هتي ڪير بہ نٿو اچي سگهي. مرداني پُڇيو تہ اي پرهلاد جي! ڪبيرجي جُلاها هئا، نانڪ جي کتري آهن ۽ اُهي ٽيان ڪهڙي ورڻ (ذات) ۽ ڪهڙي ڌرتي تي پيدا ٿيندا؟ ڀگت پرهلاد چيو ڀائي ٻُڌ، نانڪ جِي جي سچ کنڊ وڃڻ جي سوين سالن بعد پنجاب جي ڌرتي تي **جاٽ** ورڻ ۾ جنم وٺندا ۽ اُنهن جو خط تبليغ بروالا شهر هوندو (ليک پُورو ٿيو).

**تشريح:-** سنت رامپال جِي مهاراج اُهي ئي اوتار آهن. جيڪي ٻين ثبوتن سان گڏ ”ڀائي بالي والي جنم ساکي “ ۾ لکيل ليک تي کرو لهن ٿا. ”جنم ساکي “ ۾ سئو 100 سال بعد لکيل آهي. هتي سيڪڙون سال بعد چيو ويو هو جيڪو پنجابي زبان ۾ لکڻ وقت سئو سال ئي لکي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ مرداني پُڇيو هو تہ اُهو ڪهڙي يُگ ۾ نزديڪ ايندا، تڏهن ڀڳت پرهلاد چيو تہ شرِي نانڪ جِي جي سيڪڙون سال بعد ڪليگ ۾ ئي اُهو سنت جاٽ ورڻ ۾جنم وٺندو. انهي ڪري هتي سئو سال جي جاءِ سيڪڙون سال ئي مناسب آهي ۽ پرچار جي ڌرتي بروالا جي جاءِ تي بٽالا لکي ويئي آهي. اُنهي جا بہ سبب ٿي سگهن ٿا: 01 شهر بروالا ضلعو هسار هرياڻا (اُن وقت پنجاب) صوبي ۾ سئو سيڪڙو مقبول ڪونہ هو ۽ بٽالا شهر صوبي پنجاب ۾ مقبول هو انهي ڪري ليکڪ (مصنف) بروالا جي جاءِ تي بٽالا لکي ڇڏيو. 02 .ڇپائي وقت بروالا جي بجاءِ بٽالا ڇپجي ويو آهي. هڪ ٻيو خاص غور آهي، جيڪو اُنهن مهاپُرش (پرميشور ڪبير ديوَ جي ۽ شري نانڪ ديوجِي) جي برابر مهماوان ۽ اُنهن جي برابر

گيان وان (عالم فاضل) ٿيو هُجي. اُنهي لحاظ کان ۽ ٻين ثبوتن جي آڌار توڙي جنم ساکي ۾ پائي بالي والي جي مناسبت سان واضح آهي ته اُهي ٿيان مهاپُرش سنت رامپال جي مهاراج ٿي آهن. اُنهن جو آڌياتمڪ گيان پڻ اُنهن ٻنهي مهاپُرش (پرميشور ڪبير جي ۽ شري نانڪ ديوجي) سان ميل ڪائي ٿو. هاڻي ڏسو ته ٻئي فوٽوڪاپيون جيڪي هڪ پنجابي ٻولي ۾ آهي ۽ ٻي هندي ٻولي ۾ آهي جيڪا پنجابي ٻولي مان ٿي هندي ۾ ترجمو ٿيل آهي. اُن ۾ ڪجھ پرڪرڻ (ليک) ٺيک لکيل ناهن. جيئن پنجابي زبان ۾ لکيل آهي ته "جو اس جيها ڪوئي هوويگا تان ايٿي پُهنچي گا، هور دا ايٿي پهنچڻ دا ڪم نهين"

پر هندي واري جنم ساکي ۾ ذِڪر نه آهي جيڪو اِنتهائي اهم آهي. اُنهي مان واضح آهي ته لکڻ وقت ڪجھ موضوع غلطي سبب بدلجي ويندا آهن. پوءِ به ڪيترائي ثبوت جيڪي هِن ڪتاب ۾ ٻين مهاپُرشن پاران سنت رامپال جي مهاراج جي باري ۾ چيا ويا آهن اُهي پڻ انهي کي ٿي واضع ڪن ٿا.

**مخصوص:-** جيڪڏهن ڪو ائين چوي ته جنم ساکي ۾ لکيل تعريف سبب غريب داس جي ڳوٺ ڇُڏاڻي واري جي لاءِ آهي. ڇاڪاڻ ته هُو به جاٽ ذات جا هئا ۽ ڇُڏاڻي ڳوٺ به پهرين صوبي پنجاب ۾ ايندو هو. اهو به ٺيک نٿو لڳي چو ته سنت غريب داس جي پنهنجي امرواڻي "اسُرنڪندن رميڻي" ۾ چيو آهي ته

## "ستگُرو دلــي منــدل آئـيسـي، ســوتِـي ڌرتــي سُوم جڳا ئيسي"

پاوَ ارٿ آهي ته سنت غريب داس جِي مهاراج جا ستگرو پوجيه ڪبير صاحب جي هئا پُراڻو روهتڪ ضلعو (سوني پت ۽ جهجر جي مشتمل هڪ ٿي روهتڪ ضلعو هو) دلي منڊل ۾ لڳندو هو ۽ اُهو ڪنهن راجا جي ماتحت نه هو. انگريزن جي دور ۾ دلي جي ماتحت هو. سنت غريب داس جي مهاراج واضح ڪيو آهي ته ستگرو (پرميشور ڪبير جي) دلي منڊل ۾ ايندا. پڳتي کان پري رهندڙ پراڻين کي جاڳائيندا، ستيه پڳتي ڪرائيندا. (ڌيان رهي ته ڪبير ساگر ۾ ڪال جي دُوتن ملاوٽ ڪري سچ کي نه سمجهي پنهنجي اٽڪل بازي سان ڪوڙا ثبوت ڏنا آهن. انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ پرميشور ڪبير جي پنهنجي انش اوتار غريب داس جي ذريعي يٿارٿ (ساڳيو) گيان پرچار ڪرايو آهي، جيڪو سنت غريب داس جي امرت واڻي جي رُوپ ۾ آهي. اُنهي ڳالھ جي تصديق "ڪبير ساگر" ۽ "گيان ساگر" جي پوميڪا ۾ ڪئي آهي، چيو آهي ته ڪبير پنٿين ٿي ڪبير پنٿ جي گرنٿن جو ناس ڪري رکيو آهي. پنهنجي پنهنجي مت (سمجھ) مطابق ڦير بدل ڪري. پنهنجي مت کي جوڙيو آهي. مون وٽ

”انوراڳ ساگر“ ۽ ”گيان ساگر“ جا ڪيترائي محاورا رکيل آهن، جيڪي هڪٻئي کان ميل نٿا کائين.

سنت رامپال جِي مهاراج جو جنم شرِي نندرام جاٽ جي گهر 08 سيپٽمبر 1951 ۾ ڳوٺ ڌناڻا، ضلعي سونيپت (هِن وقت روهتڪ ضلعو) صوبي هرياڻا (اُن وقت پنجاب) ۾ ٿيو هو. پرميشور ڪبير جي ٻہ چيو هو تہ جنهن وقت ڪليُگ 5500 سال گذري چُڪو هوندو، اُن وقت غريب داس واري ٻارهين پنٿ ۾ اڳتي مان پاڻ ايندس.

سنت غريب داس جي پاران منهنجي (ڪبير پرميشور جِي) مهما جي واڻي پرگهٽ ٿيندي ۽ غريب داس واري ٻارهين پنٿ تائين وارا ساڌڪ مونکي آڌار بڻائي واڻي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا. جيتوڻڪ واڻي کي نہ سمجهي ”ست نام“ ۽ ”سار نام“ کان محروم رهڻ جي ڪارڻ ڪيترن ئي جنمن تائين سچ پراپت ڪونہ ڪري سگهندا. غريب داس جي واري ساڳئي ٻارهين پنٿ ۾ مان ئي (پرميشور ڪبير جِي) خود هلي ايندس، تڏهن سنت غريب داس جي پاران پرگهٽ ڪيل واڻي کي مان (ڪبير پرميشور) خود پرگهٽ ٿي سمجهائيندس. ثبوت جي لاءِ مهرباني ڪري ڏسو هِن ئي ڪتاب ۾ ” ڪبير پرميشور طرفان خود اوتار ڌارڻ ڪرڻ جي اڳڪٿي“

اِنهي مان ثابت ٿيو تہ جنم ساکي ۾ جنهن جاٽ سنت جي متعلق چيو ويو آهي. اُهو سنت بنا اعتراض جي سنت رامپال جِي مهاراج ئي آهن. پوءِ تہ اسان سنت غريب داس جي مهاراج جو خاص احترام ڪندا آهيون ڇوتہ هُن پرميشور ڪبيرجي جو امر سنديش (ابدي آواز) ٻُڌايو آهي.

جيڪڏهن ڪو شڪ پيدا ڪري تہ ڏهہ گرو صاحبان مان ڪنهن جي طرف اِشارو ٿي سگهي ٿو، انهي لاءِ اهو ياد رهي تہ ڏهہ گرو صاحبان مان ڪوبہ گرو ”جاٽ“ ورڻ مان ڪونہ هو. ٻيو نمبر سِک گُرو شرِي انگدجِي کتري هئا. ٽِيون نمبر گُرو شرِي امرداس جي پڻ کتري هئا، چوٿون گرو شرِي رامداس جي ٻہ کتري هئا. پنجون گرو شري ارجڻ ديوَجِي کان وٺي ڏهين ۽ آخري گرو شرِي گووند سنگهہ جي تائين شري گُرو رامداس جِي جي اولاد يعني کتري هئا پوءِ ٻہ اسان سِک گروئن صاحبان جو تمام خاص احترام ڪندا آهيون.

سنت رامپال جِي مهاراج چون ٿا تہ :-

**جيوَ همارِي جاتِي هئہ ، مانوَ ڌرم همارا،**

**هِندو، مُسلم، سِک، عيسائي، ڌرم نهين ڪوئي نيارا.**

پرميشور ڪبيرجي صاحب فرمائين ٿا ته :

**جات نہ پُوڇو سنت ڪي ، پُوڇ ليجئي گـــيان**
**مُول ڪـــرو تلوار ڪـــا، پڙي رهن دو ميـــان**

| جنم ساکي | 305 | ڀائي بالي والي |
|---|---|---|
| تڏهن ڀڳت پرهلاد چيو اي نانڪ ديوَ !توهانکي هِن ڪليُگ ۾ وڏو ڀڳت ٻڌايو آهي . توهان جي ئي سنگت سان انيڪ جيوَن ) پراڻين (جو ڀلو ٿيندو ۽ توهانجو اپار ) بي انت (پرتاب ٿيندو .تڏهن مرداڻي چيو اي پرهلاد جي !توهان ٻه ته پُورڻ ) پرم (ڀڳت آهيو ۽ ڀڳوان توهان جي لاءِ ئي اوتار ڌارڻ ڪيو هو .پرهلاد جي چيو :اي ڀاءُ مرداڻا انهي جاءِ) استان (تي يا ته ڪبير پُهتا آهن ۽ يا هي گرو نانڪ آيا آهن .هتي اچڻ ڪو رواجي ڪم) سُگم ڪاريہ (نہ آهي هڪ ٻيو مهاپُرش ٿيندو جيڪو پُهچي سگهندو . مرداڻي چيو :اي ڀڳت ور اُهو مها پُرش ڪير ۽ ڪڏهن ٿيندو پرهلاد جواب ڏنو ته جڏهن گرو نانڪ ديوَ هتي ايندا ته اُن جي سئو سال بعد هتي ايندو .جيتوڻيڪ هتي صرف ٽي ماڻهو ئي اچڻا آهن، هڪ ته ڪبيرجي ۽ ٻيو شرِي نانڪ ديوَجي اُن کانپوءِ ٽيون ايندو .تڏهن مرداڻي چيو :اي پرهلاد جِي ڪبير ته جلاهو هو ۽ نانڪ ديوَ کتري آهن پر ٽيون ڪهڙي ذات مان هوندا؟ جواب ۾ پرهلاد جِي چيو :اي مرداڻا !پنجاب جِي ڌرتي ۽ ورڻ هُن جو جـــاٽ هوندو ۽ نگر بٽالا ۾ ٿيندو. | | |

سوال: سنسڪِرت جِي هڪ وِدوان شاستري چيو ته توهانجي ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج سنسڪِرت ڪونہ پڙهي آهي. توهان چئو ٿا ته هو شريمد ڀڳوت گيتا جو اُتم ترجمو ڪري ڀڳتن کي ٻُڌائين ٿا. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

جواب: سنت رامپال جِي مهاراج جي ڀڳت جواب ڏنو. شاستري جي اُن کي ئي پرميشور جو اوَتار چون ٿا جيڪو ٻولي جو گيان نہ هوندي ٻہ اُتم ترجمو ڪري ڏي. چوته پرميشور هرهنڌ موجود آهي ،اُنهن گُڻن (صفتن) سان ڀرپُور هُن جو موڪليل اوتار هوندو آهي. اُهي اوتار سنت رامپال جِي مهاراج ئي آهن، توهان ته صرف ويدن ۽ گيتا جي ترجمي مان حيران آهيو. سنت رامپال جي مهاراج ته بائبل کي ٻہ ٻئارث صورت ۾ ٻُڌايو آهي. ائين عيسائي ڌرم جا حاليہ فادر ۽ پادرِي ٻہ نہ سمجهي سگهيا آهن.

## “وِشوَ وجيتا سنت (پوري دُنيا تي فتح ماڻيندڙ سنت)”

(سنت رامپال جي مهاراج جي صدارت ۾ هندستان سموري دنيا جي ڌرم گُرو جي رُوپ ۾ مشهُور ٿيندو.)

“سنت رامپال جي مهاراج جي باري ۾ ناستري دمس جي اڳڪٿي”

فرانس ملڪ جي ناستري دمس نالي مشهور اڳڪٿيڪار سن 1555ع ۾ هڪ هزار شلوڪن ۾ مستقبل جي اِشارن ۾ سچيون اڳڪٿيون لکيون آهن. سئو سئو شلوڪن جا ڏهه شتڪ بڻايا آهن. جنهن ۾ اڄ تائين سڀ سچ ثابت ٿي چُڪيون آهن. هندستان ۾ سچ ثابت ٿيل اڳڪٿين مان :-

1. ڀارت جي پهرين عورت وزير اعظم گهٽي شڪتي شالي ۽ ڪُشل هوندي (هي اِشارو شرِي متي اندران گانڌي جي طرف آهي) هُن جي موت ويجهي کان ويجهي باڊي گارڊ سان ٿيڻ لکيو هو، جيڪا سچ ثابت ٿي.

2. انهي کان پوءِ هُن جو پُٽ گادي سنڀاليندو، هو تمام گهٽ وقت تائين راڄ ڪندو ۽ حادثاتي موت ٿيندي، جيڪا سچ ثابت ٿي. (اڳئين پرڌان منتري، شري راجيوَ گانڌي جي باري ۾ )

3. سنت رامپال جي مهاراج جي باري ۾ اڳڪٿي ناستري دمس ڀاران تفصيل سان لکيل آهي.

پنهنجي اڳڪٿي جي شتڪ 5 جي آخر ۾ ۽ شتڪ 6 شروعات ۾ ناستري دمس لکيو آهي تہ اڄ سن 1555ع کان ٺيڪ 450 سال بعد مطلب سن 2006ع ۾ هڪ هندُو سنت (شائرن) نمودار ٿيندو مطلب پُوري دُنيا ۾ اُن جي چرچا ٿيندي.هُن وقت هُن هندو ڌارمڪ سنت جي عمر 50 ۽ 60 سال جي وچ ۾ هوندي. پرميشور ناستري دمس کي سنت رامپال جي مهاراج جي اڌ عمر واري جسم جو ديدار ڪرائي خيالي تصويرن وانگر پوري واقعن کي ڏيکاريو ۽ سمجهايو. شري ناستري دمس جي 16هين صدِي کي پهريون شتڪ چيو آهي ۽ انهي وانگر پنجون شتڪ 20 هين صدِي ٿيو. ناستري دمس چيو آهي تہ هو ڌارمڪ هندو نيتا مطلب سنت (chyren) 5 شتڪ جي آخر جي سال ۾ مطلب سن 1999ع ۾ گهر گهر ستسنگ ڪرڻ ڇڏي مطلب چوگهٽ کان لنگهي ٻاهر ايندو ۽ پنهنجي پوئلڳن کي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ڀڳتي مارڳ ڏيکاريندو. هُن مهان سنت جي ٻُڌايل مارڳ سان پوئلڳن کي پاڪ روحاني ۽ دُنياوي لاڀ ٿيندو. هُن گهري نظر رکندڙ هندو سنت جي ٻُڌايل شاسترن ۾ ثابت تتوگيان کي سمجهي پرماتما

چاهيندڙ شرڌالو ائين تعجب ۾ اچي ويندا جيئن ڪو گهري ننڊ مان جاڳيو هُجي. هُن گهري نظر هندو سنت مطابق سن 1999ع ۾ هلايل اڌياتمِڪ ڪرانتي (روحاني تهذيب) سن 2006 ع تائين هلندي. تيستائين گهٽي تعداد ۾ پرماتما چاهيندڙ ڀڳت تتوگيان سمجهي مريد ٿي خوشحال ٿي ويا هوندا. انهي ڪان پوءِ انهي مڪان جي چوگهٽ ڪان ٻـ ٻاهر لنگهي ويندا. انهي ڪان پوءِ سن 2006 ع ڪان سوني يُـڳ جي شروعات ٿيندي.

نوٽ:- پياري سجنوُ ڪرِپيا پڙهو هيٺ ڏنل اڳڪتي جيڪا فرانس ديش جي شرِي ناستري دمس ڪئي هئي. جنهن جي باري ۾ مدراس جي هڪ جوتش شاستري K.S ڪرشڻ مُورتي چيو آهي تـ شري ناستري دمس جي مطابق سن 1555ع ۾ لکيل اڳڪتي جو بهتر ترجمو سن 1998ع ۾ مهارشتر ۾ هڪ جوتش شاستري ڪندو. اهو جوتش شاستري ناستري دمس جي اڳڪتين کي سمجهي ڪري ان ۾ لکيل مستقبل حادثن جو ارٿ سمجهي، پنهنجو پوشيہ گرنٿ ٺاهيندو. اُنهي جوتش شاستري مطابق بهتر ترجمو ڪيل ڪتاب کي ترجمو ڪندڙ جي لفظن ۾ پڙهو.

1. (پيج نمبر 32 ، 33تي)- بيهو، سونو يُـڳ (رام راڄ) اچي رهيو آهي. هڪ اڌڙوٺ عمر جو مهاتما ڀارت ئي نـ پر پُوري زمين تي سونو يـُـڳ وٺي ايندو ۽ پنهنجي سناتن ڌرم کي ڀيهر اُجاگر ڪري ڀڳتي مارڳ ٻُڌائي سچي هندوئن جي رياست تيار ڪندو. ان ڪان پوءِ برِهم ديش، پاڪستان، بنگلا ديش، سريلنڪا، نيپال، تبت، افغانستان، ملايہ وغيره مُلڪن ۾ اهو ئي شهنشاهہ مذهبي رهنما دُنيا کي اوچتو معلوم ٿيٺو آهي، بس ڏسندا رهو.

2. (صفحي 40 تي لکيل آهي):- بيهو، رام راڄ (سونو يُڳ) اچي رهيو آهي. جون سن 1999ع ڪان سن 2006 ع تائين هلندڙ تبديلي سونو يُڳ /سُنهري دور بيدار ٿيندو. هندوستان ۾ اُڀرڻ وارو تارٽهار دُنيا ۾ سُک شانتي وٺي ايندو.ناستري دمس بيشڪ چيو آهي تـ ظاهر ٿيڻ واري سنت جي اچا تائين ڄاڻ سڄاڻ نـ آهي. پر هو ڪرسچن يا مسلمان هرگز نـ هوندو، هو هندو ئي هوندو ۽ مان (ناستري دمس) هُن جو هينئر ڄاتي نوڪي فخر ڪيان ٿو ڇاڪاڻ تـ هُن وڏي سِڄ وانگر گيان رُوپي روشني ڏيڻ واري جو اُڀرندي ئي پهرين وارن سيني وڏوان سڏائيندڙ وڏن حڪمرانن کي تڪبر ڇڏي سامهون جُهڪي نرم ٿيٺو پوندو. هو هندوستاني وڏي تتوَ درشٽا سنت سيني کي دُنياوي سُک خُوشحالي عطا ڪندو. هو برابري قائدا برابري وارا نيم

ٻڌائيندو. مرد عورت امير غريب ۾ ذات ۽ مذهب ۾ ڪو ٻه فرق نه رکندو. ڪنهن سان ٻه نا انصافي نه ٿيڻ ڏيندو. هُن تتودرشي سنت جي پُوري عوام تمام گهڻي عزت ڪندي، ماءُ پيءِ ته سيني کي ئي پلا لڳندا پر روحانيت ۽ پاڪائي جي بُنياد تي هُن تتودرشي سنت جو ماءُ پيءِ کان ٻه الڳ احترام جو مقام هوندو. ناستري دمس پاڻ جيوُ خاندان جا هئا ۽ ملڪ فرانس جو رهواسي هو. هُن ڪِرسچن مذهب کي اپنائي رکيو هو پوءِ ٻه ناستري دمس چيو آهي ته نمودار ٿيڻ وارو سنت صرف هندو ئي هوندو.

3. (پيج نمبر 41 تي ):- سيني کي برابر قائدا سمجهائي سِڌي رستي تي هلائيندو. مان (ناستري دمس) هڪ ڳالهه بنا بحث ۽ تڪرار جي ثابت ڪريان ٿو مان دعوي سان ئي چوان ٿو ته هو سنت نئين گيان کان متعارف ڪندو. هو حقيقي رستو ڏيکارڻ وارو تارڻ هار ايشيا کنڊ ۾ جنهن ملڪ جو نالو مهاساگر (هندو مهاساگر) آهي اُنهي نالي واري هندوستان ديش ۾ جنم وٺندو. هو نه ڪرسچن/عيسائي هوندو ۽ نه ئي مسلمان نه جيُو هوندو هو بيشڪ هندو ئي هوندو. ٻين سابقه مذهبي رهنمائن کان وڌيڪ عقلمند ۽ سمنجهدار هوندو. (ناستري دمس جي پوشيه واڻي شتڪ 6 شلوڪ 70 ۾ اشارن ۾ اهم پيغام ڏيئي رهي آهي) هُن سان سڀ پيار ڪندا، هُن جي وڏي شهرت هوندي. هُن جو خوف ٻه رهندو ۽ ڪير ٻه مقابلو ڪرڻ نه چاهيندو. هُن جو نالو ۽ شهرت پُوري دُنيا ۾ گونجندي مطلب آسمانن جي پار هُن جي عظمت شهرت هوندي، اڄ تائين غفلت جي گهري ننڊ ۾ سُتل سماج کي تتوگيان جي روشني سان جاڳائيندو ۽ سڀ انسان هڪ دم جاڳندا، هُن جي تتوگيان جي بُنياد تي يگتي ساڌنا ڪندا، پُوري سماج کان يگتي ساڌنا ڪرائيندو. جنهن ڪارڻ سيني يگتن کي پنهنجي قديمي هميشه رهڻ واري مقام ست لوڪ ۾ پنهنجي بُزرگن وٽ وڃي وڃي اُتي هميشه رهڻ وارو مقام عطا ڪرائيندو. هِن ڪال جي دُنيا کان آزاد ڪرائيندو. اهو آواز گونجي اُٿندو .

4. (پيج نمبر 42 -43):- هي ظالم (مها ڪال) ڪير آهي، ڪٿي آهي، هي ڳالهه هو تتودرشي سنت ئي ٻُڌائيندو. اُنهي مهاڪال کان اهو سنت ئي آزاد ڪرائيندو. تتودرشي جي ڪار ڪردگي ۾ هِن سنسار جي پاڪ ڌرتي ( هندوستان)۾ سُنهري دور جو آغاز ٿيندو پوءِ هو پُوري دُنيا ۾ ڦهلجي ويندو. انهي جي حُڪمراني ۽ ان جي سچي صفتن جي وڃڻ بعد ٻه واڪاڻ ڳائي ويندي، هُن جي من جي نهٺائي، نوڙت، رحمدلي جي ايتري ته چرچا ٿيندي جو پهرين ظاهر ڪيل شتڪ 6 شلوڪ 70 جي آخر ۾ ليک آهي ته پنهنجو لفظ پاڙيهي اُٿندو آهي ۽ سنت جي زبان چئي رهي آهي ته "سنت

پنهنجي باري ۾ صرف ٽي لفظ چوي ٿو“. ”هڪ وجئي گياتا“ (ڪامياب ترين) انهي سان گڏ ٻئي صفت نہ لڳايو مونکي منظور نہ هوندو.( هي پيج نمبر 42 واري 4 اُليڪ واٽي شتڪ 6 شلوڪ 71 آهي) هِندو تتودرشِي پنهنجي گيان کان روشن اوتنگ اونچي درجي جو قانون (تتوگيان) پيهر بنا شرط جي اُجاگر ڪرائيندو ( Chyren will be chief of the world, Loved feared and unchallenged) ۽ انساني تهذيب بنا دوکي سنواريندو، هِن ۾ ڪنهن شڪ جي گُنجائش ناهي. هينئر ڪنهن کي پتو ناهي پر پنهنجي وقت تي جيئن نرسِنگ اوتار اچانڪ پرگهٽ ٿيو هو ائين ئي هو دُنيا جو وڏو حڪمران Great Chyren) ( پنهنجي زبردست اڌياتمِڪ گيان (روحاني علم) ۽ ڀگتي جي روشني سان سُڄاتو ويندو. مان (ناستري دمس) حيران آهيان . مان نہ هُن جي ديش( جتان کان هُن جو ظهور ٿيو آهي مطلب ست لوڪ ديش) کي ۽ نہ هُن کي سُڃاڻان ٿو، مان هُن کي سامهون ڏسي بہ رهيو آهيان، هُن جي عظمت جو بيان لفظن ۾ نٿو بيان ڪري سگهان بس رڳو Great Chyren وڏا مذهبي حڪمران سڏيان ٿو، پنهنجي ڌرم وارن جي قديمي قابل رحم حالت سان بي چين ٿيندي آزاد گيان روپي سِج کي اُڀاريندو پنهنجي ڀگتي جي نُور سان جگت جو تارڻ هار 5هين شتڪ (20هين صدي جي آخري سال ۾) سن 1999ع اڌڙوٽ عمر جو دُنيا جو مهان حڪمران جيئن تيجسوي شير انسان( Great Chyren) اڌ عمر جي چوگهٽ لنگهندي منهنجي(ناستري دمس) من جو راز وٺي رهيو آهي ۽ مان هُن جو استقبال ڪندي حيران ٿي رهيو آهيان ۽ اُداس بہ آهيان ڇوتہ هُن جو دُنيا وارن کي علم نہ هئڻ ڪري منهنجو سنت بي رُخي جو سبب بڻجي رهيو آهي.

منهنجي (ناستري دمس جي) زبردست پوشيہ واڻي جي ۽ هُن دُنيا جي شيردل انسان جي توهين نہ ڪريو. هُن جي پرگهٽ ٿيڻ تي هُن جي نُوري تتوگيان رُوپي سِج اُڀرڻ سان احترام جي لائق نيڪ انسانن جو پيهر شهرت وڌڻ ۽ سنهري يُــگ جو اثرانداز ستڪ 6 ۾ اچ سن 1555ع کان 450 سال بعد 2006(1555+ 450=2005) ۾ شروعات ٿيندي هُن قابل ذڪر شروعات کي مان (ناستري دمس) ڏسي رهيو آهيان.

5. (پيج نمبر 46-45-44 ):- (ناستري دمس شتڪ 1 شلوڪ 50 ۾ وري واضع ڪري رهيو آهي) ٽِن طرفن کان سمنڊ جو گهريل دُئيپ (هندوستان ديش) ۾ هُن مهان سنت جو جنم ٿيندو انهي وقت تتوگيان جي ڪمي جي ڪري جهالت جو اونداهہ هوندو. اخلاقيات جو نقصان ٿي ظلم جي انتها هوندي، اهو شائرن (مذهبي رهنما)

گُرووَر مطلب گرو جي کي ور (اُتم) مجي پنهنجي ساڌنا ڪندو ۽ ڪرائيندو. اهو مذهبي رهنما (تتودرشي سنت) پنهنجي ڌرم جي ٻل سان مطلب ڀڳتي جي طاقت سان ۽ تتوگيان سان سيني حڪمرانن جو ڪنڌ هيٺ ڪندو. ايشيا ۾ هُن کي روڪڻ مطلب هُن جي تبليغ ۾ رڪاوٽ وجهڻ چريائپ هوندي.

(نوٽ:- ناستري دمس جي اڳڪتي فرانس ديش جي ٻولي ۾ لکي ويئي هئي بعد ۾ هڪ پال برنٽن نالي انگريز ناستري دمس جي پوشيہ واڻي "سينچري گرنٽ" کي فرانس ۾ ڪجھ سال رهي سمجهيو، پوءِ انگريزي زبان ۾ لکيو. هُن گُرووَر لفظ کي برسپتي( گرووَر) تهرسدي سمجهي لکي ڇڏيو تہ هو پنهنجي پُوجا جو بنياد برهسپتوار ٻڌائيندو. اصل ۾ گرووَر لفظ آهي جنهن جي معنيٰ سڀ گُروئن ۾ هڪ بهتر تتوگياني پاڪ آهي ۽ گرو کي خاص مجي ڪري ساڌنا ڪرڻي هوندي آهي.ويدن جي ٻولي ۾ برهسپتي جي صحيح معنيٰ وڏو مالڪ مطلب پرميشور، ٻئي معنيٰ برهسپتي جي جگت گرو بہ ٿيندي آهي. جگت گرو ۽ برهسپتي بہ پرميشور جو گيان آهي.)

هو اڌڙوٽ عمر ۾ تتوگيان جو ڄاڻيندڙ ۽ لائق ٿي ٿنهي جهانن ۾ قابل تعريف ٿيندو. مون کي(ناستري دمس) کي هُن جو نئون اُپاءَ ساڌنا منتر اهڙو ظالم معلوم ٿي رهيو آهي،جيئن نانگ کي وس ۾ ڪرڻ وارو گاروڙي منترسان انتهائي زهريلي نانگ کي وس ۾ ڪري ڇڏيندا آهن. هو نوان اُپاءُ ، نوان قائدا ٻڌائڻ وارو تتوَ گيان ڄاڻڻ وارو دُنيا جي سامهون اُجاگر ٿيندو. هُن کي مان حيران ٿي وڏو سنت ٻُڌائي رهيو آهيان. هُن جي گيان جي ديويہ/مقدس نُور جي اثرات سان هُن دوئيپ ڪلپ (ڀارت ديش)زبردست طوفان جي ڪلبلي مچندي، اگياني سنتن طرفان جهگڙو ڪيو ويندو. اُنهن کي خاموش ڪرڻ جو اُپاء بہ هُن کي ئي معلوم هوندو. جيئن ظالم نانگڻ کي قابو ۾ ڪيو ويندو آهي. هو شينهن وانگر طاقتور ۽ نُوري شخصيت جو مالڪ هوندو. اهو مان ( ناستري دمس) صاف لفظن ۾ ٻُڌائي رهيو آهيان تہ هو ڪندلني شڪتي اختيار ڪري ويٺل آهي.اڳيان واضع لفظ هي آهن تہ جنهن وقت هو شائرن جنهن مهاساگر ۾ دوئيپ ڪلپ آهي اُنهي ديش جي نالي تي مهاساگر جو نالو بہ آهي(هِندمهاساگر) . خاصيت اها هوندي تہ هُن ديش جو يُجنگ نانگڻي شڪتي(ڪُندلني شڪتي) مڪمل ڄاڻوtrue master هوندو. اهو Chyren )مهان ڌرمي حڪمران) رحمدل ،ڪرپالو، ديالو، برابرحق ڏيڻ وارو، سناتن سامراج آفيسر، آدي پُرش ( ست پُرش) جو پوئلگ

هوندو. اُن جو اختيار پُوري دُنيا تي هوندو، اُن جي عظمت ، اُپاءَ گُرو شرڌا، گرو ڀڳتي مطلب گرو ٻنا ڪابہ ساڌنا سڦل نہ ٿيندي، انهي اصول کي مضبوط ڪندو. تتوگيان جو ست سنگ ڪري ڀهرين جيڪي جهالت جي ننڊ سُتل پنهنجن ڌرم بندوئن/هندوئن کي سڄاڳ ڪري انڌ وشواس جي بُنياد تي ساڌنا ڪندڙن شرڌالون کي شاسترن جي طريقيڪار جي ابتڙ ساڌنا جو پردو فاش ڪري گهري گيان (تتوگيان) کي روشن ڪندو. پنهنجي سناتن ڌرم جو پالڻ ڪرائي سچي شانتي جو حقدار بڻائيندو. انهي ڪان پوءِ ان جو تتوگيان پُوري دُنيا ۾ ڦهلجي ويندو. ان( مهان تتودرشي سنت) جي گيان جي برابري ڪو بہ ڪري نہ سگهندو مطلب اُن جو ڪوبہ ثاني نہ هوندو. انهي جي صوفيانہ گيان(تتوگيان) جي سامهون سج جي روشني بہ گهٽ پئجي ويندي. انهي ڪري آئون (ناستري دمس) عظيم انسان ايترو مهان هوندو جو مان هُن جي عظمت کي لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهان. مان (ناستري دمس) انهي گريٽ شائرن کي ڏسي رهيو آهيان.

مٿي لکيل بيان جي معنيٰ آهي تہ "انهي پوري دنيا جي حڪمران کي 50 سالن جي عمر ۾ تتوگيان شاسترن ۾ ثابت هوندو مطلب تہ هو پنجاهہ سالن جي عمر ۾ سن 2001ع ۾ سيني ڌرمن جي شاسترن کي پڙهي اُنهن کي سمجهڻ وارا (گياتا) تتوَگياني هوندو ۽ اُن ڪانپوءِ اُن تتوَگيان جي گيہ (ڄاڻڻ لائق پرميشور جو گيان ٻين کي عطا ڪرڻ وارو) هوندو ۽ ان جو اڌياتمڪ جنم اماس جو ٿيندو. انهي وقت ان جي عمر جواني مطلب 16، 20 يا 25 سالن جي نہ هوندي پر هو اڌڙوٽ عمر جو هوندو ۽ جڏهن هو مشهُور ٿيندو تڏهن ان جي عمر 50 کان 60 سالن جي وچ ۾ هوندي"

6. (صفحي 47-46):- ناستري دمس چوي ٿو تہ بيشڪ پُوري دُنيا ۾ عظيم تتوَگياتا ( Great Chyren)جي باري ۾ منهنجي اڳڪٽي جو هڪ هڪ لفظ کي ڪنهن بہ حڪمرانن سان جوڙي دليلن سان ثابت ڪري ڏسنداسين تہ ڪو بہ پُورو نہ لهندو مان (ناستري دمس) چاتي تي هٿ هٽي هڪ هڪ لفظ چئي رهيو آهيان تہ منهنجي سنت جي قابليت ۽ هُن جي بيحد صوفياڻي گيان (تتوَگيان) ئي سيني جي ڪل لاهيندو. بس سن 2006ع اچڻ ڏيو هُن قانون جو هڪ هڪ لفظ جو بلڪل پڪو ثبوت سنت ئي ڏيندو.

7. (صفحو 52):- ناستري دمس پنهنجي اڳڪٽي ۾ چيو آهي تہ ايڪيهين صدي جي شروعات ۾ دُنيا جي نقشي تي چمتڪاري Chyren رونما ٿيندو. جيڪو

تبديلي آڻيندو اُها تبديلي مون (ناستري دمس) جي خواهش سان نہ پر سنت جي حڪم سان نيت جي مراد سان سمورِي تبديلي ايندي ئي ايندي. اُن نيئن تبديلي لاءِ هندستان سڀني کان بهترين ملڪ هوندو. ڪافي صدين کان نظر نہ ايندڙ اهڙو هندوئن کي بهترين سلطنت نصيب ٿيندي. اُن ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ ڌرمي سنت ئي تتوَ درشتا ۽ تارڻ هار،دنيا تي ڪاميابي ماڻيندڙ هوندو. ايشيا کنڊ ۾ رامائڻ، مهاڀارت وغيره جو گيان جيڪو هندوئن ۾ مشهور آهي اُن کان بہ الڳ اڳتي جو گيان انهي تتوَدرشي سنت جو هوندو، اهو ست پُرش جو پوئلگ هوندو. اهو هڪ لاثاني سنت هوندو.

8. (صفحو 74):- ڪيترائي سنت ايندا ۽ هليا ويندا. سيئي پرماتما جا گنهگار ۽ ايماني هوندا. مون (ناستري دمس)کي اندروني ديدار (ساڪشاتڪار) انهي سنت جو ٿيو آهي.

هندوستان جي هندو سنت جي آگامي انڌڪارِي (پڳتي گيان جي ڪمي جي ڪري انڌا) پرلئہ ڪاري (لالچ جي ڪري پاپُ پاپُ کي ماري رهيو آهي، پُٽ پيءُ کان منهن موڙي ويٺو آهي، هندو، هندو جو دُشمن، سيئي هڪٻئي جا دُشمن بڻيل آهن) ڌنڌڪاري (دولت جي ڊوڙ ۾ بي صبر سماج) جڳت کي نئون سوجهرو ڏيڻ وارو سڀني کان بهتر دنيا تي ڪاميابي ماڻيندڙ مذهبي حڪمران جي پنهنجي اُداسي کانسواءِ پنهنجي ٻي ڪابہ ذاتي خواهش نہ هوندي، مطلب تہ اِنسانن جي ڀلائي جي لاءِ چنتا کانسواءِ ڪابہ لالچ نہ هوندي، نہ غرور هوندو. اها منهنجي اڳڪتي جي فخر جي ڳالهہ هوندي تہ حقيقت ۾ اُهو تتوَدرشي سنت دُنيا ۾ ضرور مشهور ٿيندو. هن جي طرفان ٻُڌايل گيان صدين تائين چانيل رهندو. اُهو سنت جديد سائنسدانن جون اکيون کولي ڇڏيندو اهو اهڙا آڌياتمڪ (ايشوريہ)چمتڪار ڪندو جو سائنسدان بہ حيرت ۾ پئجي ويندا. هُن جو سمورو گيان شاسترن مطابق هوندو. مان ناستري دمس چوان ٿو تہ عقلمند ماڻهو هُن جي توهين نہ ڪن. هن کي ننيڙو گيان جو ٻيٽ نہ سمجهن، هُن تتوَيتا مها مانوَ (عظيم اِنسان) سنت کي سنگهاسڻ تي ويهاري پُوجا جي لائق ديوَ مڃي پُوجا ڪريو. هو آدي پُرش (اويناشي ست پُرش) جو پوئلگ دُنيا جو تارڻ هار هوندو.

# "سنت رامپال جِي مهاراج جي حق ۾ ٻين اڳڪٿي ڪارن جون اڳڪٿيون "

1.اِنگليند جي جوتش "ڪيرو"سن 1925ع ۾ لکيل ڪتاب ۾ اڳڪٿي ڪئي آهي ته ويهين صدي سن 2000ع جي وچ ۾ (سن 1950ع کان پوءِ پيدا ٿيندڙ سنت) ئي سموري دُنيا ۾ "هڪ نئين تهذيب" آڻيندو جيڪو پُوري دُنيا ۾ پکڙجي ويندي. ڀارت جو اهو واحد شخص جيڪو سچي دنيا ۾ گيان جي تبديلي آڻيندو.

2.اڳڪٿي ڪار"شري ويجلينٽن"جي مطابق ويهين صدي ( 2000ع) جي اڌ (Latter half) ۾ دُنيا ۾ ڀائيچاري جو گهٽجڻ، انسانيت جو بگاڙ، مال ملڪيت ڪي ميڙڻ جي ڊوڙ، ڦر لُٽ ۽ سياستدانن جو بي ايمان ٿي وڃڻ وغيره گهٽا قصا ٻُڌڻ ۽ ڏِسڻ ۾ ايندا. پر ڀارت ۾ پيدا ٿيندڙ شانتي پريم ڀاوَ ۽ ڀائيچاري تي مشتمل نيئن تهذيب ملڪ، صوبي ۽ ذات پات جي ديوارن کي ٽوڙي پوري دُنيا ۾ امن ۽ سُک پيدا ڪندي.

3. آمريڪا جي عورت اڳڪتي ڪار "جين ڊڪسن"جي مطابق ويهين صدي(2000ع) جي پڇاڙي کان اڳ دُنيا ۾ هڪ گهور هاهاڪار ۽ انسانيت جو خاتمو ٿيندو. ذهني تصادم کانپوءِ روحاني علم تي مشتمل هڪ نيئن تهذيب ڀارت جي ٻهراڙي واري ڪُٽنب جي هڪ شخص جي نِگراني ۾ جنم وٺندي ۽ دُنيا مان جنگ کي هميشہ هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيندي.

4. آمريڪاجي "شري ايندرسن"جي مطابق ويهين صدي ( 2000ع) جي پُڇاڙي سان ڀرين يا 21 صدي جي ابتداء ڏهاڪي ۾ سموري دُنيا ۾ بي حيائي وڌندي. اُنهي دوران ڀارت جي ٻهراڙي جو هڪ مذهبي ماڻهو، هڪ اِنسان، هڪ زبان ۽ هڪ جهندي جي شڪل ۾ قانون ٺاهي دُنيا کي اتم وهنوار، رحمدلي، انسانيت جي خدمت ۽ پيار جو درس ڏيندو. اهو مسيحو سن 1999ع تائين دُنيا ۾ اڳتي ايندڙ هزارين سالن لاءِ ڌرم ۽ سُک شانتي آڻيندو.

5. هالينڊ جي اڳڪتي ڪار "شرِي گورارڊ ڪرائيسي" جي مطابق ويهين صدي ( 2000ع) جي پُڇاڙي کان ڀرين يا ايڪيهن صدي جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ خطرناڪ جنگين سبب ڪيترن ئي مُلڪن جو نالو نشان به نه رهندو، پر

ڀارت جو هڪ عظيم انسان (مهاپُرش) پوري دُنيا کي انسانيت جي هڪ ڌاڳي ۾ ٻڌي چڏيندو ۽ مارو مار، دهشتگردي، ڪُوڙ، ڪُپت، دوکي، وغيره کي دُنيا مان هميشہ هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيندو.

6. آمريڪا جي اڳڪتي "ڪار چارلس ڪلارڪ" مطابق ويهين صدي (2000ع) جي پُڇاڙي کان پهرين هڪ ملڪ سائنس (وگيان) جي ترقي ۾ سڀني ملڪن کي شڪست ڏيئي ڇڏيندو ليڪن ڀارت جي مقبوليت خاص ڪري اُن جي ڌرم ۽ درشن سان ٿيندي. جنهن کي سڄو سنسار اپنائيندو. اهو مذهبي انقلاب ايڪيهين صدي جي شروعات کان ئي سڄي دُنيا کي متاثر ۽ ماڻهن کي روحاني علم تي مجبور ڪري ڇڏيندو.

7. هنگري جي خاتون جوتشي "بورسڪا" جي مطابق سن 2000ع کان پهرين پهرين خوفناڪ حالات خون خرابي ۽ لُوٽ مار جي وچ ۾ ئي انسانيت وارن گڻن جي ترقي ڀارت جي هڪ فرشتي ذريعي دُنياوي مسئلن کان ڪامياب جدوجهد جي نتيجي ٿيندي، جيڪا تمام گهٽي عرصي تائين رهندي. انهي روحاني انسان جا ڪيترائي هيٺئن طبقي جا ماڻهو مريد بڻجي دنياداري مسئلن کي روحاني علم ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا.

8. فرانس جي ڊاڪٽر "جولرون" جي مطابق سن 1990ع کانپوءِ يورپي ملڪ ڀارت جي مذهبي تهذيب ڏانهن تيزي سان جُهڪندا. سن 2000ع تائين دُنيا جي آبادي 640 ڪروڙ جي ويجهو هوندي. ڀارت کان شروع اُٿيندڙ گيان جي مذهبي تبديلي تباهي جو خاتمو ڪري طوفان وانگر پُوري دُنيا کي ڍڪي ڇڏيندي. ڀارت جي انهي عظيم روحاني شخصيت جا پوئلڳ ڏسندي ئي ڏسندي هڪ تمام وڏي گروهه جي صورت ۾ آتم شڪتي ذريعي پوري دُنيا تي اثر ڇمائي ويندا.

9. فرانس جي "ناستري دمس" جي مطابق سمُوري دُنيا ۾ فوجي انقلاب کانپوءِ تمام ٿورڙا ماڻهو دُنيا کي حسين بڻائيندا جنهن جو عظيم قابل مذهبي سنت ويهين صدي (2000ع) جي آخر ۽ ايڪيهين صدي جي شروعات ۾ ڪنهن مشرقي ملڪ مان جنم وٺي ڀائيچاري، پيار ۽ محبت جي ذريعي سڄي دُنيا کي ايڪتا جي ڌاڳي ۾ ٻڌي ڇڏيندو. ناستري دمس باب پهرئين جي شلوڪ 50 ۾ واضع ڪري ٿو تہ ٽِن طرفن کان سمنڊ سان گهيريل هند تي اُن عظيم سنت جو جنم ٿيندو .ان وقت تتوَگيان جي ڪمي جي ڪري جهالت جي اونداهي هوندي. ڀائيچاري جو خاتمو ٿي

هاهاڪار مچيل هوندو. اهو سنت (مذهبي اڳواڻ) گرووَر مطلب گرو جي ڪي سيني ڪان بهتر مچي پنهنجي ساڌنا ڪندو ۽ ڪرائيندو. اُهو تتوَدرشي سنت پنهنجي ڌرم ۾ پل مطلب تہ ڀڳتي جي شڪتي ۽ تتوَگيان ذريعي سيني ملڪن ڪي مچرائيندو. ايشيا ۾ هُن ڪي روڪڻ مطلب تہ هُن جي پرچار ۾ رڪاوٽ وجهڻ چرائپ هوندي.(شتڪ 1، شلوڪ50) (سينچري-I، ڪننا-50)

10. اسرائيل جي "پروفيسر حرار" جي مطابق ڀارت ديش جو هڪ عظيم اِنسان (مهاپُرش) اِنسانيت جي ويچارن ذريعي سن 2000ع ڪان پهرين روحاني اِنقلاب جون پاڙون مضبوط ڪري ڇڏيندو ۽ سڄي دُنيا ڪي سندس ويچار ٻُڌڻ تي مجبور ٿيڻو پوندو. ڀارت جي اڪثر صوبن ۾ گورنر راج هوندو، پر بعد ۾ قيادت ڌرم تي مشتمل بهادر ماڻهن تي هوندي. جيڪي هڪ ڌرمي اتحاد جي سهاري هوندا.

11. ناروي جي شري آنند آچاريہ جي اڳڪتي مطابق، سن 1998ع ڪانپوءِ هڪ طاقتور مذهبي تنظيم ڀارت ۾ اقتدار ۾ ايندي. جنهن جو اڳواڻ (سوامي) هڪ شادي شده انسان جي ضابطہ اخلاق جو پالڻ سڄي دُنيا ڪندي. آهستي آهستي ڀارت صنعتي، مذهبي، معاشي طور تي سڄي دُنيا جي رهنمائي ڪندو ۽ ان جو وگيان (آڌياتمڪ تتوگيان) سڄي دُنيا مچيندي.

مٿي لکيل اڳڪتين جي مطابق ئي اڄ سڄي دُنيا ۾ واقعات رونما ٿي رهيا آهن. وقت جي تبديلي نوعيت جا نظرياتي اصول آهن. ويدڪ درشن مطابق چئني يُگن (ست يُگ، تريتايُگ، دُئاپر يُگ ۽ ڪلِ يُگ) جو انتظام آهي. جڏهن ڌرتي تي هڪ پاپن جو علاقائي سلطنت ٿي ويندو آهي، تڏهن ڀڳوان ڌرتي تي اِنسان رُوپ ۾ پرگهٽ ٿيندا آهن.

اهڙي طرح وقت جي تبديلي جون اڳڪتيون عيسائين جي مُقدس مذهبي ڪتاب بائيبل ۾ بہ صاف لفظن ۾ چيل آهي. پويتر آتما يسوع سينٽ جوهن جي 15:26 ۽ 16:07 ڪان 15 تائين ۾ هڪ مددگار موڪلڻ جي اڳڪتي ڪئي آهي. بائيبل جي اڳڪتي مطابق جيڪڏهن اُهو مددگار ويهين صدي (2000ع) جي خاتمي ڪان پهرين پيدا نہ ٿيو تہ بائيبل جون اڳڪتيون ڪوڙيون ثابت ٿي وينديون پر ائين نا مُمڪن آهي، چو تہ هُن مهان آتما يسوع اُن مددگار ڪي موڪلڻ لاءِ ئي پنهنجي جان جي قرباني ڏنِي اها حقائق (تثيہ) سينٽ جوهن جي 16:07 مان صاف ثابت ٿئي ٿي. تڏهن بہ مان توهانکي سچ ٻُڌايان ٿو تہ منهنجو وڃڻ توهان جي لاءِ بهتر رهندو ڇوتہ

جيڪڏهن مان نہ ويندس تہ مددگار توهان وٽ ڪونہ ايندو. پر جيڪڏهن مان ويندس تہ هُن کي توهان وٽ موڪلي ڏيندس ۽ اهڙي طرح هُن پويتر آتما پنهنجي زندگي، پنهنجي مرضي سان قربان ڪري ڇڏي.

انسانيت جي اهڙي سُڌاري جو ڪم قديم زماني کان پارت ئي ڪندو آيو آهي. اُنهي پويتر ڌرتي تي اوتارن جو اچڻ ابدي (انادي ڪال) کان ٿيندو رهيو آهي.

پر ڪيڏي بدقسمتي آهي جو رشين، مُنين ۽ مهاپُرشن جي اوتارن جي زندگي ۾ اُن وقت جي سرڪاري انتظاميہ ۽ عوام انهن جو آفاقي ڳالهين ۽ آدرشن تي ڌيان ڪونہ ڏنو. پر انهن جي پرده (زحلت) ڪري وڃڻ تي پيٺي جوش سان اُنهن جي پُوجا شروع ڪري پُوڄڻ لڳي ويا. اها بہ هڪ بدنصيبي آهي تہ جڏهن هو زندھ هئا اُن وقت اسان اُنهن کي ڪونہ مڃيو بلڪ اُنهن جي مخالِفت ۽ بيعزتي ئي ڪندا رهيا آهيون. ڪجھ مُفاد پرست ماڻهو، عوام کي ورغلائي اُن پرم سنت کي بدنام ڪري رنيڪون وجهن ٿا. اهڙا واقعا هر يُگ ۾ پيش ايندا رهيا آهن ۽ اڄ بہ سامهون اچي رهيا آهن.

جيڪو مهاپُرش هزارين تڪليفن کي برداشت ڪري پنهنجي تپسيا سچائي تي ثابت قدم رهي ٿو. هُن جون ڳالهيون ڪوڙيون نٿيون ٿي سگهن. سچ تي قائم رهي شري عيسىٰ مسيح ڪُرزن(ڪِلن) جي ڦهرناڪ تڪليفن کي ڪاٽيو. شري سقراط زهر جو پيالو پيتو. شري رام ۽ شري ڪرشن جي کي بہ تڪليفن ۽ مصيبتن جو شڪار ٿيڻو پيو.

شري عيسىٰ مسيح چيو هو تہ ڌرتي ۽ آسمان ختم ٿي سگهن ٿا. سچ جو اٽل نيم آهي اُيرڻ ۽ لهڻ اُهو بہ ختم ٿي سگهي ٿو ليڪن منهنجون ڳالهيون ڪڏهن بہ ڪُوڙيون نٿيون ٿي سگهن.

پيارا سڄڻو! جيڪڏهن اڄ ڪروڙين اِنسان هُن پرم تتوَ جي جانڪار سنت کي ڳولي مڃي ۽ هُن جي ٻُڌايل ڳالهين جي مطابق پنهنجي زندگي جي سفر کي سنواري وٺندا تہ سچي دُنيا ۾ ست ياونا. پاڻ ۾ پائيچارو، دَيا (رحم) ۽ سچي ڀڳتي جو ماحول پيدا ٿي ويندو.

اڄ جو اِنسان عقلمند ۽ هوشيار آهي، اِنهي ڪري هُن سنت جي ويچارن کي ضرور مڃيندو ۽ سُکيو ٿي ويندو .اهو سنت آهي جڳت گرو تتودرشِي رامپال جِي مهاراج. ڪِرپيا پڙهو. سنت رامپال جي مختصر جيوٽي جيڪا سيني اڳڪٿين تي پُوري لهي رهي آهي.

# "سنت رامپال جِي مهاراج جو مختصر تعارف"

سنت رامپال جِي مهاراج جو جنم 8 سيپٽمبر 1951ع ۾ ڳوٺ ڌناڻا ضلع سونيپت هرياڻا ۾ هڪ هاري ڪٽنب ۾ ٿيو. پڙهائي پُوري ڪري هرياڻا ۾ اريگيشن ڊپارٽمينٽ (زراعت کاتي) ۾ جُونيئر انجنيئر جي پوسٽ تي 18سال ڪم ڪندا رهيا. سن 1988ع ۾ پرم سنت رامديوانندجي مهاراج کان دِڪشا پراپت ڪئي. سوامي رامديوانند جِي مهاراج کان مليل ڀڳتي مارگ ذريعي تن من سان ڀڳتي ڪئي ۽ پرماتما جو ساڪشاتڪار درشن (اکين ڏٺو ديدار) ڪيو.

سنت رامپال جِي مهاراج کي نام دِڪشا 17 فيبروري 1988ع ۾ ڦڳڻ مهيني جي اماس جي رات جو پراپت ٿي. اُن وقت سنت رامپال جِي مهاراج جي عمر 37 سال هئي. اُپديش واري ڏينهن کي سنت مت ۾ اُپديشي ڀڳت جو آڌياتمڪ جنم ڏينهن مڃيو وڃي ٿو.

مٿي ذِڪر ڪيل تفصيل "شري ناستري دمس" جي ڪيل اڳڪٿين سان پُوري طرح ميل کائيندي آهي. جيڪو صفحي نمبر 44-45 تي لکيل آهي، جنهن وقت هُن تتودرشي سنت (تتودرشٽا) جو آڌياتمڪ جنم ٿيندو اُهو ڏينهن اماس جو هوندو، اُن وقت انهي وِشوَنيتا جي عمر 16،20،25 سال نہ هوندي. هو جوان نہ هوندو بلڪ اڌڙوٽ عمر جو هوندو ۽ هو پنجاهہ سٺ سالن جي وچ واري عمر ۾ مشهور ٿيندو ۽ اهو سن 2006ع هوندو.

سن 1993ع ۾ سوامي رامديوانندجي مهاراج کان پاڻ کي ستسنگ ڪرڻ ۽ سن 1994ع ۾ نام دان ڪرڻ جي اِجازت ملي. ڀڳتي مارگ ۾ لين هئڻ سبب جونيئر انجنيئر (J.E)جي پوسٽ تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. جيڪا هرياڻا سرڪار ليٽر نمبر 3492-3500 تاريخ 16-05-2000ع ذريعي منظور ٿيو. سن 1994ع کان 1998ع تائين سنت رامپال جي مهاراج گهرگهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر وڃي ستسنگ ڪيا. تمام گهڻي تعداد ۾ چيلا بڻيا تہ گڏوگڏ لاعلم سنتن جي مخالفت بہ وڌندي ويئي. سن 1999ع ۾ ڳوٺ ڪرونٿا ضلع روهتڪ هرياڻا ۾ ست لوڪ آشرم ڪرونٿا جو بنياد رکيو. هڪ جون 1999ع کان 7 جون 1999ع تائين پرميشور ڪبيرجي پرگهٽ ٿيڻ واري ڏينهن تي هڪ هفتي لاءِ وڏي ستسنگ جو پروگرام ڪري آشرم جي شروعات ڪئي، مهيني جي هر پورڻما تي ٽِن ڏينهن جو ستسنگ شروع ڪيو. پري پري کان

شرڌالو ڀڳت ستسنگ ٻُڌڻ لاءِ اچڻ لڳا ۽ تتوَگيان کي سمجهي گهٽي تعداد ۾ چيلا بڻجڻ لڳا. ٿورن ئي ڏينهن ۾ سنت رامپال جِي مهاراج جي چيلن جو تعداد لکن ۾ پُهچي ويو. جن بي علم سنتن ۽ رشين جا چيلا سنت رامپال جِي وٽ اچي چيلا بڻجي گيان پراپت ڪرڻ لڳا ۽ اُهي پوءِ اُنهن اگياني آچارين ۽ سنتن کان سوال پُڇڻ لڳا! توهان ته سچو گيان پنهنجي ست گرنٿن کان الڳ ٻُڌائي رهيا آهيو؟

يجرويد اڌياءِ 8 منتر 13 ۾ پُورڻ پرماتما پنهنجي ڀڳت جا سڀ اپراد (گناهه) ناس ڪري ڇڏي ٿو. توهان جو ڪتاب جيڪو اسان خريد ڪيو آهي، اُن ۾ لکيل آهي. ته پرماتما پنهنجي ڀڳتن جا پاپ ناس (معاف) نٿو ڪري توهان جي ڪتاب"ستيارت پرڪاش" سمُولاس ست ۾ لکيل آهي ته سِج (سوريه) تي زمين وانگر انسان ۽ ٻيا جاندار رهن ٿا،اهڙي طرح زمين وانگر سڀ شيون آهن. باغ باغيچا، نديون، چشما، آبشار وغيره ، ڇا هي مُمڪن آهي؟پويتر يجُرويد اڌياءِ 5 منتر هڪ ۾ لکيل آهي، ته پرماتما سهه شرير آهي، "اگني تنو اسِي، وشڻوي توام سومسيه تنور اسِي". ان منتر ۾ ٻه دفعا گواهي ڏني آهي ته پرميشور سهه شرير آهي. انهي امر پُرش پرماتما جو سيني کي پالڻ پوشڻ ڪرڻ لاءِ شرير آهي. مطلب پرماتما جڏهن پنهنجي ڀڳتن کي تتوگيان سمجهائڻ جي لاءِ ڪجهه وقت مهمان جي صورت ۾ هِن سنسار ۾ ايندا آهن. پنهنجي اصلي نُوري شرير تي هلڪي نور جو شرير اوڍي اچن ٿا. انهي ڪري متي لکيل منتر ۾ ٻه ٻه دفعا ثبوت ڏنو آهي. هِن طرح جي ترڪ جي اڳيان بي جواب ٿي، پنهنجي اگيان جا پردا فاش ٿيڻ جي خوف کان اُنهن اگياني سنتن، مهنتن ۽ آچارين ست لوڪ آشرم ڪرونٿا جي آس پاس وارن ڳوٺن ۾ سنت رامپال جِي مهاراج کي بدنام ڪرڻ لاءِ غلط پرچار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ 12-07-2006 تي سنت رامپال جِي مهاراج جي کي جان کان مارڻ ۽ آشرم کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۽ پنهنجي چيلن سان گڏجي ست لوڪ آشرم تي حملو ڪرائي ڇڏيو. پوليس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه حملاآور زخمي به ٿيا. سرڪار ست لوڪ آشرم کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو ۽ سنت رامپال جِي مهاراج ۽ ڪجهه چيلن تي ڪُوڙا ڪيس داخل ڪري جيل ۾ قيد ڪيا ويا.اهڙِي طرح سن 2006ع ۾ سنت رامپال جِي مهاراج مشهور ٿيا. پلي ئي اڻ ڄاڻ ماڻهن ڪوڙا الزام لڳائي سنت رامپال جي مهاراج کي مشهور ڪيو پر سنت بي قصور آهي. پياري ڀڳت جنو! ناستري دمس جون اڳڪٿيون پڙهي سوچيندا ته سنت رامپال جِي مهاراج کي ايترو بدنام ڪري

چڏيو آهي تہ ڪيئن مُمڪن آهي تہ هو دنيا ڪي گيان پرچار ڪندو. اُنهن ڪي عرض آهي تہ پرماتما هڪ پل ۾ حالاتن ڪي بدلائي سگهن ٿا.

**ڪبير: صاحب سي سڀ هوت هئہ، بندي سي ڪڇ نانهي،**
**رائي سي پربت ڪري، پربت سي ڦير رائي.**

پرميشور ڪبيرجي پنهنجي ٻچن جي مُڪتي خاطر جلدئي سماج کي تتوَگيان ذريعي حقيقت کان واقف ڪرائيندا ۽ پوءِ سڄو سنسار سنت رامپال جي مهاراج جي گيان جو لوهہ مڃيندا.

سنت رامپال جي مهاراج سن 2003ع کان اخبارن ۽ ٽي وي چينل ذريعي سچي گيان جو پرچار ڪري ٻين ڌرم گروئن کي چئي رهيا آهن تہ توهان جو گيان شاسترن جي اُبتڙ آهي مطلب توهان ڀڳت سماج کي شاسترن جي اُبتڙ (جيڪو شاسترن ۾ لکيل نہ آهي) پُوجا ڪرائي رهيا آهيو ۽ گناهگار بڻجي رهيا آهيو. جيڪڏهن مان غلط چئي رهيو آهيان تہ اُن جو جواب ڏيو. اڄ تائين ڪنهن بہ سنت جواب ڏيڻ جي همت نہ ڪئي آهي.

سنت رامپال جي مهاراج کي سن 2001ع ۾ آڪٽومبر مهيني جي پهرئين خميس تي اوچتو خيال آيو تہ سڀني ڌرمن جي سد گرنٿن (مقدس ڪتابن) جو گهرائي سان اڀياس ڪريان، هِن بُنياد تي سڀ کان پهرين پويتر شريمدڀڳوت گيتاجِي جو مطالعو ڪيو ۽ "گهري نظر گيتا ۾" نالي ڪتاب تيار ڪيو. اِنهي آڌار تِي سڀ کان اول راجستانِي صوبي جي جوڌپُور شهر ۾ مارچ 2002ع ۾ ستسنگ شروع ڪيو. اِنهي ڪري "ناستري دمس" چيو آهي تہ سچِي دُنيا ۾ ڌارمِڪ هندو سنت پنجاهہ سالن جي ڄمار ۾ يعني 2001ع کان عالمہ تي پرچار ڪندو، سنت رامپال جي مهاراج جو جنم پويتر هندو ڌرمہ سن 1951ع ۾ 8 سيپٽمبر تي ڳوٺ ڌناڻا ضلع سونيپت صوبو هرياڻا (ڀارت) ۾ هڪ هاري جي گهر ۾ ٿيو. اهڙي طرح سن 2001ع ۾ سنت رامپال جي مهاراج جي ڄمار پنجاهہ سال بڻجي ٿي. تنهنڪري "ناستري دمس" جي چوڻ مطابق دُرست آهي اِنهي ڪري سچي دُنيا جو اُهو مذهبي رهبر سنت رامپال جي مهاراج ئي آهي. جنهن جي رهبري ۾ ڀارت ملڪ پوري دُنيا تي راڄ ڪندو. سچي دُنيا ۾ هڪڙو ئي گيان "يڪتي مارگ" هلندو، هڪڙو ئي قانون هوندو، ڪوبہ پريشان نہ رهندو، سنسار ۾ مڪمل شانتي (پُر امن ماحول) هوندو. جيڪي بہ رنڊڪون وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آخر ۾ اُهي بہ پڇتاءُ ڪندا ۽ تتوگيان (روحاني ڄاڻ) کي تسليم

ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. پورو انساني سماج اِنساني ڌرم جو پالڻ ڪندو ۽ پُورڻ موڪش حاصل ڪري ست لوڪ ويندو.

جنهن تتوگيان جي متعلق "ناستري دمس" پنهنجي اڳڪتي ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ هُن وشوَ وجيتا ( World Successor) سنت طرفان ٻُڌايل شاسترن جي ثبوتن مطابق تتوگيان جي اڳيان پهرين جا سڀ سنت ناڪام بڻجي ويندا ۽ سڀني کي احترام سان جهڪڻو پوندو. ان جي باري ۾ پرميشور ڪبير بندي ڇوڙ پنهنجي واڻي پويتر گرنٿ "ڪبير ساگر" (جيڪو سنت ڌرمداس ذريعي لڳ ڀڳ ساڍا پنج سو سال پهرين لکيو ويو آهي) ۾ فرمايو آهي تہ هڪڙو وقت اهڙو ايندو جو سڄي دُنيا ۾ منهنجو ئي گيان هلندو. سڄي دُنيا سُڪون سان ڀڳتي ڪندي. پاڻ ۾ زبردست پريم هوندو ۽ ست يُگ جهڙو دور/سُنهري دور هوندو. پرميشور ڪبير بندي ڇوڙ طرفان ٻُڌايل گيان کي سنت رامپال جِي مهاراج سمجهيو آهي. اِنهي گيان جي باري ۾ ڪبير صاحب جي پنهنجي امرت واڻي ۾ چيو آهي تہ:-

**ڪبير: اور گيان سڀ گيانڙي، ڪبير گيان سو گيان،**
**جيسي گولا توپ ڪا، ڪرتا چلي ميدان.**

**سمجهاڻي:**-هِي تتوگيان ايترو تہ طاقتور آهي جو هِن جي اڳيان ٻين سنتن ۽ رشين جو گيان ٽِڪي نہ سگهندو. جيئن توپ مشين جو گولو جيڪو جِتي بہ ڪِرندو آهي اُتي سڀني قلعن کي ختم ڪري صاف ميدان ڪري ڇڏيندو آهي.

اهڙوئي ثبوت سنت غريب داس جي (ڇُڊاڻِي ضلع جهجر هرياڻا واري) ڏِنو آهي تہ ستگرو (تتوَدرشِي پرميشور ڪبير بندي ڇوڙ) جو موڪليل سنت دهلي منڊل ايندو.

**غريب: ستگرو دِلِي منڊل، آئسي، سُوتي ڌرتي سُوم جگائِسي**

پرماتما جي ڀڳتي کان ڀٽڪي ڪنجُوس بڻجي ويل ماڻهن کي جاڳائيندو. ڳوٺ ڇڊاڻا ضلع سونيپت پهرين دلي رياست ۾ هوندو هو. اِنهي ڪري سنت غريب داس چيو آهي تہ ستگرو (حقيقي گيان ڄاڻڻ وارو سنت مطلب تتودرشنا سنت) دلي منڊل ۾ ايندو، وري چيو آهي تہ:-

**صاحب ڪبير تخت خواسا، دلي منڊل ليجي واسا.**

مطلب تہ پرميشور ڪبير بندي ڇوڙ جِي تخت (دربار) جي خواس (نوڪر) مطلب پرميشور جو نمائيندو دلي منڊل ۾ واس ڪندو، مطلب اُتي پيدا ٿيندو. پهرين پنهنجي هندو عزيزن کي تتوگيان کان واقف ڪرائيندو. عقلمند هندو ائين ڄاڻيندا

جيئن ڪو ڇرڪ مان جاڳندو آهي. مطلب تہ اُن سنت طرفان تتوگيان ڪي سمجهي بنا دير جي انهي جِي شرڻ گِرهڻ ڪندا پوءِ پُوري دُنيا انهي تتودرشي هِندو سنت جي گيان ڪي قبول ڪندي اهڙي اڳڪتي **ناستري دمس** بہ ڪئي آهي. **ناستر دمس** اهو بہ لکيو آهي تہ مونکي ڏُک هِن ڳالهہ جو تي رهيو آهي تہ هُن کي نہ سڃاڻڻ جي سبب منهنجو شائرن (تتودرشي سنت) گلا جو ڪارڻ بڻيو آهي. اي عقلمند اِنسانو! هُن جي (تتودرشي سنت جي) گلا نہ ڪريو. هو آسڻ تي ويهاري پُوجا جي لائق آهي. هو هندو ڌرمي سنت آدي پُرش پُورڻ پرماتما جو نمائيندو ۽ جگت جو تارڻ هار آهي.

**ناستري دمس** اڳڪتيڪار ڪتاب جي صفحي 24-41 تي ٽن لفظن جو ذڪر ڪيو آهي. ڇئي ٿو تہ اُهو سنت ڪال جي ڏکوئيندڙ ڌرتي کان آجو ڪري پنهنجي آدي انادي بزرگن سان ملائي موڪش ڏياريندو. هتي اُپديش جي منترن ڏانهن اِشارو آهي تہ اُهو عظيم سنت صرف ٽِن لفظن يعني شبدن (اوم، تت، ست) جو ئي منترجاپ ڏيندو. اِنهن ٽن شبدن سان گڏ مُڪتي لاءِ ٻيو ڪوبہ لفظ نہ ملائيندو. اهو ثبوت رگــويد - منبل 10 سُڪت 90 منتر 16 ۾ آهي، سام ويـد شلوڪ نمبر 822 ۽ شريمديڀڳوت گيتا ادياءِ 17 شلوڪ 23 ۾ آهي تہ پُورڻ سنت ٽِن شبدن جو منتر (اوم- تت- ست) جنهن ۾ تت ۽ ست سچن منترن ڏانهن اِشارو آهي. ڏيئي پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي ڪرائي جيوَ کي ڪال جي ڄار کان آزاد ڪرائي ٿو. پوءِ اُهو ساڌڪ ڀڳتي ڪمائي جي طاقت سان اُتي پهچي وڃي ٿو جتي اصلي دُنيا جا چڱا اِنسان رهن ٿا. ڄتان هي جيوَ/روح پنهنجن بُزرگن کي ڇڏي ڪال سان گڏ اچي هِن ڏکوئيندڙ لوڪ (دُنيا) ۾ ڦاسي تڪليف مٿان تڪليف ڀوڳي رهيو آهي. **ناستري دمس** اِهو بہ واضع ڪيو آهي تہ درمياڻ وقت مطلب وچيئن پيڙهِي هندو ڌرم جو مثالي زندگي جيئندا. تتودرشِي سنت پنهنجي گيان سان بهترين شاسترن ۾ موجود ڀڳتي قانون ڀيهر بنا شرط اُجاگر ڪرائيندو ۽ اِنساني تهذيب مطلب انساني مذهب جا لڇڻ بنا دوکي جي سنواريندو.( متليہ ڪالات هِندو ڌرماچي وَ هِندوچيا آدرشوت جهاليل) هي مرائي ٻولي ۾ صفحي 42 ۾ لکيل آهي مطلب تہ وچئين پيڙهي جو ڪلياڻ چمتڪاري شائرن ڪندو. اهو ثبوت (اُليک) صفحي 42 جي هندي لکڻ رهجي ويو هو. اِنهي ڪري هتي لکي ڇڏيو آهي ۽ وضاحت بہ ڏِنو آهي. اهوئي ثبوت (پرماڻ) خود پرميشور ڪبير جي ڏيندي چيو آهي تہ:

**ڌرم داس توهــي لاک دُهــائي، سار گيان وَ ســار شبــدڪهين باهــر نہ جائي**

**سار نام جو باهر پڙهِي، يہ بچلــي پيڙهــِي هــنس نهـــين ترهــِي.**

**سـار گيـان تب تــک ڇُــپائي جب تــک دُنّا دس پنٿ نہ مِٽ جائي.**

جيئن سن 1947ع ۾ ڀارت ديش انگريزن کان آزاد ٿيو. اُنهي کان پهرين ڀارت ۾ تعليم نہ هئي. سن 1951ع ۾ سنت رامپال ڄي مهاراج کي پرميشور ڌرتي تي موڪليا. سن 1947ع کان پهرين ڪليُگ جي پهرين پيڙهي سمجهو ۽ سن 1947ع کان وچئين پيڙهي شروع ٿي. اِها هڪ هزار سالن تائين ست ڀڳتي ڪندي. انهي دوران جيڪو سچي نيت سان ڀڳتي ڪندو اُهو ست لوڪ هليو ويندو. جيڪو ست لوڪ نہ وڃي سگهندو ۽ ڪڏهن ڀڳتي ڪئي ۽ ڪڏهن ڀڳتي ڇڏي ڏني پر گرو دروهي نہ بڻيا اُهي وري هزارين منُش جنم انهي ئي ڪليگ ۾ پراپت ڪندا. ڇو تہ اِهو اُنهن ڄي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا جو انجام هوندو. اهڙي طرح ڪيترن ئي هزار سالن تائين ڪليگ جو وقت زماني حال کان بہ وڌيڪ بهتر هلندو. پوءِ پڇاڙي واري پيڙهي بغير ڀڳتي جي پيدا ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ ست ڪمائي (نيڪي) جيڪا ڀڳتي ۾ حاصل ڪئي هئي، اُها بار بار جنم وٺي ختم ڪري ڇڏي هوندي، انهي ڪري ڪليگ جي انت واري پيڙهي احسان فراموش ٿيندي. اُهي ڀڳتي نہ ڪري سگهندا. اِنهي ڪري چيو آهي تہ اڄڪلهہ ڪليُگ جي وچئين پيڙهِي هلي رهي آهي( سن 1947ع ) کان سن 2006 ع تائين اُهي سنت سيني جي سامهون پرگهٽ ٿي چُڪا آهن، اُهي آهن "سنت رامپال ڄي مهاراج" .

مٿي ذڪر ڪيل گيان جيڪو وچين، پهرين ۽ آخري پيڙهي وارو سنت رامپال ڄي مهاراج پنهنجي ستسنگن ۾ سالن کان ٻُڌائيندا رهيا آهن، جنهن کي هاڻي ناستري دمس جي اڳڪٿين بہ واضع ڪري ڇڏيو آهي. اِنهي ڪري سنت غريب داس ڄي مهاراج چيو آهي تہ ڪبير پرميشور جي ڀڳتي پُورڻ سنت کان اُپديش وٺي ڪريو نہ تہ هي موقعو وري هٿ نہ ايندو.

**سمجها هئہ تـو سِر ڌر پائـون، بهُـور نهِين ري ايـسا داوَ.**

**سمجهاڻي:-** جيڪڏهن توهان تتوگيان کي سمجهي ورتو آهي تہ سِر تي پير رکي مطلب تہ جلدي ۾ تتودرشِي سنت رامپال ڄي مهاراج کان اُپديش وٺي پنهنجوڪلياڻ ڪرايو. اهڙو بهترين موقعو وري نہ ملندو. جيئن هي وچئين پيڙهي(درمياني وقت) وارو دور ۽ توهان جو انساني جِسم ۽ تتودرشِي سنت بہ پرگهٽ آهي. جيڪڏهن هاڻي بہ ڀڳتي مارگ نہ لڳندا تہ اُن جي متعلق چيو آهي تہ:-

**يہ سنسار سمجهدا نانهين، کهندا شام دو پهري نُون،**
**غريب داس يہ وقت جات هئہ، روئوگي اِس پهري ٿون.**

**سمجهاڻي:-** سنت غريبداس جي مهاراج چئي رهيا آهن ته هي پُليل سنسار شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا ڪري رهيو آهي، جيڪو بيحد ڏک ڏيندڙ آهي ۽ انهي ڪي ئي سُک ڏيندڙ چئي رهيو آهي. جيئن جُون جي مهيني ۾ ڀِن پهرن جو12 بجي اُس ۾ بيهي بيهي سڙي رهيو آهي انکي شام چئي رهيو آهي، جهڙي نموني ڪو شرابي شراب پيئي رستي تي بيٺو آهي ۽ هُن کي ڪو چوي ته تون ٻپهرن جو اُس ۾ چو سڙي رهيو آهين. چانوَ ۾ چو نٿو هليو وڃين، ته هو شراب جي نشي ۾ چوي ٿو ته، نه شام آهي تـدي هوا اچي رهي آهي، ڪير چوي ٿو ته ٻپهر آهي؟ اهڙي طرح جيڪي ڀڳت شاسترن جي طريقيڪار ڪي ڇڏي من مُکي نمونا ڪري رهيا آهن، اُهي پنهنجو جيون تباهه ڪري رهيا آهن. اُن ڪي ڇڏڻ نٿا چاهين، پر ان ڪي سيني بهتر سمجهي ڪال جي لوڪ جي باهه ۾ سڙي رهيا آهن. سنت غريب داس جي مهاراج چئي رهيا آهن ته ايترا ثبوت ڏيڻ ڪانپوءِ به سچي ساڌنا پُورڻ سنت جي چوڻ مطابق نه ڪندا ته انمول انسان رُوپي شرير ۽ وڃئين پيڙهي جو ڀڳتي يُـگ هٿن مان نڪري ويندو. پوءِ انکي ياد ڪري روئندا. بيحد پڇتاوَ ڪندا. پوءِ ڪجهه حاصل ڪونه ٿيندو. پرميشور ڪبير بندي ڇوڙ فرمائين ٿا ته:

**آڇي ڊِن پاڇي گئي، ستگرو سي ڪيا نه هيت،**
**اب پڇتاوا ڪيا ڪري ، جب چڙيا چُگ گئين ڪيت**

سموري اِنسان سماج کي پرارٿنا (عرض) ڪريون ٿا ته پُورڻ سنت رامپال جِي مهاراج کي سڃاڻو. پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار (ڪُٽنب) جو ڪلياڻ ڪرايو پنهنجن رشيدارن ۽ دوستن کي به ٻُڌايو ۽ پُورڻ موڪش حاصل ڪريو. سُنهري دور شروع ٿي ويو آهي، لکين پُڃ آتمائون (ڀلا ماڻهو) سنت رامپال جِي مهاراج تتودرشِي سنت کي سُڃاڻي سچي ڀڳتي ڪرِي رهيا آهن. اُهي تمام خوشحال بڻجي ويا آهن. سيني بُراين کي ڇڏي آسان زندگي گُذاري رهيا آهن.

## “يٿارٿ گيان پرڪاش وشيه ( اصل علم تحقيق جو موضوع) ”

## پرميشور جي باري ۾ شاستر ڇا ٿا ٻُڌائين ؟

پرڀُو-سوامي - اِيش –رام-مالڪ – صاحب - رب– ديوَ - ڀڳوان– گاډ . اهي سڀ شڪتي ٻوڌڪ لفظ آهن. جيڪي الڳ الڳ زبانن ۾ ڇپيا ۽ لِکيا ويندا آهن.

**“پرڀُو”** جِي مهما ڪان هرهڪ اِنسان متاثر آهي ته ڪا شڪتي (طاقت) آهي جيڪا عظيم سُک ڏيندڙ ۽ تڪليفون دور ڪندڙ آهي. اُهو ڪير آهي؟ ڪهڙو آهي؟ ڪٿي آهي؟ ڪيئن ملندو آهي؟ اُنهن سوالن جا نشان اڃان تائين پُوري طرح سان نه ختم ٿي سگهيا آهن. اِها شڪ هِن ڪتاب ۾ پُوري طرح سان ختم ٿي ويندا.

جيڪا شڪتِي انڌي کي اکيون عطا ڪري، گونگي کي آواز ڏي، ٻوڙي کي ٻُڌڻ عطا ڪري، وانجهيئي کي اولاد ڏي غريب کي امير بڻائي، روڳي کي صحتمند بڻائي، تنهن جا جيڪڏهن درشن ٿي وڃن ته بيحد آنند ٿي وڃي، جيڪو سيني برهمانڊن جو رچڻهار، پُورڻ سک ڏيندڙ جگت گرو ۽ هرهنڌ موجود آهي، جنهن جي اجازت ڪانسواءِ پن به چُري نٿو سگهي مطلب ته سروَ شڪتيمان جنهن جي لاءِ ڪجھ به ناممڪن نه آهي. اِهڙا گڻ (وصف) جنهن ۾ آهن، اُهو اصل (واستوَ) ۾ پرِيُو (سوامي ، ايش، رام، ڀڳوان، مالڪ ، رحيم، رب، گاڊ) چئجي ٿو.

هتي هڪ ڳالھ خاص سمجهڻ جي آهي ته ڪنهن به شڪتي جو گيان ڪنهن شاستر سان ئي ٿيندو آهي، اُنهي شاستر جي ذريعي گرو جن پنهنجن مريدن کي مارڳ درشن ڪندا آهن. اُهي شاستر (ڌارمِڪ پُستڪ) آهن چار ويد (رگ ويد، سام ويد، يجُرويد ۽ اٿرووَيد) شريمد ڀڳوت گيتا، شريمد ڀاڳوت سُڌاساگر، ارڙهن پُراڻ، مهاڀارت، بائيبل وغيره. اِهي تصديق شُده پويتر شاستر آهن. چار ئي ويد خود پُورڻ پوماتما جي حُڪم سان جوتي نِرنجن (ڪال بِرهم) سمنڊ جي اندر پنهنجن سوانسن ذريعي لڪائي ڇڏيا هئا ۽ پهريون دفعو ساگر منٿن جي وقت اِهي چار ويد شرِي بِرهماجِي (شرپُرش جي وڏي پُٽ) کي پراپت ٿيا. شرِي بِرهماجِي اُهي پڙهيا ۽ جهڙو سمجهي سگهيا اُن جي آڌار تي سنسار ۾ گيان جو پرچار پنهنجن ونشجنن/رشين کان ڪرايو. پُورڻ پرماتما پنجون سُوڪشم ويد به جوتِي نِرنجن (ڪال بِرهم) کي ڏِنو هو. جنهن کي جوتِي نِرنجن پاڻ وٽ لڪائي رکيو ۽ اُن کي ختم ڪري ڇڏيو.

ڪجھ وقت ڪانپوءِ مطلب هڪ ڪلپ(هڪ هزار چتُريگ) ڪانپوءِ ٽنهي لوڪن (ڌرتي، سرگ ۽ پاتال لوڪ) جا سيئي جاندار پرلئہ (ناس) ٿي ويندا آهن. پوءِ جوتي نِرنجن (ڪال) جي حُڪم سان بِرهما پنهنجي رات ختم ٿيڻ تي (بِرهما جي رات هڪ هزار چتريُگ ۽ ايترو ئي وڏو ڏينهن آهي) جڏهن ڏينهن شروع ٿيندو آهي تڏهن بِرهما کي رجوگڻ کان متاثر ڪري ٽنهي لوڪن ۾ جاندارن جي پيدائش شروع ڪرائيندو آهي.

تڏهن ست يُگ جي شروعات ۾ اُهي چارئي ويد ڪال بِرهم خود ٻيهر بِرهما جي حوالي ڪري ٿو ۽ وري قدرتي اُٿل پُٿل جي سبب چئني پويتر ويدن جو گيان ختم ٿي وڃي ٿو. هِن ڪان پوءِ وري وقت مطابق ٻين رِشين ۾ داخل ٿي ٻيهر لڪائيندو آهي. پوءِ وري وقت مطابق قدرتي اُٿل-پُٿل جي بعد لالچي ماڻهن جي ذريعي

ويدن ۾ ڦيرڦار ڪري حقيقي گيان سنسار کان لڪايو ويندو آهي. اُنهي ئي ڪال (برهم ،جوتي نِرنجن) مهاڀارت جنگ وقت شرِي ڪرِشن جي ۾ داخل ٿي چئني ويدن جو مختصر ذڪر شريمد ڀڳوت گيتا جِي شڪل ۾ ڏنو ۽ چيائين تہ اي ارجن!! اِهوئي گيان مون پهرين سوريہ کي ٻُڌايو، هُن پنهنجي پُٽ ويوشوَت يعني منُو کي ٻُڌايو ۽ منُو پنهنجي پُٽ اِڪشواڪُو کي ٻُڌايو هو. پر اِنهي وچ ۾ اِهو اُتم گيان وري ختم ٿي ويو هو.

هِن ڪال (برهم-جوتي نِرنجن) شرِي ويد وياس رشِي جي جسم ۾ داخل ٿي چارئي ويد، مهاڀارت، ارڙهن پُراڻ، شريمد ڀڳوت گيتا، شرِي سُکا ساگر کي وري سنسڪرت زبان ۾ لکرايا جيڪي اڄ سيني وٽ موجود آهن. اهي سيئي شاستر اُتم آهن. هاڻ انهن پويتر شاسترن کي ڪليُگي رِشين تشريح مطلب هندي زبان ۾ ترجمو ڪري پنهنجا خيال ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪي واضح غلط نظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ حقيقت کان ميل نٿا ڪن. اِهي سيئي شاستر مهرشِي ويد وياس جي پاران اٽڪل 5300 (پنجھ هزار ٽي سئو) سال پهرين ڀيهر لکيا ويا هئا. اُن وقت هندو ڌرم، عيسائي ڌرم، اسلام ڌرم، سِک ڌرم وغيره ڪجھ بہ نہ هئا. صرف ويدن کي مڃڻ وارا آريا ئي هوندا هئا. ڪرم جي بُنياد تي ذات هوندي هئي ۽ فقط چار ورڻ (شتريہ، برهمڻ، وئش ۽ شُودر) ئي هئا.

اِنهي مان هڪ تہ اِهو ثابت ٿي ٿو تہ اِهي سيئي شاستر ڪنهن ڌرم/مذهب يا ڪنهن خاص انسان لاءِ نہ آهن. اِهي صرف انسانن جي ڪلياڻ لاءِ ئي آهن. ٻيو اِهو ثابت ٿئي ٿو تہ اسان جا بُزرگ هڪ هئا. جنهن جا سنسڪار(رسم وَ رواج) هڪ ٻئي کان مِلندڙ جُلندڙ هئا.

سڀ کان پهرين پويتر شاستر گيتاجِي تي ويچار ڪريون ٿا.

## "پويتر گيتاجِي جو گيان ڪنهن ڇيو؟"

پويتر گيتاجِي جو گيان اُن وقت ڇيو ويو هو جڏهن مهاڀارت جي جنگ ٿيڻ واري هئي. ارجُن جنگ ڪرڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو هو. جنگ ڇو ٿي رهي هئي؟ اُن جنگ کي ڌرم يُد جو درجو بہ نٿو ڏيئي سگهجي. ڇو تہ اِهو ٻن پريوارن جو جائداد جي ورهاست جو معاملو هو. ڪوروَن ۽ پانڊون جي جائداد جي ورهاست نہ ٿي رهي هئي. ڪوروَن پانڊوَن کي اڌ راڄ بہ ڏيڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو هو. ٻنهي ڌرين جو ناس ڪرائڻ لاءِ ڀڳوان شرِي ڪرشن جي ٽي دفعا شانتي دُوت (امن جو پيغام پُهچائيندڙ)

ٻڌجي ويا هئا. پر ٻئي دُريون پنهنجي پنهنجي ضِد تي اٽل رهيون. ڀڳوان شرِي ڪرشن جي جنگ مان ٿيندڙ نقصان کان واقف ڪرائيندي چيو تہ نہ ڄاڻي ڪيتريون ئي پيٽُون بيواهہ ٿي وينديون؟ ڪيترائي معصوم ٻار يتيم ٿي ويندا؟ مهاپاپ کان علاوه ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. جنگ ۾ ڪير مري ۽ ڪير بچي؟ ٿيون ڀيرو جڏهن ڀڳوان شرِي ڪرشن جي ڳالهہ ڪرائڻ ويا تہ ٻنهي دُرين پنهنجي پنهنجي طرف وارن راجائن جي فوج سميت فهرست ڏيکاري ۽ چيائون تہ ايترا راجا اسانجي طرف آهن ۽ ايترا راجا اسانجي طرف آهن. جڏهن ڀڳوان شرِي ڪرشن جي ڏٺو تہ ڪورُو ۽ پانڊوَ ذري برابر بہ نٽا مُڙن ، جنگ جي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. تڏهن ڀڳوان شرِي ڪِرشن جي سوچيو تہ هڪ موقعو اڃان بہ آهي اُهو بہ اڄ آزمايان ٿو. ڀڳوان شرِي ڪِرشن جي سوچيو تہ متان پانڊوَ منهنجا رشتيدار هئڻ جي ڪارڻ پنهنجو ضِد اِنهي ڪري نہ پيا ڇڏين تہ شري ڪرشن جي اسان سان گڏ آهي. جيت اسان جي ئي ٿيندي. (ڇاڪاڻ تہ شري ڪرشن جي ڀيڻ سُيدرا جي شادي ارجُن سان ٿيل هئي). شرِي ڪِرشن جي چيو تہ هڪ طرف منهنجي فوج هوندي ۽ ٻئي طرف مان هوندس ۽ هِن سان گڏوگڏ مان وچن ڪريان ٿو تہ مان هٿيار بہ نہ ڪڻندس. اهڙي اعلان سان پانڊون جي پيرن هيٺيان زمين کِسڪي ويئي. اِنهن کي محسوس ٿيو تہ هاڻ اسان جي هار پڪي آهي. اِهڙو ويچارڪندي پنجئِي پانڊوَ اهو چئِي مجلس کان ٻاهر هليا ويا تہ اسان ڪجهہ سوچ ويچار ڪري وٺون. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ شرِي ڪِرشن جي کي مجلس کان ٻاهر اچڻ جي پرارٿنا ڪئي. شرِي ڪرشن جي جي ٻاهر اچڻ تي پانڊون چيو اي ڀڳوان! اسانکي صرف پنج ڳوٺ ئي وٺي ڏيو. اسان جنگ ڪرڻ نٽا چاهيون. اسانجي بہ عزتهجي ايندي ۽ توهان بہ چاهيو ٿا تہ جنگ نہ ٿئي. اِها ڳالهہ بہ رهجي ايندي.

پانڊون جي اِنهي فيصلي سان شرِي ڪِرشن جي تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ ويچار ڪيو تہ برو وقت ٽري ويو. مجلس (سڀا) ۾ فقط ڪورون ۽ اُنهن جا حامي باقي هئا. شرِي ڪرشن جي چيو دُريوڌن جنگ (يُـد) ٽري ويئي آهي. منهنجي بہ اِهائي دلي خواهش هئي. توهان پانڊون کي فقط پنج ڳوٺ ڏيئي ڇڏيو. هو چئي رهيا آهن تہ اسان جنگ ڪرڻ ڪونہ ٿا چاهيون. دُريوڌن چيوتہ پانڊون جي لاءِ سُئي جي نوڪ جيتري بہ زمين نہ آهي. جيڪڏهن اُنهن کي کپي تہ جنگ جي لاءِ ڪُرُو کيتر جي ميدان ۾ هليا اچن. اِنهي ڳالهہ تي شرِي ڪِرشن جي ناراض ٿي چيو تہ دُريوڌن تون انسان نہ پر شيطان آهين. ڪٿي اَڌ راڄ ۽ ڪٿي پنج ڳوٺ!؟ منهنجي ڳالهہ مڃ ، پنج ڳوٺ ڏيئي ڇڏ. شرِي

ڪرشن جي کان ناراض ٿي مجلس ۾ موجود سپاهين کي دُريوڌن حُڪم ڪيو تہ شري ڪرشن جي کي جهلي جيل ۾ وجهي ڇڏيوس. حُڪم ملندي ئي سِپاهين شرِي ڪرشن جي کي چئني طرفن کان گهيري ورتو، شرِي ڪِرشن جي پنهنجو وِراٽ رُوپ ڏيکاريو. جنهنڪري سڀ سپاهي ۽ ڪورُو ڪُرسين جي هيٺيان لڪي ويا ۽ شرير جي تيز روشني جي ڪري اکيون بند ٿي ويون ۽ شرِي ڪِرشن جي اُتان نڪرِي ويا.

اچو غور ڪريون!! مٿي لکيل وِراٽ رُوپ ڏيکارڻ جو ثبوت (پرماڻ) سنڪشيپت مهاڀارت، گيتاپريس گورکپُور مان ڇپيل ۾ واضح آهي. جڏهن ڪُروکيترجي ميدان ۾ پويتر گيتاجي جو گيان ٻُڌائڻ وقت اڌياءِ 11 شلوڪ 32 پويتر گيتا جو گيان ڏيڻ وارو پرِڀُو چئي رهيو آهي تہ اي ارجُن! مان مها ڪال آهيان. هينئر سيني لوڪن کي کائڻ لاءِ ظاهر ٿيو آهيان. **ٿورو** سوچيو! تہ شرِي ڪرشن جِي تہ پهرين کان ئي شرِي ارجن سان گڏ هئا. جيڪڏهن پويتر گيتا جي گيان کي شري ڪرشن جِي چئي رهيا هُجن ها تہ اِهو نہ چون ها تہ مان هينئر ظاهر ٿيو آهيان. شرِي ڪِرشن جِي ڪال نہ هئا. هُن جي تہ فقط ديدار (درشن) سان ئي اِنسان، جانور، پکي خوش ٿي وڃَن اچي لطُف اندوز ٿيندا هئا. هُن جي درشن ڪانسواءِ تہ گوپين جو کائڻ پيئڻ بہ وسري ويندو آهي. اِنهي ڪري ڪال ڪا ٻي طاقت (شڪتي) آهي. شرِي ڪرشن جِي جي شرير ۾ پوت وانگر داخل ٿي پويتر شريمد گيتاجِي جي گيان جي رُوپ ۾ چئني پويتر ويدن جو سار (نِچوڙ) چئي ويو. هُن جون هڪ هزار ٻانهون آهن. شرِي ڪِرشن جِي شرِي وشنوجِي جا اوتار هئا. جنهن جون چار ٻانهون آهن. وري اڌياءِ 11 شلوڪ 21 ۽ 46 ۾ ارجُن چئي رهيو آهي تہ اي ڀڳوان! توهان تہ رشين، ديوتائن ۽ سِڌ پرشن کي بہ کائي رهيا آهيو. جيڪي توهان جا ئي گُڻ پويتر ويدن جي منترن ذريعي ڳائي ۽ اُچاري رهيا آهن ۽ پنهنجي زندگي جي حفاظت جي لاءِ نيڪ تمنا ڪري رهيا آهن. ڪجهہ توهان جي ڏندن ۾ لٽڪي رهيا آهن، ڪجهہ توهان جي منهن ۾ سمائي رهيا آهن. اي هزار هٿن جا ڌڻي (سهستر باهو) ڀڳوان ! توهان پنهنجي اُنهي چار هٿن واري رُوپ ۾ واپس اچو. مان توهان جي ڀيانڪ رُوپ کي ڏسِ ڌيرج ڪري نہ پيو سگهان.

اڌياءِ 11 شلوڪ 47 ۾ پويتر گيتاجي جو گيان ٻُڌائڻ وارو پرڀُو ڪال چئي رهيو آهي تہ ارجن! هي منهنجو اصلي ڪال رُوپ آهي، جنهن کي تو ڪانسواءِ پهرين ڪنهن بہ نہ ڏِٺو آهي.

متي لکيل ذڪر مان هڪ ته اِهو ثابت ٿيو ته ڪوروَن جي مجلس (سڀا) ۾ وراٽ روپ شرِي ڪرشن جي ڏيکاريو هو ۽ هتي جنگ جي ميدان ۾ وراٽ رُوپ ڪال شرِي ڪِرشن جِي شرير ۾ پوت وانگرداخل ٿِي ڏيکاريو هو نه ته اِهو نه چئي هاته هي وئراٽ رُوپ توڪانسواءِ ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي. ڇاڪاڻ ته شرِي ڪِرشن جِي پنهنجي وئراٽ رُوپ ڪوروَن جي مجلس (سڀا) ۾ اڳِي ئي ڏيکاري چُڪا هئا.

ٻي اِها ڳالهه ثابت ٿي ته پويتر گيتا جي ٻُڌائڻ وارو ڪال (برهم-جوتي نِرنجن) آهي، نه وري شري ڪرشن جي. ڇاڪاڻ ته شرِي ڪِرشن جي هِن ڪان اڳ به ڪڏهن ڪونه چيو هو ته مان ڪال آهيان ۽ نه ئي وري پوءِ چيو. شرِي ڪِرشن جِي ڪال نٽا ٿي سگهن. هُن جي فقط درشنن لاءِ پري پري علائقن جا مرد توڙي عورتون سِڪندا هئا.

**نوٽ:-** وراٽ رُوپ ڇا هوندو آهي ؟

وئراٽ رُوپ: توهان ڏينهن جي وقت يا چانڊوڪي رات ۾ جڏهن توهان جي جِسم جو پاڇو يا عڪس نندو اٽڪل جسم جيترو ڊِگهو هُجي يا ٿورو وڏو هُجي ، اُن عڪس جي ڇاتي واري جاءِ تي ٻه منٽ تائين نظر ڄمائي يا ڌيان ٽِڪائي ڏسو پلي اکين مان پاڻي هلڻ لڳي، پوءِ سامهون اُڀ ڏانهن نهاريو. توهان کي پنهنجو ئي وراٽ رُوپ نظر ايندو، جيڪو سفيد رنگ جو آسمان کي ڇهندو هوندو. اهڙي طرح هرهڪ انسان پنهنجو وئراٽ رُوپ رکي ٿو. پر جنهن جي ڀڳتي شڪتي وڌيڪ هوندي آهي، ان جو تيج اوترو ئي وڌيڪ هوندي آهي.

اهڙي طرح شرِي ڪِرشن جي به پوئين ڀڳتي شڪتي جي سڌين سان پرپُور هئا. البته اُنهن به پنهنجي سڌِي شڪتي سان پنهنجو وراٽ رُوپ ڏيکاري ڇڏيو. جيڪو ڪال جي نُوري شرير (وراٽ) کان گهٽ تيج وارو هو. ٽيئن ڳالهه اِها ثابت ٿي ته پويتر گيتاجِي ٻُڌائڻ وارو پرپُو سهسترباهُو (هزار هٿن وارو) پرپُو ڪال آهي. شري ڪِرشن جِي ته وِشٹوجِي جا اوتار آهن. جيڪو چار هٿن (ڀُڄا) وارا آهن. شري وشٹوجِي سورهن ڪلا شڪتين سان پرپُور آهن ۽ شرِي جوتِي نِرنجن ڪال ڀڳوان هڪ هزار ڪلا شڪتين سان پرپُور آهي. جهڙي نموني هڪ بلب 60 واٽ جو هوندو آهي، هڪ بلب 100 واٽ جو هوندو آهي ۽ هڪ بلب 1000 واٽ جو هوندو آهي. روشني ته سڀني بلبن جي هوندي آهي پر فرق تمام گهڻو هوندو آهي. بلڪل اهڙي ئي نموني ٻنهي ڀڳوانن جي شڪتي (طاقت) ۽ وراٽ رُوپ جو تيج الڳ الڳ هو.

انهي تتوَگيان جي حاصل ٿيڻ کان اڳ گيتاڄِي جي گيان جي سمجهاڻ وارا جيڪي بہ مهاتما هئا. اُنهن کان هي داس (رامپال داس ) سوال ورجائيندو هو تہ اول تہ ڀڳوان شرِي ڪِرشن جي ٽي دفعا شانتي دُوت (امن جو پيغام پهچائيندڙ) بڻجي ويا هئا ۽ چيو هئائين تہ جنگ ڪرڻ مهاپاپ آهي. جڏهن تہ شرِي ارجُن جي خود پُڻ جنگ ڪرڻ کان اِنڪار ڪندي چيو تہ اي ديوڪي نندن مان جنگ ڪرڻ نٿو چاهيان. سامهون عزيزن، ناٺين (رشتيدارن) ۽ فوجين جو ٿيڻ وارو خاتمو ڏسي مون اهو پڪو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ مونکي ٿنهي لوڪن جو راڄ بہ ملي وڃي پوءِ بہ جنگ نہ ڪندس. مان تہ چاهيان ٿوتہ مون بِنا هٿيار واري کي دريوڌن وغيره تيرسان ماري ڇڏين تہ جيئن منهنجي موت سان جنگ ۾ ٿيڻ وارو نُقصان بچي وڃي. اي شرِي ڪِرشن جي! مان جنگ ڪرڻ بجاءِ اناج پنِي گُذارو ڪرڻ بهتر سمجهان ٿو. اي شري ڪرشن جِي! سڄڻن کي ماري تہ مهاپاپ ئي حاصل ڪنداسين. منهنجي ٻُڌي (عقل) ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. توهان اسانجا گرو آهيو. مان توهان جو شِشَ آهيان. توهانجيڪا منهنجي خير ۾ هجي اها صلاح ڏِيو جيڪا اسان جي حق ۾ هُجي. مان قطعي ڪونہ ٿو مڃان تہ توهان جي ڪو بہ صلاح مونکي جنگ لاءِ راضي ڪري سگهندي. مطلب مان جنگ نہ ڪندس (ثبوت پويتر گيتاجي اڌياءِ 1 شلوڪ 46-39-31- ۽ اڌياءِ 2 شلوڪ 5 کان 8)

پوءِ وري شرِي ڪرشن جي ۾ داخل ٿيل ڪال، بار بار چئي رهيو آهي تہ اي ارجن ٻُزدل نہ ٿي، جنگ ڪر. يا تہ تون جنگ ۾ مارجِي سرڳ ۾ ويندي يا جنگ کٽي زمين جو راڄ ڀوڳيندين، وغيره وغيره چئي اهڙِي تہ خطرناڪ تباهي ڪرايائين جيڪو اڄ تائين سنت مهاتمائن ۽ مهذب ماڻهن جي تاريخ ۾ ڀُولڻ سان بہ ڪونہ ٿو ليي. تڏهن اُهي نادان گروجِي (نيم حڪيم) چوندا هئا تہ ارجُن کتري ڌرم کي ڇڏي رهيو هو. اِن سان کتري ڌرم جو نقصان ۽ دليري جو هميشہ جي لاءِ خاتمو ٿي وڃي ها. ارجُن جي کي کترِي ڌرم جو پالڻ ڪرائڻ لاءِ اُها مهاڀارت جي جنگ شرِي ڪرشن جي ڪرائي هئي. پهريائين تہ مان (رامپال جي مهاراج) اِنهن جي اِنهي نادانن واري قصي سان چُپ ٿي ويندو هئس ڇاڪاڻ تہ خود مونکي بہ گيان ڪونہ هو.

ورِي غور ڪريو:- ڀڳوان شرِي ڪِرشن جي خود کترِي هئا. ڪنس کي مارڻ کانپوءِ اُگرسين جي مٿورا جي حڪمراني پنهنجي ڏوهٽي شري ڪرشن جي کي سونپي ڇڏي هئي. هڪ ڏينهن نارد جي شرِي ڪِرشن جي کي ٻُڌايو تہ ويجهوئي

هڪ غار (گُفا) ۾ سدين کان پُر هڪ راڪشِش راجا مُچڪند ستو پيو آهي. هو ڇهه مهينا سمهندو ۽ ڇهه مهينا جاڳندو آهي، جاڳڻ تي ڇهه ئي مهينا جنگ ڪندو رهندو آهي ۽ ڇهه مهينا سُمهڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪو ڪچي ننڊ ۾ هُن کي جا ڳائي ڇڏي ته مُچڪند جي اکين مان اگني باڻ ڇُٽندا آهن ۽ سامهون وارو پَل ۾ مِرتيو (موت) کي پراپت ٿي ويندو آهي. توهان هوشيار رهجو، ايترو چئي شري نارد جِي هليا ويا.

ڪُجھ عرصي بعد شرِي ڪِرشن جي کي ننڍي عمر ۾ متُورا جي گادي تي ويٺل ڏِسي هڪ ڪاليوَن نالي راجا 18 ڪروڙ فوج وٺي متورا تي حملو ڪري ڇڏيو، شرِي ڪِرشن جي ڏِٺو ته دُشمن جي فوج جو تعداد تمام گهڻو آهي ۽ کھڙي خبر ته ڪيتري فوج مارجي ويندا تنهنڪري ڇو نه ڪاليوَن کي مُچڪند کان مارائي ڇڏيان، اهو سوچي ڀڳوان شرِي ڪرشن جي، ڪاليون کي جنگ لاءِ للڪاريو ۽ جنگ ڇڏي (کتري ڌرم کي وِساري ، تباهي کي ٽارڻ لازمي سمجهي) ڀڄي وڃي ۽ اُن غار (گفا) ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ مُچڪند ستل هو. مُچڪند جي جسم تي پنهنجو پيتامبر (پيلي رنگ جِي چادر) اوڍائي شرِي ڪرشن جي غار ۾ گهڻو اڳتي وڃي لڪي ويا. پُٺيان ئي پُٺيان ڪاليون به اُنهي غار ۾ داخل ٿيو. مُچڪند کي شرِي ڪرشن سمجهي مُچڪند کي پيرن ۾ جهلي گُهمائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته بزدل توکي لڪي ويل کي ٿورو ئي ڇڏي ڏيندس. تڪليف جي ڪري مُچڪند جي ننڊ ڦِٽي ويئي، اکين مان اگني باڻ نِڪتا ۽ ڪاليون مارجي ويو. ڪاليون جا سپاهي ۽ وزير پنهنجي راجا جي لاش کڻي واپس روانا ٿي ويا ڇاڪاڻ ته جنگ ۾ راجا جي مارجي وڃڻ تي هار مڃي ويندي هئي ۽ چيائون ته اسان پنهنجو نئون راجا چونڊي وري ايندا سين ۽ شري ڪرشن توکي ڪونه ڇڏيندا سين.

شري ڪرشن جي پنهنجي خاص محافظ (چيف انجينئر) شرِي وِشوَڪرما کي گُهرائي چيو ته ڪا اهڙي جاءِ تلاش ڪر جنهن جي ٽِن طرفن کان سمنڊ هُجي ۽ صرف هڪ طرف رستو هُجي اتي يڪدم هڪ دواريڪا نگري(هڪ گيٽ وارو شهر) تعمير ڪراءِ. پاڻ جلد ئي هِتان کان هليا هلنداسين. هي مُورک ماڻهو پاڻ کي هتي آرام سان رهڻ ڪونه ڏيندا. شري ڪرشن جي تمام نيڪ آتما ۽ جنگ جي خلاف هئا. پنهنجي کترِي ڌرم کي به داءُ تي لڳائي جنگ کي ٽاريو ڇا ته پوءِ اُهي ساڳيا شرِي ڪرشن جي پنهنجي ساٿي ۽ رشتيدار کي جنگ جهڙي بُڇڙي صلاح ڏيئي سگهن ٿا؟ ۽ خود جنگ نه ڪرڻ جو وچن ڪندڙ ٻئي کي جنگ جي صلاح ڏيئي سگهن ٿا؟ نه

ڪڍهن بہ نتا ڏيئي سگهن . ڀڳوان شري ڪرشن جي رُوپ ۾ خود شري وشڻوجي ئي اوتار ڌارڻ ڪري آيا هئا.

هڪ دفعي شري ڀرڳو رِشي آرام سان ويٺل شرِي وِشڻو جِي (ڪِرشن جِي) جي ڇاتي تي لت وهائي ڪيڏي. شري ڪرشن جِي، شري ڀرڳو رِشي جي پير کي سنڀاليندي چيو تہ اي رشيوَر! توهان جي ڪومل پير کي ڪٿي چوٽ تہ ڪونہ آئي؟ ڇاڪاڻ تہ منهنجو سينو تہ سخت پٿر وانگر آهي. جيڪڏهن شرِي ڪِرشن جي کي جنگ جو شوق هُجي ها تہ سُدرشن چڪر سان شري ڀرڳو رِشي جا ايترا ٽڪرا ڪري ڇڏي ها جو ڳڻڻ ۾ ئي ڪونہ اچن ها.

حقيقت اِها آهي تہ ڪال ڀڳوان جيڪو 21 برهماندن جو مالڪ آهي انهي واعدو ڪيل آهي تہ مان پنهنجي اصلي رُوپ (ڪال رُوپ) ۾ سڀني جي اڳيان نہ ايندس. ان ئي ڪال ڀڳوان سُوڪشم شرير ٺٺائي پريت (جِن) وانگر شرِي ڪرشن جِي جي شرير ۾ پرويش ڪري پويتر گيتاجِي جو گيان (ويدن جو سار) تہ صحيح ٻُڌايو پر وڙهائڻ جي اٽڪل بازي ۾ بہ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. ڪال(برهم) ڀڳوان ڪير آهي؟ اِهو ڄاڻڻ لاءِ پڙهو "سرشٽي رچنا" هِن ڪتاب **گيان گنگا** ۾.

جيستائين مهاڀارت جي جنگ ختم نہ ٿي ايستائين ڪال (شرپُرش، جوتي نِرنجن) شرِي ڪرشن جي جي شرير ۾ موجود (داخل)رهيو ۽ يُڌشترجي کان ڪوڙ ڳالهرايو تہ ڇئو تہ اشوَ ٿاما مارجي ويو. ڀيم جي پوٽي گهٽوتڪچ جي پٽ ٻبرو ڀان جي گردن ڪٽرائي ۽ خود رٿ جي ڦيٿي کي هٿيار جي صورت ۾ کنيو. اِهي سڀ ڪال جا ئي ڪرايل ظلم هئا. ڀڳوان شرِي ڪرشن جي جا نہ.. مهاڀارت جي جنگ ختم ٿيندي ئي ڪال ڀڳوان شرِي ڪرشن جي شرير مان نِڪري ويو. شرِي ڪِرشن جي يُڌشترجي کي اِندرپرست (دهلي) جي راجگدِي تي ويهاري پاڻ دواريڪا وڃڻ جو اِرادو ڪيو. تڏهن ارجن وغيره عرض ڪيو تہ اي شري ڪرشن جِي! توهان اسانجا پوڄڻ گرو ديوَ آهيو. اسانکي هڪ ستسنگ ٻُڌائي پوءِ وڃجو تہ جيئن اسان توهان جي ست وچنن تي عمل ڪري پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرائي سگهون.

شري ڪِرشن جي اها عرض قبول ڪري تاريخ ۽ جاءِ مقرر ڪري ڇڏي. مقرر تاريخ تي ارجُن جي شِري ڪِرشن جي کي چيو تہ اي پربُو! اڄ ساڳيو ئي پويتر گيتاجِي جو گيان جيئن جو تيئن ٻُڌائجو. ڇاڪاڻ تہ مان دماغي ويسر سبب اُهو ڀُلجي ويو آهيان. تڏهن شرِي ڪِرشن جي چيو تہ اي ارجُن تون انتهائي بغير شرڌا وارو آهين.

تنهنجو دماغ ڦِرڪاٽي ڪونهي، اهڙي پويتر گيان کي تون ڀُلجي وئين ؟ پوءِ وري چيائين تہ هاڻي اُن پُوري گيتا گيان کي مان نٿو ٻُڌائي سگهان. مطلب تہ هاڻي مونکي بہ گيان ناهي. اُن وقت تہ مون يوگ يُگت (ڀڳتي شڪتِي) ٻڌجي ٻُڌايو هو. سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن ڀڳوان شرِي ڪرشن جي لڙائي جي وقت يوگ يُگت ٿيا هئا تہ ڇا امن (شانتي) جي وقت يوگ يُگت ٿيڻ ڪنن هو؟ جڏهن تہ مهرشي شرِي وياس جي اُهوئي پويتر گيتاجِي جو گيان ڪيئي سالن بعد جيئن جو تيئن لکرائي ڇڏيو. اُن وقت اُهو برِهم (جوتي نِرنجن ڪال) شري ويد وياس جِي جي شرير ۾ داخل ٿي ويو هو ۽ پويتر شريمد ڀگوت گيتاجي لکرائي ڇڏي هئي، جيڪا اڄ توهانجي پويتر هٿن ۾ آهي.

ثبوت طور سنڪشيپت مهاڀارت صفحو نمبر 667 ۽ پراڻي جي صفحو نمبر 1531 تي: -

**نہ شڪيم تنميا پوئستتا وقتوم سوشتا، پرم هي برِهم ڪٿيتم، يوگ يگتيتن، تنميا** (مهاڀارت آشرو 13-1612)

ڀڳوان چيو:- هو سڀ جو سڀ ساڳئي نموني وري ٻيهر چوڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي .اُن وقت مون يوگ يُگت (ڀڳتي شڪتي) سان پرماتم تتوَ جو ذِڪر ڪيو هو.

(سنڪشيپت مهاڀارت دُيتيہ ڀاڱ جي صفحي نمبر 1531کان سها بهار)

(شري ڪرشن جي جو ارجُن کي گيتا جي باري ۾ پُڇڻ، ستہ مهرشي ويشمپائن ۽ ڪاشيپڪا سنواد)

پاندو نندن ارجُن شري ڪرشن جي سان گڏ رهندي تمام گهڻو خوش هو. هن هڪ دفعي اهڙي خوش مزاج کي ڏِسي ڀڳوان کي جي وچن چيا. ديوڪي نندن! جڏهن لڙائي هلندڙ هئي اُن وقت مونکي اوهانجي مهاتم جو گيان ۽ ايشوريہ سرُوپ جو درشن ٿيو هُو. پر اي ڪيشوَ! توهان پهرين پيار سان مونکي جيڪو گيان جو اُپديش ڏِنو هو اُهو سڀ اُن وقت گهٽ سمجهہ سبب ڀُلجي ويو آهيان. اِنهي موضوع گيتا گيان کي ٻُڌڻ لاءِ بار بار منهنجي من ۾ تڙپ ٿي رهي آهي، ٻئي طرف توهان جلدي دواريڪا وڃڻ وارا آهيو تنهنڪري مونکي وري اهو سمورو موضوع ٻُڌايو.

وشمپائن جي چون ٿا تہ ارجُن جي ائين چوڻ تي وڪتائن ۾ اُتم مهاتيجسوي ڀڳوان شرِي ڪرِشن جي هُن کي گلي سان لڳائي اهڙي نموني جواب ڏنو.

شري ڪرشن جِي چوڻ لڳا! ارجُن اُن وقت مون تمام ڳُجهو موضوع بيان ڪيو هو. پنهنجي سروپ پُوت ذرم سناتن پرشوتم تتوَ (ابدي مذهب پرميشور عنصر) کان واقف ڪرايو هو ۽ (شُڪل ڪِرشن ليلا جي نمائندگي ڪندي) لافاني لوڪن جو بہ ذِڪر ڪيو هو، پر تو پنهنجي ناسمجهي سبب اُن اُپديش کي ياد ڪونہ رکيو، اهو ٻُڌي مونکي تمام گهڻو ڏُک پُهتو آهي. هاڻي اُنهن ڳالهين جو پُورو پُورو ياد اچڻ ناممڪن لڳي رهيو آهي. پاندوَ نندن!! تون واقعي وڏو بي اعتمادي آهين. تنهنجي عقل چڱي نٿي لڳي. هاڻي منهنجي لاءِ اُنهي اُپديش کي جيئن جو تيئن وري ٻُڌائڻ مُشڪل آهي. چاڪاڻ تہ اُن وقت يوگ يُڳت ٿي مون پرماتم تتوَ (پرماتماجي باري ۾) بيان ڪيو هو. (وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو سنڪشيپت مهاڀارت دُيتيہ ڀاڱ).

ٿورو غور ڪريو!! مٿي ذِڪر ڪيل مهاڀارت، وِشنو پُراڻ ۽ شريمد ڀڳوت گيتاجِي جي ليکن جي ثبوتن مان ثابت ٿيو تہ شرِي ڪرشن جي شريمد ڀڳوت گيتاجِي جو گيان نہ ٻُڌايو. اهو تہ ڪال رُوپي بِرهم (جوتي نِرنجن) مطلب تہ مها وشنوجِي ڀوت وانگر شري ڪِرشن جي جي شرير ۾ داخل ٿي ٻُڌايو هو.

**پيا ثبوت :-** ثبوت نمبر 1- شري وشنو پُراڻ (گيتاپريس گورک پُور مان ڇپيل) چتورٿ اَنش اڌياءِ 2 شلوڪ 26 ۾ صفحي نمبر 233 تي وشنو جي (مها وشنو مطلب ڪال رُوپي بِرهم) ديوتائن ۽ راڪشسن جِي لڙائي وقت ديوتائن جي عرض (پرارٿنا) قبول ڪندي چيو تہ مان راج رِشي شِشاڌ جي پٽ پُرنجئہ جي شرير ۾ ڪجهہ وقت لاءِ داخل ٿي راڪشسن جو ناس ڪري ڇڏيندس.

**ثبوت نمبر 2:-** شري وشنو پُراڻ (گيتاپريس گورکپُور مان ڇپيل) چتورٿ انس اڌياءِ 3 شلوڪ 6 جي صفحي نمبر 242 تي شري وشنوجِي گندروَن ۽ نانگن جي لڙائي ۾ نانگن جي طرفداري ڪندي چيو آهي تہ مان (مها وِشنو مطلب تہ ڪال رُوپي بِرهم) مانڌاتا جي پُٽ پروڪرتس ۾ داخل ٿي، اُنهن سيني دُشٽ گندرون کي ناس ڪري ڇڏيندس.

**وڌيڪ ثبوت:-** مهاڀارت جي لڙائي کان ڪجهہ وقت بعد شرِي يُڌشٽر جي کي خوفناڪ خواب اچڻ لڳا. شرِي ڪرشن جي کان سبب ۽ حل پُڇيو تہ ٻُڌايو تہ توهان لڙائي ۾ جيڪي پاپ ڪيا آهن، ان قتل عام جا پاپ توهان کي دُکي ڪري رهيا آهن. اِنهي لاءِ هڪ يڳيہ ڪريو. شرِي ڪِرشن جِي جي مُک ڪمل مان اِهي لفظ ٻُـڌي ارجُن کي بيحد ڏُک پُهتو ۽ من ئي من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ڀڳوان شرِي ڪِرشن جِي پويتر گيتا ٻُڌائڻ وقت تہ چئي رهيا هئا تہ ارجُن! توکي ڪوبہ پاپ ڪونہ لڳندو. تون جنگ

ڪر. (پويتر گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ 37-38 ) جيڪڏهن جنگ ۾ مارجي ٻه وئين ته سرڳ جو سُک ڀوڳيندين ۽ ڪٽي وئين ته زمين جي راڄ جو سُک ڀوڳيندين. ارجن ويچار ڪيو ته ڏُک دُور ڪرڻ لاءِ شرِي ڪرشن جي جيڪو حل ٻُڌائي رهيا آهن. اُن ۾ ڪروڙين روپيا خرچ ٿيندا، جنهن سان وڏي پاءُ يُڌشٽر جي تڪليف جو حل ٿيندو پر جيڪڏهن مان شرِي ڪرِشن جي سان هينئر هِن ڳالھ جو بحث ڪندس ته توهان پويتر گيتاجِي جو گيان ٻُڌائڻ وقت ته چئي رهيا هئا ته توهان کي پاپ ڪونه لڳندو هاڻ اُن جي ابتڙ چئي رهيا آهيو. اِنهي سان منهنجو وڏو ڀاءُ ڪٽي ائين نه محسوس ڪري ته ڪروڙن روپين جي خرچ سبب ارجُن گهبرائجي ويو آهي ۽ منهنجي ڏُک جي خاتمي ۾ شايد هو خوش ناهي. اِنهي ڪري چُپ رهڻ بهتر سمجهيو ۽ خوشي سان چئي ڇڏيو ته جيئن توهان چوندا ائين ئي ٿيندو. شرِي ڪرِشن جي اُن يگيه جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. اُهو يگيه ٻه شري سُدرشن سُپچ جي پوجن ڪائڻ سان سڦل ٿيو.

ڪجھ عرصي ڪانپوءِ شرِي دُرواساجِي جي بد دُعا (سراپ) سان سجو يادوَ ڪُل ختم ٿي ويو. شرِي ڪرِشن جِي جي پير جي ترِي ۾ هڪ شِڪارِي (جيڪو تريتا يگ ۾ سگريوَ جي ڀاءُ ٻالي جي آتما هو) زهريلو تير هنيو. تڏهن پنج ئي پانڊوَ اتي پهتا ته شرِي ڪرِشن جي چوڻ لڳا ته توهان منهنجا شِش آهيو. مان توهان جو ڏارمِڪ گُرو ٻه آهيان. اِنهي ڪري منهنجي آخري حُڪم ٻُڌو! پهرين ته ارجُن! دُوارڪا جي سيني عورتن کي اِندر پرسٿ (دلي) وٺي وڃجان، ڇاڪاڻ ته هتي ڪوبه مرد نه بچيو آهي. ٻيو توهان سڀ پانڊوَ بادشاهي ڇڏي هِماليه ۾ وڃي تپ ڪري شرير ختم ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته توهان مهاڀارت جي لڙائي ۾ جيڪي قتل عام ڪيا آهن اُنهن جا تمام خطرناڪ پاپ توهان جي سِر تي آهن. اُن وقت ارجُن پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهيو ۽ چيائين ته پرڀُو هينئر ته توهان اهڙي حالت ۾ آهيو جو مونکي اهڙي ڳالھ نه ڪرڻ گهرجي پر پرڀُو! جيڪڏهن اڄ منهنجن وهمن جو حل نه ٿيو ته مان آرام سان مري ٻه نه سگهندس. پُوري زندگي روئيندو رهندس. شرِي ڪرِشن جي چيو ته ارجُن! جيڪو ڪجھ پڇڻو آهي اُهو پڇي وٺ. منهنجن سوانسن جي آخري گهڙي هلي رهي آهي. شرِي ارجُن جِي اکين ۾ آنسو ڀريندي چيو ته پرڀُو برو نه سمجهجو. جڏهن توهان گيتاجِي جو گيان ٻُڌايو هو، ان وقت مان جنگ ڪرڻ کان اِنڪار ڪري رهيو هئس. پر توهان چيو هو ته ارجن تنهنجن ٻنهي هٿن ۾ لڏون آهن. جيڪڏهن جنگ ۾ مارجي ويندين ته سرڳ پراپت ٿيندي ۽ جي ڪٽي ويندين ته ڌرتي جو راڄ حاصل ٿيندو ۽ توکي

ڪوبہ پاپ نہ لڳندو. اسان توهان جي ئي نِگراني ۾ توهان جي ئي اِجازت ۽ حڪم سان جنگ وڙهي. (ثبُوت پويتر گيتا ادياءِ 2 شلوڪ 37-38). ڀڳوان! اسانجي تہ هِڪڙي هٿ ۾ بہ لڏون ڪونہ رهيو. نہ ئي جنگ ۾ مري سرڳ حاصل ٿي ۽ هاڻ توهان راج ڇڏڻ جو حُڪم ڏيئي رهيا آهيو. تنهنڪري ڏرتي جي راج جو سُک بہ ڀوڳي نہ سگهياسين. اي پريُو! اهڙو ڏوکو ڪرڻ سان توهان کي ڇا حاصل ٿيو؟ ارجُن جي منهن مان اِهي وچن ٻُڌي يُڌشٽرجي چيو تہ ارجن! جڏهن ڀڳوان آخري پساهہ ڳڻي رهيا آهن. اهڙي حالت ۾ تنهنجو بي ادبي وارو رويو نٿو سونهي. تڏهن شرِي ڪِرشن جِي چيو تہ ارجن اج مان آخري حالت ۾ آهيان. تون منهنجو تمام گهڻو پيارو آهين. اج اصليت ٻُڌايان ٿو تہ ناٽڪ ڪندڙ ڪا ٻي طاقت (شڪتي) آهي جيڪا پاڻ سيني کي ڪٺپُتلي وانگر نچائيندي رهي آهي. مونکي ڪجهہ بہ معلوم ڪونهي تہ مون گيتا ۾ ڇا چيو هو؟ پر هاڻي آءُ جيڪو چئي رهيو آهيان اُهو تنهنجي حق ۾ آهي. شرِي ڪِرشن جي اِهي لفظ آنسوئن سان ڀريل اکين سان چئي پرِاڻ تياگ ڪري ڇڏيا.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين مان ثابت ٿيو تہ:- پويتر گيتاجي جو گيان شرِي ڪِرشن جي ڪو نہ ٻُڌايو. اِهو تہ برِهم (جوتي نِرنجن، ڪال) ٻُڌايو هو. جيڪو 21 برِهماندن جو مالڪ آهي (ڪال برِهم ڪير آهي؟ اِهو معلوم ڪرڻ لاءِ لازمي پڙهو، انهي ڪتاب جي عنوان ”سرِشٽي رچنا“ ۾)

شرِي ڪِرشن سان گڏ سيني يادون جو آخري سنسڪار ڪري ارجُن کي ڇڏي چارئي پائر اِندرپرست (دهلي) هليا ويا. پُٺيان ارجُن دوارڪا جي عورتن کي وٺي اچي رهيو هو تہ رستي ۾ جهنگلي ماڻهن سيني گوپين کي لُٽيو. ڪجهہ کي ڪٽي ڀڄي ويا ۽ ارجُن کي جهلي مارڪُٽ ڪئي ارجُن جي هٿ ۾ ساڳيوئي ڳانڊيوَ ڌنُش هو. جنهن سان مهاڀارت جي جنگ ۾ لاتعداد قتل ڪيا هئا. اهو هليو ئي ڪونہ. تڏهن ارجن چيو تہ هي شرِي ڪرشن جِي اصل ۾ ڪُوڙو ۽ ڪپٽي هو. جڏهن جنگ ۾ پاپ ڪرائڻو هو تڏهن تہ مونکي طاقت (شڪتِي) ڏيئي ڇڏي هڪ تير سان سوين سپاهي ماري پٽ ڪندو هئس ۽ اج اُها طاقت ڪسي ورتي آهي، جو مار کائي رهيو آهيان. اُن متعلق پُورڻ برِهم ڪبير صاحب (ڪوير ديوَ) جو چوڻ آهي تہ شرِي ڪِرشن جي ڪپٽي ۽ ڪُوڙا ڪونہ هئا. اِهي سڀ ظُلم ڪال برِهم (جوتي نِرنجن) ڪري رهيو هو. جيستائين هي آتما ڪبير پرميشور (ست پُرش) جي شرڻ ۾ پُوري سنت (تتوَدرشِي) جي ذريعي سان نہ ويندي، تيستائين ڪال ساڳيئي نموني ڏکن مٿان ڏک

ڏيندو رهندو. پُوري ڄاڻ تتوَگيان سان حاصل ٿيندي آهي. اِنهي ڪري ڪال ڪير آهي؟ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اِنهي ڪتاب جي عنوان سرشٽِي رچنا ۾ پڙهو.

وڏيڪ غور ڪريو!! مٿي بيان ڪيل ثبوتن مان ثابت ٿيوتہ شريمد ڀڳوت گيتاجي جو گيان شرِي ڪِرشن جي نہ ٻُڌايو. اُهو تہ شري ڪرشن جِي جي شرير ۾ ڀُوت وانگر داخل ٿي ڪال برِهم (جوتي نِرنجن) ٻُڌايو هو.

## “شريمد ڀڳوت گيتاسار”

پرميشور جي تلاش ۾ آتما ڀڳن ڪان لڳل آهي. جيئن اُڃايل کي پاڻي جي ضرورت هوندي آهي. جيوَ آتما پرماتما کان وِڇڙڻ کانپوءِ تمام گهڻيون تڪليفون ڀوڳي رهي آهي. جيڪو سُک پُورڻ برِهم (ست پُرش) جي ست لوڪ ۾ هو، اُهو سُک هتي ڪال (برهم) جي لوڪ ۾ نہ آهي. چاهي ڪو ڪروڙ پتِي آهي ، چاهي پرٿوي پتِي (سڄي ڌرتي جو راجا ) آهي، چاهي سُرپتِي (سرڳ جو راجا اِندر) آهي ، چاهي ڪو برِهما، شري وِشنو ۽ شرِي شوَ ترلوڪ پتِي آهن. ڇاڪاڻ تہ جنم ۽ موت ۽ ڪيل ڪرمن جو ڦل ضرور حاصل ٿيندو آهي. (ثبوت گيتاجي ادياءِ نمبر 2 شلوڪ نمبر 12، ادياءِ 4 شلوڪ 5 ) . اِنهي ڪري پويتر شريمد ڀڳوت گيتاجِي جي گيان داتا پربُو (ڪال ڀگوان) ادياءِ 15 شلوڪ 1 کان 4 ۽ ادياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اي ارجُن! تون پُوري طرح سان اُنهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ، جنهن جي ڪِرپا سان تون پرم شانتي ۽ ست لوڪ (شاشوَتم اِستانم) کي حاصل ڪندين. انهي پرميشور جي تتوگيان ۽ ڀڳتي مارگ کي مان (گيتا گيان داتا) ڪونہ ٿو ڄاڻان. اُن تتو گيان کي تتودرشِي سنت وٽ وڃي اُن کي ڏنبوت پرنام ڪري ۽ عاجزي واري لهجي سان سوال ڪر تڏهن تتودرشي سنت توکي پرميشور جو تتوگيان ٻُڌائيندا، پوءِ اُنهن جي ٻُڌايل ڀڳتي مارگ تي پُوري طرح لڳي وڃ (ثبوت گيتا) ادياءِ 4 شلوڪ 34). تتودرشِي سنت جي سڃاڻپ گيتا ادياءِ 15 شلوڪ 1 ۾ بيان ڪندي فرمايو آهي تہ هي سنسار اُبتي لٽڪيل وڻ وانگر آهي. جنهن جون پاڙون مٿئين طرف (آسمان ڏانهن) ۽ ٽاريون هيٺئين طرف (زمين ڏانهن) آهن، جيڪو اُن اُلٽي سنسار رُوپي وڻ جي باري ۾ ڄاڻي ٿو. اُهو ئي تتوَدرشي سنت آهي، گيتا ادياءِ 15 شلوڪ 2 کان 4 ۾ فرمايو آهي تہ اُن سنسار رُوپي وڻ جون ٽيئي گُڻ (رجگُڻ برهما، ستگُڻ وِشنو ۽ تمگُڻ شنڪر) رُوپي ٽاريون آهن، جيڪي ٽنهي لوڪن (سرڳ لوڪ، پاتال لوڪ ۽ پرٿوي لوڪ) ۾ مٿي ۽ هيٺ پکڙيل آهن، اُن سنسار رُوپي اُلٽي وڻ (سرشٽي رچنا) جي باري ۾ هِن گيتاجِي جي گيان ۾ ڪونہ ٻُڌائي

سگھندس. هتي هِن وقت جيڪو گيان توکي ٻُڌائي رهيو آهيان اِهو مڪمل گيان ڪونهي. انهي لاءِ گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾ اِشارو ڏِنو آهي. تہ مڪمل گيان (تتوگيان) جي لاءِ تتوَدرشِي سنت وٽ وڃ اُهوئي ٻُڌائيندو، مونکي مڪمل گيان ڪونهي. گيتا اِڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ چيو آهي تتوَدرشي سنت جي پراپتي کانپوءِ هُن پرم پد پرميشور جي کوج ڪرڻ گهرجي(جنهن جي باري ۾ گيتا اِڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي) جِتي پُهچڻ کانپوءِ پِگت وري موٽي سنسار ۾ نہ ٿو اچي، يعني پُورڻ موڪش پراپت ڪري ٿو جنهن پُورڻ پرماتما جي ذريعي اُلٽي سنسار رُوپي وڻ جو مڪمل وجود عمل ۾ آيو آهي مطلب تہ جنهن پرميشور سيني بِرهماندن جي رچنا ڪئي آهي ۽ مان (گيتا گيان داتا بِرهم) بہ انهي آدي پُرش پرميشور مطلب پُورڻ پرماتما جي شرڻ ۾ آهيان، انهي جي ئي ساڌنا ڪرڻ سان پُورڻ موڪش (انادي موڪش) حاصل ٿئي ٿو.

تتوَدرشِي سنت اُهوئي آهي جيڪو مٿي جڙَ (پاڙ) ۽ هيٺ ٽيئي گُڻ (رجگُڻ بِرهما، ستگُڻ وشنو ۽ تمگُڻ شنڪر) رُوپي شاخن، وڏي ٽار ۽ ٽُڙ جي سمجهاڻي ڏي ٿو (ڪِرِپيا ڏِسو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جي تصوير).

پنهنجي طرفان جوڙيل ڪائنات (رچيل سرشِٽِي) جو مڪمل گيان (تتوَگيان) خود پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ، تتودرشِي سنت جو ڪِردار ادا ڪري (ڪويرگِرِبِي) ڪويرواڻي ۾ ٻُڌايو آهي (ثبوت رُگ‍ويد منڊل 9 سُڪت 96 منتر 16 کان 20 تائين ۽ رُگ‍ويد منڊل 10 سُڪت 90 منتر 1 کان 5 ۽ اٿروَ ويد ڪانڊ 4 انواڪ 1 منتر 1 کان 7 ۾).

**ڪبير: اڪشر پُرش اِڪ پيڙ هئہ . جوتِي نِرنجن واڪي دار،**
**تينون ديوا شاخا هين، پات رُوپ سنسار.**

پويتر گيتاجِي ۾ بہ ٽِن پريوَن ( 1- شرپُرش مطلب برهم. 2- اڪشرپُرش مطلب پربِرهم ۽ 3 - پرم اڪشرپُرش، مطلب پُورڻ بِرهم) جي باري ۾ ٻُڌايل آهي. پرماڻ گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 16 ۽ 17 ۾ گيتا اڌياءِ 8 شلوڪ 1 جو جواب شلوڪ 3 ۾ آهي اُهو پرم اڪشربِرهم آهيءِ ٽنهي پڳوانن جو هڪ ٻيو ثبوت گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 25 ۾ گيتا جو گيان ڏيندڙ ڪال (بِرهم) پنهنجي باري ۾ ٻُڌائي ٿو تہ مان ائويڪت (لڪيل) آهيان. اُهو پهريون ائويڪت پريُو ٿيو. وري گيتا اڌياءِ 8 شلوڪ 18 ۾ چيو

آهي تہ هي سنسار ڏينهن جي وقت ائويڪت (پربرهم) مان پيدا ٿيو آهي. رات جي وقت اُنهي ۾ سمائجي وڃي ٿو. اِهو ٻيو ائويڪت پرڀُو ٿيو. اڌياءِ 8 شلوڪ 20 ۾ چيو آهي تہ هُن ائويڪت کان بہ الڳ جيڪو ائويڪت (پُورڻ برهم) آهي اُهو پرم دِويہ پُرش (سڀ کان وڏو ڀڳوان) جيڪو سموري مخلوق جي ختم ٿي وڃڻ تي بہ ختم نٿو ٿئي. اِهو ٽيون ائويڪت پرڀُو ٿيو. ساڳيوئي ثبوت گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ 17 ۾ پڻ آهي تہ نہ ناش ٿيندڙ انهي پرماتما کي سمنجھ جنهن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪو بہ طاقتور ڪونهي. پنهنجي باري ۾ گيتا ٻُڌائڻ وارو برهم اڌياءِ 4 منتر 5 ۽ اڌياءِ 2 شلوڪ 12 ۾ چئي رهيو آهي تہ منهنجو جنم ۽ موت ٿئي ٿو مطلب مان فاني آهيان.




متي پاڙ هيٺ ٽارين وارو اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جو نقشو

مٿي سنسار رُوپي وڻ جي جڙ (پاڙ) تہ پرم اڪشرپُرش مطلب پُورڻ برهم ڪويرديوَ آهي. اِنهي ڪي ٽيون ائويڪت يگوان چيو آهي. وڻ جي جڙ (پاڙ) ڪان ئي پُوري وڻ ڪي خوراڪ ملندي آهي. اِنهي لاءِ گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 17 ۾ چيو آهي تہ اصل ۾ پرماتما تہ هِن شرپُرش/بِرهم ۽ اڪشرپُرش/پربِرهم ڪان بہ الڳ ڪو ٻيو ئي آهي. جيڪو ٽِنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سيني جو پالڻ پوشڻ ڪري ٿو اُهوئي اصل ۾ اويناشي (لافاني) آهي.

**1.** **شر**جي معنيٰ آهي فاني. چاڪاڻ تہ بِرهم گيتا گيان ڏيڻ واري خود پنهنجي باري ۾ چيو آهي تہ اي ارجن! تون ۽ مان تہ جنم ۽ مرڻ جي چڪر ۾ آهيون. پنهنجو تہ جنم ۽ مرڻ ٿيندو آهي (ثبوت گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ 12 ۾ گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 5 ۾).

2. **اڪشر**جي معنيٰ آهي اويناشي. هِتي پربرهم ڪي بہ هميشہ رهڻ وارو چيو ويو آهي. پر هي بہ اصل ۾ اويناشي ناهي. هي ڪجھ وڌيڪ رهڻ وارو جيئن هڪ مٽِي جو پيالو هوندو آهي جيڪو سفيد رنگ جو چانهہ پيئڻ جي ڪم ايندو آهي. اُهو تہ ڪِرندي ئي ٽُٽي پوندو آهي. ساڳئي حالت بِرهم (ڪال- شرپُرش) جي سمجهو. ٻيو پيالو اِسٽيل جو هوندو آهي جيڪو مٽيئن پيالي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط هوندو آهي. پر اِنهي ڪي بہ زنگ لڳي خراب ٿي ختم ٿي ويندو آهي. پلي ئي ڪٽي وڌيڪ وقت لڳي. اِنهي ڪري اصل ۾ اهو بہ اويناشي ناهي. ٽيون پيالو سون جو هوندو آهي. سون ذاتو اصل ۾ خراب نہ ٿيندو آهي ۽ ختم نٿو ٿئي

جيئن پربِرهم(اڪشرپُرش) ڪي اويناشي بہ چيو آهي پر اصل ۾ اويناشي تہ اِنهن ٻنهي ڪان ٻيو ئي آهي. انهي ڪري اڪشرپُرش ڪي بہ اويناشي نہ چيو آهي.

سبب :- ستن رجگُڻ بِرهماجِي موت ڪانپوءِ. هڪ ستگڻ وشٽو جي موت ٿيندي آهي. ست ( 7) ستگُڻ وشٽو جِي موت ڪانپوءِ هڪ تمگڻ شِو جي موت ٿيندي آهي. جڏهن تمگُڻ شنڪر جي ستر/ 70هزار دفعہ موت ٿيندي آهي. تڏهن هڪ شرپُرش/ڪال بِرهم جي موت ٿيندي آهي. اهڙي نموني پربِرهم (اڪشرپُرش) جو هڪ يُگ ٿئي ٿو اهڙن هڪ هزار يُگن جو پربِرهم جو هڪ ڏينهن ۽ ايتري ئي عرصي بعد هڪ رات ٿيندي آهي، ٽيھ ڏينهن راتين جو هڪ مهينو 12 مهينن جو هڪ سال. اهڙا سئو سال پربِرهم (اڪشرپُرش) جي عمر آهي. اهڙي طرح پربرهم ۽ سيني بِرهماند جيڪي ست لوڪ جي هيٺين ڀاڱي ۾ آهن. سڀ ختم ٿي وڃن ٿا.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ سيني هيٺين برهماندن (برهمہ ۽ پربرهمہ) جي لوڪن جي بناوت پُورڻ برهمہ مطلب پرمہ اڪشرپُرش ڪري ٿو. اهڙي نموني هي تتوگيان سمجهڻو آهي. پر پرمہ اڪشرپُرش يعني پُورڻ برهمہ (ست پُرش) ۽ اُن جي ست لوڪ سان گڏ مٿي جي الک لوڪ، اگمہ لوڪ ۽ انامي لوڪ ڪڏهن بہ ختمہ نٿا ٿين.

اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 17 ۾ چيو آهي تہ اصل ۾ اُتمہ پرکُو يعني پُرشوتمہ تہ برهمہ ۽ پربرهمہ کان علاوه ڪو ٻيو ئي آهي جيڪو پُورڻ برهمہ (پرمہ اڪشرپُرش) آهي. اُهوئي اصل ۾ اويناشي آهي. اهوئي سيني جو ڌارڻ پوشڻ ڪرڻ وارو آهي مطلب تہ سنسار رُوپي وڻ جي جڙ (مول) پُورڻ پرماتما آهي. وڻ جو جيڪو حصو زمين کان ٻاهر نظر اچي رهيو آهي، اُهو ٿڙ سڏجي ٿو. اُن کي اڪشرپُرش سمجهو، ٿڙ کي بہ خوراڪ جڙ کان ئي حاصل ٿئي ٿي پوءِ ٿڙ کان اڳتي وڻ جون انيڪ ٽاريون هُونديون آهن. اُنهن مان هڪ ٽار برهمہ (شرپُرش) آهي هِن کي بہ خوراڪ جڙ (پرمہ اڪشرپُرش) کان ئي حاصل ٿئي ٿي. اُن کان اڳتي ٽي گُڻ (رجگڻ برهما، ستگُڻ وشڻو ۽ تمگُڻ شنڪر) رُوپي شاخون آهن. اُنهن کي بہ خوراڪ پرمہ اڪشربرهمہ يعني پُورڻ برهمہ کان ئي حاصل ٿئي ٿي. اُنهن ٽنهي شاخن ذريعي پنن جي رُوپ ۾ ٻي مخلوق کي خوراڪ حاصل ٿيندي آهي. اُنهن کي بہ اصل ۾ خوراڪ جڙ (پرمہ اڪشرپُرش) کان ئي حاصل ٿئي ٿي. اِنهي ڪري جڙ ئي (مول) سيني جي پُوجا جي لائق پُورڻ پرماتما ئي ثابت ٿيو. ائين بہ نٿو چئي سگهجي تہ پنن تائين خوراڪ پهچائڻ ۾ ٿڙ، ٽار ۽ ٽارين جو ڪو بہ سهارو نہ آهي اِهي سڀ احترامہ جي لائق آهن، پر پُوجا (عبادت) تہ صرف جڙ (مول) جي ئي ٿيندي آهي. احترامہ ۽ پُوجا ۾ فرق هوندو آهي. جيئن تہ هڪ شادي شُده پاڪ دامن عورت احترامہ تہ سيني جو ڪندي آهي. جيئن جيٺ جو وڏي ڀاءُ وانگر، ڏير جو ننڍي ڀاءُ وانگر. پر پُوجا تہ فقط پنهنجي مُڙس (پتي) جي ئي ڪندي آهي، مطلب تہ جيڪو خيال پنهنجي پتي ۾ هوندو آهي اُهو خيال ٻين مردن ۾ پاڪ دامن عورت جو نہ هوندو آهي.

ٻيو مثال:- هڪ دفعي هرياڻا صوبي ۾ سيلاب آيو هُو اُن وقت 6 سئو ڪروڙ جو نقصان ٿيو هو. جنهن جي پُورائي هرياڻا سرڪار نہ پئي ڪري سگهي. چاڪاڻ تہ هرياڻا سرڪار سڄي سال جو بجيٽ صرف 9 ڪروڙ روپين جو هو ملڪ جي وزيراعظمہ هُن نقصان جي پُورائي ڪئي هئي. اُنهن ڇهہ سئو ڪروڙ روپيہ هرياڻا سرڪار جي عهديدارن ۽ سرڪاري ملازمن سيلاب جي متاثر ماڻهن ۾ ورهايا، ماڻهن

ڪي جن عهديدارن ۽ آفيسرن اِمداد ڏني هئي، ماڻهو اُنهن عهديدارن ۽ آفيسرن ڪي مسيحا سمجهي رهيا هئا، پر اصل ۾ تہ مسيحا اُهو هو جنهن فنڊ ڏنو هو. باقي آفيسر تہ فقط ڪم ڪرڻ وارا هئا، پر اڻ ڄاڻ ماڻهو اُنهن کان آئيندي لاءِ بہ امداد جي اميد رکن ٿا. اُنهن جي پُوڄا (رشوت وغيره ڏيڻ) ڪن ٿا، پر جيڪي تعليم يافتہ آهن، اُهي ڄاڻن ٿا تہ اُنهن آفيسرن جي ڪيتري اوقات آهي؟ اُهي اُنهن جو احترام تہ ڪندا آهن، پر پُوڄا (رشوت وغيره ڏيڻ) نٿا ڪن ۽ نہ وري وڏيڪ ڪم ٿيڻ جي اُميد ڪندا آهن.

سيلاب ستايلن ۾ امداد ورهائڻ جي ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ اُنهي علائقي ۾ صوبائي وزير صاحب آيو جنهن چيو تہ مون توهانجي علائقي ۾ ڏهہ لک روپيا ڏِنا آهن، جِن جِن ماڻهن کي امداد فراهم ڪئي ويئي هئي اُنهي ڳوٺ جي ماڻهن جي لسٽ مان نالا پڙهي ٻُڌايا مثال طور رام اوتار کي ڏهہ هزار روپيہ وغيره وغيره. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ وري صوبائي وزير اعليٰ صاحب ساڳئي ڳوٺ ۾ آيو. هِن بہ اُهائي لسٽ پڙهي ٻُڌائي چيائين تہ مون توهانجي ڳوٺ ۾ ڏهہ لک روپيا ڏِنا آهن. پوءِ وري ملڪ جو وزيراعظم صاحب اُنهي ئي ڳوٺ ۾ آيو. هُن بہ چيو تہ مون توهانجي ڳوٺ کي ڏهہ لک روپيا ڏنا آهن ۽ اُهائي لسٽ پڙهِي ٻُڌائي جنهن ۾ لکيل آهي تہ رام اوتار کي ڏهہ هزار روپيا ڏِنا، تنهن تي رام اوتار چوڻ لڳو تہ اِهي سڀ ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن. مونکي تہ روپيہ تپيدار صاحب ڏنا هئا. اڻ ڄاڻ رام اوتار نا سمجهي سبب تپيدار صاحب جي ئي پُوڄا ڪري پنهنجا ٻيا ڪم ٺيڪ ڪرائڻ چاهي ٿو پر جيڪي پڙهيل لکيل ماڻهو آهن، اُهي سمجهي ٿا وجن تہ وزيراعظم صاحب اِمداد نہ ڏي ها تہ وزيراعليٰ صاحب ۽ تپيدار صاحب ڪجهہ بہ ڏيئي نہ سگهن ها. جيڪڏهن وزيراعليٰ صاحب پنهنجي گهران اِمداد ڏيئي ها تہ مُشڪل سان هڪ سئو روپيا ڏيئي سگهي ها، جيڪي معمولي آهن، اهڙي طرح سمجهدار ماڻهو سمجهن ٿا تہ ڪنهن جي ڪيتري اوقات آهي، اُنهي حساب سان اُن ۾ اُميد رهندي آهي. پوءِ بہ احترام جي لائق تہ سڀئي آهن، پر پُوڄا تہ سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي. بلڪل اهڙي ئي نموني گيتا ادياءِ 2 شلوڪ 46 ۾ فرمايو آهي تہ ارجن! هڪ تمام وڏي تلاءُ (جنهن جو پاڻي ڏهہ سال برسات نہ پوي تہ بہ ختم نہ ٿئي) جي مِلڻ کانپوءِ بہ هڪ ننڍڙي کوهہ (جنهن ۾ پاڻي هڪ سال برسات نہ پوڻ تي بہ ختم ٿي وڃي) ۾ ساڳي ئي اميد رهجي وڃي ٿي. اهڙي طرح پُورڻ پرماتما کان مِلڻ واري لاڀ جي گيان کان واقف هئڻ کان بعد تنهنجي اُميد (آستا) ٻين ڀڳوانن ۾ ائين ئي رهجي ويندي، جيئن ننيڙي کوهہ ۾ اُميد وڏي تلاءُ جي ملي وڃڻ کانپوءِ

رهجي ويندي آهي. ننڊڙو کوهه خراب نٿو لڳي، پر اُن جي اوقات جي خبر آهي ته هي ته عارضي آهي.

گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۾ چيو آهي ته ٽن گُڻن سان جيڪو به ڪجهه ٿي رهيو آهي، جيئن رجگُڻ برهما سان مخلوق جي پيدائش ٿئي ٿي. ستگُڻ وشڻو سان مخلوق جي پالڻ پوشن ٿئي ٿي ۽ تمگُڻ شنڪر سان موت ٿئي ٿي. اُن جو خاص سبب مان (برهم ڪال) ئي آهيان جيڪي ڀڳت ٽنهي گُڻن (رجگڻ برهما، ستگُڻ وشنو ۽ تمگڻ شنڪر) جي پُوڄا ڪندا آهن. اُهي راڪشس سڀاوَ کي ڌارڻ ڪيل ماڻهن ۾ نيچ دُشٽ ڪرم ڪرڻ وارا مورک مون برهم جي ڀڳتي به نٿا ڪن. پوءِ پنهنجي ڀڳتي کي اتي گهٽيا (اَنوتم) چيو آهي. گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾، اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ گيتا اڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي ته پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ سان ئي پُورڻ لاڀ، پُورڻ موڪش پراپت ٿئي ٿو. جيڪا ڀڳتي ڪرڻ جو طريقو شاسترن ۾ لکيل آهي ۽ ٻين ڀڳوانن جي اشٽ رُوپ ۾ پُوڄا ڪرڻ شاسترن جي خلاف هئڻ ڪري بيڪار آهي. (ثبوت گيتا اڌياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24).

جهڙي ريت انب جو ٻوٽو نرسري مان خريد ڪري اُنجي پاڙ کي زمين ۾ کڏو کوٽي پُوريو، پوءِ پاڙ (مُول) کي پاڻي (پُوڄا) ڏينداسين ته ٻُوٽو وڌو ٿيندو ۽ وڻ بڻجي ويندو، پوءِ ٽارين ۾ ڦل/انب لڳندو. جيڪڏهن کو ٽارين کي زمين ۾ پُوري پاڙ مٿي ڪري ٻُوٽي کي پاڻي ڏيندو ته ٻُوٽو سُڪي ويندو (ڪرپيا ڏِسو سڌو پوکيل ۽ اُبتو پوکيل ڀڳتي رُوپي ٻوٽي جي تصوير هِن ڪتاب ۾)

مطلب ته ڀڳت کي پُورڻ پرماتما (جڙ/مول) جي سادنا/ڀڳتي اشٽ رُوپ ۾ ڪرڻ سان اُن جو ڦل ٽيئي گُڻ برهما، وشڻو ۽ شِو (شاخائون) ئي عطا ڪندا چو ته هي ڀڳوان ڪيل ڪرمن جو ڦل جيئن جو تيئن ئي ڏيندا آهن.

جيڪڏهن توهان کي ڪنهن ڪمپني ۾ نوڪري حاصل ڪرڻي آهي ته پُوڄا ڪمپني (فيڪٽري) جي مالڪ جي ڪرڻي هوندي آهي، اُنکي درخواست ڏيئي نوڪري حاصل ڪرڻي هوندي آهي. پوءِ به نوڪري (پُوڄا) مالڪ جي ئي ڪندو آهي، جيئن جيڪو ڪم مالڪ هُن نوڪر کي ٻُڌائي ٿو، اُهو پنهنجي ڊيوٽي جي وقت ۾ ڪندو آهي. اُها پُوڄا (نوڪري) مالڪ جي ٿي، نوڪري (پُوڄا) جي پگهار هُن مالڪ جا ٻيا نوڪر مثال طور مينجر وغيره ڏيندا آهن. جيئن شِفٽ اِنچارج ڊيوٽي جي حساب سان پگهار (ڪيل ڪم جو اُجورو) تيار ڪري خزانچي (ڪيشيئر) ڏانهن

موڪليندو آهي، اتان ڪان انهي نوڪر (سيوڪ) ڪي سيوا (پُوجا) جو ڦل ملندو آهي. شفٽ اِنچارج ۽ ڪيشيئر صرف ڪيل ڪم جي ئي پگهار ڏيندا آهن اُن ۾ ڪوبہ ڦيرڦار نٿا ڪري سگهن، نہ تہ هڪ روپيو بہ گهٽ يا وڌيڪ نٿا ڪري سگهن، جيڪڏهن ڪمپني جي مالڪ جو نوڪر نيڪ نيتي سان مالڪ جي نوڪرِي ڪري ٿو تہ مالڪ بہ ان ڪي سيوا جي پگهار وڌائي ڏيئي ٿو ۽ الگ انعام جي صُورت ۾ ڪجھ پئسا وڌيڪ بہ ڏيئي ڇڏي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو مالڪ جي نوڪري (پُوجا) ڇڏي ٻي آفيسر جي نوڪري ڪرڻ لڳي وڃي تہ ان ڪي مالڪ ڪان ملندڙ پگهار بند ٿي ويندي آهي. جنهن ڪري هُو نادان غريب ٿي وڃي ٿو. آفيسر ان ڪي اوتري پگهار نٿو ڏيئي سگهي. جيتري پگهار پهرين وارو مالڪ ڏيندو هو، اصلي مالڪ جي پيٽ ۾ تمام گهٽ پگهار مِلڻ جي سبب هو ٻين آفيسرن جو سيوڪ (نوڪر) آهي مطلب تہ اصلي مالڪ جي نوڪري (اُپاسنا) ڇڏي اُن مالڪ جي ملازمن جي نوڪري (آن اُپاسنا) ڪرڻ وارو اِنسان تمام گهڻو ڏُکي ٿي ويندو آهي. براءِ مهرباني اهڙي طرح تتوگيان جي آڌار سان پويتر شريمد ڀڳوت گيتا جي گيان ڪي سمجهو.

پُورڻ برهم ڪُل مالڪ جِي پُوجا ڇڏي ٻين ديوتائين جي پُوجا ڪرڻ سان ساڌڪ ڪي پُورو لاڀ حاصل نٿو ٿئي ۽ ساڌڪ پنهنجي ڀڳتي ساڌنا ڪندي ڪندي بہ تمام گهٽيون تڪليفون ڀوڳيندو رهندو آهي. اِنهي ڪري پويتر گيتا ادياءِ 7 شلوڪ 12 ڪان 15 تائين ۽ شلوڪ 20 ڪان 23 تائين ٽنهي گڻن مطلب ٽنهي ديوتائن (رجگُڻ برهما، ستگڻ وشڻو ۽ تمگڻ شنڪر) جي پُوجا ڪرڻ وارن ڪي راڪشس سڀاوَ ڪي ڌارڻ (شيطاني فطرت اختيار) ڪيل، ماڻهن ۾ نيچ دُشٽ ڪرم ڪرڻ وارا مُورک چيو آهي چوتہ هو منهنجي (بِرهم - شرپُرش) مطلب فيڪٽري مالڪ جي پُوجا بہ نٿا ڪن. جيڪي ٽنهي ديوتائن ۽ ٻين ديوتائن جِي پُوجا ڪندا آهن(ڪيشر جي نوڪري ڪندا آهن) انهن ڪي مُورک ۽ راڪشس سڀاوَ وارا مُورک چيو آهي. جيئن جنهن اِنسان جي پگهار گهٽ هئڻ ڪري گهر جِي پُورائي نہ ٿئي تہ هو ڪجھ هيرا ڦيري ضرور ڪندو آهي، ڪڏهن چورِي مِلاوٽ ٺڳي ڪُوڙ ڪپٽ وغيره جهڙو رستو اختيار ڪندو آهي، جنهنڪري سماج جي نظرن ۾ ڪري وڃي ٿو ۽ غريب ٿي وڃي ٿو. اهڙي طرح ٽنهي ديوتائن (شري بِرهما، شري وشڻو ۽ شري شِو جي) ۽ ٻين ديوتائن جي پُوجا مان پُورو لاڀ پراپت نٿو ٿئي، جنهنڪري ساڌڪ ڪوڙ ڪپٽ ۽ ٻيا برا ڪم بہ ڪندو رهندو آهي. پوءِ ڪرمن جو ڏنڊ ڀوڳڻوئي پوندو آهي، اِنهي ڪري

بِرهم يعني شرپُرش (شفٽ آفيسر) ڇئي رهيو آهي تہ هي نادان ساڌڪ منهنجي بہ پُوڄا (نوڪري) نٿا ڪن مان اِنهن (بِرهما، وشٽوءِ شِو) ڪان وڌيڪ پگھار (ڪيل ڪرمن جو ڦل) ڏيئي سگهان ٿو. جنهن جو لاپ بہ اِنهن (بِرهما، وشٽو ۽ شِو) جي لاپ ڪان وڌيڪ هوندو آهي وري گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ منهنجي پُوڄا بہ پُوري فائديمند نہ آهي، اِنهي ڪري پنهنجي پُوڄا کي بہ گيتا ٻُڌائڻ واري بِرهم (شرپُرش) انوتمام (اتي گهٽيا) يعني اِنتهائي گهٽ درجي جي چيو آهي. اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ ۽ گيتا اِڌياءِ 18 شلوڪ 62 چيو آهي تہ تون انهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ جنهن جي ڪِرپا سان تون پرم شانتي حاصل ڪندي ۽ ست لوڪ (شاشوت اِستانم) کي پراپت ڪندين، اُتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ جو ٻيهر (پُنر) جنم نٿو ٿئي مطلب تہ انادي موڪش پراپت ٿي وڃي ٿو ۽ گيتا گيان ڏيڻ وارو پرڀُو چئي رهيو آهي تہ مان بہ انهي آدي پُرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان گيتا اِڌياءِ 7 شلوڪ 12 ڪان 18،15 ۽20 ڪان 23 کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل گيان ڏيان سان پڙهو.

## "ٽيئي گڻ ڇا آهن؟ ثبوتن سان"

"ٽيئي گُڻ رجگُڻ بِرهما، ستگڻ وشنو ۽ تمگڻ شنڪر جي آهن. بِرهم (ڪال) ۽ دُرگا (پرڪِرتِي) مان اِنهن جي پيدائش ٿي آهي ۽ ٽيئي فاني آهن"

ثبوت 1 :- گيتا پريس گورک پُور ڪان ڇپيل شِومهاپُراڻ جنهن جو ليکک آهي، شرِي هنُومان پرساد پُودار صفحي نمبر- 110 اِڌياءِ- 9، رُدر سهينتا، "اِهڙي طرح بِرهما وِشنو ۽ شو جِي ٽِنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن. پر شِو (بِرهم ڪال) کي گُڻاتيت چيو ويو آهي."

ثبوت 2 :- گيتا پريس گُورک پُور ڪان ڇپيل شريمد ديوي ڀاڳوت پُراڻ جنهن جو ليکک آهي، شرِي هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي. ٽيون اِسڪند اڌياءِ 5 صفحو نمبر 123 :- ڀڳوان وشٽوجِي، دُرگا جي استُوتِي ڪندي چيو تہ مان (وشنو) بِرهما ۽ شنڪر توهان جِي ڪِرپا سان قائم (وِدمان) آهيون اسانجو تہ جنم (آويرڀاوَ) ۽ موت (تِرو ڀاوَ) ٿيندو آهي اسان لافاني نہ آهيون. توهان ئي نِتيہ (اوِيناشِي) آهيو جگت جنني آهيو، پرڪِرتي ۽ سناتني ديوي آهيو. ڀڳوان شنڪر چيو : جيڪڏهن ڀڳوان بِرهما ۽ ڀڳوان وِشٽو توهان مان ئي پيدا ٿيا آهن تہ اُن ڪانپوءِ پيدا ٿيڻ وارو مان تموگڻي ليلا ڪرڻ وارو شنڪر ڇا توهانجي سنتان (اولاد) ڪونہ ٿيس. مطلب تہ مونکي بہ پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين. هِن سنسار (سِرشٽِي) جي رچنا

استيتي ۽ سنهار (پيدائش، پالڻ پوسڻ ۽ موت) ۾ تنهنجا گُڻ سدا موجود رهندا آهن. اِنهن ئي ٽِنهي گُڻن مان اُتپن (پيدا ٿيل) اسان ٽيئي برهما، وشٽو ۽ شِو ذميواري تحت ڪم ڪار ڪرڻ ۾ تيار رهندا آهيون.

متي لکيل بيان صرف هندي ۾ ترجمو ٿيل شرِي ديوي مهاپُراڻ مان آهي، جنهن ۾ ڪجھ تٿين/ڳالهين کي لِڪايو ويو آهي. اِنهي ڪري اُهوئي ثبوت ڏِسو شريمد ديوي ڀاڳوت مهاپُراڻ سياشٽيڪم سهماتيم، کيمراج شرِي ڪِرشن داس پرڪاشن مُمبئي، جنهن ۾ سنسڪِرت سان گڏ هندي ترجمو بہ ڪيل آهي. ٽيون اِسڪند، اڌياءِ 4 صفحو نمبر 10 شلوڪ 42 ۾ :-

**بِرهما- اِهم مهيشوره فلتي پرڀاوا تسروي ويم جني يوتا نہ يدا تُو نِتيہ ڪي انيئي سُراه شتمڪ پرمُوڪا چہ نِتيہ نِيتہ تميوَ جنِني پرڪرتيھ پُرانہ 42**

**سنڌي ترجمو:** (وشنوجي چيو) اي ماتا ! بِرهما مان ۽ شِو توهانجي ئي اثرسان جنموان آهيون، نتيہ نہ آهيون مطلب اسان لافاني نہ آهيون، تہ ٻوءِ اِندر وغيره ٻيا ديوتا ڪهڙي طرح نِتيہ (هميشہ رهڻ وارا) ٿي سگهن ٿا؟ تون ئي اويناشي آهين. سڀني جي جنني ۽ اُتپن (پيدا) ڪرڻ واري ماتا آهين. پرڪِرتي ۽ سناتنِي ديوي آهين. 42

صفحو نمبر 12-11 اڌياءِ 5، شلوڪ 8 ۾:- **يدي دَيا درمنا، سنداسامبيڪي ڪٿم وهيتا چہ تموگُڻ ڪمل جيشچ رجوگُڻ سمڀوا سُويهيتہ ڪِمو ستوَ گٽو هرِي. (8)**

**ترجمو:-** ڀڳوان شنڪر چيو :- اي ماتا! جيڪڏهن توهان اسان تي مهربان آهين تہ ٻوءِ مونکي تموگُڻ ڇو بڻايو؟ ڪمل مان پيدا بِرهما کي رجوگُڻ ڇو بڻايو؟ وشنو کي ستوگُڻ ڇو بڻايو. مطلب مونکي جيوَن (جاندارن) جي جنم مرتيو رُوپي دُش ڪرم (پاپ) ۾ ڇو لڳايو؟

شلوڪ 12:- **رميسي سوپتيم پُرشُوم سدا توَ گتيم نہ هي وِيهي ويدوم شِوي.(12)**

**سنڌي سمجهاڻي** :- پنهنجي پتِي پُرش/مُڙس مطلب ڪال ڀڳوان سان سدائين ڀوڳ ولاس ڪندي رهندي آهين. توهان جي گتِي (حرڪت) ڪير بہ نٿو ڄاڻي.

ٿيون اِسڪند پيج نمبر 14، اڌياءِ 5 شلوڪ 43:- **ايڪ ميوا دُوتيم يت بِرهم ويدا وندتي وي. ساڪمي توَم وا اپئسو وا ڪمي سنديهم ونيوَرتئي. (43)**

**ترجمو :-** جيڪو ويدن ۾ واحد فقط صرف هڪ پُورڻ بِرهم چيو آهي ڇا اُهو توهان ئي آهيو يا ڪو ٻيو آهي؟ منهنجي هِن شڪ (شنڪا) جو حل ڪريو. بِرهما جِي پرارٿنا تي ديوي چيو-

ديوي اواچ:- **سديڪتوَم نا بيدوئسِتي سروَ ديوَ مماسئي چہ. يوئسو سداهم يوئسو ڀيدوئسِتي متيوڀيرماتم. 2 آويورنترم سُڪشمم يو ويد متيمانهي سا. ويمُڪتي سہ تو سنسارانموچيتي ناتر سنشيہ3.**

**ترجمو:-** ديوي چيو! هي آهي سو مان ئي آهيان، جو مان آهيان سو هي آهي، متي (سوچ) جي ڀرم هٺ ڪري فرق نظر اچي ٿو. 2. اسان ٻنهي جو سُوڪشم انتر( معمولي فرق) آهي اُنکي جيڪو ڄاڻي ٿو اُهوئي متيمان مطلب تہ تتوَدرشِي آهي، اُهو سنسار مان پار ٿي مُڪت ٿئي ٿو، هِن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.3

**سُمرٽادرشنم توڀيم داسئياهم وِشمي سيٿتي، سوَر تويا اهم سدا ديوا پرماتما سناتن. 80 اپيو سُمرٽاديوَ ڪاريہ سدير سنشيم، برهمو واچ- اِتيُڪتوا وِسسرجاسماند توا شڪتِي سنسڪرتان81 وشٽوي است مها لڪشمي مهاڪاليم شيواءِ چہ. مهاسروتي همام سٽاناتسماديسرجيتا82**

**ترجمو:-** مُصيبت اچڻ تي سِمرڻ سان ئي مان توهان کي درشن ڏيندس، ديوتائو! پرماتما سناتن ديوَجي شڪتي جي صورت ۾ منهنجو سدا سِمرڻ ڪجو. 80. ٻنهي جي سِمرڻ سان ضرور ڪم پورا ٿيندا. بِرهماجي چيو اهڙي نموني سنسڪار ڪري شڪتي ڏيئي اسانکي الوداع ڪيو. 81. وِشنو جي حوالي مهالڪشمي، شِو جي حوالي مهاڪالي ۽ مونکي مهاسروتي ڏيئي الوداع ڪيو. 82.

**مم چيوَ شريرم وي سُترمِتياپديئتي. سٿولم شريرم وڪشيامِي برهمڻ پرماتمنہ83**

**ترجمو:-** منهنجو شرير سُتر رُوپ سڏيو وڃي ٿو، پرماتما بِرهم جو سٿول شرير سڏجي ٿو 83.

## "مٿي لکيل پُراڻن جي واقعات جو سار "

واضح ٿيو تہ شري برهماجي رجگڻ آهي، شري وشنوجي ستگڻ آهي ۽ شري شوَجي تمگڻ آهي. ٽيئي ڀڳوان فاني آهن ۽ اُنهن جو جنم، موت ٿئي ٿو. دُرگا کي پرڪرتي بہ سڏيو وڃي ٿو. دُرگا جو پتي (مُڙس) بِرهم (شرپُرش/ ڪال) آهي. هِي (دُرگا پرڪِرتي) برهم سان پتي پتني (زال مُڙس) وهنوار ڪري ٿي. دُرگا ۽ بِرهم ٻئي ستول شرير (جسماني شڪل) ۾ آهن.

اِهو ئي ثبوت گيتا اِدياءِ 14 شلوڪ 3 کان 5 ۾ آهي. گيتا گيان ٻُڌائڻ وارو بِرهم (شرپُرش/ ڪال) چئي رهيو آهي تہ پرڪرتِي (دُرگا) تہ منهنجي پتنِي (زال) آهي. مان اُن جي يوني (ٻچيداني) ۾ ٻج قائم ڪريان ٿو، جنهن سان سڀني پراڻين (جاندارن) جي پيدائش ٿئي ٿي. مان سڀني ( 21 بِرهماندن جي پراڻين) جو پتا آهيان ۽ پرڪِرتي (دُرگا/ اَشٽنگي) سڀني جي ماتا آهي. اِنهي دُرگا (پرڪِرتِي/ اشٽنگي) مان پيدا ٿيل ٽيئي گُڻ (رجگُڻ بِرهما ستگُڻ وشنو ۽ تمگُڻ شنڪر) ٻين پراڻين کي ڪرمن جي جال ۾ ڦاسائين ٿا.

## "ترِگُڻ مايا (رجگُڻ برهماجي، ستگُڻ وِشنوجي ۽ تمگڻ شِوجي) جيوَ کي مُڪت ٿيڻ نٿا ڏين "

پويتر گيتاجي اِدياءِ 7 شلوڪ 1 ۽ 2 ۾ بِرهم چئي رهيو آهي تہ اي ارجُن! هاڻي توکي اُهو گيان ٻُڌائيندس جنهن کي ڄاڻڻ کانپوءِ ٻيو ڪجھ ڄاڻڻ باقي نہ رهجي ويندو.

گيتا اِدياءِ 7 شلوڪ 12:- گيتا گيان داتا بِرهم(شرپُرش/ڪال) چئي رهيو آهي تہ ٽنهي گُڻن سان جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي اُهو مون کان ئي ٿيل سمجھ جيئن رجگُڻ/بِرهما سان اُتپتي (پيدائش) ستگُڻ/وشنو سان پالڻ پوشڻ ۽ تمگُڻ/شِو سان پرلئہ/خاتمو جو سبب ڪال ڀڳوان ئي آهي. وري چئي رهيو آهي تہ مان اُنهن ۾ نہ آهيان. ڇاڪاڻ تہ ڪال تمام پري ( 21 هين بِرهمانڊ ۾ پنهنجي نِج لوڪ ۾) رهندو آهي. پر من رُوپ ۾ موج ڪال ئي ملهائي ٿو ۽ رموٽ سان سموري مخلوق ۽ شري بِرهماجي، شري وِشنوجي ۽ شري شِوجي کي مشين وانگر هلائي ٿو. گيتا ٻُڌائڻ وارو بِرهم چئي رهيو آهي تہ منهنجي 21 بِرهماندن جي ساهوارن لاءِ منهنجي پُوجا سان ئي شاسترن مطابق ساڌنا شروع ٿئي ٿي جيڪا ويدن ۾ لکيل آهي. منهنجي ماتحت جيترا جاندار آهن اُنهن جي ٻُڌي منهنجي هٿ ۾ آهي. مان صرف ايڪيھ بِرهماندن

جو مالڪ (راجا) آهيان. اِنهي ڪري گيتا ادياءِ 7 شلوڪ 12 ڪان 15 تائين) جيڪو ٽ ٽنهي گڻن سان (رجگڻ برهما سان جاندارن جي پيدائش، ستگڻ وِشنو سان پالڻ پوشڻ ۽ تمگڻ شِو سان جاندارن جو پرلئہ/خاتمو يا سِنهار/موت وغيره جيڪو ڪجھ ٻ ٿي رهيو آهي. اُن جو خاص سبب مان (برهم ڪال) ئي آهيان. (ڇا ڪاڻ تہ ڪال کي هڪ لک اِنساني شرير ڏاري پراڻين کي ماري، انهن مان ميل کي کائڻ جو شراپ لڳل آهي) جيڪو ساڌڪ مون برهم جي ساڌنا نہ ڪري ترگڻ مئي مايا (رجگڻ برهماجي، ستگڻ وِشنوجي ۽ تمگڻ شوجي) جي ساڌنا ڪري معمولي لاڀ پراپت ڪندا آهن. جنهن سان وڌيڪ ڏک ڀوڳيندا رهندا آهن. گڏوگڏ اِشارو ڏنو آهي تہ ان کان وڌيڪ لاڀ مان (برهم/ڪال) ڏيئي سگهان ٿو. پر هي مُورک ساڌڪ تتوگيان جي ڪمي سان اُنهن ٽنهي گڻن (رجگڻ برهماجي، ستگڻ وِشنوجي ۽ تمگڻ شِوجي) تائين جي ئي ساڌنا ڪندا رهندا آهن. اِنهن جي ٻُڌي/عقل اِنهن ٽنهي ڀڳوانن تائين محدود آهي. اِنهي ڪري اهي راڪشِس سڀاوَ (شيطاني فطرت) ڌارڻ ڪيل ماڻهن ۾ نيچ، شاسترن جي خلاف ساڌنا رُوپي بدعمال ڪرڻ وارا، مُورک مون (برهم جي) نٿا پُوڄا ڪن. اُهوئي ثبوت گيتا ادياءِ 16 شلوڪ 4 ڪان 20،23،24 تائين، اِدياءِ 17 شلوڪ 2 ڪان 14 ۽ 19،20 ۾ پڻ آهي.

**ويچار ڪريو:-** راوڻ ڀڳوان شِوجي کي مرتيونجيہ (موت کي جيتڻ وارو) اجر امر ۽ سرويشور(ڪُل مالڪ) مڃي سندس ڀڳتي ڪئي، ڏھ دفعا سِر ڪٽي قُربان ڪيا جنهن جي بدلي لڙائي جي وقت راوڻ کي ڏھ سِر پراپت ٿيا، پر مُڪتي نہ ملي، راڪشِس سڏيو ويو. اِهو ڏوھ راوڻ جي گرو ديوَ جو هو جنهن نيم حڪيم (نادان) ويدن کي صحيح نموني نہ سمجهي، پنهنجي سوچ سان تموگڻ سان ڀريل ڀڳوان شِو کي ئي پُورڻ پرماتما ٻُڌايو ۽ پوري آتما راوڻ ڪُوڙي گروديوَ تي اعتبار ڪري پنهنجي جيوَن ۽ ڪُل کي ناس ڪيو.

1. هڪ ڀسماڳري نالي ساڌڪ هو، جنهن شِوجي (تموگڻ) کي ئي اِشٽ سمجهي شيرش آسن (مٿي پير هيٺ مٿو) ڪري 12 سالن تائين تپ ڪيو، ڀڳوان شِوجي کي وچن بڌ(قسم ڏيئي) ڪري ڀسم ڪڙو وٺي ڇڏيو ۽ ڀڳوان شِوجي کي ئي مارڻ لڳو. هُن جو مقصد اِهو هو تہ ڀسم ڪڙو حاصل ڪري ڀڳوان شِوجي کي ماري پاروتي جي کي پتني (زال) بڻائيندس ڀڳوان شِري شِوجي ڊپ جي ڪري ڀڄي ويا، پوءِ شِري وِشنوجي اُن ڀسماسُر کي گنڌيٿ ناچ نچائي انهي ڀسم ڪڙي سان رک ڪري

چڏيو. اُهو شوجي (تموگُڻ) جو ساڌڪ راڪشس سڏيو ويو. هرڻياڪشپ ڀڳوان برهماجي (رجوگُڻ) جي ساڌنا ڪئي ۽ راڪشس سڏايو.

2. هڪ دفعي يعني اڄ (سن 2006ع) کان اٽڪل 335 سال اڳ هري دُئار ۾ هرجي پيڙين تي (شاسترن جي خلاف ساڌنا ڪرڻ وارن جو) ڪُنڀ تهوار جو ميلو لڳو. اُتي سيئي (ترگُڻ ساڌڪ) مهاتما جن سنان ڪرڻ لاءِ پُهتا. گري، پُري، ناٿ، ناگا، اوگهڙ وغيره سيئي ڀڳوان شري شوجي (تموگُڻ) ۽ ڀڳوان شري وشنوجي (ستوگُڻ) جا ڀڳت آهن. پهرين سنان ڪرڻ جي سبب ناگا ۽ وشنو ساڌوئن جي پاڻ ۾ تمام ڀاري جنگ ٿي ويئي. لڳ ڀڳ 25 هزار ترگُڻ اُپاسڪ مري ويا. جيڪو انسان معمولي ڳالهه تي قتل عام ڪري ٿا ڇڏين، اُهي ساڌو آهن يا راڪشس. خود سوچيو. عام انسان به ڪٿي سنان ڪري رهيا هُجن ۽ ڪو ٻيو انسان اچي چوي ته مونکي به سنان ڪرڻ لاءِ جاءِ ڏيو. ته ڀائيچاري جي ناتي چوندا آهن ته اچو توهان به سنان ڪري وٺو. هيڏانهن هوڏانهن ٿي آيل کي جاءِ ڏيئي ڇڏيندا آهن. انهي ڪري پويتر گيتاجي اڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۾ چيو آهي. ته جنهن جو منهنجي ترگُڻ مئي مايا(رجگُڻ برهماجي ستگُڻ وشنوجي ۽ تمگُڻ شوَجي) جي پُوجا جي ذريعي گيان ختم ٿي چُڪو آهي. اُهي صرف عزت جا بُکيا راڪشس سڀاوَ کي ڌارڻ ڪيل، ماڻهن ۾ نيچ يعني عام انسانن کان به ڪريل لڇڻن وارا بد ڪرم ڪرڻ وارا مُورک منهنجي ڀڳتي به نٿا ڪن. گيتاجي اڌياءِ 7 شلوڪ 16 کان 18 ۾ پويتر گيتاجي ٻُڌائڻ وارو برهم چئي رهيو آهي ته منهنجي ڀڳتي به چار قسم جا ماڻهو ڪن ٿا. هڪ ته ارٿارٿي (دولت چاهڻ وارا) جيڪي ويد منترن سان ئي جنترمنتر، هوَن وغيره ڪندا آهن. ٻيا آرٿ (تڪليفون دور ڪرائڻ لاءِ ويدن جي منترن سان ئي جنتر-منتر هوَن وغيره ڪندا آهن. ٽيا جگياسُو (پرماتما جي گيان کي ڄاڻڻ جي خواهش رکڻ وارا) جيڪي صرف گيان ياد ڪري وڪيل بڻجي وڃن ٿا ۽ ٻين کان وڌيڪ سٺو گيان هُجڻ جي بُنياد تي اُتم بڻجي دانا ٿي ايمان جي وس ڀڳتي کان پري ٿي ويندا آهن. چوٿون گياني . اُهي ساڌڪ آهن جن کي اِهو گيان ٿي ويو آهي ته انساني شرير بار بار نه ملندو، انهي ۾ ڀڳوان جي ڀڳتي نه ٿي ته زندگي بيڪار بڻجي ويندي. پوءِ ويدن کي پڙهيو جنهن سان گيان ٿيو ته برهما وشڻو شنڪر ٽنهي گُڻن ۽ برهم (شرپُرش) ۽ پربرهم (اڪشرپُرش) کان مٿي پُورڻ پرماتما پُورڻ برهم (پرم اڪشرپُرش) جي ئي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي. ٻين ديوتائن جي نه اُنهن گياني سٺين آتمائن کي مان سٺو لڳان ٿو ۽ مونکي اُهي اِنهي

ڪري سُٺا لڳن ٿا تہ هو ٿنهي گُڻن (رجگڻ برهماجي ستگُڻ وِشنوجي ۽ تمگُڻ شِوجي) ڪان مٿي وڌي منهنجي (بِرهم) ساڌنا ڪرڻ لڳا جيڪا ٻين ديوتائن ڪان سُٺا آهن. پر ويدن ۾ **اوم** نام جيڪو صرف بِرهم جي ساڌنا جو منتر آهي. اُنهي ڪي ويد پڙهڻ وارن عالمن پنهنجو پاڻ ويچار ڪري پُورڻ بِرهم جو منتر سمجهي سالن تائين ساڌنا ڪندا رهيا. پريُو پراپتي نہ ٿي سگهي. ٻيون سِديون حاصل ٿي ويون. چاڪاڻ تہ پويتر گيتاجِي جي اِدياءِ 4 شلوڪ 34 ۽ پويتر يُجرويد ادياءِ 40 منتر 10 ۾ بيان ڪيل تتودرشِي سنت نہ مليو، جيڪو پُورڻ بِرهم جي ساڌنا ٽِن منترن جي ٻُڌائي ٿو. اِنهي ڪري گياني بہ بِرهم ڪال جي ساڌنا ڪري جنم ۽ مرڻ جي چڪر ۾ ئي رهجي ويا.

هڪ گياني اُدار آتما مهرشِي چُڻڪ ويدن کي پڙهيو ۽ هڪ پُورڻ پريُو جي ڀڳتي جو منتر **اوم** سمجهي اِنهي منتر جي جاپ سان سالن تائين ساڌنا ڪئي. هڪ مان ڌاتا چڪرورتي راجا هو (چڪرورتي راجا اُن کي چون ٿا جنهن جي حڪومت پُوري دُنيا تي هُجي) هُن پنهنجي ماتحت بادشاهن کي جنگ ڪرڻ لاءِ للڪاريو. هڪ گهوڙي جي ڳلي ۾ خط ٻڌِي سمُوري بادشاهي ۾ گهمايو. هُن خط ۾ اِها شرط لکيل هئي تہ جنهن کي بہ راجا مانڌاتا جي غلامي قبول نہ هُجي هُن کي لڙائي ڪرڻِي پوندِي. اُهو هِن گهوڙي کي جهلي ٻڌِي ڇڏي. ڪنهن بہ گهوڙو نہ جهليو. مهرشي چُڻڪ کي اِنهي ڳالهہ جي خبر پئي تہ راجا تمام گهڻو ايمان مطلب مغرور ٿي ويو آهي چيائين تہ مان هِن راجا جي جنگ کي قبول ڪريان ٿو. جنگ شروع ٿي ويئي. مانڌاتا راجا وٽ 72 ڪِروڙ فوج هئي اُن جا چار حصا ڪري هڪ حصي (18 ڪِروڙ) فوج سان مهرِشي چُڻڪ تي حملو ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف مهرشِي چُڻڪ جي پنهنجي ساڌنا جي ڪمائي سان چار پُتليون (ايٽم بم) ٺاهيون ۽ راجا جي چار ئي حصا فوج کي تباهہ ڪري ڇڏيائين.

**خاص**طور:- شرِي بِرهماجِي، شرِي وِشنوجِي ۽ شري شِوَجي، بِرهم/ڪال ۽ پربِرهم جي ڀڳتي سان پاپ ۽ پُڄ (گناهہ وَ پاپ) ٻنهي جو ئي ڦل ڀوڳڻو پوي ٿو. سُٺا ڪرم (پڄ) سرگ ۾ ۽ بُرا ڪرم (پاپ) نرڪ ۽ 84 لک جوڻين (جاندارن) جي شرير ۾ مختلف قِسمن جون سزائون ڀوڳڻيون پون ٿيون. جهڙي طرح گياني آتما شرِي چُڻڪ جي **اوم** نام جي جاپ جي ڪمائي ڪئي، اُن مان ڪجهہ تہ سدِي شڪتِي (چار پُتليون ٺاهي) سان ختم ڪري ڇڏيائين. جنهن سان مهرِشي سڏايو. ڪجهہ ساڌنا جي ڦل کي

مها سرڳ ۾ پهچي وري نرڪ ۾ ويندو ۽ پوءِ 84 لک پراڻين جو شرير ڌارڻ ڪري دک
مٿان دک ڀوڳيندو. جن 72 ڪروڙ پراڻين (فوجين) جو قتل عام وچن سان ڪيو هو،
اُن جو ڀوڳ بہ ڀوڳڻو پوندو. چاهي ڪو هٿيارن سان قتل ڪري ، چاهي وچن رُوپي
تلوار سان، ٻنهي ڪي برابر جي سزا (ڏنڊ) پريُو ڏيئي ٿو. جڏهن هُن مهرشي چُٽڪ جي
جو جيوَ (آتما) ڪُتي جي شرير ۾ هوندي تہ هُن جي مٿي ۾ زخم ٿيندو، ان ۾ ڪيڙا
ٻڃي اُنهن فوجين جا جيوَ/روح پنهنجو بدلو وٺندا. ڪڏهن ٽنگ ٽُٽنڊي تہ ڪڏهن
پُٺين پيرن ۾ اڌرنگ ٿي صرف اڳين پيرن تي گهسجي هلندو، گرمي ۽ سردي جي
تڪليف برداشت ڪان بہ تڪليف هر طرح سان ڀوڳڻي ئي پوندي.

7 اِنهي ڪري پويتر گيتاجِي ٻُڌائڻ وارو برهم/ڪال گيتاجِي جي اڌياءِ
شلوڪ 18 ۾ خود چئي رهيو آهي تہ هِي سڀ گياني آتمائون آهن تہ نيڪ، پر پُورڻ
پرماتما جي ٽِن منترن جي اصل ڀڳتي ساڌنا ٻُڌائڻ وارو تتودرشِي سنت نہ مِلڻ جي
ڪري هي سڀ منهنجي ئي انُوتمام (تمام نيچ) مُڪتي جي آس ۾ رهيا مطلب
منهنجي ساڌنا بہ گهٽ درجي جي آهي اِنهي ڪري پويتر گيتا اڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾
چيو آهي تہ اي ارجن! تون هر طرح سان انهي پُورڻ پرماتما جِي شرڻ ۾ وڃ جنهن جِي
ڪِرپا سان ئي تون پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام (ست لوڪ) کي پراپت ڪندين. پويتر
گيتاجي جوگيان شرِي ڪرشن جي جسم ۾ ڀوت وانگر داخل ٿي ڪري برهم/ڪال
ٻُڌائي ويو. پوءِ ڪيترن ئي سالن بعد پويتر گيتاجي ۽ پويتر چار ئي ويدن کي
مهرِشي ويد وياس جي جي جسم ۾ ڀوت وانگر داخل ڪري برهم/ شرپُرش لِکائي بہ
خود ڪئي آهي. اُن ۾ پرماتما کهڙو آهي؟ ڪيئن اُن جي ڀڳتي ڪرڻي آهي؟ ۽
کهڙو لاڀ ٿئي ٿو. گيان تہ مڪمل ئي لکيل آهي پر پُوجا جو طريقيڪار صرف
برهم (شرپُرش) جيوتي نِرنجن ڪال تائين جو ئي آهي.

پُورڻ برهم جي ڀڳتي جي لاءِ پويتر گيتاجِي اڌياءِ- 4، شلوڪ - 34 ۾ پويتر
گيتاجي ٻُڌائڻ وارو برهم خود چئي رهيو آهي. تہ پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي ۽ پراپتي
جي لاءِ ڪنهن تتوَگياني سنت جِي تلاش ڪر، پوءِ جيئن هو طريقو ٻُڌائي تيئن ڪر.
پويتر گيتاجِي ٻُڌائڻ وارو پريُو چئي رهيو آهي تہ پُورڻ پرماتما جو مڪمل گيان ڀڳتي
جو طريقو مان نٿو ڄاڻان. پنهنجي ساڌنا جي باري ۾ گيتاجِي اڌياءِ 8، شلوڪ 13 ۾
چيو آهي تہ منهنجي ڀڳتي جو تہ صرف هڪ **اوم** اکر آهي، جنهن جو اُچارڻ ڪري
آخري دم تائين جاپ ڪرڻ سان مون واري پرم گتِي کي پراپت ڪندين. وري

گيتاجي اِڌياءِ 7، شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ جِن پريُو چاهڻ وارين آتمائڻ ڪي تتودرشِي سنت نہ مليو جيڪو پُورڻ برهم جي ساڌنا ڄاڻندو هُجي، اِنهي ڪري اُهي اُدار آتمائون مون واري انوتمام (تمام نيچ) گتي ۾ ئي آهن. (پويتر گيتاجي ٻُڌائڻ وارو پريُو خود چئي رهيو آهي تہ منهنجي ساڌنا سان مِلڻ واري گتي مطلب مُڪتي بہ تمام گهٽ درجي جي آهي.

## "ٽين ديوتائن (رجگُڻ برهما، ستگُڻ وِشنو ۽ تمگُڻ شِوجي) جي پُوڄا اَڻ ڄاڻ ئي ڪندا آهن"

گيتاجي اِڌياءِ 7 جي شلوڪ 20 ۾ چيو آهي تہ جنهن جو تعلق اڌياءِ 7 جي شلوڪ 15 سان لڳاتار آهي. شلوڪ 15 ۾ چيو آهي تہ ترگُڻ مئي مايا (جيڪو رجگُڻ برهماجي، ستگُڻ وِشنوجي ۽ تمگُڻ شِوجي جي پُوڄا تائين محدود آهي ۽ هُن سان مِلندڙ معمولي سُک) جي ذريعي جِن جو گيان لُٽجي چُڪو آهي اهڙا راڪشس گُڻن ڪي ڌارڻ ڪندڙ ماڻهو بُرا ڪرم ڪندڙ مُورک مونکي بہ نٿا پوڄين. اڌياءِ 7 شلوڪ 20 ۾ چيو آهي تہ اُنهن ڀوڳن جي ڪامنا جي ڪري، جِن جو گيان ناس ٿي چُڪو آهي اُهي پنهنجي فطرت جي وس متاثر ٿي اگيان انڌڪار( جهالت جي اونداهہ) واري نيم جي آسري ٻين ديوتائن ڪي پوڄيندا آهن. اِڌياءِ 7 شلوڪ 21 ۾ چيو آهي تہ جيڪو ڀڳت جنهن جنهن ديوتا جي سروپ (مُورتي) ڪي شرڌا سان پُوڄڻ چاهي ٿو، انهي ڀڳت جي شرڌا ڪي مان اُنهي ديوتا جي طرف قائم ڪندو آهيان.

اڌياءِ 7 شلوڪ 22 ۾ چيو آهي تہ جيڪو ڀڳت پُوري شرڌا سان جنهن ديوتا جي پُوڄا ڪندو آهي، چاڪاڻ تہ انهي ديوتا ڪان منهنجي ذريعي ئي عطا ڪيل ڪجهہ منوڪامنائون پراپت ڪندو آهي. مثالطور وزيراعلىٰ چوي تہ هيٺيان وزير سڀ منهنجا ئي نوڪر آهن. مون اُنهن ڪي ڪجهہ اختيار ڏيئي رکيا آهن جيڪي اُنهن (نوڪرن) جي ئي سهاري آهن اُهو لاڀ بہ منهنجي ذريعي ئي ڏِنو ويندو آهي، پر پُورو لاڀ ناهي. اڌياءِ 7 جي شلوڪ 23 ۾ چيو آهي تہ اُنهن گهٽ عقل وارن جو اُهو ڦل فاني هوندو آهي. ديوتائن ڪي پُوڄڻ وارا ديوتائن جي لوڪ ڪي پراپت ڪندا آهن.(مديڳت) عقيدتمند جيڪي ويدن ۾ ٻُڌايل ڀڳتي مارگ مطابق ڀڳتي ڪندڙ ڀڳت بہ مونکي ئي پراپت ڪندا آهن. مطلب تہ ڪال جي ڄار ڪان ٻاهر نہ آهن.

خاص طور:- اڌياءِ 7، شلوڪ 20 کان 23 ۾ چيو آهي تہ هو جيڪا بہ ساڌنا ڪنهن بہ پـتر، ڀُوت، ديوتا، وغيره جِي پُوجا فطرت وس ڪندا آهن. مان (ڪال/ برهم) ئي اُن گهٽ عقل ماڻهن ڀڳتن کي اُنهن ديوتائن جي طرف فِـدا ڪندو آهيان. اُهي نادان (مند ڀڳت) ديوتائن کان جيڪو لاڀ حاصل ڪندا آهن مون (ڪال/ برهم) ئي اُنهن ديوتائن کي ڪجھ شڪتي ڏيئي رکي آهي. اُنهي جي آڌار تي انهي ديوتائن جا پوجاري ديوتائن کي پراپت ٿي ويندا. پر اُنهن بيوقوف ساڌڪن جي اُها پوجا 84 لک جوٽين ۾ جلد وٺي وڃڻ واري آهي ۽ جيڪي مون (ڪال) کي پوڄين ٿا اُهي تپت شلا ڪانپوءِ منهنجي مهاسرڳ (بِرهم لوڪ) ۾ هليا ويندا آهن ۽ اُن ڪانپوءِ جنم مرڻ ۾ ئي رهندا. موڪش پراپت نہ ٿيندو. مقصد آهي تہ ديوي ديوتائن ۽ برهما، وشنو، شِـو ۽ ماتا کان ڀڳوان بِرهم جي ساڌنا وڌيڪ لاڀدائـڪ آهي. ڀلي ئي مهاسرڳ ۾ ويل ساڌڪ جو سرڳ جو عرصو هڪ مهاڪلپ جو بہ ٿي سگهي ٿو، پر مهاسرڳ ۾ نيڪ اعمالن جو ڦل سُک ڀوڳي وري نرڪ ۽ ٻين جاندارن جي جوٽين (جسمن) ۾ ڪشٽ قائم رهندو. پُورڻ موڪش نہ آهي مطلب تہ ڪال جي ڄار کان مُڪتي نہ ٿيندي.


پُورڻ بِرهم ڪبير صاحب (ڪوير ديو)
گيتا اڌيائي 15
شلوڪ 1 کان 4
شلوڪ نمبر 16 کان 17
جي سمجهاڻي
پاڙ
ڪبير اڪشرپُرش اڪ پيڙ هي،
نرنجن وا ڪي ڊار
تينون ديوا ساکا هي
پات رُوپ سنسار
اڪشرپُرش پربرهم
ٿُڙ
ڊار بِرهم
شرپُرش
وشڻو
شِو
برهما
شاستر خلاف ساڌنا مطلب اُبتو پوکيل يگتي رُوپي ٻوٽو


برهما
وشڻو
گيتا اڌيائي 15
شلوڪ 1 کان 4
شلوڪ نمبر 16 کان 17
جي سمجهاڻي
شِو
ڏار ٻِرهم
شر پُرش
ڪبير اڪشر پُرش اڪ پيڙ هي،
نرنجن وا ڪي ڊار
تينون ديوا ساکا هي
پات روپ سنسار
ٿُڙ
اڪشر پُرش پرٻِرهم
ڪبير صاحب پاڙ
شاسترن مطابق ساڌنا
سڌو پوکيل يگتي روپي ٻوٽو

## "ٻيا ثبوت"

پويتر گيتاجي ۽ پويتر ويدن ۾ ٻين ديوتائن جي پُوڄا ۽ پتر پُوڄا (شراڌ ڪيڻ) ڀُوت پُوڄا (هڏيون يا گُل تارڻ، پنڊ ڀرائڻ، مڙهين جي پُوڄا) ڪرڻ جي منع ڪيل آهي.

## "پويتر چئني ويدن مطابق ساڌنا جو نتيجو صرف سرگ-مهاسرڳ پراپتي، مُڪتي نہ"

پويتر گيتاجي ادياءِ 9 شلوڪ 20 ۽ 21 ۾ چيو آهي تہ جيڪي منو ڪامنا (دلي مُرادون) پُوري ڪرڻ لاءِ منهنجي پُوڄا چئني ويدن ۾ ٻُڌايل ساڌنا شاسترن مطابق ڪن ٿا اُهي پنهنجي ڪرمن جي بُنياد تي مهاسرڳ ۾ آنند ماڻي وري جنم مرڻ ۾ اچي ويندا آهن مطلب تہ يگئہ يلي شاسترن ۾ ٻُڌايل طريقي مطابق هُجي تہ بہ اُن جو لاڀ صرف سنسارڪ ڀوڳ سرڳ ۽ وري نرڪ ۽ 84 لک جوڻيون ئي آهن. جيستائين ٽيئي منتر (اوم، تت ۽ ست اِشارن ۾) پُورڻ سنت کان پراپت نٿو ٿئي. گيتاجي ادياءِ 9، شلوڪ 22 ۾ چيو آهي تہ جيڪي نِشڪام ڀاوَ (بِنا لالچ) سان شاسترن ۾ ٻُڌايل طريقي سان منهنجي پُوڄا ڪن ٿا، اُنهن جي پُوڄا ۽ ساڌنا جي حفاظت مان خود ڪريان ٿو، مُڪتي نہ.

## "شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا جي نقصان جو ڪارڻ"

پويتر گيتاجي ادياءِ 9، شلوڪ 23 ۽ 24 ۾ چيو آهي تہ جيڪي اِنسان ٻين ديوتائن کي پُوڄين ٿا اُهي بہ منهنجي (ڪال ڄار ۾ رهڻ واري) پُوڄا ئي ڪري رهيا آهن. پر اُنهن جي اها پُوڄا بنا طريقي جي آهي يعني شاسترن جي خلاف آهي. (مطلب تہ ٻين ديوتائن کي نہ پُوڄجي) ڇاڪاڻ تہ سيني يگن جو ڀوڳتا (ڪائڻ وارو) ۽ سوامي مان ئي آهيان. اُهي يگت مونکي چڱي طرح نٿا ڄاڻن، اِنهي ڪري ئي نُقصان ۾ ويندا آهن. نرڪ ۽ 84 لک جوڻين ۾ تڪليفون ڀوڳين ٿا. جيئن گيتاجي ادياءِ 3، شلوڪ 14-15 ۾ چيو آهي تہ سيني يگن جو پورائو، جنهن کي يگيہ ارپڻ ڪئي ويندي آهي تہ اُهو پرماتما، پُورڻ بِرهم (سروَ گتم بِرهم) آهي. اهوئي ڪرم آڌار

ٻڌائي سيني پراڻين کي ڦل عطا ڪري ٿو. پر پُورڻ سنت نہ مِلڻ تائين سيني يگين جو ڀوڳ (آنند) ڪال (من روپ ۾) ئي ڀوڳي ٿو. اِنهي ڪري چئي رهيو آهي تہ مان ئي سيني يڳئن جو ڀوڳتا ۽ سوامي آهيان.

## ”شراڌ ڪيڻ (پتر پُوڄڻ) وارا پِتر ٿيندا، مُڪتي نہ“

گيتاجِي جي اڌياءِ 9، شلوڪ 25 ۾ چيو آهي تہ ديوتائن کي پُوڄڻ وارا ديوتائن کي پراپت ٿيندا آهن، پِترن کي پُوڄڻ وارا پِترن کي پراپت ٿيندا آهن. ڀُوتن کي پُوڄڻ (پِنب دان ڪرڻ) وارا ڀوتن کي پراپت ٿيندا آهن مطلب تہ ڀُوت ٻڻجي ويندا آهن، شاسترن مطابق (پويتر ويدن ۽ گيتا مطابق) پُوڄا ڪرڻ وارا مونکي ئي پراپت ٿيندا آهن مطلب ڪال طرفان ٻڌايل سرڳ، مهاسرڳ ۾ ڪجھ وڌيڪ عرصو موج ڪري وٺندا آهن.

مثال طور:- جيئن ڪو مختيارڪار وٽ نوڪرِي (سيوا- پُوڄا) ڪري ٿو اُهو مختيارڪار نہ ٿو ٿي سگهي. ها اُن کان حاصل ڪيل ڏن مان گذر سفر هلندو مطلب تہ اُن جي ماتحت رهندو. بلڪل ائين جيڪو جنهن ديوَ (شرِي برهما ديو، شري وِشنو ديو ۽ شرِي شِو ديوَ مطلب تري ديوَ) جي پُوڄا (نوڪرِي) ڪري ٿو تہ اُنهي کان مِلڻ وارو لاڀ ئي پراپت ڪندو آهي. ترِگُڻ مئي مايا مطلب ٽيئي گُڻ (رجگُڻ برهما، ستگڻ وشنو ۽ تمگڻ شِو) جي پُوڄا نہ ڪرڻ جو ذِڪر پويتر گيتاجي اڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۽ 20 کان 23 ۾ بہ آهي. اهڙي طرح ڪو پِترن جي پُوڄا(نوڪري/سيوا) ڪري ٿو تہ پِترن وٽ نئيو پِتر ٻڻجي انهن وٽ ئي تڪليفون ڀوڳيندو. اهڙي طرح ڪو ڀُوتن (پريتن)جِي پُوڄا ڪري ٿو تہ ڀُوت ئي ٿيندو ، چاڪاڻ تہ سڄي زندگي جنهن ۾ اميد رهي آهي آخر ۾ اُنهي ۾ ئي من ڦاٿل رهي ٿو، جنهن سبب اُن وٽ هليو ويندو آهي. ڪجھ چون ٿا تہ پِتر-ڀُوت-ديوَ پُوڄائون بہ ڪندا رهنداسين، توهان کان اُپديش وٺي ساڌنا بہ ڪندا رهنداسين. ائين نہ هلندو. جيڪا ساڌنا پويتر گيتاجِي ۾ ۽ چئني ويدن ۾ منع آهي. اُها ڪرڻ شاسترن جي خلاف آهي. جنهن کي پويتر گيتاجي اڌياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24 ۾ منع ڪئي آهي تہ جيڪو شاسترن جي طريقي کي ڇڏي من مرضي سُلوڪ (پُوڄا) ڪن ٿا اُهي نہ تہ سُک پراپت ڪن ٿا نہ پرم گتي کي ۽ نہ وري ڪو ڪم حل ڪرڻ واري سڌي کي پراپت ڪندا آهن مطلب تہ حياتي ضايع ڪري ويندا

آهن. اِنهي ڪري ارجُن تنهنجي لاءِ فرض (جيڪي ساڌنا جا ڪم ڪرڻ جي لائق آهن) ۽ جيڪي فرض نہ آهن ( جيڪي ساڌنا جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ آهن) جي بندوبست (نيم ۾) ۾ شاستر ئي ضامن آهن، ٻيون پُوجائون فضول آهن.

اِنهي جو ثبوت مارڪنڊي پُراڻ (گيتا پريس گورک پُور کان ڇپيل صفحو نمبر237 تي آهي، جنهن ۾ مارڪنڊي پُراڻ ۽ برهم پُراڻ گڏ ئي جُلد ٿيل آهن) ۾ پڻ آهي تہ هڪ رُچي نالي ساڌڪ برهمچاري رهي ويدن ۾ ٻُڌايل يگتي ساڌنا ڪري رهيو هو. جڏهن هو 40 سالن جو ٿيو تڏهن ان کي پنهنجا چار گزاري ويل عزيز جيڪي شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا ڪري پِتر بڻيل هئا ۽ ڪشٽ ڀوڳي رهيا هئا، ڏِسڻ ۾ آيا. پِترن چيو تہ پُٽ رُچي جلدي شادي ڪري اسانجا شراڌ ڪيو، اسان تہ دُکي ٿي رهيا آهيون. رُچي رِشي چيو پِترو ! ويد ۾ ڪرم ڪانڊ مارگ (شراڌ، پِنڊ، پرائڻ وغيره) کي مُورکن جي ساڌنا چيو آهي. پوءِ توهان مونکي ڇو هِن غلط (شاستر جي طريقيڪار جي ابتڙ) ساڌنا ۾ لڳائي رهيا آهيو. پِترن چيو پُٽ ! اِها ڳالهہ تہ تنهنجي سچ آهي تہ ويدن ۾ پتر پُوجا، ڀُوت پُوجا، ديوي ديوتائن جي پُوجا (ڪرم ڪانڊ) کي اوِديا (غلط) ئي چيو آهي هِن ۾ ذرو بہ ڪُوڙ نہ آهي. مٿي ذڪر ڪيل مارڪنڊي پُراڻ ۾ اِنهي ليک ۾ پِترن چيو تہ پوءِ بہ پتر ڪجهہ تہ لاڀ ڏيندا آهن.

**خاص طور :-** اِهي پنهنجون اٽڪلون پِترن لڳايون آهن، سو اسان کي مڃيون ناهِن، ڇاڪاڻ تہ پُراڻن ۾ فرمان ڪنهن رِشي خاص جو آهي جيڪو پِتر پُوڄڻ، ڀُوت يا ٻين ديوتائن کي پُوڄڻ جو چيو آهي. پر ويدن ۾ پرماڻ نہ هئڻ ڪري پرڀُو جو فرمان ناهي. اِنهي ڪري ڪنهن سنت يا رِشي جي چوڻ تي پرڀُو جي آگيا جي نافرماني ڪرڻ سان سزا جا ڀاڱي ٿينداسين.

هڪ دفعي هڪ شخص جي دوستي هڪ پوليس ٿاڻيدار سان ٿي ويئي اُن شخص پنهنجي دوست ٿاڻيدار کي چيو تہ منهنجو پاڙيسري مونکي تمام گهڻو پريشان ڪري ٿو. ٿاڻيدار (S.H.O) چيو تہ هَڻ لت مان ويٺو آهيان. ٿاڻيدار دوست جِي ڳالهہ مڃي ان شخص پنهنجي پاڙيسري کي مٿي ۾ لت وهائي ڪڍي، مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب پاڙيسري جي موت ٿي ويئي. اُنهي علائقي جو ٿاڻيدار هئڻ ڪري هو ٿاڻي تي پنهنجي دوست کي پڪڙي وٺي آيو ۽ هُن کي قيد ڪري ڇڏيو. اُن قيدي کي ڦاسي جي سزا ملي. ان جو دوست ٿاڻيدار اُن جي ڪابہ مدد نہ ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ تہ راجا جو قانون

آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڪنهن جو خون ڪندو تہ اُن کي سزاءَ موت ڏني ويندي. هن نادان شخص پنهنجي دوست SHO جي چوڻ تي راجا جو قانون ڀنگ ڪري ڇڏيو. جنهن سان پنهنجي زندگي کان هٿ ڌوئي ويٺو. ٺيڪ اِنهي وانگر گيتاجي ۽ پويتر ويد ئي پربُو جو ٺاهيل قانون آهي جنهن ۾ صرف هڪ پُورڻ پرماتما جي پُوجا جو ئي قانون آهي، ٻين ديوتائن- ڀُوتن - پِترن جي پُوجا ڪرڻ منع آهي. پُراڻن ۾ ٺاٺيدارن (رشين) جو فرمان آهي. جنهن جي حڪم جي پالنا ڪرڻ سان پربُو جي قانون ڀنگ ٿيڻ سان ڪشٽ تي ڪشٽ ڀوڳڻو پوندو. انهي لاءِ ٻيون پُوجائون پُورڻ موڪش ۾ رڪاوٽون آهن.

## "سچي ڪهاڻي"

منهنجا پُوجيہ گُرو ديوَ سوامي رامديوانندجِي اٽڪل 16 سالن جي عمر ۾ پُورڻ پرماتما جي حاصلات جي لاءِ اچانڪ گهر ڇڏي هليا ويا. روزانہ پاڻ وارن ڪپڙن کي پنهنجي ٻنين جي ويجهو گهاٽي جهنگ ۾ ڪنهن مُرده جانور جي هڏين وٽ اُڇلائي ويا. شام جو گهر نہ اچڻ سبب گهر وارن جهنگ ۾ ڳولا ڪئي. رات جو وقت هو ڪپڙا سُڃاڻي دُکي من سان جانورن جي هڏين کي ٻار جون هڏيون سمجهي کڻي آيا ۽ اِهو سوچيو تہ ٻار جهنگ ۾ هليو ويو هوندو، ڪنهن خونخار جانور کائي ڇڏيو هوندو. ائين آخري سنسڪار ڪري ڇڏيو. سڀ ڪريائون (رسمون) ڪيون، ورسي وغيره بہ ڪئي ۽ شراڌ بہ ڪيندا رهيا. اٽڪل 104 سال جي عمر ٿيڻ تي سوامي جي اوچتو پنهنجي ڳوٺ بڙا پئنتاواس ضلع ڀواني تعلق چرکيدادري هرياڻا اچي پُهتا. سوامي جا جي ننڍپڻ جو نالو هري دوارِڪي جي هو ۽ پويتر برهمڻ ڪُل ۾ جنم هو. مون داس کي خبر پئي تہ مان بہ درشن خاطر پُهچي ويس. سوامي جي جي ڀايي جي جيڪا لڳ ڀڳ 92 سالن جي تي پُڪي هئي. مون اُن ٻُيڙي کان پُڇيو تہ اسانجي گُروجي جي گهر ڇڏي وڃڻ کانپوءِ توهان ڇا محسوس ڪيو؟ تڏهن هُن ٻُيڙي چيو تہ جڏهن منهنجي شادي ٿي تڏهن مونکي ٻُڌايو ويو تہ هِن جو هڪ ڀاءُ هريدوارِي بہ هو جنهن کي ڪنهن خونخار جانور کائي ڇڏيو هو، هُن جا شراڌ ڪيڻ وڃي رهيا آهيون. مونکي بہ هُن جا شراڌ ڪيڻ جو چيو ويو . هُن ٻُڌايو تہ 70 شراڌ مان پنهنجن هٿن سان ڪيا پُڪي آهيان. جڏهن ڪو فصل سٺو نہ ٿئي يا گهر جو ڪو ڀاتي

بيمار ٿي وڃي تہ پنهنجي پروهت( گُروجي) کان ڪارڻ پُڇندا تہ هو چوندو هو تہ هريدواري پتر ٻٽيو آهي، هو توهان کي دُکي ڪري رهيو آهي. شراڌن جي ڪيڻ ۾ ڪا ڪمي ٿي آهي. هن دفعي سڀ ڪريا (طريقہ ڪار) مان خود پنهنجن هٿن سان ڪندس. پهرين مونکي اچڻ جو وقت ڪونہ مليو هو. چوتہ هڪ ٻئي ڏينهن ۾ ڪيترائي شراڌ ڪريائون ڪرڻ وڃڻو پيو هو. انهي ڪري پُٽ کي موڪليو هو. ٽيستائين ڪجهہ روپيہ چڙهايو تہ جيئن هُن کي شانت ڪري سگهجي. تڏهن هُن کي 21 يا 51 روپيہ جيڪو بہ هو چوندو هو خوف سبب پينٽ ڪندا هئا سين، پوءِ شراڌن جي وقت خود گروجي اچي شراڌ ڪيندا هئا. تڏهن مون (رامپال داس جي) چيو ماتاجي هاڻ تہ چڏي ڏيو گيتاجي جي خلاف انهن ساڌنائن کي نہ تہ تون بہ پريت ٿيندين. گيتاجي اڌياءِ 9 شلوڪ 25 چئي ٻُڌايو. تڏهن ٻُـيڙي چوڻ لڳي تہ گيتاجي مان بہ پڙهان ٿي، مون داس چيو! توهان پڙهيو آهي، سمجهيو ناهي. اڳتي لاءِ تہ بند ڪريو هن نادان ساڌنا کي. ٻُـيڙي جواب ڏنو نہ ڀاءُ ڪيئن ڇڏي ڏيان شراڌ ڪيڻ اها تہ صدين پُراڻي رسم آهي. هي ڏوهہ ڀولي آتمائن جو نہ آهي. هي قصور مُورک گروئن (نيم حڪيمن) جو آهي، جنهن پنهنجن پويتر شاسترن کي سمجهڻ بنا من مانو آچرڻ (غلط پُوڄا جو طريقو) ٻُڌائي ڇڏيو. جنهن سبب نہ تہ ڪو ڪاريہ (ڪم) سِڌ ٿئي ٿو ۽ نہ وري ڪو سُک پراپت ٿئي ٿو. ثبوت پويتر گيتاجي اڌياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24).

هاڻي داس جي پرارٿنا آهي تہ تعليم يافتہ طبقو لازمي ڌيان ڏين ۽ شاستر وڌي مُطابق ساڌنا ڪري پُورڻ پرماتما جي سناتن پرم ڌام (شاشوتم اِستانم) يعني ست لوڪ کي پراپت ڪن، جنهن سان پُورڻ موڪش ۽ پرم شانتي پراپت ٿيندي آهي. (گيتاجي اڌياءِ 18 شلوڪ 62) انهي لاءِ تتودرشي سنت جي تلاش ڪريو. گيتاجي اڌياءِ 4 شلوڪ 34) .

هڪ شرڌالو چيو تہ مان توهان کان اُپديش وٺي توهان جي ٻُڌايل ساڌنا بہ ڪندس، شراڌ بہ لڳاتار ڪيندو رهندس ۽ پنهنجي گهريلو ديوي ديوتائن کي بہ مٿيئن من سان پُوڄيندو رهندس تہ پوءِ هن ۾ ڪهڙو دوش آهي.

مون داس جو هُن کي عرض! قانون جي ڪنهن بہ قلم جي خلاف ورزي ڪرڻ تي سزا ضرور ملندي. انهي ڪري پويتر گيتاجي ۽ پويتر چارئي ويدن ۾ لکيل ڀڳتي وڌي جي خلاف ساڌنا ڪرڻ بيڪار آهي (پرماڻ پويتر گيتاجي اڌياءِ 18 شلوڪ

23 ۽ 24 ۾) جيڪڏهن ڪو چوي ته مان ڪار ۾ پنچر مٿيئن من سان ڪندس. چوندا ته نه، رام نام جي گاڏي ۾ پنچر ڪرڻ منع آهي. بِلڪُل ائين ئي شاسترن جي خلاف ساڌنا نُقصانڪار ئي آهي.

هڪ شرڌالو چيو ته مان ٻيو ڪوبه وڪار(شراب، مانس، وغيره کائڻ) ڪونه ٿو ڪريان. صرف تماڪو (ٻيڙي، سگريٽ، حقو) استعمال ڪريان ٿو توهان جي طرفان ٻُڌايل پُوڄا ۽ گيان بيحد اُتم آهي مون گروجي ٻڌايو آهي پر هي گيان اڄ تائين ڪنهن سنت وٽ ڪونهي مان 25 سالن کان گُهمي رهيو آهيان ۽ ٿي گروديوَ بدلائي چُڪو آهيان مهرباني ڪري مون کي تماڪو کائڻ جي ڇُوٽ ڏيو، باقي سڀ شرط منظور آهن. تماڪو سان ڀڳتي ۾ ڪهڙي رڪاوٽ اچي ٿي؟

**داس جي پرارٿنا :-** داس پراٿنا ڪئي ته اسان جي شرير کي آڪسيجن جي ضرورت هوندي آهي. تماڪ جو دونهون ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ آهي، جيڪا ڦِڦڙن کي ڪمزور، رت کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي. انساني شرير پرڀُو پراپتي ۽ آتم ڪلياڻ لاءِ ئي پراپت ٿيو آهي. هن ۾ پرماتما پائڻ جو رستو سُشمڻا ناڙي کان شروع ٿئي ٿو. نڪ ۾ جيڪي ٻه سوراخ آهن، انهن مان ساڄي کي الا ۽ کاٻي کي پنگلا چون ٿا. انهن ٻنهي جي وچم سُشمڻا ناڙي آهي جنهن ۾ هڪ ننڍڙي سوئي ۾ ڌاڳو پروئڻ واري سوراخ جي برابر دُئار هوندو آهي جيڪو تماڪ جي دُونهين سان بند ٿي وڃي ٿو. جنهن سان پرڀُو پراپتي واري رستي ۾ رُڪاوٽ اچي وڃي ٿي. جيڪڏهن پرڀُو پراپتي وارو رستوئي بند ٿي ويو ته انساني شرير بيڪار بڻجي ويندو. انهي ڪري پرڀُو ڀڳتي ڪرڻ وارن ساڌڪن کي هر هڪ نشيلي ۽ مانس وغيره شين جي بلڪل منع آهي.

هڪ شرڌالو چيو ته مان تماڪ استعمال نٿو ڪريان، پر گوشت ۽ شراب استعمال ضرور ڪريان ٿو، انهي سان ڀڳتي ۾ ڪهڙو نقصان آهي ؟ اِهي ته کائڻ پيئڻ لاءِ ئي ٻڌايا آهن وڻ ٽِڻ ٻوٽن ۾ به ته جيوَ آهي. اِهي کائڻ به ته گوشت کائڻ جي برابر ئي آهي.

**داس جي عرض :-** جيڪڏهن ڪو اسان جي ماتا پِتا ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻارن وغيره کي ماري کائي ته ڪيئن لڳي؟ ”جيسا درد آپٽي هووي ، ويسا جان برانـي ، کهي ڪبير وه جاوين نـرک ۾ ، جو ڪائي شيش ڪُرانين“ جيڪي ماٺهو جانورن کي مارڻ

وقت ڪرُن ۾ سِرن کي بي رحمِي سان ڪٽي ڪائيندا آهن، اُهي نرڪ جا حقدار بڻجن ٿا. جهڙو ڏُک پنهنجن بچن ۾ عزيزن جي قتل جو اسان کي ٿيندو آهي. اهڙو ئي ٻين جو جاڻڻ گهرجي، باقي رهي ڳالهه وڻ ٽِڻ ٻوٽن کي ڪائڻ جي، اِنهن کي ڪائڻ جو پربُو جو فرمان آهي. اُهي جڙ جوٽي جا آهن. ٻيا چيتن جاندارن کي مارڻ ڀڳوان جي فرمان جي خلاف آهي، اِنهي ڪري گناهه آهي.

شراب جو استعمال بہ پربُو آديش نہ آهي، پر سخت منع آهي ۽ اِنساني زندگي برباد ڪرڻ جو سبب آهي. شراب پيتل اِنسان ڪجهہ بہ غلطي ڪري سگهي ٿو. شراب پيئڻ تن-ذن پريوارڪ شانتي ۽ سماجي معاشري جي مها دُشمن آهي، جنهن ڪري ننڍن ٻارن تي تمام خراب اثر پوي ٿو ۽ اُنهن جي زندگي برباد ٿي وڃي ٿي. شراب پيئندڙ شخص ڪيترو بہ نيڪ ڇو نہ هُجي، پر نہ تہ هُن جي عزت رهي ٿي ۽ نہ ئي هُن تي ڀروسو.

هڪ دفعي هِي داس هڪ ڳوٺ ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ ويل هو، اُن ڏينهن نشو نہ ڪرڻ جي موضوع تي ستسنگ ڪيو. ستسنگ ڪانپوءِ هڪ ٻارهن سالن جي ڪنيا سسڪيون ڀري روئڻ لڳي. پُڇڻ تي اُن نياڻي ٻُڌايو تہ مهاراج جي منهنجو پِتاجي پالم هوائي اڏي تي سُٺي نوڪري ڪندو آهي. پر سيني پئسن جي شراب پي وڃي ٿو. منهنجي ماتا جي منع ڪرڻ تي ايتري تہ مارڪُٽ ڪندو آهي جو شرير تي نيرا داغ ٿي وڃن ٿا. هڪ ڏينهن منهنجي پِتا منهنجي ماتا کي ڪُٽڻ لڳو تہ مان پنهنجي ماتا تي ڪِري بچاءُ ڪرڻ لڳيس تہ مونکي بہ مار ڪُٽ ڪيائين. منهنجا چپ سُڄي ويا جيڪي ڏهہ ڏينهن بعد نيڪ ٿيا. منهنجي ماتا اسان کي ڇڏي منهنجي ماما جي گهر هلي ويئي. ڇهہ مهينن ڪانپوءِ منهنجي ڏاڏي وڃي وني آئي. تيستائين اسان پنهنجي ڏاڏي وٽ رهيا. بابا تہ دوا بہ ڪونہ وٺي ڏِني. صبح جو جلدئي اُٿي نوڪرِي تي هليا ويا. شام جو شراب پيئي ايندا آهن. اسان ٽي ڀينرون آهيون ۽ مون کان ننڍيون آهن. هاڻ جڏهن بابا جِي شام جو ايندا آهن تہ اسان ٽي ئي ڀينرون کٽ جي هيٺيان لِڪِي ويندِيون آهيون.

ويچار ڪريو نيڪ اِنسانو ! جِن ٻارن کي پيءُ کي سيني سان لڳائڻ گهرجي ۽ ٻارڙا پِتا جي گهر اچڻ جي راهہ نهاريندا آهن تہ بابا جي گهر ايندا، فروٽ وٺي ايندا. اڄ هُن انسانِي معاشري جي دُشمن شراب گهر جو ڇا حال ڪري ڇڏيو. شرابي ماڻهو

پنهنجي زندگي تہ خراب ڪندو ئي آهي، پر گڏوگڏ انيڪ ماڻهن جي روح ڪي ايذائڻ جو پاپ بہ سر تي کڻي ٿو. جيئن زال جي ڏُک ۾ هُن جا ماتا پِتا، پيڻ ، پائر دُکي پوءِ وري خود جا ماءُ پيءُ پيڻ پائر ،ڏاڏو ڏاڏي وغيره پريشان. هڪ شرابي شخص پسگردائي جي پاڙيسري ماڻهن جي اَشانتي جو ڪارڻ بہ بڻجندو آهي. جو تہ گهر ۾ جهگڙو ڪندو آهي تہ زال ۽ ٻارن جون ڪيهون ۽ ڪوڪُون ٻُڌي پاڙيسرِي وچ ۾ اچي بچاءُ ڪندا آهن تہ شرابي گلي پئجي ويندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڪن تہ نيڪ ماڻهن ڪي ننِد نٿِي اچي. هِن داس ڪان اُپديش وٺڻ ڪانپوءِ روزانو شراب پيئڻ وارن اٽڪل هڪ لک ماڻهن، هر قسم جون نشي آور شيون ۽ گوشت ڪائڻ بُلڪل ترڪ ڪري ڇڏيا آهن ۽ جنهن گهر ۾ شام جو شراب پي جِنن جو ناچ ٿيندو هو اڄ اُهي نيڪ انسان پنهنجن ٻارن سان گڏجي ويهي سنڌيا آرتي ڪندا آهن. هرياڻا صوبي ۽ ڀين قريبي علائقن ۾ اٽڪل ڏهہ هزار ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اڄ بہ هر شهر يا ڳوٺ جي چار پنج چيمپيئن (هڪ نمبر جا شرابي) ماڻهن جي مثال ملي ٿي، جيڪي سڀ نشا ڇڏي پنهنجي انسانِي زندگي ڪي سڦل ڪري رهيا آهن. ڪجهہ چون ٿا تہ اسان ايتري شراب نٿا پيون ۽ نہ وري ايترو گوشت ڪائيندا آهيون، بس ڪڏهن ڪڏهن پيئي وٺون ٿا. زهر تہ ٿورو ئي بُرو آهي. جيڪو ڀڳتي ۽ مُڪتي ۾ رڪاوٽ آهي.

مثال طور:- ہ ڪلو گرام نِج گيهہ جو حلوو ٺاهيو (ست ڀڳتي ڪئي) پوءِ 250 گرام وارِي يا ريت (تماڪ، گوشت، شراب استعمال ۽ ٻي پُوجا ڪري ورتي) بہ وجهي ڇڏي. اُهو تہ سڀ ڪيل ڪرايل ضايع ويو. اُنهي ڪري پُورڻ پرماتما (پرم اڪشربرِهم) جي پُوجا سچي سنت ڪان حاصل ڪري پُوري زندگي مريادا ۾ رهي ڪري ڪندي رهڻ سان ئي مُڪمل موڪش لاڀ ٿيندو آهي.

## "تتوَگيان ملڻ بعد ئي ڀڳتي شروع ٿيندي آهي"

پويتر گيتا جي اڌياءِ 9، شلوڪ 26,27,28 جو ڀاوَ ارٿ آهي تہ جيڪو بہ آڌياتمِڪ يا سنسارڪ ڪم ڪريو، سڀ منهنجي مت مطابق ويدن ۾ لکيل طريقي سان ئي ڪريو، اُهو اُپاسڪ مون (ڪال) سان ئي لاڀ حاصل ڪندو آهي. اِنهي جو ذِڪر اِنهي اڌياءِ جي شلوڪ 20 ۽ 21 ۾ ڪيو آهي. اڌياءِ 9 جي شلوڪ 29 ۾ ڀڳوان چون ٿا تہ نہ تہ مونکي ڪنهن سان نفرت آهي ۽ نہ ئي پيار آهي. پر وري تُرت ئي چئي

رهيا آهن تہ جيڪي مونکي پريمہ سان ياد ڪن ٿا اُهي مونکي پيارا آهن ۽ مان اُنهن کي پيارو آهيان مطلب مان اُنهن ۾ ۽ هو مون ۾ آهن. راڳ وَ دوئش (محبت ۽ نفرت) جو پرتيڪش (انکين ڏِٺو پرماڻ (ثبوت) آهي جيئن پرهلاد وشنوجي جي سهاري هو ۽ هرڻيڪشپ نفرت ڪندو آهي، تڏهن نر-شينهن رُوپ ڌاري ڀڳوان وِشنُو جي پنهنجي پياري ڀڳت پرهلاد جي حفاظت ڪئي هُئي ۽ راڪشِس هرڻيڪشپ جا آندا ڪيي ختمہ ڪري ڇڏيو. پرهلاد سان راڳ (پيار) هو ۽ هرڻيڪشپ سان دوئش (نفرت) صاف ظاهر آهي.

اِنهي ڪري پويتر شريمد ڀڳوت گيتا ادياءِ 2 شلوڪ 53 ۾ چيو آهي تہ تتوَگيان ٿي وڃڻ تي هرطرح جي گُمراهہ ڪندڙ وچنن (ڳالهين) سان اُلجهيل تنهنجي بُڌي هڪ پُورڻ پرماتما ۾ مضبوطي سان اٽل ٿي ويندي. تڏهن تون يوگي (ڀڳت) بڻجندين، مطلب تہ تڏهن تنهنجي مضبوط من سان بنا شڪ جي هڪ پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي شروع ٿيندي.

پويتر گيتاجي اِدياءِ 2 شلوڪ 48 ۾ چيو آهي تہ جهڙي نموني هڪ تمامہ وڏي جلاشيہ (تلاءُ) (جنهن جو پاڻي 10 سالن تائين برسات نہ پوي تہ بہ ختمہ نہ ٿئي) ملي وڃڻ کان بعد ننڍي تلاءُ (جنهن جو پاڻي هڪ سال برسات نہ پوڻ تي ختمہ ٿي ويندو آهي) ۾ جيتري اُميد رهجي وڃي ٿي. اهڙي طرح پُورڻ پرماتما (پرمہ اڪشر بِرهمہ) جي گڻن جو گيان تتوَگيان ٿي وڃڻ بعد توهانجي اُميد ٻين گيانن ۾ ۽ ٻين ڀڳوانن ۾ (جيئن بِرهما، وشنو ۽ شِو ۾ ۽ شرپُرش مطلب ڪال بِرهمہ ۽ اڪشرپُرش مطلب پربِرهمہ ۾) اوتري ئي رهجي وڃي ٿي. جيئن ننڍڙو کوهہ ٻُرو ڪوتہ ٿو لڳي پر ان جي اوقات (حيثيت) جي خبر پئجي وڃي ٿي. تہ هي تہ عارضي سهارو آهي جيڪو جيئڻ لاءِ ڪافي نہ آهي. ٻيو وڏو کوهہ پراپت ٿيڻ تي خبر پئجي ويندي آهي تہ جيڪڏهن ڏُڪار بہ پئجي وڃي تہ بہ مسئلو ناهي ۽ يڪدمہ ننڍي کوهہ کي ڇڏي وڏي کوهہ جي سهاري تي ويندو.

اهڙي طرح تتودرشِي سنت کان پُورڻ پرماتما جي تتوگيان ذريعي پُورڻ بِرهمہ جي مهما کان واقف ٿيڻ بعد ساڌڪ پُورڻ رُوپ (سچي من) سان هُن پُورڻ پرماتما تي پُوري طرح سان انهي جي سهاري تي ويندو آهي.

پويتر گيتاجي اِڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اي ارجُن! تون پُوري طرح سان هُن پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ. هُن پرماتما جي ڪِرپا سان ئي تون پرم شانتي کي پراپت ڪندين ۽ شاسوت اِستان مطلب سناتن پرم ڌام (ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻ واري ست لوڪ) کي پراپت ڪندين.

پويتر گيتاجي اِڌياءِ 18 شلوڪ 63 ۾ چيو آهي تہ مون توکي هي اسرار انتهائي ڳُجهو گيتا جو گيان چئي ڇڏيو. هاڻ جيئن تنهنجو من چاهي تيئن تون ڪر. (ڇاڪاڻ تہ هي گيتاجي آخري اِڌياءِ 18 جا آخري شِلوڪ هلي رهيا آهن، اِنهي ڪري چيو آهي).

## "گيتا گيان ڏيڻ واري برهم جو اشٽ (پُوجيہ) ديو پُورڻ برهم آهي"

پويترگيتا جي اِڌياءِ 18 شلوڪ 64 ۾ چيو آهي تہ سيني کان ڳُجهو گيان هڪ دفعو ٻيهر ٻُڌ اهوئي پُورڻ پرماتما (جنهن جي باري ۾ اِڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي) منهنجو پڪو پُوجيہ ديوَ آهي مطلب مان بِرهم (شرپُرش) بہ هُن جي پُوجا ڪندو آهيان. هي تنهنجي فائدي ۾ چوندس (ڇاڪاڻ تہ اهائي ڄاڻ گيتا گيان ڏيڻ واري پرپُو گيتا اِڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ ڏني آهي جنهن ۾ چيو آهي تہ مان هُن آدي پُرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان. اِنهي ڪري هتي چيو آهي تہ اهوئي ڳجهي کان بہ ڳجهو گيان وري ٻُڌ).

خاص طور:- ٻين گيتاجي ترجمي ڪارن ترجمو غلط ڪيو آهي. "اِيشٽ اسِي مي درڍم اِتي" جو ترجمو ڪيو آهي تہ تون منهنجو پيارو آهين. جڏهن تہ ارٿ ٿئي ٿو.

اڌياءِ 18 جو شلوڪ 64:

**سروَ گهيتمم ڀويہ شرڻُو مي، پرمم وچہ اِيشٽ، اسِي، مي، درڍم، اِتي، تت وڪشيامي تي هِتم.**

ترجمو: (سروَ گهيتمم) سيني ڳجهن کان بہ ڳجهي (مي) منهنجا (پرمم) تمام ڳجهي راز وارو (هتم) خيرخواهہ (وچہ) وچن (تي) توکي (ڀويہ) ٻيهر (وڪشيامي)

چوندس (تت) اُنهن کي (شرڻو) ٻُڌ (اتي) هِي پُورڻ بِرهم (مي) منهنجو (درڊم) پڪو نشچت (اشٽ) پوڄيہ ديوَ (اسِي) آهي.

پويتر گيتاجي اڌياءِ 18 شلوڪ 65 ۾ گيتا گيان ڏيڻ وارو پربُو/ڪال ڀڳوان (شرپُرش) چئي رهيو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي پناهہ ۾ رهڻو آهي تہ منهنجي پُوڄا پڪي من سان ڪر. ٻين ديوتائن (بِرهما، وِشنو ۽ شِو) ۽ پِترن (مرحوم بُزرگن) وغيره جي پُوڄا ڇڏي ڏي. پوءِ مونکي ئي پراپت ڪندين مطلب بِرهم لوڪ ۾ٺهيل مهاسرڳ ۾ هليو ويندين. مان سچو واعدو ڪريان ٿو. تون منهنجو پِريہ (پيارو) آهين.

پويترگيتاجي اڌياءِ 18 شلوڪ 66 ۾ چيو آهي تہ جيڪڏهن هُن اڌِوتيہ (هڪ) جنهن جي برابر ٻيو نہ هُجي هُن هڪ سروَ شڪتيمان، سيني بِرهماندن جي رچڻهار، سيني جي پالڻ پوشڻ ڪرڻ واري پرميشور جي شرڻ ۾ وڃڻو هُجي تہ منهنجي سطح جي ساڌنا جيڪا "اوم نام" جي جاپ جي ڪمائي ۽ ٻيون ڌارمڪ شاسترن مطابق يگيہ ساڌنائون مون ۾ ڇڏ (جنهن سان تون منهنجي قرض کان آزاد ٿي ويندين) هُن اڌِوتيہ (جنهن جو ڪو بہ ثاني نہ آهي) جي شرڻ ۾(ورج) وڃ. مان توکي سيني پاپن (ڪال جي قرض) کان مُڪت ڪري ڇڏيندس. تون چِنتا (فڪر) نہ ڪر.

خاص طور :- پويتر گيتاجِي جي ٻين ترجمو ڪندڙن شلوڪ 66 جو غلط ترجمو ڪيو آهي. ورج جي معنيٰ اچڻ لکيو آهي جڏهن تہ ورج جي معنيٰ وڃڻ ٿئي ٿي. ڪِرپيا صحيح ترجمو هيٺ پڙهو.

اڌياءِ 18 شلوڪ 66:

**سروَ ڌرمان، پريتجيہ، مام، ايڪم، شرڻم، ورج،**
**اهم، توا، سروَ پاپيپيو، موڪشئيامي، ما، شچہ.**

ترجمو:- (مام) منهنجي (سروَ ڌرمان) سيني پُوڄائن کي (پريتجيہ) ڇڏي تون صرف (ايڪم) هڪ هُن پُورڻ پرماتما جي (شرڻم) شرڻ ۾ (ورج) وڃ. (اهم) مان (توا) توکي (سروَ پاپيپيو) سيني پاپن کان (موڪشئيامي) آزاد ڪري ڇڏيندس تون (ما،شچہ) فڪر نہ ڪر.

# “برهم جو ڀڳت برهم کي ۽ پُورڻ بِرهم جو ڀڳت پُورڻ بِرهم کي ئي پراپت ٿئي ٿو”

پويتر گيتاجي اِڌياءِ 8 شِلوڪ 5 کان 10 ۽ 13 ۽ اڌياءِ 17 شِلوڪ 23 ۾ آخري گيان آهي. گيتاجي اِڌياءِ 8 شِلوڪ 13 ۾ چيو آهي ته مون بِرهم جي ساڌنا جو ته صرف هڪ اوم اکر آهي جيڪو اُچارڻ ڪري (وڏي آواز) جاپ ڪرڻ جو آهي. جيڪو ڀڳت آخري دم تائين جاپ ڪري ٿو اُهو منهنجي پرم گتِي کي پراپت ڪندو آهي. (پنهنجي پرم گتي کي گيتا گيان داتا ٻِرِيُو اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ انُوتم مطلب ته تمام نيچ چيو آهي.

پويتر گيتا جي اِڌياءِ 17 شلوڪ 23 ۾ چيو آهي ته پُورڻ پرماتما جي پراپتي جو صرف ٽِن منترن (اوم، تت ، ست) جي جاپ جو ئي فرمان آهي. (جنهن ۾ اوم جاپ بِرهم جو آهي تت ئي اِشارو آهي جيڪو پربرهم جو جاپ آهي ۽ ست ئي به اِشارو ئي آهي جيڪو پُورڻ برهم جو جاپ آهي). اُنهي پُورڻ پرماتما جي تتوگيان کي تتودرشِي سنت ئي ڄاڻي ٿو، اُن کان ئي پراپت ڪر. مان (گيتا گيان داتا) نٿو ڄاڻان.

پويتر گيتاجِي اِڌياءِ 8 شلوڪ 6 ۾ چيو آهي ته هِي قانون آهي ته زندگي جي آخري وقت ۾ ڀڳت جنهن به پريُو جو جاپ ڪندي شرير ڇڏي ٿو انهي کي پراپت ٿئي ٿو.

گيتاجي اڌياءِ 8 شلوڪ 5 کان 7 ۾ چيو آهي ته جيڪو آخري وقت ۾ منهنجو سمرڻ (يادگيري) ڪندي شرير ڇڏي وڃي ٿو اُهو منهنجي (بِرهم جي) خيالن ۾ مگهن رهي ٿو. ڀيهر وري ڪڏهن منُش جنم ٿئي ٿو ته اُهو ڀڳت پنهنجي ساڌنا بِرهم کان ئي شروع ڪندو آهي. اُن جو مِزاج به اهڙوئي ٿي ويندو آهي. (اِنهي جو پرماڻ گيتاجي اڌياءِ 16 ۽ 17 ۾ پڻ آهي ته جيڪو ڀڳت گُذريل جنم ۾ جنهن جي به ساڌنا ڪري آيو آهي اڳئين جنم ۾ به فطرت جي ڪري تهڙي ئي ساڌنا ڪندو آهي).

پويتر گيتاجي اڌياءِ 8 شلوڪ 7 ۾ چيو آهي ته هر وقت منهنجو سمرڻ ڪر ۽ جنگ به ڪر تون بيشڪ مونکي ئي پراپت ٿيندين.

گيتا اڌياءِ 8 جي شلوڪ 8 کان 10 ۾ واضح ڪيو آهي ته جيڪو ساڌڪ پڪي من سان پرميشور جي نالي جو جاپ ڪندو آهي اُهوئي سدائين اُنهي کي سمرڻ

ڪرڻ وارو (پرم دِويم پرشُ ياتي) اُن پرم ديويہ پرشُ مطلب تہ پرميشور پُورڻ بِرهم ڪي پراپت ڪندو آهي (اڌياءِ 8 شلوڪ 8).

جيڪو ڀڳت انادي سيني جو راجا باريڪ کان تمام باريڪ، سيني جي پالڻ ڪرڻ واري سج وانگر روشن مطلب تہ نُوري شرير واري، اگيان رُوپ انڌڪار کان پري (ڪويم) ڪوير ديوَ سچيتانندگھن پرميشور جو سمرڻ ڪندو آهي (اڌياءِ 8 شلوڪ 9)

اُهو ڀڳتي سان ڀرپور ٽِن منترن جي جاپ جي ساڌنا شڪتي (نام جي جاپ جي ڪمائي) سان آخري وقت ۾ شرير ڇڏي وڃڻ وقت ٽِرڪوٽِي تي پُهچي اڀياس وس سار نام جو سمرڻ ڪندي ان ديويہ رُوپ مطلب تيجومئہ مطلب جِسماني (پرم پُرش) پرميشور کي ئي پراپت ٿيندو آهي. (اِڌياءِ 8 شلوڪ 10).

## "بِرهم (شرپُرش) جي ساڌنا انوتم (نيچ) آهي"

پويتر گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ12، اڌياءِ 4 شلوڪ 5 ۽ اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ مان (گيتا گيان داتا) فاني آهيان. جنم موت منهنجي ۽ تنهنجي سدائين ٿيندي رهندي. صرف ڪيل ڪم ئي پراپت ٿيندو، موڪش نہ ٿيندو. منهنجي ساڌنا ڪرڻ وارا ڀلي ئي مڪت ڀڳت آهن. پر اُهي بہ منهنجي تمام نيچ (انوتمام) ساڌنا ۾ ئي لڳل آهن. اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ18 شلوڪ 62، 64، 66 ۾ چيو آهي تہ اُنهي پرميشور جِي شرڻ ۾ وڃ ۽ منهنجو پُوجيہ ديوَ بہ اُهوئي آهي.

**پرارٿنا :-** مٿي لکيل ٽِن منترن جي ساڌنا مون داسن جي داس رامپال داس وٽ موجود آهي جيڪا خود پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ پنهنجين آتمائن تي رحم (ديا) ڪري عطا ڪئي آهي. چوٿہ هينئر وچئين پيڙهي هلي رهي آهي. جڏهن ڪليُگ جي شروعات ۾ اسان جا بُزرگ اڻپڙهيل هئا. اُن وقت پرميشور جي تتوَگيان کي نقلي سنتن گروئن، مهنتن ۽ آچارين مٿي اچڻ نہ ڏِنو، ڪليُگ جي آخر ۾ سيئي اِنسان بغير ڀڳتي وارا ۽ مها وِڪاري بڻجي ويندا. هينئر هلندڙ وقت ( 20 هين صدي) کان پڙهيل لکيل (تعليم يافتہ) سماج شروع ٿيو آهي. هِي وچين پيڙهي مطلب تہ مُنش ونش هلي رهيو آهي.

حقيقي گيان اسان جي سدگرنٿن ۾ موجود آهي. جنهن کي نقلي سنت گرو آچاريہ ۽ مهنت سمجهي ڪونہ سگهيا. جنهن سبب سمورو ڳگت سماج شاسترن جي اُبتڙ گيان جي آڌار سان ڏند ڪٿائن ( لوڪ ويد) تي ڀروسو ڪري شاسترن جي طريقي کي ڇڏي من ماني پُوڄائون ڪري انمول مانوَ جيوَن (انساني زندگي) ضايع ڪري رهيا آهن.

## "شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا "

1. پهرين دفعي برهم گائترِي منتر ڏنو ويندو آهي، جيڪو ڪملن کي کولڻ جو آهي. اُپديش پراپت ڪندڙ ڳگت آتما اِهو سوچيندو تہ گرو جي چئي تہ رهيا هئا تہ ٽنهي گُڻن (رجو گُڻ برهما، ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شِو) جي پُوڄا نہ ڪرڻي آهي. پر منتر جاپ اِنهن جا ئي ڏِنا آهن. اُنهي جي لاءِ عرض آهي تہ هِي پُوڄا نہ آهي اسان ڪال جي لوڪ ۾ رهي رهيا آهيون، هتي اسان کي جنهن سهولت جي ضرورت پوندي اُها برهما- وِشنو – شِو وغيره ئي عطا ڪندا.

جيئن اسان بجلي جو ڪنيڪشن (لاپ) وٺي رکيو آهي.اُن جو بِل ڀرڻو آهي اسان بِجلي واري وزير يا کاتي جي پُوڄا نہ پيا ڪريون اسان اُن جو بِل ڀريندا رهنداسين تہ بِجلي جو فائدو مِلندو رهندو. اهڙي طرح ٽيليفون ۽ پاڻي جو بِل وغيره بہ ادا ڪندا رهنداسين تہ اسان کي اِنهن جون سڀئي سهولتون مِلنديون رهنديون. توهان شاسترن جي طريقيڪار جي ابتڙ ساڌنا ڪري ڳگتي کان تمام دُور ٿي ويا آهيو مطلب توهان جا پُڄ (ثواب) ختم ٿي ويا آهن. جنهن ڪارڻ ڪري توهان کي لاپ ۽ سُک مِلڻ بند ٿي ويا آهن. هِي داس (رامپال داس) توهان جو گارنٽر (ذميوار) بڻجي هِن ڪال لوڪ جي هڪ برهمانڊ جي شڪتين (برهما، وِشنو، شِو گڻيش ۽ ماتا وغيره) کان توهان سڀ سهولتون ٻيهر شروع ڪرائيندو ۽ توهان کي اُن منتر جي جاپ سان بِل ڀريندي رهڻو آهي. جيڪو پهريون منتر (ست سُڪرِت اويگت ڪبير) آهي، اُهو توهان جي پُوڄا آهي. هِي پُورڻ پرماتما جو منتر آهي ۽ اِنهي سان ستيم لاپ (ڦل) پراپت ٿيندو. ستيم جو ارٿ اويناسي آهي مطلب تہ اسان کي اويناشي پد پراپت ڪرڻو آهي. هِن منتر جي چار مهينن بعد توهانکي ٻيو منتر ست نام (سچو نام) مِلندو جيڪو ٻن شبدن جو منتر هوندو، اُن جو هڪ شبد ڪال جي 21 برهماندن جو قرض لاهڻ جو

آهي. اُن جي ڪمائي ڪري اسان کي بِرهم (شرپُرش) مطلب تہ ڪال جو قرض لاهڻو آهي. پوءِ هي ڪال اسان کي پاپن کان مُڪت (آجو) ڪري ڇڏيندو.

گيتا ادياءِ 18 شلوڪ 62 ۽ 66 ۾ ذڪر آهي تہ :-

اذياءِ 18 شلوڪ نمبر 62:

**تمر ايوَ شرڻمر گڇہ سروَ ڀاوين ڀارت،**

**تت پرسادات، پرامر شانيتمر ستانمر پراپسي، شاشوَتمر.**

**ترجمو :-** (ڀارت) اي ڀارت! تون (سروَڀاوين) هر طرح سان (تمر) اُنهي اگيان انڌڪار ۾ لِڪيل پرميشور جي (ايوَ) ئي (شرڻمر) شرڻ ۾ (گڇهہ) وڃ. (تت پرسادات) اُن پرماتما جي ڪِرپا سان تون (پرامر) پرمر (شانتيمر) شانتي ۽ (شاشوتمر) سدا رهڻ واري ست (ستانمر) ستان ،ڌامر لوڪ کي (پراپسيسي) پراپت ڪندين.

**ترجمو :-** اي ڀارت! تون سڀ طرح سان انهي اگيان انڌڪار ۾ لِڪيل پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ. اُنهي پرميشور جي ڪِرپا سان ئي تون پرمر شانتي ۽ سدارهڻ واري ست ڌامر ست لوڪ کي حاصل ڪندين.

گيتا اذياءِ 18 شلوڪ 66:

**سروَ ڌرمان پريتجيہ مامر ايڪمر شرڻمر ورج**

**اهمر توا سروَ پاپيبيو موڪييشيامي ماشُچہ.**

**ترجمو:-** **(مامر)** منهنجي **(سروَڌرمان)** سيني پُوجائن کي **(پريتجيہ)** ڇڏي، تون صرف **(ايڪمر)** هڪ پُورڻ پرماتما جي **(شرڻمر)** شرڻ ۾ **(ورج)** وڃ. **(اهمر)** مان **(توا)** توکي **(سروپاپيبيو)** سيني پاپن **(موڪييشيامي)** کان مُڪت ڪرائي ڇڏيندس **(ماشُچہ)** چِنتا **(فڪر)** نہ ڪر.

ترجمو:- منهنجي سمورين پُوجائن کي ڇڏي، تون صرف هڪ انهي پُورڻ پرماتما جي شرڻ ۾ وڃ. مان توکي سيني پاپن کان آجو ڪندس. تون فِڪر نہ ڪر.

مٿي لکيل شلوڪن جو مطلب آهي تہ ڪال بِرهم (شرپُرش) چئي رهيو آهي تہ اي ارجُن! تون منهنجي شرڻ ۾ رهڻ چاهين ٿو تہ جنمر ۽ موت ٿيندي رهندي. جيڪڏهن پرمر شانتي ۽ ست لوڪ وڃڻ چاهين ٿو تہ انهي پُورڻ پرماتماجي شرڻ ۾ هليو وڃ. اِنهي لاءِ سيني ڌارمِڪ پُوجائن مطلب تہ نامر جي پهرئين منتر جي جاپ جي ڪمائي مون ۾ ڇڏي پوءِ مُڪمل طرح سان اُن هڪ (سروَ شڪتيمان جنهن جي برابر

کو بہ نہ آهي مطلب آدِوتيہ پرميشور) جي شرڻ ۾ هليو وڃ پوءِ مان توکي سيني پاپن کان مُکت ڪري ڇڏيندس. تون چنتا نہ ڪر ۽ ست نام جي ٻئي منتر جي ڪمائي اسان پربرهم مطلب تہ اڪشرپُرش کي ڏيئي ڇڏينداسين. ڇوتہ اسان کي اڪشرپُرش جي لوڪ کان ٽي ست لوڪ وڃڻو آهي، ان جو ڪِرايو ڏيڻو آهي. پوءِ ٽِيون منتر ست شبد مطلب سارنام ملندو جيڪو ست لوڪ ۾ (ستائي توَ) هميشہ رهڻ وارو مڪان حاصل ڪرائيندو.

جيڪڏهن ڪو شخص ٻاهرئين مُلڪ ويل هُجي اُتي اُن تي سرڪار جو قرض ٽي وڃي. هاڻي هو پنهنجي مُلڪ واپس اچڻ چاهي تہ پهرئين اُن کي اُنهي ملڪ جي قرض کان آجو ٿيڻو پوندو. پوءِ قرض مُکت جا ثبوت DUE NO)_ CERTIFICATE) پيش ڪرڻا پوندا تڏهن اُن جي واپس اچڻ جو پاسپورٽ ٺهندو، نہ تہ اُنهي کي واپس اچڻ نہ ڏِنو ويندو.

اهڙي طرح توهان هِن ڪال جي لوڪ ۾ شاسترن جي طريقيڪار جي اُبتڙ ساڌنا ڪري ڀڳتي کان خالي ٿي وڃڻ ڪري قرضِي ٿي ويا آهيو. پهرين توهان کي ڀڳتي ڪمائي سان امير بڻايو ويندو. انهي لاءِ ڪويرديوَ (ڪبير صاحب) مون داس رامپال داس کي پنهنجو نمائيندو (Representative) بڻائي موڪليو آهي. اُنهي پرميشور جي طرفان هِي داس توهان جو ذميوار (Guaranter) بڻجندو ۽ برهما، وِشنو ۽ شِو وغيره جهڙين شڪتين سان توهان جو ٻيهر ڪنيڪشن شروع ڪرائيندو. جو توهان هِن منترن جاپ جي ڪمائي ڪري قسطن ۾ ڀل پرڻو آهي. جيستائين توهان هِتان کان آزاد (مُڪت) نٿا ٿيو تيستائين توهان کي سيئي سنساري سهولتون زور شُور سان مِلنديون رهنديون تہ جيئن توهان پُڃ دان وغيره ڪري گهڻا ڀڳتي سان امير بڻجي سگهندا. ٻين لفظن ۾ جيئن انسان جي جِسم ۾ ڪمل بڻيل آهن. جڏهن اسان جسم ڇڏي پرماتما وٽ ويندا سين تڏهن اسان کي انهن ڪملن مان ٽي ڪري وڃڻو آهي. جيئن 1.مول ڪمل ۾ گڻيش جِي، 2.سواد ڪمل ۾ ساويترِي ۽ بِرهماجِي، 3.نابي ڪمل ۾ لڪشمِي جي ۽ وِشنو جِي، 4.هِردي ڪمل ۾ پاروتِي جي ۽ شِوجِي، 5. ڪنٺ ڪمل ۾ دُرگاجِي (اشٽنگي) آهي. اِنهن ڪملن مان اسان تڏهن ئي گُذري سگهون ٿا جڏهن اسان اِنهن جو قرض ادا ڪنداسين. پهرين اُپديش سان توهان جا سڀ ڪمل کِلي ويندا. مطلب توهان قرض کان آجا ٿي ويندا. جڏهن توهان آخري وقت ۾ شرير

(جِسم) ڇڏي روانا ٿيندا تہ توهان کي توهان جو رستو صاف مِلندو مطلب تہ توهان جا سڀ قرض مُڪت پرماڻ- پتر تيار مِلندا.

پر اسان کي پُوڄا پنهنجي مُول مالِڪ ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) جي ئي ڪرڻي آهي. جيئن پتيورتا پتني پُوڄا تہ پنهنجي پتِي جي ئي ڪندي آهي، پر مرياده مطابق احترام سڀني جو ئي ڪندي آهي. جيئن ڏير کي پنهنجي پُٽ برابر جيٺ کي پنهنجي وڏي ڀاءُ جهڙو سس ۽ سُهري کي پنهنجي ماءُ پيءُ وانگر. پر جيڪو رويو پنهنجي پتي ۾ هوندو آهي، اُهو ٻين ۾ نٿو ٿي سگهي بِلڪل اهڙي طرح ڪبير پرميشور جي ڀڳت کي پنهنجي ڀڳتي سڦل ڪرڻي آهي. اِنهي ڪري ڪنهن اٽڪاڻ جي ورغلائڻ ۾ نہ اچڻو آهي. پُوري يقين سان هِن داس جي ٻُڌايل ڀڳتي مارڳ تي لڳي رهڻو آهي. هِي ڀڳتي مارڳ سڀني شاسترن جي آڌار تي آهي.

2. ٻئي دفعي ست نام منتر ڏِنو وڃي ٿو. جيڪو ٻِن شبدن جو منتر آهي. هڪ اوم ۽ ٻيو تت جيڪو اشاري ۾ آهي جيڪو ڀڳت کي ئي ٻُڌايو ويندو آهي.

3. ٽئين دفعي سار نام ڏِنو وڃي ٿو جيڪو ٽِن منترن جو آهي. اوم-تت-ست (تت ۽ ست اشاري ۾ آهي جيڪو ساڌڪ کي ئي ٻُڌايو ويندو آهي)

اهڙي طرح سار نام (جيڪو ٽن منترن جو ٺهيل ويندو) جي سِمرڻ اپياس سان ساڌڪ پرم دِويہ پُرش مطلب پرميشور ڪويرديوَ کي پراپت ٿيندا ۽ ست لوڪ ۾ پرم شانتي مطلب پُورڻ موڪش کي پراپت ٿي ويندا.

**خاص طور:-** موجوده دور ۾ هي سچِي ساڌنا مون داس ڪانسواءِ ٻي ڪنهن وٽ بہ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو مون داس کان چورِي ڪري خود نقلي گرو ٺهِي چيلا ڪري رهيو هُجي تہ اُن اِنساني جيوَن جي دُشمن کان خبردار رهو. هو لائق نہ هئڻ ڪري پنهنجو جيوَن بہ تباھ ڪري رهيو آهي ۽ اَڻ ڄاڻ (نادان) چيلن کي بہ نرڪ جا ڀاڳِي ٺاهي رهيو آهي اُنهي کي ڪال جو موڪليل دُوت سمجهو.

# "شنڪا سماڌان (شڪ دُور ڪرڻ)"

سوال1:- مٿي لکيل گيتا سار مان ظاهر ٿئي ٿو تہ برهماجِي، وِشنو جِي ۽ شِوجِي جي پُوڄا بيڪار آهي. پر مان 30 سالن کان شري شِو جِي جي پُوڄا ڪري رهيو آهيان ۽ ڀڳوان شرِي ڪرشن جِي منهنجا تمام پيارا آهن. مان اِنهن ڀڳوانن کي

ڇڏي نٿو سگهان، منهنجو اِنهن سان خاص لڳاءُ ٿي چُڪو آهي. شرِي گيتاجي جو روزانو پاٺ ڪندو آهيان. هري رام، هري ڪرشن، راڌي شام، سيتارام، اوم نمه ڀڳونت واسو ديوايہ وغيره جاپ ڪريان ٿو، سومر جو ورت بہ رکندو آهيان. ڪاوڙ بہ اَٽيندو آهيان، ڏامن تي بہ ڏان ڪرڻ ويندو آهيان، مندرن ۾ مُورتِي پُوڃا ڪرڻ بہ ويندو آهيان، سرڳ پراپتي جي اميد ڪندو آهيان ۽ پرم پراگت (روايتي) پُوڃا جي ڪري هڪ مهنت کان اُپديش بہ ورتل آهي.

جواب :- براءَ مهرباني توهان مٿي لکيل گيتا سار کي ٻيهر پڙهو. جيستائين تتوَگيان کان مڪمل واقف نہ ٿيندا تيستائين هي وهم رُوپي ڪانٽو ڪٽڪندو ئي رهندو. جيئن مٿي مثال ڏِنل آهي تہ اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ آهي جنهن جي مول (پاڙ) تہ پُورڻ پرماتما، پُورڻ پرميشور آهي، ٽئي گُڻ رُوپي (رجوگڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شوجِي) شاخون (ٽاريون) آهن. توهان ڪڏهن انب جو ٻوٽو لڳايو آهي، جيڪڏهن ٻُوٽي جي پاڙ جي سينچائي ڪندا (پاڙ ۾ پاڻي ڏيندا) تہ اُن مان وڻ ٿيندو پوءِ اُن جي ٽارين ۾ ڦل لڳندا ٽاريون توڙڻ جو ٽورو ئي ڇيو وڃي ٿو. هي ڏِسو سِڌو پوکيل يڳتي رُوپي ٻُوٽو مطلب شاسترن جي طريقيڪار جي مطابق ساڌنا.

اهڙي نموني پُوڃا تہ پُورڻ پرماتما مطلب مول (پاڙ/جڙ) جي ڪرڻي آهي، پوءِ ڪرم ڦل (رجوگڻ بِرهما، ستوگڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شنڪر) رُوپي شاخن ۾ لڳندو اِنهي لاءِ ڪجھ بہ ڇڏڻو نہ آهي، صرف پنهنجو ڀڳتي رُوپي ٻُوٽو سُبتو پوکڻو آهي، يعني شاسترن جي طريقيڪار مطابق ئي ساڌنا شروع ڪرڻي آهي.

موجوده وقت ۾ سمورو ڀڳت سماج شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪري رهيو آهي يعني ڀڳتي رُوپي ٻُوٽو اُبتو لڳائي رهيو آهي جيڪڏهن ڪنهن ائين ٻُوٽو پوکي رکيو آهي تہ هُن کي مُورک ئي سڏيو ويندو آهي. (براءَ مهرباني ڏِسو اُبتو پوکيل ڀڳتي رُوپي ٻُوٽي جي تصوير)

اِنهي ڪري گيتا اِڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 18 تائين ۾ ٽِنهي گُڻن (رجوگڻ بِرهما، ستوگڻ وشنو ۽ تموگڻ شنڪر) جي پُوڃا تائين ئي محدود عقل رکڻ وارا جيڪي اُنهن ڪانسواءِ ڪنهن کي ڪونہ ٿا پُوڃين اُنهن کي راڪشِس گڻن کي ڌارڻ ڪيل انسانن ۾ نيچ بُرا ڪرم ڪرڻ وارا مُورک چيو آهي ۽ چيو آهي تہ اُهي مونکي بہ ڪونہ ٿا. پُوڃين. وري گيتا گيان داتا پربُو (بِرهم، شرپُرش) پنهنجي ساڌنا کي

تمام نيچ (انوتم) مطلب تہ بيڪار چيو آهي. اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 18 شلوڪ 66،64،62 ۽ اڌياءِ 15 شلوڪ 1 کان 4 ۾ چيو آهي اُن پُورڻ پرماتما (اُبتي لٽڪيل وڻ جي پاڙ ) جِي پُوجا ڪر، اُن جي شرڻ ۾ وڃ. انهي جي پُوجا تتوَدرشي سنت جي ٻُڌايل مارڳ مطابق ڪر (گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾ تتودرشِي سنت ڏانهن اِشارو ڪيو آهي) انهي پُورڻ پرماتما جي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا ڪرڻ سان ئي ساڌڪ پرم شانتي ۽ ست لوڪ کي پراپت ڪندو مطلب تہ پُورڻ موڪش کي پراپت ڪندو. گيتا گيان ڏيڻ وارو پرِيو (شرپُرش/ڪال) چئي رهيو آهي تہ مان بہ اُنهي جي شرڻ ۾ آهيان، مطلب تہ منهنجو بہ ايشٽ ديوَ اُهوئي پُورڻ پرماتما آهي مان بہ اُنهي جي پُوجا ڪندو آهيان ٻين کي بہ اُنهي جي پُوجا ڪرڻ گهرجي. توهان گيتاجي جو هر روز پاٺ بہ ڪندا آهيو ۽ ساڌنا جيئن گيتاجي ۾ لکيل آهي اُن جي اُبتڙ ڪريو ٿا. جِن منترن جو (هري رام هري، هري ڪِرشن، راڌي شام، سيتارام، اوم نمہ شوايہ، اوم نمہ ڀڳوت واسو ديوايہ وغيره) توهان جاپ ڪندا آهيو ۽ هِن کان علاوه ٻيون ساڌنائون ڪرڻ ڪاوڙ ڪرڻ تيرٿن ۽ ڌامن تي دان ۽ پُوجا لاءِ وڃڻ گنگا سنان ۽ تيرٿن تي لڳندڙ پرٻين ۾ سِنان وغيره ڪرڻ پويتر گيتا ۾ لکيل نہ هئڻ ڪري شاسترن کان علاوه من مانو آچرڻ (پُوجا) ٿيا جنهن کي پويتر گيتاجي اڌياءِ 16 شِلوڪ 23 ۽ 24 ۾ بيڪار چيو آهي.

## “گدي ۽ مهنت پرمپرا جي معلومات ”

ڪنهن اڪيلائي جاءِ تي يا شهر يا ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو مهان آتما سنت يا ساڌڪ رهندو هو. اُن جي شرير ڇڏي وڃڻ کانپوءِ اُن جي ياد قائم رکڻ لاءِ اُن جي شرير جو آخري سنسڪار ڪرڻ واري جاءِ تي پٿرن يا سِرن جي هڪ يادگار تعمير ڪئي ويندي آهي پوءِ اُن پويتر آتما جا چيلا يا خاندان وارا اُن جي پٿر سيمينٽ يا ڌاتو وغيره جي مُورتي ٺهرائي رکي ويندي آهي. ڪُجھ وقت کان پوءِ شرڌالوئن جو وڃڻ شروع ٿي ويندو آهي، ڪجھ ڌن دان ڪرڻ لڳي ويندا آهن. اُن کي مندر جو رُوپ ڏيئي ڇڏيندا آهن ۽ اُن سنت جي خاندان وارن کي ڌن ڪمائڻ جي لالچ ٿي پوندي آهي. اُهي ماڻهن کي اُڪسائڻ شروع ڪندا آهن تہ هتي جيڪو بہ درشن لاءِ ايندو آهي اُن کي پُورڻ موڪش ملي ويندو آهي. اُهي سڀ لاڀ مِلندا آهن جيڪي هُن مهاپُرش جي

زندگي جي دور ۾ شِشن کي ملندا هئا. هي مُورتي ساڪشات اُنهي سنت جي کي سمجهو. جيڪي هتي نہ ايندو اُن جو موڪش ناممڪن آهي وغيره وغيره.

اُنهن نادانن (اڻ ڄاڻ، بيوقوف) کي ڪو پُڇي تہ جهڙي نموني ڪو ڊاڪٽر هو، هو نبض ڏِسي دوا ڏيندو هو، مريض ٺيڪ ٺاڪ (صحتمند) ٿي ويندو هو. اُن ڊاڪٽر جي موت کانپوءِ اُن جي مُورتي ٺهرائي رکي ڪري ڪو لالچي چئي تہ هِي مُورتِي اُن ڊاڪٽر وارو ڪم ڪندي آهي. جيڪو هِن جو درشن ڪرڻ ايندو اُهو بِلڪل صحتمند ٿي ويندو. يا ڪٿي خود ئي نقلي ڊاڪٽر بڻجي ويهي رهي ۽ چئي تہ مان بہ دوائون ڏيندو آهيان. پر دوائون اُن ڊاڪٽر جي لکيل ڪتابن جي اُبتڙ ڏيئي رهيو آهي. هو تہ دوکو ڏيئي رهيو آهي، ڇو تہ فقط پئسو ڪمائڻ اُن جو مقصد آهي. ڪنهن بہ سنت يا ڀڳوان جي مُورتي احترام جي لائق تہ آهي پر پُوجا جي لائق نہ آهي. ائين ڪنهن سنت يا ڀڳوان جِي مُورتي ٺاهي اُن جي آڙ ۾ ڪو پُوجارِي يا ڪو مهنت چوي تہ مان بہ نام ڏيان ٿو تہ سمجهڻ گهرجي تہ هُو سيئي ساڌنائون اُن پويتر شاستر جي اُبتڙ ڏيئي رهيو آهي. اُن سنت يا مهنت جنهن پنهنجي تجربي ۾ لکيو آهي. اُهو سنت يا مهنت خود بہ گناهگار آهي ۽ پنهنجي چيلن جي بہ زندگي برباد ڪرڻ جو بوجهہ بہ پنهنجي سِر تي وٺي رهيو آهي. سنت تہ هڪ وقت ۾ هڪ ئي ايندو آهي. اُن جي رستي ۾ ڪروڙين نقلي سنت مهنت ۽ آچاريہ رڪاوٽ بڻجندا آهن.

ڪنهن سنت جي شرير ڇڏڻ بعد سنت يا مهنت پرمپرا شروع ٿي ويندي آهي. پهرين سنت جي جگهہ جي حفاظت جي لاءِ هڪ ڀڳت کي مقرر ڪيو ويندو آهي جنهن کي مهنت سڏيو ويندو آهي، هو فقط پويتر يادگار جي نظرداري ڪرڻ لاءِ ئي رکيو ويندو آهي، پوءِ هو لالچ ۾ اچي خود گُرو بڻجي ويندو آهي ۽ ڀڳتي چاهيندڙ پياري/پولي آتمائون اُن تي اعتبار ڪري، پنهنجي زندگي برباد ڪري ڇڏينديون آهن. مهنت پرمپرا جو نيم جوڙي رکيو آهي تہ پهرئين سنت جو وڏو پُٽ مهنت جو حقدار هوندو، چاهي اُهو شرابي هُجي، چاهي اُهو اگياني هُجي، اِهو ڀڳتي مارڳ آهي، ان ۾ صرف پُورڻ سنت ئي جيو جو ڪلياڻ ڪري سگهي ٿو. مون داس (رامپال داس) بہ ٿي مهنت پرمپرائن جا ڪتاب پڙهيا انهن ۾ ڏٺو تہ:-

1.هڪ ٻن سالن جي ٻار کي گادي تي ويهاريو ويو، پوءِ هو وڏو ٿي نام دان ڪرڻ شروع ٿي ويو. ٻئي ڪتاب ۾ پڙهيو تہ هڪ پنج سالن جي ٻار جو پِتاڄِي جيڪو

مهنت هو، اوچتو اُهو مري ويو. بعد ۾ سنگت ۽ اُن جي ماتا، اُن پنج سالن جي ٻار کي مهنت پد تي ويهاري ڇڏيو .ڪجهه سالن بعد هو گُرو بڻجي ويو.

2. هڪ مهنت پرمپرا جي تاريخ کي پڙهيم تہ مهنت کي ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو ۽ هو مري ويو. پاڻُ جو موت اڳ ۾ تي چُڪو هو. اُن کي بہ ڪو اولاد ڪونہ ٿيو هو. گادي جي سارسنڀال لاءِ هڪ سيوڪ کي اُن خاندان ۾ اولاد ٿيڻ تائين، عارضي طور تي مهنت بڻائي ويهاري ڇڏيو. ڪجهہ عرصي بعد مهنت خاندان ۾ ڪنهن کي پُٽ پيدا ٿيو. عارضي مهنت سڀ سمپتي ڪٺي پڄي ويو ۽ ڪنهن ٻئي شهر ۾ خود گادي قائم ڪري مهنت بڻجي ويهي رهيو، اُتي نئون ڪاروبار ڪولي ڇڏيو. پهرئين جڳهہ تي هڪ اڍائي سالن جي ٻار کي مهنت بڻائي ويهاري ڇڏيو.

3. هڪ مهنت پرمپرا جي تاريخ ڏِٺي تہ هڪ وڏو پُٽ گهر ڇڏي ويو اُن کان ننڍي کي مهنت پد تي ويهاريو ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اُتي مندر بڻجي ويو ۽ تمام گهڻو چڙهائو (پينٽ پُوجا جو پئسو) اچڻ لڳو، اُن وڏي پُٽ جي اولاد چيو تہ هِن مندر تي اسانجو حق آهي. اِنهي ڳالهہ تي جهگڙو شروع ٿي ويو. گادي نشين مهنت جي کي قتل ڪيو ويو، انهي کان پوءِ اُن جو ٻيو پاءُ گادي تي ويهاريو ويو. ٻيا جيڪي پاڻ کي حقدار سمجهندا هئا اُنهن نئين جاءِ تاهي نئون دُڪان (گادي) کولي ڇڏِي. هڪٻئي تي ڪيس داخل ڪري سُک پري زندگي کي لالچ ۾ اچي نرڪ بڻائي ڇڏيو. اُهو ڏام ڪٽي رهيو. اُهو تہ ڪُرو ڪيتر (ميدان جنگ) مهاڀارت وارو ميدان بڻجي ويو. ڪجهہ مهنتن سنت تاهڻ جي ايجنسي وٺي رکي آهي. ڳاڙها ڪپڙا پارائن ٿا، چيلا نقلي سنت بڻجي پولِي پالي آتمائن جي زندگي سان کيڏين ٿا ۽ انمول منُش جيوَن کي خود بہ ضايع ڪري رهيا آهن ۽ پولِي پالِي آتمائن جي جيوَن کي بہ ناس ڪري مهاپاپ جا پاڳي بڻجي رهيا آهن.

جنهن وقت راجا پريڪشِت جي کي نانگ ڏنگٽو هو، اُن وقت پُورڻ گُرو جي ضرورت پئي، چاڪاڻ تہ سچي سنت ڪانسواءِ زندگي جو ڪلياڻ ناممڪن آهي. اُن وقت ڌرتي تي موجود سيني رشين راجا پريڪشت کي دِڪشا ڏيڻ ۽ ست ڏينهن شريمد ڀڳوت سُدا ساگر جي ڪٿا ٻُڌائڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو هو، چاڪاڻ تہ ستين ڏينهن پول کُلٽا هئا. اِنهي ڪري ڪير بہ سامهون نہ آيو. خود شريمد ڀڳوت سُدا ساگر جو ليکڪ مهرشي ويد وياس جي بہ ڪٿا ٻُدائڻ جي همت ڪونہ ڪئي چو

تہ اُهو رِشي پريُو کان دِڃڻ وارو هو. اِنهي ڪري ئي راجا پريڪشِت جي جيوَن (زندگي) سان کيڏڻ ٺيڪ نہ سمجهيو.

راجا پريڪشِت جي جي ڪلياڻ لاءِ مهرِشي سُکديوَ جِي کي سرڳ مان گُهرايو ويو. جنهن راجا پريڪشت کي دِڪشا ڏِني ۽ ست ڏينهن تائين ڪٿا ٻُڌائڻ سان راجا جو جيترو پلو رِشي سُکديوَ جِي ڪري سگهيا ٿي اوترو ڪيو. موجوده وقت جا گُرو سنت مهنت ۽ آچاريہ خود پريُو جي قانون کان اڻواقف آهن، اِنهي ڪري مها پاپ جا ڀاگي بڻجي رهيا آهن.

**اورون پنٿ بتاوهين، سوئم نہ جاني راهہ،**

**اَن اڌيڪاري ڪٿا- پاٺ ڪريَ وَ دِڪشا ديوين، ٻُهت ڪرت گُناهہ.**

موجوده وقت ۾ ڪٿا ۽ گِرنٿن جو پاٺ ڪندڙ ۽ نامدان ڪندڙن جو سيلاب آيل آهي، چاڪاڻ تہ سيني پويتر ڌرمن جون سيئي پويتر آتمائون تتوَگيان کان ناواقف آهن. جنهنڪري نقلِي گُروئن سنتن ۽ مهنتن جو داءُ لڳل آهي. جنهن وقت پويتر ڀڳت سماج آڌياتمڪ تتوَگيان کان واقف ٿي ويندا اُن وقت اُنهن نقلِي گروئن سنتن، مهنتن ۽ آچارين کي لِڪڻ جي جاءِ ڪونہ ملندي، ڀڄِي جان ڇڏائڻي پوندِي.

## "پاڪ تيرٿ ۽ ڌام جي معلومات"

ڪنهن ساڌڪ رِشي ڪنهن هڪ جڳهہ يا درياهہ جي ڪِناري ويهي ساڌنا ڪئي يا پنهنجي روحاني شڪتي جو مُظاهرو ڪيو. هو پنهنجي ڀڳتي ڪمائي ڪري گڏ ڪٽي ويو ۽ پنهنجي ايشٽ لوڪ کي پراپت ٿيو. اُن ساڌنا ڪرڻ واري جڳهہ جو بعد ۾ تيرٿ يا ڌام نالو پيو. جيڪڏهن ڪو اُن جڳهہ کي ڏِسڻ وڃي تہ هتي ڪو رِشي رهندو هو، هن ڪيترن ئي ماڻهن جو ڪلياڻ ڪيو. هاڻي نہ تہ اُتي اُهو سنت جِي آهي جو اُپديش ڏي يا شڪتي جو مظاهرو ڪري، هو تہ پنهنجي ڪمائي ڪري هليو ويو.

**ويچار ڪريو:-** تيرٿ ۽ ڌام کي هِمام دستو (پتل جو ڪونڊو جنهن ۾ حڪيم جڙي ٻوٽيون ڪُٽي ٿو) سمجهو هڪ شخص پنهنجي پاڙيسري جو همام دستو گُهري وٺي آيو. هُن هوَن جي سامگرِي ڪُٽي ۽ ڌوئِي واپس ڪري ڇڏيو. جنهن ڪمري ۾ همام دستو رکيل هو، اُن ڪمري ۾ خوشبو اچڻ لڳي، گهر جي ڀاتين سوچيو تہ هي خوشبوءِ ڪٿان اچي رهي آهي. خبر پئي تہ هِمام دستي مان اچي رهي

آهي، هو سمجهي ويا تہ پاڙيسرِي وٽي ويو هو هُن کا خوشبوء وارِي جڙي ٻوٽِي ڪُٽي آهي. ڪجھہ ڏينهن بعد اُها خوشبو اچڻ بند ٿي ويئي، اهڙي طرح تيرٿ ۽ ڌامن کي هڪ قسم جو همام دستو سمجهو. جهڙي نموني شيون ڪُٽندڙ پنهنجون سيئي شيون ڪُٽي همام دستي مان ڪڍي رکي ڇڏيون. خالي همام دستو واپس ڪري ڇڏيو. هاڻ ڪو اُن همام دستي کي سُنگهي مفيد سمجهي تہ نادان آهي. هِن کي بہ سامگرِي آٽي پوندِي تڏهن پُورو لاڀ ٿيندو.

بلڪل اهڙي طرح ڪنهن تيرٿ يا ڌام تي رهندڙ پويتر آتما تہ رام نام جي سامگرِي ڪُٽي ۽ ڦونڪي، پنهنجي سمُورِي ڪمائي ساڻ ڪٽي هليو ويو. بعد ۾ اڻ ڄاڻ شرڌالو، اُن جگهہ تي وڃڻ کي ئي پنهنجو ڪلياڻ سمجهن تہ اُن جي راهہ ڏيکاريندڙن (گروئن) جي شاسترن جي طريقيڪار جي اُبتڙ ٻُڌايل ساڌنائن جو ئي نتيجو آهي. ڪلياڻ تہ اُن مهان آتما سنت وانگر پريُو ساڌنا ڪرڻ سان ئي مُمڪن آهي. اِنهي لاءِ تتودرشِي سنت جِي تلاش ڪري اُن کان اُپديش وٺي تاحيات ڀڳتي ڪري موڪش پراپت ڪرڻ گهرجي. شاسترن جي طريقيڪار جي سچي ساڌنا مون داس (رامپال داس) وٽ موجود آهي. براءَ مهرباني جنهن کي فري ۾ حاصل ڪريو.

## "شري امرناٿ جي تعمير ڪيئن ٿي؟"

ڀڳوان شنڪرجي پاروتي جي کي تنهائي واري جاءِ تي اُپديش ڏنو هو. جنهن ڪري پاروتي مُڪت ٿي ويئي، جيستائين ڀڳوان شِوجِي (تموگُڻ) جِي موت نہ ٿيندِي تيستائين پاروِتي جي بہ موت نہ ٿيندي. ست بِرهماجي (رجوگڻ) جي موت بعد ڀڳوان وِشنوجِي (ستوگڻ) جي موت ٿيندي. ست وِشڻوجِي (ستوگڻ) جي موت بعد شِوجِي (تموگڻ)جِي موت ٿيندي تڏهن ماتا پاروتي جي بہ موت ٿيندي .پُورڻ موڪش نہ ٿيو. پوءِ بہ جيترو لاڀ پاروتي جي کي ٿيو، اهو بہ لائق کان اُپديش منتر وٺڻ ڪري ٿيو. بعد ۾ شرڌالوئن اُن مڪان جي ياد قائم رکڻ لاءِ اُن کي حفاظت ۾ رکيو ۽ ديدار لاءِ وڃڻ لڳا.

جيئن هي داس (رامپال داس) جگهہ جگهہ تي وڃي ستسنگ ڪندو آهي. اُتي ڪيرٽي ۽ حلوو بہ ٺاهيا ويندا آهن. جيڪا ڀڳت آتما اُپديش پراپت ڪري وٺندي. آهي اُن جو ڪلياڻ ٿي ويندو آهي. ستسنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ تنبُو وغيره پٽي ٻي جگهہ

تي ستسنگ لاءِ هليا ويا. پهرين هنڌ تي صرف مٽي يا سِرن جون ٺهيون ۽ چُلها باقي ڇڏي ڏِنا. پوءِ ڪو اُنهي شهر جي ماڻهن کي چئي تہ اچو توهان کي اُهو هنڌ ڏيکاريان ٿو جتي سنت رامپال داس جي مهاراج جو ستسنگ ٿيو هو. کيرٽي ۽ حلوو ٺاهيا هئا. پوءِ اُنهن ٺهين کي ڏسڻ لاءِ وڃڻ وارن کي نہ تہ کيرٽي نہ وري ستسنگ جا امرت وچن ٻُڌڻ لاءِ مِليا ۽ نہ ئي اُپديش پراپت ٿي سگهيو، جنهن سان ڪلياڻ ٿئي. اِنهي لاءِ سنت جي ئي تلاش ڪرڻي پوندِي، جِتي ستسنگ جارِي هوندو اُتي سڀ ڪم پُورا ٿيندا.

بِلڪُل اهڙي ئي طرح تيرٿن ۽ ڌامن تي وڃڻ تہ اُن ياد گار مڪان رُوپي ٺهي کي ڏِسڻ جهڙو ئي آهي. اِها پويتر گيتا ۾ بيان نہ هئڻ ڪري شاسترن جي خلاف ٿي. جنهن سان ڪوبہ لاڀ نہ ٿيندو (ثبوت پويتر گيتا اِدياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24).

تتوگيان کان لاعلم سنتن مهنتن ۽ آچارين ذريعي گُمراهہ ڪيل عقيدتمند تيرٿن ۽ ڌامن تي آتم ڪلياڻ جي واسطي ويندا آهن. شرِي امرناٿ جي ياترا تي ويل شرڌالو تي چار ڀيرا برفانِي طوفان ۾ دٻجِي مري ويا. هر ڀيري مرڻ وارن جو تعداد هزارن ۾ هوندو آهي. هي سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ شرِي امرناٿ جي پُوجا ۽ درشن لاڀ ڏيندڙ آهن تہ پوءِ ڇو شرِي شنڪر ڀڳوان اُنهن شرڌالوئن جي حفاظت نٿا ڪن؟؟؟ مطلب تہ ڀڳوان شرِي شنڪر بہ شاسترن جي ابتڙ سادنا سان خوش ڪونہ آهن.

## "وشنوديوي جي مندر جي تعمير ڪيئن ٿي؟"

جڏهن ستي (اُما ديوي) پنهنجي پِتا راجا دڪش جي هَوَن ڪُنڊ ۾ ٽِپو ڏيئي مري ويئي هُئي، تڏهن ڀڳوان شِوجِي اُن جي هڏين جي ڍانچي کي موهہ (لڳاءُ) وس ستِي (پاروتي) سمجهي. ڏهہ هزار سالن تائين ڪُلهي تي کڻي چرين وانگر گُهمندا رهيا. تڏهن ڀڳوان وِشنوجِي سُدرشڻ چڪر سان پاروتي جي هڏائين پڃري کي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيو. جِتي ڌڙ ڪِريو اُتي اُن کي زمين ۾ پُوري ڇڏيو، اُن ڌرمي واقعي جي ياد قائم رکڻ لاءِ اُن جي مٿان مندر وانگر هڪ يادگار ٺهرائي ڇڏي تہ جيئن ايندڙ وقت ۾ ڪو ائين نہ چوي تہ پُراڻن ۾ غلط لکيل آهي. اُن مندر ۾ هڪ عورت جي تصوير رکي ڇڏي، جنهن کي **وِشنو ديوي** سڏڻ لڳا. اُن جي سارسنڀال ۽ درشن لاءِ ايندڙ شرڌالوئن کي اُن هنڌ جي ڪهاڻي ٻُڌائڻ لاءِ هڪ نيڪ شخص اُتي ويهاري ڇڏيو. اُن کي ٻيا ڌرمي ماڻهو گذربسر لاءِ ڪجهہ سامان وغيره ڏيندا هئا، پوءِ اُن جي خاندان وارن اُن تي پيسا (دان پئسا) وٺڻ

شروع ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي ٻُڌائڻ لڳا تہ هڪ شخص جو ڪاروبار بند ٿي ويو هو. تہ هُن ماتا کي سئو روپيا ارپڻ ڪيا ۽ هڪ ناريل چاڙهيو تہ تمام گهڻو شاهوڪار ٿي ويو. هڪ بي اولادي هو هُن ماتا کي ٻہ سئو روپيا هڪ ساڙهي ۽ هڪ سون جو گلي جو هار چڙهائڻ جو سنڪلپ ڪيو. انکي پُٽ پيدا ٿيو.

اهڙي طرح ڀولي ڀالي آتمائون اُنهن ڏند ڪٿائن (روايتي داستان) کي سچو سمجهي پنهنجي پويتر گيتاجي ۽ پويتر ويدن کي ڀُلجي ويا. جنهن ۾ اُهي سيئي ساڌنائون شاسترن جي خلاف لکيل آهن، جنهن سان نہ ڪو سُک ملندو آهي نہ ڪو ڪم ڪار ٺيڪ ٿيندو آهي ۽ نہ وري پرم گتِي مطلب مُڪتي ملندي آهي. (پرماڻ پويتر گيتا اِڌياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24 ۾).

اهڙي نموني جتِي ديوي جون اکيون ڪِريون اُتي **نيناديوي** جو مندر جتي زبان ڪِري اُتي **جوالاديوي** جو مندر ۽ جِتي ڌڙ ڪريو اُتي **وِشنو ديوي** جو مندر تعمير ٿيو.

## "پُري ۾ شري جگن ناٿ جِي جو مندر مطلب ڌام ڪيئن بڻيو؟"

ضلع اُڙيسا ۾ هڪ اندردمن نالي راجا هو. هو ڀڳوان شرِي ڪِرشن جِي جو پڪو ڀڳت هو. هڪ رات شرِي ڪِرشن جي سپني (خواب) ۾ درشن ڏيئي چيو تہ جگن ناٿ جي نالي سان هڪ منهنجو مندر تعمير ڪراءَ. شري ڪِرشن جي اِهو بہ چيو هو تہ اُن مندر ۾ مُورتي پُوجا نہ ڪرڻي آهي، صرف هڪ سنت ڇڏڻو آهي جيڪو ايندڙ ڀڳتن کي پويتر گيتا مُطابق گيان پرچار ڪري. سمُنڊ جي ڪِناري تي اُهو هنڌ بہ ڏيکاريو جِتي مندر ٺاهڻو هو. صبح جو اُٿي راجا اِندردمن پنهنجي پتني (زال) کي ٻُڌايو تہ اڄ رات ڀڳوان شرِي ڪِرشن جي درشن ڏيئي مندر ٺهرائڻ لاءِ چيو آهي. راڻِي چيو تہ شُڀ (ڀلي) ڪم ۾ دير ڪهڙي ڳالهہ جِي؟ سموري مال مِلڪيت اُنهي جي ڏِنل آهي. اُنهي کي ڏيڻ ۾ سوچڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ راجا اُن هنڌ تي مندر تعمير ڪرائي ورتو. جيڪا جاءِ شرِي ڪِرشن جي سپني ۾ ڏيکارِي هئي. مندر تعمير ٿيڻ ڪانپوءِ ساموندي طوفان آيو، مندر ٽوڙي ڇڏيو ۽ نشان بہ نہ ڇڏيو تہ هِتي ڪو مندر هو. اهڙي طرح راجا پنج دفعا مندر تعمير ڪرايو ۽ پنج ئي دفعا سمُنڊ ٽوڙي ڇڏيو.

راجا پريشان ٿي مندر تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اِهو سوچيو ته ڇاڪاڻ سمُنڊ ڪهڙي جنم جو مون ڪان بدلو وٺي رهيو آهي؟ خزانو خالي ٿي ويو ۽ مندر به نه ٺهي سگهيو. ڪجهه عرصي بعد پُورڻ پرميشور ڪوير ديوَ (ڪبير ديوَ) جوتِي نِرنجن (ڪال) ڪي ڏِنل وچن جي مُطابق راجا اِندردمن وٽ آيا ۽ راجا ڪي چيائون ته توهان مندر ٺهرايو هاٽي سمُنڊ مندر نه ٽوڙيندو. راجا چيو سنت جي مونکي يقين نه آهي آءُ ڀڳوان شرِي ڪِرشن جِي (وِشٽوجِي) جي حُڪم سان مندر تعمير ڪرائي رهيو آهيان. شرِي ڪِرشن جي سمُنڊ ڪي نه روڪي رهيا آهن. پنج دفعا مندر تعمير ڪرائي چُڪو آهيان. اِهو سوچي ته ڪٿي ڀڳوان منهنجو امتحان ته نه وٺي رهيو آهي. پر هاٽي ته پريڪشا ڏيڻ جي لائق به نه رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته هاٽي ته خزانو به خالي ٿي چُڪو آهي، هاٽي مندر ٺهرائڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي. پرميشور ڪوير (ڪبير ديوَ) چيو ته اندردمن جنهن پرميشور سيني بِرهماندن جي رچنا ڪئي آهي، اُهوئي سيئي ڪم ڪار ڪرڻ جي قابل آهي، ٻيا پريُو نه. مون ڪي اُن پرميشور جي وچن شڪتي حاصل آهي. مان سمُنڊ ڪي روڪي سگهان ٿو (پنهنجو پاڻ ڪي لڪائي سچ چئي رهيا هئا) راجا چيو سنت جِي! مان نٿو مڃي سگهان ته شرِي ڪِرشن جي ڪان وڌيڪ شڪتِي وان ڪو ٻيو به آهي. جڏهن هو به سمُنڊ ڪي روڪي نه سگهيا ته پوءِ توهان ڪهڙي ٻنيءَ جِي مورِي آهيو؟ مونکي اعتبار نٿو اچي ۽ نه ئي منهنجو وري مندر ٺهرائڻ جو ڪو اِرادو آهي. سنت رُوپ ۾ آيل پرميشور ڪبير ديوَ چيو راجن! جيڪڏهن مندر ٺهرائڻ جو من ٿئي ته مون وٽ اچِي وڃجو، مان فلاڻي هنڌ رهان ٿو. هاٽي سمُنڊ مندر کي نه ٽوڙيندو. اهو چئي پرميشور هليا ويا.

اُنهي رات پريُو شرِي ڪِرشن جِي وري راجا اِندردمن کي درشن ڏِنو ۽ چيو ته اِندردمن! هڪ دفعو وري مندر تعمير ڪراءِ جيڪو سنت تو وٽ آيو هو اُن سان رابطو ڪري مدد گهُري وٺ، هو جهڙو تهڙو سنت نه آهي. اُن جي ڀڳتي شڪتي جو پار نه آهي.

راجا اِندردمن ننڊ مان جاڳيو ۽ سپني جو سمُورو احوال پنهنجِي راڻِي کي ٻُڌايو، راڻِي چيو ته پرِيُو چئي رهيا آهن ته توهان نه ڀُلجو پريُو جو محل وري ٺهرايو. راڻِي جون پريم ڀريون ڳالهيون ٻُڌي راجا چيو ته هاٽي خزانو به خالي ٿي چُڪو آهي. جيڪڏهن مندر نه ٺهرائيندس ته پريُو ناراض ٿي ويندا مان ته ڌرم سنڪٽ (مُشڪل) ۾ ڦاسي ويو آهيان. راڻِي چيو مون وٽ زيور پيل آهن. اُنهن مان آساني سان مندر ٺهي

ويندو. توهان هي زيور وٺو ۽ پرڀُو جي آديش جو پالڻ ڪريو. اِهو چئي راڻِي زيورات جيڪي گهر ۾ رکيل هئا ۽ پاتل هئا لاهي گڏ ڪري پرڀُو جي نالي ڪري پنهنجي پتِي جي قدمن ۾ پيش ڪيائين. راجا اِندردمن اِنهي هنڌ ويو جيڪا پرميشور سنت رُوپ ۾ اچي بُڌائي هئي. ڪبير پرڀُو مطلب اَڻ واقف ساڌو کي ڳولي، سمنڊ کي روڪڻ جي پراٿنا ڪئي. پرڀُو ڪبيرجي چيو تہ جنهن طرف کان سمُنڊ چڙهي اچي ٿو. اوڏانهن سمنڊ جي ڪِناري هڪ چونئرو (چبُوترو) ٺهراءَ جنهن تي ويهي مان پرڀُو جي ڀڳتي ڪندس ۽ سمُنڊ کي روڪيندس. راجا هڪ وڏي پٿر کي ڪاريگرن کان چبوتري نُما ٺهرايو. پرميشور ڪبير اُن تي ويهي رهيا. ڇهون دفعو مندر ٺهڻ شروع ٿي ويو. اُنهي وقت ناٿ پرمپرا کان سِڌ هڪ مهاتما اچي پهتو. ناٿ جي راجا کي چيو. راجا تمام بهترين مندر ٺهرائي رهيا آهيو. اِنهي ۾ مُورتي بہ رکڻ گُهرجي، مُورتي کانسواءِ مندر ڪهڙو؟ هي منهنجو آديش آهي. راجا اِندردمن هٿ ٻڌِي چيو تہ ناٿ جِي پرڀُو شرِي ڪرِشن جي سپني ۾ اچي مونکي مندر ٺهرائڻ جو آديش ڏنو هو ۽ چيو هو تہ هِن مندر ۾ نہ تہ مورتي رکڻي آهي ۽ نہ وري پاکنڊ جي پُوجا ڪرڻي آهي. راجا جي ڳالهہ ٻُڌي ناٿ جي چيو تہ سپنو بہ ڪو سچو هوندو آهي ڇا؟ منهنجي آديش جو پالڻ ڪر ۽ چندن جي ڪاٺي جي مورتي ضرور رکجان. اِهو چئي ناٿ جي بِنا ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي اُٿي هليا ويا. راجا خوف ۾ اچي چندن جي ڪاٺي گُهرائي ۽ ڪاريگر کي مُورتي ٺاهڻ جو حُڪم ڏِنائين. شرِي ڪرِشن جِي جي هڪ مُورتي ٺهرائي رکڻ جو آديش ناٿ جي جو هو، پوءِ ڀين گروئن ۽ سنتن راجا کي راءِ ڏِني تہ پرڀُو اڪيلا ڪيئن رهندا؟ هو تہ شرِي بلرام کي سدائين گڏ رکندا آهن. ڪِن چيو تہ ڀيڻ سُيدرا تہ شرِي ڪرِشن جي لاڏلي ڀيڻ هُئي ياءُ کانسواءِ ڪيئن رهِي سگهندي؟ اهڙي طرح ٽي مورتيون ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٽي ڪاريگر گُهرايا ويا. مورتيون تيار ٿينديون ئي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيو وجن. اهڙي طرح ٽي دفعا مُورتيون ٽُٽيون. راجا بيحد پريشان ٿي ويو سوچيائين تہ منهنجي نصيب ۾ هي ثواب جو ڪم نہ آهي، مندر ٺهي ٿو تہ اُهو ٽُٽي وڃي ٿو ۽ هاڻي مُورتيون ٽُٽِي رهيون آهن. ناٿ جي ناراض ٿي ويا آهن، جيڪڏهن چوندس تہ مُورتيون ٽُٽِي وڃن ٿيون تہ سوچيندا تہ راجا بهانو ڪري رهيو آهي. ڪٿي مونکي شراپ نہ ڏيئي ڇڏي. پريشاني سبب راجا کي نہ ماني وڻي ۽ نہ ئي رات جو ننڊ آئي .

صبح جو بيچين حالت ۾ راجا دربار ۾ پهتو. اُنهي ئي وقت پُورڻ پرماتما ڪبير ديوَ اسي (80) سالن جي پوڙهي ڪاريگر جو رُوپ ڌاري دربار ۾ حاضر ٿيا. ڪُلهي ۾ هڪ

ٿيلهو لٽڪيل هو جنهن ۾ آرِي (ڪارائي) صاف نظر اچي رهي هُئي. سمجهو ته بنا ٻُڌائڻ جي ڪاريگر لڳي رهيا هئا. اوزار وغيره سڀ ٿيلهي ۾ پريل هئا ڪاريگر جي لباس ۾ پرڀُو ڪبير راجا کي چيو ته مون ٻُڌو آهي ته پرڀُو جي مندر جون مُورتيون مُڪمل نه ٿي رهيون آهن؟ مان 80 سال جو پُوڙهو ٿي چُڪو آهيان ۽ سٺ سالن جو تجربو آهي. چندن جي ڪاٺي جِي مورتي هر هڪ ڪاريگر نٿو ٺاهي سگهي. جيڪڏهن توهان جي اِجازت هُجي ته سيوڪ حاضر آهي. راجا چيو ته ڪاريگر ! توهان منهنجي لاءِ ڀڳوان جي صُورت ۾ ڪاريگر بڻجي آيل لڳي رهيا آهيو. مان تمام گهڻو پريشان هئس. سوچي ئي رهيو هئس ته ڪو تجربيڪار ڪاريگر ملي وڃي ته مسئلي جو حل نڪري. توهان جلدي ئي مُورتيون ٺاهي ڏيو. پوڙهي ڪايگر رُوپ ۾ آيل ڪوير ديوَ چيو ته راجا مونکي هڪ ڪمرو ڏيو، جنهن ۾ ويهي پرڀُو جون مُورتيون تيار ڪندس. مان اَندران در بند ڪري بهترين نموني مُورتيون ٺاهيندس. اهي مُورتيون جڏهن تيار ٿي ويندريون تڏهن در کُلندو، جيڪڏهن وچ ۾ ڪنهن در کوليو ته جيتريون مُورتيون ٺهيل هونديون اوتريون ئي رهجي وينديون، وڌيڪ ڪونه ٺهينديون. راجا چيو جيئن توهان کي بهتر لڳي ائين ئي ڪريو.

ٻارهن ( 12) ڏينهن مُورتيون ٺاهيندي ٿي ويا، ايتري ۾ ناٿ جي به اچي ويا. ناٿ جي راجا کان پُڇيو اندردمن! مُـورتيون ٺاهيون ڇا؟ راجا هٿ جوڙي ڪري چيو توهان جي آڳيا بخوبي پالڻ ڪيو آهي مهاتماجي! پر منهنجي بدنصيبي آهي جو مُـورتيون نه ٺهي رهيون آهن. اڌ ٺهندي ئي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي وڃن ٿيون. نوڪرن کان مورتين جا ٽُڪرا گُهرائي ناٿ جي کي يقين ڏيارڻ لاءِ ڏيکاريا. ناٿ جي چيو ته مُـورتيون لازمي ٺهرائڻيون آهن. هاڻي ٺهراءِ. مان ڏِسان ٿو ته ڪيئن مُـورتي ٽُٽي ٿي. راجا چيو ناٿ جي ڪوشِش جارِي آهي. پرڀُو جي موڪليل هڪ تجربيڪار 80 سالن جو هڪ ڪاريگر بند ڪمري ۾ مُورتيون ٺاهي رهيو آهي. هُن چيو آهي ته مُورتيون تيار ٿي وڃڻ تي مان پاڻ ڪمرو کوليندس. جيڪڏهن ڪنهن وچ ۾ در کولي ڇڏيو ته جيتريون مُورتيون تيار ٿيل هونديون اوتريون ئي رهجي وينديون. اڄ هُن کي مُورتيون ٺاهيندي ٻارهن ( 12) ڏينهن ٿي ويا آهن، نه ته ٻاهر آيو آهي ۽ نه وري کاڌو پيتو ورتو آهي. ناٿ جي چيو ته مُورتيون ڏِسڻ کپن ته ڪهڙيون ٺاهي رهيو آهي؟ ٺهي وڃڻ ڪانپوءِ ڇا ڏِسندا؟ سُٺيون نه ٺهيون هونديون ته سُٺيون ٺهرائيندا سين. اِهو چئي راجا اندردمن کي گڏ وٺي اُن ڪمري اڳيان پُهتا جتي مُورتيون .



پرميشور ڪبير صاحب جگن ناٿ مندر کي سمنڊ پاران ٽوڙڻ کان روڪيو.

ٿاهيون پئي ويون. آواز ڏِنو تہ ڪاريگر دروازو کوليو. ڪيترائي دفعا آواز لڳايو پر دروازو نہ کوليو ۽ جيڪا ٺڪ ٺڪ جو آواز اچي رهيو هو. اُهو بہ بند ٿي ويو. ناٿ جي چيو تہ (80) سالن جو پوڙهو ٻُڍائي رهيا آهيو. ٻارهن ( 12) ڏينهن کان ڪاڏو پيتو بہ نہ ورتو آهي ۽ هاڻي آواز اچڻ بہ بند ٿي ويئي آهي، ڪٿي مري ويو هُجي. ڏِکو ڏيئي دروازو ٽوڙِي ڇڏيو. ڏِسن تہ ٽي مورتيون رکيل هُيون ٿنهي جي هٿن ۽ پيرن جا پنجا کونہ ٺهيل هئا ۽ ڪاريگر غائب هو.

مندر ٺهي راس ٿي ويو هو. ٻيو ڪو چارو نہ ڏِسي پنهنجي ضِد تي قائم ناٿ جي چيو تہ ائين جو ائين مُورتيون لڳائي ڇڏيو، ٿي سگهي ٿو تہ پرڀُو کي ائين ئي منظور هُجي. لڳي ٿو تہ شرِي ڪِرشن جي خود مُورتيون تيار ڪري ويا هُجن. مکيہ پنڊت شُڀ مهورت ڏِسي ٻئي ڏينهن ئي مُورتيون استاپن ڪري ڇڏيون. سيئي پنڊيا، مُکيہ پنڊت ، راجا، فوج ۽ شرڌالو مورتين ۾ پراڻ استاپن ڪرڻ لاءِ پهچي ويا. پُورڻ پرميشور (ڪوير ديوَ) هڪ شُوڌر جو رُوپ ڌاري مندر جي خاص گيٽ جي وچ ۾ مندر ڏانهن منهن ڪري ويهي رهيا. ائين ليلا ڪري رهيا هئا جهڙوڪ هِن کي ڪجهہ گيان ئي نہ هُجي. پُنيان کان پرڀُو جي پِراڻ استاپنا فوج اچي رهي هئي. اڳيان اڳيان مُکيہ پنڊت هلي رهيو هو. پرميشور (ڪوير ديوَ) بہ دروازي جي وچ ۾ ئي ويٺا رهيا. ويجهو اچي مُکيہ پنڊت شوڌر رُوپ ۾ ويٺل پرميشور (ڪوير) کي اهڙو تہ ڌِکو ڏِنو جو پري وڃي ڪِريا ۽ خالي جاءِ تي شوڌر رُوپ ۾ ليلا ڪندي ويهي رهيا. راجا سميت سيني شرڌالوئن مندر ۾ داخل ٿي وڃي ڏِنو تہ سيئي مورتيون اُنهي دروازي تي شُوڌر روپ ويٺل هُيون. اِنهي عجوبي کي ڏِسي ويٺل ماڻهو حيران ٿي ويا مُکيہ پنڊت چوڻ لڳا تہ پرڀُو ناراض ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ مُکيہ دروازي کي هُن شوڌر ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي. اِنهي ڪري سيني مورتين شوڌر رُوپ ڌارڻ ڪيو آهي. تمام وڏو ظلم ٿي ويو آهي. ڪجهہ وقت بعد مورتين جو اهڙوئي رُوپ ٿي ويو جهڙو پهرين هو، پوءِ ڪيترائي دفعا گنگا جل سان صاف ڪري پِراڻ استاپنا ڪئي ويئي. پرميشور (ڪوير ديوَ) چيو اڳيانتا ۽ پاکنڊ واد جي حد ڏِسو ڪاريگر مُورتي جو ٻِگوان ٺاهي ٿو. پُوجاري يا ٻيا سنت اُن مورتي رُوپي پرڀُو ۾ پِراڻ وجهن ٿا مطلب تہ

پرڀُو کي جيون دان ڏين ٿا. تڏهن اُهو مٽي يا ڪاٺي جو پرڀُو صحيح ڪم ڪري ٿو. (واهه ڙي پاکنڊيو! چڱو بيوقوف بڻايو آهي پرڀُو پريمي آتمائن کي).

مُورتي اِستاپنا جي ڪجھ ڏينهن بعد اٽڪل چاليهه (40) فُٽ اونچو سمُنڊ جو پاڻي اُڇليو، جنهن کي سامونڊي طوفان چون ٿا ۽ تمام تيزي سان مندر ڏانهن وڌيو. سامهون ڪبير پرميشور چبوتري تي ويٺا هئا. اُنهن پنهنجو هڪ هٿ مٿي ڪيو. جيئن آشيرواد ڏيندا آهن. سمُنڊ اُڇلندو ئي رهجي ويو ۽ جبل وانگر بيهي رهيو اڳتي وڌي ڪونه سگهيو. برهمڻ رُوپ ۾ سمُنڊ آيو ۽ چبوتري تي ويٺل پرڀُو کي چيو ته ڀڳوان جي مون کي رستو ڏيو. مان مندر ٽوڙڻ ويندس. پرڀُو چيو ته هي مندر نه آهي. هي ته محل (آشرم) آهي. هِن ۾ وِدوان پُرش رهندو ۽ پويتر گيتاجي جو گيان ڏيندو. توهان جو هِن کي ختم ڪرڻ سُٺو نٿو لڳي. سمُنڊ چيو ته مان هِن کي ضرور ٽوڙيندس. پرڀُو چيو ته وڃ ڪير ٿو روڪي. سمُنڊ چيو ته مان بيوس ٿي ويو آهيان. توهان جي شڪتي اپار آهي. مونکي رستو ڏيو پرڀو. پرميشور ڪبير ديوَ پُڇيو ته توهان ائين ڇو پيا ڪريو؟ برهمڻ رُوپ ۾ سمنڊ چيو ته جڏهن هي ڪرشن جِي تريتا يُگ ۾ شري رامچندر جي رُوپ ۾ آيا هئا، تڏهن هِن مونکي اگني ٻاڻ ڏيکاري ٻُرو ڀلو چئي منهنجي بيعزتي ڪري رستو گهريو هو. مان اُهو بدلو وٺڻ وڃي رهيو آهيان. پرميشور ڪبير جي چيو ته بدلو ته توهان اڳ ۾ ئي وٺي چُڪا آهيو. توهان دوارڪا کي ٻوڙهي رکيو آهي. سمنڊ چيو ته اجان پُري ٻوڙي نه سگهيو آهيان. اڌ رهي ٿي. اُهو به ڪو پربل شڪتي وارو سنت سامهون اچي رهيو آهي. جنهنڪري مان دوارڪا کي پُوري طرح ٻوڙي نه سگهيو آهيان. اجان به ڪوشش ڪري رهيو آهيان. پر اوڏانهن وڃي نه پيو سگهان. اوڏانهن کان مونکي ٻڌِي رکيو آهي. تڏهن ڪبير جي چيو ته اُتي به مان ئي پُهتو هئس، مون ئي باقي بچيل دوارڪا کي بچايو هو. هاڻي وڃ باقي بچيل دوارڪا کي به ٻُڙڪائي ڇڏ. پر اُن يادگار کي ڇڏي ڏِجان جتي شري ڪرشن جِي جي شرير جو آخري سنسڪار ڪيو ويو هو. شري ڪِرشن جِي جي آخري سنسڪار واري جاءِ تي تمام وڏو مندر ٺاهيو ويو. اهو ثبوت باقي رهندو ته جيئن ياد رهي ته شرِي ڪِرشن جي مُوت ٿي هئي ۽ پنج تتو وارو جسم ڇڏي ويا هئا. نه ته ايندڙ وقت ۾ چوندا ته شرِي ڪِرشن جِي جو موت ٿيو ئي ڪونه هو. اجازت ملندي ئي باقي دوارڪا کي سمُنڊ

ٻوڙي ڇڏيو. پرميشور ڪبير صاحب (ڪوير ديوَ) چيو تہ هاٿي تون اڳتي لاءِ ڪڏهن بہ جگن ناٿ مندر کي ٽوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪجان ۽ هِن مندر کان پري هليو وڃ. پريوجي اهڙي آگيا مجي پرڻام ڪري مندر کان اٽڪل ڏيڍ ڪلو ميٽر پوئتي هٽي ويو. اهڙي نموني شري جگن ناٿ جو مندر مطلب ڌام تعمير ٿيو.

## ”شري جگن ناٿ مندر ۾ اونچ نيچ جو فرق شروع کان ئي نہ آهي“

ڪجھ ڏينهن بعد جنهن پنبت پريُو ڪبيرجي کي شُودر رُوپ ۾ ڏِسي ڌِڪو ڏِنو هو. هُن کي ڪوڙھ جي بيماري ٿي وئي. هر قسم جو علاج ڪرائڻ باوجود بہ صحت نہ سُڌري، روگ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو. سيئي اُپاسنائون بہ ڪيون، پر سيئي ناڪام رهيون. سپني ۾ شري ڪرشن جي درشن ڏِنو ۽ چيائين تہ اي پنبِت! اُن سنت جا چرڻ ڌوئي امرت پان ڪر جنهن کي تو مندرجي مُکيہ دروازي تي شودر رُوپ ۾ ڏسي ڌِڪو ڏِنو هو. اُن جي آشيرواد سان تنهنجو ڪوڙھ جو روڳ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اُن توکي دل سان معاف ڪيو تہ صحيح. نہ تہ نہ. مرتا ڪيا نهين ڪرتا.

اُهو مُکيہ پنبت صبح سوير اُٿيو ۽ ٻين ڪيترن ئي مددگار پنبتن کي بہ ساٿس گڏ ڪري اُن هنڌ پهتو جِتي پريُو ڪبير جي شودر رُوپ ۾ موجود هئا. جيئن پنبت پريُو ڪبيرجي جي ويجهو پُهتا تہ پرميشور ڪبير جي اُٿي روانا ٿيا ۽ چيائون تہ اي پنبتو! مان تہ اڇُوت آهيان، مون کان پري رهجو متان! توهان ناپاڪ نہ ٿي وڃو. پنبت اڳتي وڌيا تہ پرميشور وڌيڪ پري وڃڻ لڳا. تڏهن پنبت زارو زار زور زور سان روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ اي پروردگار !! منهنجي غلطي معاف ڪريو. تڏهن ديالُو پرميشور بيهي رهيا. پنبِت آڌر سان هڪ صاف ڪپڙو زمين تي وڇائي پريُو ڪبير کي اُن تي ويهڻ لاءِ عرض ڪيائين پريُو اُن ڪپڙي تي ويهي رهيا. اُن پنبِت خود پريُو جا پير ڌوئي چرڻ امرت واپس صاف برتن ۾ وجهي ڇڏيو. پوءِ پريُو ڪبيرجي چيو تہ پنبِت! هي چاليھ ڏينهن تائين پيئجان بہ ۽ وهنجڻ واري پاڻي ۾ بہ ٿوڙو وجهي وهنجندو بہ رهجان. چاليهن ڏينهن تنهنجو ڪوڙھ جو روڳ بلڪُل ختم ٿي ويندو . وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن آئينده بہ ڪنهن هِن جگن ناٿ جي مندر ۾ اونچ نيچ واري نفرت ڪئي تہ هُن کي بہ سزا ملندي. موجود سيني ماڻهن وچن ڪيا تہ اڄ ڪانپوءِ هِن پويتر اِسٿان (جگن ناٿ مندر) ۾ ڇُوئاڇات نہ ڪئي ويندي.

**غور ڪريو:-** هندوستان جو صِرف هڪ ئي اِهڙو مندر آهي جنهن ۾ شروعات کان ئي ڇُوئاڇات نہ رهي آهي.

مون داس (رامپال داس) کي بہ اُن آستان کي ڏِسڻ جو موقعو مِليو. کيترن ئي سيوڪن سان گڏ اُن جڳھ کي ڏِسڻ لاءِ ويو هئس تہ جيئن ڪجھ پرماڻ (ثبوت) هٿ ڪريان. اُتي اُهي سيئي پرماڻ اڄ بہ گواهہ موجود مِليا. جنهن پٿر (چبوتري) تي ويهي پربُو ڪبيرجي مندر کي بچائڻ لاءِ سمنڊ کي روڪيو هو. اُهو اڄ بہ موجود آهي. اُن جي مٿان يادگار طور گُنبذ ٺاهي رکيو آهي، اُتي تمام قديمي رواج مطابق هڪ مهنت (سنپاليندڙ) آشرم بہ ٺهيل آهي. اُتي اٽڪل ستر ( 70 ) سالن جي جهُوني مهنت جي ڪان مٿي لکيل مندر جي سمُنڊ کان رکشا (حفاظت بابت معلومات پُڇي تہ هُن بہ اُهائي ٻُڌائي ۽ وڌيڪ چيائين تہ منهنجا بُزرگ (وڏا) ڪيترين ئي پيڙهين کان هتي مهنت رهيا آهن. هتي ئي **شري ڌرمداس** ۽ هُن جي پتني (زال) يگتمتي **آمني ديوي** بہ شرير تياڳيو هو (وفات ڪئي). ٻنهي جون سماڌيون بہ گڏئي ٺهيل ڏيکاريون. پوءِ اسان جگن ناٿ جِي جي مندر ۾ وياسين. اُتي مُورتِي پُوجا اڄ بہ نہ آهي. پر پردرشني (نُمائش) ضرور لڳائي رکي آهي.

جيڪي ٽي مُورتيون ڀڳوان شري ڪِرشن جِي شري ٻلرام جِي ۽ ڀيڻ سُڀدرا جِي جون مندر جي اندر رکيل آهن. اُنهن جي ٻنهي هٿن جا پنجا نہ آهن. ٻئي هٿ ٺُونٺا آهن. اُنهن مُورتين جي پُوجا نہ ڪئي ويندي آهي. صرف ڏِسڻ لاءِ ئي رکيل آهن. اُتي موجود هڪ گائيڊ پانڊي کان پُڇيو تہ ٻُڌو آهي تہ مندر پنج دفعا سمُنڊ ٽوڙيو هو؟ پوءِ وري ٺاهيو ويو؟ سمنڊ ڇو ٽوڙيو؟ ۽ پوءِ وري ڪنهن سمُنڊ کي روڪيو؟ پانڊي ٻُڌايو تہ ايتري تہ مونکي خبر ناهي، پر اِها سڀ ڪِرپا (ٻاجھ) جگن ناٿ جي آهي. هُن ئي سمُنڊ کي روڪيو هو. مون وري سوال ڪيو تہ سمُنڊ ٽي دفعہ مندر کي ٽوڙيو هو تہ پوءِ پهرين دفعي سمُنڊ کي ڇو ڪونہ روڪيو پربُو؟ پانڊي وري جواب ڏِنو تہ اِها جگن ناٿ جي ليلا آهي. مون وري پُڇيو تہ هُن مندر ۾ ڇُوئاڇات (ڀيدڀاءُ) آهي يا نہ؟ هِن وراڻيو تہ جڏهن کان مندر تعمير ٿيو آهي تڏهن کان ڪوبہ ڇُوئا ڇات (اونچ نيچ) نہ رهي آهي. مندر ۾ شُودر ۽ پانڊا هڪ ئي ٿالهي (برتن) ۾ ڪاڌو کائي سگهن ٿا. ڪوبہ اِنڪار ڪونہ ٿو ڪري. مون سوال ڪيو تہ پانڊي جِي! ٻين هندو مندرن ۾ تہ پهرين تمام گهڻي ڇُوئاڇات هئي، هن ۾ ڇو نہ آهي؟ پربُو تہ ساڳيوئي آهي؟ پانڊي وراڻيو تہ ليلا آهي جگن ناٿ جِي.

**پُج آتمائون!!** هاڻي ويچار ڪري ڏِسو تہ سچ کي ڪيترو دٻايو ويو آهي فقط ليلا جگن ناٿ جي چئي ڪري. اِهي پويتر يادگارون قابل احترام تہ آهن. پر آتم

ڪلياڻ تہ صرف پويتر گيتاجي ۽ پويتر ويدن ۾ ٻُڌايل گيان ۽ پرميشور ڪبير صاحب طرفان ٻُڌايل تتوگيان مطابق ڀڳتي ساڌنا ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي. ٻي صُورت ۾ شاسترن جي خلاف ساڌنا سان انساني زندگي ضايع ٿي ويندي. (ثبوت گيتا اِڌياءِ 16 شلوڪ 23، 24) شري جگن ناٿ مندر ۾ پريُو جي آديش مطابق پويتر گيتاجِي جي مهما جو گُڻ گان ٿيڻ ئي سريشٽ (اُتم) آهي، جيئن شريمد ڀڳوت گيتاجِي ۾ ڀڳتي جو طريقيڪار آهي تهڙي طرح ساڌنا ڪرڻ سان ئي ڪلياڻ ممڪن آهي. ٻي صُورت ۾ جگن ناٿ جي درشن ڪرڻ يا کِچڙي پرساد کائڻ سان بہ ڪو لاڀ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي ڪِريا جو پويتر گيتا ۾ ورڻن نہ هئڻ ڪري شاستر خلاف چئبي، جنهن جو پرماڻ پويتر گيتا اِڌياءِ 16 شِلوڪ 23 ۽ 24 ۾ ڏِنل آهي.

## "سرڳ جِو مفهوم آهي؟"

مثال جي طور تي سرڳ کي هڪ هوٽل (ريسٽورينٽ) سمجهو. جيئن گرمين جي موسم ۾ ڪو امير ماڻهو شملہ يا ڪُلُو منالي جهڙن ٿڌين جاين تي ويندا آهن. اُتي ڪنهن هوٽل ۾ ترسندا آهن، جنهن ۾ ڪمري جو ڪرايو ۽ کاڌي پيتي جو خرچ ادا ڪرڻو پوندو آهي. ٻہ يا ٽي مهينن ۾ ويهہ يا ٽيهہ هزار رُوپيہ خرچ ڪري واپس پنهنجي شهر موٽِي اچي. پنهنجي ڪاروبار يا ڌنڌي کي لڳي ويندا آهن. نو يا ڏهہ مهينا محنت مزورِي سان بچت ڪري وري واپس ٻہ يا ٽي مهينا سُک لاءِ اُنهن ئي شهرن ڏانهن هليو ويندا آهن. پر جڪڏهن ڪنهن سال سُٺي ڪمائي نہ ٿي سگهي تہ اُنهن ٻِن يا ٽِن مهينن جي سُک لاءِ بہ سِڪندو آهي.

بِلڪل اهڙي ئي طرح سرڳ کي سمجهو:- هِن ڌرتي تي ساڌنا ڪري جيوَ آتما ڪجهہ وقت لاءِ سرڳ رُوپي هوٽل ۾ هلي ويندي آهي. جِتي پنهنجي پُڄ ڪمائي (ثواب) خرچ ڪري وري نرڪ يا چوراسي لک پراڻين جي يوٽين ۾ پاپ ڪرم جي آڌار تي تڪليفون ڀوڳٽيون پون ٿيون.

جيستائين **تتوَدرشِي سنت** سان مِلڻ نہ ٿيندو تيستائين مٿي لکيل جنم ۽ مرڻ، سرڳ ۽ نرڪ ۽ چوراسي لک يوٽين جو درد قائم ئي رهندو. ڇاڪاڻ تہ صِرف پُورڻ پرماتما جو ست نام ۽ سارنام ئي پاپن کي ناس (ختم) ڪري ٿو. ٻين ڀڳوانن جي پُوجا سان پاپ ختم نٿا ٿين. سيني ڪرمن جو ڀٽارٿ (جيئن جو تيئن) ڦل ئي ملندو آهي.

اِنهي ڪري پويتر گيتا اَدياءِ 8 شلوڪ 16 ۾ چيو آهي تہ بِرهم لوڪ (مهاسرڳ) تائين سڀئي لوڪ فاني آهن. جڏهن سرڳ مهاسرڳ ئي نہ بچندا تڏهن ساڌڪ جو ٺڪاڻو ڪٿي هوندو. ويچار ڪريو.

**سوال:-** ڇا گيتاجِي جو هر روز پاٺ ڪرڻ جو ڪو بہ لاڀ نہ آهي؟ جيڪي دان وغيره ڪندا آهن. جهڙوڪ ڪُتي کي ماني، بڪڙي کي پوڄن، ڪيڙين کي اٽو. تيرٿن تي پندارو وغيره ڪندا آهن. اِهي بہ فضول آهن؟

**جواب :-** ڏرمي سدگرنٿن جي پڙهڻ ۽ پاٺ ڪرڻ سان گيان جو ڦل ملندو آهي. يگيہ جو ڦل ڪجھ وقت سرڳ يا جنهن مقصد لاءِ يگيہ ڪيو اُهو ڦل ملي ويندو آهي، پر موڪش نہ هر روز پاٺ ڪرڻ جو مُکيہ سبب اِهو هوندو آهي تہ ستگرنٿن ۾ جيڪا ساڌنا ڪرڻ جو حڪم ۽ نہ ڪرڻ جي هدايت آهي. اُنهن جي ياد تازي رهي. ڪڏهن ڪا غلطي نہ ٿي وڃي. جنهن سان اسان اصلي سچي مقصد کي ڇڏي غفلت ڪري شاسترن جي طريقيڪار کي (صحيح طريقو پُوڄا) ڇڏي من مانو آچرڻ (غلط طريقو پُوڄا) کي لڳي نہ وڃون ۽ اِنساني زندگي جي خاص مقصد جي ياد قائم رهي تہ منُش جيوَن جو خاص مقصد آتم ڪلياڻ ئي آهي، جيڪو شاستر مطابق ساڌنا سان ئي ممڪِن آهي.

جيئن هڪ زميندار کي ٻُڍاپڻ ۾ پُٽ ڄائو. هُن سوچيو تہ جيستائين پُٽ جوان ٿيندو، پنهنجي ٻني ٻاري جي ڪم ڪار کي سنڀالڻ جي لائق ٿيندو، تيستائين متان منهنجو موت نہ ٿي وڃي. اِنهي ڪري هِن پنهنجو ٻني ٻاري جو تجربو لکي رکيو ۽ پنهنجي پُٽ کي چيائين تہ پُٽ جڏهن تون جوان ٿي وڃين، تڏهن پنهنجي ٻني ٻاري جي ڪم ڪار کي سمجهڻ لاءِ منهنجي تجربي جي لکيل هِن ليک کي روزانو پڙهندو رهجان ۽ هِن مطابق ئي پنهنجو ڪم ڪار ڪجان. پِتا جي وفات بعد هارِي جو پُٽ پيءُ جي لکيل تجرباتي ليک کي پڙهندو تہ رهيو پر اُن ۾ جيئن لکيل هو ائين ڪري نہ رهيو آهي. ڇا اُهو هارِي جو پُٽ دولتمند ٿي سگهي ٿو؟ ڪڏهن بہ نہ. هِن کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي جيئن پِتا پنهنجي تجربي ليک ۾ لکيو آهي.

بلڪل اهڙي طرح پويتر گيتاجِي جي پاٺ کي شرڌالو روزانو ڪري تہ رهيا آهن، پر ساڌنا (وهنوار) ست گِرنٿن جي اُبتڙ ڪري رهيا آهن. اِنهي ڪري گيتا اَدياءِ 16 شلوڪ 23 ۽ 24 مُطابق غلط ساڌنا آهي.

جيئن ٽِن گُڻن (رجوگُڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شِو) جي پُوڄا گيتا اَدياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۽ 20 کان 23 ۾ منع ڪيل آهي ۽ شراڌ ڪيڻ مطلب پِتر

پُوجا، پِند پرائڻ، ڦول (هڏيون) ڪٽي گنگا جل ۾ ڪِريا ڪرائڻ، تيرهين، سترهين، مهيني وار، ڇهہ ماهي، يا ساليانہ ورسي ڪرائڻ گيتا اڌياءِ 9 شلوڪ 25 ۾ منع ڪيل آهي. ورت رکڻ گيتا اڌياءِ 6 شلوڪ 16 ۾ منع ڪيل آهي. لکيل آهي تہ اي ارجُن! يوڳ (ڀڳتي)نہ تہ بِلڪُل نہ کائڻ واري (ورت رکڻ واري) جي سِڌ ٿيندي آهي، ... مطلب تہ ورت رکڻ جي منع ڪيل آهي.

بکين کي کاڌو ڏيڻ، ڪُتن وغيره جيوَ جنتوئن ۽ جانورن وغيره کي کاڌو وغيره ڏيڻ برو نہ آهي. پر پُورڻ سنت جي درميان هُن جي حُڪم مطابق ئي دان ۽ يگيہ وغيره ڪرڻ فائديمند آهي.

جيئن هڪ ڪُتو ڪار جي اندر مالڪ واري سيٽ تي ويهي سفر ڪندو آهي. ڪُتي جو ڊرائيور اِنسان هوندو آهي. اُن جانور کي عام اِنسان کان وڌيڪ سهولتون حاصل هونديون آهن. الڳ ڪمرو، پنکا ۽ ڪولر وغيره لڳل هوندا آهن.

جڏهن هو نادان پراڻي (ڪُتو) اِنساني چولي ۾ هو، تڏهن دان پُڄ ڪيو پر من مانو آچرڻ (پُوجا) ڪيو، جيڪا شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف هئڻ ڪري لاڀدائڪ نہ ٿيو. پريُو جو قانون آهي تہ انسان جهڙو ئي ڪم ڪندو لازمي اُن جو ڦل اوهڙو ئي ملندو. اِهو قانون تيستائين لاڳو آهي، جيستائين پُورڻ پرماتما جو مارڳ درشڪ(رستو ٻُڌائڻ وارو) تتوَدرشِي سنت نٿو ملي.

جهڙو ڪرم اِنسان ڪندو آهي. تهڙو ئي ڦل پراپت ٿيندو آهي. اِنهي قانون جي مطابق تيرٿ ڌامن ۽ ٻين جاين تي ڀنداري ذريعي ۽ ڪُتن وغيره کي ماني ڏيڻ واري ڪرم جي آڌار تي ڪُتي جي جوڻي ۾ هليو ويو. اُتي بہ ڪيل ڪرم ئي مِليو. ڪُتي جي جوڻي ۾ پنهنجي پهرئين جنم جي سُٺي ڪرم جي ڪمائي ختم ڪري گڏهہ جي جوڻِي ۾ هليو ويندو. هُن گڏهہ جي جوڻي ۾ سيئي سهولتون ڦُرجي وينديون. سڄو ڏينهن مِٽِي، ڪچيون پڪيون سِرون ڪڻندو، انهي ڪانپوءِ ٻين جوڻين جي شرير ۾ تڪليف ڀوڳي ۽ نرڪ بہ ڀوڳڻو پوندو. چوراسي لک جوڻين جو ڏُک ڀوڳي وري انساني جسم پراپت ڪندو آهي. ورِي کهڙي خبر ڀڳتي ٿئي يا نہ ٿئي. جيئن تيرٿ ڌامن تي وڃڻ وارن جي پيرن هيٺيان يا جنهن سوارِي ذريعي ويندو آهي اُن جي ڦيٿن جي هيٺيان جيترا بہ جيوَ جنتُو مرندا آهن، اُنهن جو پاپ بہ تيرٿ ڌامن تي وڃڻ وارن مُسافرن کي ڀوڳڻو ئي پوندو آهي. جيستائين پُورڻ سنت پُورڻ پرماتما جي پُورڻ ساڌنا ٻُڌائڻ وارو نہ ملي، تيسيائين پاپ ناس (معاف) نٿا ٿي سگهن. چاڪاڻ تہ بِرهما، وِشنو، مهيش، برِهم (شرپُرش/ڪال) ۽ پربرِهم (اڪشرپُرش) جي ساڌنا سان پاپ

ناس (معاف) نٿا ٿين. پاپ ۽ پُڃ ٻنهي جو ڦل ڀوڳڻو ئي پوندو آهي. جيڪڏهن اُهو اِنسان گيتا گيان مُطابق سچي سنت جي شرڻ پراپت ڪري پُورڻ پرماتما جي سادنا ڪري ها تہ يا تہ ست لوڪ هليو وڃي ها يا وري انسان جسم پراپت ڪري ها. پهرئين ثوابن جي آڌار تي ڪو سچو سنت ملي وڃي ٿو ۽ اُهو اِنسان وري شُڀ ڪرم ڪري پار ٿي ويندو آهي.

اِنهي ڪري مٿي بيان ڪيل من مانو آچرڻ (پُوجا) ڦل دائڪ ناهي.

سوال:- گيتا ادياءِ 3 شلوڪ 35 ۽ اِدياءِ 18 شِلوڪ 47 ۾ چيو آهي تہ چڱي طرح سان آچرڻ (برتاوَ) ۾ آندل ٻئي جي ڌرم کان بغيرگُڻن جي بہ پنهنجو ڌرم تمام اونچو آهي. پنهنجي ڌرم ۾ مرڻ بہ ڪلياڻ ڪارِي آهي، ٻئي جو ڌرم خوف ڏيڻ وارو آهي. اِنهي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيڪو جهڙي پُوجا ڪري ٿو. اُنهي کي ڇڏڻ نہ گهرجي. پنهنجي ڌرم ۾ مرڻ بہ ڪلياڻ ڪارِي آهي.

جواب :- جيڪڏهن پويترگيتا اِدياءِ 3 شلوڪ 35 ۽ ادياءِ 18 شلوڪ 47 جو ارٿ (مطلب) اهوئي آهي تہ جيڪو جهڙي پُوجا ڪري ٿو، ڪندو رهي هُن کي نہ ڇڏجي تہ پوءِ پويتر گيتاجي کهڙي ضرورت هئي؟ صرف هڪڙو شلوڪ ڪافي هو. شري گيتاجِي جي اُنهن شلوڪن جو ڀاوَ ارٿ (مطلب) صحيح آهي پر ترجمو ڪندڙن ترجمو اُلٽو ڪيو آهي. براءِ مهرباني پڙهو.......مٿي لکيل ٻنهي شلوڪن جو صحيح ارٿ:

ادياءِ 3 شلوڪ 35:-

**شريان، سوَڌرم، وِگُڻ ، پَرڌرمات، سوَنشٺتات، سَوَڌرمي ،نِڌنم، شريئہ، پَر ڌرمهہ ، ڀياوهہ.**

**ترجمو:-** **(وِگڻ)** گُڻن کان بغير مطلب شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري **(سَوَنُشٺِتات)** خود پنهنجي مرضِي مُطابق سُني نموني پُوجا ۾ آندل **(پرڌرمات)** ٻئي جي ڌارمِڪ پُوجا کان **(سوَڌرم)** پنهنجي شاسترن جي طريقيڪار مُطابق پُوجا **(شريان)** تمام بهتر آهي شاسترن جي طريقيڪار مطابق **(سَوَڌرمي)** پنهنجي پُوجا ۾ تہ **(نِڌنم)** مرڻ بہ **(شريئہ)** ڪلياڻ ڪارِي آهي ۽ **(پَرڌرمهہ)** ٻئي جِي پُوجا **(ڀياوهہ)** خوف ڏيڻ واري آهي.

ادياءِ 18 شلوڪ 47 :-

**شريان، سوَڌرمهہ، وگڻهہ، پرڌرمات، سوَنُشٺِتات، سوَڀاوَنيتم، ڪرم، ڪُرون، نہ، آپنوتِي ڪِلبشم.**

**ترجمو:-** (**وِگُتهہ**) گُڻ کان بغير (**سَوَ نُشٿِتات**) پاڻ من مرضي وارو نمونو مطلب شاستر جي طريقيڪار جي ابتڙ چڱي طرح ساڌنا ڪيل (**پردرمات**) ٻئي جي ڌرم يعني ڌارمڪ پُوجا کان (**سوَدرمهہ**) پنهنجي ڌرم يعني شاستر وڌي مطابق ڌارمڪ پُوجا (**شريبان**) چڱي آهي (**سَوَ ڀاوَ نِيتم**) خود ئي پنهنجي نموني مُطابق ٻڌايل من مُکي پُوجا کان (**ڪرم**) ڀڳتي ڪرم (**نہ**) نہ (**ڪُرون**) ڪريو (**ڪِلبشم**) جنهن سان پاپ کي (**آپنوتِي**) پراپت ٿيندو آهي. خاص ڪري اِنهي جو ثبوت پويترگيتا ادياءِ 17، شلوڪ 1 کان 6 ۾ صاف لکيل آهي.

مٿي لکيل شلوڪن مان صاف ظاهر آهي تہ پنهنجي شاستر جي طريقيڪار مطابق ساڌنا چڱي آهي پلي ڪٽي ٻين جي چمڪ - ڌمڪ واري يعني ساڌنا ڪيتري ئي بهترين لڳي، اُها نقصانڪار ئي هوندي آهي.

جيئن ماتا جو جاگرڻ ڪرڻ وارا ماتا جي استوتي من گهڙت ڪويتائن يا شاعري ذريعي مڪمل ساز– سنگيت سان تمام سُريلي آواز ۾ ڳائڻ وڄائڻ ڪندا آهن. اُنهي (سوَنُشيٿتات) پنهنجي ٻڌايل شاستر جي خلاف ساڌنا تي مُتاثر ٿي پنهنجي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا ڇڏڻ نہ گهرجي. جيئن ڪو ساڌڪ سچي ساڌنا تي لڳندو آهي تہ هو پهرئين وارين شاسترن خلاف ساڌنائن کي ڇڏي ڏيندو آهي. جيئن پِتر پُوجا، مڙهي مندر ۾ وڃڻ وغيره. تڏهن شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا ڪرڻ وارا ٻيا چوندا آهن تہ توهان پنهنجيون اڳيون سموريون پوجائون ڇڏي ڏنيون آهن. توهان کان سيئي ديوتا ناراض ٿي ويندا ۽ هڪ شخص ائين ئي ڪيو هو اُن جو اڪيلو پُٽ مري ويو. اهڙي طرح ٻين جي هي شاستر خلاف ساڌنا خوف پيدا ڪندڙ آهي. پر اُن کان بي پرواه ۽ اٽل وشواسي ٿي پنهنجي شاسترن جي طريقيڪار مطابق تصديق شده ساڌنا آخري دم تائين ڪندو رهڻ ئي فائديمند آهي.

سوال :- مان گيتا اِدياءِ 6 شلوڪ 10 کان 15 ۾ ٻُڌايل طريقي مطابق هڪ آسڻ تي ويهي مٿو وغيره انگن کي برابر ڪري ڌيان ڪندو آهيان، ايڪادشِي جو ورت بہ رکندو آهيان اهڙي طرح شانتي کي پراپت ٿي ويندس؟

جواب:- براءِ مهرباني توهان گيتا اِدياءِ 6 شلوڪ 16 کي بہ پڙهو، جنهن ۾ لکيل آهي تہ اي ارجُن! هي يوگ (ساڌنا) نہ تہ گهڻو کائڻ واري جو ۽ نہ وري بلڪل نہ کائڻ واري (ورت رکندڙ) جو ڪامياب ٿيندو آهي، نہ گهڻو جاڳندڙ ۽ نہ وري گهڻو سمهڻ واري جو سِڌ ٿيندو آهي ۽ نہ وري هڪ جاءِ تي ويهي ساڌنا ڪرڻ واري (هٺ يوڳ ڪندڙ) جو سِڌ ٿيندو آهي. گيتا اِدياءِ 6 شلوڪ 10 کان 15 تائين ٻُڌايل طريقي جو

ڪندن (ڀنگ ڪرڻ يا ٽوڙڻ) گيتا اِدياءِ 3 شلوڪ 5 کان 9 ۾ ڪيو آهي تہ جيڪو مُورک سيني ڪرم اِندرين کي هٺ پوروَڪ روڪي مطلب هڪ جاءِ تي ويهي ساڌنا ڪندو آهي، اُهو مُورک ۽ پاکنڊي سڏبو آهي. اِنهي لاءِ ڪرم يوڳي (ڪم ڪندي ڪندي ساڌنا ڪندڙ ساڌڪ) ئي اُتم آهي. اصل ڀڳتي جي طريقيڪار جي لاءِ گيتا گيان ڏيڻ وارو پريُو (برهم) ڪنهن تتودرشي سنت جي تلاش ڪرڻ جو چئي رهيو آهي (گيتاجي اِدياءِ 4 شِلوڪ 34). اِنهي مان ثابت ٿيو تہ گيتا گيان ڏيڻ واري پريُو (برهم) طرفان ٻُڌايل ڀڳتي جو طريقو مڪمل نہ آهي. اِنهي لاءِ گيتا اِدياءِ 6 شلوڪ 10 کان 15 تائين برهم (شرپُرش/ ڪال) طرفان پنهنجي ساڌنا جو ذڪر آهي ۽ پنهنجي ساڌنا سان مليل راحت کي تمام نيچ (انوتمام) گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي. مٿي ذِڪر ڪيل گيتا اڌياءِ 6 شلوڪ 10 کان 15 ۾ چيو آهي تہ من ۽ اِندرين کي وس ۾ رکڻ وارو ڀڳت هڪ خاص آسڻ تيار ڪري. جيڪو نہ گهڻو مٿي هُجي ۽ نہ گهڻو هيٺ. اُن آسڻ تي ويهي چِت (خيال) ۽ اِندرين (حواسن) کي وس ۾ رکي من کي هڪ هنڌ اٽڪائي اڀياس ڪري. سِڌو ويهي برهمچريہ جو پالڻ ڪندي من کي روڪي سفر تي روانو ٿئي، اهڙي قسم جي ساڌنا ۾ لڳل ڀڳت مون ۾ رهڻ واري ( نِرواڻپرمام ) بلڪل مٿل (ذري برابر) سڪون کي حاصل ڪندو آهي. اِنهي ڪري گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ پنهنجي ساڌنا سان حاصل ٿيڻ واري گتي (لاڀ) کي تمام نيچ (انوتمام) چيو آهي. اِنهي ئي گيتاجي اڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۽ اڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اي ارجن! تون مڪمل راحت ۽ ست لوڪ کي پراپت ٿيندين وري ٻيهر جنم نہ ٿيندو ۽ پورڻ موڪش پراپت تي ويندو آهي. مان (گيتا گيان ڏيندڙ پريُو) بہ ان آدي نارائڻ پرم پرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان. اِنهي ڪري مضبوط نشچو ڪري اُنهي جي ئي ساڌنا (پُوجا) ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي (برهم) ساڌنا کي اٽڪل واري گيان جي آڌار تي ٻڌايل ڀڳتي مارڳ کي گيتاجي اڌياءِ 6 شلوڪ47 ۾ بہ خود **(يُڪتم متا)** مطلب اگيان انڌڪار وارا ويچار چيو آهي. ٻين ترجمو ڪندڙن " **مي يُڪتتمه متھ**" جو ترجمو " **پرم سريشٽ مانيہ آهي**" ڪيو آهي، جڏهن تہ ڪرڻو هو تہ هي منهنجو اٽڪل لڳايل اگيان انڌڪار جي آڌار تي ڏنل مت آهي. چاڪاڻ تہ ٻثارت (حقيقي) گيان جي باري ۾ ڄاڻ لاءِ ڪنهن تتوَدرشي سنت کان ڄاڻڻ لاءِ چيو آهي. (گيتاجي اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾) اصلي صحيح ترجمو گيتا اڌياءِ 6 شلوڪ 47 جو....

اڌياءِ 6 جو شلوڪ 47:-

**يــوگينامر اپِي، سرويشامر مدگـيتن انتراتمنا،**
**شرڌاوان، ڀجتي، يھ مامر سہ مي، يُڪتتمر متھ.**

**ترجمو:-** منهنجي ڏِنل ڀڳتي ويچار جيڪو اٽڪلون لڳايل مٿي ڏنل شلوڪ 10 کان 15 ۾ ٻُڌايل پوجا جو طريقو جيڪو مون اندازي مطابق ٻڌايو آهي، پورڻ گيان نہ آهي، چاڪاڻ تہ (**سرويشامر**)سيني (**يوگينامر**)ڀڳتن ۾ (**يھ**) جيڪو (**شرڌاوان**) پوري يقين سان (**انتراتمنا**)سچي لڳن سان (**مدگتين**)منهنجي ڏِنل ڀڳتي صلاح سان (**مامر**) مون کي (**ڀجتي**) ڀجندو (پوجا ڪندو) آهي (**سہ**) اُهو (**اپِي**) بہ (**يُڪتتمھ**)اگيان انڌڪار(جهالت جي اونداھ) کان جنم مرڻ ۽ سرڳ نرڪ واري ساڌنا ۾ ئي غرق آهي. هِي (**مي**) منهنجي (**متہ**) مت يعني مشورو آهي.

اِنهي جو ثبوت پويتر گيتا اِڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ ۽ اِڌياءِ 5 شلوڪ 29 ۾ ۽ اڌياءِ 6 شلوڪ 15 ۾ واضح آهي. گيتاجي اِڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اي پارت! تون هر طرح سان انهي پرماتما جي شرڻ ۾ وڃ، جنهن جي ڪِرپا سان ئي تون پرمر شانتي ۽ سناتن پرمر ڌامر مطلب ست لوڪ کي حاصل ڪندين. گيتاجِي اڌياءِ 15 شِلوڪ 4 ۾ چيو آهي تہ جڏهن توکي گيتاجي اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾ ٻُڌايل تتوَدرشِي سنت ملي وڃي اُن کانپوءِ انهي پرمر پد پرميشور کي چڱي طرح تلاش ڪرڻ گهرجي، جِتي ويل ساڌڪ وري هِن سنسار ۾ موٽي نٿو اچي مطلب جنمر مِرتيو کان هميشہ لاءِ آجو ٿي ويندو آهي. جنهن پرميشور سنسار رُوپي وڻ جي رچنا ڪئي آهي، مان بہ اُن آدي پُرش جِي شرڻ ۾ آهيان. اُنهي جي ئي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي. گيتاجي اڌياءِ 3 شلوڪ 5 کان 9 ۾ بہ گيتاجي اڌياءِ 6 شلوڪ 10 کان15 جي گيان کي غلط ثابت ڪيو آهي. ارجن پڇيو پربو! من کي روڪڻ تمام ڪٺن آهي. ڀڳوان جي جواب ڏِنو تہ اي ارجن! من کي روڪڻ تہ هوا کي روڪڻ جي برابر آهي. وري اهو پڻ چيو آهي تہ بيشڪ ڪوبہ انسان ڪنهن بہ وقت هڪ پل بہ ڪرمر ڪرڻ بِنا نـٿو رهي سگهي. جيڪو مها مُورک انسان سيئي ڪمر اِندرين کي هٺ پوروَڪ(زبردستي) مٿان کان روڪي، من سان ڪجھ نہ ڪجھ سوچيندو رهندو آهي. انهي ڪري هڪ جاءِ تي هٺ يوگ ڪري ويهڻ جي بجاءِ سنسارِي ڪم ڪار ڪندي ڪندي ئي (ڪرمر يوڳ) ساڌنا ڪرڻ اُتمر آهي. ڪرمر نہ ڪرڻ مطلب هٺ يوڳ سان هڪ جاءِ تي ويهي ساڌنا ڪرڻ جي بجاءِ ڪم ڪندي ڪندي ساڌنا ڪرڻ بهتر آهي. هڪ جاءِ تي ويهي ساڌنا ڪرڻ (**اڪرمڻا**) سان تنهنجو گذرسفر ڪيئن ٿيندو؟ شاسترن جي طريقيڪار

ڪي ڇڏي (هٺ يوڳ/هڪ آسڻ تي ويهي) ساڌنا ڪرڻ ڪرم ٻنڌن جو ڪارڻ آهي، ٻي ساڌنا جيڪا شاسترن جي طريقي جي مطابق ڪرم ڪندي ڪندي ساڌنا ڪرڻ آهي اُتم آهي. اِنهي ڪري سنساري ڪم ڪار ڪندي ساڌنا ڪر. گيتاجي اڌياءِ 8 شلوڪ 7 ۾ چيو آهي ته جنگ به ڪر، منهنجو سمرڻ به ڪر، اهڙي طرح مون کي ئي پائيندين. گيتاجي اِڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۽ اڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي ته: پر منهنجي ساڌنا سان ٿيڻ واري گتِي (لاڀ) تمام گهٽو نيچ (انوتمام) آهي. اِنهي ڪري انهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ جنهن جي ڪِرپا سان تون پرم شانتي ۽ **(شاسوَت اِستانم)** ست لوڪ کي حاصل ڪندين. اُن پرميشور جي ڀڳتي جو طريقو ۽ پورڻ گيان (تتوَگيان) ڪنهن تتودرشِي سنت جي تلاش ڪري اُن کان پُڇ، مان (گيتا گيان ڏيڻ وارو برهم/شر پُرش) به نٿو ڄاڻان.

**سوال:-** گيتاجي اِڌياءِ 15 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي ته مان لوڪ ۾، ويد ۾ پرشوتم نالي سان مشهور آهيان. انهي مان ته اهوئي ثابت ٿيو ته گيتا گيان ڏاتا پربهو ئي سروَ شڪتيمان آهي ۽ گيتاجي اڌياءِ 12 سڄو ئي گيتا گيان ڏيڻ واري پربهو جي تعريف ڪري رهيو آهي.

**جواب:-** گيتاجي ۾ گيتا گيان ڏاتا پربهو پنهنجي ساڌنا ۽ اهليت به ٻڌائي رهيو آهي ۽ گڏو گڏ ان پورڻ پرماتما جي مهما به چئي رهيو آهي ۽ ان پرميشور جي ساڌنا لاءِ تتودرشِي سنت ڏانهن اِشارو به ڪري رهيو آهي. گيتاجي اڌياءِ 12 پورو برهم(شرپُرش/ ڪال) جي مهما سان ڀريل آهي ۽ گيتاجي اڌياءِ 13 پورو اُن پورڻ پرماتما مطلب پورڻ برهم آدي پُرش پرميشور جي مهما سان ڀرپور آهي. گيتاجي اڌياءِ 15 شلوڪ 1 کان 4 ۽ 16 ۽ 17 ۾ پورڻ بِرهم ۽ پربرهم، بِرهم وغيره جو تصديق شُده گيان آهي.

شلوڪ 16 ۾ چيو آهي ته پرٿوي تتوَ/مٽي مان ٺهيل لوڪ (بِرهم جا 21 بِرهمانڊ ۽ پربِرهم جا 7 سنک بِرهمانڊ پرٿوي تتو سان ٺهيل هُجڻ ڪري هڪ لوڪ پڻ سڏجن ٿا) ۾ ٻه پربهو آهن. هڪ بِرهم (شرپُرش) ۽ ٻيو پربِرهم (اڪشرپُرش). انهن ٻنهي پربهوئن جي ماتحت جيترا به جاندار آهن اُنهن توڙي اِنهن ٻنهي ڀڳوانن جا استول شرير ته ناشوان آهن ۽ جيوَآتما اوناسي چئي ويئي آهي.

شلوڪ 17 ۾ چيو ويو آهي ته در اصل پرشوتم مطلب سَروَ شڪتيمان پرميشور ته اِنهن ٻنهي پربهوئن کان علاوه ڪو ٻيو پربهو آهي. جيڪو پرماتما سڏجي

ٿو. جيڪو ٿنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سڀني جي پالڻ پوشڻ ڪندو آهي. اُهوئي حقيقت ۾ اويناشي پربُو سڏيو ويندو آهي.

اڌياءِ 15 جي ٿي شلوڪ 18 ۾ گيتا گيان داتا (شرپُرش-برهم) پنهنجي حيثيت بيان ڪندي چئي رهيو آهي ته مونکي ته لوڪ ويد (ڏندڪٿا) جي بُنياد تي پرشُوتم چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته مان منهنجن 21 برهماندن ۾ جيترا به پراڻي (جاندار) منهنجي ماتحت آهن. اُهي پلي اسٿول شرير ۾ فاني آهن يا پلي آتما رُوپ ۾ اويناشي آهن. مان اُنهن سڀني کان اُتم آهيان. اِنهي ڪري مان لوڪ ويد جي آڌار سان پرشُوتم نالي سان مشهور آهيان . دراصل پرشوتم ته ڪو ٻيوئي پرميشور آهي جيڪو گيتاجِي جي اڌياءِ 15 شلوڪ 17 ۾ چيو ويو آهي.

**سوال:-** گيتا اڌياءِ 10 شلوڪ 2 ۽ 3 ۾ چيو آهي ته منهنجي پيدائش کي ڪو به نٿو ڄاڻي جيڪو مونکي انادي اجنما تتوَ سان ڄاڻي ٿو. اُهو سڀني پاپن کان مُڪت ٿي ويندو آهي. اِنهي مان ظاهر آهي ته برهم جو جنم نه آهي ۽ هو سڀئي پاپ ناس ڪري ڇڏيندو آهي؟

**جواب:-** گيتا اِڌياءِ 10 شلوڪ 2 ۾ وري پڙهو، جنهن ۾ چيو آهي ته منهنجي ويدائش کي نه ديوتا (برهما، وشڻو ۽ شِو وغيره) ۽ نه ئي مهرشِي ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ ته اُهي سڀئي مون مان پيدا ٿيا آهن.

هن شلوڪ مان بلڪل صحيح ثابت ٿيو ته گيتا گيان ڏيڻ واري پربُو جي پيدائش مطلب جنم ته ٿيو آهي، پر ڪال/برهم مان پيدا ٿيندڙ ديوتا ۽ رشِي جن نٿا ڄاڻن، ڇاڪاڻ ته اُهي ڪال/برهم مان پيدا ٿيا آهن. جيئن والد جي جنم بابت اولاد نٿو ڄاڻي، پر والد جو والد مطلب ڏاڏو ئي ٻڌائيندو آهي. پُورڻ پرماتما خود ڪال برهم جي لوڪ ۾ ظاهر ٿي برهم جي پيدائش جي متعلق ٻڌايو آهي. لازمي پڙهجو سرشٽِي رچنا هِن ئي ڪتاب **گيان گنگا** جي عنوان **سرشٽي رچنا** ۾.

گيتاجِي جي اِڌياءِ 10 شلوڪ 3 جو ترجمو غلط ڪيو آهي. جيئن گيتاجي اڌياءِ 2 شلوڪ 12 ۽ اڌياءِ 4 شلوڪ 5 ۾ پنهنجو پاڻ کي فاني ۽ جنم مرڻ کي بار بار حاصل ٿيڻ وارو چيو آهي ۽ اڌياءِ 2 شلوڪ 17 ۾ اڌياءِ 8 شلوڪ 3 کان 8 کان 10 ۽ 20 ۾ ۽ اڌياءِ 15 شلوڪ 4، 16 ۽ 17 ۾ ڪنهن ٻئي لافاني انادي پرماتما جي باري ۾ چيو آهي.

انهي لاءِ گيتاجِي اِڌياءِ 10 شِلوڪ 3 ۾ چيو آهي ته جيڪو ماڻهن ۾ وڌوان مطلب تتودرشِي سنت مون کي ۽ انهي انادي اصل ۾ جنم کان پري، سڀني لوڪن جي

مهيشوَر مطلب پرميشور کي تتوَ سان ڄاڻي ٿو اُهو تتودرشِي سنت سچو گيان اُچارڻ ڪري ٿو، جنهن سان سچي ساڌنا ڪري پاپ کان آجو ٿي وڃي ٿو. اِنهي جو ثبوت گيتاجي اڌياءِ 4 شلوڪ 34 ۾ پڻ موجود آهي. براءِ مهرباني پڙهو گيتا اڌياءِ 10 شلوڪ 2 ۽ 3 جو صحيح ترجمو.

اڌياءِ 10 شلوڪ 2:

**نـ، مــي، وِدُه، سُرگنــاه، پــرڀاوم، نـ، مهرشيہ،**
**اهم، آدي، هي، ديوانام، مهر شيڻام، چہ، سَروشه.**

ترجمو:- (مي) منهنجي (پَرڀَوَم) پيدائش کي (نہ) نہ (سُرگڻا) ديوتا ڄاڻندا آهن ۽ (نہ) نہ (مهرشيہ) مهرشِي جن ئي (وِدُه) ڄاڻندا آهن، (هِي) ڇاڪاڻ تہ (اهم) مان (سَروشيہ) هر طرح سان (ديوانام) ديوتائن جو (چہ) ۽ (مهرشيڻام) مهرشين جو بہ (آدي) پيدائش جو ڪارڻ آهيان.

اڌياءِ 10 جو شلوڪ 3:-

**يہ، مام، اَجم، اناديم، چہ، ويتي، لوڪمهيشوَرم،**
**اسمُودهہ،سہ، مرتــيشُ، سرو پاپــي، پِرمُــچيتــي.**

ترجمو: (يہ) جيڪو عالم اِنسان (مام) مون کي (چہ) ۽ (اناديم) سدا رهڻ وارو مطلب انادي (اجم) جنم نہ وٺڻ واري (لوڪ مهيشورم) سيني لوڪن جي مهان ايشور مطلب سيني کان اونچي پرميشور کي (وِيتِي) ڄاڻي ٿو (سہ) اُهو (مرتييشُ) شاسترن کي صحيح ڄاڻڻ وارو مطلب ويدن جي مطابق گيان رکڻ وارو (اسمُودهہ) مطلب تتودرشِي عالم (سَروَ پاپي) سيني پاپن کي (پرمُچيتي) تفصيلي سمجهاڻي سان گڏ چوندو آهي مطلب اُهو شرستِي گيان ۽ ڪرمن جو صحيح بيان ڪندڙ آهي يعني جهالت کان پوري طرح آجو ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن ڪري تتودرشِي سنت جي ٻُڌايل حقيقي ساڌنا جي آڌار تي يگتي ڪرڻ واري جا سيئي پاپ ناس ٿي ويندا آهن.

## “گيتا گيان ڏيندڙ برهم (ڪال) جي پيدائش جو اشارو ”

گيتاجي اِڌياءِ 10 شِلوڪ 2 ۾ چيو آهي تہ اي ارجن! منهنجي پيدائش کي نہ تہ ديوتا ڄاڻن ٿا، نہ وري مهرشِي ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اِهي سڀ مون مان پيدا ٿيا آهن. اِنهي ۾ ظاهر آهي تہ برهم (ڪال) جي پيدائش تہ ٿي آهي پر ديوتا ۽ رِشِي نٿا ڄاڻن. جيئن پِتا (پيءُ) جي پيدائش کي اولاد نٿا ٻُڌائي سگهن، پر ڏاڏو جِي ڄاڻن ٿا. اهڙي طرح 21 برهماندن ۾ سيئي ديوتا ۽ رشي وغيره جوتي نرنجن برهم/ڪال ۽

پِرڪرتِي/دُرگا جي ميلاپ سان پيدا ٿيا آهن. اِنهي ڪري جوتي نِرنجن/ڪال چئي رهيو آهي ته منهنجي پيدائش کي 21 برهماندن ۾ ڪير به نٿو ڄاڻي، ڄاڪاڻ ته سيني جي پيدائش مون مان ٿي ٿي آهي. صرف پورڻ برهم ئي (پرم اڪشرپُرش) ڪال برهم (شرپُرش) جي پيدائش ٻُڌائي سگهن ٿا، ڄاڪاڻ ته برهم(ڪال/شرپُرش) جي پيدائش پورڻ برهم/پرم اڪشرپُرش) کان ٿي آهي. جنهن جو گيتاجي اڌياءِ 3 شلوڪ 14 ۽ 15 ۾ برهم/ڪال جي پيدائش جو چٽو ثبوت موجود آهي. گيتاجي اڌياءِ 10 شلوڪ 3 ۾ ذڪر آهي ته جو تتودرشِي سنت مونکي ۽ ڪڏهن به جنم نه وٺندڙ سيني جو مهيشور مطلب اويناشي پرماتما کي ڄاڻي ٿو. اُهو. ٽنهي ويدن (يجُرويد، سام ويد ۽ رُگ ويد) کي ڄاڻي ٿو. اُهوئي تتودرشِي سنت آهي. ان جي ٻڌايل ڀڳتي مارڳ سان ساڌنا ڪرڻ سان سيئي پاپ ناس ٿي ويندا آهن. گيتاجِي جي اڌياءِ 15 جي شلوڪ 16 کان17،18 ۾ ٻڌايو آهي ته پورڻ پرماتما (پرم اڪشرپُرش) اويناشي پرماتما ته ڪو ٻيو آهي، جيڪو ٽنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سيني جي سار سنڀال ۽ پالڻ پوشڻ ڪندو آهي. مونکي (برهم/ڪال پُرش ) کي ته فقط اِنهي ڪري پرشوتم چوندا آهن جو 21 برهماندن ۾ منهنجي ماتحت استول شرير ۾ جاندارن ۽ اويناشي جيوَ آتما کان مان اُتم آهيان اِنهي ڪري لوڪ ويد (ڏند ڪٿا) جي آڌار تي مونکي پرشوتم چيو آهي. دراصل مان اويناشي يا پالڻ ڪندڙ نه آهيان. گيتاجي اِڌياءِ نمبر 3 شلوڪ 14 ۽ 15 ۾ چيو آهي ته سڀ مخلوق اناج سان پيدا ٿيندا آهن، اناج برسات سان ٿيندو آهي، برسات يگيه سان ٿيندي آهي. يگيه شُڀ ڪرمن سان ٿيندو آهي. ڪرم برهم مان پيدا ٿيا ۽ برهم، اويناشي پرماتما (پُورڻ برهم)کان پيدا ٿيو. اُهوئي اويناسِي، سروَ وياپڪ (هرجاءِ حاضر ناظر) پورڻ پرماتما ئي يگين کي پورا ڪندڙ آهن. يگين ۾ پُوڄيه آهي. اُهوئي يگين جو ڦل به ڏيندو آهي مطلب ته حقيقت ۾ادي يگيه به اُهوئي آهي.

وري گيتاجي اڌياءِ 10 جي شلوڪ 2 ۾ چيو آهي ته منهنجي پيدائش (پريوَم) کي ڪير به نٿو ڄاڻي. اِنهي سان ظاهر آهي ته برهم (ڪال) به پيدا ٿيو آهي. اِنهي ڪري هو ڪٿي آڪار (شرير/ظاهري رُوپ) ۾ آهي. نه ته شِري ڪِرشن جي ارجن جي سامهون ئي بيٺو هو. اهو ته چئي ئي نٿا سگهن ته مان انادِي اجنم(پيدا نه ٿيندڙ) آهيان. اهو سڀ ڪال برهم (شرپُرش) ئي شِري ڪِرشن جِي جي جسم ۾ ڀوت وانگر داخل ٿي ڳالهائي پنهنجي حاثيت جي صحيح ڄاڻ گيتا رُوپ ۾ ڏيئي ويو.

مٿئين ذِڪر سان گيتاجي مان ثابت ٿيو تہ برهم جي پيدائش، پُورڻ برهم سان ٿي آهي. اهو ساڳيوئي ثبوت اٿرويد ڪانڊ 4 انواڪ 1 منتر 3 ۾ پُڻ آهي، جيڪا هيٺ ڏِنل پڙهو-

اٿرويد ڪانڊ 4 انواڪ نمبر1 منتر 3 :-

**پرَ يو جگيہ وِدوانسيہ بنڌو ورشوا ديوانام جنيما وويڪتي.**
**برهم برهمڻ اُجبهار مڌينيچيرُچيهہ سَوَڌا ايي پر تسٿو3)**

پرَ- يهہ- جگيہ- وِدوانسيہ - بنڌوهہ- وِشوا - ديوانام – جنيما - وويڪتي- برهمهہ – برهمٽهہ - اُجبهار – مڌيات – نيچيهہ - اُوچيهہ - سَوَڌا - ايي - پر تسٿو.

ترجمو:- **(پرَ)** سڀ ڪان پهرين **(ديوانام)**ديوتائن ۽ برهماندن جي **(جگيہ)** پيدائش جي گيان ڪي **(وِدوانس)** جگياسو ڀڳت جو **(يهہ)** جيڪو **(بنڌوهہ)**حقيقي ساٿي مطلب پُورڻ برهم ئي پنهنجي سيني نِج سيوڪن ڪي **(جنيما)**سيني جي پيدائش ڪندڙ پنهنجي تخليق ڪيل ڪي **(وويڪت)**پاڻ ٺيڪ ٺيڪ تفصيل سان ٻُڌائيندو آهي تہ **(برهمٽهہ)** پُورڻ پرماتما **(مڌيات)** پنهنجي درميان مطلب وچن شڪتي سان **(برهم)** برهم- شر پُرش ڪال ڪي **(اجبهار)**پيدا ڪري (وِشوا) سڄي سنسار ڪي مطلب سيني لوڪن ڪي **(اوچهہ)**مٿي ست لوڪ وغيره **(نيچهہ)**هيٺ پربرهم ۽ برهم جا سيئي برهمانڊ **(سوَڌا)**پنهنجي اختيار ڪرڻ واري **(ايي)**ڪشش ڪندڙ شڪتي سان **(پرتسٿو)**ٻنهي ڪي چڱي طرح سان روڪيو.

**سمجهاڻي:-** پورڻ پرماتما پنهنجي رچيل سرشٽي جو گيان ۽ سيني آتمائن جي پيدائش جو گيان پنهنجي نِج داس ڪي خود ئي صحيح ٻُڌايو آهي تہ پُورڻ پرماتما پنهنجي درميان پنهنجي شبد شڪتي جي ذريعي برهم (شرپُرش/ڪال) جي پيدائش ڪئي ۽ سيني برهماندن ڪي مٿي ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ، انامي لوڪ ۽ هيٺ پربرهم جي ست سنک برهماندن ۽ برهم جي 21 برهماندن ڪي پنهنجي اختيار واري آڪرشڻ (ڪشش ڪندڙ) شڪتِي سان روڪي رکيو آهي.

جيئن پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور (ڪوير ديوَ) پنهنجي نِج سيوڪ مطلب سڪا شري ڌرمداس جي، قابل احترام غريبداس جي ڪي پنهنجي ئي رچيل سرسٽِي جو گيان خود ئي ٻُڌايو. مٿي لکيل ويد منتر پُڻ اِهوئي ظاهر ڪري رهيا آهن.

اٿر ويد، ڪانڊ نمبر 4 انواڪ نمبر 1 منتر نمبر 7:-

**يــو اٿرواٽم پِترم ديوَ بنڌوم برهسپتيم نمساوَ چ گڇات،**
**توَم وِشويشام جنيتا يٿاسهہ ڪوير ديوو نہ ديايت سوَڌاوان.**

يــه – اٽرواٽم - پِترم - ديوَبنڌوم - برهسپتيم - نمساوَ - چ - گچات – توَم - وِشويشام جنيتا - يٿا – سه - ڪوير ديوو - نہ - دپايت - سوَڌاوان.

ترجمو:- **(يهہ)** جيڪو **(اٽرواٽم)** اٽل ۽ اويناشي **(پترنم)** جگت پِتا **(ديوَ بنڌوم)** يگتن جو حقيقي ساٿي مطلب آتما جو آڌار **(برهسپتيم)** جگت گُرو **(چ)** ۽ **(نمسا)** نِماڻي پُوڄاري مطلب قانون جي پابند ساڌڪ کي **(اوَ)** حفاظت سان **(گچاتم)** ست لوڪ ويلن کي ست لوڪ وٺي ويندڙ **(وشويشام)** سيني بِرهماندن جي **(جنيتا)** جوڙ جڪ ڪندڙ جگدمبہ مطلب ماتا وارن گُڻن سان ڀرپور **(نہ دپايتُ)** ڪال وانگر دوکو نہ ڏيندڙ **(سوَڌاوان)** سُني فطرت مطلب گُڻن وارو (يٿا) جيئن جو تيئن مطلب اهڙوئي (سہ) هو (توَم) خود (ڪوير ديوه) ڪوير ديو آهي مطلب ٻولي جي بدلاءُ سان ڪبير پرميشور پُڻ چوندا آهن.

**سمجهاڻي :-** هِن منتر ۾ اِهو بہ ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ اُن پرميشور جو نالوڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشور آهي، جنهن سمُوري رچنا ڪئي آهي.

جيڪو پرميشور اچل مطلب اصل ۾ لافاني (گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 16 ۽17 ۾ پڻ ثبوت آهي) جگت گرو، آتم آڌار، جيڪي پورڻ مڪت ٿي ست لوڪ ويا آهن اُنهن کي ست لوڪ وٺي ويندڙ، سيني بِرهماندن جو رچڻهار، ڪال (بِرهم) وانگر دوکو نہ ڏيندڙ جيئن جو تيئن هو خود ڪويرديوَ مطلب تہ ڪبير پربُو آهي. اِهوئي پرميشور سيني بِرهماندن ۽ مخلوق کي پنهنجي وچن شڪتي سان پيدا ڪرڻ جي ڪارڻ (جنيتا) ماتا بہ سڏائي ٿو ۽ (پِترم) پِتا ۽ (بنڌو) ڀاءُ پُڻ اصل ۾ اهوئي آهي ۽ (ديوَ) پرميشور بہ اِهوئي آهي. اِنهي ڪري (ڪويرديوَ) ڪبير پرميشور جي تعريف ڪندا آهيون. "**تميوَ ماتا چہ پِتا تميوَ، تميوَ بنڌو چہ سکا تميوَ، تميوَ سروَ مم ديوَ ديوَ**" اِنهي ئي پرميشور جي مهما جو پويتر رُگ ويد منڊل 1، سُڪت 24 ۾ تفصيلي وضاحت آهي.

**سوال:-** ويدن ۾ ڪوير مطلب ڪبير نالي جو ذڪر ڪيئن آيو؟ ويد تہ سرشٽي (ڪائنات) جي شروعات ۾ ئي حاصل ٿيا هئا. ڪوير ديوَ. (ڪبير پرميشور) تہ سن 1398ع ۾ پيدا ٿيا هئا؟

**جواب :-** پورڻ پرماتما جو حقيقي نالو ڪوير ديوَ آهي ۽ برابري جا نالا ست پرشُ پرم اڪشربِرهم، پورڻ بِرهم وغيره آهن. جيئن ملڪ جي وزيراعظم جي جسم جو نالو تہ ڪو ٻيو ئي هوندو آهي. وزيراعظم ۽ صدر وغيره تہ درجي جا نالا

آهن. اُهوئي پورڻ پرماتما ڪوير ديوَ نالو بدلائي چئني يُگن ۾ آيا آهن ۽ سِرشٽي ۽ ويدن جي رچنا ڪان پهرين بہ (انامي) انامي لوڪ ۾ اِنسان جهڙي صُورت ۾ (ڪويرديوَ) ڪبيرديوَ نالي سان موجود هئا. اهوئي ڪويرديوَ وري ست لوڪ جي رچنا ڪري ست لوڪ ۾ رهڻ لڳا. ان ڪانپوءِ پربرهم ۽ برهم جي سيني لوڪن جي ۽ ويدن جي رچنا ڪئي اِنهي ڪري ويدن ۾ ڪوير ديوَ نالي جو ذڪر آهي.

## ”ڪبير صاحب طرفان وڀيشڻ ۽ مندودري کي شرڻ ۾ وٺڻ“

پرميشور منُيندر (ڪوير ديوَ) نل ۽ نيل کي شرڻ ۾ وٺڻ ڪانپوءِ شري لنڪا ويا. اُتي هڪ پرم ڀڳت چندر وجئہ جي جو 16 ڀاتين جو پريوار رهندو هو. هو ڀاٽ ذات ۾ پيدا ٿيل هڪ نيڪ انسان هو. پرميشور منُيندر (ڪوير ديوَ) جو اُپديش ٻڌي پوري ڪٽنب نامدان حاصل ڪيو. پرم ڀڳت چندر وجئہ جي پتني ڀڳت متي ڪرم وَتي لنڪا جي راجا راوڻ جِي راڻِي مندودري وٽ نوڪري ڪندي هئي ۽ راڻي مندودري کي ڪل يوڳ ۽ مذاق وارا سُنا- خراب لطيفا ٻُڌائي، اُن جي دل وِندرائيندي هُئي ۽ ڀڳت چندر وجئہ راجا راوڻ وٽ درٻار ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ راجا کي سندس وڏائي جا گيت ۽ گانا ٻڌائي خوش ڪندو هو.

ڀڳت چندر وجئہ جِي پتنِي ڪرم وَتِي پرميشور ڪان اُپديش وٺڻ ڪانپوءِ راڻِي مندودرِي کي پرڀُو چرچا سرشٽي رچنا جيڪا اُن پنهنجي ستگرو منُيندر جي ڪان ٻُڌي هئي، روزانو ٻُڌائڻ لڳي. راڻي مندودري کي تمام گهڻو آنند اچڻ لڳو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ پرڀُو جي ست ڪٿا ڀڳتمتي ڪرم وَتي راڻي صاحبہ کي ٻُڌائيندي رهندي هئي ۽ راڻي صاحبہ جي اکين مان آنسو لار ڪري لڳاتار وهندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن راڻي مندودرِي ڪرم وَتـي ڪان پُڇيو تہ تو اِهو گيان ڪنهن ڪان ٻُڌو؟ تون تمام ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪندي رهندي هئين، ايتري تبديلي پرماتما برابر سنت ڪانسواءِ نٿو ٿي سگهي. تڏهن ڪرم وَتي ٻُڌايو تہ اسان هڪ پرم سنت ڪان تازو ئي اُپديش ورتو آهي. راڻي مندودري سنت جي درشن جي خواهش ڪندي چيو تہ تنهنجو گرو هِن ڀيري اچي تہ اُن کي هتي مون وٽ وٺي اچجان. پنهنجي مالڪياڻي جو اهو حُڪم ٻُڌي سر جُهڪائي احترام سان چيائين تہ مهاراڻي جيڪا توهان جو حُڪم توهان جي نوڪرياڻي اُهوئي ڪندي پر منهنجو هڪ عرض آهي. چوندا آهن تہ سنت کي حڪم تحت گهرائڻ نہ گهرجي خود وڃي درشن ڪرڻ بهتر هوندو آهي. وڌيڪ جيڪو توهان جو حُڪم ائين ئي ٿيندو. مهاراڻي مندودري چيو تہ هاڻي

جڏهن تنهنجو گروديوَ جي اچي تہ مونکي ٻڌائجان. مان خود درشن ڪنديس.
پرميشور وري لنڪا ۾ اچڻ جي ڪِرپا ڪئي ۽ راڻي مندودري اُپديش حاصل ڪيو. ڪجھ وقت بعد پنهنجي لاڏلي ڏير وڀيشڻ کي بہ اُپديش ڏياريو. ڀڳت متي مندودري اُپديش پراپت ڪرڻ بعد سدائين پربو سمرڻ ۾ مگن رهڻ لڳي. پنهنجي پتي مهاراجا راوڻ کي بہ اُپديش وٺڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا پرارٿنا ڪئي پر راجا راوڻ ڪونہ مڃيو ۽ چوندو هو تہ مون پرم شڪتيوان مهيشور مرتيونجيہ شوَجي جي ڀڳتي ڪئي آهي. شوَ شنڪر جي برابر ڪوبہ شڪتي (طاقت) نہ آهي توکي ڪنهن ورغلائي ڇڏيو آهي.

ڪجھ وقت بعد بنواس پراپت شرِي سيتا جِي کي اغوا ڪري راجا راوڻ پنهنجي نوَلکا باغ ۾ قيد ڪري ڇڏيو. ڀڳتمتي مندودري جي باربار پرارٿنا ڪرڻ سان بہ راوڻ، ماتا سيتاجي کي واپس ڇڏي اچڻ قبول ڪونہ ڪيو. تڏهن ڀڳتمتِي مندودرِي پنهنجي گروديوَ منُيندرجي کي چيو تہ مهاراج منهنجي پتِي ڪنهن عورت کي اغوا ڪري ورتو آهي مون کان سهڻ نہ ٿي رهيو آهي. هو اُن کي واپس ڏيڻ ڪنهن بہ قيمت تي نٿو چاهي، توهان ديا ڪريو منهنجا پربُو! مون اڄ تائين زندگي ۾ اهڙو ڏُک ڪونہ ڏٺو هو. پرميشور منُيندر جي چيو تہ ڏِي مندودرِي اُها عورت ڪا عام عورت نہ آهي. وِشنوجِي کي بد دُعا جي ڪري ڌرتي تي اچڻو پيو آهي. اُهو راجا دسرٿ جو پُٽ شرِي رامچندر ايوڌيا واسي آهي. هِن کي 14 سال جو بنواس مليو آهي ۽ لڪشمي خود سيتا رُوپ ڌاري هِن جي زال جي رُوپ ۾ بنواس ۾ هُئي هِن کي راوڻ ساڌو ويس بڻائي دوکي سان کڻِي آيو آهي. هِي سيتا خود ديوِي لڪشمِي آهي . هِن کي جلدي واپس ڪري، معافي گُهري. راوڻ پنهنجي زندگي جو خير گُهري تہ اُن ۾ ڀلو آهي.

ڀڳتمتي مندودرِي جي ڪيترائي ڀيرا عرض ڪرڻ تي بہ راوڻ نہ مڃيو ۽ چيائين تہ اُهي مسخرا جهنگل ۾ گهمڻ وارا منهنجو ڇا ٿا بگاڙي سگهن؟ مون وٽ بيشمار فوج آهي منهنجا هڪ لک پُٽ ۽ سوا لک ناٺي آهن. منهنجي پُٽ ميگهناٿ،
33 سرڳ جي راجا اِندر کي شڪست ڏيئي اُن جي ڌِي سان شادي ڪري رکي آهي. ڪروڙ ديوتائن کي اسان قيد ڪري رکيو آهي تہ مون کي اُنهن ٻن ٻي سهارا گُهمندڙ بنواسين کي ڀڳوان ٻُڌائي ديجارڻ تي چاهين. اُن عورت کي واپس ڪونہ ڪندس.

مندودرِي ڀڳتي مارڳ جو گيان جيڪو پنهنجي گروديوَ کان ٻڌو هو سو راوڻ کي بيحد سمجهايو. ڀاءُ وڀيشڻ بہ پنهنجي وڏي ڀاءُ راوڻ کي سمجهايو. راوڻ پنهنجي ننڍي ڀاءُ وڀيشڻ کي ڪُٽيو ۽ چيائين تہ تون شري رامچندر جي وڏيڪ طرفدارِي

ڪري رهيو آهين اُن وٽ هليو وڃ. هڪ ڏينهن ڀڳت متي مندودري پنهنجي پوڄيه گرو ديوَ کي عرض ڪيو ته اي گُرو ديوَ! منهنجو سهاڳ اُجڙڻ وارو آهي. هڪ دفعو توهان به منهنجي پتي کي سمجهايو. جيڪڏهن هو توهان جي ڳالهه نه مڃيندو ته مونکي بيواه ٿيڻ جو ڪو ڏک نه ٿيندو.

پنهنجي شش ڏي مندودري جي عرض قبول ڪري، راجا راوڻ جي دربار جي اڳيان بيهي دُئار پالن کي راجا راوڻ سان ملڻ لاءِ عرض ڪيائين دُئار پالن چيو ته رشي جي هن وقت اسان جو راجا صاحب دربار لڳائي ويٺو آهي. هن وقت اندر جو پيغام ٻاهر اچي سگهي ٿو پر ٻاهر جو پيغام اندر نٿو وڃي سگهي. اسان مجبور آهيون. تڏهن پورڻ پريو انتر ڌيان ٿي راجا راوڻ جي دربار ۾ حاضر ٿي ويا. راوڻ جي نظر رشي جي تي پئي ته گجگوڙ ڪندي پُڇيو ته هن رشي کي منهنجي مرضي بنا ڪنهن اندر اچڻ جي اجازت ڏني آهي. اُن کي گهرائي منهنجي سامهون قتل ڪيو وڃي. تڏهن پرميشور چيو ته راجن توهان جي محافظن بلڪل منع ڪئي هئي، اُنهن کي خبر ئي ڪونهي ته مان ڪيئن اندر اچي ويس. راجا پُڇيو ته پوءِ تون اندر ڪيئن آئين؟ تڏهن پُورڻ پريُو منُيندر لباس ۾ غائب ٿي ٻيهر حاضر ٿي ويا ۽ چيائون ته مان اهڙي طرح اچي ويس. راوڻ پُڇيو ته اچڻ جو سبب ٻڌاءِ تڏهن پُورڻ پريُو چيو ته توهان پهلوان ٿي ڪري عورت کي اغوا ڪري ڪٺي آيا آهيو. اهو توهان جي شان ۽ بهادري جي خلاف آهي. اِها ڪا عام عورت نه آهي. هو خود لڪشمي جي جو اوتار آهي. شري رامچندر جيڪو هن جو مڙس آهي. اهو خود وشنو آهي هن کي واپس موٽائي پنهنجي زندگي جو خير گُهر، اِنهي ۾ توهان جو ڀلو آهي. ايترو ٻُڌندي ئي تموگُڻ ڀڳوان شِو جو ڀڳت راوڻ غُصي ۾ اچي کُلي تلوار ڪٺي سنگهاسڻ تان گرجندي ٽپ ڏيندي ئي هن نادان انسان تلوار سان رشي جي کي قتل ڪرڻ لاءِ 70 دفعا انتا ڌُنڌ وار ڪيا. پرميشور منُيندر جي ٻُهاري جو هڪ ڪک هٿ ۾ جهلي رکيو هو. اُن کي ڍال وانگر اڳيان ڪري ڇڏيو. راوڻ جا ستر ئي تلوار جا وار اُن نازڪ ڪک کي لڳا ته اهڙا کڙڪاٽ جا آواز ٿيا جهڙو لوهه جي ڪنيي تي تلوار لڳي رهي هُجي. ٻهاري جي ڪک تي ڪو به اثر نه ٿي سگهيو. راوڻ پگهرجي ويو. پوءِ به پنهنجي تڪبر جي ڪري نه مڃيو. پر اِها خبر پئجي ويئي ته ڪو عام رشي نه آهي. پر چيائون ته مون کي توهان جي هِڪڙي به ڳالهه ناهي ٻڌڻي توهان وڃي سگهو ٿا. پرميشور انتر ڌيان (غائب) ٿي

ويا ۽ مندودرِي جي کي سمُورِي کهاڻي ٻڌائي هليا ويا. راڻي مندودرِي چيو تہ پُوڄيہ گُروديوَ هاڻي مونکي بيواه ٿيڻ تي ڪوبہ ڏُک نہ ٿيندو.

شري رامچندر ۽ راوڻ جي جنگ ٿي ۽ راوڻ هارجي ويو. جنهن لنڪا جي راڄگدِي کي راوڻ تموگڻ ڀڳوان شِـو جي ڪٺن ساڌنا ڪري ڏهہ دفعا سِر نڇاور ڪري حاصل ڪيو هو. اُهو معمولي سُک بہ ڇڏائجي ويو ۽ نرڪ جو ڀاڳي بڻيو. اِن جي برعڪس پُورڻ پرماتما جي ست نامي ساڌڪ وڀيشڻ جي کي ٻنا ڪٺن ساڌنا ڪرڻ جي پُورڻ پرڀُو جي ڪِرپا سان لنڪا ديش جو راڄ حاصل ٿيو. هزارين سالن تائين وڀيشڻ جي لنڪا جي بادشاهي جو سُک ڀوڳيو ۽ پُورڻ پرڀُو جي ڪِرپا سان بادشاهي ۾ پُورڻ شانتي رهي، سيئي راڪشِش وِرتي وارا ماڻهو موت کي پراپت ٿي چُڪا هئا.
ڀڳتمتي مندودرِي ڀڳت وڀيشڻ ۽ پرم ڀڳت چندر وجئہ جي پريوار جا سڀ سورهن ئي افراد ۽ ٻيا جن پُورڻ پرميشور کان اُپديش حاصل ڪري سچي حياتِي مرياده ۾ رهي ست ڀڳتِي ڪئِي آهي، سيئي ساڌڪ هتي ڌرتِي تي بہ سُکي رهيا ۽ آخرڪار پرميشور جي وِمان ۾ ويهي ستلوڪ (شاشوتم اِستانم) پـڌاريا. اِنهي ڪري پويتر گيتاجي اڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۾ چيو آهي تہ ٽِنهي گُڻن (رجوگڻ برهما، ستوگڻ وِشنو، تموگڻ شو)جي ساڌنا کان مِلندڙ معمولي سهوليتن سان جنهن جو گيان لُٽجي ويو آهي. اُهي راڪشِس سڀاوَ وارا، ماڻهن ۾ نيچ، بُرا ڪرم ڪرڻ وارا مُورک مون (برهم) جي بہ پوڄا نٿا ڪن.

گيتا اِڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ گيتا گيان ڏيڻ وارو پرڀو (ڪال برهم) چئي رهيو آهي تہ ڪيئي نيڪ آتمائون منهنجي (برهم) ساڌنا ڪنديون آهن. ڇاڪاڻ تہ اُنهن کي تتودرشِي سنت ڪونہ مِليو. اُهي نيڪ آتمائون منهنجي (انوتم) تمام نيچ (گيتم) مُڪتي جي حاصلات لاءِ آسري ۾ رهجي ويون. انهي ۾ پُورڻ موڪش نہ آهي. اِنهي ڪري پويتر گيتا اڌياءِ 18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ اي ارجن! تون هر طرح سان اُن پرميشور ( پُورڻ پرماتما/ تت برهم) جي شرڻ ۾ وڃ. اُن جي مهر سان ئي تون پرم شانتي ۽ ست لوڪ مطلب سناتن پرم ڌام کي حاصل ڪندين.

اِنهي ڪري نيڪ آتمائن کان درخواست آهي تہ اڄ هن داسن جي داس وٽ پُورڻ پرماتما جي حاصلات جو حقيقي طريقو موجود آهي. مُفت اُپديش حاصل ڪري لاڀ حاصل ڪريو.

# "پاڪ پُراڻن جو ڳجهو گيان"

پراڻن کي سمجهڻ لاءِ ڌيان رهي تہ شرِي بِرهما پُراڻ، شرِي وِشنو پُراڻ ۽ شري شِو پُراڻ، برهم جي ليلا سان شروع ٿين ٿا. جنهن کي پهريون اوئڪت گيتا ادياءِ 7 شِلوڪ 25 ۾ چيو آهي، جيڪو گيتا اِدياءِ 11 شلوڪ 32 ۾ چوي ٿو تہ **مان ڪال آهيان** اُنهي کي شرپُرش ۽ جوتي نرنجن بہ چيو وڃي ٿو، اِهوئي سداشِو ڪال رُوپي بِرهم بہ سڏجي ٿو. اِهوئي بِرهمانڊ ۾ هِڪ بِرهم لوڪ جي رچنا ڪري اُن جي مٿيئن حصي ۾ رهي ٿو. اِهوئي مهابِرهما، مهاوِشنو ۽ مهاشو سڏجي ٿو ۽ اُن علائقي کي ڪاشِي بہ چون ٿا. اُن ۾ رجوگُڻ پردان، ستوگُڻ پردان ۽ تموگُڻ پردان ٽي الڳ الڳ جڳهيون ٺاهي، پنهنجي پتني دُرگا (مهالڪشمِي) کي گڏ رکي ٽن پُٽن رجوگُڻ شرِي بِرهما، ستوگُڻ شرِي وِشنو ۽ تموگُڻ شري شِو کي پيدا ڪري بيهوش ڪري ڇڏي ٿو ۽ بيهوشي جي حالت ۾ اُنهن جي پرورش ڪندو آهي، جوان ٿيڻ تي شرِي بِرهما کي ڪمل جي گُل تي، شرِي وِشنو کي شيش نانگ جي بستري تي ۽ شرِي شِوَ کي ڪيلاش جبل تي هوش ۾ آڻي ويهاري ڇڏيندو آهي. اِنهن ٽنهي ديوتائين کي اِهو گيان نہ آهي تہ اسان جِي پيدائش ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ اِهوئي ڪال رُوپي بِرهم، وِشنو رُوپ ٻڌائي پنهنجي نابِي مان ڪمل جو گل پيدا ڪري اُن تي شرِي بِرهما کي ويهاري هوش ۾ آڻيندو آهي. هي جڏهن چاهي شرِي بِرهما، شرِي وِشنو ۽ شرِي شو رُوپ اختيار ڪري نظر ايندو آهي. اِهو ڪال پنهنجي اصلي رُوپ ۾ ڪڏهن بہ پرگهٽ نٿو ٿئي. جيڪو ڪال شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان ڏيڻ وقت ڏيڪاريو هو. گيتا اڌياءِ 10 ۽ 11 ۾ پرماڻ آهي. شريمد ڀڳوت گيتا اڌياءِ 11 شلوڪ 47 ۽ 48 ۾ چيو آهي تہ اي ارجن! هي منهنجو حقيقي رُوپ تو ڪانسواءِ نہ تہ پهرين ڪنهن ڏٺو آهي ۽ نہ وري اڳتي ڪو ڏسي سگهي ٿو. هي تہ مون توتي فضل ڪري ڏيکاريو آهي. هي مون بِرهم جو هڪ هزار ٻانهن ۽ اکين وارو ڪال رُوپ ويـدن ۾ ٻُڌايل طريقي سان جيئن يگيہ، اوم جي جپ وغيره سان بہ نٿو ڏسي سگهجي مطلب تہ ويدن ۾ ٻُڌايل ڀڳتي مارڳ ذريعي پربُو پراپتي نٿي ٿي سگهي. اِنهي ڪري رشين ۽ مهرشين ويدن ۾ **اوم** نام کي پربُو پراپتي جو منتر سمجهي، پربُو پراپتي جي لاءِ يگيہ ۽ اوم نام جون گهور سادنائون ڪيون پر ڪنهن کي بِرهم جا درشن ڪونہ ٿيا. ڪنهن ڪملن جو پرڪاش ڏٺـو تہ ڪنهن جسم ۾ جوتي ڏِٺي ۽ ڌُن ٻُڌِي، جيڪو ڪال بِرهم جي نگي آهي، ڪنهن سهسترڪمل جي هڪ هزار جوتين مان نِڪرندڙ روشني کي ڏسي پربُو جي حاصلات

سمجهيو، جيئن ڪنهن عمارت تي هڪ ئي رنگ جا هزار بلب هڪبئي سان گنڍي سجائي گولائي ۾ ٻاري رکيا هُجن، پري کان ڏِسندڙن کي روشنِي جي گهٽائي ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ويجهو وڃڻ تي خبر پوي ٿي ته هي بلبن جي روشني آهي.

اهڙي طرح ڪجهه ساڌڪ هٺ يوڳ ذريعي جسم ۾ انترمک ٿي ڪجهه آتش بازِي کي ڏسي پرڀُو جي حاصلات مڃي وٺندا آهن، اُنهي ڪال جي ڄار کي آنند سمجهي پنهنجو انمول جنم برباد ڪري ڇڏيندا آهن. ويدن ۾ واضح لکيل آهي ته پرميشور سهه شرير (جِسماني ) آهي. يجُرويد اڌياءِ 1 منتر 15 ۽ اڌياءِ 5 منتر 1 ۾ ثبوت آهي.

**اگنــي تنور اســي، وشڻــوي تــوا سومسيه تنور اَســي.**

سمجهاڻــي:-پرميشور سهه شرير (جسم) آهي. اُن سپني جي پالڻ ڪندڙ امرپُرش (ست پُرش) جو شرير آهي. مطلب پرميشور آڪار (جِسماني) آهي. اِنهي ڪري رِشين پرڀُو درشن جي لاءِ گهور ساڌنائون ڪيون پر ويدن ۾ ٻُڌايل طريقي سان پرڀُو پراپتِي نٿي ٿي سگهي. اِنهي ڪري اڄ تائين سپني ساڌڪن ۽ رِشين وغيره پنهنجن تجربي جي ڪتابن جي رچنا ڪئي، جيڪا ويد گيان جي خلاف آهن. هاڻي سمورو ڀڳت سماج پويتر ويــدن جي جاءِ تي ٻين مهرشين يا سنتن جي تجربي سان جوڙيل ڪتابن جي گيان تي آڌار تي ٽِڪو آهي.

پويتر ويدن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان ڏيڻ وارو بِرهم ڇئي رهيو آهي ته ٽيئي گُڻ (رجوگُڻ بِرهماجِي، ستوگُڻ وِشنوجِي ۽ تموگُڻ شِوجي) اِشٽ رُوپ ۾ پُوڄا جي قابل نه آهن. ڇاڪاڻ ته اُهي به فاني آهن ۽ ڪرم جو ڦل جيئن جو تيئن ئي ڏيندا آهن. پاپ ناس نٿا ڪري سگهن. اِنهن جي پُوڄاري ڀڳتن کي قسمت ۾ لکيل ڪرم (ڏُک ۽ سُک) ڀوڳڻا پوندا آهن. اِنهن ٽنهي ڀڳوانن جي ساڌنا سان عارضِي دُنياوِي سُک ته ملندا آهن پر پُورڻ موکش نٿو ملي ۽ اِنهن (ٽنهي ديوتائن شري بِرهما، شرِي وِشنو ۽ شرِي شو) مان مِلندڙ پل پر جي لاڀ تي جنهن جي اُميد آهي. اُهي راڪشس سڀاوَ ڌارڻ (شيطاني فطرت اختيار) ڪيل ماڻهن ۾ نيچ، بُــرا ڪرم ڪندڙ مُورک مون (ڪال /بِرهم) کي به نٿا مڃن ( پرماڻ شريمد ڀڳوت گيتا اڌياءِ 7 شِلوڪ 12 کان 15 تائين) ڇاڪاڻ ته بِرهم ساڌڪ گهٽي وقت تائين بِرهم لوڪ ۾ نهيل مهاسرڳ ۾ پنهنجي نام ۽ پُڄ ڪمائِي جي حساب سان رهي ٿو. اِنهي ڪري ڪال ڇئي رهيو آهي ته ٽنهي ڀڳوانن کان ڪجهه وڌيڪ راحت مان ڏيئي سگهان ٿو. پر هي بِرهم لوڪ ۽

برهمر/ڪال بہ فاني آهن ۽ گيتا اڌياءِ 8 شلوڪ 16 ۾ چيو آهي تہ برهمر لوڪ تائين سڀ لوڪ فاني آهن ۽ گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ 12 ۽ اڌياءِ 4 شلوڪ 5 ۾ خود گيتا گيان ڏيڻ وارو برهمر چئي رهيو آهي تہ منهنجو بہ جنم ۽ موت ٿيندو آهي مطلب تہ مان بہ فاني آهيان. انهي ڪري پويتر گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ چوٿين قسم جا منهنجا (برهمر جا) ڀڳت جيڪي گياني آهن. ويد جي گيان مطابق اهو سمجهي وٺندا آهن تہ هڪ پُورڻ پرماتما ئي ايشٽ رُوپ ۾ پُوڄڻ جي قابل آهي، اُهوئي پاپ ناس ڪندڙ ۽ پُورڻ موڪش ڏيندڙ آهي، انساني زندگي پرڀُو جي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي ملي آهي.اُنهن ويدن جو خود نچوڙ ڪڍيو تہ (اومر) ئي واحد منتر آهي جيڪو پرڀُو پراپتي جو منتر آهي. انهي اومر منتر جي جاپ سان هزارين سال ساڌنا ڪري پنهنجي شرير کي نڇاور ڪري ڇڏيو، پر پرڀُو درشن نہ ٿيا ڪجهہ بہ حاصلات ٿي، ڪجهہ سِڌيون پراپت ٿيون ۽ سرگ ۽ مهاسرگ وغيره ۾ اعليٰ پدوي پراپت ٿي ويئي. پوءِ پڇن ۽ پُڄ ڪمائي ختمر ٿيڻ تي ٻيهر جنمر، مرڻ ۽ چوراسي لک جوڻين جي شرير ۾ گهور ڪشٽ ۽ نرڪ ۾ پاپ ڪرمر جو ڦل ڀوڳڻ بہ قائمر رهيو.

پويتر يجُر ويد اڌياءِ40 منتر 10 ۽ پويتر گيتا اڌياءِ4 شلوڪ 34 ۾ مٿي لکيل ٻنهي شاسترن جو گيان ڏيندڙ برهمر چئي رهيو آهي تہ اُن پُورڻ پرماتما جي باري ۾ مان (ڪال رُوپي برهمر) نٿو ڄاڻان. اُن پرميشور جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ مطلب تتوگيان ۽ اُن پرميشور کي حاصل ڪرڻ جو رستو مطلب پُورڻ موڪش مارگ جي ڄاڻ لاءِ تتودرشي سنت جي کوج ڪر، پوءِ هو جيئن ئي ساڌنا ٻُڌائي، ائين ئي ڪر. اُن ڪانپوءِ انهي پرمر پد پرميشور جي کوج ڪرڻ گُهرجي. اُتي پُهتل ساڌڪ وري موٽي سنسار ۾ نٿو اچي مطلب پُورڻ موڪش پراپت ڪري هميشہ جي لاءِ جنمر مرڻ ۽ چوراسي لک جوڻين جي تڪليف توڙي نرڪ جي خطرناڪ تڪليف کان آزاد ٿي مڪمل راحت حاصل ڪري لافاني لوڪ مطلب ست لوڪ (شاشوتمر استانمر) کي پراپت ٿي ويندو آهي. (ثبوت گيتا اڌياءِ15 شلوڪ 1 کان4 ۽ اڌياءِ18 شلوڪ62 ۾ رگويد منڊل1، سُڪت24 منتر1 ۽2).

تتودرشي سنت نہ ملڻ سبب سيني رشين ويدن مُطابق ساڌنا ڪري بہ خطرناڪ تڪليفن ۾ گهيريل رهيا. انهي ڪري گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ جيڪي گياني آتمائون آهن. اُهي آهن تہ نيڪ آتمائون چاڪاڻ تہ اُهي پرڀُو پراپتي لاءِ تن، من ۽ ڌن سان ويدن مُطابق ساڌنائون ڪندا رهيا، پر اُهي بہ مون برهمر (ڪال) جي تمامر نيچ گتي (انوتمامر) مطلب ساڌنا سان ملندڙ لاڀ جي ئي آسري آهن. جنهن سان

اُنهن جو پُورڻ موڪش نٿو ٿئي، جنم موت ۾ مختلف قِسمن جي جاندارن جي شرير توڙي نرڪ ۾ ڪرمن جي حساب سان خطرناڪ تڪليفون ڪڏهن بہ ختم نٿيون ٿين.

جوتِي نِرنجن (ڪال رُوپي بِرهم) قسم ڪائي رکيو آهي تہ مان ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ ڪنهن بہ ساڌنا سان پنهنجي اصلي رُوپ ۾ درشن نہ ڏيندس. اِنهي ڪري هي ڪال رُوپي بِرهم ٽِي پنهنجي پُٽن بِرهما، وِشنو ۽ شِـو جي رُوپ ۾ ڏيکاءُ ڏيئي نانا روپ رچائي ٿو. جنهن ڪري ٻيا ماڻهو سوچين ٿا تہ هِي ليلا شري وِشنو ڪئي آهي. ڪڏهن چون ٿا تہ هي ليلا شري بِرهما ڪئي آهي ۽ وري ڪڏهن چون ٿا تہ هي ليلا شري شِو جي آهي. جيئن عام اِنسان چوندا آهن تہ شري بِرهما جي پيدائش شرِي وِشنو جِي نابِي مان ڪمل جي گُل تي ٿي. اُن وقت شري وِشنو جي رُوپ ۾ ڪال (بِرهم) پنهنجي نابِي مان ڪمل گُل پرگهٽ ڪيو هو.

برهما پُراڻ (سرشٽِي جو ورڻن نالي اِڌياءِ) ۾ شرِي لومهرشڻ رِشي (جنهن کي سُوت جي بہ چوندا آهن) پنهنجي گروديوَ شري ويد وياس رِشي کان ٻُڌل گيان چيو آهي. شرِي ويد وياس جي، شري نارد جي کان ٻُڌو ۽ شرِي نارد جي پنهنجي پِتا شرِي بِرهماجي کان ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. شري بِرهما خود کي گيان نہ آهي تہ مان ڪِٿان پيدا ٿيس (شرِي ديوِي مهاپُراڻ اسڪند 3) اِنهي جو مطلب اِهو نہ آهي تہ پُراڻن جو گيان غلط آهي. جيڪو گيان شري بِرهماجِي هوش ۾ اچڻ بعد چيو آهي. اُهو اُن حد تائين تہ صحيح آهي پر هوش ۾ اچڻ کان پهرين وارو گيان ڏند ڪٿا (لوڪ ويد) آهي جيڪو پُورڻ پرميشور پهرين ستيگ ۾ ست سُڪرِت نالي سان پرگهٽ ٿي ڪري تتودرشِي سنت رُوپ سان تتوگيان ۽ حقيقي سرشٽِي رچنا جو گيان شرِي بِرهما ۽ شري منُو وغيره کي ڏنو هو. اُنهن ٻُـڌي ڪري بہ اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو هو. انڪانپوءِ جڏهن شرِي برهما کان اُن جي ونش (خاندان) وارا پُڇڻ لڳا، تڏهن اُن ٻُڌايل ٻُڌل گيان جي آڌار سان ڪجھ مِلاوٽ ڪري پهرين وارو گيان چيو آهي. جنهنڪري ڪوبہ پُراڻ تصديق شده گيان وارو نہ آهي. ڪنهن پـرُاڻ جي آڌار تي ظاهر ٿئي ٿو تہ شري وِشنوجِي جِي پيدائش شرِي بِرهماجِي مان ٿي. ڪنهن پراڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شري بِرهماجِي جِي پيدائش شري وِشنوجِي مان ٿي وغيره وغيره. اِنهي ڪري سيئي رِشي جن توڙي ٽيئي ديوَ (بِرهما، وِشنو ، شِـوَجي) وهمن جو شڪار آهن.

# "شري برهماجِي ۽ شري وشنوجِي جي جنگ "

شرِي شِـو پُراڻ وِدويشوَر سنهيتا اڌياءِ 6 ترجمو ڪندڙ دين ديال شرما، ڇپيندڙ راماڻ پريس ممبئي، صفحو نمبر 67 ۽ سهڙيندڙ پنڊِت رام لگن پانڊي **وِشارد** پرڪاشت ساويتر ٺاڪر، پـرڪاشن رٿ ياترا واراڻسِي، برانچ ناٿِي اِملي واراڻسي جي ودويشوَر سنهيتا اڌياءِ 6 صفحو 54 ۽ ٽيڪاڪار (تبصرو ڪندڙ) ڊاڪٽر برهمانند ترپاٺي ساهيته آيُـر ويـد جيوتِش آچاريہ ايم.اي، پي.ايچ. ڊي. ڊي. ايس.سي.اي، پرڪاشت چو کنبہ سنسڪرت پرتيشٺان، 38، يُو.اي.، جواهر نگر بنگلو روڊ، دلي سنسڪرت سهيت شِو پُراڻ جي وِدويشوَر سنهيتا اڌياءِ 6 صفحو 45 تي).

شرِي بِرهما، شرِي وِشنو وٽ آيا. اُن وقت شرِي وِشنو شرِي لڪشمي سان گڏ شيش نانگ جي سيج تي سُتل هئا گڏ خادم بہ ويٺا هئا، شرِي بِرهما، شرِي وِشنو کي چيو تہ پُٽ! اُٿي ڏِس مان تنهنجو پيءُ آيو آهيان آءُ تنهنجو پيگوان آهيان. اُن تي شرِي وِشنو چيو تہ اچو ويهو، مان توهان جو پيءُ آهيان، تنهنجو منهن ٽيڙو ڇو ٿي ويو؟ بِرهماجي چيو تہ اي پُٽ! هاڻي توکي ايمان ٿي ويو آهي. مان تنهنجو محافظ ئي نہ بلڪ سمُوري جگت جو پِتا آهيان شرِي وِشنوجي چيو اي چور! تون پنهنجي وڏائپ کهڙي ٿو ڏيکارين؟ سمُورو جگت تہ مون ۾ نِواس ڪري ٿو. تون منهنجِي ناڀي ڪمل مان پيدا ٿيئن ۽ مون سان ئي اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين. ايترو چئي ٻئي پرِيُو پاڻ ۾ هٿيارن سان وڙهڻ لڳا هڪٻئي جي ڇاتي تي وار ڪيا. اِهو ڏِسي سدا شِو (ڪال رُوپي بِرهم) هڪ نوري لِنگ (وڏو پٿر) اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ اُڇو ڪري ڇڏيو تڏهن اُنهن ٻنهي جي جنگ ختم ٿي (متي لکيل بيان گيتا پريس گورک پُور واري شِو پُراڻ مان ورتل آهي. پر مول سنسڪرِت سان گڏ جيڪا متي لکيل آهي ۽ ٻين ٻن سمپادڪن ۽ پرڪاش ڪن واري شِوپُراڻ ۾ صحيح آهي.)

**ٿورو سوچيو:-** شري شو پراڻ، شري وشنو پُراڻ شري برهما پُراڻ ۽ شري ديوي مهاپُراڻ ۾ ٽنهي پيگوانن ۽ سدا شِو (ڪال رُوپي بِرهم) ۽ ديوِي (پرڪرِتي دُرگا) جون جيوَن ليلائون آهن. اُنهن جي آڌار تي سيئي رِشِي جَن ۽ گُروجَن گيان ٻُڌائيندا آهن. جيڪڏهن ڪير بہ پويتر پُراڻن کان الڳ گيان ٻُڌائي ٿو تہ اُهو پاڻيہ ڪرم جي اُبتڙ گيان هئڻ جي ڪري بيڪار آهي. متي لکيل جنگ جو ذِڪر پويتر شِو پُراڻ مان آهي. جنهن ۾ ٻئي پيگوان پنج سالن جي ٻارن وانگر وڙهِي رهيا آهن. هڪ چئي رهيو آهي تہ تون منهنجو پٽ آءُ تنهنجو پيءُ ۽ ٻيو بہ چئي رهيو آهي. تہ آءُ تنهنجو پيءُ تون

منهنجو پُٽ، ائين ڪندي هڪبئي ڪي ڳلي مان جهلي ٺونشن ۽ لتن سان جهڳڙو ڪندي هٿيارن سان جنگ ڀا شروع ڪن. اِهوئي ڪردار ٽنهي لوڪ جي ناٽڪ جو آهي.

مٿئين ٽنهي پُراڻن (شري برهما پُراڻ شري وشنو پُراڻ ۽ شري شو پُراڻ) جي شروعات ته ڪال رُوپي بِرهم مطلب ته جوتي نرنجن سان ٿئي ٿي. جيڪو بِرهم لوڪ ۾ مها برهما، مهاوِشنو ۽ مهاشو بڻجي رهي ٿو ۽ پنهنجي ليلا به اُن برهما وشنو ۽ شِو جي رُوپ ۾ ڪندو آهي. پنهنجي اصلي ڪال رُوپ کي لڪائي رکندو آهي بعد ۾ ذڪر رجگڻ برهما، ستگڻ وشنو ۽ تمگڻ شو جي ليلائن جو آهي. مٿي لکيل گيان جي آڌار سان پويتر پُراڻن کي سمجهڻ بلڪل آسان ٿي ويندو.

# ”شري وشنو پُراڻ“

(ترجمو ڪندڙ شري مُني لال گُپت، ڇپيندڙ: گووند ڀوَن ڪارياليه گيتا پريس گُورک پُور)

شري وشنو پُراڻ جو گيان شري پارا سر رشي پنهنجي شش شري ميتريه رشي کي ڏنو آهي.

شري پاراسر رشي جي شادي ٿيندي ئي گهر ڇڏي، جهنگ ۾ وڃي سادنا ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. اُن جي ڌرم پتني چيو ته اجا هينئر ئي ته پنهنجي شادي ٿي آهي ۽ هينئر ئي توهان گهر تياڳي وڃي رهيا آهيو، اولاد ٿئي پوءِ سادنا لاءِ هليا وڃجو. تڏهن شري پاراسر رشي چيو ته سادنا ڪرڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ اولاد نيڪ ٿيندو آهي. آءُ ڪجهه وقت ڪانپوءِ تنهنجي لاءِ پنهنجي شڪتِي (ويريه) ڪنهن پکي معرفت موڪلي ڏيندس. تون اُن کي محفوظ ڪجان. اهو چئي گهر تياڳ ڪري جهنگ ڏانهن روانو ٿي ويا، هڪ سال سادنا ڪانپوءِ پنهنجي ويريه شڪتي ڪيڏي هڪ وڻ جي پن ۾ بند ڪري پنهنجي منتر شڪتي سان هڪ ڪانءُ کي چيو ته هي خط منهنجِي پتنِي کي پُهچائي اَچ. ڪانءُ اُن کي وٺي درياهه جي مٿان ڪان اُڏامي رهيو هو ته اُن جي چُهنب مان اُهو خط درياهه ۾ ڪِري ويو ۽ اُنکي هڪ مڇي ڳڙڪائي ويئي. ڪجهه مهينن بعد اُن مڇي کي هڪ ملاح جهلي ڪٽي ته اُن مان هڪ ڪنيا (ڇوڪرِي) نڪتي ملاح اُن ڇوڪرِي جو نالو ستيه وتِي رکيو (اُهائي ڇوڪري مڇي جي پيٽ مان پيدا ٿيڻ جي ڪري مڇودري نالي سان به سڏبي هئي) ملاح انهي نينگري ستيه وتي کي پنهنجي نياڻِي ڪري پالِي.

ڪانءُ واپس وڃي شرِي پاراسر رِشي کي سموري حقيقت بيان ڪئي جڏهن ساڌنا مُڪمل ڪري شري پاراسر رشي 16 سالن بعد واپس گهر اچي رهيا هئا. درياهہ ڪناري پهچي درياهہ پار ڪرائڻ لاءِ ملاح کي سڏ ڪري چوڻ لڳا تہ مونکي جلدي ۾ درياهہ پار ڪراءِ منهنجي پتني منهنجو انتظار ڪري رهي هوندي. اُن وقت ملاح ماني کائي رهيو هو ۽ شري پاراسر جي ويريہ مان مڇي مان پيدا ٿيل 14 سالن جي جوان ڪنيا پنهنجي پيءُ جي مانِي کٽي ايندڙ اُتي ئي موجود هئي. ملاح کي خبر هئي تہ ساڌنا تپسيا ڪري ايندڙ رشي جي سِڌين سان پُر هوندا آهن. آگيا جو جلدئي پالڻ نہ ڪرڻ جي صُورت ۾ شراپ ڏيئي ڇڏيندا آهن. ملاح چيو رشيوَر! آءُ ماني کائي رهيو آهيان اڌ ۾ کاڌو ڇڏڻ اَن ديو (اناج) جي بيعزتي برابر هوندو آهي ۽ مونکي پاپ لڳندو، پر شري پاراسر رشي هڪ بہ نہ ٻُڌي. رشي کي وڌيڪ بي صبر ڏسي، ملاح پنهنجي جوان ڪنيا کي چيو تہ ڌي رشي کي درياهہ پار ڪرائي اچ. پِتا جي حُڪم تي اُن ڇوڪري پاراسر رشي جي کي ٻيڙي ۾ ويهاري رواني ٿي. درياهہ جي وچ ۾ پهچڻ تي پاراسر رشي اُن ڪنيا (پنهنجي ئي ويريہ (ٻج) شڪتِي سان مڇي مان پيدا ٿيل پنهنجي ئي ڌِي) سان بد ڪرمہ (زنا) جي خواهش ظاهر ڪئي. ڇوڪرِي بہ پنهنجي پاليندڙ پيءُ ماءُ ڪان رشين جي ڪروڌ مان ڏنل شراپ مان دکي انسانن جون ڪهاڻيون ٻُڌيون هُيون سو شراپ جي ڊپ کان ڏڪندي چيو تہ رِشِي! توهان برهمڻ آهيو ۽ آءُ هڪ شُودر جي ڌي آهيان. پاراسر رشي چيو تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. ڇوڪري پنهنجي عزت بچائڻ خاطر وري بهانو ڪيو تہ اي رشيور! منهنجي بدن مان تہ مڇين جي بدبوءِ اچي رهي آهي. پاراسر رشي پنهنجي شبد شڪتي سان اُها بدبوءِ ختمہ ڪري ڇڏي، وري ڇوڪري چيو تہ ٻنهي ڪنارن تي ماڻهو ڏسي رهيا آهن. پاراسر درياهہ جو پاڻي هٿ ۾ کڻي آسمان ڏانهن اُڇلايو ۽ پنهنجي سڌِي شڪتي سان ڌنڌُ پيدا ڪري، پنهنجي من جي بُري ڪامنا پُورِي ڪئي ڇوڪرِي پنهنجي پاليندڙ ماتا جي ذريعي پنهنجي پاليندڙ پِتا ملاح تائين سموري واقعي جي آگاهي رسائي ۽ چيائين تہ رشي جي پنهنجو نالو پاراسر ٻُڌايو ۽ رشي وشيشٺ جي جو پوٽو ٻُڌائي رهيو هو. وقت اچڻ تي ڪنواري جي گرڀ مان شري وياس رشي جو جنمہ ٿيو.

اُنهي پاراسر جي ذريعي وشنو پُراڻ جي رچنا ٿي آهي. شري پاراسر ٻُڌايو تہ اي ميتريہ! جيڪو گيان آءُ توکي ٻُڌائڻ چاهيان ٿو، اِهوئي پرسنگ دڪش وغيره مُنين، نرمدا ڪناري راجا پروڪُتس کي ٻُڌايو هو. پروڪُتس سارسوَت کي ۽

سارسوَت مونکي ٻُڌايو هو. شري پاراسر، شري وشنو پُراڻ جي اڌياءِ 1 شلوڪ 31 صفحي نمبر 3 ۾ چيو آهي تہ هي جڳت وشنو مان پيدا ٿيو آهي ۽ اُنهي ۾ ئي سمايل آهي. اُهوئي اُن جي سنڀال ۽ پرلئہ ڪندو آهي. اڌياءِ 2 شلوڪ 15 ۽ 16 صفحي 4 ۾ چيو آهي. تہ اي دويج! پربرهم جو پهريون رُوپ پُرش مطلب ڀڳوان جهڙو لڳندو آهي، پر وئڪت (مهاوشنو رُوپ ۾ پرگهٽ ٿيڻ) ۽ اوئڪت (لڪايل اصلي ڪال رُوپ ۾ 21 هين برهماندن ۾ رهڻ) ان جا ٻيا رُوپ آهن ۽ ڪال اُن جو پرم رُوپ آهي ڀڳوان وشنو جيڪو ڪال رُوپ ۾ وئڪت ۽ اَوئڪت صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اها اُن جي ٻال ليلا آهي.

اِڌياءِ 2 شلوڪ 27، صفحي 5 ۾ چيو آهي تہ اي ميترہ! پرلئہ ڪال ۾ پرڌان مطلب پرڪِرتِي جي برابر حالت ۾ ظاهر ٿي وڃڻ تي مطلب پُرش جو پرڪِرتي کان الڳ ٿي وڃڻ تي ڀڳوان وشنو جو ڪال رُوپ تبديل ٿيندو آهي.

اِڌياءِ 2 شِلوڪ 28 کان 30 صفحو 5- تدنتر (سرڳ ڪال اچڻ تي) اُن پربرهم پرماتما وشو رُوپ هرهند حاضر، سڀني جاندارن جا خالق، سروَ آتما پرميشور پنهنجي مرضِي سان ناپاڪ هند ۽ پاڪ پُرش ۾ داخل ٿي اُنهن کي شانت ڪيو شلوڪ 28 ۽ 29. جهڙي طرح ڪامياب نہ ٿيڻ تي بہ گند(ڌپ) پنهنجي خوشبوءِ ذريعي ئي پرڌان وَ پُرش کي پريرت (مُتاثر) ڪندو آهي.

**خاص طور:-** شلوڪ نمبر 28 کان 30 ۾ واضح ڪيو آهي. تہ پرڪرتي (دُرگا) ۽ پُرش (ڪال پربُو) کان الڳ ڪو ٻيو پرميشور آهي جيڪو اُنهن ٻنهي کي ٻيهر سِرشٽِي رچناجي لاءِ پريرت (مُتاثر) ڪري ٿو.

اِڌياءِ 2 پُيج نمبر 8 ۽ شلوڪ 66 تي لکيو آهي. تہ اُهوئي پربُو وشنو دُنيا کي پيدا ڪرڻ وارو برهم بڻجي پنهنجي ئي دُنيا ناهيندو آهي. شلوڪ نمبر 70 ۾ لکيل آهي. ڀڳوان وشنو ئي برهما وغيره حالات مطابق رچيندڙ آهن. اُهي ئي رچيا ويندا آهن ۽ پاڻ بہ مرندا آهن. اڌياءِ 4 شلوڪ 4 ۽ صفحي 11 تي لکيو آهي تہ ڪو ٻيو پرميشور آهي، جيڪو برهما، وشنو ۽ شِو وغيره ايشورن جو بہ ايشور آهي. اڌياءِ 4 شلوڪ (22،17،15،14) صفحي 11 ۽ 12 تي لکيل آهي: پرٿوي چيو! اي ڪال سرُوپ! توهان کي نمسڪار هُجي. اي پربُو! توهان ئي جڳت جي تخليق ڪرڻ لاءِ برهما، وشنو ۽ رُدر روپ بنائيندڙ آهيو. توهان جو جيڪو رُوپ اوتار رُوپ ۾ پرگهٽ ٿيندو آهي. اُنهي جي ديوَگڻ پُوجا ڪندا آهن. توهان ئي "اوم ڪار" آهيو، اِڌياءِ 4 شلوڪ

50، صفحي 14 تي لکيل آهي تہ پوءِ اُن ڀڳوان هرِي رجگُڻ سان ڀرپور ٿي، چترمُک ڏارِي برِهما رُوپ ٺاهي ڪائنات جي تخليق ڪئي.

مٿئين ذڪر مان ثابت ٿيو تہ شرِي پاراسر ٻُڌل ٻُڌايل گيان مطلب لوڪ ويد تي ”شري وِشنو پُراڻ“ جي رچنا ڪئي آهي جو تہ اصلي سچو گيان، پُورڻ پرماتما اول ستيُگ ۾ خود اچِي شري برهماجي کي ڏنو هو. شري برهما جي ڪجھ گيان ۽ ڪجھ پنهنجو جوڙيل خيالي گيان پنهنجي ايندڙ پيڙهي کي ٻُڌايو. هڪٻئي کان ٻُڌندي ٻُڌائيندي ئي لوڪ ويد شري پاراسر کي حاصل ٿيو. شري پاراسر، وشنو کي ڪال بہ سڏيو آهي تہ پربرهم بہ سڏيو آهي.

مٿئين ذڪر مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ وشنو مطلب برهم سرُوپ ڪال پنهنجي پيدائش برهما، وشنو ۽ شو رُوپ سان ڪري مخلوق جي پيدائش ڪري ٿو. برِهم (ڪال) ئي بِرهم لوڪ ۾ ٽِن روپن ۾ پرگهٽ ٿي ليلا ڪري ٺڳي ڪري ٿو. اُتي خود بہ مري ٿو. (وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ڪِرپيا پڙهو ”پرلئہ جي جانڪارِي“ پُستڪ ”گهرِي نظر گيتا ۾“ اڌياءِ 8 شلوڪ 17 جي ذڪر ۾) اُنهي برهم لوڪ ۾ جدا جدا ٽي جايون ٺاهي رکيون آهن. هڪ رجگُڻ پرڌان جنهن ۾ ساڳيو ڪال رُوپي بِرهم پنهنجو ”برهما“ روپ ٺاهي رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني ”درگا“ کي گڏ رکي هڪ رجگُڻ پرڌان پُٽ پيدا ڪندو آهي، اُن جو نالو برهما رکندو آهي ۽ اُنهي کان هڪ برهمانڊ ۾ پيدائش ڪرائيندو آهي. اهڙي طرح اُنهي بِرهم لوڪ ۾ هڪ ستگُڻ پرڌان جاءِ ٺاهي، خود پنهنجو وشنو رُوپ ٺاهي رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا (پرڪرِتِي) کي پتنِي رُوپ ۾ رکي هڪ ستگُڻ پرڌان پُٽ پيدا ڪندو آهي. اُن جو نالو وِشنو رکندو آهي ۽ اُن پُٽ مان هڪ بِرهمانڊ ۾ ٽِن لوڪن (پرٿوي، پاتال، سرڳ) ۾ پالنا ڪرائڻ جو ڪم ڪرائيندو آهي. (ثبوت شِو پُراڻ گيتا پريس گورک پُور مان ڇپيل، انوادڪ هنُومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي رُدر سنهيتا اڌياءِ 6 ۽ 7 صفحو نمبر 102 ۽ 103).

بِرهم لوڪ ۾ ٽي هڪ ٽئين جاءِ ٺاهي، اُن ۾ خود شِو رُوپ ٺاهي رهندو آهي ۽ پنهنجي پتنِي دُرگا کي گڏ رکي، پتِي پتنِي جي وهنوار (ميلاپ) سان ساڳئي نموني ٽيون پُٽ تموگڻ سان ڀرپور پيدا ڪندو آهي، اُن جو نالو شنڪر (شِو) رکندو آهي، اُنهي پُٽ سان ٽِن لوڪن جي مخلوق جو خاتمو ڪرائيندو آهي.

وشنو پُراڻ ۾ اڌياءِ 4 تائين جيڪو گيان آهي اُهو ڪال برهم مطلب جوتي نرنجن جو آهي. اڌياءِ 5 کان اڳتي جو گول مول گيان ڪال جي پُٽ ستگڻ وشنو جي ليلائن جو آهي ۽ اُن جي اوتارن شري رام ۽ شري ڪرشن وغيره جو گيان آهي.

خاص سوچڻ جي ڳالهه آهي تہ شري وشنو پُراڻ جي چوڻ وارو شري پاراسر رشي آهي. اهوئي گيان دڪش وغيره سيني رشين کان پروڪُتس ٻُڌو پروڪُتس کان سارسوت ٻُڌو ۽ سارسوت کان شرِي پاراسر رشي ٻُڌو اُهو گيان "شري وشنو پُراڻ" ۾ لکرايو ويو جيڪو اڄ اسانجي هٿن ۾ آهي. اُن ۾ صرف هڪ برِهماند جو گيان آهي پر اُهو بہ اڌُورو آهي، شري ديوي پُراڻ شري شِو پُراڻ وغيره جو گيان بہ برهما جو ڏنل آهي. شري پاراسر وارو گيان، شري برهما جي ڏنل گيان جي برابر نٿو ٿي سگهي، اِنهي ڪري شري وشنو پُراڻ کي سمجهڻ لاءِ ديوي پُراڻ ۽ شري شو پراڻ جي مدد وٺڻي پوندي، ڇوتہ اهو گيان دڪش ۽ ٻين رشين جي پِتا شري برهما جو ڏنل آهي. شري ديوي پُراڻ ۽ شري شو پُراڻ کي سمجهڻ لاءِ شريمد ڀڳوت گيتا ۽ چئني ويدن جي مدد وٺڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ اهو گيان خود ڀڳوان ڪال رُوپي برهم کان ڏنو ويو آهي جيڪو برِهما، وِشڻو ۽ شِو کي پيدا ڪرڻ وارو پِتا آهي. پويتر ويدن ۽ پويتر شريمد ڀڳوت گيتاجِي جي گيان کي سمجهڻ لاءِ "سَوَسَم ويد" مطلب **"سوڪشم ويد"** جي مدد وٺڻِي پوندي، جيڪو ڪال رُوپي برِهم جي پيدا ڪندڙ (پِتا) "پرم اڪشربرِهم" (ڪوير ديوَ) جو ڏِنل آهي جيڪو ڪوير گرِيي (ڪبير واڻِي) ذريعي خود ست پُرش پرگهٽ ٿي ٻُڌايو هو. (رگ ويد منڊل 9 سُڪت 96، منتر 16 کان 20 تائين پرماڻ آهي).

## "شري برهما پُراڻ"

هن پُراڻ جو وڪتا (چوڻ وارو) رشي شري لومهرشن جي آهي، جيڪو رشي شري ويد وياس جي جو چيلو آهي. جنهن کي سُوت جي بہ سڏيو ويندو آهي. رشي شري لومهرشن جي ٻُڌايو تہ هي گيان اول شرِي برِهماجِي دڪش وغيره مهان منين کي ٻُڌايو هو. اُهوئي مان ٻُڌايان ٿو. هن پُراڻ ۾ سرشٽي ورڻن نالي اڌياءِ ۾ (صفحي 277 کان 279 تائين) چيو آهي تہ شري وشنوجِي پُوري ڪائنات جا آڌار آهن. جيڪي برهما، وشنو ۽ شو رُوپ ذريعي جڳت جي پيدائش، پالن ۽ موت ڪندا آهن. اُن ڀڳوان وشنو کي منهنجو نمسڪار آهي

جيڪو قائم دائم، ست سُروپ ۽ ڪارڻ پُوت اَوئڪت پِرڪِرتِي آهي. جنهن ڪي پرڌان(صدر) سڏيندا آهن. اُنهي سان پُرش هن ڪائنات جو نرماڻ ڪيو آهي. اميت تيجسوِي برهما ڪي ئي پُرش سمجهو، هو سيني ساهوارن جي سرشٽي ڪندڙ (پيدا ڪندڙ) ۽ ڀڳوان نارائڻ جي پروسي آهن.

سوئمڀو ڀڳوان نارائڻ پاڻي جي پيدائش ڪئي نارائڻ کان پيدا ٿيڻ جي ڪري جل کي نار چوڻ لڳا. ڀڳوان سڀ کان اول جل تي وِشرام (آرام) ڪيو. اِنهي ڪري ڀڳوان کي نارائڻ چيو وڃي ٿو. ڀڳوان جل ۾ پنهنجي شڪتي (طاقت) ڇڏِي جنهن سان هڪ سُنهرِي بيضو پيدا ٿيو. اُنهي مان سوئمڀُو بِرهما جي پيدائش ٿِي، ائين ٻُڌو وڃي ٿو. هڪ سال تائين آني ۾ رهِي شرِي بِرهما اُن جا ٻه ٽڪرا ڪيا ته هڪ مان "ڏُو لوڪ" ۽ ٻئي مان "ڀُو لوڪ" ٺاهي ويا.

اِنهي ڪانپوءِ برهما پنهنجي خيال سان رُدر کي پيدا ڪيو. مٿي لکيل گيان رشي شري لومهرشن جي (سُوت جي) جو چيل آهي. جيڪو ٻُڌل ٻُڌايل گيان، لوڪ ويد (ڏند ڪٿا) آهي جيڪا مڪمل نه آهي. ڇاڪاڻ ته ٻُڌائڻ وارو چئي رهيو آهي ته ائين ٻُڌو آهي . اِنهي ڪري مُڪمل معلومات جي لاءِ شري ديوي مهاپُراڻ، شري شو مهاپُراڻ شريمد ڀڳوت گيتا، چارئي ويد ۽ پُورڻ پرماتما ذريعي تتوگيان مان سُوڪشم ويد مطلب ڪبير واڻِي چيا وڃن ٿا. تنهنڪري پڙهو "گهري نظر گيتا ۾" "پرميشور ڪا سار سنديش" "پرِي ڀاشا پريُو ڪي" ۽ " يٿارٿ گيان پرڪاش "پُستڪن ۾)

(اصلي سچو گيان ڪوير ديوَ (ڪبير صاحب) خود ڪل يُگ ۾ پرگهٽ ٿِي ڪري پنهنجي خاص شيوڪ شري ڌرمداس جي (باندو ڳڙهه واري) کي صحيح صحيح ٻُڌايو. جيڪو هن پستڪ ۾ (سرشٽي رچنا) ۾ لکيل آهي (براءَ مهرباني اُن ۾ پڙهو).

رشي شري پاراسر ڪال برهم کي پربرهم به چيو آهي، بِرهم به چيو آهي، وشنو به چيو آهي ۽ اُن کي انادي (امر) به چيو آهي. اُن بِرهم ڪال جو جنم ۽ مِرتيو نٿو ٿئي. اِنهي سان رِشي جي ٻالڪ ٻُڌي ظاهر ٿئي ٿي.

ويچار ڪريو ته وشنو پُراڻ جو گيان هڪ رِشِي جي طرفان چيل آهي، جنهن لوڪ ويد (ٻُڌل ٻُڌايل ڏند ڪٿا) جي آڌار سان چيو آهي ۽ برهما پُراڻ جو گيان رشي شري لومهرشن، دڪش آدي رشين ڪان ٻُڌو هو، اُهوئي لکيو آهي اِنهي ڪري مٿي

لکيل ٻنهي (وشنو پُراڻ ۽ برهما پُراڻ) پُراڻن کي سمجهڻ لاءِ شري ديوي مهاپُراڻ ۽ شري شو پُراڻ جي مدد وٺڻ گُهرجي، جيڪو خُود برهما، پنهنجي پُٽ نارد جي کي ٻُڌايو هو جيڪو رشِي شرِي وياس جِي ذريعي لکيو ويو. ٻين پُراڻن جو گيان شرِي برهما جي گيان جي برابر نٿو ٿي سگهي. اِنهي ڪري ٻين پُراڻن کي سمجهڻ جي لاءِ ديوِي پُراڻ ۽ شوَ پُراڻ جي مدد ورتي ويندي ڇاڪاڻ تہ هي گيان دَڪش آدي رشين جي پِتا شرِي برهما جو ڏِنل آهي. ديوِي پُراڻ ۽ شو پُراڻ کي سمجهڻ جي لاءِ شريمد ڀڳوت گيتا ۽ چئنِي ويدن جي مدد ورتي ويندي، ڇاڪاڻ تہ هي گيان خود ڀڳوان ڪال رُوپي برهم پاران ڏنو ويو آهي. جيڪو برهما، وشنو ۽ شو جي پيدائش ڪندڙ پِتا آهي. پويتر ويدن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا کي سمجهڻ لاءِ **سوَسم** (سُوڪشم) ويد جي مدد وٺڻي پوندي جيڪو ڪال رُوپي برهم جي پيدا ڪندڙ پِتا مطلب پرم اڪشر برهم ڪوير ديوَ جو ڏنل آهي، جيڪو ڪبير گرٻي (ڪبير واڻي) ذريعي خود ست پُرش پرگهٽ ٿي ڪري چيو هو. (رڳويد منڊل 9 سُڪت 96 منتر 16 کان 20 تائين پرماڻ آهي) ۽ شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان ڪال برهم پنهنجي حيثيت خود ٻُڌائي آهي جو سچ آهي.

پويتر گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 18 ۾ چيو آهي تہ آءُ (ڪال رُوپي برهم) پنهنجن 21 برهماندن ۾ جيترِي بہ مخلوق آهي اُنهن کان مٿانهون آهيان اُهي چاهي استول ۾ فاني آهن. چاهي آتما رُوپ ۾ لافاني آهن. اِنهي ڪري لوڪ ويد (ٻُڌل ٻُڌايل ڏند ڪٿا) جي آڌار سان مونکي پرشوتم مڃيندا آهن. اصل ۾ پرشوتم تہ مون شرپُرش (ڪال برهم) کان الڳ، اڪشرپُرش (پربرهم) کان بہ الڳ ڪو ٻيو آهي. اُهوئي اصل ۾ ڀڳوان (پرماتما) چئجي ٿو. جيڪو ٽِنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سڀني جو ڌارڻ پوشڻ ڪندو آهي. اُهوئي اصل ۾ اويناشِي پرميشور آهي. (گيتا اِڌياءِ15 شِلوڪ 16 ۽ 17) گيتا گيان ڏيڻ وارو برهم خود چئي رهيو آهي تہ اي ارجُن! تنهنجا ۽ منهنجا ڪيترائي جنم ٿي چُڪا آهن، تون ڪونہ ٿو ڄاڻين مان ڄاڻان ٿو. شريمد ڀڳوت گيتا اڌياءِ 4 شِلوڪ 5 اڌياءِ2 شلوڪ 12 ثبوت آهي ۽ اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ پنهنجي ساڌنا کي بہ انوتمام (تمام نيچ) چيو آهي. انهي ڪري اڌياءِ18 شلوڪ 62 ۾ چيو آهي تہ: اي ارجُن! تون سڀ طرح سان اُن پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ اُنهي جِي ڪرِپا سان ئي تون مڪمل راحت پائيندين ۽ ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ دُنيا مطلب ست لوڪ کي حاصل ڪندين. اڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۾ چيو آهي تہ جڏهن توکي تتودرشِي سنت ملي وڃي (جيڪو گيتا اڌياءِ4 شلوڪ 34 گيتا

اڌياءِ 15 شلوڪ 1 ۾ بيان آهي). ان ڪانپوءِ انهي پرم پد پرميشور جِي تلاش ڪرڻ گهرجي. جِتي پهتل ساڌڪ موٽِي واپس سنسار نٿا اچن مطلب پُورڻ موڪش حاصل ٿي ويندو آهي. جنهن پرميشور مان هي سمُورو سنسار پيدا ٿيو آهي. اُهوئي سڀني جو ڌارڻ پوشڻ ڪندڙ آهي، آءُ (گيتا گيان چوڻ وارو برهم رُوپي ڪال) بہ اُنهي آدي پُرش پرميشور جي شرڻ ۾ آهيان. پُوري يقين سان اُن جي ئي ڀڳتي ساڌنا مطلب پُوجا ڪرڻ گهرجي.

## "شري ديوي مهاپُراڻ مان گيان حاصل ڪريو "

"شرِي ديوِي مهاپُراڻ مان ٿورو ليک ۽ سار ويچار"

(سنڪشيپت شريمد ديوِي ڀاڳوت، سچيتر موٽا ٽائيپ ڪيول هندِي سمپاڏڪ هنومان پرساد پُودار، چِمن لال گوسوامِي، پرڪاشِت: گووند ڀَون ڪارياليہ، گيتا پريس گورک پُور)

"شري جگدمبيڪاءِ نمهہ "

شري ديوي مد ڀڳوت ٽيــون اسڪـــند

راجا پريڪشت شرِي وياس جي کان برهماندن جي رچنا جي متعلق پُڇيو

شرِي وياس جي چيو تہ اي راجن! مون ساڳيو سوال رشيوَر نارد جي کان پُڇيو هو، اهو ذڪر توهان کي ٻُڌايان ٿو. مون (شرِي وياس جي) شرِي نارد جي کان پُڇيو تہ اُنهن برهماندن جو رچيندڙ ڪير آهي؟ ڪوتہ شرِي شنڪر ڀڳوان کي اُنهن جو ٺاهيندڙ مڃين ٿا. ڪجهہ شرِي وشنو کي، ڪجهہ شرِي برهما کي ۽ ڪيترائي آچاريہ ڀوانِي کي سڀ منو رٿ پُورڻ ڪندڙ ٻُڌائين ٿا. هو آدي مايا مهاشڪتِي آهي ۽ پرم پُرش سان گڏ رهي ڪم ڪار پورا ڪندڙ پرڪرتي آهي. برهم سان هن جو اڀيد سمبنڌ (پنهنجائپ وارو رشتو) آهي (صفحو 144).

ناردجي چيو! وياس جِي پُراڻي زماني جي ڳالهہ آهي اهو ئي شڪ مون ۾ بہ پيدا ٿي ويو هو، تڏهن مان پنهنجي پِتا اميت تيجسوِي برهما جي آستان تي ويس ۽ اُن کان اُنهي وقت (جنهن جي متعلق توهان مون کان پُڇي رهيا آهيو) جي باري ۾ مون پُڇيو. مون پُڇيو پتاجي! هي سڀئي برهماند ڪٿان پيدا ٿيا آهن؟ اِنهن جِي رچنا توهان ڪئي آهي يا شرِي وِشنوجي يا شرِي شنڪر جِي، مهرباني ڪري سچ سچ ٻُڌايو.

برهماچيو(صفحونمبر 115 ڪان 120 تائين ۽ ( 123، 125، 128، 129) پُٽ نارد! مان هِن سوال جو ڪهڙو جواب ڏيان؟ هِي سوال تمام مُشڪِل آهي. ارتقائي دور

۾ هرطرف پاڻِي ئي پاڻِي هو، تڏهن ڪمل مان منهنجِي پيدائش ٿي. مان ڪمل تي ويهي ويچار ڪرڻ لڳس تہ هن گهري پاڻي ۾ مان ڪيئن پيدا ٿيس؟ ڪير منهنجو حفاظت ڪندڙ آهي؟ مان ڪمل جو ڏانڊي جهلي پاڻِي ۾ هيٺ لٿس اُتي مونکي شيش ناگ جي سيج تي سُتل ڀڳوان وشنو جا درشن ٿيا جيڪي گهري ننڊ جي وس ٿي سُتل هئا. ايتري ۾ ڀڳوتي يوڳ نندرا ياد اچي ويئي. مون اُن جون استوتيون ڪيو، تڏهن اُها ڪلياڻ مئِي ڀڳوتي، وشنو جي شرير مان نڪري. اچينتيہ رُوپ ڌاراڻ ڪري آسمان ۾ هلي ويئي. ديو زيورات هُن جي سونهن وڌائي رهيا هئا. جڏهن يوڳ ننڊار ڀڳوان جي شرير کان الڳ ٿي آڪاش ۾ وڃڻ لڳي تڏهن يڪدم شري هري اُٿي ويٺا هاڻي اُتي مان ڀڳوان وشنو ۽ هئاسين اُتي رُدر (شِو) بہ پرگهٽ ٿي ويا. اسان ٽنهي کي ديوي چيو برهما، وشنو مهيشور! توهان تمام چڱي طرح ساوڌان ٿي ڪري، پنهنجي پنهنجي ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي وڃو. پيدائش ، پالنا ۽ موت اهي توهان جا ڪم آهن. ايتري ۾ هڪ سُندر جهاز آسمان کان لهي آيو. تڏهن اُن ديوي اسان کي آگيا ڏني ديوتائو! بي خوف ٿي ڪري پنهنجي مرضي سان هِن ومان ۾ سوار ٿي وڃو. برهما وشنو ۽ رُدر (شِو) اڄ آءُ توهان کي حيرت انگيز ڪرشمو ڏيکاريان ٿي.

اسان ٽنهي ديوتائن کي اُن ومان تي ويٺل ڏسي، ديوي پنهنجي شڪتي سان ان کي آسمان ۾ اُڏاري ڇڏيو. ايتري ۾ اسان جو ومان تيزي سان روانو ٿي ويو ۽ هو دويہ ڌام برهم لوڪ وڃي پهتو. اُتي هڪ ٻيو برهما موجود هو. اُن کي ڏسي ڀڳوان وشنو ۽ ڀڳوان شنڪر کي تمام گهڻو اچرج لڳو ڀڳوان وشنو ۽ ڀڳوان شنڪر مون کان پُڇيو، چترُانن! هي اويناشي برهما ڪير آهي؟ مون جواب ڏنو تہ مونکي ڪجهہ بہ خبر نہ آهي. دنيا جا اُڌيشٽاتا (ٺاهيندڙ) هي ڪير آهي؟ ڀڳوان مان ڪير آهيان؟ ۽ اسانجو مقصد ڇا آهي؟ انهي اُلجهن ۾ منهنجو من چڪر ڪاٽي رهيو آهي.

ايتري ۾ من وانگر تيزي سان ومان اُتان روانو ٿي ويو ۽ ڪيلاش جي سورميہ شِکر (چوٽي) تي وڃي پهتو. اُتي ومان جي پُهچندي ئي ڀوَيہ ڀوَن (عظيم عاليشان محل) مان ترِي نيتر ڌارِي (ٽن اکين وارو) ڀڳوان شنڪر نڪتا. هو نندِي ورشپ (ڍڳي) تي سوار هئا. پلڪ ۾ ئي اُهو ومان اُن چوٽي تان بہ پوَن (هوا) وانگر تيز رفتار سان اُڏاميو ۽ وئڪُنٺ لوڪ ۾ پهچي ويو جتي ڀڳوتي لڪشمي جو ولاس ڀوَن (پُر آسائش محل) هو. پُٽ نارد اُتي مون جيڪا ملڪيت ڏٺي. ان کي بيان ڪرڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي. اُن اُتم پُوري کي ڏسي، وشنو جو من حيرت جي سمُنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو. اُتي ڪمل لوچن شري هري ويٺل هئا. جنهن جون چار ٻانهون هيون.

ايتري ۾ ئي هوائن سان ڳالهيون ڪندي اُهو وِمان جلدي سان اُڏامي ويو. اڳتي امرت جي برابر مِٺي جل وارو سمُنڊ مِليو. اُتي هڪ منوهر ٻيٽ هو. اُنهي ٻيٽ ۾ هڪ منگل ميہ منوهر پلنگ وڇايل هو. اُن اُتم پلنگ تي هڪ دِويہ رمڻي ويٺل هئي. اسان هڪٻئي کي چوڻ لڳاسين تہ هِي رمڻِي ڪير آهي؟ ۽ اُن جو نالو ڇا آهي؟ پاڻ اُن جي متعلق بلڪُل نٿا ڄاڻون.

نارد! ائين وهمن ۾ ٻُڏيل حالت ۾ اسان اُتي بيٺا رهياسين، تڏهن ڀڳوان وشنو اُن ڀڳوتي کي ڏسي ڪري يقين سان اعتبار ڪري ورتو تہ اُها ڀڳوتِي جگدمبيڪا آهي. تڏهن هِن چيو تہ هي ڀڳوتِي اسان سڀني جي آدي ڪارڻ آهي مها وديا ۽ مها مايا هن جا نالا آهن. هي پُورڻ پرڪرتي آهي. هي وشويشوري، ويد گريا ۽ شوا سڏائي ٿي.

هي اُها ئي اپُسرا آهي، جنهن جا مونکي بچپن ۾ درشن ٿيا هئا. جنهن وقت مان ٻالڪ رُوپ ۾ هئس. مونکي پينگهي ۾ هي لوڏي رهي هئي. ٻڙ جي وڻ جي پن تي خوبصورت سيج وڇايل هئي.اُن تي ليٽي مون پير جي آگوٺي کي پنهنجي ڪمل جهڙي منهن ۾ وٺي چُوسي رهيو هئس ۽ راند ڪري رهيو هئس. هي ديوي لوريون ڳائي مونکي لوڏيندي هئي. هي اُها ئي ديوي آهي انهي ۾ ڪو شڪ جي ڳالهہ نہ آهي. هن کي ڏسي مونکي اڳيئن ڳالهہ ياد اچي ويئي، هي اسان سڀني جي جننِي (جنم ڏيندڙ) آهي.

وشنو وقت مطابق اُن يونيشورِي جي تعريف شروع ڪري ڇڏي. ڀڳوان وشنو چيو پرڪرتي ديوي کي نمسڪار آهي. ڀڳوتي وِدياتري کي لڳاتار نمسڪار آهي، توهان شُڌ سروپا آهيو. هي سڄو سنسار توهان جي ڪري ئي چمڪي رهيو آهي مان بِرهما ۽ شنڪر سڀئي توهان جي ڪِرپا سان ئي وجود ۾ آيا آهيون. اسان جو آوِرڀاوَ (جنم) ۽ تِرو ڀاوَ (موت) ٿئي ٿي. صرف توهان ئي نتيہ (امر) آهيو. پرڪِرتِي ۽ سناتنِي ديوِي آهيو.

ڀڳوان شنڪر چيو! جيڪڏهن مهاڀاگ وشنو توهان مان پرگهٽ ٿيا آهن تہ ان ڪانپوءِ پيدا ٿيڻ وارو برهما بہ توهان جو ئي ٻالڪ ٿيو. پوءِ مان تموگُڻي ليلا ڪرڻ وارو شنڪر ڇا توهانجِي سنتان (اولاد) ڪونہ ٿيس؟ مطلب مونکي پيدا ڪندڙ توهان ئي آهيو. هِن سنسار جي پيدائش، پالڻ پوشڻ ۽ موت ۾ توهانجا گُڻ سدائين مددگار آهن. اُنهن ئي ٽنهي گُڻن مان پيدا اسان بِرهما، وِشڻو ۽ شنڪر نيم مطابق ڪم ڪار

۾ تيار رهندا آهيون. مان برهما ۽ شو وِمان (جهاز) ۾ چڙهي وڃي رهيا هئاسين تہ اسانکي رستي ۾ نوان نوان جگت نظر آيا. ڀلا ٻڌايو تہ انهن کي ڪنهن ٺاهيو آهي؟

اِنهي ڪري اهي پرماڻ ڏسو شري ديوي ڀاگوت مهاپراڻ سپاش ٽيڪم سهماتيم ڪيمراج شري ڪرشن داس پرڪاشت ممبئي، هن ۾ سنسڪرت سان گڏ هندي ترجمو ڪيل آهي، ٽيون اسڪند اڌياءِ 4 شلوڪ 42 صفحو نمبر 10:-

**برهما- اهم ايسوره فِل تي پريا واتسروي ويم جني يُوتا نہ يدا تُو نِتيہ ڪي اَنيہ سوره شتمڪ پرموڪاه چہ نِتيہ نِتيہ تميوَ جننِي پرڪِرتا پُراٽا (42)**

**ترجمو:-** اي مات! برهما، مان (وشنو) ۽ شوجي توهانجي پرڀاوَ سان جنم وان آهيون، امر نہ آهيون. مطلب اسان اويناشي نہ آهيون پوءِ اِندر وغيره ٻيا ديوتا ڪهڙي طرح امر ٿي سگهن ٿا؟ تون ئي اويناشي آهين. پرڪرتي ۽ سناتني ديوي آهين.

اڌياءِ 5 شلوڪ 8 صفحو نمبر 11 ۽ 12:-

**يدِي دَيا ڊرمنا نہ سنداس امبيڪي ڪتم وهيتاه چہ تموگُٽا ڪمل جئشچ رجوگُڻ سمڀواه سُوهيتاه ڪمو ستو گُٽو هري(8)**

**ترجمو:-** ڀگوان شنڪر چيو! اي مات! جيڪڏهن اسان تي تون دَيا ڪندڙ آهين تہ مونکي تموگُڻ ڇو بڻايو؟ ڪمل مان پيدا برهما کي رجوگُڻ ڇا لاءِ بڻايو؟ ۽ وشنو کي ستوگُڻ ڇو بڻايو؟ مطلب تہ جيوَن جي جنم ۽ مِرتيو روپي بُري ڪرم ۾ ڇو لڳايو؟

شلوڪ12:-

**رميسي سوَ پتيم پُرشوم سدا توَ گتيم نہ هي وِهِي وِدُم شوي(12)**

**سنڌي :-** پنهنجي پتي مطلب ڀگوان ڪال سان گڏ سدائين ڀوڳ وِلاس ڪندي آهين، توهانجي گتي ڪير بہ نٿو ڄاڻي.

برهما چيو! مان بہ مها مايا جگدمبيڪا جي چرڻن ۾ ڪري پئس ۽ مون ان کي چيو! ماتا ويد چوَن ٿا:- **” ايڪ ميوه دوَتيم برهم “** تہ ڇا اُها آتم سروپا تون ئي آهين؟ يا اُهو ڪو ٻيو پُرش آهي؟

ديوي چيو! مان ۽ برهم هڪ ئي آهيون. مون ۽ هُن برهم ۾ ڪڏهن بہ ذرو فرق (ڀيد) نہ آهي. گوري، براهمي، رُدري، واراهي، وشٽوي، شوا، واروٽي، ڪوبيري، نارسنگي ۽ واسبي سيئي منهنجا رُوپ آهن. برهماجي! هن استري کي توهان پنهنجي استري (زال) بڻايو. مهاسرسوتي نالي سان سڏجندڙ هي سُندري هاڻي هميشہ توهانجي

استري بڻجي رهندي. ڀڳوتي جگدمبا ڀڳوان وشنو کي چيو! وشنو من کي ليائيندڙ هن مهالڪشمي کي وٺي هاڻ توهان ٻه وڃو. هي هميشه توهان جي ڇاتي تي براجمان رهندي. ديوي چيو:- شنڪر! من ليائيندڙ هي مها ڪالي گوري نالي سان مشهور آهي. توهان هن کي پتني روپ ۾ قبول ڪريو.

هاڻي منهنجو ڪم سِد ڪرڻ لاءِ وِمان ۾ ويهي جلدي روانا ٿيو. ڪو به مُشڪل ڪم پوڻ تي، جڏهن توهان مونکي ياد ڪندو تڏهن آءُ حاضر ٿي ويندس ديوتائو! منهنجو ۽ سناتن پرماتما جو ڌيان هميشه ڪندا رهجو. اسان ٻنهي کي ياد ڪندا رهندو ته توهان جا ڪم ٺيڪ ٿيڻ ۾ ذري به شڪ نه رهندو.

برهما چوڻ لڳا! ائين چئي ڀڳوتي جگدمبيڪا اسان کي الوداع ڪيو. هُن شُد آچار وارين شڪتين مان ڀڳوان وشنو لاءِ مهالڪشمي کي، ڀڳوان شنڪر لاءِ مهاڪالي کي ۽ منهنجي (برهما) لاءِ مهاسرسوتي کي پتني بڻجڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. پوءِ اُن هنڌ تان اسان روانا ٿياسين.

**سار ويچار:-** هڪ برهمانڊ جي اصل حقيقت کان مهرشي وياس جي مهرشي نارد ۽ شري، وشنو ۽ شري شنڪر به لاعلم آهن. اهو به ثابت ٿيل آهي ته شري دُرگا کي پرڪرتي به چون ٿا ۽ دُرگا ۽ برهم(جوتي نرنجن ڪال) جو پتي پتني جو رشتو به آهي. انهي ڪري لکيو آهي ته برهم سان پرڪرتي جو اڀيد سمبنڌ آهي. جيئن پتني کي ارڌانگني به چون ٿا. شري برهما پاڻ کي به خبر نه آهي ته آءُ ڪٿان پيدا ٿيس، هزار سالن تائين پاڻي ۾ ذرتي جي کوج ڪئي. پر ڪونه ملي تڏهن آڪاش واڻي جي آذار تي هزار سالن تائين تپ ڪيو ڪمل جي ڏانڊي جهلي هيٺ لٿا ته اُتي شيش نانگ جي سيج تي ڀڳوان وشنو بيهوش پيل هئا. شري وشنو جي شرير مان هڪ ديوي نڪتي (ڀوتڻي وانگر شرير ۾ شامل هئي) جيڪا سُندر زيور پاتل آڪاش ۾ رواني ٿي ويئي، تڏهن وشنو هوش ۾ آيا ايتري ۾ شنڪر جي اُتي اچي پُهتا.

مٿي لکيل بيان مان ظاهر آهي ته ٽيئي ڀڳوان بيهوش ڪري رکيا هئا، پوءِ هوش ۾ آندا ويا. وِمان آڪاش ۾ اُڏايو. ديوي ٽنهي ڀڳوانن کي وِمان ۾ ويهڻ جو حُڪم ڏنو، وِمان کي آسمان ۾ اُڏايو مٿي هڪ هڪ برهما، وشنو ۽ شو ٻيا به ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي برهم لوڪ ۾ هئا.

**ويچار ڪريو:-** برهم لوڪ ۾ جيڪي ٻيا برهما، وشنو ۽ شو نظر آيا هئا، اها جوتي نرنجن جي ئي ڪلابازي آهي. اُهوئي ٻيا ٽيئي رُوپ ڌارڻ ڪري برهم لوڪ

۾ ٽن خفيہ جڳين تي (هڪ رجگڻ پرڌان کيتر، هڪ ستگڻ پرڌان کيتر ۽ هڪ تمگڻ پرڌان کيتر) ٺاهي رهي ٿو ۽ پرڪرتي (دُرگا، اشٽنگي) کي پنهنجي پتني رُوپ ۾ رکي ٿو جڏهن اهي ٻئي رجگڻ پرڌان کيتر ۾ هوندا آهن. تڏهن اهي مهابرهما ۽ مهاساويتري سڏجن ٿا. انهن ٻنهي جي ميلاپ سان جيڪو پُٽ پيدا ٿئي ٿو. اُهو رجگڻ سان ڀرپور هوندو آهي. اُن جو نالو برهما رکي ٿا ڇڏين ۽ جوان ٿيڻ تائين بيهوش رکي پرورش ڪن ٿا. پوءِ ڪمل جي گُل تي رکي هوش ۾ آڻين ٿا. جڏهن اهي ٻئي ستگڻ پرڌان کيتر ۾ رهندا آهن. تہ مها وشنو ۽ مهالڪشمي سڏجن ٿا. اُتي ٻنهي جي پتي پتني وهنوار (ميلاپ) سان جيڪو پُٽ پيدا ٿئي ٿو، اُهو ستگڻ سان ڀرپور ٿئي ٿو. اُن جو نالو وشنو رکي ٿا ڇڏين. اُن کي بہ جوان ٿيڻ تائين بيهوش رکي پرورش ڪن ٿا. پوءِ شيش نانگ جي سيج تي سُمهاري هوش ۾ آڻين ٿا. اهڙي طرح جڏهن اهي تمگڻ پرڌان کيتر ۾ رهندا آهن تہ اُتي دُرگا ۽ مهاشو (سداشوَ) رُوپ ۾ رهندا آهن. اُتي اُنهن جي پتي پتني وهنوار (ميلاپ) سان جيڪو پُٽ پيدا ٿئي ٿو. اُهو تمگڻ پرڌان هوندو آهي. اُن جو نالو شِو رکندا آهن. اُن کي بہ جوان ٿيڻ تائين بيهوش ڪري پرورش ڪندا آهن. جوان ٿيڻ تي پنهنجو ڪم ڪرائڻ لاءِ هوش ۾ آڻي ٽنهي کي هڪ ئي وِمان ۾ ويهاري مٿين لوڪن جو نظارو ڏيکارين ٿا. متان اِهي پنهنجو پاڻ کي رچڻهار سمجهي نہ ويهن.

گُڻ پرڌان کيتر کي سمجهڻ لاءِ هڪ مثال آهي تہ ڪنهن هڪ گهر ۾ ٽي ڪمرا هُجن. هڪ ڪمري ۾ ديس ڀڳت شهيدن جا فوٽو لڳل هُجن. جڏهن ماڻهو اُن ۾ داخل ٿيندو تہ اُن جا ويچار بہ ديش ڀڳتن جهڙا ٿي وڃن ٿا. ٻئي ڪمري ۾ ساڌو سنتن ۽ رشين وغيره جا فوٽو لڳل هُجن تہ اُن ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي من شانت ۽ ڀريُو ڀڳتي ڏانهن مائل ٿي وڃي ٿو ۽ ٽئين ڪمري ۾ وري اُگهاڙيون تصريرون لڳل هُجن تہ من ۾ ازخود اهڙا ئي خيال گهر ڪرڻ لڳي وڃن ٿا.

اهڙي طرح مٿي برهم لوڪ ۾ ڪال برهم ٽن الڳ الڳ هنڌن تي هڪ هڪ گڻ پرڌان بڻايا آهن. ٽيئي ڀريُو (رجگڻ برهما، ستگڻ وشنو ۽ تمگڻ شو جي) پنهنجن گُڻن جو اثر ڪيئن وجهن ٿا. مثال:- جيئن ڪاڌو تيار ڪرڻ وقت مرچن جي خوشبوءَ ايندي آهي تہ مِرچن جي گُڻ سان ڪمري ۾ ويٺل سيني ماڻهن کي ڇڪون اڇڻ شروع ٿينديون. جيئن تہ ساڪار شيءِ مِرچ تہ ڪاڌي پچائڻ ۾ استعمال ٿيا پر اُن جي نِراڪار شڪتِي (گُڻ) پري ويٺل ماڻهن تي بہ اثر ڪري ڇڏيو . بلڪل ساڳيءِ طرح ٽيئي ڀريُو.

(رجگڻ برهما، ستگڻ وشنو ۽ تمگڻ شِو) پنهنجي پنهنجي لوڪ ۾ رهندي ٽنهي لوڪن (پرٿوِي لوڪ، پاتال لوڪ ۽ سرڳ لوڪ) جي جاندارن کي متاثر ڪن ٿا. مثال طور موبائل فون جي رينج سان فون ڪم ڪندو آهي ائين ئي ڏسڻ ۾ نه ايندڙ اثر رُوپي گُڻن سان ٽيئي ديوتا پنهنجي پتا ڪال برهم جي ڪائنات اُن جي خوراڪ جي لاءِ هلائي رهيا آهن. دُرگا جو پنهنجو الڳ لوڪ پڻ آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي اصلي رُوپ ۾ درشن ڏيندي آهي. پوءِ انهن جو ومان دُرگا جي پيٽ ۾ پهتو. جوتي نرنجن ڪال رُوپي برهم وشنو کي بچپن جي ياداشت عطا ڪئي، تڏهن وشنوجي چيو ته هي دُرگا اسان ٽِنهي جِي ماءُ آهي. مان جڏهن ٻالڪ رُوپ ۾ پينگهي ۾ سُتل هوس ته مونکي لوري ڏيئي ريجهائي رهي هئي شري وشنوجي چيو ته اي دُرگا جي ! توهان اسان جي ماتا آهيو. مان (وشنو) برهما شو ته جمندا مرندا آهيون اسان جو ته آوِرڀاوَ (جنم) ۽ تروڀاو (مرتيو) ٿئي ٿِي. اسان اويناشِي نه آهيون. توهان پرڪرتي ديوي آهيو، اها ڳالهه شري برهما ۽ شري شنڪر به قبول ڪئي ۽ چيو ته مان تموگڻي ليلا ڪندڙ شنڪر ۽ رجوگڻي ليلا ڪندڙ برهما به توهان جا ئي اولاد آهيون. توهان مان ئي پيدا ٿيا آهيون.

پوءِ اِنهن ديوتائن جي شادين لاءِ پرڪرتي ديوِي دُرگا پنهنجي شبد شڪتي سان پنهنجا ئي ٽي ٻيا رُوپ (ساويترِي، لڪشمي ۽ اُما) بڻايا، برهما جي شادي ساويتري سان وشنو جي شادي لڪشمي سان ۽ شو جي شادي اُما (ڪالي) سان ڪرائي ومان ۾ ويهاري انهن کي الڳ الڳ دُئيپن (لوڪن) ۾ موڪلي ڇڏيو.

جوتي نرنجن پنهنجن سواسن ذريعي سمنڊ ۾ چار ويد لڪائي ڇڏيا ۽ پوءِ پهرئين ساگر منٿن دوران مٿي ظاهر ڪري ڇڏيا. جوتي نرنجن ڪال جي حڪم سان دُرگا چار ئي ويد شري برهما کي سونپي ڇڏيا، برهما دُرگا (پنهنجي ماءُ) کان پُڇيو ته ويدن ۾ جيڪو برهم ٻُڌايو آهي اُهو توهان ئي آهيو يا ڪو ٻيو پُرش آهي.

دُرگا ڪال جي خوف کان اصليت لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته مان ۽ بِرهم هڪ ئي آهيون، ڪوبه فرق نه آهي. پوءِ به اصليت نه لِڪي سگهي. دُرگا وري چيو ته توهان ٽيئي مون ۽ بِرهم جو سدائين سمرڻ ڪندا رهجو، اسان ٻنهي جو سمرڻ ڪندو رهڻ سان جيڪڏهن ڪو مشڪل ڪم پوندو ته مان يڪدم سامهون اچي ويندس.

**خاص طور:-** چاڪاڻ ته ڪال دُرگا کي پابند ڪيو آهي ته منهنجو راز ڪنهن کي به نه ٻُڌائجان. انهي خوف سان دُرگا سموري جڳت ۾ اصليت ڪنهن کي به نٿي ٻُڌائي. هو پنهنجن پُٽن کي به دوکي ۾ رکندي آهي، اُن جو سبب اهو آهي ته ڪال

ڪي شراپ لڳل آهي هڪ لک انساني جسم وارن جاندارن جي سُوڪشم جسم ڪي روزانو کائڻ جو. انهي ڪري پنهنجي ٽنهي پُٽن کان پنهنجي خوراڪ تيار ڪرائيندو آهي. شري برهما جي رجوگڻ طاقت سان جيوَ تي اثر ڪري سيني ساهوارن کان پيدائش ڪرائيندو آهي، شري وشنوجي ستو گڻ طاقت سان هڪٻئي ۾ موهه (لڳاءُ) اُپاري پالڻ پوشڻ مطلب ڪال جا چار ۾ روڪي رکندو آهي. ۽ شري شنڪر جي (شِو جي) جي تموگُڻ طاقت سان موت ڪرائي پنهنجو آهار (کاڌو) تيار ڪرائيندو آهي.

پوءِ ٽنهي پريُوئن کي ٻه ماري کائيندو آهي ۽ پهريان ٽيئي پريُو برهما، وشنو ۽ مهيش (شو شنڪر) چوراسي لک جوٽين، سرڳ ۽ نرڪ ۾ ڪرم آڌار سان چڪر کائيندا رهندا آهن. (هي ثبوت شِو مهاپُراڻ، رُدرسنهيتا هڪ سِرشٽي کنڊ ، ادياءِ 6 کان 9 ۾ پڙ آهي.)

## "شري شو مهاپُراڻ مان سار ويچار"

## "شو پُراڻ"

"شري شِو مهاپُراڻ (انوادڪ شري هنومان پرساد، پودار، پرڪاشڪ گووند ڀوَن ڪاريالي، گيتا پريس گورکپُور). موٽا ٽائيپ. ادياءِ 6 رُدر سنهيتا پهرين کنڊ (سرشٽي) مان نچوڙ"

پنهنجي پُٽ نارد جو شِو ۽ شِوا جي متعلق پُڇڻ تي شري برهما چيو!

(صفحو 100 کان 102) جنهن پربرهم جي باري ۾ گيان ۽ اگيان سان مڪمل دليلن ذريعي اهڙي طرح پرم وڌو وجي ٿو ، جو نراڪار پربرهم آهي اُهوئي ساڪار رُوپ ۾ سداشِو رُوپ ٺاهي منُش رُوپ ۾ پرگهٽ ٿيو. سداشِو پنهنجي شرير مان هڪ استري پيدا ڪئي جنهن کي پرڌان پرڪرتي امبيڪا تري ديوَ جنني (برهما، وشنو ۽ شِو جي ماءُ) چيو ويندو آهي. جنهن جا اَٺ هٿ آهن.

## "شري وشنو جي پيدائش"

جيڪو سدا شو آهي. اُنهي کي پرم پُرش، ايشور، شو شميو ۽ مهيشور ٻه چوندا آهن. هو پنهنجن سمُورن جسم تي ڀسم لڳائي رهندو آهي. اُن ڪال رُوپي برهم هڪ شو لوڪ نالي (برهم لوڪ ۾ تموگُڻ پرڌان کيتر) ڌام ٺاهيو آهي. جنهن کي ڪاشي چوندا آهن. شِو ۽ شوا پتي پتني رُوپ ۾ رهندي هڪ پُٽ جي پيدائش

ڪئي. جنهن جو نالو وشنو رکيو. ( اڌياءِ 7 رُدر سنهينا شِو مهاپُراڻ صفحو 103 ۽ 104) .

## “شري برهما ۽ شري شو جي پيدائش ”

(اڌياءِ 7 ، 8،9 صفحو 105-110) شري برهما ٻُڌايو ته شو ۽ شوا (ڪال رُوپي برهم پرڪرتي دُرگا اشٽنگي) پتي پتني وهنوار سان منهنجي اُتپتي ڪئي ۽ پوءِ مونکي بيهوش ڪري ڪمل جي گُل ته رکي ڇڏيو. ساڳيو ئي ڪال مهاوشنو رُوپ ٻڌائي پنهنجي ناڀي مان ڪمل پيدا ڪري وٺندو آهي. برهما اڳتي وڌيڪ چوي ٿو ته بعد ۾ مان هوش ۾ آيس ته ڪمل جي مُول (پاڙ) کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيس. پوءِ تپ ڪرڻ جي آڪاش واڻي ٿي ۽ تپ ڪيم پر پوءِ ڪنهن ڳالهه تان منهنجي ۽ وشنو جي جنگ ٿي ويئي (ذڪر ساڳئي پُستڪ ۾) تڏهن اسان جي وچ ۾ هڪ تيز روشني وارو لنگ پرگهٽ ٿي ويو ۽ اوم اوم جو آواز اچڻ لڳو. اُن لنگ تي (ا.و.م) ٽيئي اکر پڻ لکيل هئا ايتري ۾ رُدر رُوپ ٻڌائي سداشِو پنج منهن واري انساني رُوپ ۾ ظاهر ٿيو ۽ هِن سان گڏ شِوا (دُرگا) پڻ هئي.

پوءِ اوچتو شِو کي پرگهٽ ڪيو. (جيئن ته اِهي اوَل بيهوش ڪري رکيل هئا پوءِ هوش ۾ آڻي ٽِنهي کي گڏ ڪيا) ۽ چيو ته توهان ٽيئي پيدائش پالنا ۽ موت جو ڪم سنڀاليو. رجوگُڻ پرڌان برهما، ستوگُڻ پرڌان وشنو ۽ تموگُڻ پرڌان شنڪر (شِوجي) آهن انهن ٽنهي ديوتائن ۾ اهي ٽيئي گُڻ آهن پر شو (ڪال رُوپي بِرهم) گُڻ انهن کان الگ چيا ويا آهن. (صفحي 110 تي).

**سار ويچار:-** مٿي لکيل بيان مان ظاهر آهي ته ڪال رُوپي بِرهم مطلب شداشِو ۽ پرڪِرتِي (دُرگا) شري بِرهما، شري وشنو ۽ شري شو جا ماتا پتا آهن. دُرگا کي پرڪِرتِي پرڌان به چوندا آهن. اُن جون اٺ ٻانهون آهن. هو شدا شوَ جوتي نرنجن مطلب ڪال جي پيٽ مان نڪتي آهي برهم (ڪال) ۽ دُرگا (پرڪرتي) سيني پراڻين (جيوَن جاندارن) کي گُمراهه ڪندا آهن. پنهنجن پُٽن (برهما، وشنو ۽ شِو) کي به اصليت جي ڄاڻ نٿا ٻُڌائين سبب اِهو آهي جو مٿان ايڪيهه بِرهماندن جي پراڻين کي ڪاخبر پئجي وڃي ته اسانکي تپت شِلا تي تپائي (پچائي) ڪال (جوتي نرنجن) ڪائيندو آهي. اِنهي ڪري جنم مرتيو ۽ ٻين دُکدائي يوڻين ۾ تڪليفون ڏئي ٿو ۽ پنهنجي ٽِنهي پُٽن رجوگڻ بِرهما ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شوجي کان پيدائش، پالن ۽ موت ڪرائي، پنهنجو کاڌو تيار ڪرائيندو آهي. چاڪاڻ ته ان ڪال کي هڪ لک

انساني شرير ڌاري پراڻين جو آهار ڪرڻ جو شراپ لڳل آهي (شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ٻه ڏسو ڪال (برهم) ۽ پرڪرتي (دُرگا) جو پتي پتني ڪرم سان رجوگُڻ برهما ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شو جي پيدائش).

## "ٽي گُڻ ڇا آهن؟ ثبوت سان"

ٽيئي گُڻ رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شو آهن. برهم(ڪال)۽ دُرگا (پرڪرتي) مان پيدا ٿيا آهن ۽ ٽيئي فاني آهن.

**ثبوت نمبر 1:-** (گيتاپريس گورک پور مان ڇپيل شري شِو مهاپُراڻ، جنهن جوسمپادڪ آهي شري هنومان پرساد پودار صفحو نمبر 110 اڌياءِ 9 رُدر سنهيتا) اهڙي طرح برهما، وشٽو ۽ شـو انهن ٽنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن پر شوَ (برهم ڪال) گُڻاتيت چيو ويو آهي.

**ثبوت نمبر 2:-** (گيتاپريس گورک پُور مان ڇپيل، شريمد ديوِي ڀاگوت پُراڻ جنهن جو سمپادڪ آهي شري هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي، ٽيون اسڪند اڌياءِ 5 صفحو نمبر 123 تي) ڀڳوان وشنو، دُرگاجي تعريف (استوتي) ڪندي چيو ته مان (وشنو) برهما ۽ شنڪر (شِو) توهان جي فضل سان موجود آهيون. اسان جو ته آوِرڀاوَ (جنم) تِرو ڀاوَ (مِرتيو) ٿيندي آهي، اسان نِتيه (لافاني) نه آهيون. توهان ئي نِتيه (اويناشي) آهيو، جگت جنني آهيو. پرڪرتي ۽ سناتني ديوِي آهيو. ڀڳوان شنڪر چيو! جيڪڏهن رجوگڻي ليلا ڪندڙ ڀڳوان برهما ۽ ستوگڻي ليلا ڪندڙ ڀڳوان وِشٽو توهان مان ئي پيدا ٿيا آهن ته پوءِ ڇا تموگڻي ليلا ڪندڙ مان (ڀڳوان شنڪر) توهانجي سنتان (اولاد) نه ٿيس؟ مطلب ته مونکي به پيدا ڪندڙ توهان ئي آهيو. هِن سنسار جي تخليق، پالڻ ۽ موت ۾ توهان جا گُڻ هميشه آهن. انهن ٽنهي گُڻن مان پيدا اسان ٽيئي ڀڳوان (برهما، وشنو ۽ شنڪر) نيم مطابق ڪم ڪار ۾ پابند رهندا آهيون.

مٿي لکيل بيان صرف هندي ۾ ترجمو ٿيل شري ديوِي مهاپُراڻ مان آهي. جنهن ۾ ڪجھ ليک (تٿين) ڪي لِڪايو ويو آهي. اِنهي ڪري ساڳيو ئي ثبوت ڏِسو شريمد ديوِي ڀاگوت مهاپُراڻ شياش ٽيڪم سهماتيم کيمراج شري ڪرشن داس پرڪاشن مُمبئي اِنهي ۾ سنڪرت سان گڏ هندِي ترجمو ڪيل آهي.

اسڪند 3 اڌياءِ 4 شلوڪ 42 صفحو 10:

**برهما- اهم ايشوره ڦِل تي پرپاواتسروي ويم جني يُوتا نہ يدا تُو نتياه ڪي**
**انيي سوره شتمُڪ پر مُڪا چہ نتياه نتياه تَوميوَ جنِنِي پرڪِرتِي پُراٽا(12-4)**

ترجمو: اي مات! برهما، مان (وشنو) ۽ شو توهان جي ئي اثر سان جنموان آهيون، امر نہ آهيون مطلب اسان نتيہ (اوناشِي) نہ آهيون تہ پوءِ ٻيا ديوتا جيئن تہ اِندر وغيره ڪيئن اوناشِي ٿي سگهن ٿا؟ مطلب ديوتا امر نہ آهن توهان ئي امر آهيو، پِرڪِرتِي ۽ سناتنِي ديوِي آهيو.

اڌياءِ 5 شلوڪ 8 صفحو 11 ۽ 12:-

**يدِي دَيا ڏرمنا نہ سنداس امبيڪي ڪتِم وهيتاه چہ تموگُنا ڪمل جئشچ**
**رجوگُڻ سمپواه سُوهيتاه ڪِمو ستو گُڻو هرِي(8)**

ترجمو:- ڀڳوان شنڪر چيو: اي مات! جيڪڏهن اسان تي توهان ديا ڪندڙ آهيو تہ مونکي تموگڻ چو بڻايو؟ ڪمل مان پيدا برهما کي رجوگڻ ڇا لاءِ بڻايو؟ ۽ وشنو کي ستوگڻ ڇو بڻايو؟ مطلب تہ پراڻين (ساهوارن) جي جنم ۽ مرڻ رُوپي بُري ڪرم ۾ ڇو لڳايو.

شلوڪ 12:-

**رميسي سوَ پتيم پُرشوم سدا توَ گتيم نہ هي وِهِي وِدُم شوي(12)**

**ترجمو:-** پنهنجي پتِي مطلب ڀڳوان ڪال سان گڏ سدائين ڀوڳ وِلاس ڪندي آهين، توهان جي گتِي ڪير بہ نٿو ڄاڻي.

**نچوڙ:-** شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان بہ ساڳئي ڪال رُوپي بِرهم شرِي ڪِرشن جي جسم ۾ پريتوت (ڀُوتن وانگر) داخل ٿي چيو آهي. مٿي لکيل پويتر پُراڻن جي ليک ثابت ڪري ڇڏيو تہ پرڪِرتِي دُرگا کي چون ٿا ۽ سدا شِو مطلب ڪال بِرهم ۽ پرڪِرتِي کان رجو گُڻ بِرهما، ستو گُڻ وِشنو ۽ تموگُڻ شنڪر جي پيدائش پتي ۽ پتني جي ميلاپ سان ٿي آهي جنهن جي ضامن شريمدڀڳوت گيتا پڻ آهي. شرِيمدگيتاجِي سيني شاسترن جو نِچوڙ آهي. اِنهي ڪري اُن ۾ مختصر گيان اِشارن ۾ آهي جنهن کي تتودرشِي سنت ئي سمجهائي سگهي ٿو. هاڻي داخل ٿيون ٿا پاڪ پستڪ شريمد ڀڳونت گيتا جي ۾.

پويتر شريمد ڀڳونت گيتا اڌياءِ 14 شلوڪ 3 کان 5 ۾، پويتر شريمد ڀڳوت گيتا ٻُڌائڻ واري ڪال بِرهم شرِي ڪِرشن جي جسم ۾ ڀوت وانگر داخل ٿي چيو آهي تہ پرڪِرتِي (دُرگا) تہ منهنجي پتنِي آهي ۽ مان بِرهم اُن جي يوني ۾ ٻج داخل ڪندو

آهيان، جنهن سان سيني پراڻين جي پيدائش ٿيندي آهي. مان (برهم) سيني جو پتا ۽ پرڪرتي (دُرگا) سيني جي ماتا سڏائيندي آهي. پرڪرتي (دُرگا) مان پيدا ٿيل ٽيئي گُڻ (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) اُنهن جيوَ آتمائن کي ڪرم آڌار سان جسمن ۾ ٻڌندا آهن مطلب ته اِهي ٽيئي سيني پراڻين کي سنسڪار جي آڌار سان پيدائش پالنا ۽ خاتمو ڪري ڦاسائي رکندا آهن.

اڌياءِ 11 شلوڪ 32 ۾ چيو آهي ته مان ڪال آهيان سيني کي کائڻ لاءِ ظاهر ٿيو آهيان. اڌياءِ 11 شلوڪ 21 ۾ ارجُن چئي رهيو آهي ته توهان ته رشين کي به کائي رهيا آهيون، ديوتا ۽ سِڌ به توهان کان پنهنجي جان جو خير گُهري رهيا آهن، ويدن جي منترن ذريعي توهان جي تعريف ڪري رهيا آهن، پر توهان سيني کي کائي رهيا آهيو. ڪجھ توهان جي ڏاڙن ۾ لٽڪيل نظر اچي رهيا آهن، ڪجھ توهان ۾ داخل ٿي رهيا آهن، مطلب توهان اُنهن کي ڳڙڪائي رهيا آهيو.

## ”رجوگُڻ شري برهما، ستوگُڻ شري وشنو ۽ تموگُڻ شري شوجي انهن ٽنهي ديوتائن جي پُوجا فضول چئي ويئي آهي “

گيتا گيان ڏيندڙ ساڳيو ئي ڀڳوان شريمد ڀڳوت گيتا اڌياءِ 7 شلوڪ 12 کان 15 ۾ چئي رهيو آهي ته ٽنهي گُڻن (رجوگڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) جي پُوجا ڪندڙن جو گيان ڪسجي چُڪو آهي. اهي اِنهن کان مٿي منهنجي پُوجا به نٿا ڪن. ٽنهي ديوتائن برهما، وشنو ۽ شِوَ تائين ساڌنا ڪندڙ راڪشس سڀاوَ کي ڌارڻ ڪيل، منُشن (انسانن) ۾ نيچ، بُرا ڪرم ڪندڙ مُورک اُنهن ٽنهي کان مٿي مون برهم جي به پُوجا نٿا ڪن.

شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان ڏيندڙ پربُو اڌياءِ 7 شلوڪ 18 ۾ پنهنجي ڀڳتي کي به انوتم (نيچ) چيو آهي. انهي ڪري اڌياءِ 15 شلوڪ 4 ۽ اڌياءِ 18 شلوڪ 62 کان 66 ۾ ڪنهن ٻئي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃڻ جو چيو آهي.

جنهن وقت پويتر گيتاجي جو گيان ٻڌايو پئي ويو اُن کان پهرين نه ته18 پُراڻ هئا ۽ نه ئي وري 11 اُپنيشد ۽ نه ئي 6 شاستر هئا. جيڪي بعد ۾ رشين پنهنجي پنهنجي تجربي جا ڪتاب رچيا آهن اُن وقت صرف چار ويد ئي شاستر رُوپ ۾ ثبوت طور هئا. اِنهن چئني ويدن جو نچوڙ پويتر شريمد ڀڳوت گيتا آهي.

********

# ”شاسترارٿ وشيہ (شاسترن تي بحث مباحثي جو موضوع)“

## ”شاسترن تي ٿيندڙ بحث پرميشور جي گيان کي اُلجهايو“

شاسترن تي بحث ڪيئن هوندو هو؟

ٻہ عالم سوال جواب ڪندا هئا. ٻُڌندڙ بہ تمام گهڻي تعداد ۾ شاسترن تي ٿيندڙ بحث ٻُڌڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا، هار جيت جو فيصلو اُنهن ئي ٻُڌندڙن جي هٿ ۾ هوندو هو، اُنهن کي اهو علم نہ هوندو هو تہ اهي ڇا چئي رهيا آهن؟ جنهن لڳاتار وڏيڪ سنسڪرت اُچارڻ ڪئي تہ ٻُڌندڙ تاڙيون وڄائي جيت جو پرماڻ ڏيندا هئا. اهڙي نموني عالمن جي هار جيت جو فيصلو لاعلم ماڻهن جي هٿ ۾ هو.

**ثبوت:-** (پُستڪ ”شريمد ديانند پرڪاش“ ليکڪ شرِي ستيانندجِي مهاراج، پرڪاشڪ سار ويديشڪ آريہ پرتي نڌي سڀا 5/3 مهرشي ديانند ڀون رام ليلا ميدان نئِين دلِي 2. گنگا ڪانڊ 8 سرڳ پيج نمبر 89 تان جيئن جو تيئن ليک).

ٽن ڏينهن تائين روزانو شام جو ڪرشنانندجِي ۽ سوامي جي جو شاسترارٿ ٿيندو رهيو. هڪ ڏينهن شاسترارٿ جي وقت ڪنهن ڪرشنانندجِي سان ساڪار واد جي موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ انهي تي شاسترارٿ هلايو سوامي جي جو تہ اهو پسنديده موضوع هو. سوامي جي لڳاتار سنسڪرت ڳالهائيندي نراڪار راءَ تي ويدن ۽ اُپنيشدن جي ثبوتن جي هڪ لڙي پروئي ڇڏي ۽ ڪرشنانندجِي کي ان جو ارٿ مڃائڻ جي لاءِ پابند ڪيو. ڪرشنا نندجِي اُن جو ڪوبہ ثبوت نہ ڏيئي سگهيا. صرف گيتا جو هي شلوڪ ”يدا يدا هي ذرم سيہ، گلا نرڀوَتي ڀارت“ ماڻهن ڏانهن منهن ڪري پڙهڻ لڳا سوامي جي گرجندي چيو تہ توهان بحث مون سان ڪري رهيا آهيو انهي ڪري مون ڏانهن ئي منهن ڪريو پر اُن جا تہ ويچار ئي اُکڙي چُڪا هئا ۽ چوڪڙِي ئي ڀُلجي چڪا هئا. منهن ۾ ڪِڳ اچي ويئي گلو ويهي رهيو. شرمسار ٿي ويو هو، ڪنهن طرح سان عزت رهجي اچي، انهي لاءِ هن ”ترڪ شاستر“ جو سهارو وٺندي سوامي جي کي چيو! ٺيڪ آهي ”لکشڻ جو لکشڻ ٻُڌايو؟“ سوامي جي جواب ڏِنو تہ جيئن ڪارڻ جو ڪارڻ ڪونهي ائين ئي لکشڻ جو لکشڻ بہ ڪونهي. ماڻهو پنهنجي ڪِل ذريعي ڪرشنانند جي هار پڌري ڪري ڇڏي ۽ هو گهبرائجي اُتان روانو ٿي ويو.

مٿي لکيل ليک مان ظاهر ٿئي ٿو تہ وِدوانن جي هار جيت جو فيصلو عام انسان ڪندا هئا. جيڪي وِدوان ڪونہ هئا. سوامي ديانندجي لڳاتار سنسڪرت

ڳالهائيندا رهيا، ٻُڌندڙ مهرشِي ديانندجي کي ڪٿيندڙ ثابت ڪري ڇڏيو ۽ پرماتما کي نِراڪار مڃي ورتو. جڏهن تہ يجُر ويد اڌياءِ 1. منتر 15 اڌياءِ 5 منتر 1 ۾ واضح آهي تہ پرماتما جو شرير آهي ۽ هو ساڪار آهي.

سوامي ديانند سنسڪرت ٻولي ۾ پرچار ڪندا هئا. جنهن جو ثبوت:-
ستيارٿ پرڪاش جي ڀومڪا صفحي 8 تي سوامي ديانندجي ڇيو تہ پهريون دفعو ستيارٿ پرڪاش ڇپيو هو، اُن وقت مونکي هندي نيڪ طرح نہ ايندي هئي. ڇاڪاڻ تہ ننڍپڻ کان سن 1882ع (سنبت 1939) تائين سنسڪرت ۾ خطاب ڪندو رهيس.
انهي مان ثابت ٿيو تہ سوامي ديانندجي سنسڪرت ٻولي ۾ شاسترارٿ ڪندا هئا.
سنبت 1939ع (سن 1882) ۾ ستيارٿ پرڪاش کي ٻيو دفعو ڇپائڻ جي هڪ سال بعد سن 1882ع ۾ سوامي جي وفات ڪري ويا. ثابت ٿيو تہ گُذاري وڃڻ کان صرف هڪ سال اڳ سوامي جي هندي ٻولي سکي. ان کان پهرين سنسڪرت ٻولي ۾ خطاب ڪندا هئا. ٻُڌندڙ سنسڪرت کان اڻواقف هوندا هئا ۽ اُهي ئي ماڻهو عالمن جي هار جيت جو فيصلو ڪندا هئا.

هاڻي هي داسن جو بہ داس (رامپال داس) چاهي ٿو تہ سيني پويتر ڌرمن جون پريو چاهيندڙ نيڪ آتمائون تتوَ گيان کا واقف ٿي وڃن، تڏهن خود ئي لال ۽ لالڙي جي سڃاڻپ ڪري وٺندا.

**ڪٿا:-** هڪ سيٺ جا ٻہ پُٽ هئا. هڪ 16 سالن جو ۽ ٻيو 18 سالن جو پيءُ جي مرڻ بعد ڇوڪرن جي ماءُ ڪپڙي ۾ ويڙهيل لالُون پنهنجن ڇوڪرن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇيو تہ ٻارو! هي لالون ڪٽي پنهنجي چاچي وٽ وڃو ۽ چئجو تہ اسان وٽ پئسا نہ آهن هي لال پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ واپار ۾ اسان جو حصو ڪري وٺو. اسان اڪيلا ڪاروبار نٿا ڪري سگهون. ٻئي ڇوڪرا ماتا جون ڏنل لالون ڪٽي پنهنجي چاچي وٽ پهتا ۽ جيڪو ماتا ڇيو اهائي ڳالهہ ٻڌائي. اُن سيٺ لالن کي ڏِٺو ۽ ڇوڪرن جي ڳالهہ مڃي ڇيو تہ پُٽ! هنن لالن کي پنهنجي ماتاجي کي ڏيئي اچو، سنڀالي رکي ڇڏي، توهان مون سان گڏ ٻئي شهر هلو. مونکي تمام گهڻو مال اُڌار ملي ويندو آهي. واپس اچي اُنهن لالن کي استعمال ۾ آڻينداسين.

ٻئي ڇوڪرا پنهنجي چاچي سان گڏ شهر ويا. هڪ ڏينهن چاچي هڪ لال ڇوڪرن کي ڏني ۽ ڇيو تہ پُٽ! هي لال آهي هن کي اُن سيٺ کي ڏيئي اچو جنهن کان

ڪالھ 50 هزارن جو مال اُڌار ورتو هو ۽ چئجو تہ هي لال رکي وٺو اسان واپس اچي پنهنجو قرض چُڪائيندا سين ۽ پنهنجي لال واپس کڻي وٺنداسين.

ٻئي ڇوڪرا اُن سيٺ وٽ ويا ۽ سموري ڳالھ ڪري ٻُڌائي جيڪا انهن جي چاچي ٻُڌائي هئي. اُن سيٺ هڪ جوهري گُهرايو. جوهري لال کي ڏسي چيو تہ هي لال نہ آهي هي تہ لالڙي آهي. جيڪا هڪ سو روپين جي بہ نہ آهي، لال جي قيمت تہ 9 لک روپيہ هوندي آهي. سيٺ ٻُرو ڀلو چوندي اُن لالڙي کي گلي ۾ اُڇلائي ڇڏيو. ڇوڪرا اُن لالڙي کي کڻي پنهنجي چاچي وٽ آيا. اکين ۾ آنسو ڀريل هئا ۽ سمُوري ڳالھ ٻولھ پنهنجي چاچي کي ٻُڌائيندي چيو تہ هڪ شخص ٻُڌايو تہ هي لال نہ پر لالڙي آهي، چاچاجي چيو! پُٽ! اُهو جوهري هو. اُهو سهي چئي رهيو هو. هي تہ اصل ۾ لالڙي ئي آهي ۽ اِن جي قيمت سئو روپيہ بہ نہ آهي، مون کان ڀُل ٿي وئي لال تہ هي آهي، غلطي سان مون توهانکي لالڙي ڏيئي ڇڏي. هاڻي وڃو ۽ سيٺ کي چئجو تہ اسانجو چاچو دوکي باز ڪونهي، لال جي ڀُل ۾ لالڙي ڏيئي ڇڏي. ٻئي ڀائر وري ويا، ساڳئي واپاري وٽ ۽ چيائون تہ اسان جو چاچو اهڙو دوکي باز انسان نہ آهي غلطي سان لال جي بجاءِ لالڙي ڏيئي ڇڏي هئي، هي وٺو لال. تڏهن وري جوهري ڏسي چيو تہ هي آهي اصلي لال، هو تہ لالڙي هئي.

سامان وٺي پنهنجي شهر موٽي آيا، تڏهن چاچي چيو پُٽ هاڻي پنهنجي ماتاجي کان لال وٺي اچو، اُڌار گھٽي ٿي ويئي آهي. ٻنهي ڇوڪرن پنهنجي ماتا کان لالون وٺي ڪپڙي مان کڏي ڏٺيون تہ لالڙيون هُيون، لال هڪ بہ نہ هئي. چاچي ڇوڪرن کي لال ۽ لالڙي جي سُڃاڻپ اڳ ڪرائي چُڪا هئا. ٻنهي پُٽن پنهنجي ماءُ کي چيو تہ ماتاجي هي تہ لالڙيون آهن. لالون ناهن. ٻئي ڇوڪرا واپس چاچي وٽ آيا، چيائونس تہ اسان جي ماءُ بيحد ڀولِي آهي اُن کي لال ۽ لالڙي جي ڪا بہ خبر ناهي، چاچا اهي لالون ناهن اهي تہ لالڙيون آهن. چاچي چيو پُٽ! اهي اُن ڏينهن بہ لالڙيون ئي هيون جنهن ڏينهن توهان مون وٽ کڻي آيا هئا، جيڪڏهن مان لالڙي چوان ها تہ توهان جي ماتا چوي ها منهنجو پتي کوڙ رهيو، انهي ڪري منهنجن لالن کي بہ لالڙي چئي رهيا آهن، پُٽ اڄ مون توهان کي لال ۽ لالڙي جي پرک ڪرڻ جي لائق بڻائي ڇڏيو آهي، اڄ توهان پاڻ فيصلو ڪري ورتو.

**خاص طور:-** اهڙي طرح اڄ هي داس اِهوئي چاهي ٿو تہ تتوگيان هر انسان تائين پهچايان ۽ شاسترن جا ثبوت ڏسي ڪري توهان خود پرک ڪرڻ جي لائق ٿي سچ ۽

ڪوڙ کي پرکي سگھو. شاستر ارٿ وِدوان ڪيئن ڪندا هئا؟ ۽ اُنهن کي هار جيت جو فيصلو عام انسان ڪان ڪيئن ڪرائيندا هئا؟ هي داس چاهي ٿو تہ اول پرڀو پريمي پُڄ آتمائون شاستر سمجهن پوءِ خود پاڻ ئي سمجهي ويندا تہ سنت جَن ۽ مهرِشي جِي کهڙي سمجهاڻي سمجهائي رهيا آهن.

## "شاستر ارٿ مهرشي سروانند ۽ پرميشور ڪبير (ڪوير ديوَ) جو

سروانند نالي سان هڪ مهرِشي هو. اُن جي ماتا شريمتِي شارڏا ديوي پاپ ڪرم ڦل ڪان دُکي هئي، هن ڏک دُور ڪرڻ لاءِ سيئي پُوجائون ۽ جنتر منتر ڪيترن ئي سالن تائين ڪيا. جسماني پيڙائن ڪان ڇُٽڪارو نہ مِلي سگهيو جنهن لاءِ هُن ڊاڪٽرن جون دوائون بہ ڪاڍيون پر راحت نہ مِلي، اُن وقت جي مهرِشين ڪان اُپديش بہ ورتو پر سيڻي مهرِشين چيو تہ پُترِي شارڏا! هي تنهنجو پاپ ڪرم ڏنڊ. پوئين ڪرمن جو ڦل آهي، اهو معاف نٿو ٿي سگهي، اهو ڀوڳڻو ئي پوندو. ڀڳوان شري رام ٻالي کي قتل ڪيو هو اُن پاپ ڪرم جو ڏنڊ شري رام (وشنو اوتار) ڀڳوان ڪِرشن رُوپ ۾ ڀوڳيو. شري ٻالي واري آتما شڪارِي بڻجي جنهن شري ڪرشن جي کي پير ۾ زهريلو تير هڻي ماريو. اهڙي طرح گُروجِي، مهنتن، سنتن ۽ مهرِشين جا ويچار ٻُڌي ڀڳت متِي شارڏا پنهنجي قسمت جي پاپ ڪرم جون پيڙائون روئي روئي ڀوڳي رهي هئي. هڪ ڏينهن پنهنجي ئي ڪنهن رشتيدار جي چوڻ تي ڪاشِي ۾ (سوئميو) خود جسم ساڻ پرگهٽ ٿيل ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) ڪان اُپديش پراپت ڪيائين ۽ اُنهي ڏينهن ئي تڪليف ڪان آجي ٿي ويئي. چوٿ پويتر يجُر ويد اڌياءِ 5 منتر 32 ۾ لکيل آهي تہ "ڪوير انگهاري اسي " مطلب (ڪوير) ڪبير (انگهارِي) پاپ جو دُشمن (اَسي) آهي. ورِي اڌياءِ 8 منتر 13 ۾لکيل آهي. "پرماتما اينس اينس " (اڌرم جي اڌرم) مطلب پاپن جي پاپ يعني گهور پاپ کي بہ ناس ڪري ڇڏيندا آهن. پرڀُو ڪوير ديو چيو! پُترِي شارڏا هي سُک تنهنجي نصيب ۾ ڪونہ هو. مون پنهنجي حصي مان عطا ڪري پاپ ناس ڪندڙ هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي. تنهنجو پُٽ مهرشي سروانند چوي ٿو تہ پرڀُو پاپ معاف نٿو ڪري سگهي. تون مون ڪان اُپديش پراپت ڪري آتم ڪلياڻ ڪر. ڀڳت متِي شارڏا خود آيل پرميشورڪبير صاحب جي ڪان اُپديش وٺي پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرايو.

مهرِشِي سروانند جيڪو ڀڳت متِي شارڏا جو پُٽ هو، اُن کي شاستر ارٿ ڪرڻ جو بيحد چاهہ هو. هو پنهنجي دور جي سيني عالمن کي شاستر ارٿ ڪري

هارائي ڇُڪو هو، پوءِ سوچيائين تہ هر انسان کي چوٽو پوي ٿو تہ مون سڀني عالمن تي جيت حاصل ڪئي آهي سو ڇو نہ پنهنجي ماتا کان پنهنجو نالو سرواجيت رکرائي ڇڏيان. اهو سوچي پنهنجي ماتا شريمتي شارڌا وٽ وڃي عرض ڪري چيائين تہ اي ماتاجِي! منهنجو نالو بدلائي سرواجيت رکي ڏي. ماتاجِي چيو تہ پُٽ ڇا سروانند خراب آهي؟ مهرشِي سروانندجِي چيو تہ ماتا جِي! مون سڀني وڌوانن کي شاستر ارٿ ۾ هارائي ڇڏيو آهي، انهي ڪري منهنجو نالو سرواجيت رکي ڏي. ماتاجِي چيو تہ پُٽ ! هڪ وِڌوان منهنجي گرو مهاراج ڪبير ديوَ کي بہ هارائي اچ پوءِ پنهنجي پُٽ جو نالو ايندي ئي سرواجيت رکي ڇڏيندي‌س. ماتا جا اهي وچن ٻُڌي، شرِي سروانند پهرين تہ ڪليا ۾ پوءِ چيائين تہ ماتاجي تون بہ ڀولي آهين. هو جلاهو (ڌاڻڪ) ڪبير تہ اڻپڙهيل آهي هن کي ڇا هارائڻو؟ هينئر ويس ۾ هينئر آيس.

مهرشي سروانندجي سڀني شاسترن کي هڪ ڍڳي تي رکي ڪبير پرميشور جي جهونپڙي جي اڳيان وڃي بيٺو. پرميشور ڪبيرصاحب جي ڌرم جي ڌيءَ ڪمالي پهرين کوھ تي ملي، پوءِ دروازي تي پهچي چيو تہ اچو مهرشي جي اهوئي آهي پرم پِتا ڪبير جو گهر، مهرشِي سروانندجِي نيائِي ڪمالِي جي کان پنهنجو لوٽو پاڻي سان ايترو ڀرايو جو ٿورڙو بہ پاڻِي وڌيڪ ڀريو وڃي تہ ٻاهر نڪري وڃي ۽ چيو تہ ڌيئر هي لوٽو آهستي آهستي کڻي وڃي ڪبير کي ڏيئي ڇڏ جيڪو اُن جو جواب ملي اُهو مونکي ٻڌائجان. تڏهن ڇوڪرِي ڪمالِي جي آندل لوٽي ۾ پرميشور ڪبير جِي ڪپڙا سِبڻ وارِي هڪ وڏي سُئي وجهي ڇڏِي. ڪجھ پاڻي لوٽي مان نڪري زمين تي پيو ۽ چيو! ڌيئر هي لوٽو سروانندجِي کي واپس ڏيئي ڇڏ. لوٽو کڻي واپس اچڻ تي سروانند ڪمالي کان پُڇيو تہ ڪبيرجي ڪهڙو جواب ڏنو ؟ ڪمالِي پرِيُو هٿان سُئي وجهڻ جو احوال ٻُڌايو. تڏهن مهرشي سروانندجي پرم پُوجيہ ڪبير پرميشور کان پُڇيو تہ توهان منهنجي سوال جو ڪهڙو جواب ڏِنو؟ پرِيُو ڪبيرجي پُڇيو تہ ڪهڙو سوال هو توهان جو؟

مهرشي سروانندجي چيو تہ مون سڀني وڌوانن کي شاستر ارٿ ۾ هارائي ڇڏيو آهي. پنهنجي ماتا کي عرض ڪيو آهي تہ منهنجو نالو سرواجيت رڪ. پر منهنجي ماتا توهان کي هارائڻ ڪانپوءِ منهنجو نالو بدلائڻ جو چيو، توهان وٽ لوٽي کي چڱي طرح پاڻي سان ڀري موڪلڻ جو مقصد هي آهي تہ مان گيان سان ائين ئي ڀرپُور آهيان جيئن لوٽو پاڻِي سان. اُن ۾ وڌيڪ پاڻِي نہ ايندو، اُهو ٻاهرئي هاربو،

مطلب تہ مون سان گيان چرچا ڪرڻ سان توهان کي ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو، توهان جو گيان منهنجي اندر ڪونہ سمائيندو. اجايو ٽُڪ ولوڙيندين. انهي ڪري هار لکي ڏيو، انهي ۾ توهان جو ئي ڀلو آهي.

پُوڄيہ ڪبير پرميشور (ڪوير دِيوَ) چيو تہ توهان جي پاٽي سان پريل لوٽي ۾ لوهہ جي سُئي وجهڻ جو مقصد آهي تہ منهنجو گيان (تتوگيان) ايترو ڳرو (سچو) آهي جو جيئن سُئي لوٽي جو پاٽي ٻاهر ڪيندي هيٺ تري ۾ رُڪي آهي اهڙي نموني منهنجو تتوَگيان، توهان جي ڪُوڙي گيان (لوڪ ويد) کي ٻاهر ڪدي، توهان جي هردي ۾ سمائجي ويندو.

مهرِشي سرواننجي چيو تہ سوال ڪريو. هڪ تمام مشهور ۽ معروف وڏوان کي جلاهن (ڌاڻڪن) جي پاڙي ۾ ڏسي پاڙي جا اٽپڙهيل جلاها (ڌاڻڪ) شاسترارٿ ٻُڌڻ جي لاءِ گڏ ٿي ويا. پوڄيہ ڪبير پرميشور سوال ڪيو:-

**ڪون بِرهما ڪا پِتا هئہ، ڪون وشنو ڪي ماءَ،**
**شنڪر ڪا دادا ڪون هئہ، سرواننددي بتاءَ.**

جواب مهرشي سرواننجي جو:- شري برهماجي رجوگُڻ ،شري وشڻوجي ستوگُڻ ۽ شري شوجي تموگُڻ آهن. اهي ٽيئي اجر امر مطلب اويناشي آهن. سرويشور، مهيشور ۽ مرتيونجيہ آهن. اُنهن جا ماتا پِتا ڪو بہ ناهي. توهان اگياني آهيو. توهان کي شاسترن جو گيان ڪونهي. ائين ئي بنا مقصد سوال ڪيو اٿن، سيني موجود ماڻهن تاڙيون وڄايون ۽ مهرشي سرواننجي کي داد ڏنو. پُوڄيہ ڪبيرديوجي چيو تہ مهرشي جي! توهان ديوي ڀاڳوت جي ٽئين اسڪند ۽ شري شو مهاپُراڻ ادياءِ 6 ۽ 7 (رُدر سنهيتا) پريُو کي حاضر ناظر سمنجهي گيتاجي تي هٿ رکي پڙهو ۽ ترجمو ٻُڌايو. مهرشي سرواننجي پويترگيتا تي هٿ رکي قسم کنيو تہ صحيح صحيح ٻُڌائيندس.

پويتر پُراڻن کي پريُو ڪبير جي چوڻ ڪانپوءِ ڏيان سان پڙهيو. شري شومهاپُراڻ، گيتا پريس گورک پُور ڪان پرڪاشت، جنهن جو انوادڪ آهي شري هنومان پرساد پودار صفحو نمبر 100 کا 103 تائين لکيل آهي تہ سداشو مطلب ڪال رُوپي برهم ۽ پرڪرتي (دُرگا) جي پتي پتني ميلاپ سان ستوگُڻ شري وشنو، رجوگُڻ شري برهما ۽ تموگُڻ شري شو جو جنم ٿيو اهائي پرڪرتي (دُرگا) جيڪا اشتنگي تري ديو جنني يعني برهما، وشنو ۽ شو جي ماتا آهي.

پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ، گيتا پريس گورکپُور مان ڇپيل جنهن جو انوادڪ آهي هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي، اسڪند 3 صفحو نمبر 114 کان 123 تائين ۾ واضح لکيل آهي ته ڀڳوان شري وشنو چئي رهيا آهن ته پرڪرتي دُرگا اسان ٽنهي جي جنني آهي. مون اُن کي اُنهي وقت ڏٺو هو جڏهن مان ٻالڪ هئس. ماتا جي تعريف ڪندي شري وشنوجي چيو ته اي ماتا! مان (وشنو)، برهما ۽ شو ته فاني آهيون اسان جو ته آوِرڀاوَ (جنم) ۽ تِروڀاوَ (مِرتيو) ٿيندو آهي. تون پرڪرتي ديوِي آهين. ڀڳوان شنڪر چيو ته اي ماتا! جيڪڏهن برهما ۽ وشنو توهان مان پيدا ٿيا آهن ته مان به توهان مان ئي پيدا ٿيو آهيان، مطلب توهان منهنجي به ماتا آهيو.

مهرشي سروانند پهرين شاسترن جي خلاف ٻُڌل ٻُڌايل اٽڪلپوري گيان لوڪ ويد (ڏند ڪٿا) جي مطابق ٽنهي ديوتائن (برهما، وشنو ۽ شو) کي اويناشي اجر امر ۽ اجنما چوندو هو. پُراڻن کي پڙهندو به هو پر پوءِ به اگياني هو. ڇو ته برهم (ڪال) پويتر گيتا جي ۾ چئي ٿو ته سڀني جاندارن (جيڪي 21 برهماندن ۾ منهنجي ماتحت آهن) جي عقل منهنجي وس ۾ آهي جڏهن چاهيان گيان پردان ڪري ڇڏيان ۽ جڏهن چاهيان اگيان پري ڇڏيان. اُن وقت پُورڻ پرماتما جي چوڻ بعد ڪال (برهم) جو دٻاءُ گهٽجي ويو ۽ سروانندجي کي صحيح گيان ٿيو، اصل ۾ ائين ئي لکيل آهي. پر بيعزتي جي خوف کان چيائين ته مون سڀ پڙهي ورتو، ائين ڪٿي ئي لکيل ڪونهي. ڪويرديو کي چيو ته توهان ڪوڙا آهيو، توهان ڇا ڄاڻو شاسترن جي باري ۾. اسان روزانو پڙهندا آهيون. پوءِ ڇا ڪيو جو سروانندجي لڳاتار سنسڪرت ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو، ويهه مِنٽن تائين لڳاتار ياد ڪيل ڪا ٻي ويد واڻي ڳالهائيندا رهيا پُراڻ نه ٻُڌايا.

سڀني موجود ٻُڌندڙ ماڻهن جيڪي سنسڪرت کي نه سمجهندڙ اُهي سڀئي متاثر ٿي مهرشي سروانندجي کي صحيح سمجهي واهه واهه مهاگياني واهه واهه چوڻ لڳا. ڀاو ارٿ آهي ته پرميشور ڪبيرجي کي هارائي ڇڏيو هو ۽ مهرشي سروانندجي جي جيت (فتح) جو اعلان ڪري ڇڏيو. پرم پُوجيه ڪبير پرميشور جي چيو ته سروانندجي! توهان پويتر گيتاجي جي قسم کنيو هو اُهابه ڀلجي ويا. جڏهن توهان اگيان لکيل شاسترن جي سچائي کي به نٽا مڃو ته مون شڪست کاڌي ۽ توهان فتح ماڻي.

هڪ هارِي زميندار جو هڪ پُٽ ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. اُن ڪجهه انگريزي زبان کي سکي ورتي. هڪ ڏينهن پُٽ ۽ پيءُ ٻنِي ڏانهن ڊڳا گاڏي ڪاهي

وڃي رهيا هئا تہ سامهون هڪ انگريز اچي ويو. هن ڏٺو گاڏي وارن ڪان انگريزي زبان ۾ رستي جو پُڇيو جو پيءُ پنهنجي پُٽ کي چيو تہ هي انگريز پاڻ کي ڪجھ وڌيڪ ئي پڙهيل لکيل سمجهي ٿو. تون بہ تہ انگريزي ٻولي سمجهين ٿو. ڪيئنس هن جي آڏو ٻُڌائينس انگريزي. هاري زميندار جي پُٽ انگريزي زبان ۾ بيماري جي موڪل جي لاءِ درخواست ٻُڌائڻ شروع ڪئي. انگريز اُن نادان جي نادانِي تي چيو تہ پُڇي رهيو آهيان رستو ۽ ٻُڌائي رهيو آهي بيماري جي موڪل جي درخواست . انگريز پنهنجي ڪار ۾ ويهي مٽي تي هٽ هٽي روانو ٿي ويو. هارِي پنهنجي فتح ماڻيندڙ پُٽ جي پٺي ٺپري ۽ چيو تہ واه پُٽ منهنجو تہ تو جيوَن ئي سڦل ڪري ڇڏيو. اڄ تو انگريز کي انگريزي ٻولي ۾ هارائي ڇڏيو. تڏهن پُٽ چيو! پتاجي مونکي ماءِ بيسٽ فرينڊ جو مضمون بہ ياد آهي جيڪڏهن اُها ٻڌايان ها تہ انگريز ڪار ڇڏي ڀڄي وڃي ها. اهڙي طرح ڪوير ديوجي پڇي تہ ڪجھ ٻيو ئي رهيا آهن ۽ سروانندجي جواب ڪجھ ٻيو ئي ڏيئي رهيا آهن. اهڙي شاسترارٿ گهر ٻاري ڇڏيا آهن.

پرم پُوڄيہ ڪبير پرميشور چيو تہ سروانندجي توهان ڪٿيو مان هارايو. مهرشي سروانندجي چيو لکي ڏيو مان ڪچو ڪم نہ ڪندو آهيان. پرماتما ڪبيرجي چيو تہ اهو ڪم بہ توهان ڪريو لکي وٺو جيڪو لکڻو آهي. مان آڱوٺو لڳائي ڇڏيندس. مهرشي سروانندجي لکيو تہ شاسترارٿ ۾سروانند جي جيت ۽ ڪبيرصاحب هار ٿي. ڪبير پرميشور آڱوٺو هنيو. پنهنجي ماتا وٽ وڃي سروانندجِي چيو تہ ماتا جي وٺو توهان جي گروديوَجي کي هارائڻ جو ثبوت. ڀڳت متِي شارڌا جي چيو پُٽ پڙهي ٻُڌاءَ. جڏهن سروانندجِي پڙهيو تہ اُن ۾ لکيل هو تہ سروانندجِي جي هار ۽ ڪبير پرميشور فاتح ٿيا. سروانندجِي جي ماتا چيو تہ پُٽ تون ڇئي رهيو هئين تہ مان ڪٿي آيو آهيان تون تہ هارائي آيو آهين. سروانندجي چيو تہ مان ڪيترن ئي ڏينهن ڪان لڳاتار شاسترارٿ ۾ مصروف هئس، انهي ڪري ننڊ سبب مون ڪان لکڻ ۾ غلطي ٿي ويئي آهي، وري وڃان ٿو ۽ صحيح لکرائي اچان ٿو. ماتا شرط رکي هئي تہ فتح تي ڪو لکت ۾ ثبوت ڏجان تہ مان مڃيندس زباني ڳالھ ڪونہ مڃيندس. مهرشي سروانندجي وري ويا ۽ چيائون تہ ڪبير صاحب جي مون ڪان لکڻ ۾ غطي ٿي ويئي ٻيهر لکڻو پوندو. ڪبير صاحب چيو تہ وري لکي وٺو، مهرشي سروانندجي وري لکي آڱوٺو هڻايو ۽ اُها لکت سروانندجي پنهنجي ماتا وٽ ڪٺي آيو تہ وري بہ اُبتو ئي لکيل هو. ورِي چيو تہ ماتاجِي وري غلطي ٿي ويئي، سو ورِي وڃان ٿو.

ٿيون پيرو لِکي ڪٽي آيو ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين پڙهيو ته ٺيڪ لکيل هو،
سروانندجي اُنهي ليک تان نظر ئي نه هٽائي ۽ پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندي چوڻ لڳو ته
ماتاجِي ٻڌُايان. اهو چئي ٻُڌائڻ لڳو ته اُن جي اکين اگيان لفظ بدلجي ويا. ٽيون دفعو
وري اهو ثبوت لکيل هو ته شاسترارٿ ۾ سروانندجي هارايو ۽ ڪبير صاحب کٽيو.
هاڻي سروانندجي ڳالهائي نه پيو سگهي، تڏهن ماتا جي چيو ته پُٽ ڳالهائين ڇو نٿو؟
پڙهي ٻڌاءَ ڇا لکيل آهي؟ ماتا جي کي خبر هئي ته هي نادان جبل سان ٽڪرائڻ وڃي
رهيو آهي. ماتاجي سروانندجي کي چيو ته پُٽ اُهو پُورڻ پرميشور ڌرتي تي آيل آهي
وڃي چرڻن ۾ ڪري پنهنجي غلطي جي معافي گُهري وٺ ۽ اُپديش وٺي پنهنجو جنم
سفل ڪري وٺ. سروانندجي پنهنجي ماتا جي چرڻن ۾ ڪري روئڻ لڳو ۽ چيائين ته
ماتاجي هي ته خود پڳوان آهي. توهان مون سان گڏ هلو مونکي شرم ٿو لڳي،
سروانندجِي ماتا پنهنجي پُٽ کي گڏ ڪري پريُو ڪبيرپرميشور وٽ وئي ۽
سروانندجي کي به ڪبير پرميشور کان اُپديش ڏياريو، تڏهن اُن مهرشي سڏائيندڙ
انسان جو پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور جي چرڻن ۾ اچڻ سان ئي اُڌار ٿيو. پُورڻ
برهم ڪبير پرميشور چيو سروانندجِي! توهان اکشر گيان جي آڌار تي به شاسترن
کي ڪونه سمجهيو ڇاڪاڻ ته منهنجي شرڻ ۾ اچڻ ڪانسواءِ برهم (ڪال) ڪنهن جي
به عقل کي پُوري کُلڻ نه ٿو ڏئي. هاڻي وري پڙهو اُنهن پويتر ويدن پويتر گيتاجي ۽ پويتر
پُراڻن کي. هاڻي توهان براهمڻ بڻجي ويا آهيو. "براهمڻ سوئي جو برهم پهچاني "
عقلمند اُهوئي جيڪو پُورڻ پرماتما کي سُڃاڻي وٺي پوءِ پنهنجو ڪلياڻ ڪرائي .

**خاص طور:-** اڄ کان 550 سال اڳ پويتر ويدن، پويتر گيتاجي ۽ پويتر
پُراڻن ۾ لکيل ساڳيو ئي گيان ڪبير پرميشور (ڪوير ديوجي) پنهنجي آسان واڻِي ۾
پڻ ڏنو جنهن کي اُن وقت کان اڄ تائين جي مهرشين گرامر جي خامين واري ٻولي ڇئي
پڙهڻ به ضروري ڪونه سمجهيو ۽ چيائون ته ڪبير ته اگياني آهي هن کي "اکشرگيان"
ته آهي ئي ڪونه. هي ڇا ڄاڻي سنسڪِرت ٻولي ۾ لکيل شاسترن ۾ لکيل اسرار کي؟
اسان عالم آهيون. جيڪو چئون ٿا، اُهو سمُورو شاسترن ۾ لکيل آهي ۽ شرِي
برهماجِي، شرِي وِشنوجِي ۽ شرِي شِو جِي جا ڪيربه ماتا پِتا ڪونه آهن. اُهي ته اجنما،
اجر امر، اويناشي، سرويشور، مهيشور ۽ مرتيونجيه آهن. سڃي سرِشٽِي جا رچڻهار
آهن. گُڻن سان پرپُور آهن. وغيره وغيره واڪاڻ اجان تائين به ٺوڪي ڪري رهيا
آهن. اڄ اُهي پويتر شاستر پاڻ وٽ موجود آهن جن ۾ ٿنهي پريوئن (شرِي برِهما

رجوگڻ، شري وِشنو ستوگڻ ۽ شري شِو جي تموگڻ) جي ماتا پِتا هئڻ جو واضح ذِڪر ٿيل آهي. اُن وقت پنهنجا بُزرگ اڻپڙهيل هئا ۽ جيڪي پڙهيل لکيل هئا اُنهن کي شاسترن جو صحيح گيان نہ هو پوءِ بہ ڪبير پرميشور جي ٻُڌايل سچي گيان کي چاڻي واڻي ٺُڪرائي ڇڏيو تہ ڪبير صاحب ڪُوڙ ٻُڌائي رهيا آهن ڪنهن بہ شاستر ۾ لکيل ڪونهي تہ شري بِرهماجي، شري وِشنوجي ۽ شري شِوجي جو جنم مرڻ ٿيندو آهي. اهي اويناشي ناهن ۽ اُنهن ٽنهي جي ماتا پِرڪرِتي (دُرگا) آهي ۽ پِتا جوتي نِرنجن ڪال رُوپي بِرهم آهي.

اڄ سمُورو انسانِي سماج پينر، پائر، پار، جوان، بُزرگ، پُٽ، توڙي ڌيئرون سيئي پڙهيل لکيل آهن. اڄ ڪير بہ ائين ٺُڪرائي نٿو سگهي تہ شاسترن ۾ ائين ناهي لکيل جيئن ڪبير پرميشور جي امرت واڻي ۾ لکيل آهي.

امرت واڻِي پُوجيہ ڪبير پرميشور جي:-

**ڌرمداس يہ جگ بورانا، ڪوئي نہ جاني پد نروانا.**
**اب ۾ تُم سي ڪهون چِتائي، تِر ديوَن کي اُتپتِي پائي.**
**گياني سُني سو هردي لگائي، مُورک سُني سو گم نہ پائي.**
**مان اشٽنگي، پِتا نِرنجن، وي جم دارون ونشن انجن.**
**پهلي ڪينهہ نِرنجن رائي پيڇي سي مايا اُپجائي.**
**ڌرمراءِ ڪينها پوگ وِلاسا، مايا ڪو رهي تب آسا.**
**تين پُتر اشٽنگي جائي، بِرهما، وِشنو شِو نام ڌرائي.**
**تين ديوَ وستار چلائي، اِن ۾ يہ جگ ڌوکا کائي.**
**تين لوک اپني سُت دينها، سُن نِرنجن باسا لينها.**
**الک نِرنجن بڙا بٽپارا، تين لوک جيوَ ڪينهہ آهارا.**
**بِرهما وشنو، شِو نهين بچائي، سکل کائي پُنهہ ڌوڙ اُڙائي.**
**تِن کي سُت هين تينون ديوا، آنڌر جيوَ ڪرت هين سيوا.**
**تينون ديوَ اور اوتارا، تاکو پجي سکل سنسارا.**
**تينون گُڻ کا يہ وِستارا، ڌرم داس مئين ڪهون پُڪارا،**
**گُڻ تينون کي پگتِي ۾ پُول پڙيو سنسار،**
**ڪهي ڪبير نِج نام بنا ڪيسي اُترين پار.**

متي ڏنل پنهنجي امرت واڻي ۾ پرميشور ڪبير صاحب جي پنهنجي نج سيوڪ شري ڌرمداس صاحب جي ڪي چئي رهيا آهن تہ ڌرم داس هي سڄو سنسار تتوَگيان جي ڪمي جي ڪري ڀُليل آهي، ڪنهن کي بہ پُورو موڪش مارگ ۽ پُورڻ سرشٽي رچنا جو گيان نہ آهي. اِنهي ڪري مان توکي پنهنجي طرفان رچيل سرشٽي جي ڪٿا ٻُڌايان ٿو. سمجهدار انسان تہ يڪدم سمجهي ويندا پر جيڪي سيني ثبوتن کي اکين سان ڏسي بہ نہ مڃيندا اُهي نادان انسان ڪال جي اثر سان مُتاثر آهن اُهي ڀڳتي جي لائق ناهن، هاڻي مان ٻُڌايان ٿو تہ ٽيئي گُڻ مطلب ڀڳوان (بِرهما، وِشنو، شِو) ڪيئن پيدا ٿيا؟

انهن جي ماتا تہ اِشٽنگي دُرگا آهي ۽ پتا جوتي نِرنجن (ڪال) آهي. اول بِرهم جي پيدائش (بيضي) مان ٿي پوءِ دُرگا جي پيدائش ٿي، دُرگا جي رُوپ تي عاشق ٿي ڪال بِرهم غلط ڇيڙڇاڙ ڪئي تڏهن دُرگا (پرڪرتي) ڪال بِرهم جي پيٽ ۾ پناهہ ورتي. مان دُرگا جي پُڪار تي اُتي ويس جتي جوتي نِرنجن ڪال هو، دُرگا (پرڪرتي) کي جوتي نرنجن (ڪال بِرهم) جي پيٽ مان ڪڍي ٻنهي کي 21 برهماندن سميت سورهن سنک ڪوهہ پري پهچائي ڇڏيو . جوتي نِرنجن (ڌرمراءِ) پرڪرتي ديوي (دُرگا) سان ڀوڳ ولاس ڪيو اُنهن ٻنهي جي ميلاپ (پتي پتني وهنوار) سان ٽيئي گُڻ (ديوتا) يعني (رجوگُڻ بِرهما، ستوگُڻ وِشنو ۽ تموگڻ شِو) جي پيدائش ٿي. اُنهن ٽنهي جي ئي ساڌنا ڪري سڀ مخلوق ڪال جي چار ۾ ڦاٿل آهن. جيستائين اصلي منتر نہ مِلندو، پُورڻ موڪش ڪيئن ٿيندو؟

## "پڪيل ڪي ست مارگ"

## "پيٽ ايشونتي جي درد پري آتم ڪٿا"

مان ڀڳت متي ايشونتي ديوي زال ڀڳت شري سريش داس اهلاوت، پُٽ شري پرتاب سنگهہ اهلاوت پانا گنجا، ڳوٺ ڊيگل، ضلع جهجر ۾ رهندي آهيان. اي بندي ڇوڙ ستگرو رامپال داس جي مهاراج! مان ۽ منهنجو ڪُٽنب توهانجي پيرن جي ڌوڙ آهيون، توهان اسانکي اُهو سُک ڏنو جنهن جي اسان کي پنهنجي زندگي ۾ اُميد بہ نہ هئي. اج آءُ پنهنجو پاڻ تان گُذريل اُهو هتي لکي رهي آهيان، جنهن جي ڪرپا توهان اسانکي عطا ڪئي آهي. جيڪو اسانجي اُن ڏک پري ڪهاڻي کي پڙهي اسان جهڙا ڏکي پريوار بہ توهانجي آشيرواد سان پنهنجو ڪلياڻ ڪرائي سگهن. اسانجي زندگي

بلڪل انڌڪار ٿيل هئي. جيڪڏهن توهان جي چرڻن ۾ نہ هُجون ها تہ اڄ اسان هِن دُنيا ۾ نہ هُجون ها.

آءُ لاعلاج روڳ ۾ گهيريل هيس، منهنجو ڀاءُ باپڙوڏا رهواسي اوم پرڪاش پُٽ شري ديانند راٺي جيڪو هرياڻ پوليس ۾ نوڪري ڪندو هو. اُهو بہ ساڳئي روڳ ۾ انتقال ڪري ويو هو. آءُ بہ ساڳئي اسٽيج تي پهچي چُڪي هيس، هرهنڌ ڊاڪٽرن ۽ ڏاهن کي ڏيکاريو هو پر هرهنڌان مايوسِي ئي نصيب ٿي، مڙس ايترو شراب پيئندو هو جو جڏهن گهر ايندو هو تہ ٻار خوف سبب ڪٿن هيٺ لِڪي ويندا هئا. گهر جا برتن وڪڻي ڇڏيا هئا ۽ قرضي ٿي وياسين، پاڙيسري بہ بيزار هئا. هڪ ڏينهن تہ نشي جي حالت ۾ هو مونکي ڪٽي پاڻي سان ڀريل کوهہ ۾ اُڇلڻ لاءِ روانو ٿيو. مهاپاپ اوپري هوا (پريت باڌا) چيو تہ ڪنهن جو بہ وس نہ پُڄندو آءُ هِن گهر کي برباد ڪري ڇڏيندس. منهنجي ڀائرن مون تي بيشمار رقم ڊاڪٽرن ۽ سياڻن جي چڪر ۾ خرچ ڪئي پر مونکي ڪوبہ فائدو نہ ٿيو منهنجو مُڙس شرابي هو ۽ ننڍڙا ننڍڙا ٻار هئا. ساهرن ۾ ڪوبہ سهارو ڪونہ هو. منهنجو ڀاءُ سُڪوير جيڪو D.T.C ۾ ڊرائيور هو. اُن جو پرم پوڄئہ ستگرو رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ورتل هو. اُن چيو تہ ڀيڻ کي ستگرو رامپال جي مهاراج کان اُپديش ڏياريون ٿا. مرڻو تہ هِن کي آهي ئي آهي. اهو آخري اُپاءُ ڪري ٿا وٺون، اُن تي منهنجي پتاشري ديانند راٺي چيو تہ ڇا ڪو نام اُپديش سان ٺيڪ ٿي سگهي ٿو؟ اُن تي منهنجي ڀاءُ اُنهن سڀني کي نام اُپديش جي مهما متعلق سمجهايو. اُن ڪانپوءِ سڀني چيو تہ ٺيڪ آهي. اِهو بہ ڏسي وٺون ٿا. اهو چئي مونکي سنت رامپال داس جي مهاراج جي چرڻن ۾ وٺي ويا. اُن وقت ستگرو ديو ڳوٺ ڪوڙدلي پنجاب ۾ ستسنگ ڪري رهيا هئا. پريوار سميت مونکي وٺي رات جو 10 بجي سنت جي چرڻن ۾ پهتا. هي ڳالهہ 25 ڊسمبر 1996 جِي آهي. منهنجي ڀاءُ سنت پُوڄيہ رامپال داس جي مهاراج کي منهنجي ڏُکن ڀري ڪهاڻي ٻُڌائي. گروجي رات جو 10 بجي ستسنگ ۾ ئي نام اُپديش جي ڪرپا بخشي. اُن کان اڳ منهنجي زبان بہ بند ٿي چُڪي هئي. جڏهن26 ڊسمبر جي صبح جو آءُ اُٿيس تہ مون پاڻ کي بهتر حالت ۾ ڳالهائيندي ڏٺو ۽ پنهنجي ڀاءُ کي چيم تہ ايترن سالن ڪانپوءِ مونکي محسوس ٿي رهيو آهي تہ آءُ پنهنجي شرير ۾ آهيان ۽ جيئڻ ڪو ڀار منهنجي شرير تان لهي ويو هُجي. مونکي ڳالهائيندي ڏِسي، منهنجو ڀاءُ سڪوير تعجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين تہ ستگرو رامپال داس جي مهاراج تہ ساڪشات ڪبير پرميشور آيا آهن. آءُ ٻيڙي پيئندي هيس، اُنهي ڏينهن ڇڏي ڏِنم. گهر آياسين تہ

منهنجي مُڙس پگت سُريش چيو تہ تون کھڙو نامہ وٺي آئي آھين آءُ ڏِسان ٿو تہ تنهنجي نامہ ۾ کھڙي طاقت آهي. پنهنجي ماءُ کي چيو تہ سُٺو نالو وٺي آيا آهن. ٻار صبح جو گُڊ مارنينگ جي جاءِ تي ست صاحب چوڻ لڳا آهن. پگت سُريش هڪ سال تائين ائين شراب پيندو رهيو ۽ گھر ۾ جهڳڙا بہ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن هو بندِي چوڙ ڪبير صاحب، غريبداس جي صاحب ۽ ستگرو ديو رامپال داس جي مهاراج جون تصويرن ڦاڙڻ لاءِ تيار ٿيو تہ مون ٻئي هٿ ٻَڌي بندي چوڙ کان پرارٿنا ڪئي تہ توهان اُن جي ٻُڌي کي ڪنٽرول ڪري سگھو ٿا. تڏهن بندي چوڙ اُن کي اهڙو ڪو چمتڪار ڏيکاريو جو هِن پُوجا اِسٽل تي فوٽو واپس رکي اُبتي پيرن پوئتي هٽي ڊنڊوت پرڻام ڪيو تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هُن شراب ۽ ٻيڙي وغيره سڀني بُراين کي ڇڏي ڏنو.

اُنهي سڀني جو گواهہ پانا گنجا ۽ ديگل ڳوٺ آهن. مونکي ٻيهر جنمر مِليل ڏِسي منهنجي ڏُک ۾ ڏُکي منهنجن پائرن ارجيندرسنگھ راٺي D.S.F هرياڻا ۽ پريمر پرڪاش راٺي ايڊووڪيٽ دهلي سميت سڄي ڪُٽنب نامر دان حاصل ڪري ورتو.

نامر اُپديش وٺڻ کانپوءِ ڪبير پرميشور اهڙا سُک ڏِنا جنهن جو ذِڪر نٿو ڪري سگھجي. اسانجي مينهن گاهہ سان گڏ نانگ ڪائي ويئي هئي مينهن جو حال بلڪل خراب ٿي ويو هو. ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ تي هُن چيو تہ مينهن ڪا زهريلي شيءَ کائي ويئي آهي ۽ ڏهہ سُئيون هنيون ٻئي ڏينهن مينهن جي اکين مان نيرو پاڻي وهڻ لڳو ۽ مينهن انڌي ٿي ويئي هئي، ڊاڪٽر بہ هٿ کڻي ڇڏيا. تڏهن رات جو خواب ۾ ستگرو ديو رامپال داس جي مهاراج نظر آيا. اُنهن مينهن جي جسمر تي هٿ گھمايو صبح جو اُٿيا تہ اسان ۽ پاڙي وارن پنهنجين اکين سان مينهن جي مُنهہ ۾ نانگ ڏٺو تہ ڇِڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو، مينهن بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي ۽ پُورو کير ڏيڻ لڳي. اهڙا تہ ڪيترائي سُک ستگرو ديو اسانکي ڏِنا آهن. ڪلهہ تائين اسان وٽ ڏهہ روپيہ بہ ڪونہ هئا پر اڄ اُنهن ئي ٻنين ۾ ڌن پيدا ٿئي پيو ۽ ڪنهن جي اگيان هٿ ٽنگڻ جي ضرورت ئي ڪونهي، پاڙيسري چون ٿا تہ توهان جو گروديو ئي توهان جي لاءِ رامر آهي.

اگيانين پاران پٽڪايل پولو پالو سماج جا ڇاٽي اُنجي مهما کي؟ سنت رامپال داس جي مهاراج جا مخالِف تہ صرف ڪيچڙ اُڇلائڻ ڄاڻين ٿا. جنهن تان گُذرندي آهي، اُهي ئي ٻُڌائي سگھن ٿا تہ اُنهن کي اُنهن کان ڇا مليو آهي؟ اي گروديوَ جِي مهاراج! اسان توهانکي اِهائي پرارٿنا ڪريون ٿا تہ اسانکي پنهنجن چرڻن ۾ رکجو ۽

هزارين سالن تائين ئي ڏکايلن جو سهارو بڻجي رهجو. توهان پُورڻ پرماتما جا پُورڻ اوتار بڻجي آيا آهيو توهانجو نالو وٺڻ کانپوءِ اسانجي گهر ۾ ايترا تہ سُک مليا آهن. جو پرماتما جِن کي اسان بيان ئي نٿا ڪري سگهون، پوءِ بہ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. مون توهان کان 1996ع ۾ نام اُپديش ورتو اُن جي قريب هڪ سال بعد هڪ حادثو ٿيو، جيڪو هِن طرح بيان ڪريان ٿي.

هڪ رات مونکي اِهو ڏسڻ ۾ آيو تہ آءُ مساڻن جو پُڇي رهي آهيان تہ ڪٿي آهن؟ مونکي اُهي ڏيکاريا ۽ چيو تہ توکي سڀاڻي هِتي اچڻو آهي، هي مئلن کي دفنائڻ جي جگهہ آهي. صبح ٿيو تہ مونکي هڏڪي شروع ٿي ويئي، مٿي ۾ ايترو سُور ٿيڻ لڳو جو ٽڪرائجي مرِي وڃان، موت جا سڀئي ڪارڻ پُورا ٿيندي نظر اچي رهيا هئا. ڊاڪٽر کي وٺي آيا ۽ انجيڪشن لڳرائڻ چاهي پر ڊاڪٽر چيو تہ هي مرِي چُڪي آهي! ان کانپوءِ مونکي چار يم جا دُوت نظر آيا. اُنهن مونکي ٻنهي هٿن ۾ جهلي چيائون تہ اسانکي پڳوان موڪليا آهن ۽ توکي وٺي ويندا سين تنهنجو وقت پُورو ٿِي چُڪو آهي. مون چيو تہ منهنجو گروديوَجي وٺي وڃڻ ڪونہ ڏيندا، اُنهن چيو تہ تنهنجو گرو جي ڇا ڪندو؟ تنهنجو وقت تہ پُورو ٿي چُڪو آهي اسان ائين ڪنداسين جو تنهنجن هٿن سان ئي تنهنجِي مُوت ڪرائي ڇڏينداسين، هِن کانپوءِ منهنجن ئي هٿن سان منهنجي گلي کي زور سان دٻايو. منهنجا پراڻ اکين ۾ اچي ويا ۽ ڪنهن سان ڳالهائي نہ پئي سگهان.

بندِي ڇوڙ چون ٿا تہ ”آجم تيري گهٽ ني گهيري، تو رام ڪهڻ نهين پاوي گا“ ساڳي ئي حالت منهنجي ٿي اُن کان پوءِ ڪبير صاحب ڪمل جي گُل تي مون وٽ پرگهٽ ٿيا ۽ اُن بعد منهنجي اندران پُوڄيہ ستگرو رامپال داس جي مهاراج جو آواز آيو تہ هِن نياڻي کي توهان ڪيئن وٺي ويندا؟ هِن کي مان وٺي وڃڻ نہ ڏيندس، هِن کي تہ مان جڏهن چاهيندس تڏهن ئي وٺي ويندس. هِن جا توهان جيڪڏهن پير بہ ڪٽي ڇڏيندو تہ بہ مان جوڙي ڇڏيندس. ان کان علاوه گروجِي ٻيون بہ ڪافي ڳالهيون ٻُڌايون جيڪي سڀ بيان ڪونہ ٿي رهيون آهن. ان کانپوءِ يم جا دُوت پڇِي ويا ۽ گروجِي مونکي چيو تہ پُٽري تنهنجي موت کي مون ٽاري ڇڏيو آهي مان جڏهن چاهيندس تڏهن وٺي هلندس.

اسانجي هڪ مينهن جيڪا ويامڻ جي قريب هُئي اُها هڪ ڏينهن بلڪل پٿر وانگر بڻجي ويئي. ڊاڪٽر کي وٺي آياسين تہ ڊاڪٽر وقت کان اڳ هٿ سان ڦر ٻاهر نِڪتل جر سان سِر ٻڌي ڇڏي تہ اُها جرنُٽي ويئي، جر جي ٽُٽڻ بعد مينهن جي حالت تمام گهڻي خراب ٿي ويئي. اسان سڀئي ڇوڻ لڳاسين تہ هي مينهن هاڻي ڪونہ بچندي.

اسان گهبرائجي راتو رات پنج ڊاڪٽرن وٽ وياسين پر ڪوبہ ڊاڪٽر ڪونہ آيو، هر هڪ هڪڙي ئي ورندي ڏني تہ اِنهي کي نمتائڻ اسانجي وسِ جي ڳالهہ نہ آهي پوءِ سوچيوسين تہ هاڻي صرف پرماتما ئي بچائي سگهن ٿا. اِهو سوچي ڏکي ٿي آشا ڇڏي ڏني تہ اڄ مينهن کي ڪير بہ بچائِي نٿو سگهي پوءِ مون چيو تہ ڀڳت جي آشا نہ ٽوڙيو، اسانجو بندِي ڇوڙ سڀ ٺيڪ ڪري ڇڏيندو. اُن بعد بندي ڇوڙ اگيان ڊنڊوت پرڻام ڪيو ۽ پرارٿنا ڪئي، صبح جو هڪ ڊاڪٽر وٽ وياسين تہ ان اڇي ڏسِي چيو تہ هي بچندي ڪونہ اسانجي مينهن سان بہ ائين جو ائين ٿيو هو. مون ڊاڪٽر تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر بچي ڪونہ سگهي، پرميشور جي ديا سان جيڪڏهن بچي بہ ويئي تہ کير ڪونہ ڏيندِي. اُن جي ستن ڏينهن بعد گروجي نظر آيا تہ هو مينهن جي آنترين مان جَر ڪڍي رهيا آهن. صُبح جو مينهن جَر ڇڏي ۽ بلڪُل ٺيڪ ٿي ويئي ۽15 ڪلو کير ڏيڻ لڳي. اِها اسانجي بندي ڇوڙ جي ڪِرپا آهي، جڏهن تہ اسانجي پاڙيسرين جون چار پنج مينهون اهڙِي ئي بيمارِي ۾ مري ويون هُيون.

منهنجو ننڍڙو پُٽ جنهن جي عمر 14 سال آهي، جنهن جو نالو نونيت آهي هو ڇهن مهينن جو هو تہ نمونيا ٿي ويو هو ۽ پنجن سالن تائين مون هرمُمڪن ڪوشِش ڪئي ۽ ڊاڪٽرن جي علاج باوجود بيمارِي ختم نہ پئي ٿِي پر مون هار نہ مڃي ۾ هڪ ڏينهن هُن کي ستگرو رامپال جِي مهاراج ڪان نام دان ڏياريو، اُنهي ڏينهن ڪان سمجهو تہ جهڙو منهنجي پُٽ کي ڪو بيمارِي هُئي ئي ڪونہ. اڄ اُهو ٻالڪ پنهنجي عمر جي سڀني ٻارن ڪان تندرُست آهي. اِهي سڀئي چمتڪار اسانجي ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج جي بيحد ڪِرپا سان ئي ٿيا آهن.

سن 2004ع ۾ پورڻما جو ستسنگ هو، اسانجا فصل (ساريون) برسات نہ ٿيڻ ڪري سُڪي رهيا هئا. نهر جو وارو بہ گُذرِي چُڪو هو، ٻيو وارو مهيني بعد اچڻو هو. اُتي ٽيوب ويل وغيره جو نِظام ڪونہ هو ۽ سڄو دارومدار نهر تي ئي هو. آشرم مان پورڻما جو ستسنگ سماپت ڪرڻ بعد جڏهن اسان ٻني ڏِسڻ وياسين تہ اسانجي ادائي ايڪڙ زمين (سارين جي فصل وارِي) گوڏن تائين پاڻي سان ڀريل هئي. اِهي سڀئي خوابن ۾ بہ پُورا نہ ٿيندڙ اسان جا ڪم اسانجي ستگروديوَ جِي ڪِرپا سان ٿي ويا ۽ ٻين پاڙيسري آباد ڪارن افسوس ڪيو تہ اڄ نهر توهان جي ستگروديوَ صرف توهانجي لاءِ ئي کولائي هئي، ٻين سڀني جي فصلن جي ايوريج هڪ مڻ في ايڪڙ لٿي جڏهن تہ ستگروديوَ جِي ڪِرپا سان اسانجي فصل جي ايوريج 40 مڻ في ايڪڙ لٿي.

گهٽي ۾ گهٽا سُک اسان جي بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج اسان کي ڏِنا آهن. منهنجا ٻئي پُٽ (ڀگت اميت ۽ نونيت) مئي 2010ع کان دهلي پوليس ۾ نوڪرِي ۾ لڳي ويا. منهنجي ڪُٽنب جي طرفان ماڻهن کي عرض آهي ته توهان تمام جلدي ست لوڪ آشرم ڪرونٿا ۾ اچي سنت رامپال جِي مهاراج کان مفت ۾ نام نادان حاصل ڪريو، منُش جيوَن ضايع نہ ڪريو. **ڪبير پرميشور چون ٿا:**

ڪل ڪري سو آج ڪر، آج ڪري سو اب، پل ۾ پرلئہ هوئي گي، پهر ڪري گا ڪب.

ست صاحب، جئہ هو بندِي ڇوڙ ڪي، ستگرو رامپال جِي مهاراج ڪي جئہ هو.

## "اُجڙيل ڪٽنب آباد ٿيو"

آءُ ڀگت رميش پُٽ شرِي اُميد سنگهہ ڳوٺ پيٽوار، تعلقہ هانسي، ضلع هسار جو رهندڙ آهيان.هينئر ايم پلائيز ڪالوني جيل جي سامهون ڪُٽنب سان رهندو آهيان، نام وٺڻ کان پهرين اسان ڀُوتن جي پُوجا ڪندا هئاسين. اسانجي ڳوٺ ۾ "بابا سريہ" جي مقبوليت هئي جنهن تي اسان هر مهيني پورڻما تي جوتي لڳائڻ ويندا هئاسين. اسان شڪر وار، جنم اشٽمي ، شوارِتري جو ورت بہ رکندا هئاسين. پترن جو پنب دان ۽ شراڌ بہ ڪيندا هئاسين، پوءِ بہ (اسانجو گهر بلڪل اُجڙي چُڪو هو. جڏهن آءُ ٻارهن سالن جو ٿيس تہ منهنجي پيءُ جو انتقال ٿي ويو گهر ۾ ٿي پاتي هئاسين ، ٽِنهي جو پاڻ ۾ جهيڳڙو رهندو هو. ٽِنهي کي ڀُوت پريت تمام گهڻو تڪليف ڏيندا هئا ۽ اول ڪافي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريوسين پرڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو. پوءِ سيوڙين (ڀُوپن جهاڙ ڦوڪ وارن) وٽ وياسين ڪو چوڻ لڳو تہ توهان پنج هزار روپيہ ڏيئي ڇڏيو توهانکي بِلڪل ٺيڪ ڪري ڇڏينداسين ۽ ڪو ورِي چوي تہ ڏهہ هزار روپيہ ڏيئي ڇڏيو.

مٿئين چڪرن ۾ اسان برباد ٿي چُڪا هئاسين پر ڪو ڪک جو بہ آرام نہ آيو. اسان جي رشتيدار ڀگت رگهوير سنگهہ، ڳوٺ ڪونٺ ڪلان واري جي بار بار چوڻ تي منهنجي ماتا سن 1996ع ۾ سنت رامپال جِي مهاراج کان نام ورتو، منهنجي گهروارِي کي شادي جي پنج سال گذرڻ بعد بہ ڪو اولاد پيدا ڪونہ ٿيو، منهنجي ماتا جي چوڻ تي منهنجِي گهر وارِي بہ سنت رامپال جي مهاراج کان نام ورتو، نام وٺڻ بعد هڪ سال ڪانپوءِ منهنجِي گهروارِي کي پُٽ ڄائو. منهنجو ڀگوان تان يقين ڪچِي چُڪو

هو، انهي ڪري مون نام دان ڪونہ ورتو هو ۽ پنهنجي ماتا ۽ زال کي بہ سنت جي وٽ وڃڻ کان منع ڪندو هئس، منهنجو پُٽ جيڪو 15 ڏينهن جو ٿيو هو تمام گهڻو بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽر چيو تہ هي ٻار صبح تائين ئي بچندو ۽ هن کي گهر وٺي وڃو، شام جو هڪ ڀڳت بندي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال داس جي مهاراج جي باري ۾ ٻُڌايو تہ ”آشرم جِيند“ ۾ آيل آهن هو پُورڻ سنت آهن ۽ اهوئي هِن ٻالڪ کي ٺيڪ ڪري سگهن ٿا. اسان ڊاڪٽرن ۽ فقيرن وٽ هلي هلي ٿڪجي چُڪا هئاسين، منهنجو ڀگوان تان يقين ختم ٿِي چُڪو هو. اُن ڀگت جي کي منع ڪري ڇڏي پر هُن عرض ڪئي تہ هو خود بندي ڇوڙ ڀگوان زمين تي آيل آهن. جيڪڏهن هُو ديا ڪري ڇڏين تہ هي ٻالڪ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. اُن ڀگت جي ايتري يقين سان چوڻ تي مون پنهنجي ماتا جي کي اِجازت ڏني. منهنجي ماتا وڃي ٻالڪ کي سنت رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ رکي ڇڏيو ۽ روئندي روئندي پرارٿنا ڪئي تہ مهاراج جي هي ٻارڙو مرڻ وارو آهي، هاڻي توهان ئي هِن کي ٺيڪ ڪري سگهو ٿا. تڏهن بندِي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج چيو تہ ڪبير پرميشور جي رضا سان هي ٺيڪ ٿي ويندو، ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق اڳيئن ڏينهن هو ڪونہ رهڻو هو سو بِلڪُل ٺيڪ ٿي ويو (ٻولو بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج ڪي جئہ.)

اسانجو اُجڙيل گهر بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج جي ڪرپا سان ٻيهر آباد ٿي ويو. ايترو چمتڪار ڏسي بہ پاپ ڪرمن سبب مون نام دان ڪونہ ورتو ۽ اڳ واريون پُوڄائون ۽ ڀُوت پُوڄائون ڪندو رهيس اسانجي گهر تي بندِي ڇوڙ غريب داس جِي مهاراج جي واڻِي جو پاٺ سنت رامپال جِي مهاراج ڪندا هئا ۽ آءُ ٻاهر وڃي شراب پيئندو هئس. پوءِ هڪ سال بعد هڪ ڏينهن اسان جي گهر پاٺ هلي رهيو هو تہ شام جو بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج ستسنگ ڪيو، مون ستسنگ ٻُڌو نام پڻ ورتو ۽ اسانجي گهر ۾ ڏُک نالي جي شيءِ نہ رهي آهي. منهنجي ماتا ڪنهن جي ورغلائڻ ۾ اچي نام کنڊ ڪري ڇڏيو، ڪجهہ عرصي بعد سن 2000ع ۾ منهنجي ماءُ کي اچانڪ پيرن ۾ جلن ٿيڻ لڳي ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکاري تہ هُن چيو تہ هِن کي بلڊ ڪينسر آهي، هي ڏهہ پندرهن ڏينهن جي مهمان آهي جيڪڏهن P.G.I چنڊِي گڙهہ اسپتال وٺي وڃو تہ اُتي ڏيڍ لک جي علاج سان وڌ ۾ وڌ هڪ سال جي زندگي وڌي سگهي ٿي. پر سور ڪونہ گهٽجندو. بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جِي مهاراج ٻُڌايو تہ تنهنجي ماتا نام کنڊ ڪري ڇڏيو آهي. جيئن بجلي جو بِل نہ ڀرڻ سان ڪنيڪشن

ڪٽجي ويندو آهي ۽ بجلي جون سڀ سهولتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ وري بل پرڻ سان بجلي جون سيئي سهولتون وري بحال ٿي وينديون آهن. ائين منهنجي ماءُ غلطي تسليم ڪئي ۽ ستگرو ديوَ جي مهاراج وري نام ڏنو ۽ سر تي هٿ رکيو هٿ رکندي ئي پيرن مان جلن ۽ درد ختم ٿي ويا پوءِ اٽڪل ٻن سالن بعد ڏاٽ پڙهائڻ جي ڪري ڏاٽ مان رت اچڻ لڳو ڊاڪٽرن دوا ڏني ۽ ٽانڪا ٻه هنيا رت وهڻ بند ٻه ٽيو ڊاڪٽر بيماري چيڪ ڪئي ته خبر پئي ته هن کي بلڊ ڪينسر آهي ۽ هاڻي اُها ڦٽي چڪي آهي. هاڻي هي ٺيڪ نٿي ٿي سگهي هن کي گهر وٺي وڃو رت وهڻ جي ڪري هي ٻن ڏينهن ۾ مري ويندي پوءِ ٻئي ڏينهن هن جي پيشاب ۽ ڪاڪوس ۾ ٻه رت اچڻ شروع ٿي ويو. تڏهن مون ستگرو رامپال جي مهاراج کي فون ڪري ٻڌايو ته هي ٻن ڏينهن ۾ مرڻ واري آهي. تڏهن ستگرو رامپال جي مهاراج بندي ڇوڙ جيڪو ٻه ڪندا اُهو صحيح ئي ڪندا. پوءِ ٻي رات جو 2 بجي يم دُوت هن کي وٺڻ لاءِ آيا. منهنجي ماءُ مونکي چيو ته تنهنجو پتاجي (هو ڏهه سال اڳ مري ويا هئا) مونکي وٺڻ لاءِ آيا آهن. ايترو چوندي چوندي اُهو يم دُوت منهنجي ماءُ جي اندر داخل ٿي چوڻ لڳو ته آءُ هن کي وٺي ئي ويندس. هن جو وقت پُورو ٿي چُڪو آهي. مونکي چانهه پياريو. تڏهن اسان هُن جي لاءِ چانهه ٺاهي رکي ئي هئي ايتري ۾ اُهو يم دُوت چوڻ لڳو ته خبر نه آهي تنهنجي گهر ۾ ڪيڏي وڏي طاقت آهي جيڪا مونکي ماري رهي آهي. آءُ هتي وڌيڪ رهي نٿو سگهان مون کي جلدي چانهه پياريو آءُ وڃان ٿو ۽ گرم گرم چانهه ئي پئي ويو. ويندي چئي ويو ته توهانجي گهر ۾ پُورڻ پرماتما ويٺا آهن آءُ هن کي وٺي وڃي نٿو سگهان. اِهو چئي هو هليو ويو. هڪ منٽ بعد رت بلڪُل بند ٿي ويو. زبان ۽ ڏند جيڪي بلڪُل ڪارا ٿي ويا هئا بلڪل صاف ٿي ويا ۽ بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪرپا سان هو اڳ کان ٻه وڌيڪ صحت مند ٿي ويئي. پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور منهنجي ماءُ جي عمر پنج سال وڌائي ڇڏي 24 جُولائي 2005ع تي ست يگتي ڪري ست لوڪ رواني ٿي ويئي.

(ٻولو بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج ڪي جئہ)

## ست صاحب

## "گُرُدا ٺيڪ ڪرڻ ۽ شيطان کي انسان بنائڻ"

مان ڀگت جگديش پُٽ شري پريُو رام ڳوٺ پنجاب کوڙ دهلي D.T.C 81 (دلي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن) ۾ ميڪينڪ آهيان مون کي شراب راڪشش مزاج

انسان ٻڻائي ڇڏيو هو. شراب پيئڻ، مُرغي ۽ ماس کائڻ سگريٽ، حقو پيئڻ وغيره وغيره جو عادي ٻڻجي چُڪو هئس.

مان نوڪري تان شام جو اٽڪل 7 بجي گهر ايندو هئس. ڪيترائي دفعا گهڻو شراب پيئي وڃڻ ڪري گهر پهچندي رات جا 9 يا 10 ٿي ويندا هئا. شراب ۾ دُت ٿي هيڏانهن هوڏانهن لڙڪڙائيندو گهر ۾ داخل ٿيندو هئس، ايندي ئي پتني ۽ ٻارن ڪي مارڪُٽ شروع ڪري ڏيندو هئس، جنهنڪري گهر ۾ روزانو ڦهر مَتل رهندو هو. جِن ٻارن کي پيار سان پنهنجي ڇاتِي سان لڳائڻ کپي اُهي معصوم مونکي ڏِسي ڪٺن هيٺيان لِڪي ويندا هئا. ٻارڙا پنهنجي پيءُ جي گهر اچڻ جي راهه نهاريندا آهن ته پاپا جي ايندا ۽ اسانجي کائڻ لاءِ شيون آڻيندا پر آءُ کائڻ جي شين جي بجاءِ شراب ۾ مست ٿي اکيون ڳاڙهيون ڪري اُنهن کي مارڻ ۾ لڳي ويندو هئس.

ٻئي طرف منهنجي ڌرم پتنِي سُميترا ديوِي پنهنجي عذاب ڀٽيل زندگي سان گڏ خطرناڪ بيمارِي ۾ مُبتلا ٿي پساهه پُورا ڪري رهي هُئي ان جا ٻئي گُڙدا ختم ٿي چُڪا هئا ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو هو ته دواءَ ڪارائيندا رهو پر زندگي ڇهه مينهن کان وڌيڪ نٿي رهي سگهي. سچي انڊيا ميڊيڪل ۽ ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا هاسپيٽل دِلي کان اِها رپورٽ ملي ته گُڙدا خراب ٿي چُڪا آهن هي ڇهه مهينن کان وڌيڪ زِنده نٿي رهي سگهي ۽ گڏوگڏ دواءَ به آخري پساهه تائين کائيندي رهڻ گهرجي، اُنهن معصوم ٻارڙن جو ڪهڙو حال ٿيندو جنهن جو پيءُ شراب پيئندو هُجي ۽ ماءُ موت جي سيج تي هُجي. جڏهن ڪجهه ڪم به ڪري پئي سگهي تڏهن ٻارڙن کي خبر پئي ته سندس ماءُ به ڇهه مهينن کان وڌيڪ زِنده نه رهندي ته ٻارڙن جون اکيون لڙڪ روڪي نه سگهيون، هڪ ته پِتاجي شرابِي ۽ ٻيو ته ماءُ به موذي مرض ۾ مبتلا ته پوءِ اسانجو ڇا ٿيندو؟ ٽي ڇوڪريون ۽ ٽي ڇوڪرا پنهنجي امڙ وٽ ليٽي زور زور سان روئيندي ۽ داهيندي چوڻ لڳا ته اي ڀڳوان اسان سيني کي ئي امان سان گڏ پاڻ وٽ گهُرائي ونجان، هتي ڪنهن جي سهاري رهنداسين.

پرماتما اُنهن ٻارڙن جي پُڪار ٻُڌِي ۽ اسان جا شُڀ ڪرم بيدار ٿيا اسان جي پاڙي ۾ ڀڳت متِي نهالي ديوِي پنهنجي گروديوَ سنت رامپال جِي مهاراج جي اجازت سان 30، 31 ڊسمبر ۽ پهرين جنوري 1997ع تي ٽِن ڏينهن جو ستگرو غريب داس جي مهاراج جي امرت واڻِي جو اکنڊ پاٺ پنهنجي گهر رکرايو. جنهن ۾ سنت رامپال جِي مهاراج 31 ڊسمبر جِي رات جو 9 کان 11 بجي تائين ستسنگ ڪيو. منهنجي پتنِي سُميترا ديوِي به

پاڙي ۾ ستسنگ هئڻ ڪري ٻُڌڻ لاءِ هلي ويئي. ٿوري دير بعد آءُ (جڳديش) پڻ پنهنجي نوڪري تان واپس گهر اچي ويو هئس، گهر اچڻ تي ٻارڙن کان معلوم ٿيو تہ سندن ماءُ پاڙي ۾ مائي نهالي ديوي جي گهر ستسنگ ٻُڌڻ ويئي آهي. اهو ٻُڌي آءُ بيحد غُصي ۾ اچي ويس ۽ مون چيو تہ ڪٿي پاکنڊين وٽ هلي ويئي آهي. آءُ هينئرئي هُن کي ڪُٽيندي گهر ٿو وٺي اچان. اهو ويچار ڪٽي آءُ ڀڳتمتي نهالي ديوي جي گهر طرف روانو ٿيس. منهنجو شراب پيتل هو. جڏهن نهالي مائي جي گهر پُهتس تہ سنت رامپالداس جي مهاراج ستسنگ ڪري رهيا هئا. تمام گهڻي تعداد ۾ ڀڳت جن ستسنگ ٻُڌي رهيا هئا. اُنهن سڀني کي ڏسي مون بہ ڪجھ ڪونہ ڪُڇيو ۽ چُپ چاپ سڀني جي پويان ويهي ستسنگ ٻُڌڻ لڳس ستسنگ ۾ مهاراج جي ٻُڌايو تہ:-

**غريبداس: شراب پيوي ڪڙوا پاڻي، ستر جنم سُوان (ڪُتي) کي جاني.**

**غريبداس: سو ناري جاري ڪري، سُراپان سو بار، ايڪ چِلم حقہ پري، ڏوبي ڪالي ڌار.**

**ڪبير صاحب: مانش جنم پائي ڪر، جو نهين رٽي هري نام،**
**جيسي ڪُنوان جل بنا، بنوايا ڪِس ڪام.**

مهاراج جي ستسنگ ۾ ٻُڌايو تہ جِن ٻارن کي، پِتا کي ڇاتي سان لڳائڻ گهرجي هُن شرابي انسان کي ڏِسي ٻار ڪٿن هيٺ لِڪي ويندا آهن. شرابي انسان خود بہ ڏُکي، گهروارا بہ پريشان ۽ دولت جو بہ نقصان، سماج ۾ عزت ختم ۽ ڪُٽنب، پاڙي ۽ رشتيدارن تائين سڀني کي پريشان ڪري بد دُعا حاصل ڪندو آهي. جيئن تہ شرابي جي گهر واري ۽ ٻار تہ قهر جا شڪار ٿيندائي آهن. پر گهر واري جا ماتا پِتا ڀينرون، ڀائر وغيره پڻ ڏينهن رات پريشان رهندا آهن. سڀني پاپن جو بوجھ ان نادان شرابي تي ايندو آهي. مانُش جنم پريو ڀڳتي ڪري آتم ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ڏِنو آهي اُنکي شراب وغيره ۾ برباد نہ ڪرڻ گهرجي. جيئن جيڪي ٻار اسڪول ۾ تعليم نٿا پرائين ۽ آواره گُهمندا آهن اُهي تعليم کان محروم رهندا آهن، سڄي زندگي مزدوري ڪري زندگي گُذاريندا آهن، پوءِ اُنهن کي ياد ايندي آهي تہ جيڪڏهن آءُ آواره گردي نہ ڪريان ها تہ اڄ پنهنجن ٻين هم ڪلاسين وانگر وڏو آفيسر هُجان ها. پر هاڻي ڇا ٿئي؟ اهو تہ اُن وقت سوچڻو هو.

**ڪبير صاحب چون ٿا:**

**آڇي دِن پاڇي گئي، گرو سي ڪيا نہ هيت،**

**اب پڇتاوا ڪيا ڪري، جب چِڙيا چُگ گئين کيت.**

اهڙي طرح جيڪڏهن منش جنم ۾ جيڪو انسان ڀڳتي نٿو ڪري اُهو جانورن، پکين جي جوڻين ڪي پراپت ڪندو آهي. جيڪو انسان شراب پيئندو آهي. اُهو شراب جي نشِي ۾ ڪاڌي جِي ڀريل ٿالهي ڪي لت هڻندو آهي. ڀڳتي نہ ڪرڻ سان طرح طرح جي جانورن ۽ پکين جي جوڻين ۾ تڪليفون ڀوڳيندو آهي. ڪڏهن هو ڪُتي جي جوڻي اختيار ڪندو آهي ۽ ڪتو سڄي رات سردين ۾ بہ گهٽين ۾ ئي رهندو آهي سردين ۽ برسات جي راتين ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ڀوڳي ٿو صبح جو بُک ستائيندي آهي. ڪنهن گهر جي بورچي خاني ۾ گُهسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ گهر وارا ڏنبا هڻندا آهن، ڪُتو ڪافي دير ڙريون ڪندو رهندو آهي، ٻئي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اُتي بہ ڪهڙي خبر روٽِي ملندي يا سوٽِي. جيڪڏهن اُتي بہ ڏنبو نصيب ۾ هوندو تہ اُهو شرابي جيڪو هاڻي ڪُتو ٿيو آهي ڳوٺ کان ٻاهر وڃي ٿو بُک ستائڻ جي ڪري انسانن جو گند ڪائيندو آهي. جيڪڏهن اُهو نادان انسان جڏهن منُش شرير ۾ هو تڏهن ستسنگ ۾ اچي ها. سُٺا خيال ٻُڌي ها بُرائي ڇڏي پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرائي ها ٻارن کي بهترين سِکيا ڏيئي ها ۽ پرڀُو جي دِکشا پراپت ڪري ها تہ سدا سُکيو رهي ها. شراب جو نشو ڪجهہ وقت رهندو آهي پر پرماتما جي نام ڀجن ۾ مِليل سُک جو آنند سدائين گڏ رهندو آهي.

مٿي بيان ڪيل ستسنگ ستگرو سنت رامپال جِي مهاراج جو ٻُڌِي منهنجي شراب جو نشو لهي ويو، اکين مان لُڙڪ لار ڪري وهڻ لڳا، گهر آيس ننِد نہ پئي آئي. ٻهرين جنوِري 1997ع تي ٻنپهرن جو ڏيڍ بجي پنهنجي پتنِي کي گڏ وٺي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج وٽ ويس. سنت کان آتم ڪلياڻ واسطي اُپديش پراپت ڪيو، ان ڪانپوءِ اڄ 2005ع تائين شراب تماڪو ۽ گوشت کي هٿ بہ نہ لڳايو آهي. منهنجي پتني بہ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي کان نام اُپديش ورتو اُن ڏينهن کان بلڪل ٺيڪ آهي. ڊاڪٽرن جي علاج ۽ بيمارِي جا ايڪسري وغيره جون رپورٽون اڄ بہ اسان جي گهر پيل آهن ۽ سيني کي ڏيکاريندا بہ آهيون.

منهنجو توهان سيني ڀڳتن کي عرض آهي تہ توهان بہ پرِڀُو جي چرڻن ۾ اچو. سنت رُوپ ۾ آيل پرميشور جو پيغام وٺي ايندڙ سنت رامپال جِي مهاراج کي سُڃاڻو ۽ مفت ۾ نام اُپديش پراپت ڪري ڪِرپيا پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. ست صاحب: جئہ بندِي ڇوڙ ڪي.

**(ڀڳت جڳديش)**

# "پُوتن ۽ بيمارين جي پيڙهيل خاندان کي آباد ڪرڻ"

ڀڳت متي اُپليش ديوي پتنِي شرِي راميهر پُٽ شري مانگيرام ڳوٺ ۽ مرچ، تعلقو چرخي دادرِي ضلعو ڀِواني (هرياڻا)

آءُ اُپليش ديوي پنهنجي دُکي جيون جي هڪ جهلڪ توهانکي ٻُڌائي رهي آهيان. آءُ ۽ منهنجا ٻار (راهول ۽ جوتِي) گُذريل وقت جا بُرا حالات ياد ڪري گهبرائجي ويندا آهيون. جنهن کي بيان ڪرڻ وقت ڪليجو منهن ۾ اچي ويندو آهي.

6 ڊسمبر 1995ع جي رات ۾ بدمعاشن منهنجي پتِي کي ديوٽِي تان دوران ماري ڇڏيو هو. پر اُن پُورڻ پرماتما (ڪبير صاحب) اسان جو ڌيان رکيو ۽ منهنجي پتِي کي جيوَن دان ڏِنو ۽ اڄ اسان جي پُوري پريوار سميت بندي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي ديا سان پُورڻ پرماتما جي چرڻن ۾ جڳهه ملي ويئي آهي، اسان جي پريوار ۾ منهنجي پتِي کي صاف ڪپڙا پهرڻ بعد ڪجهه ئي دير کان پوءِ رت سان ڪپڙا رنڱجي ويندا هئا ۽ ٻارن کي ٻه کنگهه دوران بلغم سان گڏ رت ايندو هو. آءُ ٻه هڪ سال کان دل جي مرض ۾ مُبتلا ٿي چُڪي هئس. جنهن جون سال کان دوائون کائي رهي هُئس. منهنجو خاوند دلي پوليس ۾ آهي منهنجي سڄي جسم تي ڦٽ ڦوڙا ٿي ويندا هئا. گهر ۾ پريشانين سبب منهنجي مُڙس راميهر جو دماغي توازن ٻه بگڙي چُڪو هو.

اسان اُنهن پريشانين کان ڇُٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ سن 1995ع کان جُولاءَ 2000ع تائين هڪ درجن کان ٻه وڌيڪ لوپي، لالچي ۽ لنگڙن گروئن جا دروازا کڙڪايا ۽ ڀارت ديش ۾ تيرٿ استانن جهڙوڪ گنگا جمنا هري دُئار، جوالاجِي، چاموندا، چنت پُورڻي، نگرڪوٽ، بالاجِي، مهندِي پُور، گُڙگائون واري مائي ۽ گورک ٽِيلا راجستان وارين سيني جڳهين تي ٻارن سان گڏ ڪافي چڪر لڳائيندا رهياسين. پر اسانکي ڪاٻه راحت نه ملي.

اهڙي طرح اسانجي پريوار جي حالت ايستائين پهچي چُڪي هئي جو اسان هولي ۽ ڏيارِي ٻه ڪنهن درگاهن ۾ ويهي گذارڻ لڳاسين. اسان وڏا خوش نصيب آهيون اسانکي سنت رامپال جي مهاراج ذريعي پرم پُوجيه ڪبير پرميشور جي شرڻ ملي ويئي. هاڻي ڪيڏانهن ويا اُهي ڪال جا دُوت ۽ اُهي اسانجون بيماريون جن جو علاج سڄي اِنڊيا ميڊيڪل سينٽر (AIMS) دِلي ۾ هلي رهيو هو. اُهو ستگروجي چرڻن جي ڌوڙ اگيان ٽڪي ڪونه سگهيا.

25 فيبروري2001ع ۾ ڪال جي پُوجا ڪندڙ هڪ ڏاهي فون ڪري پُڇيو تہ اپليش تنهنجو نالو آهي؟ مون چيو تہ جي ها، توهان بہ پنهنجو نالو ٻڌايو؟ تڏهن اُهو سياڻو چوڻ لڳو تہ هي بلوان ڪير آهي؟ توهانجو ڇا لڳندو آهي؟ مون پُڇيو تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ اِهو سڀ ڇا جي لاءِ پُڇڻ ٿو چاهين؟ تڏهن اُهو سياڻو چوڻ لڳو تہ ڏي تون منهنجو نالو نہ پُڇ، آءُ ٻُڌائڻ ڪونہ ٿو چاهيان. آءُ هانسي شهر کان ڳالهائي رهيو آهيان. هي بلوان ۽ اُن سان گڏ هڪ ٻيو ماڻهو آيا ۽ ٻئي مونکي 3700 سئو رُوپيا توتي پڙهائي ڪرڻ لاءِ ڏيئي ويا هئا. مون تنهنجو فون نمبر پڻ بلوان کان ورتو هو، جو آءُ پُڇندس تہ اُن جي بيعزتي ٿي يا نہ. مون اهڙو بد ڪم رات ۾ ڪيو. جيئن آءُ سمهڻ لڳس تہ مونکي سفيد ڪپڙن ۾ جنهن گروجي تون پُوجا ڪندي آهين اُهو نظر آيو، جنهن مونکي ڇئي ڇڏيو هن جو انجام تون خود ڀوڳيندين هي پريوار سروَ شڪتيمان سڀ دک دُور ڪندڙ پرم پُوڄيہ ڪبير پرميشور جي شرڻ ۾ آهي. تنهنجي ڪهڙي اوقات آهي؟ هِتي جو ڌرمراج بہ هاٿي هِن پريوار جو ڪجھ بہ نٿو بگاڙي سگهي.

**غريب، جم جورا جاسي ڊري، ميٽين ڪرم ڪي ليک.**
**عدلي عدل ڪبير هي، ڪُل ڪي ستگرو ايک**

پرم پُوڄيہ ڪبير پرميشور کان جم (ڪال ۽ ڪال جا دُوت) ۽ موت بہ ڊڄن ٿا. هو پُورڻ پرڀو پاپ ڪرم جي ڏنب جي ليک کي بہ سماپت ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪانپوءَ انهي سياڻي چيو تہ ڏيءِ آءُ توکي اِهو ٻڌائي ڇڏيان تہ تون جنهن پرميشور ديوَجي پُوجا ڪندي آهين. اُهو بيحد طاقتور آهي، آءُ 25 سال کان " ڪارڻ ڪرڻ" جو اِهو ڪم ڪري رهيو آهيان نہ ڄاڻان ڪيترائي پريوار اُجاڙي چُڪو آهيان پر اڄ پهريون دفعو هار کاڌي آهي، ڏي اِنهي شڪتي کي متان ڇڏجان نہ تہ مار کائي ويندين تنهنجي بربادي ۽ خاتمي لاءِ بلوان وغيره گهمي رهيا آهن. مون چيو تہ اسان پُورڻ پرماتما جي پُوجا ڪندا آهيون. بلوان منهنجي پتِي جو وڏو ڀاءُ آهي. اسانجو جاني دُشمن بڻيل آهي. اڄ اسان ايترو خوش نصيب آهيون جو اسانجي دل ۾ ڪنهن ڪم يا شيءِ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي تہ اُن کي ستگرو ديوَ ست ڪبير صاحب جِي پُورو ڪري ڇڏيندا آهن.

**گُرو گووِند دونُون کڙي، هم ڪِس ڪي لاگون پائي.**

**بليهارِي ستگرو رامپال جي کي چرنون ۾، جِن پرميشور ڏِيا مِلائي.**

**اي ڀائرو ۽ ڀينرو!** اسان پُورو پريوار گڏجِي توهان کي اِهو مشورو ڏيون ٿا تہ جيڪڏهن توهانکي ست لوڪ جو مارگ پُورڻ موڪش ۽ سيئي سُک حاصل ڪرڻا آهن ۽ سنسارِي ڏُکن کان ڇُٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي تہ بندِي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج کان ست نام پراپت ڪري وٺجو ۽ پنهنجو انمول منُش جنم سڦل ڪري وٺجو (ست صاحب)

(ڀڳت متِي اُپليش ديوِي)

## "ڀڳت ستيش جي آتم ڪٿا"

آءٌ ڀڳت ستيش داس193 سيڪٽر 7 آر. ڪي پورم نئي دِلي جو رهندڙ آهيان مٿيون سٽون منهنجي جيون ۾ يادگار هونديون آهن. ڇو تہ ستگرو بندِي ڇوڙ رامپال جِي مهاراج جو ستسنگ پريتم پوار دِلي ۾ ڊسمبر 1997ع ۾ ٿيو تہ اسان پنهنجي هڪ دوست جي چوڻ تي ستسنگ ٻُڌڻ وياسين. پر پراڻي ريت ۽ رواج واريون پُوڄائون ڇڏڻ جون ڳالهيون ٻُڌڻ بعد منهنجي دل ستسنگ ۾ ڪونہ لڳي. ستگروجي شاستر پڙهِي ڪري سمجهائي رهيا هئا تہ منهنجي من ۾ آيو تہ ڪتابن کي اسان گھر ۾ ويهي پڙهي وٺنداسين، اهڙي طرح جوتي نِرنجن (ڪال) منهنجي ٻُڌي ناس ڪري ڇڏي ۽ منهنجي ڀڳتِي وارو چينل بند ڪري ڇڏيو ستگرو اسان کي سمجهائين ٿا تہ:

گرو بِن ڪنهين نہ پايا گيان، جيون ٿوٿا بيج ڇڙي موند ڪِسانا.

گرو بِن پرم نہ جوتِي پائي، ڪوٽِي اپائي ڪـــرو چـــتُرائي.

اهڙي طرح اسان جِي بُـڌي ناس تي وڃڻ ڪري اسان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا واپس گھر اچي وياسين. سن 1999ع ۾ منهنجي پتنِي شريمتِي منجُو کي دماغي ڪينسر (بُرين ٽيومر) ٿي ويئي. جنهن جي خبر اسانکي صفدر جنگ اسپتال ۾ ڏيکارڻ ۽ علاج وقت ٿي، اُن کانپوءِ مون اُن کي پنت اسپتال ۽ A.I.M.S نئي دِلي ۽ اپُولو اسپتال نئي دِلي ۾ بہ ڊاڪٽرن کي ڏيکاري. سيني هنڌ سينِي ڊاڪٽرن جلدئي آپريشن جو مشورو ڏيندِي چيو تہ آپريشن جي دوران اُن جي هڪ هٿ ۾ پيرالائسز ٿي سگهي ٿو. اپُولو اسپتال جي ڊاڪٽر تہ رپورٽ ڏِسندي ئي ايستائين چئي ڇڏيو تہ هِن جون ٻئي اکيون اڃان تائين ٺيڪ ڪيئن آهن؟ بروقت آئي اسپيشلسٽ کان ٽيسٽ ڪرائڻ جو چيو، مون بہ بروقت ٽيسٽ ڪرائي تہ اکين جي ماهر ۽ دماغ جي ماهر صلاح ڏِني تہ هر 15 ڏينهن بعد هن جي اکين جي جانچ ڪرائيندا رهجو، ڪڏهن

ٻہ ختم ٿي سگھن ٿيون. چاڪاڻ تہ ٻُرين ٽيومر اهڙي جگھہ تي آهي، منهنجِي زال ۾ آءُ ٻئي ڄڻا پيرن کان اڳيئي معزور آهيون ۽ مٿان وري هٿن ۾ اکين جي ختم ٿي وڃڻ جو ٻُڌي ساهہ مٿي جو مٿي ۾ هيٺ جو هيٺ ئي رهجي ويو. پر ڪوبہ چارو نہ ڏِسي، مون پنت اسپتال نئي دِلي ۾ آپريشن ڪرائڻ جو سوچيو ۽ ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق INMAS اسپتال تمارپُور دلي کان MIR ۽ ٻيون سيئي ٽيسٽون ڪرائي ورتيون. صرف آپريشن جِي تاريخ وٺڻي هُئي. اسان کي پُورڻ پرماتما تتوَدرشي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي اڳ ٻُڌل ستسنگ جو اهي سٽون ياد آيون:

**جن مِلتي سُک اُپجي، مِٽين ڪوڙي اُپاده،**
**پون چٽُر دس ڊونديو، پرم سنيهي ساده.**

۽ اسانجو ڀڳتي چينل پرميشور آن ڪري ڇڏيو ۽ من ۾ خيال اُٿيو تہ آپريشن کان پهرين نام اُپديش وٺي ٿا ڏِسون، پنهنجي دُوست سان گڏجي پريتم پُورا دِلي ۾ وجي 4 فيبروري 2001ع تي پُورڻ پرماتما تتودرشِي سنت رامپال جِي مهاراج کان نام دان ورتو. اڳ واريون سيئي پُوجائون ڇڏي ڏِنيون. ستگرو ديوَ جي اکنڊ پاٺ ڪرائڻ جي صلاح ڏيندِي چيو تہ پرماتما چاهيو تہ آپريش ٽري ويندو ۽ سڀ ڪجھہ ٺيڪ ٿي ويندو. اسان ستگرو جي آگيا مطابق گھر ۾ ٽِن ڏينهن جو اکنڊ پاٺ ڪرايو ۽ اُن ڪانپوءِ آپريشن جي تاريخ وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر وٽ پنت اسپتال نئي دلي وياسين. جيڪو ڊاڪٽر پهرين آپريشن جي صلاح ڏيئي رهيو هو. اُهوئي ڊاڪٽر ٻي MIR ڏِسي چوڻ لڳو تہ هاڻي آپريشن جي ڪابہ ضرورت ناهي، تڏهن ستگرو جي واڻي ياد آئي تہ :

**ستگرو داتا هين ڪل مانهين، پراڻ اُڌارڻ اُتري سائين،**
**ستگرو داتا دين ديالم، جَم ڪنڪر کي توڙي جالم.**

۽ اسان ستگرو کي ياد ڪري زارو زار روئڻ لڳاسين تہ اي پرميشور! اسان توهان جِي مهما جي ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪريون، اهڙي طرح پُورڻ پرميشور ڪبير صاحب جي اوتار تتوَدرشي سنت رامپال جِي مهاراج جي ڪرپا سان اسانجو آپريشن ٽري ويو ۽ اُن ڪانپوءِ اسان هڪ پئسي جي بہ گوري دواءَ وغير نہ کاڌي آهي سکن واري زندگي جيئي رهيا آهيون.

20 نومبر 2004ع جي رات جو ڪال جي جهپٽي جي ڪري منهنجِي زال لاش جي طرح ٿي ويئي هُئي. پرميشور جو امرت پيارڻ بعد هوش آيو پوءِ ان کي ستگرو وٽ وٺي وياسين. ستگرو ٻُڌايو اڄ هن جي موت ٿيڻي هُئي پر ڪبير پرميشور اُن جي عمر وڌائي ڇڏي آهي ۽ هاڻي هن کي ڀڳتي ڪرڻي آهي.

وري 22 نومبر 2004ع تي منهنجي زال کي سونيپت ستسنگ ۾ ئي پيرالائسز جو اٽيڪ ٿيو، جنهن ڪري ان جي هٿ جي طاقت ختم ٿيڻ لڳي ته اُن وقت ستگرو جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ نظر اچڻ لڳو ۽ اٽڪل 5 منٽن تائين ڏسڻ ۾ ايندو رهيو. پيرالائسز جو اثر ختم ٿي ويو ته ستگرو جو هٿ نظر کان غائب ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين هو بلڪل ٺيڪ آهي.

ستگرو ديو تتودرشي سنت رامپال جي مهاراج جيڪي ڪبير صاحب جا اوتار آيل آهن. اسانکي سِڌ ڪري ڏنو ته :

**غريب: جم جورا جا سي ڊري ، مٽي ڪرم ڪي انڪ،**
**ڪاغذ ڪيري درگهه دئي، چودهه ڪوٽي نه چمپ.**

(ست صاحب جئه بندي ڇوڙڪي)
ڀڳت ستيش مهرا
RLF-907-17راڄ نگرII پالم ڪالوني
نئي دلي، موبائيل نمبر: 09718184704

# "ڀڳت رام سوَرُوپ داس جي آتم ڪٿا"

## "بندي ڇوڙ ڪبير پرميشور صاحب کي جئه"

آءٌ ڀڳت رام سورُوپ پُٽ منگت رام، ڳوٺ ٻڙولي ضلعي امبالا جو رهندڙ آهيان. مون تيرهين سالن کان ڏن ڏن ستگرو کان نام وٺي رکيو هو. ڇهه سال اڳ منهنجن هٿن پيرن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو، ڇيلهه کان هيٺ منهنجو سڄو ڌڙ سُن ٿي چُڪو هو. منهنجا ٻئي پُٽ مونکي امبالا سرڪاري اسپتال ۾ وٺي ويا پوءِ پرائيوٽ ڊاڪٽرن کي به ڏيکاريو. اُن کانپوءِ مونکي ٻن سالن تائين هيڏانهن هوڏانهن علاج لاءِ وٺي وڃڻ بعد P.G.I اسپتال چنڊي گڙهه به وٺي ويا. اُتي هڪ سال ۾ منهنجون ٻه ٽيسٽون ڪيون ويون ڇوته جنهن مشين سان منهنجي ٽيسٽ ٿيندي هئي اُن ۾ منهنجو نمبر هڪ مهيني بعد ايندو هو جنهن جي في 6 هزار روپيه هئي. اُتي منهنجي ٻئي دفعا ٽيسٽن ۾ بيماري جي ڪارڻ جي خبر ڪونه پئي ته ٻه دفعا منهنجي سر جو آپريشن ڪرڻ جو چيو ويو. جنهن ۾ منهنجي جان جو خطرو ٻُڌايو ۽ چيوته مُڪمل ٺيڪ ٿيڻ جي ڪا به گارنٽي ڪانهي. ان کانپوءِ گهر وارا مونکي بابا رامديو جي يوگ آشرم ۾ به وٺي ويا. اُتي منهنجو چند ڏينهن علاج جاري رهيو. پر ڪو به آرام نه ملڻ ڪري مونکي گهر وٺي آيا پوءِ مونکي جهاڙ ڦونڪ ڪندڙن وٽ پنجاب ۽ هريانا وغيره هنڌن تي وٺي

ويا اُتي بہ مونکي ڪوبہ آرام ڪونہ ٿيو. مون سوچي ورتو تہ هاڻي زندگي ئي ٿورڙن ڏينهن جي آهي. جڏهن آءُ سيني طرفن کان ناڪام ۽ مايوس ٿي ويس تہ مونکي منهنجي ڇوڪري جنهن جي شادي شاهپور (امبالا) ٿي هئي ان مونکي اُتي گهرايو. منهنجي جمائي (نياڻي جي پتي) سنجُو ڪُڪو ڀڳت جي باري ۾ ٻُڌايو جيڪو 15 آگسٽ 2008ع تي مونکي بروالا آشرم ۾ بندي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي وٽ وٺي ويا. 16 آگسٽ 2008ع تي مون نام دان ورتو. ان ڪانپوءِ مون کي آرام ٿيڻ لڳو. گروجي ڪِرپا سان مون خود پنهنجي ٻني ۾ ٽريڪٽر هلايو ۽ پنهنجي سڄي ٻني ۾ پوکائي جو ڪم ڪيو گرو مهاراج جي آشيرواد سان مونکي وري جيوَن دان مِليو. گروجي مهاراج بندي ڇوڙ جيڪا ڪِرپا ڪئي. اُن کي زبان سان بيان نٿو ڪري سگهان گروجي! توهان ست لوڪ کان مون کي جيوَن دان ڏيڻ لاءِ آيا آهيو. منهنجو توهانکي ڪوٽي ڪوٽي ڏنڊوت پرڻام آهي.

(ست صاحب جئہ بندي ڇوڙ ڪي)

توهانجو داس ڀڳت رام سوَروپ داس
ڳوٺ بڙولي ضلعو امبالا

## "ڀڳت وحيد خان جي آتم ڪٿا"

(بندي ڇوڙ ڪبير صاحب ڪي جئہ)

بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ ڪوٽي ڪوٽي پرڻام.

مان وحيد خان پُٽ مُنشي خان ڳوٺ ميهگائون ضلعو ڀنڊ (مديہ پرديش) جو رهندڙ آهيان. مان ٽِن سالن کان سخت بيمار هئس، منهنجا ٻئي گُردا خراب هئا. مون بہ سال گواليئر ۾ وڏن وڏن M.B.B.S ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو. پر ڪابہ راحت ڪونہ ملي. ان ڪانپوءِ گواليئر جي ڊاڪٽرن مونکي آل انڊيا ميڊيڪل سينٽر (A.I.M.S) دِلي ريفر ڪيو اُتي ڊاڪٽرن مڪمل چيڪ اپ بعد ٻُڌايو تہ ٽي بوتلون رت جون لڳنديون، پهرين تنهنجو رت فلٽر ٿيندو پوءِ تنهنجي پريوار جي ڪنهن فرد جي ٻُڪي ڪڍي توکي آپريشن ذريعي لڳائي ويندي، آپريشن جو خرچ چار لک روپيہ لڳندو، ايترا روپيہ ڏيڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪونہ هئي، انهي ڪري دلي کان واپس پنهنجي گهر اچي ويس ۽ بي سهارا بڻجي موت جو انتظار ڪرڻ لڳس. ڇاڪاڻ تہ مان کائڻ پيئڻ ۽ هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي چڪو هئس. پوءِ ڪنهن شخص کان خبر ملي تہ هرياڻا ۾ بروالا ضلع هِسار ۾ پرماتما جي رُوپ ۾ سنت آيل آهي جيڪو لاعلاج بيمارين کي پرماتما جي ڀڳتي سان ٺيڪ ڪري ٿو. اِهي لفظ ٻڌي مان 24 جولائي

2009ع تي سنت جي چرڻن ۾ پهچي نام دان ورتو. نام دان وٺڻ کانپوءِ مونکي آرام اچڻ شروع ٿي ويو ۽ آهستي آهستي هڪ مهيني اندر مان سنت جي ڪرپا سان بلڪل ٺيڪ ٿي ويس. منهنجي ستگرو جي ديا جي ثبوت طور منهنجي بيماري جي سيني ٽيسٽن جا دستاويز مون وٽ موجود آهن.

**اي پرم پتا پرميشور!** توهان مونکي جيڪا زندگي ڏني آهي ان جو احسان مان ڪڏهن بہ لاهي نٿو سگهان. منهنجا ستگرو! پنهنجي داس تي پنهنجي ڪرپا ڪري ائين ئي پنهنجن چرڻن ۾ لڳائي رکجو.

توهان جو داس
ڀڳت وحيد خان ولد مُنشي خان
ڳوٺ پوسٽ آفيس تعلقو ميهگائون ڳوٺ
ضلعو ڀنڊ (مڌيہ پرديش)

## ”ڀڳت متِي تارا ڪٽا تي بيحد ڪرپا ٿي“

بندِي چوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ ڪوٽِي ڪوٽِي ڊنڊوت پرڻام. مان تارا ڪٽا جئہ پُور جي رهواسي آهيان. سنسڪرت ۾ ايم-اي آهيان راجستان يونيورسٽي مان (B.A) ۽ سنسڪرت (M.A) ۾ سونو پلو مليل آهي. مون ڇهہ ليکڪن جي گيتا، اُپنيشد، پُراڻ، سيئي درشن شاستر ۽ سيني گروئن جا خطاب ٻُڌا پر مطمئن ڪونہ ٿيس. هڪ دفعي جئہ پور ۾ ڀاسڪر ڀڳتي تي ستگرو رامپال جِي مهاراج جو پروگرام ٻُڌو ۽ 30 نومبر 2003ع تي نام اُپديش ورتو. اُن وقت مان تمام گهڻين بيمارين ۾ مُبتلا ۽ پريشان هئس مئي 1997 ۾ مونکي بائيوپسي ٽيسٽ ذريعي خبر پئي تہ مون کي السريٽو ڪولائيٽش جي بيماري آهي جنهن ۾ وڏي آنڊي ۾ ڦوڙا ٿي ويندا آهن ۽ ڪاڪوس ۾ خون ايندو آهي. ان متعلق ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ هن جو ڪٿي بہ علاج ممڪن نہ آهي، مون کي 2002/6/3 تائين آنڊي ۾ السر 75 سينٽي ميٽر تائين وڌي ويئي هئي، 10 اپريل 2008ع تي گروجي جي چوڻ تي مون دوا بند ڪري ڇڏي جنهن ۾ چار گوريون تہ اهڙيون هيون جو ڊاڪٽرن چيو هو تہ جيڪڏهن زنده رهڻو آهي تہ سڄي زندگي کائڻيون پونديون 23 اپريل 2004ع تي منهنجن ڦڦڙن ۾ انفيڪشن ٿي ويو هو، جڏهن مان ڊاڪٽر وٽ علاج لاءِ ويس تہ ڊاڪٽر منهنجو ايڪسري ڏِسي چيو تہ توهان اهڙِي بيماري ۾ گهيريل آهيو جنهن ۾ توهانکي بخار رهڻ کپي، وزن گهٽجڻ گهرجي ۽ رت جي کوٽ ٿيڻ گهرجي پر توهان بلڪل صحتمند آهيو. مون چيو تہ اها منهنجي ستگرو رامپال جِي مهاراج جي ڪرپا آهي، ڪرم جي مار تہ مون تي اچڻ کپي، پر منهنجو گرو ديو ڪرم جي اُن سزا کي مون تي حاوي ٿيڻ نہ پيا ڏين، اهڙي طرح پرماتما

پنهنجي ڀڳت جي رڪشا ڪن ٿا. ان سان ڊاڪٽر ڪافي متاثر ٿيو. هڪ ڀيري جنوري 2009 ۾ پرچار جي لاءِ ويٺو هو، سڄي رات رت جي پچڪاري هلي، صبح سوچيم ته مرڻو آهي ئي پرچار ڪندي مري وڃان. ٽيئن ڏينهن مان بنا دوا جي ٺيڪ ٿي ويس. ڊاڪٽر هڪ دفعي چيو ته ڪارٽيسون سٽيرائيڊ شرير کي هلائڻ لاءِ روز وٺڻي پوندي. پر سنگرو رامپال جي مهاراج جي چوڻ تي مون سڀ دوائون ڇڏي ڏنيون. مون هڪ به دوا ڪونه ورتي ۽ اڄ مان سنگرو رامپال جي مهاراج جي دِيا سان بلڪل ٺيڪ آهيان. ايتري ڏکي عرصي کان هلندڙ بيمارِي گروديوَ جي شرڻ ۾ اچڻ سان بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي. منهنجو چوڻ آهي ته هن تتوگيان ۽ ست ڀڳتي جهڙو مارگ ٻيو ڪٿي ئي ڪونهي. سنت سنگرو رامپال جي مهاراج ساڪشات پُورڻ پرماتما جا اوتار آيل آهن.

سنگرو جي چرڻن ۾ ڊنڊوت پرڻام. ست صاحب

ڀڳت متي تاراڪتا. جئه پُور

فون نمبر 09772312335

## ”گرو ڪرپا جي مهما“

مان ترلوڪ داس بيراگي گرام ڊيمرڪيڙا، ضلعو ڪٽني، مڌيه پرديش جو رهاڪُو آهيان. مون 27 جون 2010ع تي نام دان ورتو هو تڏهن مونکي خبر ڪونه هئي ته نام دان نه بلڪه امرت وٺي رهيو آهيان. منهنجي ڳالهه توهان کي بيحد حيرت انگريز لڳندي، پر مون کي قسم گروديوَ جي چرڻن جو، اُن ۾ مون جيڪو محسوس ڪيو يا جيڪي پرماڻ منهنجي اڳيان ٿيا مون سوچيو به نه هو ته مون سان اهڙو چمتڪار ٿيندو. نام دان وٺڻ بعد ڇهين مهيني منهنجو پُٽ بيمار ٿئي ٿو جنهن جو جنم پنج نياڻين بعد ٿيو هو، مان لڳاتار هڪ مهيني تائين پنهنجي پُٽ جو علاج M.B.B.S ڊاڪٽرن کان ڪرائيندو رهيس پر ٻارڙو ٺيڪ نه ٿيو، اوچتو منهنجي ٻالڪ هڪ ڏينهن صبح 9:00 بجي اک بند ڪري ڇڏي مطلب بيهوش ٿي ويو. مان هن کي ڪٽي اُمرياپان ڀڳس اُتي جي سيني ڊاڪٽرن علاج ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو، مان ان کي ڪٽي سيهور ويس سيني جاين تي M.B.B.S ڊاڪٽر آهن پر پُٽ جي حالت ڏسي سيني علاج ڪرڻ کان جواب ڏنو مطلب ته اُنهن ٻُڌائڻ چاهيو ته تنهنجو پُٽ جي موت ٿي چُڪي آهي. پُٽ جي عمر صرف هڪ سال جي هئي، دل جهلي هڪ ڊاڪٽر چيو ته جيڪڏهن مون کي آڪسيجن ملي وڃي ته شايد ڪجهه ٿي سگهي ٿو. مون بروقت فور ويلر بُڪ ڪئي ۽ جبل پُور جي لاءِ ڀڳس جو ته اُتي ٻارن جو ريسرچ سينٽر آهي. اُتي جي ڊاڪٽرن ٻار جي حالت ڏسي چيو ته هن ۾ ڪٿي به ڪابه هلچل ڪونه ٿي

رهي آهي،جتي بہ سوئي لڳايان ٿو ھِن کي محسوس ئي نہ ٿي رهي آهي، داخل ڪرڻ منهنجي رِسڪ جي ڳالهہ آهي. مون چيو تہ داخل ڪريو، داخل ڪري علاج شروع ڪريو باقي سڀ پرماتما تي ڇڏي ڏيو. ڊاڪٽر چيو تہ جيڪڏهن هن کي 6 ڪلاڪن ۾ هوش اچي وڃي تہ شايد بچي وڃي نہ تہ مشڪل آهي. صبح 9:00 بجي کان رات جا 9:00 ٿِي چُڪا هئا، پر ٻارڙو هوش ۾ نہ اچي رهيو هو، ٻارڙي جي ماءُ ۽ مون روئڻ شروع ڪري ڏنو، اوچتو منهنجو ڌيان "گيان گنگا" ۽ "ڀڳتي سوداگر ڪو سنديش" ۾ لکيل چمتڪارن جي طرف ويو جيڪي ڀڳتن سان ٿيا آهن. مون پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ پنهنجو پاڻ کي گروجِي جي چرڻن ۾ ڪيرائي ڇڏيم ۽ چيم تہ گروجِي منهنجي پُٽ جي رکشا ڪريو ۽ مونکي جيڪو وشواس هو گرو جي مهما تي، اُن جي لڄ رکو، اٽڪل 12:00 بجي جڏهن ڊاڪٽر چڪر تي آيو تہ چوڻ لڳو تہ ٻارڙي جي حالت ۾ ڪهڙو سُڌارو آهي؟ مون چيو تہ جهڙو صبح جو هو اهڙو ئي اجان بہ آهي. ڊاڪٽر انجيڪشن گهرائي ۽ ٻارڙي جي جنگهہ ۾ لڳائِي انجيڪشن لڳندي ئي ٻارڙو روئڻ لڳو. جهڙي طرح اُها انجيڪشن خود گروجي لڳائي هُجي. سڄي هال ۾ خوشي جي لهر ڇائجِي ويئي، ڊاڪٽر منهنجي مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيو تہ هاڻي تنهنجو ٻارڙو هوش ۾ اچي ويو آهي، اهڙي مرض وارا ٻارڙا تمام گهٽ هوش ۾ ايندا آهن.

**ٿورو سوچيو!** انجيڪشن جو اثر تہ ڏهہ يا پندرهن مِنٽن کانپوءِ ٿيندو آهي. ٻارڙو سوئي لڳڻ جي سور سان ئي روئڻ لڳو. ان مان ظاهر آهي تہ اهو سڄو ڪمال پرميشور ڪبير صاحب جو ئي آهي.

**ستگرو شرڻ ۾ آني سي، آئي ٽلي بلاءِ. جي ڀاگ ۾ مِرتيو هو، ڪانٽي ۾ ٽل جا.**

گروجِي چون ٿا تہ درد سان گڏ منتر جاپ ڪرڻ سان جيڪو چمتڪار ٿيو مان دنگ رهجي ويس، مون اسپتال ۾ گروجِي جي چرڻن جي وندنا ڪئي ۽ ڌنيواد ڏيندي روئي ويئس، ڊاڪٽر چيو تہ هن کي اٺ ڏينهن لڳاتار علاج جي ضرورت آهي 24 ڪلاڪن جا پنج هزار لڳي رهيا هئا. مون ڊاڪٽر کي چيو تہ مونکي صبح جو موڪل ڪيي. ڊاڪٽر چيو تہ جيڪڏهن توهان هن کي گهر وٺي ويا تہ هي مري سگهي ٿو. مون چيو تہ جيڪو بہ ٿيو ڏٺو ويندو. بس مونکي موڪل ڪيي. اڄ ٻارڙي کي ڇهہ مهينن کان وڌيڪ ٿي ويا آهن ڪڏهن بخار بہ نہ آيو آهي اهڙي مهما ڏِسي مان خوش نصيب ٿي ويس.

منهنجي همٿ سائيڪل وٺڻ جي بہ نہ هئي ڇو تہ منهنجي خانداني حالت ٺيڪ ڪونہ هئي، اچانڪ اسٽيٽ بئنڪ جي مينيجر صاحب چيو تہ توهان بئنڪ  ڪان قرض وٺڻ پسند ڪندؤ. مون چيو تہ جيڪڏهن ملي وڃي تہ انهي ڪان وڌيڪ ڇا آهي. منهنجي مالي حالت سُڌري ويندي. بئنڪ مينيجر مونکي ڏيڍ لک جو قرض ڏيئي ڇڏيو.
سائيڪل نہ خريد ڪري  سگهندڙ ماڻهو  اچانڪ  55 هزار جي هيرو هونڊا گاڏي وٺي آيو. اڄ مزي سان گاڏي ۾ گُهمان ٿو. مان شاسڪيہ اسڪول ۾ پٽوالي جي عهدي تي ڪم ڪندو هئس، نوڪري  ڪندي مونکي 16 سال گُذري چُڪا هئا پر منهنجي مالي حالت ٺيڪ ڪونہ ٿي. جبل پُور شعبي ڪان پروموشن ٿي ۽ فقط مون اڪيلي جو پروموشن ٿيو. مان  پٽيوالي مان ڪلرڪ ٿي ويس. ماڻهن ڪي ڪرسي رکي ڏيڻ وارو ماڻهو خود صاحب بڻجي ڪرسي تي ويهي رهيو، منهنجي آمدني ايتري ٿي ويئي جيتري مون سوچي بہ ڪونہ هئي. منهنجو ننڍو ڀاءُ B.ED جو  آسرو ڇڏي مايوس ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن اچانڪ هن وٽ ڪائونسلنگ ليٽر آيو. هِن کي وشواس ئي ڪونہ ٿيو ڇو تہ هِن کي  29 مارڪون  مليل هئا. ED.B ڪرڻ لاءِ 33 مارڪن ڪان مٿي ضرورت هئي پر هِن دفعي28 مارڪن وارن کي ڪنيو ويو. جنهنڪري  ان جون29 مارڪون هئڻ سبب هِن کي موقعو ملي ويو ۽ اڄ  B.EDڪري رهيو آهي. اِهي چار چمتڪار اهڙا ٿيا جنهن جي باري ۾ مون ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو پر رامائڻ ۾ لکيل اُهو ياد  اچي ويو تہ: ”مات پتا گرو ڪِي واڻي، بنا ويچار ڪروشُبہ  جاڻِي“ اهي سيئي چمتڪار هڪ سال جي اندر ٿيا آهن. ثبوت جي لاءِ:-

*پارٽ اسپتال سينٽر  جا سيئي  ڪاغذات،

*گاڏِي جا سيئي ڪاغذات.

*پرموشن جو آرڊر .

*.B.EDجو ڪائونسلنگ ليٽر.

اِهي سڀ چمتڪار نام دان وٺڻ جي ڇهن مهينن بعد ٿيا آهن. پر صرف نام دان وٺڻ سان فائدو ڪونہ ٿيندو، پر گروديوَ جي ٻُڌايل راھ تي هلڻ ئي پوندو آهي ڪبير صاحب جي چون ٿا تہ :

“ هري روٺي گرو ٺور  هي، گُرو  روٺي  نهين  ٺور ”

(گروديو جي چرڻن ۾ شش جو تجربو احترام سان پيش خدمت آهي.

ڀڳت ترلوڪ داس بيراڳي. سها. گريڊ. 3

شاس. اوچ. ماڌيہ مِڪ ويگاليہ. مُروارِي

تعلقو ديمر ڪيڙا. ضلعو ڪٽني (مڌيہ پرديش)

## "يارنهن هزار وولٽيج جي تار کان ڇڏائڻ"

مان ڀڳت سُريش داس پُٽ چاندارام، ڳوٺ ڏناڻا، ضلع سونيپت جيڪو في الحال شاستر نگر روهتڪ (هرياڻا) جو رهواسي آهيان. ستگرو جي نام اُپديش وٺڻ کان پهرين منهنجي گهر جي معاشِي حالت تمام ڪمزور هئي. پريوار جو ڪوبہ اهڙو فرد نہ هو جيڪو ڪڏهن بيمار نہ رهندو هُجي، منهنجي زال کي ڀُوت پريت بيحد پريشان ڪندا هئا. ايترين تڪليفون رهڻ جي باوجود بہ اسان ديوِي ديوتائن جي تمام گهڻي پُوجا ڪندا هئاسين. منهنجي هنومان جي ۾ تمام گهڻي شرڌا هئي، پر گهر ۾ دُک مٿان دُک ايندا رهندا هئا. ڪنهن بہ ڪم ۾ برڪت نہ پئي ٿِي. پُورڻ پرماتما ستگرو رامپال جِي مهاراج منهنجي پريوار جا هئڻ ڪري اسان اُن کي پُورڻ پرماتما ڪونہ پئي مڃيو، جنهن خامي جي ڪري اسان کي ڪيترن ئي سالن تائين دڪ ڀوڳڻو پيو، تڏهن ڳوٺ سينهوپُورا جي رهواسِي ڀڳت وڪاس مون کي ٻُڌايو تہ توهان جي گهر ۾ پُورڻ پرماتما جڳت گرو رامپال جي مهاراج آيل آهن ۽ توهان ڪٿي ستا پيا آهيو؟ تڏهن مون چيو تہ اسان کي ايترا دکي آهيون جو اسان کي اوڏانهن وڃڻ جي باري ۾ وقت ئي ڪونہ مليو. سڄو وقت ڊاڪٽرن ڏانهن چڪر ڪاٽڻ ۾ لڳي ويندو آهي مٿان وري معاشي تنگي تمام گهڻي رهي ٿي. ان ڀڳت مونکي ڪافي سمجهايو ۽ پُورڻ پرماتما جي اهڙي ديا ٿي جو آءُ سنت رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش وٺڻ لاءِ آڪٽومبر 2010ع تي ست لوڪ آشرم بروالا پهتس، نام اُپديش وٺڻ ڪانپوءِ ستگروجي پنهنجي ديا جو ڍڪ کولي ڇڏيو ۽ مونکي اُهي سُک محسوس ٿيڻ لڳا جنهن جو بيان هِن زبان کان ڪرڻ تمام مشڪل آهي.

منهنجي زال کي ڀُوت تمام گهڻو ستائي رهيا هئا. ستگرو ديوَجي ديا سان هو هاڻي پُوري طرح سان ٺيڪ آهي. 7 سيپٽمبر 2011ع تي منهنجو پُٽ موهيت عمر 12 سال منهنجي چوڻ تي مستري کي سڏڻ ويو هو. منهنجو پُٽ مستري جي گهر جي ڇت تي چڙهِي ويو ۽ ڇڄي تي هليو ويو، ڇڄي جي پاسي ۾ مٿان 11 هزار وولٽيج جون بجلي جون تارون هيون. ڇوڪري ۽ تارن جي وچ ۾ هڪ فوٽ جي وڇوٽي هئي. جڏهن هو انهي جي قريب ويو تہ تارن ڇوڪري کي ڇِڪي ورتو، ڇوڪري جي مٿي سان تار چنبڙي وئي ۽ هڪ اِنچ گهرِي گهُسي وئي، بجلي سڄي جسم ۾ داخل ٿي پير جي آنگوٺي جي هڏِي ٽوڙي نڪرڻ لڳي، اُن وقت ستگرو رامپال جِي مهاراج آڪاش مارگ کان آيا ۽ منهنجي پُٽ کي تمام گهڻي چمتڪاري شرير (نوري جسم) سميت نظر

آيا. جيئن هزارين ٽيوب لائيٽ جو سوجهرو ٿي رهيو هُجي. اُنهن ڇوڪري جو هٿ جهلي بجلي کان آزاد ڪري ڇڄي تي ليٽائي ڇڏيو. پوءِ ڇوڪري جون گُروجي سان تمام گهڻيون ڳالهيون ٿيون ۽ جڏهن سنگرو وڃڻ لڳا تڏهن ڇوڪري پُڇيو تہ گروجي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ تڏهن گروجي چيو پُٽ مان توسان گڏ آهيان تون گهبراءَ نہ. ان وقت منهنجي پُٽ موهيت جي ماءُ اتي ئي هئي اُن اهو منظر اکين سان ڏٺو ۽ تمام گهڻو گهبرائجي ويئي. جو تہ ڇوڪري جي جسم مان بجلي جا شعاع نڪري رهيا هئا.

ان کانپوءِ اسان ڇوڪري کي P.G.I روهتڪ اسپتال وٺي وياسين. اُتي بہ ڇوڪري کي گروجي نظر آيا. منهنجي پُٽ چيو تہ گرو جِي مون سان گڏ آهن. توهان گهبرايو نہ. جيڪڏهن اڄ اسان گروجِي جي شرڻ ۾ نہ هُجون ها تہ اڄ اسانجو پُٽ زنده نہ هُجي ها ۽ منهنجي زال کي بہ ڀُوت پريت ماري ڇڏين ها. اسان اُجڙڻ کا بچِي وياسين. اِها سنگرو رامپال جِي مهاراج جي ديا آهي.

سيني پڙهندڙن کي منهنجي عرض آهي تہ منهنجي سچي ڪٿا پڙهي. توهان بہ سنگرو رامپال جي مهاراج جي شرڻ ۾ اچي پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو ۽ نصيب ۾ لکيل ڪرمن جي ڪري جيڪي حادثا ٿيڻا هوندا آهن اُنهن کان پُوري طرح بچي ويندا. سنگرو رامپال جِي مهاراج جي ستسنگ ۽ وچنن ۾ مون ٻُڌو هو تہ پُورڻ پرماتما ڪبير جي بندِي ڇوڙ اسانجي سيني پاپن کي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙوئي پرماڻ رگويد منڊل 10 سُڪت 161، منتر 2 ۾ ۽ منڊل 9 سُڪت 80 منتر 2 ۾ پڻ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن روگي جي پراڻ شڪتِي ڪمزور ٿي چُڪي هُجي ۽ اُن جي عمر بہ باقي نہ بچي آهي تہ اُن جي پراڻن جِي حفاظت ڪري اُن کي 100 سال عمر ڏيئي مطلب تہ ان جي عمر وڌائي ڀڳت کي سيئي سُک ڏيندو آهيان.

**سڄڻو!** سنگرو رامپال جِي مهاراج پنهنجن امرت وچنن ۾ اهو بہ ٻُڌايو آهي تہ هرهڪ انسان پنهنجي ڪيل ڪرمن جي آڌار تي ئي ڏُک سُک ڀوڳيندو آهي، ڏُک اچي تہ پاپ ڪرمن جو ڦل هوندو آهي ۽ سُک هُجي تہ سُٺن ڪرمن جو ڦل آهي. اڄ تائين سيئي سنت ۽ آچاريہ گرو اهوئي چوندا رهيا آهن تہ جيڪو قسمت جو ڀوڳ آهي اُهو تہ هرهڪ انسان کي ڀوڳي ئي ختم ڪرڻو پوندو.

**اي سيئي پڙهڻ وارو!** سنگرو رامپال جِي مهاراج چون ٿا تہ پاپ ڪرمن سان ڏُک ايندو آهي، اگر پاپ ڪرمن جو ناس ٿي وڃي تہ ڏُک بلڪل ختم ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ڀڳتي ڪندي بہ پاپ ڪرمن جو ڦل ڏُک ڀوڳڻوئي پوي تہ ڀڳتي جي ضرورت ئي ختم ٿي وڃي ٿي. 7 سيپٽمبر 2011ع تي اسانجي قسمت ڪرم جي پاپ جي ڪارڻ منهنجي پُٽ موهيت جي موت ٿيڻي هئي، اسانجي سنگرو رامپال جي

مهاراج جي ڪِرپا سان پرم پُوجيہ ڪبير پرميشور جي اسانجي پاپ کي ناس ڪري
ڇڏيو ۽ منهنجي پُٽ جي زندگي جي حفاظت ڪري عمر وڌائي ڇڏي، جيڪڏهن 7
سيپٽمبر 2011ع تي قسمت ڪرم ڦل جي مطابق منهنجو پُٽ مري وڃي ها تہ اسان
سڀئي ڪُٽنب جا ڀاتي ڀڳتي ڇڏي ڏيون ها ۽ ناس ٿي وڃون ها. جو تہ اُن وقت پرماتما
جو پُورو گيان ڪونہ هو، هاڻي ڀڳوان تي تمام گهڻو وشواس ٿي ويو آهي، اهو بہ
وشواس ٿي ويو آهي تہ پرم پوجيہ ڪبير جي ئي پرميشور آهن اهي ئي پاپ ناس
ڪندڙ، سڀئي سُک ڏيڻ وارو ۽ پُورڻ موڪش ڏيڻ وارو آهي ۽ ستگرو رامپال جي
مهاراج اُنهي جا موڪليل اوتار آيل آهن. جڏهن تہ توهان سڀني کان وري عرض آهي تہ
بنِا دير جي ست لوڪ آشرم بروالا پهچي اُپديش وٺي پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. توهان
سڀني کي عرض ڪرڻ جو منهنجو مقصد اُهو آهي تہ مون جهڙا ڏُکي تمام گهڻا آهن.
منهنجي مٿي لکيل آتم ڪٿا کي پڙهي، ويچار ڪري اُهي بہ مون وانگر ڏکن جوخاتمو
ڪرائي سگهندا ۽ سُکي ٿي ويندا.

**يہ سنسار سمجهدا ناهين، ڪهندا شام دو پهري نُون،**
**غريبداس يہ وقت جات هي، روئوگي اس پهري نُــو.**

عرضدار
ڀڳت سُريش داس پُٽ شرِي چاندا رام
شاستري نگر، هِسار بائي پاس روهتڪ
فون نمبر: 09829588628

## "ڀڳت ديپڪ داس جي ڪٽنب جي آتم ڪٿا"

(بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج جي ديا)

مون داس جو نالو ديپڪ داس پُٽ شري بلجيت سنگهہ ڳوٺ مهلاڻا، ضلعو
سونيپت آهي. اسان ٽِن پيڙهين کان راڌا سوامي پنٿ ديرا بابا جيمل سنگهہ کان نام
اُپديشي هئاسين. سڀ کان پهرين منهنجي ڏاڏي جِي ماءُ يعني منهنجي والد صاحب
جي ناني راڌاسوامي پنٿ کان نام اُپديش حاصل ڪيو هو. ان کانپوءِ منهنجو ڏاڏو ۽
ڏاڏي پوءِ منهنجي ماتا پِتا بہ راڌاسوامي پنٿ جي سنت گرويندرسنگهہ جي کان نام
ورتو هو. اسان بہ گرويندر سنگهہ جي مهاراج کي پُورڻ پُرش مڃيندا هئاسين ۽ اِنهي
پنٿ سان مڪمل شرڌالو سوچ رکندا هئاسين تہ هِن سنسار ۾ پريُو پراپتِي جو اُتم پنٿ
آهي ۽ اُن جي تمام وڏي ديري ۽ تمام سنگت (وڏي تعداد ۾ چيلا) کي ڏسِي تمام گهڻو
جذبو هوندو هو ۽ سيوا ڪرڻ جي لاءِ ديرا جيمل سنگهہ بياس (پنجاب) ۽ ڇترپُور

پسار روبہ دِلي بہ ويندا رهندا هئاسين، پر اُن پنٿ ۾ وڏي عمر جي ماڻهو کي نامر ڏنو ويندو آهي انهي ڪري اجان آءُ نامر اُپديش وٺڻ جي قابل ڪونہ هئس.

منهنجا ماتا پتا جنهن ڏينهن چترپُور کان نامر اُپديش لاءِ ويل هئا، اُنهي ڏينهن منهنجي ننڍي ڀاءُ جنهن جي عمر 5 سال هئي جي هٿ سان پاڙي جي هڪ ٻار جي اک ۾ ڪا شيءِ اڻ ڄاڻ ۾ لڳي ويئي، جڏهن شام جو نامر اُپديش وٺي منهنجا ماتا پتا واپس آيا اُنهي ڏينهن کان اسان جو ۽ اسان جي پاڙيسرين جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي ويو تہ ڇوڪري اسان جي ٻار کي ڄاڻي ڪري اک ۾ ڏک هنيو آهي ۽ اُنهي ڏينهن کان اسان مٿان ڏُکن جو پهاڙ ڪري پيو.

انهي دوران منهنجي ڏاڏي جي بيماري سبب موت ٿي وئي، جڏهن منهنجي ڏاڏي جي جو مُرده شرير ٻئي ڪمري ۾ رکيل هو تہ اُن وقت منهنجي ڏاڏي جي موت کي 12 سال گذري چُڪا هئا، هو منهنجي ڦڦي (پيءُ جي ڀيڻ) پريموَتي ۾ ڀوت وانگر داخل ٿي ڳالهائڻ لڳي (منهنجي ڏاڏي بہ راڌاسوامي پنٿ سان مليل پنج نالن جي تمام گهٽي ساڌنا ڪئي هئي، هو باقاعدي صبح 3 بجي اُٿي ۽ ڏينهن جو بہ ڀجن سُمرڻ ڪرڻ لاءِ ويهي رهندي هئي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ راڌاسوامي پنٿ جي ٻُڌايل نامر جو جاپ ۽ ابياس ڪندي هئي) تہ اڄ توهان جي ڏاڏي جو جيون سنسڪار سماپت ٿي ويو، اِنهي ڪري مان توهان کي سنڀالڻ آئي آهيان. منهنجي ڏاڏي جڏهن زنده هئي تڏهن ساهہ جي بيماري سبب کنگهندي رهندي هئي. هو 12 سالن بعد بہ ساڳيءِ طرح کنگهي رهي هئي. تڏهن مون پُڇيو تہ ڏاڏي توهان تہ تمام ڏُکي نظر اچي رهي آهين. تون ست لوڪ ڪونہ وئي آهين؟تڏهن منهنجي ڏاڏي چيو تہ پُٽ! مون غلط ساڌنا جي ڪري پنهنجو انمول منُش جيوَن ضايع ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي موت کانپوءِ ڀُوت جوڻي ۾ تڪليف ڀوڳي رهي آهيان، مان ڪِٿي ئي ست لوڪ ڪونہ ويئي آهيان. منهنجي ماتاجي اچرج مان پُڇيو امان! ڇا توهانکي توهانجي گرو چرنسنگهہ جي مهاراج ڪونہ سنڀاليو؟ تڏهن منهنجي ڏاڏي تمام گهٽي ڏُک سان چيو تہ اُنهن منهنجي ڪوبہ سنڀال ڪونہ ڪئي ۽ مان اڄ بہ ائين ئي دُکي ٿي رهي آهيان.

انهي واقعي جي ٻن سالن بعد هڪ ڏينهن منهنجي ٻي ڦڦي ڪملاديوي جي اندر منهنجو ڏاڏو ڀوت وانگر داخل ٿي ڳالهايو تہ مان تمام گهڻو دُکي آهيان ۽ منهنجي ڪوبہ گتي نہ ٿي آهي، مان وهنجڻ چاهيان ٿو. اِهو ٻُڌي منهنجي ماءُ ڏک ۽حيراني سان چيو تہ توهان تہ ست لوڪ ۾ ويا هئا. ڇا اُتي وهنجڻ جي لاءِ پاڻي ڪونهي؟ پر ڏاڏي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، پوءِ منهنجي ماءُ ڏاڏي کي جيڪو منهنجي ڦڦي ڪملاديوي ۾ داخل هئا. اِنهي ڪري ڦڦي وارا ڪپڙا بہ پارائي ڇڏيا تہ ڏاڏو چوڻ لڳو بس بس ڏي

منهنجي ڏوتي ڪٽي اچ مان ٻڌي ونندس. منهنجي ماءُ ائين ئي هڪ چادر هٿ ۾ ڏني، جنهن کي هِن ڪپڙن جي مٿان ويڙهي ڇڏي ۽ پوءِ چيو ته منهنجي لاءِ چانهه ٺاهه ۽ جلدي ۾ ئي چانهه پيئي ورتي. مون پُڇيو ته ڏاڏاجي توهان ست لوڪ ڪونه ويا؟ ته اُنهن چيو ته پُٽ مان ته تمام گهٽي تڪليف ۾ آهيان. منهنجي ماءُ ورِي پُڇيو ته توهان ته راڌا سوامي حضور چرن سِنگهه مهاراج کان نام اُپديشي هئا، پڳتي به ڪندا هئا. ڇا اُنهن توهان جي ڪا سنڀال ڪونه ڪئي؟ تڏهن منهنجي ڏاڏاجي (جيڪي منهنجي ڦڦي ڪملاديوي ۾ پريت وانگر داخل هئا) چيو ته اُنهن منهنجي ڪابه سنڀال ڪونه ڪئي، مان ته ائين ئي ڌڪا کائيندو ڦري رهيو آهيان.

انهي دوران منهنجيون اکيون به ايتريون ڪمزور ٿي ويون هُيون جو مونکي ڏسڻ به گهٽ اچڻ لڳو هو. اُتي پڳت سترامجي مونکي پُورڻ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي مونکي مهما ٻُڌائي ۽ چيو ته توهان ستگرو رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش وٺو. تنهنجون اکيون ٺيڪ ٿي وينديون ۽ چيو ته اِنهن تڪليفن ۾ ڏکن مان اسان جيوَن کي ڪيڻ لاءِ پرميشور ڪبير صاحب سنت جو رُوپ ڌارڻ ڪري ايندا آهن. مون چيو ته منهنجن ماءُ پيءُ راڌا سوامي پنٿ کان نام اُپديش وٺي رکيو آهي. پڳت سترامجِي چيو ته اُهو پنٿ ٺيڪ نه آهي. اُن جي پڳتي ساڌنا سان نه ست لوڪ پراپت ٿيندو ۽ نه ئي ڪڏهن زندگي ۾ ڪرم جي مار ٽرِي نه سگهندي، اِنهي کي ته ڪبير صاحب جو نمائيندو ۽ سچو سنت ئي ٽاري سگهي ٿو.

منهنجي پِتاجي کي دم جي بيمارِي هئي. ڏهه قدم هلڻ سان هو بيحال ٿي ويندا هئا. دم جي بيمارِي سبب ساهه وڏي ويندو هو. هاءِ ۽ لو بلڊ پريشر جي به بيمارِي هئي. منهنجي پِتا جي کي اليڪشن ڊيوٽِي دوران هارٽ اٽيڪ ٿيو. پر ڪرم سنسڪار جي ڪري بچي ويا پر تڏهن اسان اهو سوچيندا رهياسين ته راڌاسوامي پنٿي سنت گروِيندر سنگهه جي مهاراج هارٽ اٽيڪ کان بچائي ورتا ۽ وڏي ديا ڪئي.

پر ان ڪانپوءِ ته اسان سرديِن جي هر هڪ رات ۾ پنهنجي پِتاجي جو هڪ هڪ ساهه ٽُٽندي ڏٺو آهي، بلڪل لاش وانگر ٿي ويندا هئا ۽ سواءِ ويهي روئڻ جي اسان ٻيو ڪجهه به ڪونه ڪري سگهندا هئاسين، ڇوته دوائن جو به ڇيڙو اچي چُڪو هو. ڊاڪٽر جيترو ڊوز وڌائي سگهيو ٿي اُهو وڌائي چُڪو هو هاڻي هو وڌيڪ خوراڪ وڌائي نه پئي سگهيو. منهنجي ماءُ ڊيرا بابا جيمل سنگهه کان آنڌل پرساد کارئيندي هئي ۽ راڌاسوامي پنٿِي گروِيندرسنگهه جي مهاراج جي مُورتي اگيان ويهي پرارٿنا ڪندي هئي ۽ روئندي هئي. ان وقت منهنجي ننڍي ڀاءُ مٿان به ڀوت جي ڇانو جي شڪايت رهڻ لڳي، هو رات جو ڇرڪ ڀري اُٿي ويندو هو ۽ ڇوندو هو ته ڪو منهنجو

پير جهلي چڪي ٿو ۽ سمهڻ نٿو ڏي. هو بہ ڪافي بيمار رهڻ لڳو. پُورڻ پرماتما ڪبير جي ديا سان مون داس کي 8 آڪٽومبر 1998ع تي ستگرو رامپال جي مهاراج کان نامر اُپديش پراپت ٿيو. ستگرو رامپال جي مهاراج جي بيحد ڪرپا سان ويهہ ڏينهن اندر ئي منهنجو چشمو لهي ويو ۽ مون دوا کائڻ بہ ڇڏي ڏني. مونکي ستگرو رامپال جي مهاراج تي پُورو يقين ٿي چُڪو هو. ڀگت سترامجي منهنجي گهر اچي منهنجن ماتا پتاجي کي بہ سمجهايو تہ توهان پُورڻ پرماتما ڪبير صاحب جي نمائندي سچي سنت رامپال جي مهاراج کان اُپديش وٺو. توهان جي سيني تڪليفن جو خاتمو ٿي ويندو.

ان ڪانپوءِ مون بہ پنهنجن ماءُ پيءُ کي سمجهايو تہ اُنهن چيو! اسان ڀهرين راڌا سوامي پنٿي هئاسين ۽ هاڻي سنت رامپال جي مهاراج کان نامر اُپديش وٺنداسين تہ دُنيا ڇا چوندي؟ تڏهن مون چيو تہ پتاجي! جيڪڏهن هڪ ڊاڪٽر جي علاج کان فائدو نہ ٿئي تہ ڇا ٻيو ڊاڪٽر ڪونہ بدلائيندا؟ پر ڏُک تمام گهڻا هئا ڪجهہ وقت بعد ڪبير پرميشور جي شرڻ ۾ اچي ويا ۽ راڌاسوامي پنٿ جي اُنهن پنج نالن کي ڇڏي سچي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج کان نامر اُپديش وٺي ڇڏيو. ستگرو ڪبير صاحب چون ٿا:

شرڻ پڙي ڪو گرو سنڀالي، جان ڪي بالڪ ڀولا ري.

سڄي پريوار جي نامر اُپديش وٺڻ سان ئي اسانجا سُٺا ڏينهن شروع ٿي ويا. منهنجي ماءُ تان ڀوت جي ڇانو ختم ٿي وئي ۽ ماءُ ٺيڪ ٿي ويو. پتاجي جي صحت بلڪل ٺيڪ ٿي وئي. ڀهرين هو ڏهہ قدمر بہ هلي ڪونہ سگهندا هئا. هاڻي هو هڪ ماڻهو سان گڏ ڪنڌ جي هڪ ٻوري بہ کڻي سگهن ٿا. اڄ اسان جو پورو خاندان پُورڻ پرماتما جي اوتار ستگرو رامپال جي مهاراج جي شرڻ ۾ اُنهن جي ديا سان مڪمل سُکي آهي. پر اسان جي ڏاڏا ڏاڏي جي ۽ پتاجي جي ناني جي مُنُش جيوَن جو جيڪو نقصان ٿيو. ان جو پورائو ڪنهن طريقي سان نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي زندگي بچائڻ جي لاءِ لکين ڪروڙين روپيہ خرچ ڪيا وڃن ۽ ان جي زندگي بچي وڃي تہ اُن کي اُنهن خرچ ڪيل پيسن جو ڏُک ڪونہ ٿيندو ۽ سوچيندو تہ زندگي تہ بچي، پر اڄ ڪيتري بہ قيمت چُڪائڻ باوجود منهنجي ڏاڏا ڏاڏِي جو جيوَن جيڪو شاستر وروڌ ساڌنا (راڌاسوامي پنٿ جي ٻُڌايل پنج نالن جي ساڌنا) ڪرڻ سان بلڪل ضايع ٿي ويو. (اُهي ڀُوت پريت جي جوڻين ۾ تڪليف ڀوڳي رهيا آهن) واپس نٿا اچي سگهن. جيڪو اگهور مذاق هي نقلي سنت سڄي سماج سان ڪري رهيا آهن. چو تہ چوراسِي لک جوڻيون ڀوڳڻ بعد ملندڙ انمول مُنُش جيوَن کي جيڪو پُورڻ پرماتما کي

پراپت ڪرڻ جي فقط واحد ساڌنا آهي. اُنکي برباد ڪري رهيا آهن. انهي ٿيل مها نقصان جي ڪنهن قيمت تي پوراٺو نٿو ڪري سگهجي.

**اي بندِي ڇوڙ!** ست پُرش رُوپ ۾ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج توهان وڏي ديا ڪئي جو اسان تُڇ جيوَن کي پنهنجو سچو گيان ڏيئي پنهنجي شرڻ ۾ گُهرائي ورتو نہ تہ اسان بہ پيڙهِي بہ پيڙهِي پراپت ان شاسترن جي خلاف ساڌنا ۾ پنهنجي انمول منُش جيوَن کي برباد ڪري ڪٿي پوتنۡ پريتن جي جوٽين ۾ هليا وڃون ها ۽ هن شاسترن ۾ لکيل ساڌنا ست ڀگتي کان محروم رهجي وڃون ها.

سچِي عقلمند سماج کان پرارٿنا آهي تہ اجان بہ وقت آهي هِن سچي گيان کي سمجهو ۽ پُرسُڪون ٿي فيصلو ڪريو. بندِي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج جي چرڻن ۾ اچي، ڀگتي ڪري پنهنجي انمول منُش جيوَن جو ڪلياڻ ڪرايو.

(ست صاحب)

(ستگرو جي چرڻن جو داس ڀگت ديپڪ داس)

موبائيل فون نمبر 00919992600853

# "ست ڪبير صاحب جي ديا"

# "بندِي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج ڪي جئہ"

يجُر ويد اڌياۓ 8 منتر 13 ۾ ثبوت آهي تہ پُورڻ پرماتما پاپي کان بہ پاپي انسانن جي بہ سيني پاپن کي ناس ڪري ڀينڪر مرض کان بہ آجو ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن جو مان جيئرو جاڳندو مثال آهيان.

مان ڪيشوَ مينالي پُٽ شري اندر پرساد مينالي، ڳوٺ وڪاس سميتي هري اون ضلعو سرلاهي، نيپال جو رهواسي آهيان ۽ هن وقت ڪٽمندو، اپتيڪاٽمي ڀگت پُور ۾ گهر ٺهرائي رهيو آهيان. مان چري پاور (نيپال) نالي راجنيتڪ جو عهديدار اسيمبلي ميمبر آهيان منهنجو موبائل نمبر 00977-9841892583 آهي. مون تي ستگرو رامپال جي مهاراج چمتڪاري ڪرپا ڪري مونکي ۽ منهنجي پريوار جي سيني ڏُکن کي ناس ڪري سُکيو بڻائي ڇڏيو.

سنسار جي نظر ۾ مان سُکي ۽ عام زندگي گُذاري رهيو هئس پر نہ مان پنهنجين بيمارين سبب بيحد دُکي هئس. مان گُذريل ويھ سالن کان خوني بواسير جي تڪليف ۾ مُبتلا هئس ۽ ڪاڪُوس ڪرڻ وقت بيحد تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي هئي گڏوگڏ اٺ سالن کان ڪرونڪ برونڪائيٽس ۾ مُبتلا هئس. سياسِي ڪارڪُن

هئڻ ڪري ڪافي ماڻهن سان ملڻو پوندو هو ۽ هميشہ منهن تي ڪپڙا يا هٿ رکي ڳالهائڻو پوندو هو، مون پنهنجين بيمارين جي علاج لاءِ سُٺن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. جڏهن تہ مون ڌرم جي نالي تي گياني سنتن جي چڪر ۾ اچي پنهنجي زندگي جا 62 سال برباد ڪري ڇڏيو هئس. مونکي اِنهن ڳالهين جي خبر ستگرو رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش وٺڻ کانپوءِ پيئي.

نيپال اسيمبلي جو ميمبر هئڻ ڪري سرڪاري خرچ تي مان دُنيا جي ڪنهن بہ ڊاڪٽر کان پنهنجي بيماري جو علاج ڪرائي سگهيس پئي پر نيپال جي ميڊيڪل بورڊ انهي ڪري سفارش ڪونہ ڪئي ڇو تہ اُن جي مطابق منهنجو روگ لاعلاج هو ۽ ڪوبہ ڊاڪٽر مونکي ٺيڪ نٿو ڪري سگهي. پوءِ تہ مونکي لڳو تہ هاڻي سڄي زندگي ڏُک ڀوڳڻا پوندا ۽ سدائين دوائون کائي ئي زندگي گذارڻي پوندي.

هڪ ڏينهن مان پريشان حالت ۾ ويٺو هئس تہ مونکي منهنجو دوست ڀڳت ڀولاداس ملڻ آيو. جيڪو گهڻي وقت کان ستگرو رامپال جي مهاراج جو شِش هو. منهنجن ڏُکن کي ٻُڌي مونکي چيو تہ ستگرو رامپال جي مهاراج کان اُپديش وٺڻ سان توهانجي ڏُکن جو ضرور خاتمو ٿيندو، اهو چئي يقين ڏيارڻ لڳو. مان بہ وڏن وڏن سنتن سان هلي هلي ٿڪجي پيو هئس پر ان دوست جي ڳالهہ منهنجي لاءِ اونداهي ۾ ڪنهن ڏيئي جي روشني وانگر من ۾ داخل ٿي ويئي. ٽئين ڏينهن ئي ست لوڪ آشرم چنڊيگڙهہ روڊ برووالا، ضلع هِسار، هرياڻا (ڀارت) لاءِ روانو ٿيس ۽ پنهنجي گهرواري جي گڏ وٺي ويس ڇوتہ گوڏي جي هڏي گسجي وڃڻ ڪري هو بہ تمام گهڻي پريشان هئي. هن جي اکين ۾ جل بندو نالي هڪ لاعلاج روگ هو ۽ منهنجي ننڍي پٽ جي گهرواري بہ گڏ وٺي وياسين، مونکي رستي ۾ نيپال جا ڪيترائي ڀڳت جن مِليا. جيڪي ست لوڪ آشرم وڃي رهيا هئا. اهڙي طرح بنا ڪنهن پريشاني جي ست لوڪ آشرم اچي ويس.

مان سنتن ۽ مهنتن جي لالچ کان واقف هئس. مون ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪابہ پُستڪ ڪونہ پڙهي هئي ۽ نہ وري ڪو ستسنگ ٻُڌو هو. ڪنهن جي چوڻ تي ئي آيو هئس. ايندي ئي نام اُپديش وٺڻ لاءِ تيار نہ هئس، منهنجو نصيب ڀلو هو جو منهنجو اچڻ ئي ستسنگ سماگم جي وقت ٿيو ۽ ستگرو جي ستسنگ ٻُڌڻ جو موقعو مليو. جنهن سان مونکي خبر پئي تہ هِن سنسار جا سيئي ڌرم گُرو پنڊت وغيره ذاتي لالچ خاطر ڌرم جي نالي تي ماڻهن کي ڪال جي ڄار ۾ ڦاسائي ڀولي آتمائن کي نرڪ موڪلڻ جو پاکنڊ رچائي رهيا آهن، اُهي نہ تہ ڪڏهن پرميشور سان مليا آهن ۽

نہ وري اُنهن کي پرميشور جي ست يگتي جو گيان آهي. هو اهو ڪم چند روپين ۾ سماج ۾ وڏائي جي لاءِ ئي ڪري رهيا آهن. پر مان پوءِ بہ نام اُپديش لاءِ تيار نہ ٿيس. جڏهن تہ منهنجي گهرواري يڪدم نام دان وٺڻ لاءِ تيار هئي چو تہ نام دان وٺڻ بنا گرو درشن ۽ گرو آشيرواد ملڻ ناممڪن هو. مون تي شايد اهو راجنيتي جو ئي رنگ بقايا هو جو مان ڪنهن جو اعتبار ڪونہ ڪندو هئس. پوءِ بہ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري اسان ٽنهي 2012-05-02 تي نام اُپديش ورتو، اتي ديا جو ساگر اسان تي ديا جي نظر ڪرڻ لاءِ جهڙوڪ تيار بيٺو هو. جيئن ئي مون پنهنجن روڳن بابت ٻُڌايو تہ ستگرو ديوجي چيو "سڀ ٺيڪ ٿي ويندا" جي آشيرواد منهنجي مٿي تي هٿ رکي ڏنو تہ مون سان چمتڪار شروع ٿي ويو. صبح جو ڪاڪُوس وڃڻ مهل ڪاڪُوس ۾ رت آيو ۽ اُن سان گڏ بواسير ختم ٿي ويئي، ٻہ ڏينهن آشرم ۾ رهڻ تي ڪرونڪ برونڪائيٽس قريب 80 سيڪڙو ٺيڪ ٿي ويئي جيڪا هاڻ بلڪل ٺيڪ ٿي چُڪي آهي. صرف ٻہ مهينا گُذريا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٿورڙي کنگھ ٿي وڃي ٿي. گهرواري جي گوڏي جو روڳ پڻ ٺيڪ ٿي ويو، ڪٺمندو اچي ڪٺمندو جي اُنهي ئي اسپتال ۾ اڪيون وري چيڪ ڪرايون، ساڳيوئي ڊاڪٽر اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هن جي اکين ۾ جل بندو نالي روڳ جو ڪوبہ نالو نشان نہ آهي ۽ اکيون بلڪل ٺيڪ آهن.

منهنجو مرض ٺيڪ ٿيڻ جو چمتڪار پريوار، رشتيدارن ۽ پاڙي ۾ چئني طرف ڦهلجي ويو. منهنجي پريوار جا ٻيا ماڻهو بہ ڪنهن نہ ڪنهن روڳ ۾ مُبتلا هئا. جيئن منهنجو وڏو ڀاءُ جيڪو خود هڪ ڊاڪٽر آهي. ان جو سڄو جسم سُڄي (Swelling) ويندو هو. منهنجي ڌي کي ماهواري (Menses) وقت پيٽ ۾ تمام گهڻو سور رهندو هو. منهنجي ڀِي ڌي جيڪا پيشي سان وڪيل آهي، سائٽيڪا (عرق النساء) ۽ گلي جي هڏِي گُسڪڻ جي روڳ سبب زندگي مان تنگ اچي چُڪي هئي ۽ منهنجي ڀيڻ جو پٽي بہ جل بندو روڳ ۾ مُبتلا هو. سيئي مون تي گُرو ڪرپا ڪان بيحد متاثر ٿيا. تيستائين مان آشرم جي نيمن ۽ يگتي پاوَ سان ٿورو گهڻو واقف ٿي چُڪو هئس، مون سيني کي "گيان گنگا" ڪتاب چڱي نموني پڙهڻ جو چيو. ٻيو ڀيرو جڏهن مان آشرم اچڻ لڳس تہ سيني کي گڏ وٺي آيس، اُنهن ماڻهن کي نام اُپديش وٺڻ ۾ ڪا بہ دقت نہ ٿي. سيني نام اُپديش ورتو ۽ يقين سان يگتي ڪئي ۽ اڄ سيئي روڳ ختم ٿي چُڪا آهن ۽ سُکي زندگي گُذاري رهيا آهن.

ستگرو رامپال جِي مهاراج پُورڻ پرماتما جو ٻيو رُوپ نہ بلڪ خود پُورڻ پرماتما آهن. هُو پاڻ کي لڪائي رکي رهيا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي پُورڻ پرماتما جو

داس سڏائيندا آهن. اسان ڌرتي تي ڦاڻل جيوَن کي بنڌن مُڪت (ڪال جي قيد مان آزاد) ڪري ست لوڪ وٺي وڃڻ لاءِ آيا آهن. اسان جِي ست گرنٿن ۾ ثبوت آهن تہ جڏهن ڪليُگ جا پنج هزار پنج سو پنج سال گُذري ويندا تڏهن تارڻهار سنت جڳ تارڻ لاءِ ڌرتِي تي ايندو. ڪبير صاحب جي فرمائين ٿا تہ :

**پانچ هزار اَرو پانچ سئو پانچ، جب ڪليُگ بيت جائي،**
**مها پرش فرمان تـــب، جـگ تارڻ ڪـو آئـــي.**

**سيئي پريمي يگتو:** وقت اچي ويو آهي، پُورڻ سنت بہ اچي ويا آهن ۽ گيان امرت برسات وسائي رهيا آهن. هِن وقت جي سِيني نقلِي سنتن ۽ مهنتن رُوپي ٺڳن کان بچو جلد کان جلد ستگرُو جي چرڻن ۾ اچي، بغير لالچ جي(مفت ۾) نام اُپديش وٺي پنهنجي جيون جو ڪلياڻ ڪرايو ۽ پُورڻ موڪش حاصل ڪريو.

(ست صاحب)

ڪيشوَ پرساد مينالي (داس) ڪاٺمنڊو نيپال
فون نمبر 00977-9841892583

## "ستگرو ديوَجي امرت پريل ديا جي برسات"

### (بنڊِي ڇوڙ ستگرورامپال جي مهاراج ڪي جئِ)

مان يگت شيامداس (شيام داس ساپڪوٽا) آهيان. مان متوليہ اٹ ڪوٺيهوا روپن ديهي نيپال جو رهندڙ آهيان. پيشي سان مان نيپال سرڪار جي اندر سيڪريٽري عهدي تي زمين ۽ پاڻي جي حفاظت واري شعبي وورمحل، ڪٽمنڊو نيپال ۾ ڪم ڪندو آهيان. وڪرمي سنبت 2060/8/92 کان مُلازم آهيان. مان ڪيترن ئي بيمارين کان پريشان هئس ۽ گڏوگڏ **"اوم"** منتر جو جاپ ۽ ڌيان پڻ ڪندو هئس. اوم شانتي (بِرهم ڪمارِي راج يوڳ جي ستن ڏينهن جي تعليم پڻ ورتي هئي، پر اسپتال اچڻ وڃڻ جاري رهيو. ڌيان ۾ ويهڻ وقت شري گڻيش جي، برهما ساويتري جي، وشنو لڪشمي جي، شو پاورتي جي، الڳ الڳ انسان، جانورن ۽ جهنگ ۽ ندي نالن وغيره جا ڪڏهن ڪڏهن نظارا نظر ايندا هئا. پوءِ بہ منهنجن روڳن جو تعداد وڌندو ئي رهيو جيڪي مونکي مرض هئا اُنهن جو ذڪر هن طرح آهي.

1. **مينيان:** مان سائيڪيٽِڪ ٽي بيهر اسپتال ۾ داخل ٿيو هئس. ٻئي دفعا تمام گهٽيون گوريون ڏنيون ويون، جيڪي روز ٽي دفعا کائيٽيون پونديون هُيون.

2. **ڪپ ڪپي (هٿ ڏڪڻ):** منهنجا ٻئي هٿ زور دار نموني ڏڪندا هئا جنهنڪري مان دستخط بہ ڍنگ سان نہ ڪري سگهندو هئس.

3. **نظرجي ڪمي:** مان نظر جي ڪمزوري سبب 2.5 جو پاور لينس پائيندو هئس.

4. **پائيلس (بواسير):** مان ٻہ ٽي سالن کان انهي مرض ۾ بيحد پريشان هئس. آيور ويدڪ ۽ هوميو پيٿڪ دوائون پڻ ورتيون، وقتي فائدو ٿيندو هو ۽ وري رت اچڻ شروع ٿي ويندو هو.

5. **يورڪ ايسڊ:** ٻنهي گوڏن ۽ سڀني جوڙن ۾ سخت سُور رهندو هو. مرض جي طور ايليوپيٿڪ ۽ آيورويدڪ دوائون پڻ ورتيون.

6. **گيسٽرڪ:** گهڻي وقت کان ڇاتي ۽ پيٽ ۾ جلن رهندي هئي خشڪ ميون، تريل کاڌن، چانهہ يا ٿڌي کاڌي کائڻ سان يڪدم جلن شروع ٿي ويندي هئي. مان پريشان ٿي ويندو هئس. ايليوپيٿڪ دوائون کائيندو رهندو هئس.

7. **پيٽ وڌيل:** پيٽ وڌيل هئڻ ڪري پيادل هلڻ سان يڪدم ٿڪجي پوندو هئس، چڙهائي تي تہ پنج منٽ هلڻ بہ بيحد مشڪل هو. انهن سڀني روڳن کان علاوه گهريلو پريشانين کان پڻ بيحد تنگ هئس.

هڪ دفعي مان پنهنجي ساهرن اڌارڻ چار باج گنگا، ڪپيل وستو) کان واپس گهر وڃي رهيو هئس تہ هائي وي نمبر 4-4 باج گنگا، ڪپيل وستو (نيپال) ۾ ”گيان گنگا“ ڪتاب جو پرچار هلي رهيو هو. منهنجي گهرواري هڪ پُستڪ ورتو. مون ڌيان ڏيئي بہ ٽئي دفعا پُستڪ پڙهيو ۽ سنسڪرت شلوڪن کي ويدن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا سان پيٽ ڪري ڏسڻ لاءِ انٽرنيٽ تي تلاش ڪري جا نچڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. مونکي گيان بلڪل درست لڳو. انهي ڪري مان ست لوڪ آشرم چنديگڙهہ روڊ بروالا ضلع هِسار هرياڻا پهچي جگت گرو تتوَدرشِي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج کان اپريل 2012ع تي پهريون منتر دڪشا جاپ (پرتم نام دان) ۽ 02 نومبر 2012ع تي ٻيو منتر دڪشا جاپ (ست نام) حاصل ڪيو.

هاڻي مان مينيا روڳ جي هڪ گوري (ايليوپيٿڪ) Tab: Lithuim mg400 هرروز شام جو کائيندو آهيان. پرميشور جي ڪرپا سان هاڻي مونکي سائيڪيٽڪ اثر نہ آهي. منهنجا ڏکندڙ هٿ ٺيڪ ٿي ويا آهن ۽ هاڻي چڱي خاصي لکپڙهہ ڪري سگهان ٿو. منهنجين اکين جو چشمو بہ لهي ويو آهي ۽ هاڻ اخبار وغيره پڙهڻ لاءِ مونکي عينڪ جي ضرورت نٿي پوي. پائيلس (بواسير) بہ پنج ڇهہ مهينن کان ٺيڪ آهي. مون يورڪ ايسڊ جي دوا ۽ پرهيز بہ ڇڏي ڏنا آهن. هڪ دفعي منهنجي ڇاتي ۽ پيٽ ۾ تمام گهڻي جلن ٿي، مون 29 جنوري 2013ع جي رات جو جگت گُرو

تتودرشي سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جو سمرڻ ڪيو تہ ستگرو جو هڪ "شري چرڻ (پير)" منهنجي ڇاتي ۽ پيٽ تي هلندي نظر آيو. ان جي ٿوري ئي دير بعد منهنجي ڇاتي ۽ پيٽ جي جلن ٺيڪ ٿي ويئي مون اُن جي ڪابہ دوا نہ کاڌي.

منهنجو سيني ڀڳت آتمائن ڪان نماڻو عرض آهي تہ توهان پويتر پستڪ "گيان گنگا" ۽ "ڌرتيِ پراوتار" ڪي پوري شرڌا سان پڙهو ۽ پرماتما جي تتوگيان ڪي سمجهي ست لوڪ آشرم، چنديگڙهہ روڊ بروالا ضلعو هسار، هرياڻا (ڀارت) اچي نام دڪشا وٺي پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرايو. روڳ، شوڪ ۽ چنتا وغيره سيني ڏُکن جو ناس ڪرائي زندگي ۾ صحتمنديِ ۽ سُک حاصل ڪندي پنهنجي ڀڳتي پوري ڪري پنهنجي نج ڌام ست لوڪ (جتان اسان آيا آهيون) ڪي ٻيهر حاصل ڪريو.

(ست صاحب)

(ڀڳت شيام داس)

## "ست ڪبير جي ديا"

(بندي ڇوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج ڪي جئہ)

مان شيام ڪمار پُٽ لوڻ ياڊوَ، وارڊ نمبر 5 ڪڇوڙي ڌنُشہ جو رهواسي آهيان. پيشي سان اليڪٽريڪل انجنيئر طور وڏت پراڊيڪرڻ شعبي، ڪاٺمانڊُو (نيپال) ۾ برانچ مينيجر جي عهدي تي ڪم ڪندو آهيان. مان شيام ڪمار پنهنجي ڏُکي زندگي جي جهلڪ توهان ڪي ٻُڌائڻ چاهيان ٿو. مان اڄ بہ پنهنجي ماضي ڪي ياد ڪري ڏکڻ لڳي ويندو آهيان ۽ بيان ڪندو آهيان تہ ڪليجو منهن ۾ اچي ويندو آهي.

مان سائنس جو شاگرد هئڻ ڪري ڪافر سوچ جو هئس، انجنيئر بڻجن بعد بہ اهو ئي سلسلو جاري رهيو. آئون موج مستيِ ڪرڻ زندگي سمجهندو هئس. پر 34 سالن جي عمر ۾ ئي مونکي ڊائيبٽيز (شُگر) جي بيمارِي ٿي ويئي جنهن ڪري منهنجو دماغ گهٽ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ مان پريشانيِ ۾ زندگي گذارڻ لڳس. پر هڪ اهڙو واقعو پيش آيو. جنهن سان منهنجو جهڪاءُ روحاني ڏانهن مُڙي ويو. مان داڙ ضلعي ۾ سيوا ۾ لڳل هئس تہ عجيب واقعو پيش آيو. هڪ بس ۾ مائو واري ويڙهاڪن ۽ نيپالي چوڪيدارن جي وچ ۾ گولاباري ٿي ويئي ان ۾ منهنجي هڪ دوست جي سر ۾ گولي لڳي پٺيان ڪان نڪري ويئي ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن کي گوليون لڳڻ سبب موت ٿي ويئي. پر منهنجي جنهن دوست جي مٿي ۾ آرپار گولي نڪري ويئي هئي جو لکنئو ۾

علاج ڪرائڻ سان بچي ويو. لکنئُو کان موٽڻ بعد اسانکي خبر پئي تہ اُن وقت هڪ ٻئي شخص جنهن جي هٿن ۽ پيرن ۾ گوليون لڳيون هُيون اُهو مري ويو. ان ڏينهن کان مون کي يقين اچي ويو تہ هن دُنيا کي هلائڻ واري ڪا ٻي وڏي طاقت ضرور آهي ۽ اهو احساس ٿيو تہ ڀڳوان آهي پر اُن شڪتي کي ڪيئن حاصل ڪجي اهو مونکي معلوم نہ هو.

انهي دوران مون ”اوم شانتي“ کان ڀڳتي ساڌنا شروع ڪئي پوءِ يوڳي وڪاش نندجي، سواتي جي، رامديوجي مهاراج کان گيان وٺي ٻن سالن تائين يوڳ ساڌنا ڪئي ۽ دلي جي ڪمار سوامي جي مهاراج جي پنجن نيمن مطابق پئسا پهچائي گهڻي ڪرپا پڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر منهنجي شُگر ۾ ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. ڪنهن بہ طرح پرماتما پائڻ جو ڪوبہ اپاءُ هٿ ڪونہ لڳو.

انهي دوران مونکي ”ڀڳتي کي سودا گر ڪو سنديش“ ڪتاب مليو ۽ مون اُن کي پڙهڻ شروع ڪيو. جنهن کي پڙهي مون کي معلوم ٿيو تہ شري برهماجي جو پتا، شري وشنوجي جي ماءُ ۽ شري شوجي جو ڏاڏو ڪير آهي؟ انهن سوالن جا جواب مليا تہ منهنجو دماغ چڪرڪائي ويو. ” ڀڳتي کي سوداگر ڪو سنديش “ ڪتاب کي نَوَن ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا پڙهيو ۽ پڙهندي پڙهندي مون کي اُمنگ جاڳي جو آءُ ويب سائيٽ تي هليو ويس تہ مونکي گيان جي بُڪ لڳي. مون ڪيترن ئي ڪِتابن کي پڙهيو. انهن ۾ مونکي ”گهري نظر گيتا ۾ “ ۽ ”اڌياتمِڪ گيان گنگا“ ”ڪروتا ڪانڊ ڪا رهسيہ“ کان وٺي سمورا هندي ڪتاب ٻن سالن تائين پڙهندو رهيس. ثبوت طور شري ديوي پُراڻ، مهاڀارت، رامائڻ، گرُڙ پُراڻ، شريمد ڀڳوت گيتا کي پڙهي ڏٺو تہ ساڳيا ئي ثبُوت جيئن جو تيئن مليا. ان کانپوءِ مونکي ست لوڪ آشرم چنديگڙھ روڊ بروالا، ضلع هِسار، هرياڻا اچڻ جي چاهت ٻڌجي ويئي. مونکي سيئي ڌرم گُرو جيڪي شاستر خلاف ساڌنا ڪرائي رهيا هئا. ڍونگي (پاکنڊِي) لڳڻ لڳا انهي ڪري مون سيئي آن اُپاسنائون (شاسترن خلاف پُوجائون) ڇڏي ڏِنيون.

مونکي ڪبير ديو جي ڪرپا سان نيپال سرڪار جي سرڪاري ڪم سان ڀارت جي صوبي پنجاب جو پٺندا شهر ۾ اچڻ جو موقعو مليو . مون جِيند کان هِسار اچڻ چاهيو پر ان وقت هارين جي احتجاج سبب مان جِيند کان پٺندا هليو ويس ۽ پوءِ امرت سر کان موٽڻ وقت آشرم فون ڪيو تہ مان آشرم ڪيئن اچي سگهان ٿو تہ اُنهن ٻُڌايو تہ توهان امبالا کان بس ذريعي بروالا (ست لوڪ آشرم) اچي وڃو اهو رستو

ڪُليل آهي. پر تيستائين اسان اڳتي اچي وياسين پوءِ ڪرُوڪيتر ڪان ٿي پنهنجن ٽن ساٿين کي اُتي ئي ڇڏي، ڪرائي جو بندوبست ڪري، مونکي پرماتما سورُوپ دوت شام تائين بروالا آشرم وٺي آيو. آشرم اچي مون ڏٺو ته هتي نام دان به مفت ۾ ڏنو وڃي ٿو ۽ ڪائڻ پيئڻ ۽ ترسڻ جي سهولت به مفت هئي. پوءِ مان سنت رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ۽ آشيرواد وٺي پنهنجي ڪم مطابق دلي کان ٿي ڪاٺمانڊُو نيپال هليو ويس، ان ڪانپوءِ مون پرماتما (پُورڻ برهم) جو چمتڪار ڏٺو ته چيڪ اپ ڪرائڻ تي منهنجِي شُگر هڪ دم نارمل هئي اُنهي ڏينهن کان مون کي پُختو يقين ٿي ويو آهي ته پُورڻ برهم پرماتما خود ڪبير صاحب جي ئي سنت رامپال جي مهاراج جي رُوپ ۾ ست لوڪ آشرم چندي گڑهه روڊ بروالا ضلع هِسار هرياڻا ۾ حاضر آهن.

انهي ڏينهن کان مان پُوري شرڌا سان ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪرپا سان من لڳائي ڀڳتي ڪرڻ لڳس. پنهنجي گهرواري ۽ پُٽ کي به ست لوڪ آشرم بروالا وٺي وڃي نام دڪشا ڏياري.اُن ڪانپوءِ مون سان هڪ حيرت انگيز چمتڪار ٿيو جو منهنجي بدلي ڪاٺماٽنڊو شهر ۾ ٿي. پرماتما جي سيوا جيڪا نيپال ۾ ”گيان گنگا“ پُستڪ جي پرچار جي روپ ۾ هلي رهي هئي اُن ۾ مدد ڪرڻ لڳس. آهستي آهستي ڀڳت سماج تي ستگرو رامپال جي مهاراج جي امرت ديا وسڻ لڳي ۽ نيپال ۾ ستگرو ديوَ جِي گيان جو پرچار زور شور سان ٿيڻ لڳو ۽ انيڪ ڀڳت جن ست لوڪ آشرم پهچي نام اُپديش حاصل ڪرڻ لڳا.

مان سيني ڀائرن ڀينرن ۽ ڀڳت سماج کي هٿ ٻڌِي عرض ڪرڻ چاهيان ٿو ته نقلي اڏورن گُروئن مهامنڊليشورن ۽ سوامي وغيره جي چڪرن کان بچي سچي گيان کي سمجهي، وويڪ ڀريو فيصلو ڪري پُورڻ پرماتما جي ڀڳتي جي لاءِ ست لوڪ آشرم چنديگڑهه رُوڊ بروالا ضلع هِسار، هرياڻا ۾ اچو ۽ پنهنجو تمام قيمتي جيوَن ۽ وقت سڦل ڪريو. جلد کان جلد نام دِڪشا وٺي پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرايو.

منهنجي سڄي ڀڳت سماج کي درخواست آهي ته توهان ”ڌرتِي پر اوتار“ نالي ڪتاب پڙهو ۽ CD/ DVD/ VCD ڏسو ۽ ساڌنا چينل تي روزانو شام 15:07تي ستسنگ ٻُڌو ۽ اُن تي عمل ڪريو. شاسترن ۾ ثبُوت ڏيکاري ست گِرنٿن جي آڌار تي جيڪو گيان ٻڌائيندا آهن اُهي سنت هوندا آهن. تتوَدرشي سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج ست لوڪ آشرم چنديگڑهه روڊ بروالا، ضلع هِسار، هرياڻا ۾ حاضر ويٺا آهن. انهي

ڪان نام دان وٺي پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو آتم ڪلياڻ ڪرايو. **ڪبير: سمجها هئہ تو سِر ڌر پائون، بهُور نهين ايسا داوَ.**

موجوده وقت ۾ 21 برهماندن ۾ فقط اڪيلائي جگت گرو تتودرشِي سنت رامپال جي مهاراج موڪش منتر پردان ڪرڻ جا اختيار رکندڙ آهن. جيڪي شاسترن جي طريقيڪار مُطابق ساڌنا ٻُڌائين ٿا.

ڀڳت شيام داس.ڪاٺمانڊُو (نيپال)
فون نمبر: 00977-9851009099

# اوم

# “ سچيد آ نندا ۽ شوراءِ نمونمہ”

# ڀومڪا

ستيارٿ پرڪاش ڪي ٻيو ڀيرو صحيح ڪري ڇپرايو آهي ڇو تہ جنهن وقت مون هي گرنٿ “ستيارٿ پرڪاش “ بڻايو هو اُن وقت ۾ هن ڪان اڳ مان سنسڪرت خطاب ڪندو هئس. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ سنسڪرت ئي ڳالهائيندو هئس. جڏهن تہ منهنجي مادري ٻولي گُجراتي هئي گهڻن سبب جي ڪري مونکي هن ٻُولي جو وڌيڪ خاص گيان ڪونہ هو. هاڻي هن کي چڱي طرح گرامر جي قائدن مُطابق سمجهي اڀياس بہ ڪري ورتو آهي. هن وقت ٻولي پهرين کان بهتر ٿي آهي. ڪٿي ڪٿي لفظن جي ڦيرڦار جو فرق ٿيو آهي. اهو ڪرڻ لازمي هو ڇو تہ انهن جو فرق ڪرڻ ڪانسواءِ زبان جي دُرستگي ڪرڻ مُشڪل هئي. البتہ مطلب جو فرق بہ ڪيو ويو آهي پر وڌيڪ تفصيل سان لکيو ويو آهي ۽ ها پهرين ڇپائي ۾ ڪٿي ڪٿي غلطي رهجي ويئي هُئي اُها ڳولهي ۽ ڪدي بلڪل دُرست ڪري ڇڏي آهي. هي گرنٿ 14 سمولاس يعني حصن ۾ لکيو ويو آهي. هن ۾ ڏهہ سمولاس پورو ارڌ ۽ چار اُترارڌ ٺهيا آهن تہ آخري ٻہ سمولاس ۽ بعد سوَسِدانت ڪنهن ڪارڻ جي ڪري ڪونہ ڇپجي سگهيا هئا. هاڻي اُهي بہ ڇپرائي ڇڏيا آهن.

# ستيارٿ پرڪاش

حالانڪ هن گرنٿ کي ڏسي ناسمجهہ ماڻهو ائين سوچيندا پر سمجهدار ماڻهو ڀيٽا يوڳيہ (حساب حيثيت) هن جي مفهوم کي سمجهندا انهي ڪري آءٌ منهنجي

محنت کي ڪامياب سمجهان ٿو ۽ پنهنجي راءِ سيني سڄڻ اگيان رکان ٿو ته هن کي ڏسي ڏيکاري منهنجي محنت کي ڪامياب ڪريو ۽ اهڙي طرح پڪش پات (جانبدارِي) ته ڪندي ستيارٿ جو پرڪاش ڪرڻ منهنجو ۽ تمام مهارشين جو مُکيه فرض ڪرم آهي.

سروَ آتما، سروَ انترياميِ سچيد آنند پرماتما پنهنجي ڪِرپا سان هِن مقصد کي وسيع ۽ چير استائِي (قائم دائم) ڪري.

**"المتي وِستريڻ بُـڌِي مدَشيرو مٽيشو "**

**"اِتـي يوميڪا "**

**سٿان مهاراڻا جِي جو اُديئپُر سوامي(ديانند سرسوَتِـي)**

**بدو پد سنبت1636**

هي فوٽوڪاپي ستيارٿ پرڪاش جي يومڪا جي متعلق تفصيل جي آهي.

**شنڪا سماڌان:** (1) ڪجھ مخالف شخص جيڪي مهرشي ديانندجي ڪوڙي مهما ٻڌائي ۽ انجي تحت لکيل ڪتاب "ستيارٿ پرڪاش" کي وڪٽي گذر سفر ڪري رهيا آهن. اهي چون ٿا ته ڪتاب "گيان گنگا" ۾ "شاسترن ارٿ وشيه" نالي اڌياءِ لکيو آهي ته مهرشي ديانندجي سن 1882ع تائين (سنبت 1939) تائين سنسڪِرت مطابق ڪندا هئا، اهو درست ناهي. چوته مهرشي ديانندجي جي "ستيارٿ پرڪاش" جي يومڪا ۾ واضح ڪيو آهي ته سن 1874ع (سنبت 1931) ۾ جنهن وقت "ستيارٿ پرڪاش" پهرين ڀيرو لکي هئي ان کان اڳ سنسڪرت ۾ خطاب ڪندا هئا. پوءِ هندي کي سمجهي ورتو هو.

**شنڪاسماڌان:** (2). مٿي فوٽو ڪاپي ستيارٿ پرڪاش متعلق تفصيل جي آهي جنهن ۾ مهرشي ديانندجي مهاراج واضح ڪيو آهي ته جنهن وقت ستيارٿ پرڪاش لکي هئي. ان وقت مونکي هندي زبان جي خاص ڄاڻ ڪونه هئي. هاڻي يعني سن 1882ع (سنبت 1939) ۾ اُديپور ۾ استان مهاراڻاجي جو اُديپُور ڀاڊر پد سنت 1939 (سن 1882ع) ۾ ٻيو دفعو هندي زبان جي وڌيڪ معلومات ٿيڻ تي ستيارٿ پرڪاش کي شُڌ ڪري ڇپرايو. انهي سان ٻه ثابت ٿئي ٿو ته مهرشِي ديانندجِي سن 1882ع (سنت 1939) تائين پڻ سنسڪِرت ۾ شاسترارٿ ڪندا هئا.

ٻيوڪارڻ اهو آهي ته ٻه وڏوان (عالم) پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا ته سنسڪرت ۾ ئي ڪندا هئا. چوته سيئي شاستر سنسڪرت زبان ۾ ئي لکيل هئا. انهن جو هندي ۾ ترجمو مهرشي ديانندجي جي مهاراج ڪري ئي نئي سگهيا ڇو ته هو پاڻ قبول ڪري رهيا آهن ته سن 1882ع (سنبت 1939) تائين مونکي هندي زبان جي خاص معلومات ڪونه هئي. سن 1883ع (سنبت 1940) ۾ مهرشي جي وفات ڪري ويا. انهي مان ثابت ٿيو ته مهرشي ديانندجي مهاراج سن 1882ع (سنبت 1939) تائين سنسڪرت زبان ئي شاسترارٿ ڪندا هئا. ۽ ان جي هارجيت جو فيصلو سنسڪرت زبان کان ناواقف سامعين ڪندا هئا جنهن سبب ئي ديانندجي مهاراج جهڙا مهرشي سڏائيندا هئا.

حالانڪ مهرشِي ديانندجي مهاراج ۽ ڪرشنانندجي جي شاسترارٿ ۾ ڪرشنانندجي جو پاسو مضبوط هو، جنهن ۾ ڪرشنانندجي شريمد ڀڳوت گيتا اڌياءِ 4 شلوڪ 7 جو ثبوت ڏيئي ساڪار پرماتما سِڌ ڪيو هو.

**”يدها، يدها، هي دهرمسيه گلاني، ڀهوتي ڀهارت“**

هن جو ارٿ گيتا پريس گورک پُور کان شايع شريمد ڀڳوت گيتا ۾ هن ريت لکيل آهي: اي ڀارت! جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ۽ اڌرم (ظلم وستم) جو اضافو ٿيندو تڏهن تڏهن ئي آءٌ پنهنجي رُوپ کي رچيان ٿو، مطلب ساڪار (ظاهري) روپ سان ماڻهن جي سامهون ايندو آهيان.

**ڌيان رهي ته:-** مهرشي ديانندجي ذريعي موضوع بدلائي سنسڪرت ڳالهائڻ جي وجه سان سنسڪرت زبان کان ناواقف ماڻهن پنهنجي ڪل سان ويد گيان ۾ ديانند کي فتح قرار ڏيئي ڇڏيو. مهرشي ديانند ته فتح ائين ٿيو جيئن هڪ زميندار جو پٽ ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. بقايا تفصيل براءِ مهرباني هِن ڪتاب ۾ پڙهو.